جيل جاتينهن جيل جون راتيون



محمد اسماعيل راهو

Sindhica
سنڌيڪا

جيل جا ڏينهن
جيل جون راتيون

محمد اسماعيل راهو

Sindhica
سنڌيڪا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب نمبر
253

ليکڪ جا سڀئي حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون چاپو : 2008ع
ڪتاب جو نالو : جيل جا ڏينهن جيل جون راتيون
ليکڪ : محمد اسماعيل راهو
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نديم احمد سولنگي
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي
ڇپائيندڙ : سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

قيمت : = 200 رپيا

"Jail Ja Deenhan Jail Joon Ratyoon"
(Jail Diary)
By: Muhammad Ismail Rahoo
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Marston Road,
Karachi-74400 Phone:021-2737290
www.sindhica.net
Email:sindhica_academy@yahoo.com

اسٽاڪسٽ

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ فون: 071-5628368، ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، سکر - العماد بوڪ سيلرز، اردو بازا فون: 0212214521 ڪائيا واڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي - سنڌيڪا بوڪ شاپ، 23 ٽريڊ سينٽر حيدر چوڪ فون: 03013594679 - سچل بوڪ سينٽر، ممتاز مارڪيٽ - شاهه لطيف گهر - ڪشن بوڪ شاپ رابعه اسڪوائر - ڪتب خانه امداد الغربي، نزد حسن ڊيري حيدر چوڪ گاڏي ڪاتو حيدرآباد - فليج ڪتاب گهر، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد - سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد - عثمانيه لائبريري، جنيهائي ڪنڊيارو، قاسميه لائبريري ڪنڊيارو - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ لاڙڪاڻو - رهبر بوڪ ايڊمي رابعه سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو - رحيم ڪتاب گهر مهراڻ چوڪ ٺٽي - ڪتب خانو رحمانيه، مسجد روڊ نواب شاهه - جنيد بوڪ اسٽور نئون چوڪ دادو - خيرپور بوڪ اسٽور مسجد روڊ، گل ڪتاب گهر لکي در شڪارپور - حافظ بوڪ اسٽور، نئون بس اسٽينڊ -2 پنو عاقل، المهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ

لکپڙهه ۽ وي پي ذريعي گهرائڻ لاءِ
سنڌيڪا اڪيڊمي
B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ
ڪراچي 74400

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ارپنا

شهيد محمد فاضل راهو

جي نانءُ،

جنهن ڏکاريل، ڏتکاريل ۽ حقن کان محروم ماڻهن

جي خدمت عبادت سمجهي ڪئي

۽ ڪين سندن وسيلن جو مالڪ بڻائڻ

۽ قوم جي تقدير بدلائڻ جي جدوجهد ۾ پنهنجي

جان قربان ڪري ڇڏي.

محمد اسماعيل راهو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پبلشر نوٽ

محترم محمد اسماعيل راهو جي جيل ڊائري ۾ پنهنجي دور جي سياسي حالتن، شخصيتن، سماجي قدرن ۽ روين جي ڀرپور اپٽار ٿيل آهي. ان جي مطالعي سان هڪ دور جو نقشو ذهنن تي اڀري اچي ٿو. خاص طور تي جيل سان لاڳاپيل ان جي داخلي ۽ خارجي دنيا جا جيڪي تفصيل محترم راهو صاحب بيان ڪيا آهن، اهي اڪين وارن لاءِ وڏي عبرت جو سامان آهن.

هيءُ ڪتاب جيل ڊائرين ۾ وڏي عرصي کانپوءِ هڪ شاهڪار اضافو آهي. جنهن سان "جيل گهاريم جن سين" ۽ "ساهيوال جيل جي ڊائري" جهڙن شاهڪار ڪتابن جي سڪ لهي پوندي.

سنڌيڪا اڪيڊمي اڪيچار موضوعن تي ڪتابن جي اشاعت جو سترنهن سال کان جيڪو سلسلو جاري رکيو آهي، انهيءَ ۾ ڪتابن جي انتخاب کي علمي ۽ ادبي حلقن جي پاران تحسين جي نظر سان ڏٺو ويو آهي. بالڪل ساڳيءَ طرح اسان کي هن ڪتاب لاءِ به پڙهندڙن جي مانائتي راءِ جو انتظار رهندو.

نور احمد ميمڻ

چيئرمين

سنڌيڪا اڪيڊمي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مهاڳ

اسماعيل راهو هڪ عام وڏيرو نہ پر پڙهيل لکيل، سياسي سمجهہ ۽ شعور رکندڙ سياستدان آهي. هن جو عوامي سياست سان لاڳاپو ننڍي هوندي کان رهيو آهي. سندس والد شهيد فاضل راهو هڪ سچو ۽ مخلص، انقلابي ۽ عوامي سياستدان هو جنهن سنڌ جي غريب ماڻهن، هارين ۽ پورهيتن جي حقن جي لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي هئي. اهڙي عظيم شخص جي اثر هيٺ اسماعيل راهو جي ذهني ۽ سياسي ترتيب ٿي. شهيد فاضل جي بي وقتائتي موت جتي سنڌ ۽ سنڌ جي غريب ماڻهن جي حقن لاءِ هلندڙ تحريڪ کي وڏو ڌڪ هنيو، اتي اسماعيل راهو تي ننڍي عمر ۾ ئي ڳوٺ، راڄ ۽ سياسي وراثت جو بار اچي پيو.

اسماعيل راهو جو سياسي سفر انقلابي ۽ عوامي سياست کان هلندو ملڪ جي دستوري سياست تي اچي پهتو جنهن جي منزل مقصود اقتدار جو حصول ئي هوندو آهي. اسماعيل راهو اقتدار جي ايوانن تائين تہ پهتو پر هن کي اقتدار جو ڏائقو مهانگو پيو جنهن ڪيس ڪراچيءَ جي سينٽرل جيل ۾ آڻي پهچايو. هيءَ ڀائري 18 جون کان 31 ڊسمبر 2001ع تائين گهڻو ڪري باقاعدگي سان لکي وئي آهي.

سنڌي ادب ۾ شاعري ۽ افسانن سان گڏ آتم ڪٿائن، سفرنامن ۽ جيل جي ڊائرين ۽ يادگيرين کي نهايت شوق سان پڙهيو وڃي ٿو. سياستدانن جي لاءِ چيو ويندو آهي تہ جيل هنن جو پيو گهر آهي، پر سنڌ جي سياستدانن سان گڏ سنڌي اديبن ۽ شاعرن پڻ جيل ياترائون ڪيون آهن. هنن جو تہ ڪم ئي آهي لکڻ ان ڪري جيل ۾ بہ هو لکڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيا آهن، پر ڪجهہ سياستدان جن کي لکڻ پڙهڻ سان ٿوري گهڻي دلچسپي رهي آهي، تن بہ جيل جون ڊائريون ۽ يادگيريون لکيون آهن. جيڪڏهن جيل ۾ سهوليتون حاصل هجن تہ پوءِ لکڻ پڙهڻ وقت گذارڻ جو بهترين مشغلو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون کي نٿو سڃاڻي تہ ڪنهن عام ماڻهوءَ، جيڪو نہ سياستدان هجي، نہ شاعر ۽ اديب هجي، ڪڏهن ڪا جيل جي ڊائري لکي هوندي لکڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، عام ماڻهوءَ جي لاءِ جيل ۾ زندگي گذارڻ ئي هڪ ڀيانڪ تجربو آهي.

اسماعيل راهو جيل ۾ عام ۽ مسڪين قيدين کي ويجهڙائي کان ڏٺو آهي. هن جيل جي ان زندگيءَ کي هيئن بيان ڪيو آهي:

”هن ملڪ ۾ ٻن قسمن جي ماڻهن لاءِ جيل آسان آهي: هڪ تہ پئسي ۽ اثر رسوخ وارو ماڻهو ۽ ٻيو ڏوهاري. جيل ۾ توهان کي قيدين جي زندگي گذارڻ جا ڪيترائي معيار ڏسڻ ۾ ايندا، جيڪي تمام هاءِ ڪلاس کان ويندي انتهائي هيٺ ۽ پست حالي تائين آهن. ان اعليٰ ۽ پست حال ڪلاس جي وچ ۾ زندگيءَ جا ڪئين رنگ آهن.“

اسماعيل راهو عام ۽ مسڪين قيدين جي رهڻي ڪهڻي جي جيڪا تصوير چٽي آهي اها انتهائي ڏکوئيندڙ آهي جيلن ۾ مسڪين، بي پهچ ماڻهن سان ڪيڏو نہ غير انساني رويو اختيار ڪيو وڃي ٿو.

”جيل جي اندر لاوارث ۽ غريب قيدين کي جيل جي انتظاميہ طرفان جيڪو کاڌو ڏنو ويندو آهي، اهو جيل کان ٻاهر ماڻهو کي ڇڏي ڪنهن ڀينو فقير کي ڏجي تہ کائڻ پري جي ڳالهہ هو ان کي ڏسڻ بہ گوارا نہ ڪندو. ڪراچي جيل جي قيدين ۾ وڏو تعداد اهو آهي جن کي سمهڻ جي لاءِ ٻن فوٽن جي جڳهہ بہ نہ ملندي آهي جنهن تي هو ڪو پوتڙو يا چادر ۽ ويهاڻو رکي سگهن. باريڪن جي وچ ۾ اگهاڙي فرش تي قيدين کي هڪ ٻئي جي پاسي کان ستي سمهاريو ويندو آهي. ان ۾ قيديءَ کي ايتري جاءِ بہ نہ هوندي آهي، جو هو سڌو سمهي سگهي! سپاهي هڪ قيديءَ کي پاسيرو سمهاريندا آهن. وري ان کي لتن سان پريس ڪندا، ائين پوري ستي لڳندي آهي جنهن کي جيل جي زبان ۾ ٽپي چئبو آهي.“

اها حالت سنڌ جي سمورن جيلن جي آهي، جن کان اسماعيل راهو اڳ ۾ واقف هو. اهو ان ڪري جو فاضل راهو جي شهادت کان اڳ تقريباً ڏهن سالن تائين ملاقات ڪرڻ جي لاءِ اسماعيل راهو مختلف جيلن تي ايندو رهيو هو. وري جڏهن هو پاڻ جيل ۾ ويو تہ هن جيل جون اندروني حالتون وڌيڪ ويجهڙائي کان گهرائي سان ڏٺيون جن کيس مسڪين قيدين سان همدردي جي احساس سان گڏوگڏ اهو بہ سوچڻ تي مجبور ڪيو تہ ”پر ڇا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انسان جون لاچاريون، بيوسيون ۽ بي اختياريون فقط جيل ۾ هونديون آهن. يا ٻاهر بہ هونديون آهن؟ اسان جي ملڪ جي ٻاهرين ۽ آزاد سڏجندڙ ماحول ۾ هر روز گهٽ ۾ گهٽ هڪ درجن کان وڌيڪ زندگيون پنهنجين محرومين، ذلتن، تنگدستين ۽ مايوسين جي عالم ۾ خود ئي پنهنجي زندگيءَ جا ڏيئا گل ڪرڻ تي مجبور ٿيندڙيون آهن.... ڪڏهن تہ ائين محسوس ٿيندو آهي تہ جيل جي هنن ديوارن جي اندر بند هزارين قيدين کي جيڪا دال ۽ لنگر جي روٽي (ماني) ملندي آهي، ٻاهر جي آزاد دنيا ۾ لکين انسان پنهنجو پاڻ کي ان دال ماني لاءِ ڪيترو نہ لاچار، مجبور ۽ بيوس محسوس ڪندا آهن...“

جيل پنهنجي ليکي هڪ وڏو جهان آهي، جنهن جا طور طريقا الڳ آهن ۽ اتي ڳالهائجندڙ ٻوليءَ ۾ هڪڙا خاص لفظ استعمال ٿيندا آهن جن بابت اسان کي اسماعيل راهوٻڌايو آهي تہ ”هڪ ڳالهہ ٻي بہ محسوس ڪرڻ جهڙي آهي، تہ هتي (گهٽو ڪري سنڌ جي پراڻن سيني جيلن ۾) جيل جي ٻولي ۾ ڪي اهڙا نئين سنڌي لفظ استعمال ٿين ٿا، جيڪي هر زبان سان تعلق رکندڙ قيدي استعمال ڪندو آهي. قيدين کان علاوه جيل انتظاميہ وٽ ان ڪم يا شئي جي لاءِ اهي ئي لفظ استعمال ٿيندا آهن، پوءِ آفيسر ڀلي ڪهڙي بہ زبان ۾ ڳالهائي رهيو هجي يا ان جي مادري ٻولي ڪهڙي بہ هجي. اهي سنڌي لفظ آهن: ماڙي، هنڊيوال وايڊ خانو، ڪوٽ موڪو، ملاقات وغيره.“

هن ڊائريءَ جو هڪ اهم پهلو اهو آهي تہ شهيد فاضل راهو بابت گهڻيون ڳالهيون يادگيري طور لکيون ويون آهن جن سان اهم معلومات ۽ ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. ايم آر ڊي جي 1983ع واري تحريڪ ۾ شهيد فاضل راهو سنڌ ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو هو. شهيد سڄي سنڌ ۾ ايم آر ڊي جي تنظيم ڪرڻ ۽ عوام جي جدوجهد کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ جلسا ۽ ڪارنر گڏجاڻيون ڪري رهيو هو ۽ نيٺ هن کي گرفتار ڪري جيل ۾ بند ڪيو ويو. پر ان کان بہ اڳ پاڪستان جي بدترين آمريت يعني جنرل ضياءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ پريس تي خوفناڪ قسم جي سينسرشپ لڳل هئي تڏهن 1978ع ۾ صحافين جي تحريڪ کي زور ونائڻ ۾ شهيد فاضل راهو وڏو ڪم ڪيو هو. عوامي تحريڪ جي ڪيترن ڪارڪنن رضاڪارانہ طور گرفتاري ڏني تان جو شهيد جي وڏي ۽ نوجوان پٽ صديق راهو صحافي بنجي گرفتاري پيش ڪئي. 1979ع ۾ جڏهن جنرل ضياءَ جي مارشل لاءِ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جوين تي هئي. تہ راهوڪي جهڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ تڏهن جي سياسي گهٽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ فاضل راهو ڏهہ هزار ماڻهن جو جلسو ڪري ڏيکاريو ۽ ان وقت جا آمر حڪمران چتا ٿي پيا هئا. نتيجي ۾ راهوڪي مٿان فوج چڙهائي ڪئي ۽ شهيد جي گهر تي ڇاپو هڻي تلاشي ورتي. صديق راهو به پيءُ وانگر انقلابي هو. هن هر تحريڪ ۾ حصو ورتو. هن جي بي وقتي ۽ دکدائڪ وفات 28 سالن جي جمار ۾ ٿي. اسماعيل راهو ان واقعي سان لاڳاپيل يادگيري هيئن لکي آهي:

"شهيد کي لانڊي جيل مان پئرول تي وٺي آيا. پاڻ جيئن ئي پوليس موبائل مان هيٺ لٿو تہ ڪجهہ نوجوان ساڻس روئندي گلي مليا. انهن کي آٽت ڏيندي چيائين تہ صديق اڪيلو منهنجو پٽ نہ آهي. پر توهان سڀ مون کي پٽن وانگر آهيو. روئڻ جي بلڪل ضرورت نہ آهي."

جيلن جي ڊائرين ۾ عام طور اهوئي لکيو ويندو آهي تہ فلاڻي تاريخ تي ڏينهن ڪيئن گذريو. ملاقات تي ڪير ڪير آيو يا جيل ۾ رونما ٿيندڙ روزمره جي واقعا اسماعيل راهو جي جيل جي ڊائري ۾ ان قسم جو روايتي بيان تہ آهي. پر هڪ ٻي ڳالهہ جنهن هن جي ڊائري کي امتيازي حيثيت ڏني آهي اها آهي اسماعيل راهو جا ڪيل سياسي تجزيا پاڪستان جي سياسي تاريخ. جنرل ايوب. جنرل يحيٰ. جنرل ضياءُ الحق. جنرل پرويز مشرف جون آمرانہ غير جمهوري حڪومتون. ذوالفقار علي ڀٽو. بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف جون نام نهاد جمهوري حڪومتون. موجوده حڪومت طرفان لوڪل باڊيز يا مڪاني ادارن جو منجهيل نظام ۽ 1990ع جي ڏهاڪي ۾ مشرقي بلاڪ جي ختم ٿيڻ ۽ سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪان پوءِ دنيا ۾ طاقت جو توازن ختم ٿيڻ. آمريڪا ۾ 9 سيپٽمبر جو واقعو ۽ ان جا دنيا تي اثر. افغانستان جون سياسي حالتون. جهاد ۽ دهشتگردي. ڪشمير جو مسئلو ۽ پاڪ هند تعلقات جهڙن موضوعن تي اسماعيل راهو جا تجزيا ڪنهن ذهين سياسي دانشور جا لکيل تجزيا لڳن ٿا. جن مان هن جي چٽي ۽ صاف سياسي سمجهہ ۽ شعور سان گڏ حالتن جي صحيح جائزي وٺڻ جي صلاحيت نمايان نظر اچي ٿي. اها ڳالهہ سنڌ جي عام سياستدانن ۾ نظر ئي ڪانہ ايندي. اسماعيل راهو جي ان تجزيي سان هر ڪو سمجهو ماڻهو اتفاق ڪندو تہ "هن سڄي صورتحال ۾ هڪ ڳالهہ صاف نظر اچي ٿي تہ 1990ع کان اسٽيبلشمنٽ حڪومتن کي ڊاهڻ ۽ ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب وئي آهي. ان لاءِ هنن هر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

طريقو استعمال ڪيو آهي: مذهبي فرقيواريت، فسادات، قتل عام، لساني نفرتون ۽ امن جي صورتحال بگاڙڻ target killing ۽ سڀ کان وڌيڪ تہ خود اسان جي سياستدانن ۽ سياسي تنظيمن کي وقت آهر پنهنجو مهرو بنائي هڪ ٻئي خلاف استعمال ڪرڻ.“

ڪراچي سينٽرل جيل ۾ اسماعيل راهو سان گڏ ڪجهہ نوجوان سنڌي قوم پرست پڻ بند هئا. هن پنهنجي ڊائري ۾ انهن نوجوانن جي قومي جذبي کي ساراهيو آهي، پر ساڳئي وقت ڪيس ان ڳالهہ جو بہ ذڪ آهي تہ انهن نوجوانن جو ڏوهي (Criminal) بنجي وڃڻ هڪ قومي المیو آهي.

هيءَ رڳو جيل جي ڊائري ڪانهي، پر پاڪستان ۽ سنڌ جي سياسي تاريخ ۽ ان جو هڪ سياسي جائزو پڻ آهي. پاڪستان جي موجوده سيٽ اپ ۾ سنڌ سان شروعات کان وٺي جيڪي وبساهہ گهاتيون، زيادتيون ۽ ڏاڍايون روا رکيون ويون آهن ۽ انهن جي خلاف سنڌي ماڻهن جيڪا جاکوڙ ڪئي آهي، هيءَ ڊائري ان جو هڪ اهم رڪارڊ آهي.

شوڪت حسين شورو

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،
سنڌ يونيورسٽي، جام شورو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

مون جڏهن جيل ۾ ڊائري لکڻ شروع ڪئي تہ ان وقت منهنجي ذهن ۾ محض پنهنجي روزمره جي سرگرمي ۽ واقعن کي نوٽ ڪرڻ جو خيال هو ۽ ان سان گڏوگڏ وقت گذارڻ جو بهتر طريقو بہ.

اسان جي واردِ ۾ ڪير آيو، آئون ڪنهن وٽ ويس، جيل تي ڪهڙا ملاقاتي آيا، جيل جي اندر يا ٻاهر ڪي خاص واقعا يا معاملا نوٽ ڪرڻ جو مقصد فقط پنهنجي روٽين جي زندگي کي بيان ڪرڻ هو. ريڪارڊ لاءِ جڏهن آئون ڪن خاص واقعن يا ٿيندڙ عمل کي نوٽ ڪندو هوس، پوءِ اهو واقعو منهنجي زندگيءَ سان لاڳاپيل هجي يا منهنجي مشاهدي ۾ ايندو هجي، اهو قومي يا بين الاقوامي سطح تي ظهور پذير ٿيندڙ تاريخي عملن مان هڪ هجي. انهن کي نوٽ ڪندي ذهن خود بہ خود انهيءَ جي سببن ۽ پس منظر متعلق لکڻ تي مجبور ڪندو هو. ائين مون جيل جي پنهنجي روزمره جي روٽين سان گڏوگڏ ڪجهہ ٻين ڳالهين تي بہ لکڻ شروع ڪري ڏنو.

ڪجهہ ڏينهن جي اندر ئي روزانو رات جو ڪجهہ پڙهڻ ۽ لکڻ منهنجو معمول بنجي ويو. خاص طرح اهو ان ڪري بہ ٿيو جو شروعات ۾ منهنجا روم ميٽ رات جو جلدي سُمهندا هئا. گرمين جي وڏي سج هوندي بہ مون وارا هنڌيوال گهٽو ڪري رات جو ڏهين يا يارهين وڳي اندر وڃي بسترن ڀيڙا ٿيندا هئا. ان وقت اسان جي واردِ ۾ ٽي وي بہ نہ هئي. ان صورت ۾ پڙهڻ ۽ ٿورو گهٽو لکڻ ئي منهنجي مصروفيت ۽ پوءِ تہ جهڙوڪر عادت بنجي وئي. روزانو ٿوري وقت لاءِ سهي، پر پين ۽ ڪاپي کڻڻ کان سواءِ مزو ئي نہ ايندو هو. جيڪڏهن ڪنهن سبب ڪري ڪڏهن لکي نہ سگهبو هو تہ ائين محسوس ٿيندو هو جڻ روزاني وارو شيڊول اڻ پورو يا اڌورو رهجي ويو هجي.

جڏهن آئون لکندو هوس تہ ان وقت پنهنجي جيل ڊائري ڇپائڻ جو منهنجي تصور ۾ بہ ڪونہ هو. مون ڄاتو ٿي تہ آئون نہ اديب آهيان، نہ دانشور

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو اهڙو لکي رهيو هجان جو ٻاهر نڪري ڇپائڻ جهڙو هجي. هونئن به پنهنجي لکڻ پڙهڻ سان گهٽ ئي پوي.

جيل کان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ، جڏهن دوستن سان جيل ۾ ڪجهه لکڻ جو ذڪر نڪتو، ته انهن ان کي پبلش ڪرائڻ جي لاءِ اتساهه ڏياريو. جيتوڻيڪ انهن نه ته منهنجو لکيو پڙهيو هو ۽ نه ئي ڪين اها چاڻ هئي ته مون ڇا لکيو آهي. بهرحال اڄ جيڪو منهنجي جيل ڊائري جو پهريون حصو توهان جي هٿن ۾ آهي، اهو انهن دوستن جي همت افزائيءَ جو ئي نتيجو آهي جو آئون پنهنجي ان ڪچي ڦڪي لکت کي ڇپائڻ جي لاءِ ذهني طرح تيار ٿيس. انشاءَ الله ان جو ٻيون حصو به جلد پڌرو ڪري توهان تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

هن ڊائريءَ ۾ منهنجي اها ڪوشش رهي آهي ته واقعا، حالات ۽ انهن جي بيان کي ائين رکان جيئن اصل مسودي ۾ آهن. گهٽو ڪري تمام واقعن، حالتن ۽ معاملن کي ساڳي صورت ۾ ئي رکيو ويو آهي. فقط ڪٿي ڪٿي جملي جي بيهڪ، گرامر، ڦل اسٽاپ ۽ ڪاما جي غلطين کي درست ڪيو ويو آهي. باقي مسودي کي جيئن جو تيئن برقرار رکيو ويو آهي. ڪن دوستن جو اهو به مشورو هو ته پنهنجي لکڻيءَ تي نظرثاني ڪيان. وڌيڪ مطالعو ڪري خاص طرح اديبن ، دانشورن ۽ سياستدانن جون لکيل جيل ڊائريون پڙهي پنهنجي لکڻي کي نئين حالتن پٽاندر ۽ اديباڻي معيار مطابق آڻيان. ٿي سگهي ٿو ته انهن جي ان تجويز ۾ ڪو وزن هجي. اها به حقيقت آهي ته منهنجون ڪي خاص جيل ڪٿائون پڙهيل به ڪونه هيون.

ملڪ او فڪر (Malika Oufkir) جولکيل ڪتاب Twenty years of stolen life مون کي جيل ۾ مليو پر اهو پورو ئي ڪونه ڪيم تو ڪو پڙهڻ لاءِ ڪٿي ويو ۽ واپس ئي ڪونه ٿيو. بهرحال آئون دوستن جي ان تجويز سان سهمت ڪونه ٿيس. مون کي اهوئي مناسب لڳو ته جنهن وقت مون جيڪو ڪجهه لکيو، ان وقت منهنجي جيڪا سوچ ۽ خيال هئا، ان کي جيئن جو تيئن پڌرو ڪريان ۽ ڪنهن به خيال يا پنهنجي راءِ کي موجوده صورتحال مطابق يا پنهنجي هن وقت جي سوچ تحت تبديل نه ڪريان. مثال طور جڏهن آئون هن ڪتاب جي ڇپائيءَ لاءِ مسودو ڏسي رهيو هوس يا جڏهن پروف ريڊنگ ڪري رهيو هوس ته مون نوٽ ڪيو ته نائن الين کان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڳي لکيل ڊائري ۾ ڪافي اهڙا نقطا يا موقف هو جنهن ان کان پوءِ جي صورتحال ۾ بلڪل مطابقت نٿي رکي بدليل حالتن ۾ اهو ساڳيو نہ رهيو هو.

جيئن بين الاقوامي تعلقاتن ۾ يارهين سيپٽمبر جي ٿيل دهشتگرديءَ جي واقعن کان پوءِ پاڪستان جي صورتحال يسڪر مختلف ٿي وئي ۽ پاڪستان عالمي تنهائي ۽ دباءُ مان هڪدم ٻاهر نڪري آيو. معيشت ۽ اقتصادي معاملي ۾ بہ ملڪ سان ساڳي صورتحال نہ رهي.

يعني نائين اليون کان اڳ ۾ اهو بي انتها معاشي ابتري جو شڪار رهيو جڏهن تہ ان کان پوءِحڪمرانن جا رنگ ئي ٻيا ٿي ويا. ائين 2001ع جي بلدياتي اليڪشن ۽ بلدياتي ادارن ۽ انهن جي معاشي صورتحال جي باري ۾ مون جيڪو لکيو، اهو نائن اليون جي واقعي کان اڳي جي صورتحال بيان ڪري ٿو. جڏهن تہ ان کان پوءِ آمريڪي امداد، قرضن جي معافي، ريشيڊيولمنٽ ۽ عالمي ادارن پاران نون قرضن جي ڪري مجموعي طرح حڪومت جي مڙني ادارن جي معاشي صورتحال تبديل ٿي. جن ۾ خاص طرح ڊسٽرڪٽ گورنمنٽ جا ادارا بہ شامل آهن. بهرحال مون ڪٿي بہ ڪا تبديلي نہ ڪئي آهي. غلط يا صحيح اهو طئہ ڪرڻ پڙهڻ وارن تي ڇڏيو آهي.

مون لکڻ دوران ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪٿي بہ ڪنهن جي متعلق اهڙا ريمارڪ يا ڪمينٽس نہ اچن جنهن سان ڪنهن جي دل آزاري ٿئي يا جنهن متعلق لکيو وڃي، اهو پنهنجي گهٽتائي محسوس ڪري. جيل ۾ رهندي اڪثر ڪي اهڙا معاملا ٿيندا رهندا هئا، جن کي ڊائري ۾ لکڻ سان ان ۾ وڌيڪ مزاح ۽ مرچ مصالحو شامل ٿي پي سگهيو ۽ پڙهندڙن لاءِ وڌيڪ دلچسپي وارو مواد مهيا ٿي پي سهگيو. پر ان جي لاءِ ڪن فردن جا منفي پهلو، ڪوٽون ۽ خاميون بيان ڪرڻيون پون ها. هونئن بہ انسان خطا جو گهر آهي، هر شخص ۾ مثبت ۽ منفي پهلو موجود هوندا آهن. فرق صرف اهو هوندو آهي تہ چڱي ماڻهوءَ جا مثبت پاسا منفي کان وڌيڪ هوندا آهن. جڏهن تہ جنهن شخص ۾ منفي پاسن جو وزن وڌيڪ هجي ان کي معاشري ۾ برو سمجهيو يا سڏيو ويندو آهي.

جيتوڻيڪ لکڻ دوران مون کي پنهنجي ڊائري ڇپائڻ جو پروگرام ذهن ۾ ڪونہ هو پوءِ بہ مون نٿي چاهيو تہ ڪنهن انسان جي فطري ڪمزورين يا اڻ وڻندڙ عادتن کي پنهنجن جيل جي يادگيرين ۾ شامل ڪيان. هونئن بہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خرابين ۽ سُناين، عيبن، ثوابن ۽ انهن جي پسند ۽ ناپسند جا معيار، ماپا ماڻا هر شخص ۽ هر معاشري جي لاءِ جدا جدا ٿين ٿا. ساڳيون شيون ۽ عمل ڪنهن معاشري ۾ عام، نارمل ۽ مُروج سمجهيون ويندڙ آهن تہ اُهي ئي ٻئي معاشري ۾ بريون ۽ غلط سمجهيون ويندڙ آهن. ساڳئي ڳالهہ هڪ ئي هنڌ رهندڙ ماڻهن سان انفرادي طرح بہ لاڳو ٿئي ٿي. هڪڙي ئي معاشري ۾ رهندڙن ۾ پنهنجي جدا سوچ، سمجهہ، پروڙ، پرورش ۽ ماحول سبب هر ڪنهن وٽ سڻي ۽ خراب، صحيح ۽ غلط جا پيمانہ بہ الڳ الڳ ٿين ٿا. جيڪڏهن ڪو انهي باري ۾ يعني ڪنهن بہ عمل يا شيءِ جي باري ۾ ان جي مثبت يا منفي هجڻ جو تعين ڪري ٿو يا پنهنجي راءِ ڏي ٿو تہ اها قطعي ۽ آخري يا پوري معاشري طرفان نٿي ٿي سگهي.

منهنجي ان ڪوشش جي باوجود بہ جيڪڏهن ڪٿي ڪنهن ڪل، مزاح ۽ روٽين جي معاملن کي بيان ڪندي ڪو اهڙو ذڪر ٿي ويو هجي جنهن سان ڪنهن جي دل آزاري ٿئي يا پڙهندڙ ائين محسوس ڪري تہ آئون مٿي ذڪر ڪري چڪو آهيان تہ انسان غلطين جو گهر آهي. اهو پڙهندڙن جو حق آهي تہ هو پنهنجي ڪهڙي راءِ ٿو قائم ڪري.

هن ڪتاب کي ڇپائي پڌرو ڪندڙ اداري سنڌيڪا جو آئون شڪرگذار آهيان. سنڌيڪا هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڏيڍ سال پهرين ڪري چڪو هو. شوڪت شورو صاحب مهاڳ لکيو. ان کي بہ هڪ سال کان وڌيڪ عرصو ٿي ويو. منهنجي پنهنجن مصروفيتن ۽ ڪمن ڪارين سبب پروف ريڊنگ ۽ ڪتاب کي آخري شڪل ڏيڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ويو. ان لاءِ سنڌيڪا جيڪو تعاون ڪيو ۽ صبر کان ڪم ورتو، اهو قابل تعريف آهي.

محمد اسماعيل راهو
جون 2006ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

18/6/2001

ساجهر اک کلي تہ گهڙي نہ هئڻ ڪري وقت جو اندازو نہ پئي ٿيو پر منهنجو خيال هو تہ اڄا صبح جا 00-6 مشڪل سان ٿيا هوندا. مون پاسي ۾ پيل ٿرماس مان ٿورو پاڻي پيتو ۽ وري سمهي پيس. ٿوري دير کان پوءِ اُٺيس، دروازي تي ٽڪ ٽڪ ڪيم، سپاهي آيو. پڇيومانس تہ ”ٽائيم ڇا ٿيو آهي؟“ چيائين تہ ”00-8 ٿي رهيا آهن.“ پڇيومانس تہ ”ڪورٽ ڪيڏي مهل وڃبو؟“ چيائين، ”اهو آءِ او تي منحصر آهي تہ ڪيڏي مهل ٿو اچي. پر توهان ڏهين بجي تيار رهجو.“ مون چيو، ”در کول تہ آئون باٿ روم وڃان.“ هن دروازو کوليو. آئون ٽوٿ پيسٽ ۽ برش کڻي باٿ روم مان ٿي آيس. مون وري ٽڪ ٽڪ ڪري سپاهي کي سڏيو ۽ چيو، مون کي منهنجو ٽيلهو آڻي ڏي جو مون کي تيار ٿيڻو آهي. چيائين تہ ”ٽيلهو توهان کي نٿو آڻي ڏئي سگهان، توهان کي ان مان ڪهڙي ڪهڙي شيءِ ڪپي ٻڌايو تہ اها ڪڍي آڻي ڏيندس.“ مون ڪيس چيو تہ ڪئنچي، اڳٽ، ڪپڙا ۽ شيو جو سامان ڪڍي اچ. هو ڪئنچي ۽ آفٽر شيو کان سواءِ ٻيو سڀ ڪڍي آيو. چيومانس، شيو ڪيئن ڪندس؟ توهان جي ٻنهي واش رومس ۾ آئينو تہ آهي ئي ڪونہ؟ مون کي چيائين، ”ننڍو آئينو توهان کي آڻي ٿو ڏيان، هڪدم شيو ڪري مون کي واپس ڪندا جو توهان کي شيشو يا آئينو رکڻ جي اجازت نہ آهي.“ مون ڪپڙن ۾ اڳٽ وڌو، هڪ پڳل ٽٽل ننڍڙو آئينو ملڻ کان پوءِ شيو ڪري وهنجي آيس. وري ٽڪ ٽڪ ڪري سپاهي کي سڏ ڪري چيم تہ آفٽر شيو لوشن وساري آئين. جواب ڏنائين، تہ ڪڍي ٿو اچان، پر اها شيشي جي بوتل آهي، توهان کي ڏيئي نٿو سگهان. توهان اهو منهنجي سامهون لڳائي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون کي واپس ڪيو. آئون تيار ٿي ڪورٽ وڃڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. تقريباً 30-11 ڌاري انچارج اچي ٻڌايو ته هلڻ لاءِ تيار ٿيو.

آئون ٻاهر آيس، ته سڪندر بلوچ انسپيڪٽر ۽ ٻيا پوليس وارا مون سان گڏ آيا. ٻاهر هڪ پوليس جي موبائل بيٺل هئي ۽ هڪ سوزڪي جيپ هئي، جنهن جو پويون دروازو ڪليل هو. سڪندر بلوچ ايف آءِ اي ۾ انسپيڪٽر آهي. ڪيس آئون سڃاڻندو نه هئس، پر سندس نالي جي خبر مون کي ڪورٽ تي پئي. مونکي سوزڪي جيپ ۾ پويان ويهاريو ويو، انسپيڪٽر اڳيان ويٺو. موبائل اڳيان ۽ سوزڪي جيپ پويان هئي. اسان مائي ڪولاچي روڊ کان ڪورٽ پهتاسين. ڪورٽ جي ٻاهران ئي اسان وارا همراه گهڻي تعداد ۾ ٻاهر بيٺل هئا. مون کي سڌو ڪورٽ ۾ وٺي ويا. آئون ويٺس ئي مس ته محمد يوسف لغاري، سليمان ڏاهري، حاجي خان ڪولاچي، شاهنواز، اسلم ۽ ٻيا همراه ڪورٽ ۾ آيا.

انويسٽيگيشن آفيسر حاجي قدير به اچي پهتو. مون کي نيب جي ايڊمنسٽريٽر جج رحمت حسين جعفري وٽ وٺي ويا. ان جي ريڊر آئي- او حاجي قدير کي چيو ته هي ريفرنس اڳيئي ڪورٽ نمبر 2 ۾ هلندڙ آهي، تنهن ڪري توهان کي رماندي به ان ئي جج کان وٺڻو پوندو. جنهنڪري اتان وري واپس رياض ڦلپوٽو جج وٽ وٺي آيا. ان وچ ۾ جنهن وقت به ڪنهن جج وٽ پيش ٿيڻ جي تياري ٿي ته مونکي هٿ ڪڙي لڳايائون ٿي. ڦلپوٽو جج وٽ پيش ڪيائون ته ان وقت به نيب جي پوليس هٿ ڪڙي لڳائڻ پئي چاهي، پر ريڊر جي منع ڪرڻ تي نه لڳايائون. ملڻ وارا ڪافي همراه آيل هئا، پر جج کان فارغ ٿي سپني سان ملڻو هو.

جنهن وقت انويسٽيگيشن آفيسر مون کي اندر وٺي ويو، ته يوسف لغاري ۽ پرازڪيوٽر اندر جج وٽ ويٺل هئا. ماما يوسف لغاري وڪيل ٿي، نه پر منهنجي ڪورٽ ۾ حاضري جو ٻڌي ملاقات لاءِ آيو هو ۽ نيب ڪورٽ ۾ منهنجي پهرين حاضري تي ذاتي تعلق جي حيثيت ۾ وڪالت ڪيائين. جج وٽ وڃڻ کان پهرين آئون ساڻس جڊيشل ڪسٽڊي، بي ڪلاس ۽ ملاقاتن جي باري ۾ ڳالهه ٻوله ڪري چڪو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئس. جڏهن حاجي قدير منهنجي جسماني رمانڊ (Physical Custody) لاءِ جج کي درخواست پيش ڪئي ته جج چيو، آءِ- او صاحب هي ڇا ڪٽي آيو آهين؟ آءِ او حاجي قدير چيو، سر جسماني ريمانڊ جي لاءِ. جج چيو، ڇاجو ريمانڊ؟ انويسٽيگشن ته مڪمل آهي. حاجي قدير چيو، سائين اُهو انٽرم ريفرنس هو. جج ڦليوٽو پرازيڪيوٽر کي چيو ته هن کي ڪجهه پڙهايو، نيب آرڊيننس ۾ ڪٿي آهي انٽرم ريفرنس؟ جسماني رمانڊ نه ٿيندو. مون کان پڇيائين، توهان کي ڪڏهن گرفتار ڪيو اٿن؟ مون ٻڌايو ته ٿيون ڏينهن. جج 9 جولاءِ تائين جيل ڪسٽڊي جو آرڊر ڪيو. وڪيل کيس ٻي ڪلاس جو چيو، جيڪو پڻ آرڊر ڪري ڏنائين ۽ ڪورٽ ۾ سپني ماڻهن سان ملڻ جي اجازت ڏنائين. اسان ٻاهر آياسين، جيل ڪسٽڊي ٿيڻ جي سپني همراهن کي تمام گهڻي خوشي هئي. مون کي به ڪجهه گهڙيون اڳ، اهو تصور ۾ به ڪونه هو، ته آئون هتان سڌو جيل ويندس. مون ٽن ڏينهن کان ئي ذهني طرح پنهنجو پاڻ کي تيار پئي ڪيو ته مون کي 90 ڏينهن ايم پي اي هاسٽل جي سرونٽ ڪوارٽرز جي سيل ۾ ئي رهڻو آهي.

گذريل ڏيڍ سالن جي اندر ڪوبه اهڙو ڪيس نه ٿيو هو، جنهن ۾ نيب وارن ڪنهن قيديءَ کي پنهنجي ڪسٽڊي ۾ رکڻ چاهيو هجي ته انهن کي رمانڊ نه مليو هجي. اها ڳالهه جيتري قدر منهنجي لاءِ غير متوقع ۽ Surprising هئي، ايتريقدر ئي نيب آفيسرن جي لاءِ ڏڪو (Shocking) هئي. هو منهنجو رمانڊ وٺي وڃڻ کان پوءِ پنهنجو ڪم ڪرڻ لاءِ مڪمل تياري ڪري چڪا هئا. آءِ او حاجي قدير انتهائي بخيل ٿي ويو. سندس چهري تي ٻي وسي ۽ چڙ جا آثار نمايان نظر اچي رهيا هئا. اسان ڪورٽ ۾ همراهن سان ملڻ لاءِ وڃي ويٺاسين چاچا پوڙهو، ڊاڪٽر خليل، مشتاق نظاماڻي، حاجي خان ڪولاچي، فدا، پٽي، يوسف جت، گل محمد، عبدالله، خيرو، ادي شهناز ڪانسواءِ ٻيا ڪافي همراه آيل هئا. جن سان ڪافي دير تائين گپ شپ ٿيندي رهي.

نيب ٽاٽي واري پوليس مون کي جيل لاءِ کڻي آئي. وچ ۾ پهرين ايم پي اي هاسٽل تي وياسين، جتان ايس ايچ او منهنجو اندر پيل سامان ٻاهر ڪڍائي آيو. سامان کڻي اسان سڌو جيل تي آياسين. جيل تي ماڙيءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي اندر آيس، تہ پهرين رزاق عباسي جيلر جي آفيس ۾ اچي ويهاريائون. مون کي چيائون، توهان ويهو، چانهہ وغيره پيو پوءِ توهان کي صاحب وٽ وٺي ٿا هلون. ٿوريءَ دير ۾ خان محمد مهر آيو. مون کي ڏسي حيران ٿي ويو. چيائين، ”مون هاڻي هتي ٻڌو تہ تون آيو آهين؟ آئون تہ توهان ڏانهن نياپو ڪرڻ وارو هوس، اوهان ڪيڏا خوش نصيب آهيو جو هُن دوزخ (نيب جي ٿاڻي) مان جان ڇُٽيو.“ ٿوريءَ دير ۾ جيلر حسن سهتو بہ مون سان اچي مليو. خان محمد مون کي چيو تہ فڪر بلڪل نہ ڪجو، توهان جو سڀ بندوبست ڪري ٿا وٺون. رزاق عباسي مون کي سپرنٽينڊنٽ وٽ وٺي آيو، هتي سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر سرور جمالي آهي. اُن وقت سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ ستار ڏيرو، چوڌري شريف، خان محمد مهر ۽ ٻيا ڪجهہ همراه ويٺا هئا. سيني مون کي چيو تہ ”توهان هتي ايترو جلد ڪيئن اچي ويا، اسان سمجهو پئي تہ توهان کي گهٽ ۾ گهٽ مهينو ٻہ تہ ضرور اُتي رکندا.“

ڪجهہ دير کان پوءِ مون جيل سپرنٽينڊنٽ سرور جمالي کان پڇيو تہ مون کي ڪٿي ٿا رکو؟ چيائين تہ ”هن وقت اسان وٽ بي ڪلاس جي واردن ۾ تمام گهٽي رش آهي. هر هنڌ گنجائش کان وڌيڪ قيدي آهن. مون وٽ جيڪا سڀ کان بهتر (Best available) جڳهہ آهي، توهان کي اتي رهايون ٿا.“

مون سان حسن سهتو جيلر گڏي ڏنائين، جيڪو مون کي بي ڪلاس جي 17 ورڊ ۾ وٺي آيو. اتي مون کي عثمان فاروقي ۽ ستار ڏيرو جي ڪمري ۾ جڳهہ ڏني وئي. انهن سان گڏ ٽيون مولچند بہ رهندو هو، مون اتي محسوس ڪيو تہ هي ڪمرو وڏ ۾ وڏ ٻن ماڻهن جي رهڻ جو آهي، سو جي آئون چوٿون رهندس تہ پاڻ بہ تنگ ٿيندس ۽ جيڪي اڳي رهن ٿا، اهي بہ تنگ ٿيندا. حسن سهتي کي چيم تہ آئون هتي نہ رهندس، مون کي ٻي ڪا صحيح جڳهہ ڏيو؟ چيائين، ”سپرنٽينڊنٽ صاحب مون کي توهان جي لاءِ هتي ئي چيو آهي، في الحال هن کان وڌيڪ ٻي ڪا جڳهہ آهي بہ ڪونہ، پر توهان هتي ويهو ۽ سامان رکايو. آئون سپرنٽينڊنٽ کي ٻڌايان ٿو.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿوري دير ۾ جيلر سهتو واپس آيو. چيائين، هلو تہ هلون. اسان واپس اچي رهيا هئاسين تہ خان محمد مهر مليو، ان چيو تہ توهان منهنجي واردِ ۾ هلي ويهو، تيسين توهان لاءِ 16 واردِ ۾ بندوبست ٿي رهيو آهي. آئون خان محمد سان گڏجي 14 وادِ ۾ آيس تہ حاجي ايوب آفريدي سان ملاقات ٿي، جيڪو خان محمد سان گڏ رهندو آهي. حاجي ايوب جو نالو تہ منهنجو ٻڌل هو، پر سائس ملاقات اڄ ٿي هئي. اُتي صوفي بہ وينو هو، جيڪو گهڻو چلتو ڦرتو لڳي رهيو هو. ٻڌايائين تہ ”عوامي نيشنل پارٽي جو آهيان ۽ شهيد جي ورسيءَ ۾ توهان جي ڳوٺ بہ اچي چڪو آهيان.“

ٿوريءَ دير کان پوءِ دائود پٺاڻ آيو، جيڪو پاسي واري 15 واردِ ۾ رهندو آهي. دائود چيو، مون اڳ ۾ ئي هتي چيو پئي تہ منهنجو پائٽيو ايندو، پر منهنجو خيال هو تہ توکي الاهي ٽائيم هُتي (ايم پي اي هاسٽل ۾ نيب ٽائي تي) رکندا. اسان ڪافي دير تائين حال احوال ڪندا رهياسين، ٿوريءَ دير ۾ اسلام الدين شيخ بہ آيو، جيڪو ان ئي واردِ ۾ رهندو آهي. آخر منهنجو بندوبست 16 واردِ ۾ ڪيو ويو. خان محمد مون سان واردِ تائين گڏجي آيو. اتي آيس تہ ڪافي همراه لان ۾ وينا هئا. 16 واردِ ۾ 5 ڪمرا آهن ۽ نئين ڪنسٽرڪشن هُئي. يعني جيل جي اصل عمارت نہ هئي، پورو واردِ هاسٽل وانگر ٺهيل آهي. سيئي ڪمرا هڪ ٻئي سان مليل آهن. هر ڪمري کي ٻئي ڪمري ڏانهن دروازو آهي. منهنجي کٽ آخري ڪمري ۾ لڳل هئي، جنهن ۾ بہ ڇٽا اڳ ۾ ئي رهندا آهن. هڪ ثناءُ الله ۽ ٻيو نديم، ٻنهي جو تعلق متحده سان آهي. نديم ”نديم ايس پي SP“ طور مشهور آهي. اسان جي پاسي واري ڪمري ۾ ڪياني ۽ اسد عباسي آهن. انهن کان پوءِ ٽئين ڪمري ۾ مصباح ۽ غلام نبي جت رهيل آهن. مصباح ڪراچي واٽر ۽ سيوريج بورڊ KWSB جو چيف انجنيئر بہ رهيو آهي. چوٿون ڪمرو الهڏنو ڏاهري ۽ قربان جتوئي جو آهي ۽ آخري ڪمري ۾ عبدالقادر توڪل ۽ عاشق علي رهندا آهن.

16 واردِ ۾ ثناءُ الله، نديم، غلام نبي، ڪياني، اسد عباسي ۽ اقبال گل جي گڏيل هنڌي آهي، باقي همراهن مان ڪن جي گهران ماني

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ايندي آهي ۽ ڪن جو الڳ سسٽم آهي. ثناءُ الله ۽ نديم وارن چيو ته اسين جيڪي پاڻ ۾ هنڌيوال آهيون، اڄ توهان جي رات جي ماني انهن جي پاران آهي. تقريباً 8-00 بجي ڪمرن جا ٻاهريان دروازا جيڪي ٻه هئا سي بند ڪيا ويا، باقي اندران ڪمرا هڪٻئي سان مليل آهن. بند ٿيڻ کان ٿوري دير ۾ همراهن ماني جي تياري ڪئي. ماني برداشتي تيار ڪري اندر رکي ويا هئا. جيڪا ڪائڻ وقت گرم ڪري لڳائي وئي. اهو ڪم غلام نبي ۽ نديم گڏجي ڪيو.

غلام نبي ۽ مصباح واري ڪمري ۾ گيس جو ڪنيڪشن به آهي، جنهن ۾ ٽيبل تي هڪ ننڍو چلهو رکيل آهي. اسان سپني گڏجي ماني کاڌي. مون محسوس ڪيو ته آئون ٽن ڏينهن کان پوءِ ماني کائي رهيو هوس. مون چنچر جي رات گهر تي ماني کاڌي هئي. وري اڄ اڳاري جي رات هئي. وچ ۾ جيڪي 48 ڪلاڪ نيب جي ڪسٽڊي ۾ رهيو هوس هڪ پيرو آصف بيگ ناشتي ۾ ڪير موڪليو هو، جيڪو مون پيتو هو ۽ هڪ پيرو حميد جي موڪليل ماني مان ٻه ٽي گرهه کاڌا هئا. گهٽ ان ڪري کاڌم جو آئون مرچن واري ماني کائي نه سگهندو آهيان. باقي سرڪاري ماني يعني رات ۽ ڏينهن ٻئي ويلا دال ۽ ٻه مانيون هر قيدي کي ڏيندا آهن. دال اهڙي هوندي آهي جيڪا مانيءَ تي چڙهندي ئي نه آهي.

مون پوليس کي ماني ڏيڻ جي منع ڪري ڇڏيو هو. منهنجي ٻاهران ماني آڻڻ جي اجازت نه ڏني هئائون. مون جڏهن ايس ايچ او کي چيو ته منهنجي ٻاهران ماني اچڻ جي اجازت ڏني وڃي، چو ته مون کي پيٽ ۾ السر آهي. آئون مرچ، مصالحا ۽ گيهه وغيره نه کائيندو آهيان ته مون کي چيائين اهو توهان ڊاڪٽر کي چئو. توهان جو ميڊيڪل چيڪ اپ ٿيندو ۽ انهن رپورٽن تي نيب اختياريون توهان کي اجازت ڏيندين. اسان ان سلسلي ۾ ڪجهه نٿا ڪري سگهون.

ايم پي اي هاسٽل جي جنهن حصي کي نيب جو ٽائو بنايو ويو آهي، اتي پهرين سرونٽ ڪوارٽر هئا. انهن ڪوارٽرن مان دريون ڪڍي اوساري سان بند ڪيون ويون آهن ۽ دروازن تي لوهي گرلن جا گيٽ چاڙهيا ويا آهن. مٿي هڪ فوٽ جو وينٽيليٽر Ventilator آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آئون جنهن ڪمري ۾ هوس ان جي وينٽيليٽر پويان هڪ وڻ بيٺل هو. نيب ٿاڻي ۾ قيدي کي گهڙي رکڻ جي اجازت نه آهي، منهنجي گهڙي لهرائي ٿاڻي جي انچارج وٽ جمع ڪئي وئي هئي. نيب ٿاڻي جي ان سيل ۾ وقت جو ڪوبه اندزو ڪونه ٿيندو هو. سواءِ هڪ فوٽ جي روشندان جي، جنهن مان سج لهڻ ۽ اُڀرڻ جو اندازو ٿيندو هو يا وقت معلوم ڪرڻ لاءِ ڊيوٽي تي موجود سپاهي جو احسانمند ٿيڻو پوندو، اهو جيڪڏهن مهربان ٿئي ته اوهان کي پنهنجي گهڙي ڏسي ٿائيم ٻڌائي سگهي ٿو. اُتي ڪنهن سان به ڳالهائڻ تي مڪمل پابندي آهي. قيدي هڪ ٻئي سان نه ملي سگهن ٿا ۽ نه ئي ڳالهائي سگهن ٿا ۽ نه ئي هڪ ٻئي جي سيل جي در اڳيان بيهي سگهن ٿا، هڪ مڪمل قيد تنهائي آهي.

اتي قرآن پاڪ کان سواءِ ڪنهن به ڪتاب جي اجازت نه آهي. ڪابه اخبار، ڪاغذ، پين وغيره پاڻ سان رکي نٿي سگهجي. مون وٽ سيل ۾ هڪ گدو، چادر، ويهاڻو، ٽوال ۽ هڪ ٿرموس کان سواءِ ٻي ڪنهن به شيءِ جي اجازت نه ڏنائون. ٿرموس سان گڏ گلاس آيو هو ته اهو واپس ڪري ڇڏيائون. ٻئي ڏينهن پلاسٽڪ جو گلاس آيو، تيستائين آئون ٿرماس جي ڊڪ ۾ پاڻي پيئندو هوس. سيل ۾ مٿي چٽ وارو پکو لڳل هو، اهي به چون ٿا ته پوءِ لڳايا ويا. شروع ۾ جيڪي ماڻهو آيا، انهن کي اها سهوليت به حاصل نه هئي. ڪمرا هڪ ٻئي جي آمهون سامهون هئا. وچ ۾ 8_6 فوٽ ويڪرو لنگهه (Passage) هو، ڪوشش اها ڪئي ويندي هئي ته قيديءَ جي سامهون وارو سيل خالي رکيو وڃي ته جيئن انهنجي هڪ ٻئي تي نظر نه پوي. لنگهه جي آخر ۾ ٻنهي پاسن کان هڪ هڪ باٿ روم هو. ٻنهي باٿ رومن ۾ ڪوبه آئينو لڳل نه هو، هڪ قيدي واش روم ويندو هو ته ٻئي کي ان جي نڪري واپس پنهنجي سيل ۾ پهچڻ تائين انتظار ڪرڻو پوندو هو. حالانڪ واش روم ٻيو به هوندو هو، پر متان ايندي ويندي هڪ ٻئي سان ڳالهائين، تنهن ڪري هڪ کي پنهنجي سيل ۾ بند ڪري پوءِ ٻئي کي ڪڍيو ويندو هو. مون کي ٻڌايو ويو هو ته توهان ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو وهنجي سگهو ٿا، ٻن ڏينهن کان پوءِ ڪپڙا تبديل ڪري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سگهو ٿا ۽ شيو هفتي ۾ فقط ٻہ ڀيرا ڪري سگهو ٿا. آئون جڏهن پهتو هوس تہ اتي ٽي قيدي اڳيئي موجود هئا. آصف بيگ، عبدالحميد ۽ طاهر صديقي. انهن ٻن ڏينهن ۾ مون سان حميد پوليس وارن جي نظر بچائي ٻہ دفعا ڪجهہ منٽ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي هئي.

سيني کي سخت حفاظت ۽ چوڪسي ۾ روزانو شام جو صرف اڌ ڪلاڪ واڪ لاءِ سيل مان ڪڍيو ويندو هو. جڏهن، تہ عام طور تي ڦاسي گهاٽ وارن قيدين کي ٻہ ڪلاڪ لاءِ ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي. اهو ٻہ سيني کي گڏ نہ ڪڍيو ويندو هو، پهرين هڪ واڪ ڪري اچي، تنهن کان پوءِ ٻيو. آئون جيڪي ٻہ ڏينهن هيس انهن ۾ مون کي واڪ لاءِ ٻاهر نہ ڪڍيو ويو. چيائون تہ جيستائين مٿان کان اجازت ملي. اُتي پوليس وارن کي ٻہ ڪنهن سان غيرضروري ڳالهائڻ جي سخت منع ڪيل آهي. مطلب تہ مڪمل قيد تنهائي Solitary confinement آهي ۽ قيد تنهائي دنيا جي خطرناڪ ترين سزا آهي، جيڪا موت کان پوءِ ٻيو نمبر وڏي سزا آهي ۽ ڪن حالتن ۾ ان جي پيڙا موت جي سزا کان وڌيڪ اذيت ناڪ آهي.

جيلن ۾ جتي هر قسم جا قيدي رهندا آهن، اتي جيل جي اندر جيڪڏهن ڪو قيدي ڏوهہ ڪري تہ ان کي بند وارڊ جي سزا ڏني ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن جيل انتظاميا ان سزا جو ناجائز استعمال ٻہ ڪندي آهي. پر عام طرح يا قانون موجب جيل جي اندر جيڪي خطرناڪ قيدي رهندا آهن، ڏاڙا، ڦرون ۽ اغوا وغيره انهن جي زندگيءَ جو معمول هوندو آهي، جنهن ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي حملا ۽ جيل ٽوڙڻ وغيره جا ڏوهہ ٻہ اچي وڃن ٿا، انهن کي ٻہ بند وارڊ (Solitary confinement) تيستائين نہ ڪيو ويندو آهي، جيستائين هو جيل جي اندر ڏوهہ نہ ڪن. ان قسم جا ڏوهاري جيڪي عادي مجرم ۽ خطرناڪ هوندا آهن، اهي سخت Rough and Tough زندگي جا عادي هوندا آهن ۽ جيل ۾ زندگي گذارڻ کي هو سزا نہ سمجهندا آهن، انهن کي جيل انتظاميا سيڪٽ ڏيڻ لاءِ بند وارڊ ڪندي آهي ۽ ڪجهہ ڏينهن جو بند وارڊ ٻہ ان قسم جي گهٽن قيدين لاءِ ناقابل برداشت هوندو آهي.

نيب اختيارين جن مائٽن کي نشانو ٺاهيو آهي، انهن ۾ گهٽائي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سياستدان، ڪاموراء بئنڪرس ۽ بزنس مين جي آهي. يعني سيني جو تعلق مڊل ڪلاس يا اپر مڊل ڪلاس سان آهي. انهن سيني جي گهٽائي پُرآسائش ۽ لڳزري زندگي گذارڻ جي عادي آهي. انهن لاءِ نيب ٽاٽي جي بند وارڊ ۾ ذهني اذيت (Mental Torture) جو مقابلو، ڪو ٻيو تشدد يا Physical torture نٿو ڪري سگهي.

19/6/2001

اڄ صبح جو جيل ۾ منهنجو پهريون ڏينهن هو. اُٺيس، ٿوري دير ۾ خان محمد وٽان ناشتو آيو. گهٽي وقت کان وٺي آئون صبح جو ناشتو نه ڪندو هئس ۽ چانهه به نه پيئندو هوس. ناشتي کان پوءِ اخبارون پڙهيم پئي ته حاجي ايوب آفريدي جو ماڻهو آيو، چيائين ته توهان اڄ لنچ اسان سان گڏ ڪندا. آئون تيار ٿي ويٺو ئي هئس ته فضل سميجو ۽ غلام حيدر انصاري عرف دودو آيا. فضل کي ڏسي حيران ٿيس. پچيومانس، تون هتي ڪڏهن کان آهين؟ ٻڌايائين، ته 23 وارڊ ۾ شهيد پٽو وارن سان گڏ ٿو رهان. ايتري ۾ منهنجي ملاقات جي پرچي آئي. ماڙيءَ تي ويس، منهنجا گهروارا آيل هئا. ماني ۽ سامان کڻي آيا هئا. ملاقات کان پوءِ آئون سڌو حاجي ايوب وارن وٽ آيس، جيڪي S.W.14 ۾ هئا. ان وارڊ ۾ خان محمد مهر، حاجي ايوب آفريدي، اسلام الدين شيخ ۽ ان جو سالو اختر شيخ رهندا آهن. ان وقت اتي حاجي ايوب، خان محمد، صوفي ۽ گل محمد موجود هئا.

شام جو ڪمري تي آغا وزير ملڻ آيو.

21/6/2001

اڄ اسلم، ڏاڏو سليمان، شاهنواز ۽ ٻيا همراه ملاقات تي آيا. ساڻن ڪيس ۽ ٻين معاملن جا حال احوال ٿيا. هيٺ اسلم وارن کان موڪلايم ته مشتاق نظاماڻي آيو، ان سان ڪچهري هلي پئي ته راجه آسر، حق نواز جتوئي ۽ ڏيال آيا. انهن سان ملي آغا وزير عباس وٽ 21 وارڊ ۾ ويس. اڄ جي ماني به انهن وٽ هئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

22/6/2001

صبح جو اٿي اخبارون ڏٺم، ان کان پوءِ آفتاب نبي جو سورهه بادشاهه تي لکيل ڪتاب پڙهيم، اهو ڪتاب خان محمد موڪليو هو. ماني جي ٽائيم تي صوفي آيو. چيائين، ”صاحب تيار ٿيو.“ اڄ ڏينهن جي ماني صوفي وٽ هئي. صوفي خان ولي خان جو پڪو پوئلڳ آهي ۽ مون سان گهڻي انسيت اٿس، سندس گهڻو وقت حاجي سان گڏ گذرندو آهي. صوفي سان گڏجي سندس سيڪيورٽي وارڊ 7 ۾ آيس. سندس ننڍي ڪولي آهي، جنهن ۾ ڪياني ۽ ڪجهه ٻيا همراه هيٺ پلٿي هڻي ويٺا هئا. صوفي ٻڌايو ته هن ڪولي ۾ اسان 5 ڄڻا هيٺ سمهندا آهيون. 3-00 بجي واپس پنهنجي ڪولي ۾ تي آيس.

ان کان پوءِ ماڙي تي آيس جتي ڪاڪا پيرو، موهن، ڊاڪٽر شامون ۽ ٻيا ملڻ آيا هئا. ٻڌايائون ته اهي ڪلهه به آيا هئا، پر ملاقات نه ٿي سگهي.

23/6/2001

اسلم، سليمان، شاهنواز ۽ ڪجهه ٻيا همراه ملاقات تي آيا. ان ڏينهن لالي دائود 15 وارڊ تي منهنجي دعوت ڪئي هئي. تقريباً 35-30 ماڻهن جي ماني ڪئي هئائين. ملاقات جي ڪري مونکي پاڻ ڪجهه دير ٿي هئي. 30-2 وڳي آيس ته سڀ همراه پهچي چڪا هئا.

شام جو سپرنٽينڊنٽ سرور جمالي جي اعزاز ۾ 17 وارڊ ۾ چوڌري شريف جي دعوت هئي. سوا ڇهين بجي اتي پهتاسين. اٺين بجي واندا ٿياسين. آئون اتي ئي انجنيئر شهمير وارن سان گڏ ويٺو هوس ته سپاهي اچي چيو ته توهان کي سپرنٽينڊنٽ آفيس ۾ پيو ياد ڪري. اتي پهتس ته ايوب آفريدي ۽ خان محمد اڳ ۾ ئي ويٺا هئا. ڪجهه دير کان پوءِ سپرنٽينڊنٽ ٻڌايو، ته توهان کي SW-15 ۾ شفٽ ڪيون ٿا ۽ توهان چاهيو ته هينئر ئي شفٽ ٿي سگهو ٿا. اتان جيلر حسن سهتو مون سان گڏ آيو. مون ڪيس چيو ته آئون اڄ رات 16 وارڊ مان شفٽ ٿيڻ نٿو چاهيان، صبح جو ويندس. اڄ همراهن سان ڪچهري ڪندس. سهتي چيو ته اسان توهان جو ٽوٽل 15 وارڊ ۾ ڪري ڇڏيو آهي. پر وري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حوالدار کي چيائين تہ ڪو طريقو ڪر تہ راهو صاحب اڄ 16 ۾ رهي. مون کي چيائون تہ توهان ڀلي 16 ۾ ئي رهو. آئون واپس وارڊ ۾ ويس، اتي همراهن کي اڳ ۾ ئي خبر پئجي چڪي هئي. اچان اُتي ٻاهر لان ۾ ئي ويٺا هئاسين تہ جمعدار ۽ سپاهي آيا. چيائون، توهان لاءِ ٻيهر حڪم ٿيو آهي تہ توهان هينئر ئي 15 وارڊ ۾ ويندا.

مون پڇيو، ڪنهن چيو آهي، تہ چيائون، جيلر صاحب چيو آهي. مون چيو، آئون اڄ رات هتي ئي رهندس آئون هلي آفيس ۾ ڳالهايان ٿو. حوالدار چيو تہ سائين! توهان ويهو، توهان جو اهو نياپو اسان اُتي پهچايون ٿا. 20 منٽن کان پوءِ وري اچي ٻڌايائون تہ توهان ڀلي 16 ۾ رهو. ان کان پوءِ وارڊ بند ٿيو. ان ڏينهن اسان جو وارڊ بہ ٿورو ليٽ سان بند ٿيو. ان رات جي ماني وارڊ جي سيني همراهن لاءِ مون گهران گهرائي هئي. سيني ماني گڏجي کاڌي. ان رات آئون مصباح، عباسي. غلام نبي ۽ ڪياني تقريباً 30-2 بجي تائين ڪچهري ڪندا رهياسين.

24/6/2001

صبح جو اُٿي اخبارون پڙهڻ کان پوءِ آئون 16 وارڊ ۾ ويس، جتي لالا دائود ويٺو هو. ساٿس ڪچهري ٿي ۽ سامان ۽ ڪٽ وغيره رکڻ جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿي، وري واپس 16 وارڊ تي آيس، جتان اچي سڀ سامان ڪٽايم ۽ سيني همراهن کان موڪلايم. 15 وارڊ ۾ دائود پٺاڻ ۽ سيٺ ذڪريا غني پهرين کان رهندا آهن. انهن سان گڏ وريام فقير خاصخيلي ۽ انظار حسين زيدي جو ٽوٽل بہ هن وارڊ ۾ ئي ٿيل آهي، پر اڄ ڪلهہ اُهي جيل کان ٻاهر اسپتالن ۾ داخل آهن.

25/6/2001

صبح جو صديقي مختيارڪار آيو. ان ڏينهن تي اسلم، ذوالفقار ۽ سچل ملڻ آيا. انهن سان نظير سهتو ۽ ٻيا دوست بہ گڏ هئا.

ٻنپهرن جي ماني 16 وارڊ جي دوستن ڪئي هئي. ڪچهري جي ٻين موضوعن ۾ اُمت جي اها خبر بہ هئي تہ چوڌري شريف جي پارٽيءَ ۾ شراب جو آزادانہ استعمال ٿيو، رات جو ادائي بجي تائين محفل جاري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهي ۽ تحفہ ڏنا ويا، منهنجي ڄاڻ مطابق خبر بلڪل بي بنياد ۽ نسورو ڪوڙ هئي.

26/6/2001

صبح جو 00-11 ڌاري صديقي مختيارڪار آيو، ان سان ڪچهري ٿي. ماني گڏجي کاڌيسين. 00-3 بجي ڌاري گهر وارا ملاقات تي آيا.

شام جو 21 نمبر وارڊ ۾ آغا وزير عباس وٽ ويس، ان ڏينهن سندس پٽيشن هائي ڪورٽ ۾ رڪيل هئي جيڪا نہ ڪنئي وئي. ان کان پوءِ 23 وارڊ ۾ علي سوناروءَ فضل سميجو، دودو انصاري ۽ ٻين سان ملڻ ويس. سائن موجوده صورتحال تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي.

27/6/2001

اڄ هڪ بجي ڌاري ماڙيءَ کان پرچي آئي. مٿي ملاقات روم ۾ ويس تہ اسلم، يوسف لغاري، سليمان ڏاهري، مشتاق نظاماڻي ۽ منير پٽي ويٺل هئا. انهن سان ڪيس جي معاملي تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي ۽ ڪجهہ ٻيا حال احوال ٿيا. ٻڌايائون تہ ٻاهر شاهنواز، پٽي ۽ خليل آيل آهن، پر وڏيڪ ماڻهن جي اجازت نہ ڏنائون. منير ٻڌايو تہ حاجي اشرف ۽ ڪجهہ ٻيا همراه بہ ٻاهر آيل آهن.

آئون ملاقات ڪري جيئن ئي ماڙي تان نڪرڻ وارو هئس تہ هڪ فوجي وردي ۾ همراه مون سان اچي مليو. نالو عبدالناصر هئس. مون کي چيائين تہ توهان اسماعيل راهو آهيو؟ مون چيو، جي ها! مون کي چيائين تہ توهان ماڙيءَ تي ترسو، ڪجهہ همراه توهان سان ملڻ چاهين ٿا. آئون ڊپٽي جي آفيس ۾ ويٺس.

سپرنٽينڊنٽ جي اچڻ کان پوءِ مون کي ٻڌايائون تہ اوهان جا ملاقاتي آهن. چاڙهين تي مولوي شفيع مهيري، ماسٽر حسن مهيري، حاجي اشرف، فيض محمد مهيري ۽ ڊاڪٽرشامون سان ملاقات ٿي. مٿي ملاقات جي ڪمري ۾ ويٺاسين. سائن ڳوٺن جا ۽ هتي هُتي جا حال احوال ٿيا.

دائود خان تقريباً گذريل ڏهن سالن کان جيل ۾ آهي ۽ سندس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪ پٽ حيدرآباد جيل ۾ آهي. هتي دائود خان لاءِ مشهور آهي ته ڳالهائيندو تمام گهڻو آهي ۽ ٻيو ته جنهن سان نه پوندي اٿس تنهن کي گاريون به دل تي ڏيندو آهي. هڪ ته گهڻي عرصي کان جيل ۾ آهي. 70 ورهه کان وڌيڪ عمر اٿس، مٿس منشيات جا ڪيس آهن، جيڪي نه هلن ٿا ۽ نه ئي انهن ۾ ضامن ٿو ٿئي. دائود خان ۽ سندس وارڊ ميٽ ذڪريا غني ٻئي پاڻ ۾ گهٽ نهندا هئا، پر ڪجهه ڏينهن اڳي حاجي سندن ناهه ڪرائي ڇڏيو هو. همراهن ٻڌايو، ته هينئر توهان جي ڪري وري به ڪجهه ٿڌو آهي، گهڻو نٿو ڳالهائي ۽ گاريون به گهٽ ٿو ڏئي.

رات جو مون ڪجهه پڙهيو پئي ته بي بي سي BBC رحمت شاهه آفريدي جي ڪيس جو فيصلو ٻڌايو. هن کي چرس جي ڪيس ۾ موت جي سزا ڏني وئي هئي. ان کان پوءِ دائود خان ججن تي هڪ ٿي لاٿي ته ٻي ٿي چاڙهي. ڪافي وقت تائين دائود خان جي گارين جي توپ خاني مان جنرل پرويز مشرف ۽ ججن تي بمباري جاري رهي.

28/6/2001

اڄ صبح جو اٿي وراندي ۾ اخبارون پڙهي رهيو هئس ته مختيارڪار فضل الله صديقي ۽ امداد حسين جڪرو آيا. ڪافي دير تائين ساڻن ڪچهري ٿيندي رهي. فضل الله صديقي جو ٽوٽل 18 وارڊ ۾ آهي، جيڪو پوليس وارن ڏوهارين لاءِ مخصوص آهي. صديقي هتي نيب جي ڪيس ۾ قيد آهي. امداد جڪري جو اسان واري وارڊ ۾ اچڻ روز جو معمول آهي. دائود خان سان سندس تمام گهڻي حجت آهي، ڪيس بابا ڪري چوندو آهي. جيل کلڻ کان بند ٿيڻ تائين هو گهڻو وقت هتي ئي گذاريندو آهي. سندس تعلق جيئي سنڌ قومي محاذ سان آهي. پاڻ ۽ سندس ساٿي 12 وارڊ ۾ رهندا آهن.

امداد ۽ صديقي جي موڪلائڻ کان پوءِ آئون تيار ٿي 12 بجي ڌاري 14 وارڊ ۾ آيس، جتي حاجي ايوب آفريدي ۽ صوفي ويٺا هئا. منهنجو خيال هو ته اڄ ملاقات وغيره ڪونه ايندي، تنهن ڪري هتن سان اچي ڪچهري ڪجي. انهن سان ڪچهري هلي پئي ته مٿان گل محمد آيو. هو جيل جو صوبيدار آهي، جنهن کي چيف واردن (Chief

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(Warden) بہ چيو ويندو آهي. حاجي چيو تہ هاڻي توهان ڪڏانهن ويجو نہ ڪچهري ٿا ڪريون ۽ ماني بہ هتي کائيندا سين.

خان محمد مهر جي پڇا ڪيم تہ خبر پئي تہ اسپتال ويل آهي.

تقريباً 30-1 بجي ڏاري آفيس جي پرچي آئي. مون حاجي وارن کي چيو، توهان ماني کائي ڇڏيو. آئون ماڙي تي ٿو وڃان، گهٽو ڪري ملاقات هوندي. حاجي چيو، ٺيڪ آهي، پر توهان اتان سڌا هتي اچجو. آئون ماڙي تي آيس تہ سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ آءِ- جي جيل، غوث بخش مهر، پيو شاهہ غلام علي نظاماڻي، اسلم ۽ ميجر ڪوسو ويٺا هئا. دعا سلام کان پوءِ غوث بخش خان احوال ٻڌايا. ايتري ۾ آءِ جي ۽ سپرنٽينڊنٽ ٻئي اندر وڙڻ تي ويا.

غوث بخش مهر مون کي چيو تہ توهان اڳي بہ ڪڏهن جيل ۾ رهيا آهيو؟ مون چيو اڳي ڪڏهن بہ نہ رهيو آهيان، توهان سان گڏجڻ کان پوءِ هتي اچي پهتا آهيون. ڪجهہ وقت کان پوءِ غوث بخش مهر ۽ غلام علي نظاماڻي اجازت ورتي. ٿوري دير کان پوءِ آئون ۽ اسلم مٿي ملاقات واري هال ۾ وياسين، جتي ادي ۽ خليل ويٺل هئا. انهن سان ڳيل وقت خبرون ٿيون. وري آفيس ۾ آياسين، جتان اسلم ۽ پيو شاهہ موڪلايو. ان کان پوءِ مون ميجر ڪوسي سان ڪچهري ڪئي. اتان سڌو حاجي وارن وٽ آيس تہ اهي سڀ انتظار ۾ ويٺا هئا. گڏجي ماني کاڌيسين.

شام جو 30-5 بجي اٿيس تہ خبر پئي تہ انظار حسين زيدي اسپتال مان واپس وارڊ ۾ اچي ويو آهي. ان پنهنجي کٽ وريام فقير جي جڳهہ تي رکي. زيدي جي جڳهہ تي منهنجي کٽ لڳل هئي. ان کان پوءِ مون ڪجهہ خط لکيا. فارغ ٿي وهنجي ٻاهر آيس تہ صديقي، امداد حسين، دائود خان ۽ اسد عباسي ويٺا هئا. آئون بہ اتي ويٺس ۽ ڪافي دير تائين جنرل پرويز مشرف جي هندستان جي دوري بابت بحث ٿيندو رهيو.

دائود خان جو چوڻ هو تہ ”جنرل صاحب ۽ واجپائي ٻنهي کي انديا ۾ هلائي ڇڏيندا. همراهہ اُتان واپس نہ موٽندو.“ همراه دائود خان کي چيڙائيندا ۽ بحث ڪندا رهيا تہ هڪ هيڊ آف اسٽيٽ کي ٻي اسٽيٽ ۾ ڪجهہ نٿو ٿي سگهي. مون چيو تہ موجوده تاريخ ۾ ائين نہ ٿيو آهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ هڪ ملڪي سربراه کي ڪنهن ٻاهرين ملڪ جي دوري دوران جتي هو مهمان هجي، ان کي ڪجهه ٿئي. بهرحال لالو پنهنجي موقف تان ذرو برابر به هٽڻ لاءِ تيار نه هو.

منهنجي ذهن ۾ ائين هو تہ هي دورو ڪو خاص نتيجي خيز نہ هوندو. حالانڪ گذريل ٻن سالن دوران ٻنهي ملڪن ۾ آندل تبديلين کانپوءِ اصل ايجنڊا طرف هي پهرين پيش رفت هئي. هي دورو ان ايجنڊا جو پهريون نڪتو هو، جنهن ڪري هندستان ۾ واجپائيءَ کي اليڪشن ڪٽرائي وئي هئي ۽ پاڪستان ۾ هڪ چونڊيل حڪومت کي هٽرائي نئين لباس ۾ فوجي حڪومت آندي وئي هئي. ڪجهه وقت اڳ پارٽي اختياريون پاڪستان سان اهو چئي ڳالهائڻ لاءِ تيار نہ هيون تہ اتي هڪ غيرنمائنده حڪومت آهي.

پاڪستان جي اڳوڻي حڪومت جي وقت ۾ جڏهن پارٽي وزير اعظم اٽل بهاري واجپائي لاهور آيو هو تہ موجوده پاڪستاني حڪمرانن ان جي سيني پروگرامن جو اڻ سڌي طرح بائيڪاٽ ڪيو هو. پر هاڻي ٻاهرئين دباءَ تحت ٻنهي ملڪن ۾ هيءَ پيش رفت ٿي رهي هئي.

پنهنجي ليکي هن پيش رفت ۾ ٻنهي ملڪن جي عوام جون نظرون هيون، ڇو جو هن مسئلي جو حل ٿيڻ نہ رڳو ڪشميري عوام لاءِ، پر ٻنهي ملڪن جي استحڪام لاءِ به انتهائي ضروري آهي. پر بظاهر ائين محسوس ٿي رهيو آهي تہ هن دوري ۾ ٿوس حل طرف وڌڻ جا امڪان گهٽ نظر اچي رهيا آهن. ٻنهي ملڪن جي حڪمرانن جون پنهنجون ترجيحات آهن. واپار، ثقافت، ويزا ۽ راندين توڙي ٻين ڪجهه معاملن تي عملي پيش رفت جا امڪان آهن. جيتري قدر هن دوري جي ڪاميابي يا ناڪاميءَ جو سوال آهي تہ بنيادي اشوز تي ڪنهن ميجر بريڪ ٿرو ٿيڻ جو امڪان گهٽ آهي.

هن دوري کي هر ڌر پنهنجي سوچ ۽ انداز سان پيش ڪندي. ڪي حلقہ هن کي ناڪام سڏيندا تہ ڪي ڪامياب.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڄ صبح جو اُٿي اخبارون پڙهيم. ناشتي کانپوءِ وري سمهي پيس. ٿوري دير لاءِ ننڊ جو جهوٽو هٽي اٿيس ۽ تيار ٿي وراندي ۾ آيس ته صديقي، لالا دائود، زيدي، امداد ۽ هڪ همراه جيڪو مون کي نئون لڳو، ويٺا هئا. خير عافيت کان پوءِ پاڻ ئي ٻڌايائين ته ”آءُ روشن کوسو آهيان. مون ميرپور مان واٽيو اغوا ڪيو هو ۽ توهانجي ڪڙيو گهنور وٽان موهن مل کي به اغوا ڪيو هو.“ وڌيڪ ٻڌايائين ته ”مون تي 16 ڪيس هئا، ختم ٿي باقي هڪڙو بچيو آهي.“ چيائين ته ”اسان موهن کي اغوا ڪرڻ نه آيا هئاسين. اسان کي ڪٽڻو ڪنهن ٻي همراه کي هو. ان لاءِ هڪ ڏينهن پهرين به چڪر ڏئي ويا هئاسين. پر اهو همراه نه مليو. اسين آسرو لاهي واپس وياسين پئي ته موهن اسان کان متارا کان اوريان ڪراس ڪيو. اسان سان گڏ واري همراه ٻڌايو ته هي ان جو مائٽ آهي. اسان وري گاڏي واپس ورائي ۽ وادن جي ڳوٺ وٽان اچي موهن کي کنيوسين.“

آئون جڏهن کان جيل پهتو هئس، اڄ پهريون ڏينهن هو جو منهنجي ملاقات نه آئي هئي يا ائين ڪٿي چئجي ته ملاقات نه ٿي هئي. ائين به ٿيندو هو جو ملاقاتين کي ٻاهران ئي واپس ڪيو ويندو هو. وڌيڪ ملاقاتن تي جيل انتظاميا کي تڪليف ٿي پوندي هئي. اها ان کي پنهنجي لاءِ مسئلو سمجهندي آهي.

جيئن ئي آئون جيل آيو هئس ته سپرنٽينڊنٽ سرور جمالي مون کي چيو هو، ”هفتي ۾ اڏ ڪلاڪ جي هڪ ملاقات جي اجازت آهي. آئون توهان جي لاءِ ٻن ملاقاتن جي اجازت ڪري سگهان ٿو، هڪ گهر جي ماڻهن لاءِ ۽ هڪ ٻين ماڻهن لاءِ. اهي ڏينهن توهان پاڻ مقرر ڪري ڇڏيو.“ چيو مانس، ”اهو ٺيڪ آهي. ان کان سواءِ توهان جيڪي ملاقاتون ڪرائيندا اُهي منهنجي اڪائونٽ ۾ نه ايندبون.“

اُڻويهين صديءَ جي آخر ۾ جڏهن انگريزن هي جيل ٺهرايو هو، ته ان جي گنجائش 950 قيدين جي رکي وئي هئي. هن وقت ان جيل ۾ پنج هزارن کان وڌيڪ قيدي واڙيل آهن. جڏهن انگريزن هي جيل ٺاهيو هو، تڏهن ڪراچي شهر جي آبادي هڪ لک جي اندر هوندي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ورهاڱي وقت بہ شهر جي آبادي ٽن لکن جي لڳ پڳ هوندي ۽ هاڻي ڪراچي تقريباً هڪ ڪروڙ کان چڙهيل آهي. ڪراچيءَ جو جيل بہ ائين سٽيل آهي جيئن ڪراچيءَ جو شهر.

دائود خان رات جي ماني شام جو پنجين بجي کائي ڇڏيندو آهي. ذڪريا غني، بہ سج لهڻ کان پهرين ماني کائي ڇڏيندو هو ۽ رات جو سوپ سان گڏ سلاد کائيندو هو. اڄ رات جو ماني کانپوءِ مون، ذڪريا غني، دائود خان ۽ زيدي ڪچهري پئي ڪئي. موضوع جنرل پريز مشرف جو 16 جولاءِ تي ٿيندڙ هندستان جو دورو ۽ ان لاءِ بہ ڏينهن اڳي حڪومت جي سڏايل اي پي سي (آل پارٽيز ڪانفرنس) هئا. منهنجو خيال هو تہ ڪشمير اشو تي سڏايل اي پي سي جو مقصد يا ان جا اثر فقط ڪشمير جي معاملي تائين محدود نہ هوندا. پر اها اي پي سي حڪومت جي ڊگهي مدي واري حڪمت عملي جو هڪ حصو هوندي.

ڪٿي جو ان ڪانفرنس کي ڪشمير ايشو جو ڪور حاصل هوندو، پر ملڪ جي موجوده حالتن ۾ يعني اسيمبليون ٽوڙڻ، چيف ايگزيڪيوٽو جو صدر ٿيڻ ۽ جلد عام چونڊن جي روڊ ميپ ڏيڻ جي اعلان کانپوءِ هن آل پارٽيز ڪانفرنس جي حيثيت سياسي نقطہ نگاه کان قطعي مختلف ٿي وئي هئي. اهو اندازو اي پي سي سڏائڻ واري موجوده حڪومت کي بہ هو ۽ انهن ئي معروضي حالتن کي نظر ۾ رکندي مختلف سياسي پارٽين ۽ سياسي شخصيتن کي ان ڪانفرنس ۾ شرڪت جو سڏ ڏنو ويو هو. حڪومت بہ اهو سمجهيو ٿي تہ هن سڏايل ڪانفرنس جي ايجنڊا کان سواءِ ٻيا بہ گهڻائي رخ ۽ پاسا آهن.

منهنجو اهو مطلب نہ آهي تہ ڪو ان ڪانفرنس دوران ڪشمير معاملي کان سواءِ ٻين مسئلن تي بہ ڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿي هوندي. يقيناً ڪانفرنس جي ڪارروائي ايجنڊا تائين محدود هوندي. ساڳي طرح ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙ سياسي پارٽيون ۽ شخصيتون بہ چڱي طرح واقف هيون تہ هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جو مقصد يا ان جو تاثر، ان جي ڏنل ايجنڊا تائين محدود نہ رهندو.

حڪومت، پ پ پ ۽ مسلم ليگ 'ن' کان سواءِ ٻين سڀني پارٽين کي اي پي سي ۾ شرڪت ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي. اي- اين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پي، ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلامي اهڙيون پارٽيون آهن، جن جي ڪافي معاملن تي حڪومت سان محاذ آرائي هلندي پئي اچي. لڳي ٿو ته انهن پارٽين حڪومت سان پنهنجا اختلاف هڪ پاسي تي رکي ان جي دائمي حڪمت عملي جو حصو بنجڻ قبولي ورتو آهي. هن وقت حڪومت جا ڪرتاڌرتا ڪيترائي ڀيرا ان ڳالهه جو اظهار ڪري چڪا آهن ته بي نظير ڀٽو ۽ ميان نواز شريف کي ملڪ جي سياست کان ٻاهر رکيو ويندو. هن ڪانفرنس ۾ به اهائي صورتحال ڏسڻ ۾ آئي آهي.

30/6/2001

اڄ 11-30 بجي ڪمپيوٽر سينٽر ويس. پاڪستان جي ڪنهن جيل جي اندر ڪمپيوٽر سينٽر جو تصور به وڏي ڳالهه آهي. اسان جي ملڪ اندر جيل جي زندگي ٻي دنيا کان مختلف آهي. يورپ ۽ آمريڪا ۾ جيل خانا ڏوهارين لاءِ اصلاحي مرڪز هوندا آهن. نه ڪي هتي اسان وارن جيلن وانگر، جتي جيڪڏهن ڪو معصوم ڦاٿو ته اهو ننڍو ڏوهاري ٿي نڪرندو. ڪو ننڍو يا هلڪي ڦلڪي ڏوه ڪرڻ وارو جيل پهتو ته اهو وڏو ڏوهاري ٿي نڪرندو آهي. هتي جيلن ۾ ڪنهن غريب ۽ بي گناهه ماڻهو لاءِ حياتي گذارڻ انتهائي مشڪل آهي. هن لاءِ اها وڏي آزمائش آهي ته پنهنجو وقت باعزت طريقي سان گذاري ۽ جيل جي اندر ٿيندڙ منفي سرگرمين کان به پنهنجو پاڻ کي بچائي.

هن ملڪ ۾ ٻن قسمن جي ماڻهن لاءِ جيل آسان آهي. هڪ ته پئسي ۽ اثررسوخ وارو ماڻهو ۽ ٻيو ڏوهاري، جن جي ڏوهن جي دائري کان جيل جو اندريون ماحول به بچيل نه هوندو آهي. ٻاهر ماڻهو کي ائين محسوس ٿيندو آهي ته جيل جي اندر قيدين جا فقط ٻه ڪلاس آهن، جيئن جيل مينوئل ۾ ڏنل آهي. هڪ عام (Common) يعني سي ڪلاس ۽ ٻيو بهتر (Better) يعني اي ۽ بي ڪلاس. پر جيل جي اندر توهان کي قيدين جي زندگي گذارڻ جا ڪيترائي معيار ڏسڻ ۾ ايندا، جيڪي تمام هاءِ ڪلاس کان ويندي انتهائي هيٺ ۽ پست حالي تائين آهن. ان اعليٰ ۽ پست حال ڪلاس جي وچ ۾ زندگي جا ڪئين رنگ نظر ايندا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيلن جي اندر لاوارث ۽ غريب قيدين کي جيل انتظاميا طرفان جيڪو ڪاڏو ڏنو ويندو آهي، اهو جيل کان ٻاهر ڪنهن پينو فقير کي ڏجي ته ڪائڻ پري جي ڳالهه آهي، هو ان کي ڏسڻ به گوارا نه ڪندو. جيل جي سيني عام قيدين کي اهوئي ڪاڏو ڪائڻو پوندو آهي. سواءِ رعايتون مليل ڪلاس جي قيدين کي ۽ انهن وٽ ڪم ڪندڙ برداشتين يا ڪجهه ٻين قيدين جي، جيڪي پنهنجي سيڏي ساماڻ تي ماني ناهڻ يا نهرائڻ کي پهچي سگهندا آهن.

ڪراچي جيل جي قيدين ۾ وڏو تعداد اهو آهي جن کي سمهڻ لاءِ ٻن فوٽن جي جڳهه به نه ملندي آهي، جنهن تي هو ڪو پوٽڙو يا چادر ۽ ويهاڻو رکي سگهن. باريڪن جي وچ ۾ اگهاڙي فرش تي قيدين کي هڪ ٻئي جي پاسي کان سٽي سمهاريو ويندو آهي. ان ۾ قيدي کي ايتري جاءِ به نه هوندي آهي، جو هو سڌو سمهي سگهي! سپاهي هڪ قيدي کي پاسيرو سمهاري ان کي لت هڻي پريس ڪري ٻي قيدي کي ان جي پر ۾ پاسيرو سمهاريندا آهن. وري ان کي لتن سان پريس ڪندا، ائين پوري سٽي لڳندي آهي، جنهن کي جيل جي زبان ۾ ٽيپي چئبو آهي. پوري رات قيدي جو پاسو ورائڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. جيڪڏهن ڪو حاجت وغيره لاءِ اٿيو ته پوءِ سڄي رات بيهي گذاريندو. وري سمهڻ جي جڳهه نه ملندس.

جيل جي اندر قيد ڏوهارين جو ڪاروبار به اهڙوئي زور شور سان هلندو آهي، جهڙو ٻاهر. جيل ۾ اهڙا به ڏوهاري قيدي آهن، جيڪي هتي ايترو ڪمائن ٿا جو پنهنجي جيل جو خرچ ته ڪڍن ٿا پر ٻاهر به پئسا موڪلين ٿا.

حاجي ايوب آفريدي جيڪو چار سال آمريڪا جي مختلف جيلن ۾ گذاري آيو آهي، بي نظير جي ٻئي دور ۾ حڪومتي دباءُ سبب سڌو آمريڪا وڃي پنهنجو پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ رضاڪارانه پيش ڪيو. مٿس اُتي ڪورٽ ۾ ڪيس به هليو، سندس چوڻ آهي ته هن آمريڪين ۽ سندن جج کي چيو ته ”آئون بلڪل بي قصور آهيان، جيڪڏهن مون کي آمريڪا ۾ بي گناه ۽ غلط سزا ڏني وئي ته آئون پاڪستان ۾ آمريڪين جو ٻچو به زنده نه ڇڏيندس ۽ هتان وينـي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آمريڪي سفارتخانو ۾ سان اڏائيندس.“ آخرڪار ڪيس واپس پاڪستان موڪليو ويو. ان ڪانپوءِ يڪو هتي قيد آهي.

حاجي ايوب آمريڪا جي جيلن بابت ٻڌايو، ته اُتي حڪومت طرفان سڀني قيدين لاءِ هڪجهڙو ڪاڏو هوندو آهي. گهٽو ڪري رهائش به سڀني کي هڪجهڙي ڏيندا آهن. اتي سڀني قيدين کي بسترو يا بيڊ ڏنل هوندو آهي. جيل بند ٿيڻ جو وقت فقط سمهڻ وارو ٽائيم هوندو آهي. رات جو 00-11 بجي جيل بند ڪندا ۽ صبح جو پنجين ڇهين بجي کوليندا، ان کان سواءِ هر وقت جيل کليل هوندو آهي. جيلن جي اندر سپر اسٽور، ريسٽورنٽ ۽ فاسٽ فوڊ سينٽر عام آهن، جيڪي جيل بند ٿيڻ تائين کليل رهندا آهن. جيڪڏهن ڪو قيدي جيل جي ماني نه کائڻ چاهي ته هوٽل تان جيڪو وٽيس اهو پنهنجي پسند تي خريد ڪري کائي سگهي ٿو.

حاجي ايوب جو چوڻ آهي، ته جيل جي ماني ايترو ته صحيح ۽ سٺي هوندي هئي جو ريسٽورنٽ ۾ کائڻ جي ضرورت ئي محسوس نه ٿيندي هئي. البت ائين شوق ۽ ذائقي بدلائڻ خاطر، ڪنهن مهل ٻاهرين ماني کائي وٺبي هئي. هن ٻڌايو، ته جيل جي اندر مختلف جڳهين تي ڪيترائي ٽيليفون بوٿ ٺهيل هوندا آهن. انهن تي سڪن يا ڪارڊن ذريعي قيدي ملڪ اندر يا ٻاهر پوري دنيا سان رابطو ڪري ڳالهائي سگهن ٿا. جيل بند ٿيڻ تائين پنهنجي وڪيل، گهر يا ٻئي ڪنهن سان فون جي ذريعي ڪنهن به وقت رابطو ڪرڻ ۾ توهان کي ڪوبه مسئلو نه ٿيندو. آمريڪا جي جيل اندر مختلف راندين جا پلي گرائونڊ، ٽي وي لائونجز، ڪمپيوٽر ۽ ٻيا تربيتي مرڪز عام جام موجود هوندا آهن. اُتي جيل جو تصور ڪنهن عام قيدي جي لاءِ به ڪو خوفناڪ ۽ پوائنٽ نه هوندو آهي. سڀني قيدين کي ملاقات لاءِ هڪجهڙيون سهوليتون ميسر هونديون آهن. مطلب ته جيل انتظاميا طرفان سڀني قيدين کي برابر سهوليتون مليل هونديون آهن. سواءِ ان جي ته فون، سپر اسٽورن يا ريسٽورنٽ تي ڪنهن قيدي جي جيتري پڇ هجي اوترو خرچ ڪري ٿو.

سو مون به جڏهن ٻڌو ته ڪراچي جيل ۾ ڪمپيوٽر سينٽر آهي، ته ڪنهن حد تائين مون کي حيرانگي ٿي هئي. اهو سينٽر 1998ع ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صوبائي وزير تعليم قاضي خالد علي جي ڪوشش سان ٺهيو هو. ان ڪمپيوٽر سينٽر ٺاهڻ ۾ جيل ڊپارٽمينٽ جو ڪوبہ خرچ نہ هو، اهو مختلف سرڪاري ۽ نجي ادارن ۽ سرنديءَ وارن ماڻهن جي مالي مدد سان قائم ڪيو ويو هو. جيل جو اهو ڪمپيوٽر سينٽر هڪ وچولي هال تي مشتمل آهي، جنهن ۾ 6 ڪمپيوٽر رکيل آهن، پرنٽر بہ آهي ۽ بہ اي-سي بہ لڳل آهن. سينٽر ۾ ڪمپيوٽر چاٽنڊڙ قيدين کي استاد ڪري رکيو ويو آهي. مون کي لڳو تہ ٿورو بہ تعليم يافتہ قيدين جي سکڻ ۽ وندر لاءِ هي جڳهہ موزون آهي.

2/7/2001 Monday

ڪراچي ڊويزن ۽ ٻين صوبن جي جن بہ ضلعن ۾ بلدياتي اليڪشن ٿي رهي هئي، اُتي اڄ موڪل ڪئي وئي هئي. ڪراچيءَ ۾ موڪل جي ڪري اڄ جيل جي بہ ڇُٽي هئي. موڪل وارن ڏينهن ۾ ملاقات بند هئڻ کان سواءِ جيل ۾ ٻيو ڪو بہ فرق نہ ايندو آهي. جيل ۾ هيٺئين اسٽاف لاءِ موڪل جهڙوڪر ٿئي ئي ڪونہ، سپاهين کي تہ عيد تي بہ موڪل ڪونہ ملي. ڪين مرڻي پرڻي، ڪڏهن موڪل ملي تہ بہ وڏي ڳالهہ آهي.

اڄ موڪل جي ڪري بہ ملاقات اچڻي ڪونہ هئي. رڳو ڪچهريون پئي هليون. ڪچهري جو موضوع ڪراچي جون چونڊون هيون تہ انهن ۾ ڇا ٿيندو؟ ڇا ٿيڻ جو مطلب اهو هوندو آهي تہ ڪير ڪٽندو ۽ ڪير هارائيندو پر ان ڳالهہ سان ڪنهن جي دلچسپي ڪونہ هئي. ايم ڪيو ايم جي بائيڪاٽ ڪرڻ سبب بحث اهو هو تہ ماڻهو ووٽ ڏيڻ لاءِ گهرن کان ٻاهر نڪرندا يا نہ!

شهر ۾ تمام گهڻو خوف ۽ هراس پکڙيل هو. اليڪشن ۾ هنگاما ٿيندا يا ماراماري ٿيندي! ڪيترو سيڪڙو ووٽ ڪاسٽ ٿيندا. خطرناڪ صورتحال تہ پيدا نہ ٿيندي...؟ ان متعلق هر ڪنهن جو پنهنجو موقف ۽ خيال هو.

اڄ صبح کان موسم بہ ڏاڍي سٺي هئي. اسان جو 15 نمبر واردِ هڪ ڪمري تي مشتمل آهي، جنهن کي کولي بہ چئجي ٿو. اهو نہ ڪو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گهڻو وڏو آهي، نہ ننڍو. منهنجي اندازي ۾ ڪمري جي ويڪر 12-13 فوٽ ۽ ڊيگهہ 15-16 فوٽ ٿيندي. ان ۾ اسان جون چار ڪٽون پيل آهن. هڪ ڪنڊ ڪان منهنجي ڪٽ لڳل آهي. ان جي پاسي واري ڪُنڊ ۾ سيٽ ذڪريا غني جي ڪٽ ۽ وچ ۾ چار پنج فوٽن جي خالي جڳهہ آهي. ڪٽن جي وچ ۾ پوئين پاسي واري ديوار جي اندر تختن وارا ٻہ خانا ٺهيل آهن. ٻنهي خانن جي منهنجي پاسي واري اڌ تائين منهنجو سامان ۽ ٻئي اڌ ۾ ذڪريا جو سامان رکيل آهي ۽ خانن جي مٿان اوتري ئي سائيز جي محراب نما وڏي دري آهي. اها دري بورچيخاني طرف کلندي آهي. منهنجي پيراندي کان فوٽ ڏيڍ ڇڏي دائود خان جي ڪٽ آهي. ذڪريا غني جي پيراندي ۽ کان ڪمري جو دروازو آهي، جنهن کي فقط ڇاري ۽ جو هلڪو در لڳل آهي. ان جي پاسي کان زيدي جي ڪٽ آهي، جنهن جي پيراندي دائود خان جي ڪٽ طرف ٿئي ٿي. دائود خان ۽ زيدي ۽ جي ڪٽن جي وچ واري پٽ مان باٿ روم جو دروازو آهي. زيدي جي پيراندي باٿ روم جي اڌ دروازي اڳيان آهي. ڪمري جي اڳيان، غسلخاني واري جاءِ ڇڏي پاسي کان انگريزي اکر ايل (L) جي شڪل وانگر 6 فوٽ ويڪرو ورانڊو آهي، جنهن جي ساڄي طرف بورچيخانو آهي. ورانڊي کي ٽي محراب نما ڪليل در آهن، جن کي ٽلهيون لوهي سيخون لڳل آهن. انهن مان وچ واري محراب تي سيخن جو ٺهيل مضبوط دروازو چڙهيل آهي.

رڌڻي جي سامهون دروازو آهي ۽ ورانڊي جي ڪٻي پاسي کان محرابي شڪل ۾ لوهي سيخن جي ڇاري آهي. رات جو 8-00 بجي جيل بند ٿيڻ وقت اسان جو ڪمرو بند نہ ٿيندو آهي، پر ورانڊي کان ۽ ڪچن جي اڳيان لوهي سيخن جي ڇاري ۽ وارا دروازا بند ڪيا ويندا آهن. جنهن ڪري اسان کي رات جي وقت ورانڊو ڪليل ملندو آهي ۽ ڪچن ٻہ. ورانڊي جي اڳيان ۽ ڪٻي پاسي کان 15-20 فوٽن تائين ڪليل جڳهہ آهي جتان وارڊ جي اوچي ديوار آهي. ورانڊي جي اڳيان واري ڪليل جاءِ ۾ پڪو پيرانگهو ٺهيل آهي. ان کان سواءِ وڻ، ننڍا ٻوٽا ۽ وليون آهن. جن گرلن (لوهي سيخن جي ڇارين) تي چڙهي انهن کي ساوڪ سان ڍڪي ڇڏيو آهي. هوا جي صحيح گذر لاءِ ٻوٽن ۽ ولين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ڪٽائي ضروري ٿي پئي آهي. وراندي ۽ ڪمري جي فرش تي سليٽي (Gray) رنگ جي ٽائيل لڳل آهي. وراندي کان هيٺ سيڙهين جا ڏاڪا ۽ پيرانگهو ناسي ٽائيل سان ٺهيل آهي. اهو پيرانگهو وراندي جي گرل واري در کان وٺي وارڊ جي دروزاي تائين ڪبي هٿ تي ترچو ٺهيل آهي ۽ ٻنهي پاسن کان ٻوٽا لڳل اٿس.

وارڊ جي ديوار سان ڪياري ٺهيل آهي، جنهن ۾ مختلف قسم جا ٻوٽا ۽ سايون وليون لڳل آهن، جن پوري پٽ کي ڀري سائو ڪري ڇڏيو آهي. ڪن هنڌان وليون ايتريون ته مٿي چڙهي ويون آهن جو انهن ديوار جي مٿان لڳايل بجليءَ جي تارن کي به وڪوڙي ورتو آهي جنهن ڪري برسات جي موسم ۾ ڪرنٽ هيٺ لهڻ جو خطرو رهندو آهي. اهي وليون ڪٽائڻ لاءِ مقدم کي ٽي ڀيرا چوڻ جي باوجود اڃا تائين ڪو تدارڪ نه ڪيو ويو آهي. آئون وراندي جي ڪنڊ تي جتي ٻنهي پاسي وارين گرلن تي ولين ۽ ٻوٽن جو گهيرو هو، موسم جو مزو وٺي رهيو هوس. وراندي ۾ مٿي ڇت وارا پکا به لڳل آهن.

اڄ هلڪي بوند به پئي وٺي. اڄ اسان جو وارڊ بلڪل هڪ هٿ يا ڪاٽيج وانگر لڳي رهيو آهي. جيڪڏهن موسم جهڙالي ۽ بونداباندي واري هجي ته وارڊ ۾ گهٽي ساوڪ سبب ائين لڳندو آهي جڙ ماڻهو مريءَ جي ڪنهن هٿ ۾ ويٺو هجي. ٿوري دير ۾ دائود خان اچي ٻاهر ويٺو. دائود خان ۽ آئون ٻئي هنڌي وال هئڻ سان گڏ هڪ ٻئي جو احترام به ڪندا آهيون. دائود خان اسان سان عوامي نيشنل پارٽي ۾ گڏ هو. مون ۽ بابا شهيد فاضل راهو سان سندس صرف پارٽي وارو تعلق نه هو، پر پارٽي تعلق کان هٽي ڪري بابا شهيد سان سندس پراڻو ذاتي تعلق به رهيو آهي. هو حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ بابا ۽ ادا صديق مرحوم جو هنڌيوال به رهي چڪو آهي. منهنجي سائس پهرين ملاقات 1982ع ۾ ٿي جڏهن بابا مونکي ادا صديق جي شاديءَ جو ڪارڊ ڏيڻ لاءِ سندس گاڏي کاتي واري جڳهه تي موڪليو هو.

ٿوريءَ دير ۾ فضل الله صديقي آيو. چيائين، ”سائين اڄ ته جهڙا مريءَ ۾ ويٺا آهيو. واه جي جڳهه هٿ ڪئي اٿو.“ مون کيس چيو، ”اها آئون توهان کي لکي ٿو ڏيان، پوءِ ان جا هميشه لاءِ ويٺا مزا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وٺجو.“ ڪلندي چيائين، ”سائين! ان کان الله بچائي.“

موسم ايترو خوشگوار هئي جو پڪي جي هوا به ٿڌي پئي لڳي. مون برادشتي فياض کي سڏي چيو ته پڪو بند ڪري ڇڏ. وراندي ۾ به چٽ وارا پڪا لڳل آهن. ٽيون پڪو اندرين ڪنڊ تي پٽ ۾ لڳل آهي. اهو ذڪريا غني لڳرايو هو، جو وراندي جي ان ڪنڊ ۾ سندس ليپ ٽاپ ڪمپيوٽر ۽ هيٺ فرش تي پلاسٽڪ وڇايل آهي. جنهن تي مصلو وڇائي نماز پڙهي ويندي آهي يا تلاوت ڪئي ويندي آهي. هيٺ ويهي عبادت ڪندڙ يا ڪرسين تي ويهي ڪمپيوٽر هلائيندڙ دوست پٽ واري پڪي کي پنهنجي ضرورت موجب ڦيرائيندا رهندا آهن. وراندي جي اها ڪنڊ گهڻو ڪري عبادت ۽ ڪمپيوٽر لاءِ مخصوص ٿيل آهي. ڪڏهن مهمان وڌيڪ ٿي ويندا آهن ته ان ڪنڊ ۾ به ڪرسيون لڳائيندا آهيون.

ذڪريا غني وٽ ڪمپيوٽر ۽ پرنٽر ٻئي هئا. ٻڌايائين ته پهريائين اسڪينر به هو، پر مون اهو واپس گهر موڪلي ڇڏيو، جو مون کي چيو ويو هو ته جڏهن گهر ويندين ته جيل جو سامان هتي ئي ڇڏي ويندين. چيائين، ”آئون اڳ ۾ ئي جيل کي به ڪمپيوٽر ڏئي چڪو آهيان. تڏهن مون کي هي هڪ رکڻ ڏنو اٿن.“

ذڪريا غني عبادت گذار پر پنهنجي ڪم سان ڪم رکندڙ ماڻهو آهي. باقي ماڻهن سان مڙيئي گهٽ پوندي اٿس. سندس سؤٽ رزاق دائود موجوده حڪومت ۾ وفاقي وزير آهي. سندس بقول ته جنرل پريز مشرف هن جو ڪلاس ميٽ رهيو آهي. ٻڌايائين ته ”12 آڪٽوبر 1999ع کان ڪجهه ڏينهن اڳ جنرل صاحب مون کي فون ڪري چيو هو ته فڪر نه ڪر تنهنجو مسئلو هاڻ جلد حل ٿي ويندو.“

مون کيس چيو ته ”جنرل تنهنجو اهڙو مسئلو حل ڪيو آهي جو پڪو اندر پيو آهين.“ ذڪريا غني 16 سال سوني ڪمپني جو پاڪستان ۾ مالڪ رهيو آهي. هن وٽ ڪاواساڪي ڪمپني، ٽيڪسٽائيل مل ۽ ٻيون فيڪٽريون به هيون. پر چوي ٿو، ته اڳئين حڪومت منهنجو سڀ ڪجهه تباهه ڪري ڇڏيو. مٿس جن بئنڪن جو قرض آهي انهن سان سندس معاملا طئ ٿيندي 7 مهينا گذري چڪا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهن پر پاڻ ۽ سندس 75 سالن جو سهرو گذريل ڏيڍ سال کان اندر پيا آهن. سندس سهري جو قصور اهو آهي ته هن ان جو نالو پنهنجي ڪمپني ۾ ڊائريڪٽر طور شامل ڪري ڇڏيو هو.

ذڪريا جو چوڻ آهي ته سندس مسئلو حل ٿي چڪو آهي. چند ڏينهن اندر هو ٻاهر هليو ويندو. ڪمپيوٽر جو اڌ سامان به ان ڪري ئي ٻاهر موڪلي ڇڏيو اٿس ته جيئن آزاد ٿي ٻاهر نڪرڻ جي صورت ۾ جيل وارا اهو هڙپ نه ڪري وڃن. پر هتي ڪن همراهن کان مون اهو به ٻڌو آهي ته سندس ”اڄ سيان“ وارو نڪرڻ جو قصو اڄ ڪله کان نه پر ڪافي عرصي کان هلي رهيو آهي.

3/7/2001

صغير شيخ دارالقرآن ۾ ڪم ڪندو آهي. ان جو اسان جي وارڊ ۾ گهڻو اچڻ وڃڻ هوندو آهي. ذڪريا سان سندس ويجهو تعلق آهي. اڪثر مون کي دارالقرآن اچڻ جي دعوت ڏيندو رهندو آهي.

اڄ صبح جو آئون ۽ صديقي گڏجي دارالقرآن وياسين. اتي تقريباً 300 کن قيدي آهن، جيڪي قرآن پاڪ جو درس حاصل ڪن ٿا. جيل ۾ وڏي باجماعت نماز اتي ئي ٿيندي آهي. اڪثر واردن ۾ قيدين نماز لاءِ پنهنجون الڳ جڳهيون مخصوص ڪري ڇڏيون آهن. جتي ان وارڊ جا قيدي گڏجي نماز پڙهندا آهن. البت جمعي جي ڏينهن سڀني نمازين جي ڪوشش هوندي آهي ته دارالقرآن ۾ باجماعت نماز پڙهن. جيڪي قيدي دارالقرآن ۾ قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪن ٿا، اهي سڀ ان ۾ ئي رهندا آهن. درالقرآن جو انتظام هڪ ٽرسٽ هلائي ٿو جيڪو هڪ ئي خاندان جي فردن تي مشتمل آهي. اُتي رهندڙن جا ڪپڙا، ٽيئي وقت ماني، دوائون، چانهه، کير وغيره ۽ جيڪي اُستاد ٻاهران اچي پڙهائيندا آهن انهن جو پگهار۔ مطلب ته سڄو خرچ اهو ٽرسٽ برداشت ڪندو آهي. اهو ڄڻ هن جيل جي اندر هڪ الڳ جيل آهي ان جو پنهنجو الڳ نظام آهي جيڪو اُتي پڙهندڙ قيدي هلائين ٿا. جيل انتظاميا جو ڪم صرف انهن کي شام جو بند ڪرڻ ۽ صبح جو کولڻ تائين محدود آهي. دارالقرآن ۾ ڪنهن قيدي کي داخل ڪرڻ يا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خارج ڪرڻ ان جي انچارج جو ڪم آهي. پر ان ۾ جيل انتظاميه جي اجازت لازمي هوندي آهي.

دارالقرآن مان ٿي وارڊ تي پهتس ته ملاقات جي پرچي آئي. ماڙيءَ تي اسلم، شاهنواز، انور شاهه، ابوبڪر ۽ عبدالله آيل هئا. ملاقات ڪانپوءِ واپس اچي سمهي رهيس. 00-4 بجي ڌاري برداشتي ننڊ مان اٿاريو ته توهان جي ملاقات آئي آهي. ماڙيءَ تي، ڊاڪٽر خليل ۽ جمالي آيل هئا. جمالي پاڻ سان گڏ سامان به کڻي آيو هو. ٻڌايائين ته سامان ۾ موبائل جو چارجر به اچي ويو آهي. سپاهي پڇن پيا ته اهو ڪيئن آيو آهي؟ خان محمد مهر ٻڌايو، ته حسن سهتو جيلر ۽ پيا توهان جي ڪمري جي تلاشي وٺڻ ويا آهن. آئون سپرينٽينڊنٽ جي آفيس ۾ ويس. مون کي چيائين، ”توهان جي سامان ۾ موبائل چارجر آيو آهي. ان جو مطلب ته توهان وٽ موبائل فون به آهي؟“ چيومانس، ”چارجر غلطي ۾ به اچي سگهي ٿو. ڪنهن ٻار هيڏانهن اچڻ واري سامان سان گڏي چڏيو هوندو.“ بهرحال مون وٽ موبائل فون نه آهي. چيائين، ”توهان جو سامان سرچ ٿيندو. توهان جي سامان جي تلاشي ٿيندي.“ مون چيو، ”خوشي سان!“ اسان اجا اتي ئي ويٺا هئاسين ته سهتو جيلر سپرنٽينڊنٽ وٽ آيو. هن کان اشاري ۾ پڇيائين ته چا ٿيو؟ جيلر وراڻيو سائين ڪجهه به نه مليو. آئون واپس پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيس. منهنجي هنڌيوالن ٻڌايو ته جيل انتظاميا سخت جهڙتي ورتي، پورو سامان هيٺ مٿي ڪري چڏيائون. منهنجي هنڌيوالن جي به جامع تلاشي ورتي وئي. هن جو چوڻ هو ته سندن وارڊ ۾ اڳي ڪڏهن به اهڙي تلاشي نه ٿي آهي.

9-00 بجي رات جو اجا وارڊ بند ٿئي ڪجهه دير ئي مس ٿي هئي ته وري دروازو کولڻ جو آواز آيو. سپاهي شبير اندر آيو چيائين توهان ٿوريءَ دير لاءِ ٻاهر اچو. آئون وارڊ کان ٻاهر ويس ته خان محمد مهر بيٺل هو، اهو اڄ شام جو اسپتال ويل هو، جتان هاڻ واپس آيو هو. 15-20 منٽ ٻاهر بيٺي ڳالهائيندا رهياسين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪلھ رات جو 00-11 بجي ڏاري ماني وغيره کائي اسان گپ شپ ڪري رهيا هئاسين تہ وري واردِ واري ٻاهرئين دروازي ڪُلڻ جو آواز آيو. دراني جيلر ۽ ڪجھ ٻيا اسٽاف وارا لوهي سيخن وارو دروازو کولي اندر آيا. دراني اچي ٻڌايو تہ ”توهان جي والده جو انتقال ٿي ويو آهي. توهان پئرول جي درخواست ناهي ڏيو. توهان صبح جو 00-5 بجي ويندا ۽ وري شام جو واپسي آهي.“

ذڪريا اُتي ئي ڪمپيوٽر تي درخواست تيار ڪرڻ لڳو. دُراني ۽ حوالدار ۽ سپاهي کي اتي ڇڏي چيو تہ درخواست هن جي هٿ موڪلي ڏيو. آئون وري موتي اچان ٿو. ذڪريا درخواست ناهي ۽ مون صحيح ڪري موڪلي ڏني.

30-12 ڏاري وري دروازو کليو، امداد مرزا جيلر ۽ دراني آيا. چيائون، توهان ماڙيءَ تي هلو، توهان جو پاءُ آيو آهي. ماڙي تي اسلم وينل هو. صبح جو تدفين وغيره بابت صلاح مصلحت ڪئيسون. منهنجو صبح جو ستين بجي نڪرڻ جو پروگرام ٺهيو.

مون اسلم کي چيو، توهان هينئر ئي ڳوٺ هليا وڃو. آئون واپس ڪمري تي آيس تہ مون وارا هنديوال دوست اچا جاڳيا پئي. ڪين چيم، توهان پلي آرام ڪريو.

آئون صبح جو پنجين بجي کان ئي تيار هئس. 30-6 بجي ڏاري دراني جيلر ۽ ٻيا آيا. دراني ۽ چيو، ”توهان تيار ٿي وڃو. مون فون ڪئي آهي گارد پهچڻ وارو آهي.“ ان دوران خان محمد بہ آيو. گارد اچڻ جي اطلاع کان پوءِ اسان ماڙيءَ تي پهتاسين ۽ 30-7 بجي ڳوٺ لاءِ نڪتاسين. ڪورٽ پوليس جي ٽيم انسپيڪٽر لياقت ڪٽياڻ جي اڳواڻيءَ ۾ هئي. ٻاهر نڪتس تہ شاهنواز راجپر ۽ ڏيال آيل هئا. ڏيال پنهنجي گاڏي ڪٽي آيو هو. ڪورٽ پوليس جي موبائل کان علاوه ٻي گاڏي سائوٽ پوليس جي هئي. مونکي انسپيڪٽر چيو تہ توهان کي هتان موبائل ۾ ويهڻو پوندو. شهر مان نڪري پوءِ ٻي گاڏي ۾ ويهنداسين. آئون ۽ شاهنواز ڪورٽ پوليس جي موبائل ۾ پويان ويٺاسين.

گهگهر ڦاٽڪ وٽ پهچي گاڏيون بيٺيون آئون ۽ انسپيڪٽر، ڏيال

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

واري گاڏيءَ ۾ ويٺاسين. تقريباً 30-10 بجي راهوڪي پهتاسين. سينٽرل جيل کان وٺي راهوڪي تائين پوليس جي گاڏين جو ڪنٽرول سان رابطو هو ان وچ ۾ هر ٽاٽي ۽ ضلعي جي پوليس موبائل سندن حد پار ڪرڻ تائين اسان سان گڏ هلندي ٿي رهي. انسپيڪٽر لياقت ڪٽياڻ اصل خيرپورناٿن شاهه جو ۽ امداد ڪٽياڻ جو پائٽيو آهي.

تدفين ڪانپوءِ تڏي تي ڳوٺ جي ماڻهن ۽ ٻين ڪافي دوستن سان ملاقات ٿي. گرفتاري ڪانپوءِ آئون پهريون ڀيرو پوليس جي پهري ۾ ڳوٺ آيو هئس. اسان راهوڪيءَ مان 30-6 بجي نڪتاسين. ٺٽي جي باءِ پاس واري پمپ جي هوٽل تي ويٺاسين. چانهن وغيره لاءِ لهي هوٽل جي ڪٽن تي ويٺاسين. ته ٺٽي واري پوليس موبائل جو اي ايس آءِ مون سان اچي مليو. ٻڌايائين ته ٺٽي جو سرڪي آهيان. پڇيومانس، ”مصطفيٰ جو ڇا ٿئين؟“ چيائين، سؤٽ آهيان. اُتي مشتاق نظاماڻي ۽ ڊاڪٽر خليل به اسان سان اچي گڏيا ۽ حال احول ڪيائون. تقريباً 30-10 بجي رات جو سينٽرل جيل ڪراچي پهتاسين. ماڙيءَ مان لياقت ڪٽياڻ موڪلايو. آئون ماڙيءَ ۾ ئي ويٺو هوس، ته جيلر رزاق عباسي آيو ۽ مون سان وارڊ تائين گڏجي هليو.

ماسي لال ٻائي منهنجي ويڳي ماءُ هئي ۽ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڪراچي جي هن ئي جيل ۾ قيد رهي هئي. تڏهن آئون پاڻ سنڌياڻي تحريڪ جي گرفتار عورتن سان ملاقات لاءِ به ڀيرا هن جيل ۾ آيو هئس. جيل انتظاميا اسان کي ساڻن اندر ليڊيز وارڊ ۾ ئي ملاقات ڪرائي هئي. مونکي اها خبر ناهي ته ان وقت ليڊيز وارڊ جي هر ملاقات وارڊ جي اندر ئي ڪرائي ويندي هئي يا هن جي سياسي قيديائيون هئڻ، ۽ اهي به گهٽي تعداد ۾ هجڻ ڪري اسان کي وارڊ اندر ئي ساڻن ملاقات ڪرائي ويندي هئي. پر مون کي اهو ياد آهي ته آئون ملاقات ڪرڻ لاءِ وارڊ جي اندر آيو هئس. جتي ماسي لال ٻائي سان گڏ پڦي مريم، منهنجون ڀيرون شهربانو ۽ حسنه، پڦي غلام فاطمه پليجو، ستو لانگاه، شريفان سمون، ڪلثوم ڪيڙانو، چاچي شريفان ۽ ٻيون ڪيتريون ئي سنڌياڻي تحريڪ جون ڪارڪن عورتون هن جيل ۾ قيد ڪيون ويون هيون. انهن سڀني کي گرفتاري ڏيارڻ واري پروگرام ۾ آئون به شامل هئس.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌياٽي تحريڪ جي انهن سيني عورتن جون گرفتاريون حيدرآباد مان ٿيون هيون، پر جيئن ته عورتن لاءِ جيل فقط ڪراچيءَ ۾ هو، ان ڪري انهن سيني کي هتي آندو ويو هو.

تحريڪ دوران سنڌ جي مختلف حصن مان سنڌياٽي تحريڪ جون سرگرم ڪارڪن عورتون گرفتاري ڏيڻ لاءِ حيدرآباد پهچنديون هيون. پارٽيءَ جو فيصلو هو ته سنڌياٽي تحريڪ جون رضاڪارانه گرفتاريون فقط حيدراباد مان ڏياريون ويندیون. سنڌياٽي تحريڪ جون اهي ڪارڪن عورتون حيدرآباد پهچنديون هيون ته انهن کي ڪنهن محفوظ جڳهه تي پهچائڻ، انهن جي رهائش ۽ جيل جي ضرورتن وغيره جو بندوبست ڪرڻ ۽ سندن گرفتاري لاءِ مقرر ڪيل ڏينهن ۽ جڳهه تان انهن جي گرفتاري عمل ۾ آڻائڻ، اهو سڄو ڪم منهنجي سپرد هو، جيڪو آئون پارٽيءَ جي ڪن سينيئر ساٿين سان رابطي ۽ مشوري سان ڪندو هوس. اهڙيءَ طرح آئون سنڌياٽي تحريڪ ۽ پارٽي جي وچ ۾ رابطي جو ڪم ڪندو هوس.

شروعات ۾ سنڌياٽي تحريڪ جي ٻاهران ايندڙ ساٿي عورتن کي اسان جي ملت اسلاميا ڪالوني واري گهر ۽ پناهه ڪالونيءَ ۾ ماسي زرينه جي گهر تي رهائيندا هئاسين، پر پوليس جا چاپا لڳڻ سبب اُنتي رهائڻ بند ڪيوسين جو پارٽي طرفان طئ اهو ٿيل هو ته چاپن ۾ گرفتاريون ٿيڻ نه کپن ۽ اهو ته گرفتاريون فقط رٿيل پروگرام موجب مقرر ڪيل جاءِ تان ٿيڻ کپن. ڪوشش اها ڪئي ويندي هئي ته گرفتاري ڏيڻ واري جاءِ جي انتظاميا کي اڳواٽ ڪُڙڪَ به نه پوي، پر ڪڏهن ڪڏهن اهو ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو هو. فوج، پوليس ۽ ٻين ايجنسين جا اهلڪار حيدرآباد جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ پيا نوس نوس ڪندا هئا.

1983ع جي ايم آر ڊي تحريڪ دوران سنڌ اندر حيدرآباد کي هڪ مرڪز واري حيثيت حاصل هئي. بجا طور تي سنڌ جي گهڻن ئي علائقن يعني نوابشاهه، دادو، ميهڙ، سڪرنڊ، بدين وغيره ۾ تحريڪ جو اڀار تمام مٿي کڄي ويو هو. ڪجهه علائقن ۾ تحريڪ پُرتشدد شڪل اختيار ڪري ورتي هئي. بين الاقوامي ميڊيا انهن واقعن کي زور شور

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سان نشر ڪري رهيو هو ۽ ان ۾ سنڌ جي ماڻهن جي جدوجهد ۽ جذبن جي عڪاسي ٿي رهي هئي. سنڌ جي ماڻهن جون محروميون، بي وسيون، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ فوجي آمريت خلاف ويڙهه جي انهن واقعن جي شڪل ۾ ظاهر ٿي رهيا هئا، جن کي ڪنٽرول ڪرڻ جنرل ضياءَ جي حڪومت ۽ ڪنهن حد تائين جدوجهد ۾ شامل سياسي پارٽين جي وس کان نڪري چڪو هو.

ايم آر ڊي تحريڪ جو هي پروگرام فقط رضاڪارانه گرفتاريون ڏيارڻ جو هو، جنهن کي تسلسل سان جاري رکڻو هو ۽ اهو حيدرآباد جو شهر ئي هو جنهن آخر تائين ان تسلسل کي برقرار رکيو. سيپٽمبر 1983ع جي طوفاني برساتن تحريڪ جو زور ڪجهه وقت لاءِ جهڪو ڪري ڇڏيو هو. ان وقت سنڌ جي ڪن علائقن ۾ فوجي ڏاڍ خلاف جنگ جهڙن معرڪن کان پوءِ آيل ٽڏائي جي اثر کي زائل ڪرڻ ۾ حيدرآباد شهر جي پُرامن، باضابطه ۽ تسلسل سان هلندڙ تحريڪ جو وڏو ڪردار هو.

سيپٽمبر 1983ع ۾ جڏهن پارٽي طرفان سنڌياڻي تحريڪ پاران گرفتاريون ڏيارڻ جو فيصلو ڪيو ويو تہ شهيد (بابا) جيل مان هدايت ڏياري موڪلي تہ سنڌياڻي تحريڪ جي گرفتارين جي شروعات منهنجي گهران ۽ پليجي صاحب جي گهران ٿيندي. پروگرام طئي اهو ٿيو تہ روزانو سنڌياڻي تحريڪ جون ٻہ ڪارڪن گرفتاري ڏيندیون ۽ ڪجهه ٻيون عورتون انهن سان گڏ هونديون تہ جيئن گرفتاري وقت مظاهرو ۽ نعريبازي بہ ٿئي. سنڌياڻي تحريڪ پاران پهرين گرفتاري ڏيڻ لاءِ گاڏي ڪاتي جي ڪوهه نور سئنيما چوڪ جي چونڊ ڪئي وئي هئي.

پهرئين ڏينهن گرفتاري ڏيندڙ عورتن کان سواءِ 100 کن ٻيون عورتون بہ گڏ ٿيون هيون. انهن جي حفاظت لاءِ سنڌي شاگرد تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ جي ڪارڪن جو وڏو انگ گڏ موجود هو. مظاهرو شروع ٿيڻ شرط عورتن قطار ناهي روڊ بند ڪري ڇڏيو. انهن جي پويان سنڌي شاگرد تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ جا ڪارڪن قطار ٻڌي بيٺا، جنهن ڪري روڊ بلاڪ ٿي ويو ۽ ٿوري دير ۾ وڏو مجمعو گڏ ٿي ويو. حيدرآباد جي فوجي ۽ سول انتظاميا ان صورتحال لاءِ بلڪل تيار نہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئي. ان وقت حيدرآباد ۾ عوامي تحريڪ ۽ پيپلز پارٽي جي مرد ڪارڪن پاران رضاڪارانہ گرفتارين جو سلسلو هلندڙ هو. انتظاميا ان لاءِ تيار هوندي هئي تہ ڪنهن بہ وقت شهر ۾ ڪٿان ڪي مرد هار پائي ضيائي آمريت خلاف نعرا هڻندا رستي تي نڪري ايندا. ان صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ انتظاميا طرفان شهر جي مُک رستن کان علاوه ننڍن رستن ۽ گهٽين ۾ بہ فوجي ۽ پوليس اهلڪارن جو گشت هوندو هو. هر ننڍي وڏي چوڪ تي پوليس ۽ فوجي اهلڪارن جا جٿا الرٽ هوندا هئا. انتظاميا مطمئن هئي تہ صورتحال ان جي ڪنٽرول ۾ آهي.

ان ماحول ۾ عورتن جي اچانڪ مظاهري انتظاميا جون وايون بتال ڪري ڇڏيون. هڪدم وڏي تعداد ۾ فوج، پوليس ۽ انتظامي آفيسر بہ پهچي ويا. سڄي مظاهري کي گهيرو ڪيو ويو. پهريائين انتظاميا اهو سمجهندي رهي تہ عورتون مظاهرو ڪري هليون ويندیون ۽ پوءِ انهن سان شامل مرد بہ هليا ويندا. عورتون توڙي مرد گلو ڦاڙي جنرل ضيا هٽايو... مارشل لا ختم ڪريو... جمهوريت بحال ڪريو جا نعره هڻندا رهيا. ڪلاڪ کان پوءِ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس پي جيڪي اتي ڪافي دير کان بيٺل هئا، مظاهرو ڪندڙ عورتن وٽ آيا ۽ کين چيائون تہ "بابا! توهان مظاهرو ڪيو. هاڻ روڊ کوليو ۽ پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن وڃو."

عورتن جي موجودگيءَ ۾ مردن تي بہ انتظاميا جو وس نہ پئي هليو. سنڌياڻي تحريڪ جي ڪارڪن عورتن آفيسرن کي ٻڌايو، تہ اسان گرفتاري ڏيڻ آيون آهيون. ان ڳالهہ لاءِ انتظاميا قطعي تيار نہ هئي. ٿوري دير کان پوءِ ڪمشنر عبدالله جي ميمڻ اچي عورتن سان ڳالهايو ۽ کين چيو، "توهين منهنجون امائون ۽ نياڻيون آهيو. توهان جي ڳالهہ سرڪار تائين پهتي، هاڻي گهر وڃو." عورتن کيس چيو تہ اسان گرفتاري ڏيڻ آيون آهيون.

ڪمشنر کين چيو، "توهان کي گرفتار ڪري اسين رکنداسين ڪٿي؟ اسان وٽ تہ ليڊيز جيل بہ ڪونهي. پر بابا توهين آيون ڇاجي لاءِ آهيو؟ پلا فاضل ۽ پليجي جي آزاديءَ لاءِ آيون آهيو تہ اها منهنجي وس جي ڳالهہ ڪانهي." سنڌياڻي تحريڪ جي جوش مان پريل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عورتن کيس وراٽيو تہ اسان فاضل ۽ پليجي جي آزاديءَ لاءِ نہ پر جنرل ضيا کي ڪڍڻ لاءِ آيون آهيون ۽ جيستائين اهو نہ ويندو، تيستائين اسان جا مظاهرا ۽ گرفتاريون جاري رهنديون. آخرڪار انتظاميا سنڌياٽين کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

پوليس عورتن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ اڳيان وڌي تہ انهن سخت احتجاج ڪندي چيو، تہ اسان کي فقط ليڊيز پوليس گرفتار ڪري سگهي ٿي. ان وقت ليڊيز پوليس موجود ڪونہ هئي. انتظاميا ۾ وري ٿرٿلو پئجي ويو. هاڻي هو وڌيڪ هڪ منٽ لاءِ بہ مظاهرو برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي. ليڊيز پوليس گهرائڻ لاءِ هڪدم وائرليس سسٽم ۽ ريڊيو سيٽ حرڪت ۾ اچي ويا. آخر ڪار ليڊيز پوليس پهتي. هزار کان وڌيڪ ڪارڪن ۽ عوام جي احتجاج، نعرن ۽ تاڙين جي گونج ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي عورتن گرفتاري ڏني. احتجاج جو اهو سڄو سلسلو تقريباً ٽن ڪلاڪن تائين جاري رهيو ائين سنڌياڻي تحريڪ جي گرفتارين جو سلسلو شروع ٿيو.

ان کان پوءِ حيدرآباد جي هر ٿاڻي تي ليڊيز پوليس ۽ موبائل گاڏي هر وقت تيار رکي ويندي هئي ۽ ڪجهہ موبائلن ۾ ليڊيز پوليس مسلسل گشت بہ ڪندي رهندي هئي. پوليس جي اها هر ممڪن ڪوشش هوندي هئي تہ عورت ڪارڪن کي مظاهرو ڪري گرفتاري ڏيڻ کان روڪجي ۽ ڪين مظاهري کان اڳ ئي گرفتار ڪري وٺجي. ان لاءِ ڪين جن بہ گهرن ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي ڪارڪن جي موجودگي جو شڪ ٿيندو هو تہ اتي ڇاپا هنيا ويندا هئا. ان وقت سنڌياڻي تحريڪ جي صدر ادي شهناز هئي ۽ اها ان جدوجهد جي اڳواڻي ڪري رهي هئي. آئون هن سان رابطي ۾ رهندو هوس.

عورتن جي جدوجهد لاءِ مون کي بابا طرفان جيل مان هدايتون ملنديون رهنديون هيون ۽ پارٽي طرفان مون سان عارب ڪيڙانو رابطي ۾ هوندو هو ۽ اسان پاڻ ۾ مشوري سان هلندا هئاسين. هڪ وقت اهڙو آيو جو اسان وٽ ڪا بہ اهڙي جڳهہ نہ بچي جتي اسين پنهنجي ڪارڪن عورتن کي حفاظت سان ترسائي سگهون. ان ڪري هڪ ننڍي جڳهہ مسواڙ تي ورتيسون. اها جڳهہ غريب نواز پل جي هيٺان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ريلوي پٽڙي جي پاسي واري آبادي ۾ هئي. اهو هڪ گڏيل آبادي وارو علائقو هو جيڪو اڃا انتظاميا ۽ ٻين ادارن جي اک ۾ نه هو. ان جڳهه جو بندوبست ڪريم چنه ڪري ڏنو هو. اسان هر طرح اها ڪوشش ڪئي ته اتي رهندڙ ماڻهن يا ٻين پارٽي ڪارڪنن کي ان جاءِ جي خبر نه پوي ته جيئن اها محفوظ رهي سگهي.

سنڌياڻي تحريڪ جي گرفتارين سڄي سنڌ جي اندر آمريت مخالف تحريڪ ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو هو. عورتن جي ميدان تي نڪري اچڻ سان تحريڪ سان لاڳاپيل ڪارڪنن ۽ پوري عوام جي اندر نئون جوش، جذبو ۽ ولولو پيدا ٿي ويو هو.

عالمي ميڊيا، جنهن جي وڏيڪ توجهه جو مرڪز تحريڪ جي شروعات ۾ ٿيندڙ پرتشدد واقعا هئا، ان هلندڙ پُرامن تحريڪ کي پنهنجي نشريات ۾ زياده ڪوريج ڏيڻ گهٽائي ڇڏيو هو. سنڌياڻي تحريڪ جي گرفتارين کان پوءِ ايم آر ڊي تحريڪ هڪ ڀيرو وري عالمي ميڊيا جو موضوع بنجي وئي هئي.

تحريڪ هلڻ دوران آئون بابا سان جيل تي ملڻ ويس ته مون کي چيائين، ”هاڻي ڪافي عورتون جيل ۾ ويون آهن. اُتي انهن کي سنڀالڻ جو مسئلو به آهي، تنهن ڪري منهنجو خيال آهي ته شهناز کي هاڻي گرفتاري ڏيڻ کپي جو هاڻي ٻاهر کان هُن جي جيل ۾ وڏيڪ ضرورت آهي.“

اها ڳاله ٻڌي ادي شهناز بازار مان ٿيلهو وٺي آئي، ان ۾ ضرورت جو سامان وجهي گرفتاري ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويٺي. پر ٻاهر پارٽي قيادت جو خيال هو ته تحريڪ کي جاري رکڻ لاءِ اديءَ جي اڃان ٻاهر وڏيڪ ضرورت آهي. اندر ڪافي ذميوار عورتون آهن، اُهي اتي جا مسئلا سنڀالي وٺنديون. خود منهنجو به اهوئي رايو هو.

آئون ۽ پارٽيءَ جو هڪ سينيئر دوست جيل ۾ بابا سان ملياسون ۽ ڪيس ساٿين جي راءِ کان آگاهه ڪيوسين. پوءِ ٻاڻ ئي چيائين ته ”ٺيڪ آهي، في الحال ڀلي شهناز گرفتاري نه ڏي.“

تحريڪ جي پوين ڏينهن ۾ هڪ دفعي آئون ڳوٺ ويل هوس. شام جو مون کي چاچا خالقڏني اچي ٻڌايو ته نياپو آيو آهي، ته جيل ۾ لال ٻائي جي طبيعت گهڻي خراب ٿي وئي آهي. جيتوڻيڪ اڳئين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏينهن، اسانجو هڪ مائٽ جيل ۾ هنن سا ملاقات بہ ڪري آيو هو. ان پڌايو هو تہ خير خيريت آهي ۽ سڀ ٺيڪ آهي.

ماسي لالا ٻائي چاچا خالقڏني جي پيڻ هئي. مون ڪيس چيو تہ ٺيڪ آهي، ڪراچي هلون ٿا. ان وقت اسان وٽ گاڏي نہ هئي. پوءِ يوسف جت جي ڊئٽس پڪ اپ ڪنئيسون ۽ سڌو ڪراچي سينٽرل جيل آياسين. اسان رات جو دير سان پهتا هئاسين. ان وقت قمر شاهہ ڪراچي جيل تي ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ هو، اسان اچي ڪيس اٿاريو. قمر شاهہ وڃي اندران حال احوال وٺي آيو ۽ اچي پڌايائين تہ توهان کي ڪنهن غلط اطلاع ڏنو آهي. اندر سڀ خير خيريت آهي. جيل مان حال احوال وٺڻ کانپوءِ جڏهن شهر مان واپس ڳوٺ لاءِ نڪتاسين تہ يوسف جت چاچا خالقڏني کي چيو تہ "فقير هاڻي ٻُڪ اچي ورايو آهي جلدي هلي ڪٿي ماني کاراءِ" چاچا خالقڏني چيو تہ هاڻي ئي ٿا هوٽل تي هلون. شهر ۾ هڪ ٻن هوٽلن تي ٻيٺاسين بہ سهي پر همراهن چيو تہ هتي ماني سٺي نہ ملندي. ڪٿي ماني کائجي ان بحث ۽ ڪچهريءَ ۾ اچي پيري تائين پهتاسين. ان دوران رات جي گهڻي دير بہ ٿي چڪي هئي ۽ گهڻيون هوٽلون بند ٿي چڪيون هيون.

اسان ايئن هڪڙي هوٽل تي ماني کاڌي جتي اسانکي فقط دال ملي، يوسف جت چاچا خالقڏني کي چيو تہ "فقير توکي اسان کي کارائڻي دال هئي، سجي شهر مان رلائي هتي وٺي آيو آهين." چاچا خالقڏني وراڻيس "گاڏي تو پئي هلائي مون ڪونہ پئي هلائي، شهر ۾ جتي سُڻي ماني ملي پئي اُها توکي وٺي ڪونہ ٿي. توکي کائڻي دال هئي جو هتي وٺي آيو آهين. هاڻي ماٺ ڪري اها کاءُ، جهڙا روح تهڙا ختما" اسين واپس صبح جو 5-00 بجي ڳوٺ پهتاسين.

5/7/2001

صبح جو اٺندي ئي دعا گهرڻ جي لاءِ دوستن ۽ ٻين قيدين جو سلسلو شروع ٿي ويو، جيڪو شام جو جيل بند ٿيڻ تائين جاري رهيو. شام جو جيل سپرنٽنڊنٽ راشد سعيد بہ فاتحہ لاءِ آيو، جنهن ڪلهہ ئي چارج ورتي آهي. راشد سعيد پڌايو، تہ هو ڪالمسٽ ۽ اديب آهي. اج وريام فقير بہ اسپتال کان واپس جيل پهتو آهي. اسان سان گڏ هن وارڊ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ ئي ٽوٽل اٽس، جو اسپتال وڃڻ کان اڳي ٻه هتي ئي هو. هاڻي اسان هن وارڊ ۾ پنج ڄڻا ٿي چڪا آهيون.

6/7/2001

اڄ صبح کان ئي قيدي ۽ ٻيا دوست دعا گهرڻ لاءِ اچي رهيا هئا. ٽيجهو هئڻ ڪري مون اڄ صبح جو دارالقرآن ۾ قرآن خواني ڪرائي هئي. قرآن خواني کان پوءِ خيرات جي ماني جو بندوبست ٻه ڪرايو هئم. صبح جو سپرنٽنڊنٽ آيو. چيائين، ”قرآن خواني لاءِ ڪم ڪار هجي يا ڪو مسئلو هجي ته مون کي ٻڌايو.“ مون سندس ٿورو مڃيندي چيو، ”مهرباني اسان سڀ بندوبست ڪري ڇڏيو آهي.“ قرآن خواني ۽ خيرات لاءِ دعوتن ڏيڻ ۽ ٻئي بندوسبت ۾ خان محمد مهر، مثل خان، صوفي ۽ صغير شيخ گهڻو هٿ وندايو هو.

اڄ شام جو ٻه ڪجهه مهمان دعا لاءِ آيا. شام جو آئون ۽ مصباح واڪ ڪري رهيا هئاسين. مصباح مون کان اڳ واڪ شروع ڪيو هو. اهو پنهنجو واڪ ختم ڪري هليو ويو ۽ آئون اڪيلو هلي رهيو هوس ته پاسي کان بيٽل پوليس وارن مان هڪ جمعدار مون ڏانهن نهاريندي چيو، ”سائين! توهان سان هڪ منٽ ڳالهائڻو آهي.“ آئون سڏو هن ڏانهن ويس. مونکي چيائين، ”راهو صاحب توهان جي والده جو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو“. گهڙيءَ کن رکي وري چيائين، ”سائين توهان فاضل راهو کي سڃاڻو ٿا؟“ چيومانس، ”آئون ان جو پٽ آهيان“. اهو ٻڌي هو حيران ٿي ويو. چيائين، ”فاضل راهو صاحب سکر جيل ۾ هو ته آئون ٻه اتي هئس. ڪنهن وقت منهنجي ڊيوٽي ملاقات تي ٻه لڳندي هئي ۽ ان دوران ڪڏهن ملاقات تي ڏاڍي سختي ٻه ٿي ويندي هئي ته اسان فاضل صاحب کي چوندا هئاسين، توهان جي ملاقات صرف 10 منٽ آهي. تڏهن فاضل صاحب گهڻو ڪري 5 منٽن کان پوءِ ملاقاتين کي چوندو هو ته هاڻي هلو موڪلايون ٿا. ان تي هڪ ڏينهن مون کيس چيو، ته سائين توهان ايترو جلدي ملاقات ختم ڪري ٿا ڇڏيو، اسان ٻين کي 10 منٽن جو چوندا آهيون ته ڪلاڪ ٻه لڳائي ڇڏيندا آهن.“ تڏهن مون کي چيائين ته ”بابا مکڻ دهي ولوڙڻ مان ٿيندو آهي، باقي لسي کي سڄو ڏينهن پيو ولوڙبو ته ٻه ڪجهه نه ٿيندو. ڪم جي ڳالهه چند

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

منتن ۾ ئي ٿي ويندي آهي.“

وري ٻئي سپاهي کي پنجابيءَ ۾ ٻڌائڻ لڳو ته ”جڏهن سکر جيل ٽٽو هو ته اسان جون نوڪريون بچائڻ ۾ فاضل صاحب جو وڏو هٿ هو. ان وقت غوث علي شاهه (تڏهوڪو وزير اعليٰ سنڌ) جيل ڏسڻ آيو ته ان کي چيائين، ڏاڙيلن سان مقابلو توهان جي فوجين ڪونه ڪيو آهي پر اها جيل جي پوليس ئي هئي، جنهن قتل ۽ پڳل ٽٽل رائفلن سان انهن کي منهن ڏنو آهي.“ مون نالو پڇيومانس ته ٻڌايائين گل اڪبر.

اڄ ٻنيهرن جو يوسف لغاري، نظير ميمڻ ۽ محمد ابراهيم جويو صاحب ملاقات تي آيا ۽ دعا به گهريائون. لغاري صاحب ۽ نظير صاحب ٽيون ڏينهن ڳوٺ به آيا هئا، پر جويو صاحب خاص تعزيت ڪرڻ آيو هو.

ٻارن سان گڏ شاهنواز، پٽي ۽ علي احمد بورچي ملاقات تي آيا. انهن کان پوءِ مرتضيٰ راهو ۽ اقبال عنايت آيا. گذريل ٻن ڏينهن ۾ ڪافي دوستن کان علاوه ڪجهه عام قيدي ۽ جيل جا سياسي قيدي عذر خواهي لاءِ آيا جن ۾ خان محمد مهر، حاجي ايوب آفريدي، اسلام الدين شيخ، شعيب بخاري، محمد حسين، چوڌري محمد شريف، چوڌري احمد مختيار، ستار ڏيرو، عثمان فاروقي، مولچند، بدر عالم بچاٽي، حبيب الرحمان، اسد عباسي، غلام نبي جت، مصباح، الهڏنو ڏاهري، قربان جتوئي، منظور ڪياني، فضل الله صديقي، عبدالقادر توڪل، سپاهه صاحبه جو حافظ احمد بخش، منور سَنڌو، ميان وقار پگانوالا، ميان منير، خوشي محمد پٽو، آصف بيگ، وزير عباس کان علاوه شهيد پٽو، ترقي پسند پارٽي ۽ جيئي سنڌ وارن مان علي سونارو، جانو آرائين، اصغر شاهه ۽ ساٿن گڏ آيل دوست، پيپلزپارٽي جو مشتاق ڪلهوڙو ۽ ٻيا ورڪر. صغير شيخ سپاهه صحابه، ايم ڪيو ايم حقيقي وارا شامل هئا.

7/7/2001

اڄ 30-3 بجي مقدمه اچي ٻڌايو ته توهان کي سپرنٽينڊنٽ صاحب آفيس ۾ گهرايو آهي. ماڙيءَ تي ويس ته سپرنٽنڊنٽ جي آفيس ۾ سليم ضيا، شاهه محمد شاهه ۽ ممنون حسين ويٺا هئا. سپرنٽنڊنٽ سان ملڻ کان پوءِ اسان مٿي ملاقات واري هال ۾ وڃي ويٺاسين جتي هن تعزيت ڪئي. مني ڪلاڪ کن کان پوءِ چوڌري احمد مختيار به آيو. تقريباً

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

5-00 بجي تائين ڪچهري هلندي رهي.

8/7/2001 آچر

هڪ ٻن هنڌان چڪر ڏيئي وارڊ تي موٽي آيس. اج آچر جو ٻنپهرن جي ماني گهران آئي هئي. وارڊ ۾ ڪجهه مهمان به آيل هئا، گڏجي ماني کاڌيسون.

4-00 بجي ڌاري ٻاهر گوڙ ۽ شور ٻڌڻ ۾ آيو. خبر پئي ته سڪيورٽي وارڊ 6 ۽ 8 وارڊ وارن ۾ جهڳڙو ٿيو آهي. 6 وارڊ پيپلز پارٽي وارن جو آهي ۽ 8 وارڊ ۾ مختلف سياسي پارٽين جا قيدي گڏ رهندا آهن. اج 8 وارڊ ۾ پيپلز پارٽي وارن کا دعوت ڪئي هئي، جنهن ۾ سندن 6 وارڊ وارا سڀ قيدي اُتي آيا هئا. جهڳڙو پ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم ۾ ٿيو. پ پ پ وارن جا 8 ماڻهو زخمي ٿيا، رات جو خبر پئي ته ناهه ٿي ويو آهي.

شام جو پرچي آئي ته سپاٽي ڪورٽ آهي. 8-30 بجي تيار رهجو. رات جو 9-00 بجي ڌاري ماني کاڌيسون. مون وارا هنديوال رات جي ماني سوير ئي کائي ڇڏيندا هئا. مون کان اڳي سندن ماني جو وقت 8-30 بجي هو. جيڪو مون کانئن وڌرائي اچي 9-30 تائين ڪيو آهي. دائود خان شام جو ئي ماني کائي ڇڏيندو آهي. وريام فقير ۽ انظار زيدي ماني کائڻ شرط سمهي پوندا آهن. دائود خان بي بي سي جون 8-00 بجي رات واريون خبرون ضرور ٻڌندو آهي. ان کان پوءِ قهوو پيئندو آهي. رات جو اسان وٽ ڪوبه برداشتي نه هوندو آهي. ٽوٽل ٿيڻ جي وقت کان اڳ ۾ 7-00 بجي تائين برداشتي هليا ويندا آهن.

B ڪلاس جا وارڊ 8-00 بجي بند ٿيندا آهن. C ڪلاس ان کان اڳ 6-00 بجي بند ٿيندو آهي. بي ڪلاس ۾ ڪم ڪندڙ برداشتي پنهنجي بيرڪن ۾ 7-00 بجي ڌاري پهچندا آهن. اسان جا برداشتي منهنجي، فقير وريام ۽ زيدي جي ماني، سيٺ ذڪريا جو سوپ ۽ سلاد ۽ دائود خان جو قهوو سندن بيرڪ ۾ وڃڻ کان اڳ تيار ڪري رکي پوءِ ويندا آهن.

منهنجي رات جي ماني گهران ايندي آهي، جيڪا شام جو پنجين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڇهين بجي تائين جيل تي پهچي ويندي آهي. تفن باڪس ۾ هجڻ ڪري گهٽو ڪري ان کي رات جو گرم ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي آهي. برداشتي رات جي ماني ۽ قهوو وغيره تفن يا هاٿ پاٿ، ٿرموس وغيره ۾ وجهي ورانڊي ۾ ننڍي ٽيبل تي رکي ويندا آهن.

دائود خان رات جو پراڻا گانا ضرور ٻڌندو آهي. اهي ايف ايم FM100 چينل تي پراڻا پاڪستاني گانا هجن يا انڊيا جي ڪنهن ريڊيو سروس تي هندستاني گانا، پر ٻڌندو ضرور. جنهن رات جو پراڻا گانا نه ٻڌائين ته چڙي پوندو آهي ۽ وينو ريڊيو وارن کي گهٽ وڌ گالهائيندو. مون کي پنهنجي اولاد وانگر ڪري پاليندو آهي ۽ چوندو آهي، ته تون منهنجي دوست جو پٽ آهين. ان شفقت جي باوجود منهنجي عزت ۽ احترام به تمام گهٽو ڪندو آهي. آئون به هن سميت پنهنجي سڀني هنڌي والن جو احترام ڪندو آهيان. هو به منهنجي عزت ۽ گهٽو خيال ڪندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن دائود خان، ذڪريا غني کي گانن جي فرمائش ڪندو آهي. ۽ هو پنهنجي ليپ ٽاپ ڪمپيوٽر تي لتا جي پراڻن گانن جي سي ڊي لڳائي سندس فرمائش پوري ڪندو آهي.

دائود خان 10-00 بجي BBC تي هندي سروس واريون خبرون لڳائي وڃي بستري تي ليٽندو آهي، ته جيئن 10-30 بجي واريون اُردو خبرون ٻڌي سگهي، پر گهٽو ڪري اڳ ۾ ئي ننڊ وٺي ويندي اٿس. پوءِ ريڊيو آئون يا ذڪريا غني سمهڻ وقت بند ڪندا آهيون. ماني کائڻ کان پوءِ نماز. قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ ڪمپيوٽر ذڪريا غني جي روزمره جو دستور آهي. ڪمپيوٽر تي ڪڏهن پنهنجا ڪاروباري مسئلا چيڪ ڪندو آهي ته ڪڏهن ٽائپنگ يا پٽن جي برج راند ڪندو آهي. اسان کي پنهنجي وارڊ ۾ ورانڊي جي ڪري گهٽي سهوليت ۽ فائدو آهي. ڇاڪاڻ ته هتي هر وارڊ ۾ ورانڊو نه آهي. ٻيو ته جيڪڏهن ورانڊو آهي ته به سڀ وارڊ ورانڊي کان بند نٿا ٿين. بلڪ انهن ۾ ڪوليون يا ڪمرا بند ٿيندا آهن. وارڊ نمبر1- آصف علي زرداري جو وارڊ سڏبو آهي، ان جو به ورانڊو بند ٿيندو آهي. اهو وارڊ آصف زرداري پاڻ ڪرايو هو. ان ۾ هن وقت چوڌري احمد مختيار ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

برگيڊيئر اسلم حيات قريشي رهندا آهن. ٻيو وارڊ نمبر 17 آهي، جيڪو پراڻو B ڪلاس آهي. انجو به وراندو بند ٿيندو آهي ۽ اندر قطار ۾ ٽهيل ڪمرن جا در ڪليل رهندا آهن. وارڊ نمبر 17 ۾ 6 ڪمرا آهن. انهن ۾ 20-22 قيدي رهن ٿا. اهو وراندو سڀني ڪمرن وارن قيدين جي گڏيل استعمال ۾ اچي ٿو. لنگهه جو گس به اُهوئي آهي، جنهن ڪري ڪنهن هڪ ڪمري وارا قيدي پنهنجي اڳياڙي جو انفرادي استعمال نٿي ڪري سگهيا.

البت پهرين ۽ آخري ڪمري وارا سندن حصي جي وراندي کي ڪنهن حد تائين پنهنجي انفرادي استعمال ۾ آڻيندا آهن.

ٽيون 14 نمبر وارڊ آهي، جنهن کي پاسي کان وراندو ته نه آهي، پر ان جي ڪمري کي دروازو سامهون نه پر پاسي کان آهي، جنهن ڪري دروازي جي اڳيان ڪمري جي ويڪر جيتري چورس بينڪ ٽهيل آهي جنهن کي گرل ۽ سنهي جاري لڳل آهي ۽ ڪمري جي پاسي کان ڪڙڪين مٿان اس کان بچاءُ لاءِ ڇڇو آهي. هن وارڊ ۾ حاجي ايوب آفريدي، خان محمد مهر ۽ اسلام الدين شيخ رهندا آهن، جن هن وارڊ کي سُنو ٽاهيو آهي ۽ سنڀالي رکيو آهي.

چوٿون اسان جي 15 نمبر وارڊ کي به اڳيان ڇهه فوٽ ويڪرو وراندو آهي. اسان جي گهٽي بينڪ ان وراندي ۾ ئي ٿيندي آهي. ماني به وراندي ۾ ئي کائبي آهي، فقط شام جو ٻاهر اگڻ تي ڪرسيون لڳنديون آهن. وراندي جي ڪري ڪمري وارو ماڻهو دسترب نه ٿيندو آهي. جيڪڏهن صرف ڪمرو هجي ته پوءِ هر ڳالهه ۽ ڪم ان ڪمري ۾ ئي ٿئي ٿو، جنهن ڪري ڪافي ڏکيائي ٿيندي آهي. جيئن وارڊ 16، جتي هڪ ڪمري ۾ اسان 3 ڄڻا هئاسين، اتي هڪ ٻئي جو گهڻو خيال رکڻو ٿي پيو. جيڪڏهن ڪو هڪ سمهي ٿو ته باقي ٻن کي به سمهڻو ئي پوي ٿو، ان لاءِ توهان کي بَتي بند ڪرڻي پوندي، ريڊيو بند ڪرڻو پوندو، ٽي وي بند ڪرڻي پوندي يا گهٽ ۾ گهٽ ان جو آواز ته ضرور بند ڪرڻو پوندو. ٻي صورت ۾ سُتل همراهَن جي ننڊ خراب ٿيندي. پر 15 وارڊ ۾ وراندو هئڻ ڪري اها سهوليت حاصل هئي ته هرڪو پنهنجي مرضي سان سمهي اٿي يا ڪا وندر ۽ ڪرت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪري سگهيو ٿي.

ماني کائڻ کانپوءِ آئون ڪجھ وقت پڙهڻ يا لکڻ ۾ گذاريندو آهيان، ڪڏهن ڪمپيوٽر تي ٽائپنگ به ڪندو آهيان، ڪڏهن مُوڊ ٿي وڃي ته ڪمپيوٽر تي هارٽز hearts، سالينٽئر Solitaire ۽ فري Free Cell، پتي راندیون به ڪندو آهيان.

9/7/2001 سومر

اڄ صبح جو ڪورٽ هئڻ ڪري رات 11-00 وڳي ئي سمهي رهيو هئس. اک لڳي اجا ٿوري دير ئي ٿي هوندي ته وارڊ جا دروازا کولڻ تي جاڳ ٿي پئي. مون اٿي قميص پاتي، ذڪريا اجا ٻاهر وراندي ۾ پڙهائي ڪري رهيو هو. مون واچ ڏٺي ته رات جا 12-00 ٿيا هئا. ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ امان الله نيازي سان گڏ F.C. جا ڪجھ سپاهي اندر داخل ٿيا. مون نيازي کان پڇيو خير ته آهي؟ چيائين ته اسان شاهين اينٽينا پيا لاهيون. هو ڪمري ۾ مٿاڇري نظر ڦيرائي موڪلائي هليا ويا. اسان جي وارڊ ۾ ٿي وي نه آهي، جو اينٽينا لڳل هجي. اسان وري ڪلاڪ کن تائين گپ شپ ۽ ڪچهري ڪندا رهياسين. وچ ۾ گل محمد صوبيدار ۽ جمعدار آيا. چيائون ته "اسان کي ٻاهر ڪنهن چيو ته اندر چانھ پئي آهي. اسين اها پيئڻ آيا آهيون." مون وارن هنديوالن مان ڪنهن کين چيو ته، "اوهان سان ڪنهن مذاق ڪيو آهي. اسان وٽ ته هينئر برداشتي ئي ڪونهي، جو توهان کي چانھ ناهي پياري." حوالدار هليو ويو ۽ گل محمد ڪجھ دير ويهي اسان سان ڪچهري ڪئي.

صبح جو 7-00 وڳي اُٿيس. اسان وارو وارڊ به معمول کان دير سان يعني 7-00 وڳي کليو هو. عام طرح سوائين ڇهين وڳي جو جيل کلي ويندو آهي. اجا برداشتي نه آيا هئا. فقط اسان جي وارڊ وارو مقدمو پهتو هو. وارڊ کولڻ وارو سپاهي به نئون هو، هونئن ته اسان جو سپاهي شبير سومرو آهي، پر اهو ٻن ڏينهن کان موڪل تي پنهنجي ڳوٺ خيرپور ويل آهي. اُن جي غيرموجودگي ۾ جيڪو سپاهي ايندو آهي، اڄ اهو به نه هو. ڪنهن حوالدار اچي وارڊ کوليو هو، جنهن ٻڌايو ته "ڪجھ وارڊ کليا آهن. باقي ٻيو جيل اجا بند آهي ۽ صبح کان ڊيوٽيون به سڀ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تبديل ٿيون آهن. رات سڄي جيل جي مڪمل جهڙتي ٿي آهي، شاهين جا اينٽينا، ڏنڊا، چريون، چمچا، ڪانٽا وغيره سڀ ڪٽي ويا آهن.“ سوائين انين ڏاري ٻيا برداشتي پهچڻ شروع ٿي ويا. مون فياض کي ڪپڙا ڪڍي ڏنا، پوٽين نوين وڳي آئون تيار هئس. 00-9 وڳي ڪورٽ وارو ماڻهو آيو ۽ ٻڌايائين ته ”توهان ماڙيءَ تي هلو، گاڏي به اچي وئي آهي ۽ ٻيا همراه به پهچي ويا آهن.“ آئون ماڙيءَ تي پهتس ته آغا وزير عباس، بدر عالم بچاٽي ۽ قربان جتوئي اڳيئي ويٺا هئا. جيل جي گيٽ کان نڪتاسين ته ٻاهر قيدين کٽڻ واري پڪ اپ بيٺي هئي. جنهن ۾ اسان کي پويان ويهاري دروازو بند ڪيو ويو.

ڪلاڪ کن ۾ اسان ڪورٽ پهتاسين. اُتي مون کي پنهنجي همراهَن مان ڪوبه ڏسڻ ۾ نه آيو. اسان پهرئين مٿي وياسين، مون وري هيٺ اچي شاهنواز کي فون ڪيو. ٿوريءَ دير ۾ شاهنواز ۽ بشير ملاح آيا، اسان مٿي اچي ڪورٽ جي هڪ ڪمري ۾ ويٺاسين. تيسين سليمان ڏاهري، نور محمد ڏاهري، خدا بخش ميمڻ، گل محمد، عبدالله. نور احمد، غلام علي سمون ۽ ٻيا دوست آهستي آهستي وقفي وقفي سان ايندا ويا. منهنجو خيال هو ته آئون هينئر تازو ڳوٺان ٿي آيو آهيان تنهنڪري اتان وارا همراه گهٽ ايندا. دوستن ٻڌايو ته ٻاهر پنهنجي علائقي جا به ڪافي ماڻهو آيل آهن. اهي ٻاهر بيٺل هئا، جو ڪين ڪورٽ ۾ نٿي ڇڏيو ويو.

ٿوري دير کان پوءِ يوسف لغاري به پهتو. انويسٽيگيشن آفيسر حاجي قدير ۽ ان جو اسسٽنٽ سڪندر بلوچ به پهچي چڪا هئا. اجوڪي تاريخ تي آئي او فقط 161 جا بيان جج جي اڳيان پيش ڪيا، جن کي جج قبول نه ڪيو ۽ ڪانئن پڇيو ته، ”ريفرنس ڪٿي آهي؟ ريفرنس ڪٿي اچو، نه ته ريمانڊ نه ڏيندس.“ يوسف لغاري 265K تحت درخواست ڏني ته منهنجي مؤڪل تي ڪوبه الزام نه آهي، مٿس ڪابه چارج يا ريفرنس نه آهي، ڪيس قيد ۾ نٿو رکي سگهجي، اهو حبس بيجا جو ڪيس آهي. بهرحال سرڪاري پراسيڪيوٽر جي نه اچڻ سبب ڪوبه بحث نه ٿيو ۽ جج وري 19 جولاءِ جي تاريخ رکي.

ملڻ لاءِ آيل همراهَن مان ٿورا ٿورا ملندا ويا. هڪڙا آيا ٿي ته ٻيا ويا ٿي. ان ڏينهن سائين غوث علي شاه جي به پيشي هئي. منهنجي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيس جي جج رياض ڦلپوٽي جي ڪورٽ مٿي هئي ۽ سائين هيٺ قمرالدين بوهرا جي ڪورٽ ۾ آيل هو. مون ايندي شرط ئي سندس پڇا ڪئي هئي، پر خبر پئي ته غوث علي شاهه اڃا نه پهتو آهي. ڪجهه دير کان پوءِ شوڪت جماڻي مون سان ملڻ آيو. آئون ڪيس ڏسندي ئي سمجهي ويس ته شاهه صاحب پهچي ويو آهي. شوڪت منهنجي والده جي وفات تي تعزيت ڪئي، پيا حال احوال به ڪيا. آئون ۽ شوڪت جماڻي گڏجي هيٺ غوث علي شاهه وٽ آياسين جيڪو طبيعت خراب هجڻ سبب وهيل چيئر تي ويٺل هو. گهڻي حب سان مليو ۽ والده جي لاءِ دعا به گهريائين.

مون کي چيائين ته توهان جو والد هڪ انقلابي ۽ وڏو بهادر شخص هو ۽ توهان جي والده به بهادر عورت هئي. جنهن جيل به ڪٽيو. مون سان جيل ۽ نيب جي ٽاڻي جا حال احوال ورتائين ۽ ڏٺائين. اهو به ٻڌايائين ته پاڻ نيب ٽاڻي جي ڏکين ۽ ڪٺن حالتن ۾ ڪيئن باهمت طريقي سان وقت گذاريائين. اسان اڃا ڳالهايو پئي ته ڪورٽ ۾ جج اچي ويو. آئون شاهه صاحب کان موڪلائي وري مٿي هليو آيس. سيد غوث علي شاهه کي به پهرين ميان نواز شريف ۽ ميان شهباز شريف تي هلندڙ نام نهاد طياره سازش ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو هو. جنهن ۾ سعيد مهدي، شاهد خاقان عباسي ۽ ٻيا شامل هئا. جيستائين اهو ڪيس اي ٽي سي ڪورٽ ۾ هلندو رهيو. تيستائين آئون به گهڻو ڪري هر سنوائي تي ڪورٽ ۾ ويندو هئس. جتي ميان نواز نواز شريف ۽ ميان شهباز شريف سان گڏ، غوث علي شاهه سان به ملاقات ٿيندي هئي. آخر ڪيس جي فتوا آئي. ميان نواز شريف کي سزا آئي ۽ ٻين کي ڪورٽ آزاد ڪيو پر حڪومت نه ڇڏيو. جنهن کان پوءِ سندن ڪورٽ تي اچڻ جو سلسلو ختم ٿي ويو. ان کان پوءِ وري اڄ ملاقات ٿي رهي هئي.

اي ٽي سي ڪورٽ واري ملاقات گهڻو ڪري فقط هٿ ڏيڻ ۽ خوش خيرعافيت تائين محدود هوندي هئي. ڪورٽ تي ميان صاحب سان ملڻ لاءِ سوين ماڻهو ايندا هئا. انهن مان ڪجهه ماڻهن کي ئي ڪورٽ جي چوديواري جي اندر اچڻ جي اجازت ڏني ويندي هئي. باقي ماڻهوڪورٽ جي ٻاهر ئي هٿ مٿي ڪري ميان نواز شريف جو اچڻ وقت استقبال ۽ وڃڻ وقت الوداع ڪندا هئا. ڪورٽ روم تي اندر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پهچندڙن مان بہ رڳو قيدين جي وڪيلن ۽ فيملين کي الڳ ملاقات ڪرائي ويندي هئي، باقي ٻين جي لاءِ وچ ۾ ايتريون رڪاوٽون هونديون هيون جو ڪورٽ جي ساڳئي هال ۾ موجود هوندي بہ هٿ ملائڻ ۽ سلام دعا کان سواءِ ڪو مختصر حال احوال جو موقعو بہ شايد ڪو ڪڏهن ئي ملندو هو.

جنرل پرويز مشرف جي حڪومت ميان شريف ۽ سندس ساٿين کي جنهن طريقي سان انتقام جو نشانو بنايو، ان جو مثال پاڪستان جي تاريخ ۾ مشڪل ملي. ميان نواز شريف ۽ ان جي ساٿين کي قيد تنهائي ۾ رکڻ ۽ ذهني اذيتن کان وٺي، ڪورٽ تي ڪيس هلڻ تائين، ساڻن اهڙو رويو رکيو ويو جو جڻ ائين لڳندو هو جو هو ملڪ جو بہ ڀيرا رهندڙ وزيراعظم ۽ هڪ وڏي پارٽي جو مقبول اڳواڻ نہ پر ڪنهن دشمن ملڪ جي فوج جو ڪو ڪارندو يا جاسوس هجي. بين الاقوامي قانون ۽ معاهدا ڪنهن دشمن ملڪ جي جنگي قيدي سان بہ اهڙي هتڪ آميز سلوڪ جي اجازت نٿا ڏين.

اج ڪورٽ تي سيٺ ڏرم، حاجي خان ڪولاچي، نور محمد راهو، اسحاق راهو، سليم، يوسف جت، غلام محمد پٽي، طارق، آغا درائيور، علي احمد جوڪيو، فدا، اسماعيل سميجو، رمضان سميجو، ناٿو جت، عالم جت، رمضان جت، آچار سميجو، قاسم ميمڻ، مصطفيٰ ميمڻ، مصري ميمڻ، نواز پٽو، ضيا قريشي، گل محمد، سڪندر، مرتضيٰ راهو، اعجاز شفيع، ارشد جدون، جمالي، محمد خان رانجها، ڊاڪٽر خليل، محمد الرحيم ۽ ڪجهہ ٻيا همراه آيل هئا.

اسلم کي حيدرآباد کان پهچڻو هو، ان پهچڻ ۾ دير ڪئي، تقريباً 6-00 وڳي اسان ڪورٽ ۾ هيٺ اچي بيٺاسين تہ اسلم وارا بہ پهتا. اسلم کي مون پاڻ سان گڏ قيدين واري گاڏيءَ ۾ ئي ويهاريو، جيل تائين اسان ڳالهائيندا آياسين. ماڙيءَ جي اندر پوليس وارن کي سامان جو چئي نڪرڻ وارو هئس تہ ڪنهن مون کي اچي ٻڌايو تہ آءِ- جي (I.G.) صاحب توهان جي وارڊ تان ٿي آيو آهي، پر توهان ڪونہ هئا. هاڻي سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ ويٺو آهي. آئون آفيس ۾ آيس تہ آءِ- جي پرزن برگيڊيئر نثار مهر، سپرنٽنڊنٽ راشد سعيد، خان محمد مهر، ميجر غلام حسين کوسو ۽ ڪجهہ ٻيا همراه ويٺل هئا. خوش خير عافيت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪرڻ کان پوءِ نثار مهر فاتح ڪئي. ڪافي دير اُتي ئي ويٺا رهياسين. آءِ- جي به روانو ٿي ويو. ڪوسي ڪنهن ڳالهه تي مون سان ڳالهايو، وري چيائين شام جو توهان سان ملڻ ايندس.

آئون خان محمد وارن وٽ 14 واردِ ۾ ويٺو هئس ته شام جو 8-00 وڳي وري ماڙيءَ تان ماٺهو آيو. آئون ويس ته سپرنٽينڊنٽ ۽ ميجر ڪوسو ويٺا هئا. اسان ڳچ دير تائين ڪچهري ڪندا رهياسين. تنهن کان پوءِ آئون واپس واردِ تي آيس ته سڄو جيل بند ٿي چڪو هو، اسان وارو واردِ به بند ٿي چڪو هو، جنهن کي وري کوليو ويو.

آئون وهنجي وري، وراندي ۾ اچي ويٺس، جتي ٻيا همراه به ويٺا هئا. مون کان ڪورٽ جو حال احوال ونڻ لڳا. مون محسوس ڪيو هو. ته جيل جي اندر جيڪي به نيب جي ڪيسن وارا قيدي هئا، انهن مان جيڪڏهن ڪنهن جي به ڪورٽ ۾ ڪا تاريخ هوندي هئي، جنهن ۾ ڪو فيصلو ٿيڻو هجي، ڪا درخواست لڳل هجي يا ڪا خاص ڳالهه هجي ته ان جو سيني کي انتظار هوندو هو ته اڄ فلاڻي جو ڇا ٿيو! حالانڪ اها به سيني کي پڪ هوندي آهي ته نيب ڪورٽن مان ڪنهن کي ڪجهه ورٽو سرٽو ڪونهي، پر وري به ان آسري تي ته جيڪڏهن ڪنهن هڪ جو ڪو گس ٿيو يا ڪا گهٽي نڪتي ته ان جو سيني کي ٿورو يا گهڻو فائدو پوندو. سو هرڪو ٻين سيني جي ڪيسن جي معلومات رکندو آهي ته ڪنهن تي گهٽا ريفرنس آهن، ڪهڙي تاريخ آهي ۽ ڪيس ڪهڙي اسٽيج تي آهي.

منهنجي لاءِ هينئر تائين جج وٽ ڪوبه ريفرنس نه آهي، ڪوبه الزام يا چارج نه آهي. منهنجي ڪسٽڊي حبس بيجا آهي، پر جج کي همت نه آهي جو ڇڏي سگهي. نيب جا ته نهيو، پر اعليٰ عدالتن جا جج به بيوس آهن. فضل الله صديقي کي ٽي مهينا ٿيڻ وارا آهن، پر نيب وارا اجا تائين مٿس ڪوبه ريفرنس يا الزام کڻي نه اچي سگهيا آهن. آصف بيگ آهي، جيڪو به مهينا ايم پي اي هاسٽل جي عذابخاني ۾ رهي آيو آهي، پر اجا تائين مٿس ڪوبه الزام کڻي نه آيا آهن. ٽي تاريخون هاءِ ڪورٽ ۾ هلي چڪيون اٿس، پر ڪڙ تيل ڪوبه ڪونه نڪتو. آصف بيگ ٻڌايو ته سندس هڪ ريمانڊ ائين به ورتائون، ته هن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"He knows, Where is? Abdullah Shah?" ڪي خبر آهي ته عبدالله شاهه ڪٿي آهي؟ نيب هڪ اهڙو انڊو قانون آهي، جنهن جو مثال موجوده دنيا جي ڪنهن ملڪ ۾ شايد ئي ملي. منهنجي خيال ۾ ته ان قسم جا قانون موجوده وقت جي بادشاهَت (Kingdoms) وارين حڪومتن ۾ به نه هوندا. بادشاهتن ۾ بادشاهه تي فقط هڪ تاج يعني بادشاهي جو تاج هوندو آهي، ان جي مٿي تي طاقت جون پنج پنج ڪرشماتي ٽوپيون رڪيل نه هونديون آهن.

نيب جي قانون جي گرفت ۾ قرض ڪٽندڙ، رشوت وٺندڙ يا اختيارن جو ناجائز استعمال ڪرڻ جا ڏوهه اچن ٿا. ڪرپشن جي حوالي سان پاڪستان جي پوزيشن دنيا جي ٽاپ ڪرپٽ ملڪن ۾ شمار ٿئي ٿي. هيل تائين سنڌ اندر نيب جي ڪيسن ۾ 35-40 ماڻهن کان وڌيڪ نه هونداء جن تي ڪيسن جو تعداد 70-80 ٿي سگهي ٿو. هيستائين پوري پاڪستان جي اندر ۾ ادائي سئو ماڻهو گرفتار ٿيا هونداء جن ۾ بئنڪار، صنعتڪار، واپاري، سياستدان ۽ ڪامورا شامل آهن. سياستدانن ۾ ڪي اهڙا به ماڻهو شامل آهن، جيڪي ڪڏهن نه وزير رهيا ۽ نه مشير. مثلاً: وريام فقير مون سان گڏ رهي ٿو، جيڪو به ڀيرا ضرور M.P.A. ٿيو آهي. پير صاحب جن جي حر جماعت جي ڀارهن مڪ خليفن مان هڪ آهي تمام سادو ۽ شريف ماڻهو آهي. 1997ع جي سنڌ اسيمبليءَ ۾ اسين گڏ ميمبر رهيا آهيون. اسيمبلي يا حڪومتي معاملن ۾ به سندس ڪا گهٽي سرگرمي ڪونه هوندي هئي. ڪڏهن وزير ٿيو نه مشير، تڏهن به ڪيس ڦاسائي ڇڏيائون. سندس ڏوهه فقط اهو آهي ته، 1985ع ۾ ايريگيشن ڊپارٽمينٽ پنهنجي ڪا پراڻي جڳهه نيلام ڪئي، جيڪا ڪنهن ماڻهو ورتي. وٺڻ وارو گذاري ويو. سالن کان پوءِ اها جڳهه فقير وريام انهيءَ جي پوين کان مارڪيٽ جي اگهه سان خريد ڪئي. هاڻي ان ريفرينس ۾ جوابدار جي لسٽ ۾ نه نيلام ڪرڻ جو آرڊر ڪندڙ آفيسر جو نالو آهي، نه ئي جن نيلام ڪيو، تن جو نالو آهي ۽ نه وري جن ورتو انهن جو نالو آهي. فقط 10 سالن کان پوءِ وارو خريدار ان ۾ جوابدار آهي. ڇو جو هڪ اعليٰ وردي واري آفيسر جي خواهش هئي ته هن تي ريفرنس ضرور ٺهڻ کپي. ائين آفيسرن ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪلرڪن، اڪائونٽنٽ، اسسٽنٽ مختيارڪار ڪان وٺي سيڪريٽريز جي ليول تائين نيب جو شڪار ٿيا آهن.

موجوده حڪومت کي 20 مهينا پورا ٿيڻ وارا آهن. اها سپريم ڪورٽ ڪان مليل مدي جو اڌ ڪان وڌيڪ حصو پورو ڪري چڪي آهي. باقي حڪومت جو آخري سال ته اليڪشنون ڪرائڻ، ان ۾ پنهنجيون من پسند اسيمبليون آڻڻ ۽ من پسند حڪومتون ٺاهڻ يعني پنهنجي Continuety ۽ Survival جي حڪمت عمليءَ کي جامو پهرائڻ ۾ ئي گذري ويندو، يعني اصل ۾ جيڪو وقت گذريو آهي، ان ۾ ئي حڪومت کي پنهنجي ڏنل ايجنڊا تي عمل ڪري ڏيکارڻو هو ۽ واضح Visible تبديلي آڻي ڏيکارڻي هئي. حڪومت جي ڏنل ست نڪاتي ايجنڊا ۾ فقط هڪ نڪتي احتساب جو هلڪو جائزو وٺجي، ته صاف ڏسڻ ۾ ايندو ته حڪومت ان ۾ بُري طرح ناڪام وئي آهي ۽ ان جي پوزيشن مضحڪ خيز ٿي وئي آهي. جيڪڏهن هڪ لمحي لاءِ ڪٿي اهو فرض ڪجي ته نيب جيڪي ڪيس ٺاهيا آهن سي صحيح آهن، ته پاڪستان جيڪو دنيا جو ڪرپٽ ترين ملڪ آهي ۽ جنهن ۾ هر سال ڪربين رپين جي ڪرپشن ٿئي ٿي، ڇا فقط اهي ٻه ادائي سئو ماڻهو ئي ڪرپٽ آهن ۽ فقط ايترائي ڪرپشن جا ڪيس ٿيا!؟

پاڪستان جي تاريخ ۾ ٿيل ڪرپشن جي وڏي حصي کي موجوده حڪومت ان ڏينهن جائز قرار ڏيئي ڇڏيو جڏهن اهو اعلان ڪيو ويو ته مقتدر قوتن يعني فوج جو ڪو احتساب نه ٿيندو، ڇو جو انهن جي اداري ۾ خوداحتسابي نظام آهي ۽ احتساب بيورو ان ۾ مداخلت نٿو ڪري سگهي. ٿوري وقت کان پوءِ عدليه کي ٻه احتساب کان بالاتر قرار ڏنو ويو، يعني ”چانديا چور مگسي شاهدا!.“ ان سڄي گندگي کي چُن جو ليپو سڳورين عدالتن کان ئي ڪرائڻو هو. باقي ٿيل ملڪي ڦرلٽ جي ننڍين حصيدارن يعني بيوروڪريٽ، سياستدان، واپاري ۽ صنعتڪارن جي وڏي تعداد کي جيڪو اربين ۽ ڪربين رپين جي ڦرلٽ ۾ ملوث هو، انهن کي يا ته هٿ سان ملڪ کان ٻاهر ڀڄايو ويو يا ملڪ جي اندر ئي احتساب کان آجو قرار ڏنو ويو ۽ باقي بچيلن مان ٻه ڪيترن ئي سان "Under the table and above the table" معاملا طئي ڪيا ويا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪجھ ماڻھن کي فقط ڏيکاءُ لاءِ احتساب جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسايو ويو، درحقيقت حڪومت پنھنجن سياسي مقصدن جي تڪميل لاءِ ھن قانون جو پرپور استعمال ڪري رھي آھي.

ھينئر ھي قانون موجوده حڪمرانن جي جياپي (Survival) جو واحد ھٿيار آھي. حالانڪ ھن قانون ملڪي معيشت تي ايترا ته منفي ۽ بُرا اثر وڌا آھن، جو ايندڙ ڪيترن ئي سالن تائين ملڪ انھن اثرن مان نڪري نه سگھندو ۽ پري پري تائين به معاشي استحڪام جو ڪو ترورو نظر نٿو اچي. حالت ان حد تائين وڃي پھتي آھي جو حڪومت اعلان ڪيو آھي ته ڪوبه شھري جيڪڏھن ملڪ جي ڪنھن به بئنڪ ۾ ادائي ھزار ڊالر رکائيندو، ته نه ئي ان کان ان جي ڪمائڻ جو ذريعو پُڇيو ويندو ۽ نه ئي ان کي ڪنھن ٻي شيءِ تي ٽيڪس پرٽو پوندو، يعني ھو ھر ٽيڪس کان آجو ھوندو. نيب بيورو پنھنجي 20 مھينن جي ڪارڪردگيءَ ۾ ڏھ ويھ ارب رپين جي وصولي ڪري سگھيو ھوندو، پر ھن ڪاري قانون جي ڪري ڪربين ڊالرن جو ملڪي سرمايو شفٽ ٿي ٻاھرين دنيا پھچي چڪو آھي. مٿين ڳالھين جو اعتراف وزارت خزانه به ڪري چڪي آھي.

احتساب ضرور ٿيڻ کپي، پر احتساب جو ھڪ شفاف نظام ھجڻ کپي، جنھن ۾ پورو انصاف مھيا ٿيڻ کپي. ۽ احتساب ڪرڻ جو اختيار انھن کي ھجي جن جا پنھنجا ھٿ صاف ھجن، جن پاڻ ڪوبه ڏوھ ۽ ڪرپشن نه ڪئي ھجي. چون ٿا ته جڏھن حضرت عيسيٰ عليه السلام يروشلم ۾ تبليغ ڪرڻ لاءِ پھتو ھو، ته اتي يھودين جي عبادتگاھ (Temple) ٻاھران ھڪ عورت ڊوڙندي آئي ۽ ماڻھن جو ھڪ وڏو مجموعو ان جي پويان ڊوڙندو ويو، ڪنھن جي ھٿ ۾ لٺ ھئي، ته ڪنھن جي ھٿ ۾ پٿر ۽ سر. سڀ ماڻھو ان عورت کي خون ڪرڻ لاءِ آتا ھئا. حضرت عيسيٰ جڏھن اھا ماجرا ڏٺي ته ھڪل ڪري سينءي کي روڪيائين ۽ عورت کي بچائڻ لاءِ ماڻھن جي آڏو اچي ويو. پر ماڻھو مڙڻ لاءِ تيار نه ھئا. انھن چيو ته ھن عورت کي اسان ضرور مارينداسين. حضرت عيسيٰ عليه السلام پڇيو ته "ھن جو ڏوھ ڪھڙو آھي؟" ته مجموعي وراڻيو ته "ھيءَ بدڪردار عورت آھي، ھيءَ پاپي آھي ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گناهگار آهي، هن جو مرڻ واجب آهي.“ حضرت عيسيٰ پٿر هٿ ۾ کڻي چيو ته ”ٺيڪ آهي. هيءَ گنهگار ۽ گندي عورت آهي، پر هن کي پهريون پٿر اُهو ماڻهو هڻندو جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪوبه گناهه ۽ پاپ نه ڪيو هجي. توهان ۾ آهي ڪو اهڙو ته اڳتي وڌي.“ پوري مجموعي تي خاموشي ڇانئجي وئي ۽ آهستي آهستي هرڪو ڪنڌ هيٺ ڪري، پٿر ۽ سرون وغيره هيٺ اڇلائيندو روانو ٿيڻ لڳو.

هتي ته گنگا ابتي ٿي وهي. ڪنهن تي الزام لڳائيندڙ، يا ڪٽي ڇڏجي ته فريادي نيب آهي ۽ ان فرياد جي تحقيقات ڪندڙ به نيب آهي ۽ سزا جو فيصلو ڪندڙ به نيب، آهي، يعني هڪ ئي اداري کي فريادي، پوليس ۽ جج جا اختيار حاصل آهن. نيب پنهنجا جج پاڻ رکندي آهي. انهن جا پگهار ۽ سهوليتون پاڻ طئي ڪندي آهي، هاءِ ڪورٽ جو مٿن ڪوبه اختيار نه آهي. احتساب عدالت جي هرهڪ جج جو پگهار سپريم ڪورٽ جي جج کان به وڌيڪ آهي. ڪين حاصل سهوليتون ۽ Privileges به تمام گهڻا آهن. اهو سڀ ڪجهه انصاف کي خريد ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو آهي. ياد رهي ته احتساب عدالت جا جج، سيشن جج ئي آهن، جن کي نيب اختيارين جي سفارش تي رکيو ويو آهي.

جيڪڏهن پاڪستان جي مختصر تاريخ تي نظر وجهبي، ته نه ئي احتساب جو نعرو نئون لڳندو ۽ نه ئي ان قسم جا قانون ڪي نوان لڳندا. پاڪستان جون سياسي توڙي غير سياسي حڪومتون هميشه پنهنجن سياسي مخالف قوتن کي ڪچلڻ ۽ پنهنجي اقتدار جي بقا ۽ تحفظ جي لاءِ ان قسم جا نعرا ۽ ڪارا قانون نافذ ڪنديون رهنديون آهن.

مارچ 1949ع ۾ ملڪ ۾ دستورساز اسيمبليءَ ذريعي پيرادو جو قانون نافذ ڪيو ويو. لياقت علي خان جي وقت ۾ اهو قانون سياستدانن ۽ آفيسرن جي احتساب لاءِ بنايو ويو. ڪيترائي آفسير ۽ سياستدان ان قانون جا شڪار ٿيا، جن ۾ ايوب کهڙو، قاضي فضل الله ۽ چوڌري حميدالحق به شامل آهن، جن آخر گورنر جنرل ملڪ غلام محمد وٽ پيش ٿي جان آجي ڪرائي.

ايوب خان، فوجي حڪمران هو ۽ ڪيس مارشل لا جي لامحدود قانون جو اختيار حاصل هو. تڏهن به هن ايبڊو (EBDO) ۽ پوڊو (PODO) جي قانونن جو سهارو ورتو. ان وقت ايوب جا مخالف سياستدان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان قانون جو شڪار بنيا. حسين شهيد سهروردي جهڙي سياستدان تي الزام لڳايو ويو ته هن ڪرپشن ڪئي آهي. هن بنگالي سياسي رهنما جي خلاف جڏهن ڪابه شيءِ ثابت نه ٿي، ته ايوب خان جي حڪومت پاڪستان جي هن اڳوڻي وزير اعظم تي الزام مڙهيو ته هن وزير اعظم طور ٻه غلط فون ڪالون ڪيون آهن. يعني ٻن فون ڪالن جي غلط استعمال جي خرچ جو الزام لڳائي ملڪ جي اڳوڻي وزير اعظم ۽ بنگالي ليڊر کي نااهل ڪري جنرل ايوب خان پنهنجو رستو ته صاف ڪيو، پر سندس ڪنيل اهڙا قدم بنگلاديش جي ٺهڻ واري ڇٽيل ٻج جي لاءِ (اهو ٻج پوين ڏهن سالن ۾ اڳيان حڪمران اگڻ ئي ڇٽي چڪا هئا) پاڻ ۽ پاڻيءَ جو ڪم ڪندا رهيا. ۽ نيٺ اهو ڇٽيل ٻج سندس حڪمرانيءَ دوران ئي پچي راس ٿيو. جڏهن جنرل يحيٰ آيو ته ڪيس مارشل لا جي لاقانونيت واري قانون جو ڏنڊو هٿ ۾ هو. ان ڪانپوءِ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو آيو، ته پهريون سولين مارشل لا ايڊمنسٽريٽر بنيو ۽ ملڪ کي متفقہ آئين ڏيڻ کان پوءِ آهستي آهستي سندس خلاف وڌندڙ سياسي مخالفت کي دبائڻ جي لاءِ ڊي- پي- آر -Defence of Pa kistan Rules جهڙو ڪارو قانون ملڪ مٿان مڙهيو. هي اهڙو قانون هو جنهن ۾ بنا ڪنهن نوٽس، بنا ڪنهن ايف- آءِ- آر، بنا ڪنهن ڏوهه ۽ سبب جي صوبائي هوم سيڪريٽري ڪنهن کي به گرفتار ڪري، ڪيتري به عرصي تائين نظربند ڪري سگهيو ٿي، جنهن کي ملڪ جي ڪنهن به عدالت، يعني هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ به چئلينج نه ڪري سگهبو هو. تنهن کان سواءِ فيڊرل سيڪيورٽي فورس (F.S.F.) ناهيو ويو هو، جيڪو پڻ مخالفن کي دبائڻ ۽ هيسائڻ لاءِ استعمال ٿيندو رهيو. ڊي- پي- آر، ۽ ايف. ايس ايف جا شڪار فقط ذوالفقار علي ڀٽو جا سياسي مخالف ئي بنيا ۽ ڀٽي صاحب پنهنجي هر سياسي مخالف کي ڊي- پي- آر ۽ ايف- ايس- ايف جو مزو چکايو ۽ بنا ڪنهن داد فرياد جي، حڪومت جنهن کي جيترو عرصو چاهيو، اوترو عرصو قيد ۾ رکيو.

جڏهن جنرل ضياءُ الحق آيو ته ان کي مارشل لا جي بدترين جهنگلي قانون جي موجودگيءَ ۾ ٻئي ڪنهن به قانون جي ضرورت نه

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئي. سمري ۽ اسپيشل ملٽري ڪورٽس جي صورت ۾ هن وٽ متبادل عدالتي نظام (Parallel جوڊيشل نظام) موجود هو. جنرل ضياء جي مارشلا ۾ ايم- ايل- او جي ڪارن قانونن ۽ فوجي ڪورٽن جي ذريعي هزارين سياسي مخالفن کي سالن جا سال ڪال ڪوٺڙين ۾ بند رکيو ويو، هزارين سياسي ڪارڪنن کي ڦٽڪن جهڙيون انسانيت سوز سزائون ڏنيون ويون ۽ سوين ڪارڪنن کي ٽارچرن وسيلي اذيتناڪ موت ڏنا ويا ۽ ڪيترائي سوري سينگاريا ويا.

جنرل ضياءُ الحق جي موت کانپوءِ ڪنٽرولڊ ڊيموڪريسي جو سلسلو شروع ٿيو، جنهن کي اسين اسٽيٽ جي مختلف طاقتن جي وچ ۾ پاور شيرنگ جو دور به چئي سگهون ٿا: يعني فوج، پريزيڊينسي، پارليامينٽ ۽ ڪنهن حد تائين عدالتي نظام به گڏيل طور تي 1988ع کان وٺي 1999ع تائين حڪومت ڪندا رهيا. ان دوران پردي پويان اصل حڪمران ٻي قوت رهي، اها ئي پنهنجي مرضيءَ سان هڪڙن کي آڻيندي ۽ ٻين کي لاهيندي رهي. سياستدان ۽ سياسي پارٽيون ذاتي اقتدار جي لالچ ۾ هٿ جي اڳيان ڪٺ پتيلن وانگر نچندا رهيا، پر ان دور ۾ بظاهر حڪمرانيءَ جو ڪردار سياستدان ئي ادا ڪندا رهيا. انهن 11 سالن دوران به حڪمران سياسي ڏريون کين حاصل محدود اختيارن جي باوجود پنهنجي سياسي مخالفن کي ڪچلڻ جي پرپو ڪوشش ۾ رڌل رهيون ۽ پنهنجي وس آهر اهڙا قانون ۽ عدالتون تشڪيل ڏينديون رهيون، جيڪي مڪمل حڪمرانن جي Dictation جي ماتحت هونديون هيون. S.T.A. ۽ A.T.A. ۽ A.T.C جون عدالتون ۽ قانون ان جو ڪليو مثال آهن. اهي ڪورٽون صوبائي حڪومت جي گهرو ڪاتي جي حڪمن تحت ڪم ڪنديون آهن. جڏهن موجوده حڪمرانن اقتدار سنڀاليو ته اهي عجيب و غريب صورتحال مان گذري رهيا هئا. پاڪستان جي تاريخ ۾ هيءَ پهرين فوجي حڪومت هئي، جيڪا مارشل لا کان سواءِ آئي هئي. يعني هن حڪومت کي مارشل لائي قانون ۽ سمري ۽ اسپيشل ملٽري ڪورٽن جو سهارو حاصل نه هو. پاڪستان ۾ جڏهن به ڊڪٽيٽر حڪومتون آيون آهن، انهن پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪرڻ ۽ ان کي طول ڏيڻ لاءِ هميشه ڪارن قانونن ۽ نام نهاد عدليه جو سهارو ورتو آهي. موجوده حڪمران پنهنجو الڳ متبادل جوڊيشنل نظام (ملٽري ٽرائل ڪورٽس) نه هجڻ سبب ڪمزور پوزيشن ۾ هئا. ان سبب

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ئي موجوده حڪمرانن پنهنجو پهريون ٽارگيٽ ملڪ جي جوڊيشري (عدالتي سرشتي) کي بنايو ۽ پي سي او تحت پوري جوڊيشري کي پنهنجي گرفت ۾ آندو ويو. پنهنجا سياسي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ نيب جهڙو پيمانڪ ۽ بدترين ڪارو قانون ٺاهيو ويو، جنهن جي عدالتن جي ڪرسين تي ويهاريا ته عام جج ويا آهن، پر اصل ۾ ڪيس جا فيصلا نيب حڪام ئي ڪري موڪليندا آهن. ان سڄي صورتحال ۾ اعليٰ عدالتون به تماشبين بڻيل آهن، بلڪ ائين ڪٽي چئجي ته ان سڄي انصاف جي ٽيندڙ قتل ۾ برابر جون شريڪ آهن.

سپريم ڪورٽ اعتراز احسن ۽ ٻين جي پٽيشن تي ڪجهه معمولي ترميمن کان سواءِ، جن ۾ وڌيڪ انتظامي نوعيت جون آهن، باقي سڄي احتساب آرڊيننس کي جائز قرار ڏئي چڪي آهي. جيڪي ترميمون ڪيون ويون آهن، انهن تي عمل جي لاءِ ٻن مهينن جو مدو حڪومت لاءِ تجويز ڪيو ويو هو، پر ادائي مهينا گذرڻ جي باوجود ترميمن جو اجا ڪوبه پتو نه آهي. احتساب آرڊيننس تحت ٽرائل ڪورٽ جي فيصلي کان پوءِ ملزم هڪ هفتي جي اندر اپيل ڪري سگهي ٿو. هفتي کان پوءِ اپيل داخل ئي نه ٿيندي ۽ اپيلنٽ ڪورٽ کي هڪ مهيني جي اندر ان اپيل جو فيصلو ڪرڻو آهي، پر هتي هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيترين ئي اپيلون پيون آهن، جن کي سال سال کان مٿي عرصو گذري چڪو آهي، پر اهي اجا تائين ڪنيون ئي نه ويون آهن ۽ نه ئي ڪنهن هڪ به ڪيس ۾ ڪنهن کي ضمانت ڏني وئي آهي.

تنهن کان علاوه نيب جيڪي به ڪيس ڪيا آهن، اُهي سڀ آڪٽوبر 1999ع کان اڳ جا آهن. موجوده حڪمرانن کي ويهن مهينن جو عرصو گذري چڪو آهي ۽ انهن ويهن مهينن ۾ نيب ڪرپشن جو هڪ به ڪيس سرعام نه آڻي سگهي آهي. ڇا هن دور ۾ بدعنواني جو هڪ به عمل نه ٿيو آهي؟ يا نيب موجوده حڪمرانن کي احتساب کان آجو قرار ڏئي ڇڏيو آهي، يا انهي قانون جو اطلاق موجوده حڪمرانن تي نٿو ٿئي!؟

اڳارو 10/7/2001

رات هلڪي برسات پئي هئي، جنهن ڪري موسم ڪجهه ٿڌي ۽ بهتر ٿي وئي هئي. آئون صبح کان ئي وراندي ۾ ويٺو هئس، ڪجهه دوست آيا ۽ ويا پئي. ٻنپهرن جي ماني کائي ويناسين ته ماڙيءَ تان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پرچي آئي. اج ملاقات اچڻي نہ هئي، جو ڪالھ ڪورٽ تان ٿي آيا هئاسين، اتي سڀ دوست ملي ويا هئا. ماڙيءَ تي مٿي ملاقات جي ڪمري ۾ اسلم ۽ ڏيال آيا هئا، هونئن اهي سياڻي ملاقات تي اچڻا هئا، پر اج ئي اچي ويا. ڪافي دير حال احوال ٿيندا رهيا. ان دوران اقبال عنايت بہ آيو. اسلم ۽ ڏيال جي وڃڻ کان پوءِ آئون ۽ اقبال، ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ اچي ويناسين. ڊپٽي نيازي آيو، ساڻس ملاقات ٿي. ان کان پوءِ حاجي صاحب جي وارڊ تي آيس. نڪرڻ مهل صوفي کي بہ ڪنيم ۽ سڌو 21 وارڊ ۾ وياسين، جو اُتي حميد آيل هو. هو مون کي ايم پي اي هاسٽل جي نيب ٽاٽي ۾ مليو هو.

21 وارڊ ۾ عبدالحميد، آغا وزير عباس، رميش اديسي، سليم ۽ ٻين ڪجھ دوستن سان ملاقات ۽ ڪچهري ٿي. اُتي ڪڍڻ جي نوٽيار جي ڪمري تي بہ ويس، جنهن جو تعلق جيئي سنڌ سان آهي، هينئر بدين ڇڏي ڪوڪرا پار ڪراچي رهي ٿو. واپسيءَ خان محمد مهر وٽان ٿيندو پنهنجي وارڊ تي آيس. اج سڄو ڏينهن موسم ڏاڍي سُني هئي. سڄو ڏينهن هلڪي ڦلڪي برسات وسندي رهي. رات جو برسات بند ٿيڻ کان پوءِ مڪڙيون بہ گهٽيون ٿي ويون هيون. سڄو وراندو مڪڙين ۽ جيتن سان ڀرجي ويو هو، جيڪي برسات جي ڪري نڪتا هئا ۽ روشنيءَ تي اچي گڏ ٿيا هئا. پر اسان جو ڪمرو انهن کان بچي ويو هو، جو ان کي ڇاريءَ جو دروازو لڳل هو، جيڪو اسان بند ڪري ڇڏيو هو.

مون ذڪريا غني کي چيو، "سياڻي مستري گهراءِ تہ وراندي وارين سيني گرلن مٿان سنهي پلاسٽڪ واري ڇاري ٿا لڳرايون ۽ ٻاهران ڪچي اگڻ کي پڪو بہ ٿا ڪرايون ۽ ان ۾ سڀ Contribute ڪن." تہ چيائين، "اتنا لمبا بيٺني کا ڪيون سوچ رهي هو؟" هن جو خيال هو تہ هڪ ڪم هينئر ڪرايون ۽ هڪ پوءِ.

رات جو ماني وغيره گرم ڪرڻ يا ٻئي ڪم ڪار لاءِ ٻين هنديوالن کي تڪليف ٿيندي هئي، جو شام جو سڀ برداشتي هليا ويندا هئا. منهنجي برداشتي فياض جو ٽوٽل هاڻي اسان جي وارڊ ۾ ڪرائي ڇڏيوهئوسين، جيڪو هاڻي رات جو بہ هتي رهندو هو. فياض ذات جو مهر آهي ۽ رحيم يار خان جو آهي، هتي 307 جي ڪيس ۾ آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

11/7/2001

اڄ صبح جو ٿوري اُس نڪتل هئي پر گهٽي گرمي ڪونہ هئي. هڪ سلائس سان ناشتو ڪري ۽ اخبارون پڙهي وري سمهي پيس. 10-00 وڳي اٿيس تہ فضل الله صديقي، امداد جڪرو ۽ اسان جي وارڊ وارا همراهہ وينا هئا. آئون تيار ٿي ٻاهر اچي وينس. فضل الله صديقي سڄي سنگت تان چڪر ڏيندو آهي ۽ مون سان ڪچهريءَ لاءِ اڪثر ايندو رهندو آهي. سندس ٽوٽل سيڪيورٽي 17 ۾ هو. امداد جڪرو تہ ڏينهن جو رهندو ئي اسان جي وارڊ ۾ آهي. ساڻس گهٽي گپ شپ ٿيندي رهندي آهي. دائود خان سان تمام گهٽي لڳندي اٿس. شروعات ۾ ئي مون کي ٻڌايو هئائين تہ منهنجو وڏو ڀاءُ واپڊا ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ سکر جيل ۾ هو ڪجهہ مهينن کانپوءِ جڏهن آزاد ٿي آيو تہ اسان کي چيائين، ”توهان جا سڀ ليڊر غلط آهن، سنڌين جو سچو ۽ صحيح ليڊر آهي، تہ اهو فقط فاضل راهو آهي.“

امداد چيو، مون پڇيومانس تہ توکي ڇا ٿي ويو آهي، جو اسان جي اڳواڻن جي خلاف ٿي ويو آهين؟ ٻڌايائين تہ ”مون کي سکر جيل ۾ وڃڻ شرط بند وارڊ ڪري ڇڏيو هئائون ۽ تمام گهٽي تڪليف ڏنائون. پوءِ فاضل صاحب اچي مون کي بند وارڊ مان ڪڍرايو ۽ پاڻ سان گڏ رکيو، حالانڪ ان کان اڳ ۾ اسان جي ڪا واقفيت ئي نہ هئي.“

اسان دير تائين ڪچهري ڪندا رهياسين. فضل الله هليو ويو، جو اسدالله عباسي جو نياپو آيس. اسان مانيءَ کائڻ کان پوءِ وينا هئاسين. وريام فقير کي تاش کيڏڻ جو تمام گهڻو شوق آهي، هو روز تاش کيڏڻ، 16 وارڊ ۾ ويندو آهي. اسان واري وارڊ ۾ ڪير بہ تاش راند ڪندو آهي، تہ دائود خان کيڏندو آهي، پر ٻيو ڪير نہ هجڻ ڪري پتا ڪٽي اڪيلو ئي راند وينو ڪندو آهي. مون کي تاش ٿوري گهٽي ايندي آهي، پر آئون کيڏندو نہ آهيان. ذڪريا پتن راند نہ ڪندو آهي، فقط ڪمپيوٽر تي برج کيڏندو آهي. ۽ زيدي بہ پتن جي معاملي ۾ بلڪل اڻ ڄاڻ آهي. فقير وريام چيو تہ ”اڄ توهان اسان سان ويهو، هتي ئي راند ٿا ڪريون.“ هڪ طرف فقير وريام ۽ انظار زيدي وينا، ٻئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

طرف آئون ۽ امداد هئاسين. منهنجي ملاقات بہ اچڻي هئي پر ان ۾ دير هئي. ان ڏينهن مون شايد 22-23 سالن کان پوءِ پتا هٿ ۾ کنيا هوندا، اجا ڪجهه راند مس ٿي هوندي تہ زيديءَ چيو مونکي چڪر ٿا اچن، آئون سُمهان ٿو. زيديءَ جي اٿڻ کانپوءِ وريام فقير امداد کي چيو تہ تون ڪو ٻيو پليئر (رانديگر) هٿ ڪري اچ. ايتري ۾ ماڙيءَ جي سڏ واري منهنجي پرچي اچي وئي. اسان اتي ئي راند گل ڪئي ۽ آئون ماڙيءَ تي ويس تہ شاڪره، لطيف، عادل ۽ احمد علي پٽي آيل هئا. ٻئي سامان سان گڏ ڪرسيون، ٽيبل ۽ ڪتاب وغيره کڻي آيا هئا.

ماڙيءَ تان ٻاهر نڪتس تہ اسان واي مقدم امين محمد ٻڌايو تہ سي ايم او اسپتال ۾ وينو آهي. جيل جي اسپتال جو چيف ميڊيڪل آفيسر فضل الاهي ميمڻ آهي، جيڪو ڏيپلي جو آهي. سائس ملي وري وارڊ تي آيس. واڪ (پنڌ ڪرڻ) تي وڃڻ جي تياري پئي ڪيم تہ وزير عباس ۽ حميد آيا، انهن پنهنجا حال احوال ٻڌايا. ان کانپوءِ اسد عباسي ۽ صديقي آيا. اسد عباسي جي اڄ هاءِ ڪورٽ ۾ تاريخ هئي. اسد عباسي اسسٽنٽ مختيارڪار آهي، عليم عادل شيخ واري ڪيس ۾ آهي. اصل ڪيس مان آزاد ٿي چڪو آهي، پر روپوشيءَ جي ڪري 3 سال سزا لڳل اٿس، ان ۾ اندر آهي. ان سزا خلاف اپيل هاءِ ڪورٽ ۾ لڳل اٿس. اسان جڏهن 16 وارڊ ۾ گڏ هئاسين تڏهن بہ مون ڪيس چيو هو تہ تنهنجي اپيل مضبوط آهي، جيڪڏهن پهرين فيصلو ڪرائي وٺين ها تہ ڏڪ وٺي وڃين ها. پر هاڻي تنهنجي اپيل صرف هڪ عام اپيل نہ آهي، بينظير پٽو کي روپوشيءَ ۾ 3 سال سزا اچڻ کانپوءِ هاڻي اهو پاليسي ميٽر (Policy matter) ٿي ويو آهي.

ڪورٽ جا احوال ٻڌائيندي چيائين، تہ ”اڄ جج منهنجي وڪيل کي چيو تہ توهان جي آرگيومينٽ (دليلن) سان متفق آهيان، پر جيڪڏهن هيءَ اپيل منظور ٿو ڪريان تہ سيائي محترمہ جي اپيل پهچي ويندي.“ 21 آگسٽ جي تاريخ رکيائين ۽ ان تي پراسيڪيوٽر جنرل ۽ پاڪستان جي اٽارني جنرل کي گهرايو اٿس.

12/7/2001

اڄ صبح جو 5-00 وڳي کان ئي هلڪي برسات پوڻ شروع ٿي وئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئي ۽ اهو سلسلو سڄو ڏينهن هلندو رهيو. اڄ منهنجو خيال هو ته حجام گهرائي وارا نهرائي وٺان، سو مقدم حجام کي وٺي آيو. هتي هر قيدي پنهنجو من پسند حجام گهرائيندو آهي. هي حجام هتي اڳ ۾ به ايندو رهندو هو، جو ان کي اسان جي وارڊ وارا پيا همراهه به گهرائيندا رهندا هئا. جڏهن منهنجا وار ٽاهڻ لڳو ته مون کي اردو ۾ چيائين، ”سائين! توهان حيدرآباد ۾ ملٽ اسلاميه ڪالوني ۾ به رهندا هئا نه؟“ پڇيومانس، ”تون ڪٿي جو آهين؟“ چيائين، ”اتي سامهون غريب آباد ۾ منهنجو گهر آهي، منهنجا مائٽ اڃا به اتي رهندا آهن. آئون پنجن سالن کان هتي سفوران ڳوٺ ۾ رهان ٿو، منهنجو نالو غلام محمد آهي. هتي ڏاڙي جي ڪيس ۾ ڏيڍ سال کان اندر آهيان. توهان کي ۽ توهان جي والد صاحب کي سڃاڻان ٿو.“

برسات ڪيڏي مهل تيز ته ڪنهن وقت هلڪي ٿيندي رهي. بجلي به صبح کان وٺي ڪونه هئي پر موسم بلڪل ٿڌي ٿي ويئي هئي. اڄ برسات جي ڪري جيل ۾ سرگرمي به گهٽ هئي. گهڻا قيدي پنهنجي واردن ۾ ئي رهيا. برسات ٿورو هلڪي ٿي ته فضل الله صديقي آيو، اسان ڪچهري ڪندا رهياسين. وريام فقير پنهنجي تاريخ تي ويل هو. 00-11 وڳي مون وهنجي ڪپڙا تبديل ڪيا. اڄ ٻنپهرن جي ماني امداد جڪري وارن وٽ هئي. 30-1 وڳي امداد اسان کي وٺڻ آيو. برسات به زور سان پئجي رهي هئي. امداد پاڻ سان چادرون به کڻي آيو هو، ته جيئن ڀڄڻ کان بچي سگهجي.

45-1 وڳي آئون، دائود خان ۽ صديقي امداد سان گڏجي سندس وارڊ 12 ۾ پهتاسين. وارڊ جي اندر ڪافي پاڻي بيٺل هو، سندس همراهه پاڻي اڇلائي ٻاهر ڪڍي رهيا هئا. اتي اصغر شاهه، منير شاهاڻي، ميان وقار پڳانوالا، نذير خاصخيلي، روشن ڪوسو ۽ ٻيا جيئي سنڌ جا همراهه اڳيئي موجود هئا. ماني اتي ڪاڏيسون ۽ 00-4 وڳي تائين مختلف موضوعن تي ڳالهه ٻوله ٿيندي رهي. پوءِ اسان اجازت وٺي پنهنجي وارڊ تي آياسين. برسات اڃا وسي رهي هئي.

اڄ شام جو ڪجهه قيدي دوست ملڻ آيا. برسات هاڻ ٿوري بند ٿي هئي. بجلي آئي ۽ وئي پئي. همراهن جي ڪچهريءَ جو موضوع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جنرل پرويز مشرف جو هندستان جو دورو هو. هر ڪنهن وٽ ان جا مثبت ۽ منفي پاسا الڳ الڳ هئا. مون کي ياد آهي ته گذريل سال آگسٽ ۾ آئون پشاور ۾ ولي باغ چارسده ۾ خان ولي خان سان ملڻ ويو هئس، ان ڏينهن صبح جو بيگم نسيم ولي کي فون تي ٻڌايو هئم ته آئون پشاور آيل آهيان ۽ خانصاحب سان ملڻ چاهيان ٿو. ٻڌايائين ته "هن جي طبيعت ٺيڪ ڪانهي، اٿڻ هلڻ ۾ ڪافي تڪليف اٿس، ڪنهن سان به ملي نٿو، پر توهان اچي وڃو."

آئون ولي باغ پهتس، پاڻ مٿي سندس ڪمري جي اڳيان ٽيرس تي ويٺل هو. بيگم نسيم ولي به ويٺل هئي. هميشه وانگر تمام گهڻي محبت ۽ پيار سان مليو. پاڻ مون کان حال احوال وٺندو رهيو. جڏهن موجوده صورتحال تي ڳالهه ٻوله هلي ته چيائين جيڪو اهو سمجهيو ٿو وڃي ته نواز شريف کي فوج آمريڪين جي مرضيءَ کان سواءِ هٽايو آهي. اهو بلڪل غلط آهي. آمريڪا جي مرضيءَ کان سواءِ فوج ڪنهن کي هٽائڻ جو سوچي به نٿي سگهي." هن چيو. "مون نواز شريف جي ٽيم کي پهرين به ٻڌائي ڇڏيو هو ته اصل مالڪن توهان کي هٽائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. آمريڪا فوج کي ان ڪري وٺي آيو آهي جو نواز شريف ۽ بينظير، ٻئي هن جا مسئلا حل ڪري نه سگهيا ۽ هو سمجهن ٿا ته سندن مامرا فقط فوج ئي حل ڪري سگهي ٿي، جن ۾ سي ٽي بي ٽي، نيوڪليئر پلانٽ، طالبان بنياد پرست ملان ۽ ڪشمير مسئلو آهن. آمريڪا اهي ٽئي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ جنرل پرويز مشرف کي وٺي آيو آهي ۽ انهن مسئلن تي ايترو بولڊ ڊسيشن فقط فوج ئي وٺي سگهي ٿي."

مون پڇيومانس ته "پوءِ فوج جو ڇا ٿيندو؟" خانصاحب چيو ته "هن وٽ انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه رستو (Option) ڪونهي." ان ملاقات کان تڪڙو پوءِ ڪشمير ۾ فائربندي جو سلسلو شروع ٿيو، جنهن جو اختتام هندستان ۽ پاڪستاني سربراه کي دوري جي دعوت ڏيڻ تي ٿيو. ٻن ڏينهن کان پوءِ جنرل پرويز مشرف دهليءَ ۾ هوندو. ڏکڻ ايشيا جي هن 50 سالن کان ٻرندڙ مسئلي تي جيڪا پيش رفت ٿيندي، اها سامهون اچي ويندي پر سياسي مبصر هن دوري مان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجو پنهنجو مقصد ڪڍي رهيا آهن. پاڪستان ۽ هندستان جي سربراهَن جي وچ ۾ ملاقات لاءِ دورا اڳي به ٿيندا رهيا آهن، پر هن دوري کي غيرمعمولي اهميت ڏني پئي وڃي. ڪافي ڏينهن کان هي دورو ملڪي توڙي غير ملڪي ميڊيا جو اهم موضوع بڻيل آهي. هر سياسي ماڻهو اهو سمجهي ٿو ته هيءَ پيشرفت ڪن خاص حالتن جي نتيجي ۾ ٿي آهي. هندستاني حڪومت ۽ ميڊيا ڪنهن خاص حڪمت عملي تحت هن دوري ۽ جنرل پرويز مشرف جي شخصيت کي غيرمعمولي اهميت ۽ حيثيت ڏئي رهيا آهن. ڇا ٻئي ملڪ حقيقت ۾ ڪشمير مسئلو حل ڪرڻ طرف وڃي رهيا آهن؟

اهو هڪ اهڙو سوال آهي، جنهن جو جواب ته وقت ڏيندو پر گهڻيون شيون اهڙيون آهن، جيڪي هينئر عالم آشڪار آهن. ڪشمير مسئلو جيترو سڌو ۽ آسان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، اوترو ئي ٿيڙو ۽ پيچيدو آهي ۽ اوترا ان جا After effects ۽ Consequences آهن. پاڪستان حڪومت لاءِ هن وقت ڪشمير مسئلو فقط ڪشمير تائين نه آهي، پر ان سان ٻيا به مسئلا لاڳاپيل آهن، ۽ هاڻي اهو مسئلو ايترو آسان نه آهي، جيترو اڄ کان 20-22 سال اڳ هو. ان مسئلي جو حل جيترو هن خطي جي عوام جي فائدي ۾ آهي، ايترو آمريڪا جي مفاد ۾ به آهي. دراصل هن مسئلي کي وڌائي وڻ ڪرڻ وارو به آمريڪا ئي آهي.

جڏهن 1979ع ۾ افغان انقلاب آيو ته اهو آمريڪا لاءِ هن خطي ۾ خطري جي گهنٽي هو. ڏکڻ ايشيا ۾ سوويت يونين ۽ ڪميونسٽن جو وڌندڙ اثر آمريڪا ۽ ان جي اتحادين کي بي چين ڪرڻ لڳو. ايران ۾ امام خميني جي انقلاب کانپوءِ ڏکڻ ايشيا ۾ آمريڪا جي لاءِ پاڪستان جي جاگرافيائي پوزيشن خاص حيثيت جي مالڪ بنجي وئي. افغانستان ۾ سوويت قوتن کي روڪڻ ۽ ايران کي تباه ڪرڻ، هن خطي ۾ آمريڪا جي سڀ کان مٿانهين اوليت (Top priority) بنجي وئي. ايران ۽ عراق جي ڊگهي جنگ ان آمريڪي حڪمت عمليءَ جو حصو هئي. 1970ع جي ڏهاڪي ۾ چين ۽ آمريڪا جي سربراهي ملاقات (چئيرمين مائو ۽ نڪسن) ۽ سفارتي لاڳاپن جي باوجود چين آمريڪا جي ڪابه هدايت (Dictation) قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هو ۽ چين معاشي ۽ سياسي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

طرح آمريڪا جي لاءِ مستقل خطرو بنيل هو. هندستان جهڙي وڏي جمهوري ملڪ جا لاڳاپا آمريڪا سان دوستاڻا نه هئا، بلڪ ان وقت انديا مڪمل طور روس ڏانهن جهڪيل (Pro Russian) هو. ان صورتحال ۾ پاڪستان آمريڪا جي لاءِ انتهائي اهميت اختيار ڪري ويو. پاڪستان ئي اهو ملڪ هو، جنهن مان يا جنهن ذريعي آمريڪا کي ڏکڻ ايشيا لاءِ پنهنجي بنايل پاليسي ۽ حڪمت عمليءَ کي عملي جامو پارائڻو هو.

افغانستان ۾ سوويت يونين جي مقابلي لاءِ آمريڪا ۽ مغرب کي ڪنهن هٿيار جي چونڊ ڪرڻي هئي، اهڙو طاقتور هٿيار جيڪو عالمي سپر پاور سوويت يونين جي مضبوط هٿياربند فوج ۽ ڪميونسٽ نظرئي جو مقابلو ڪري سگهي. ڪميونزم ان وقت هڪ اهڙو پڪڙجندڙ نظريو هو، جيڪو 1980ع جي ڏهاڪي ۾ دنيا جي ٽئين حصي کان وڌيڪ آباديءَ تي حڪمراني ڪري رهيو هو. آخر آمريڪا ۽ مغربي قوتن ان هٿيار جي چونڊ ڪري ورتي. اهو مذهب جو هٿيار هو، يعني دين اسلام. آمريڪا ۽ مغرب جيڪي پنهنجو پاڻ کي جمهوريت، ترقي پسندي ۽ انساني حقن جا علمبردار سڏائيندا هئا، انهن مخصوص علائقائي مفادن جي ڪري جنرل ضياءالحق ۽ ان جي ٽولي کي پاڪستان تي حڪمراني ڪرڻ جو مڪمل اختيار ڏئي ڇڏيو. پاڪستان جي لاءِ قرض ۽ امداد جا دروازا کولي ڇڏيا.

آمريڪي CIA ان مشن جي تڪميل لاءِ پاڪستان جي اندر اچي پنهجا خيما کوڙيا. پاڪستان افغان مهاجرن لاءِ پنهنجون سرحدون کولي ڇڏيون. افغان مهاجر ڪئمپون آمريڪي C.I.A ۽ پاڪستاني ايجنسين طرفان افغان حڪومت مخالف ڪئمپن ۾ تبديل ٿي ويون. انهن ڪئمپن ۾ آمريڪا کان مفت پهتل هٿيارن جا انبار لڳايا ويا. ڪلاشنڪوف، راڪٽ لانچر، اسٽنگر ميزائل ۽ ٻيو بارود بي حساب افغانن ۾ ورهائجڻ لڳو. ان اسلحه جي ايتري ته گهڻي آمد هئي جو ڪيترا ئي افغان مهاجرين جا گروپ اهي مفت ۾ مليل هٿيار پاڪستان جي اندر مختلف جڳهن تي وڪڻڻ لڳا ۽ اهي ايترا ته سستا هوندا هئا جو تور جي حساب سان وڪامندا هئا. پر سوويت يونين ۽ افغان حڪومت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سان مقابلي جي لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪافي نه هو.

افغان گروپن جي اها لڙائي، جيڪا آمريڪا جي مدد ۽ حمايت سان لڙي پئي وئي، ان کي مذهبي رنگ ڏيڻ به ضروري هو، جو ان کان سواءِ جنگ جا مقصد حاصل ڪرڻ نه رڳو مشڪل پر ناممڪن هئا. ان ڪري انهيءَ جنگ کي اسلام جي جنگ قرار ڏنو ويو. آمريڪا جي طرفان افغانستان جي اندر ڪرايل ان گهرو ويڙهه کي اسلام جي سربلنديءَ جي جنگ قرار ڏنو ويو ۽ ان جنگ جي فتح ۽ شڪست کي عالم اسلام جي جيا پي سان ڳنڍيو ويو.

پاڪستاني ميڊيا توڙي اولهه جي لبرل ۽ سيڪيولر ميڊيا ان محاذ آرائيءَ کي اسلامي جنگ ۽ ان جي فتح کي عالم اسلام لاءِ ايترو ضروري قرار ڏئي ڇڏيو جهڙو اها جنگ بدر ۽ احد هئي. وڙهندڙ افغانين جي لاءِ لفظ مجاهدين يا آزادي لاءِ لڙندڙ (Freedom Fighters) جو محاورو استعمال ڪيو ويو، جيڪو اجا تائين ڪشمير ۾ استعمال ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن افغانستان ۾ روس کي شڪست ڏيڻ لاءِ رڳو افغانين تي ڀاڙيو وڃي ها، ته به اڄ صورتحال ايترو خراب نه هجي ها. پر جيئن ته هي جنگ اسلام جي لاءِ قرار ڏني وئي هئي ۽ عالم اسلام جي ”بقا“ لاءِ هئي، تنهن ڪري آمريڪا پاڪستان جي ملڪي مذهبي جماعتن ۽ گروپن کي به هن جنگ ۾ ڀرپور طاقت سان لاٿو. مختلف مذهبي فرقن ۽ گروپن جي نالي سان نيون مذهبي ۽ سياسي تنظيمون ناهي انهن کي هٿيارن سان ليس ڪري ميدان تي لاٿو. آمريڪا نه رڳو سڌو سنئون انهن بنياد پرست تنظيمن جي معاشي ۽ سياسي مدد ڪندو رهيو، پر ان کان علاوه پنهنجي همنوا اسلامي ملڪن کان به انهن کي مدد ڪرائيندو رهيو. جنرل ضياءُالحق جي حڪومت آمريڪا جي خوشنودي حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي بقا لاءِ نه رڳو افغان مجاهدين جي گروپن جي پر انهن مذهبي فرقي پرست تنظيمن جي به سرپرستي ڪندي رهي.

اسان جي ملڪ اندر مذهبي انتها پسندي شروع کان رهي آهي، پر گذريل ٻن ڏهاڪن کان اڳ ان جي اثر جو دائرو تمام محدود هو. مذهبي انتهاپسندي کي ڪڏهن به عوام جي پذيرائي حاصل نه رهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي ۽ نہ ئي انتها پسند ڏرين جو تنظيمي دائرو ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکڙيل هو ۽ نہ ئي انهن کي ڪا هٿياربند قوت حاصل هئي. ان وقت ڪنهن حد تائين انتهاپسند ملان موجود ضرور هوءِ پر اهو بي هٿيار ۽ بي وسيلي هو ۽ تمام محدود دائري ۾ هو. ملڪي معاملن ۾ ان جو ڪوبہ ڳڻڻ جهڙو ڪردار نہ هوءِ ڪيس معاشي، سياسي ۽ هٿيار جي طاقت حاصل نہ هئي.

1980ع واري ڏهاڪي ۾ آمريڪا ۽ پاڪستان سرڪار ان بي هٿيار ننڍڙي ۽ پتڪڙي ملان کي، جيڪو بند بوتل جو جن هوءِ ان کي بوتل کان ٻاهر ڪڍي، ڪارائي پياري، مواڙ ڪري هڪڙي هٿ ۾ قرآن پاڪ ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪلاشنڪوف ڏئي، آزادي لاءِ وڙهندڙ جهادي ۽ مجاهد جو نالو ڏئي، افغانستان ۾ ڪافرن (سوويت يونين ۽ افغان حڪومت) سان مقابلي جي پٽي پڙهائي ميدان ۾ لاهي ڇڏيو. پاڪستان حڪومت پنهنجي جاگرافيائي پوزيشن جي اهميت محسوس ڪندي ان جو خوب استعمال ڪيو. جنرل ضياءُالحق آمريڪي مفادن جي تحفظ سان گڏوگڏ پنهنجي حڪمراني جو تحفظ بہ برابريءَ سان ڪندو رهيو. ڏکڻ ايشيا ۾ آمريڪي مفادن جو محافظ هجڻ جي حيثيت ۾ پنهنجي سياسي مخالفن ۽ ملڪ ۾ هلندڙ سياسي تحريڪن کي ڏنڊي جي زور تي زبردستي ڪچلينڊو رهيو.

سندس دور ۾ سرڪاري ميڊيا کان سواءِ باقي ميڊيا تي پابندي يا سينسر مڙهيل هو. جمهوريت پسند، آزاد ميڊيا جي حامي ۽ انساني حقن جي علمبردار مغرب جون اکيون بند ۽ ڪن ۾ ڪپهہ پيل هئي. نيٺ روس افغانستان مان ويو، پر ٻن سپر طاقتن جي ان لڙائيءَ ۾ ٻنهي طرفان استعمال افغان ئي ٿيو. هاڻي افغانستان هڪ اهڙي گهرو ويڙهہ جي منهن ۾ وڃي پيو آهي جتان ويجهي مستقبل ۾ ان جي نڪرڻ جو ڪوبہ امڪان ڪونهي.

1990ع جي ڏهاڪي جي شروع ۾ مشرقي بلاڪ ختم ٿيڻ ۽ سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ دنيا ۾ عالمي طاقتن جي درميان طاقت جو توازن ختم ٿي ويو ۽ پوري دنيا طاقت جي (Unipolarity) جو شڪار ٿي وئي. آمريڪا رنگ ماسٽر بنجي دنيا تي پنهنجو حڪم

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(World Order) هلائڻ لڳو ۽ Unipolar Wrold جي قيادت ڪرڻ لڳو. پوري دنيا وانگر ڏکڻ ايشيا ۾ به آمريڪي پاليسي پلٽو کاڌو، دوستي ۽ دشمني جا پيمانا تبديل ٿي ويا. آمريڪا نئين اوليتن تحت پنهنجو ڪم شرع ڪيو. سندس نئين حڪمت عمليءَ تحت هاڻي هن خطي ۾ آمريڪا جو نشانو چين هو. چين، جيڪو ڪميونسٽ ملڪ آهي، ائٽمي پاور به آهي. دنيا جي 20 سيڪڙو ابادي چين ۾ آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ اهو ته چين معاشي طرح تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهيو هو ۽ ٽين دنيا جا ملڪ ان جي مارڪيٽ هئا. وچ ايشيائي رياستن (Central Asian States) جي نئين ۽ وسيع مارڪيٽ هن جي اڳيان هئي. آمريڪا جون سموريون پاليسيون نه ته چين کي جهڪائي سگهيون هيون ۽ نه ئي هن جي معاشي ترقي (Economic Growth) کي روڪي سگهيون هيون. مائوزي تنگ کانپوءِ ڊينگ زيائوپنگ جي معاشي انقلاب، چين جي صورتحال ئي تبديل ڪري ڇڏي هئي ۽ چين ڪنهن به صورت ۾ جاپان وانگر آمريڪا کان ڊڪٽيشن وٺڻ لاءِ تيار نه هو. آمريڪا جا پاليل ايشين ٽائيگرز (Asian Tigers) ملائشيا، تائيوان، ڪوريا ۽ سنگاپور وغيره چين جو ڪجهه به بگاڙي نه سگهيا هئا.

ڏکڻ ايشيا لاءِ نئين آمريڪي حڪمت عمليءَ ۾ ان لاءِ هندستان پاڪستان کان گهڻو اهم هو. پاڪستان جي تاريخ ۾ اهو پهريون موقعو هو جڏهن پاڪستان جي فوج ۽ آمريڪا جون پاليسيون ۽ مفاد هڪبئي سان ٽڪرائجڻ شروع ٿيا. هاڻي آمريڪا کي مضبوط پاڪستان نه، پر مضبوط هندستان جي ضرورت هئي، جيڪو چين جهڙي طاقت سان مقابلو ڪري سگهي. هندستان به صورتحال کي سمجهندي تباهه ٿيل روس کان هڪدم اکيون ڦيري آمريڪا طرف دوستيءَ جو هٿ وڌائي ڇڏيو.

1980ع واري ڏهاڪي ۾ هندستان جي اندروني صورتحال جو جائزو وٺڻ سان اهو صاف نظر ايندو، ته ان دوران هندستان مسلسل عدم استحڪام جو شڪار هو. روس نواز هئڻ ڪري آمريڪا هندستان کي ڪمزور ڪرڻ جو ڪوبه موقعو هٿان وڃڻ نه ڏيندو هو. اهوئي دور هو جڏهن انديا ۾ خالصتان، آسام ۽ تامل نادو جي تحريڪن زور ورتو ۽ اندرا گانڌيءَ ۽ راجيو گانڌيءَ جو قتل ٿيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ميڊيا جي پروپئگنڊا ۾ ائين محسوس ٿيندو هو، جڻ اجهو ٿو هندستان ٽٽي. خالصتان جي تحريڪ جو ته هيڊ ڪوارٽر به ڪئنادا ۾ هو. ان دور ۾ اندرا گانڌي ۽ راجيو گانڌي جهڙن مقبول اڳواڻن جون حڪومتون به مسلسل بحران جو شڪار رهيون. پر جڏهن آمريڪا کي مضبوط هندستان جي ضرورت پيش آئي، ته خالصتان ۽ آسام جون تحريڪون ائين زمين دوز ٿي ويون جڻ انهن جو ڪو وجود ئي ڪونه هو، حالانڪ هندستان کي 1990ع واري ڏهاڪي ۾ اهڙي مضبوط سياسي قيادت ميسر نه هئي، جهڙي 1980ع واري ڏهاڪي ۾ هئي.

آمريڪا کي اهڙي سرزمين جي ضرورت آهي جنهن تان ويهي هو سڌو سنئون چين کي ڪنٽرول ڪري سگهي. ڏکڻ ايشيا ۾ اهو ڪشمير کان سواءِ ٻيو ڪو علائقو نٿو ٿي سگهي. 1990ع کان ئي آمريڪا جو پاڪستان سرڪار تي اهو دباءُ پوڻ شروع ٿي ويو ته ڪشمير مسئلو حل ٿيڻ گهرجي. ڪشمير سان گڏ پاڪستان جي عسڪري قوت (Military Strenght) ۽ نيو ڪليئر پاور جا مسئلا پڻ مسلسل آمريڪا جي دباءَ هيٺ رهيا آهن. ان عرصي دوران ئي ڪشمير مسئلي جي حل ۽ ان جي ورهاڱي بابت مختلف رايا ۽ خبرون شايع ٿينديون رهيون آهن. ڪن حلقن جو اهو به چوڻ آهي ته آمريڪا اهو نٿو چاهي ته ڪشمير کي ڪشميري عوام جي حوالي ڪيو وڃي، پر اهو ڪشمير جو ورهاڱو پنهنجي مفادن وٽان ڪرڻ چاهي ٿو.

آمريڪا والاريل ڪشمير جا مسلم ۽ هندو اڪثريتي علائقا الڳ الڳ پاڪستان ۽ هندستان کي ڏئي، باقي چين سان لڳندڙ سرحدي علائقي کي اقوام متحده جي حوالي ڪري پنهنجي سڌي سنئين صوبيداري قائم ڪرڻ چاهي ٿو.

هينئر سوال اهو پيدا ٿو ٿئي ته پاڪستان ۽ هندستان جون حڪومتون هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪيترو اڳتي وڌي سگهن ٿيون. آمريڪا هن مسئلي جي حل طرف پيشرفت لاءِ خاص وقت جي چونڊ ڪئي آهي، يعني ٻنهي ملڪن ۾ اهڙيون حڪومتون موجود آهن، هندستان ۾ واجپائي ۽ پاڪستان ۾ جنرل مشرف جي حڪومت، جيڪي ڪشمير مسئلو آمريڪا جي مرضي وٽان حل ڪرڻ جي پرپور

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قوت رکن ٿيون. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٽي چئجي ته هن مسئلي جي حل لاءِ ان جي پروگرام مطابق حڪمرانن جي چونڊ ڪئي وئي آهي. پاڪستان جون پنهنجون معروضي حالتون آهن.

اسان وٽ جيئن عام طرح اهو سمجهيو ويندو هو، ته ڪشمير مسئلو فقط فوج ۽ پنجاب جو آهي، هاڻي رڳو ائين نه آهي پر سڀ کان وڌيڪ اهو مسئلو هن وقت ڪلاشني مُلن جو آهي، جن جو گذارو جهاد تي آهي. اهو جهاد ڪشمير کان علاوه ايڪسپورٽ ٿي بوسنيا ۽ چيچنيا تائين پهچي چڪو آهي. اسان جي ملڪ ۾ انهن بنياد پرست فرقيوار مذهبي تنظيمن جا هر ننڍي وڏي شهر ۾ مدرسا ۽ دارالعلوم آهن، جن جو تعداد هزارن ۾ آهي. انهن ۾ حقيقي ديني ۽ مذهبي درس ڏيڻ وارن مدرسن جو تعداد تمام ٿورو آهي، جڏهن ته گهڻن ۾ مذهبي بنياد پرستي ۽ نام نهاد جهاد لاءِ مسلح جدوجهد جي ٽريننگ ڏني وڃي ٿي. هاڻي اهوئي لکن جي تعداد ۾ تيار ٿيل ۽ تربيت يافته هٿياربند ملان مذهبي عنصر آمريڪي مفاد جي ٽڪر ۾ آهي. افغانستان ۾ جڏهن اهوئي هٿياربند مُلان آمريڪي مفادن جي جنگ وڙهي رهيو هو ته مغربي ميڊيا ان کي مجاهدين ۽ فريڊم فائيٽر جا لقب ڏئي رهيو هو. جڏهن هاڻي ان ساڳيءَ مذهبي قوت جا پنهنجا الڳ سياسي مفاد آهن، جيڪي نون آمريڪي مفادن جي رستي جي رڪاوٽ بنيل آهن، ته ان ئي مغربي ميڊيا ۾ انهن کي انتها پسند، بنياد پرست ۽ دهشتگرد سڏيو وڃي ٿو.

آمريڪا پهريائين بينظير ڀٽو جي حڪومت تي پنهنجا گهربل مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ دباءُ وجهندو رهيو. انهن معاملن ۾ شدت پسند، هٿياربند مُلن جي مذهبي عنصر کان سواءِ ڪشمير ۽ CTBT جو مسئلو به سرفهرست رهيا آهن. پر جيئن ته بينظير ڀٽو جو ننڍي صوبي سان تعلق هو، ان ڪري هو ڪنهن اهڙي وڏي معاملي تي پيشرفت ڪرڻ جي همٿ نه ڪري سگهي. هن سمجهيو ٿي ته انهن مسئلن جي ٿوري به چيڙ چاڙ سندس حڪومت لاءِ خطرو ثابت ٿي سگهي ٿي.

جڏهن ميان نواز شريف اقتدار ۾ آيو، ته اهو سمجهيو ويو ته وڏي صوبي پنجاب سان تعلق هجڻ سبب سندس دور ۾ اهي مسئلا حل ڪيا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويندا. نواز شريف جي دور ۾ هڪ خاص حد تائين انهن مسئلن تي پيشرفت به ٿي. هن وقت ملڪ تي ان جا ڏر ڏٺي فوجي حڪمران آهن. آمريڪا جو گذريل ڏهن سالن کان مٿن دباءُ آهي ته ڪشمير جو مسئلو ختم ڪريو، فوج جو تعداد محدود ڪريو ۽ دفاعي بجيٽ گهٽايو. موجوده حڪومت غيرمنتخب ۽ غيرسياسي هجڻ ڪري هن دباءُ جو وڌيڪ شڪار آهي. ان ڪري آمريڪا I.M.F، ورلڊ بئنڪ ۽ ٻين مالياتي ادارن جي مختلف ذريعن سان هاڻوڪي حڪومت کي مسلسل دباءُ هيٺ رکيو آهي، جو هو سمجهي ٿو، ته انهن مسئلن کي بجاءِ ڪنهن سياسي حڪومت جي، فقط ملڪ جي عسڪري فوجي طاقت ئي حل ڪري سگهي ٿي. ملڪ جون واڳون موجوده حڪمرانن جي سنڀالڻ کان پوءِ بين الاقوامي طرح اسان مڪمل سياسي اڪيلائپ جو شڪار آهيون.

ملڪ جي پرڏيهي پاليسي ڪامياب ثابت نه ٿي آهي. سارڪ، ڪامن ويلٿ ۽ ان قسم جي ٻين بين الاقوامي ادارن ۾ اسان کي ڪابه مڃتا نه آهي. موجوده ملڪي قيادت جي ٻاهرين ملڪن جي دورن ۾، ملائيشيا، ٿائيلينڊ ۽ سعودي عرب وغيره جهڙن ننڍن ملڪن جو رويو به ڪو خاص ڪونه رهيو آهي. ملڪ جي معاشي حالت ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ابتري جو شڪار ٿيندي پئي وڃي. بين الاقوامي مالياتي ادارن جي محدود پابندين صورتحال کي وڌيڪ ڳنڀير بنائي ڇڏيو آهي ۽ اهي فقط ايترو چوڳو ڏيندا رهن ٿا، جو ملڪ زنده رهي ۽ ملڪ ڏيوالو نه ٿئي. جيئن ڪنهن شخص کي کاڌو پيتو نه ڏجي، پر ڪيس رڳو گلوڪوز جون بوتلون چاڙهي زنده رکيو وڃي. اهو به آمريڪا جي پاليسي جو حصو آهي. آمريڪا انهن معاشي پابندين کي بظاهر ته جمهوريت جي بحاليءَ سان منسلڪ ڪيو آهي، پر اصل ترجيح ٻين مسئلن کي آهي، جن جو حل اهو ڏکڻ ايشيا سان لاڳاپيل پنهجن مفادن لاءِ ضروري سمجهي ٿو.

موجوده حڪومت طرفان ڪشمير مسئلي تي ٿيندڙ پيشرفت انهيءَ دباءُ جو نتيجو آهي. هوڏانهن هندستان تي پارٽيا جنتا پارٽي B.J.P. جي اٽل بهاري واجپائي جي حڪومت آهي. پارٽيا جنتا پارٽي انتها

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پسند هندن جي نمائندگي ڪندڙ پارٽي رهي آهي. ويجهي ماضي ۾ بابري مسجد جي مسئلي تي ان جي ڪردار کي هندستان جا مسلمان اڃا وساري نه سگهيا آهن. اهڙن ئي هندو مذهبي جذبات پڙڪائيندڙ نعرن تي هن سيڪيولر ڪانگريس کي هارائي اقتدار حاصل ڪيو آهي. واجپائي جي پنيرائي ۾ شو سينا جهڙي هندو انتهاپسند تنظيم آهي، جن اڃا تائين 1947ع جي پاڪ هند ورهاڱي کي دل سان تسليم نه ڪيو آهي ۽ انهن جي نظر ۾ اڄ به ڪشمير مسئلي جو حل ”ڏرم يُڌ“آهي.

پاڪستان جا حڪمران انتهائي ڏکي صورتحال مان گذري رهيا آهن. هڪ طرف ملڪ جو معاشي مسئلو آهي، جيڪو فوري حل جو طلبگار آهي. آخر گلوڪوز جي انجيڪشن تي ڪنهن کي ڪيستائين زنده رکي سگهجي ٿو؟ مٿان اها انجيڪشن به پنهنجي هٿ ۾ نه آهي، ان جو ڊوز ڪنهن وقت به بند ٿي سگهي ٿو. ٻئي پاسي لکن جي تعداد ۾ انتهاپسند بي لغام ملان آهن، جن جو ڇار هينئر انتهائي وسيع آهي. نه رڳو ايترو پر خود مقتدر قوتن جي اندر پڻ اهو فڪري رجحان ڪافي حد تائين موجود آهي، جيڪو انتهاپسند ۽ شدت پسند تنظيمن جي مدد ۽ حوصلا افزائي ڪري ٿو.

گذريل 50 سالن کان پاڪستاني ميڊيا ڪشمير مسئلي کي اهڙي رنگ ۾ پيش ڪندي رهي آهي، جو جڙ ته ڪشمير کان سواءِ پاڪستان ۽ اسلام ٻئي نامڪمل آهن. ان سڄي پسمنظر ۾ ڇا جنرل پرويز مشرف جو هندستان جي تن ڏينهن جو دورو ڪشمير مسئلو حل ڪري ٻنهي ملڪن ۾ ڪشيدگي گهٽائڻ ۾ ڪامياب ٿيندو؟ يا اهو محض رسمي ڏيکاءُ رهجي ويندو؟ ان ۾ آخري ڳالهه جا امڪان وڌيڪ آهن. جيڪڏهن هن مسئلي جي حل طرف ڪا ٺوس پيش قدمي ڪئي به وئي، ته اها ڪا ڪنهن هڪدم واري اعلان جي شڪل ۾ نه هوندي، پر ان تي آهستي آهستي مرحليوار عمل ڪيو ويندو، ته جيئن ڪٿان به ڪو شديد ردعمل (Reaction) نه ٿئي.

جمع 13/7/2001

11-00 وڳي ڏاري صوفي آيو. ٻڌايائين ته ”توهان جيڪو ماڻهو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چيو هو، ان کي آئون هٿ ڪري آيو آهيان. پر ڪيس ٻاهر نڪرڻ ڪونہ ڏيندا آهن. آئون گارڊ سان ڳالهائي آيو آهيان. توهان جيڏي مهل چونداہ آئون وٺي ايندوسانس.“ مون چيو ”اڄ ٻنپهرن جو وٺي اچجانءِ.“ ان کان پوءِ هو موڪلائي هليو ويو. صوفي پٺاڻ آهي، سندس پورو نالو گل دراز خان آهي. عمر ۾ اڏڻوٽ، وڏي ڏاڙهي، سنهڙو ۽ قد جو ڊگهو آهي. مٿي جا وار هميشہ وکريل، قميص جا بٽڻ ڪليل هوندا اٿس. ائين لڳندو جڻ ڪو ملنگ هلندو وتي. هتي خون جي ڪيس ۾ آهي، عمر قيد جي سزا اٿس، جيڪا باقي ڪجھ مهينا بچي آهي. هو غفار خان ۽ ولي خان جو شيدائي آهي. ماڻ تہ اٿس ڪونہ، سڄو ڏينهن پيو ڳالهائيندو آهي. جيل ۾ هن کي B.B.C بہ سڏيو ويندو آهي. سڄو ڏينهن ويٺو سيني کي گاريون ڏيندو آهي، جنرل، سياستدان، ڪامورا ۽ واپاري ڪير بہ بچيل ڪونهن. سيني کي جيڪو چوٽو هوندس، منهن تي چوندو آهي. پنهنجي ڪوليءَ تي رڳو سمهڻ ويندو آهي، باقي سڄو ڏينهن پيو هلندو ۽ جيل ۾ هر شيءِ جي خبر رکندو. سندس گهٽو وقت ايوب آفريدي وٽ گذرندو آهي. مون وٽ بہ گهٽو ايندو آهي.

ڪالھ شام جو مون چيو هومانس تہ دوست علي نالي منهنجي ڳوٺ جو همراھ آهي، خبر وٺي ٻڌاءِ تہ ڪٿي آهي؟ چيائين: هينئر جيل بند ٿيڻ وارو آهي، سپاٽي توهان کي ٻڌائيندس. صبح جو اچي ٻڌايائين. پوري معلومات ۽ شجرو وٺي آيو هو.

صديقي، وريام فقير، آئون ۽ ڪجھ ٻيا همراھ گڏجي جمعي نماز پڙهڻ لاءِ درالقرآن وياسين. واپس وارد تي آياسين تہ صوفي دوست علي جت کي ويهاريو ويٺو هو. اسان سيني گڏجي ماني کاڌي ۽ مون دوست علي کان حال احوال ورتا.

شام جو علي حسن، ممتاز گوپانگ، فضل الله صديقي ۽ اسد عباسي ملڻ آيا.

14/7/2001

12-00 وڳي ڊاڪٽر ويرسي ملڻ آيو. 3-00 وڳي ٻار، پٽي ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهنواز آيا.

آچر 15/7/2001

اڄ ٻنپهرن جو آئون ۽ خان محمد مهر گڏجي 17 وارڊ ۾ ستار ڏيرو ۽ عثمان فاروقي وٽ وياسين. مولچند جي آزاد ٿيڻ کان پوءِ انجنيئر شهمير به انهن جي ڪمري ۾ اچي ويو هو. خوشي محمد ڀٽو به اُتي موجود هو. اسان ماني اُتي ئي کاڌي.

وارڊ 17 مان ٿي اسان سڌو چڪر ۾ آياسين، جتي ابوبڪر جت وارن سان ملياسين. اُتي ٻاهر ويٺا هئاسين ته دوست علي جت اچي مليو. نواب جت به ملڻ آيو هو. هو عبدالرحمان جت جو ڀاءُ ۽ خميسي جت جو مائٽ آهي.

16/7/2001

صبح جو صوفي آيو ۽ ڪچهري ڪري هليو ويو.

اڄ وريام فقير چيو ته هتي راند ڪنداسين. ان لاءِ امداد کي چيائين ته ڪو چوٿون رانديگر وٺي اچ. امداد پاڻ سان نذير خاصخيلي کي وٺي آيو. اسان ماني کائي ڪجهه دير تاش راند ڪئي، تيستائين ملاقات جي پرچي آئي. اسلم، چاچا خالقڏنو، شاهنواز راڄپر، ڏيال ۽ نور محمد مري ملاقات تي آيا هئا.

اڄ صبح کان ئي موسم تمام سٺي هئي. مڪمل جهڙ هو ۽ تيز هوا لڳي رهي هئي. آئون، خان محمد ۽ آفريدي ٻاهر چڪر هڻندا موسم جو مزو وٺي رهيا هئاسين.

شام کان هلڪو وسڪارو به شروع ٿي ويو هو. آئون واپس وارڊ تي آيس. دائود خان جي اڄ تاريخ هئي. اهو ڪورٽ کان ٿي واپس پهتو هو. مون کي مبارڪ ڏنائين ۽ چيائين ته اڄ منهنجو ڪيس هليو آهي، وري آگسٽ جي تاريخ ملي آهي، جنهن تي آرگيومينٽ ٿيندا، ان کان پوءِ فيصلو ٿيندو. بهرحال اڄ لالو خوش هو.

شام جو عباسي ۽ صديقي آيا. اڄ صديقي جي به تاريخ رکيل هئي. صديقي کي گرفتار ٿيندي اڄ 90 ڏينهن پورا ٿي ويا هئا. کيس ڏيڍ مهينو M,P,A هاسٽل ۾ نيب جي ٿاڻي تي رکيو ويو هو ۽ ڏيڍ مهينو جيل ۾ ٿي ويو هئس. اڃا مٿس ڪوبه ريفرنس يا چارج نه آندي وئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئي. نيب قانون تحت ان جي 90 ڏينهن جي حساب سان اڄ سندس آخري ڏينهن هو، جنهن ۾ مٿس ڪو ريفرنس نه آيو، تہ ڪيس آزاد ٿيڻو هو. سو ملندي ئي تاريخ جا احوال ٻڌائڻ لڳو. چيائين، ”اڄ بہ نيب وارا ڪجھ ڪونہ ڪٽي آيا. جج ڪين چيو، مون کي آخري ڳالھ ٻڌايو. توهان کان ڪجھ نہ ڪونہ ٿو، تہ مٿي ڳالھائي مون کي هينئر ئي ٻڌايو.“ انويسٽيگيشن آفيسر ويو ۽ ڪجھ وقت کان پوءِ موٽي آيو. جج کي چيائين، ”مٿان چون ٿا تہ اسان کي اجا هڪ هفتو ڏيو.“

اهو ٻڌي جج 21 تاريخ رکي ۽ انويسٽيگيشن آفيسر کي چيائين تہ ”ان تاريخ تي ضرور ڪجھ ڪٽي اچجانءِ. ٻي صورت ۾ آئون هن کي چڏي ڏيندس.“ نيب جي قانون موجب ان جي ڪنهن بہ قيدي جو رمانڊ ونڻ لاءِ جيڪڏهن ريفرنس ناهي، تڏهن بہ ڪا چارج يا الزام جج جي اڳيان ضرور پيش ڪرڻو آهي. 90 ڏينهن گذرڻ کانپوءِ ڪنهن کي ريفرنس بنا هڪ ڏينهن لاءِ بہ قيد ۾ رکي نٿو سگهجي. پر قانون جي ڳالھ اُتي ٿيندي، جتي ڪو قانون هجي. هتي تہ ڪو قانون آهي ئي ڪونہ. فقط ڏنڊي جو قانون آهي.

17/7/2001

اڄ 12-00 وڳي ڏاري ملاقات جي پرچي آئي. هونئن پروگرام سان تہ اڄ ڪنهن کي ملاقات تي اچڻو ڪونہ هو. ماڙيءَ تي ويس تہ مٿي ڊاڪٽر رب ڏنو ميمڻ آيو هو. ان سان ڪچهري هلي پئي تہ اقبال عنايت آيو. ڊاڪٽر جي موڪلائڻ کان پوءِ آئون ۽ اقبال، ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ اچي ويٺاسين. اها ان وقت خالي هئي.

شام جو وارڊ ۾ ويٺا هئاسين، تہ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ امان الله نيازي ۽ اقبال عنايت منهنجي وارڊ تي آيا. نيازي چيو تہ ”آئون تعزيت لاءِ اچي ڪونہ سگهيو هئس، ان ڪري آيس تہ دعا گهري اچان.“ دعا گهرڻ کان پوءِ ڪجھ وقت تائين ويٺا، بعد ۾ ٻنهي موڪلايو.

اڄ بہ موسم جهڙالي هئي ۽ سجو ڏينهن وسڪارو ٿيندو رهيو. جيل ۾ اڄ هر هنڌ جنرل پرويز مشرف جي دوري ۽ واپسيءَ تي بحث هلي رهيو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

18/7/2001

اڄ 11-00 وڳي دارالقرآن مان مون کي قرآن شريف پڙهائڻ لاءِ استاد آيو. پهرين هن مون کي قرآن پاڪ پڙهايو، پوءِ طئي اهو ٿيو ته شروعات قاعدي کان ڪبي. قرآن شريف ته آئون ننڍي هوندي پڙهيل هئس، پر گهڻو عرصو نه پڙهڻ جي ڪري هينئر پڙهڻ مشڪل لڳندو هو.

ذڪريا غني مون کي چوندو رهندو هو، ته تون قرآن پاڪ جي تلاوت ضرور ڪر. ڪيس چوندو هئس، ته آئون ان کي صحيح نه پڙهي سگهندس. مون کي عربي زبان سکڻ جو شوق آهي، پر مون ڪڏهن ڪوشش به نه ڪئي آهي. چيائين، ”آئون توکي دارالقرآن مان هڪ سٺو استاد هٿ ڪري ڏيان ٿو، اهو اوهان کي قرآن پڙهائيندو. ائين توهان جون ٻئي خواهشون پوريون ٿي ويندڻيون.“

11-30 وڳي اسان 23 وارد ۾ شهيد پٽو وارن وٽ وياسين، جتي هُن شاهنواز پٽو جي ورسيءَ تي قرآن خواني ڪرائي هئي. اتي وينا ئي هئاسين ته آصف بيگ آيو، جنهن ٻڌايو، ته هاءِڪورٽ مان سندس ضمانت ٿي وئي آهي. هو تمام خوش هو. 3 ڏينهن اڳ آئون وٽس ويو هئس ته ڏاڍو مايوس ۽ دل برداشته هو. مون کي ٻڌايو هئائين، ته نيب اختيارين منهنجي فيملي کي صاف چئي ڇڏيو آهي ته ”ضمانت کي ڀلجي ويجو اسين ڪنهن به صورت ۾ ضمانت ٿيڻ نه ڏيندا سين.“ سنڌ جي اندر آصف بيگ جو پهريون ڪيس هو، جنهن ۾ نيب جي خلاف هاءِ ڪورٽ ضمانت ڏني آهي.

اتي ئي ويٺي ماڙيءَ کان پرچي آئي. علي سوناري وارن کان اجازت وٺي آئون ماڙيءَ تي آيس. سپرنٽينڊنٽ سان ملي وري موٽيس ته ٿوريءَ دير ۾ حنيف نوهڙيو آيو. ٻڌايائين ته آفيس مان ٻيا همراهه به آيا هئا، پر وري ڪنهن سبب ڪري واپس ويا. اسان وينا ئي هئاسين ته مٿان شاهنواز آيو. جنهن ڪورٽ کان آندل ڪاغذ مون کي ڏنا. واپس وارد تي آيس. حاجي مشتاق ڪلهوڙو ۽ ٻيا همراهه آيا. حاجي مشتاق جو تعلق پ پ پ سان آهي، پنهنجي سزا پوري ڪري چڪو آهي، ڪجهه ڏينهن ۾ آزاد ٿي ويندو. وري ماڙيءَ تان سڏ آيو، اتي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اورنگزيب پنهور سان ملاقات ٿي. ڪافي احوال ٻڌايائين.

4-30 وڳي جيل جي اسپتال ۾ ويس. C.M.O ڊاڪٽر فضل الاهي ميمڻ مون کي ٻڌايو ته توهان جي دوستن مون کي توهان لاءِ چيو آهي. آئون ساڻس اڳ ۾ ملي آيو هئس. اڄ ڪجهه ڪاغذ ڪيرائڻا هئا. پاڻ سپرنٽينڊنٽ لاءِ ليٽر ناهي ڏنائين. مون کي وري ماڙيءَ جي پرچي آئي، جنهن ڪري ڪانئس اجازت وٺي ماڙيءَ تي آيس، اتي ڪجهه همراهه ملڻ آيا هئا.

شام جو ٻاهر وراندي ۾ ويٺو هئس، وزير عباس جي ڪورٽ ۾ تاريخ هئي، اهو پروگرام ويٺي ناهيوسين. ٿوريءَ دير ۾ سپرنٽينڊنٽ راشد سعيد آيو. ڪلاڪ کن ويٺو ڪچهري ڪندو رهيو. اڄ واڪ تي وڃڻ ۾ به دير ٿي وئي هئي، پر ڪجهه وقت لاءِ چڪر ڏئي آيس.

19/7/2001

اڄ ڪورٽ هئي. آئون، وزير عباس ۽ رئوف قادري، ٽنهي کي بند موبائل ۾ ڪورٽ وٺي ويا. شاهنواز، ڪامريڊ منظور خشڪ، اسدالله شاهه ۽ ٻيا همراهه پهرين ملڻا. اڄ به ڪافي دوست آيل هئا، جن ۾ سليمان ڏاهري، ايڪسائيز جو اصغر سومرو، امتياز راڄپر، قمبر حاجاڻو، مشتاق بلوچ، سيٺ ڏرم، خدا بخش ميمڻ، عزيز ميمڻ، طارق، حميد، شهمير، يوسف جت، قاسم ميمڻ، بچل حجام، نور محمد راهو، نور محمد ڏاهري، گل محمد، غلام حسين، شاهه محمد شاهه، قمر راڄپر، صفدر چنا، اقبال، اسلم، جان محمد انصاري، علي احمد جوڪيو، عطا محمد شاهاڻي ۽ ٻيا شامل هئا.

اڄ ڪورٽ ۾ 265K تحت درخواست داخل هئي. پراسيڪيوٽر نئون ريفرنس به ڪٽي آيو هو. اڳوڻي پراڻي ريفرنس کي نئون ڪري ڪٽي آيا هئا. گڏهه ساڳيو آٿر نوان وارو ڪم هو. اهو ئي ريفرينس به مهينا اڳ داخل ڪيو ويو هو ته آئون ان ۾ جوابدار نه هوس. ٻن مهينن کانپوءِ ساڳئي ريفرنس ۾ مون کي جوابدار ڪيو ويو هو. ان درخواست تي آرگومينٽ ٿي، جيڪا محض فارملٽي (رسمي ڪارروائي) هئي. جيئن اڳيئي پڪ هئي، جج درخواست ڊسمس ڪري پنهنجو "فرض"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پورو ڪيو.

20/7/2001

اڄ 11-00 وڳي اسلام الدين شيخ وٽ ويس، ڪاله کان سندس طبيعت گهڻي خراب هئي. چيلهه جي سور جي شڪايت ته گهڻي وقت کان ڪندو رهندو آهي، پر اڄ ٻڌايائين ته ڪيس الٽيون ۽ سخت بخار آهي، پر اسپتال داخل ٿڻا ڪن. اتان ٿي واپس پنهنجي وارڊ تي آيس ته، صديقي ۽ فقير وريام ويٺا هئا. ايتري ۾ همراه ٻڌايو ته، C.M.O جو مقدم توهان سان ملڻ چاهي ٿو. هن سي ايم او جو نياپو آندو آهي ته "غلام حسين ميمڻ صاحب توهان لاءِ سلام ڏنا آهن، ۽ صاحب چيو آهي ته، توهان 3-00 وڳي مون وٽ اچجو." نياپي جو مقصد آئون سمجهي ويو هئس.

1-30 وڳي ماڙيءَ تان پرچي آئي. ويس ته شاهنواز ۽ ڏيال ملاقات لاءِ آيل هئا. اتان ايندي خان محمد مهر مليو، گڏجي سندس وارڊ تي وياسين، ماني گڏجي کاڌيسون. آئون اتان سڌو اسپتال ويس. ٻڌايائون ته، C.M.O ماڙيءَ تي ويل آهي. ايتري ۾ ڊاڪٽر فضل الاهي، غلام حسين ميمڻ، عبدالستار ڏيٿو ۽ حاجي منان آيا. اسان C.M.O جي آفيس ۾ وڃي ويٺاسين. ڏيٿي اڌ ڪلاڪ کن کان پوءِ اجازت ورتي، جو FM100 تي سندس ڪو پروگرام هو. C.M.O فيڪٽري ويو، جتي I.G جي اوپن ڪچهري هئي.

آئون ۽ غلام حسين به ادائي ڪلاڪ ڪچهري ڪندا رهياسين. اتان واپس وارڊ تي آيس، ته علي حسن آيو. هن کان پوءِ صديقي ۽ عباسي آيا. حال احوال ڪندي ٻڌايائون ته توڪل ۽ قربان جتوئي کي بند وارڊ ڪيو ويو آهي. اها خبر اڄ صبح کان ئي هلي پئي.

شام بند ٽيڻ کان ٿورو اڳ ٻاهر نڪتس، ته حاجي ايوب وڙڪي رهيو هو. ٿوري دير ۾ خان محمد به آيو. اسين بند ٽيڻ کان اڳ گهڻو ڪري روزانو ٻاهر ڪجهه وقت ڪچهري ڪندا آهيون، ان ڪري اسان وارا وارڊ ڪڏهن ٿورو دير سان به بندا ٿيندا آهن. خان محمد وارن جو وارڊ ته هونئن به دير سان بند ٿيندو آهي، پر ڪڏهن اسان واري وارڊ کي به بند ٿيڻ ۾ دير ٿي ويندي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خان محمد مهر جيئن ٻاهر گهٽو گهمندڙ ڦرندڙ هوندو هو، جيل اندر به ائين آهي. گهٽو ڪري سڄو ڏينهن پنهنجو پاڻ کي مصروف رکندو آهي. مون سان به هتي پهريون ملڻ وارو ماڻهو خان محمد هو. نيب ڪورٽ مان ڪيس سزا ٿي چڪي آهي ۽ اپيل هاءِ ڪورٽ ۾ لڳل اٿس. ٿي مهينا نيب جي قيد ۾ هو. ٻڌايائين، ته ڪيس اتي گهٽو تنگ ڪيو ويو هو ۽ گهٽي تڪليف ڏني وئي هئي.

21/7/2001

اڄ 12-00 وڳي ڏاري ماڙيءَ تي ويس، جو اتان پرچي آئي هئي. سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ مائيٽ نظير راهو ۽ SP عارب مهر ويٺل هئا. نظير راهو ٻڌايو ته هو ٽيون ڏينهن به آيو هو، پر آئون ڪورٽ تي ويل هئس، ان ڪري ملاقات نه ٿي سگهي.

2-30 وڳي پٺي ۽ گهر وارا ملاقات تي آيا، شاهنواز کي اچڻو هو، پر هو اڃا نه پهتو هو. ماڙيءَ تان ٿي وارڊ تي آيس، جتان وارڊ نمبر هڪ ۾ چوڌري احمد مختيار ۽ برگيڊيئر اسلم حيات قريشي وارن ڏانهن ويس. اتان ٿي 21 وارڊ ويس، جتي وزير عباس، حميد، سليم، بدر بچائي ۽ رميش اديسي سان ملاقات ٿي. اتان وري 16 وارڊ ويس. 8-15 وڳي پنهنجي وارڊ تي آيس. موسم به سڄو ڏينهن ٿڌي رهي هئي.

اڄ صبح جي اخبارن ۾ اها خبر هئي ته جنرل پرويز مشرف پنهنجي ڪالهوڪي پريس ڪانفرنس ۾ چيو آهي ته: "ڪنهن به سياستدان ۾ اهو دم نه آهي ته هندستان وڃي ڪشمير جي مسئلي تي ڳالهائي ها. شملا معاهدي ۾ ڪجهه به نه آهي، سواءِ 90 هزار فوجي قيدي ڇڏائڻ جي. جيڪو ڪو وڏو ڪارنامو نه آهي. ۽ اعلان لاهور ۾ ڪشمير جو ذڪر فقط هڪ دفعو ٿيل آهي." جيڪڏهن ان بيان جي منفي ۽ مثبت پهلوئن تي غور ڪجي يا اهو بيان بذات خود جنرل صاحب لاءِ ڪيتري قدر فائدڀند يا نقصانڪار آهي، ته اهو هڪ الڳ بحث آهي، پر هينئر ڏسڻو اهو آهي ته جنرل مشرف جي ان ڳالهه ۾ ڪيتري سچائي ۽ صداقت آهي. هڪ ته جنرل جو اهو بيان مجموعي طرح سياستدانن متعلق سندس سوچ جي عڪاسي ڪري ٿو، جنهن جو اظهار هو هن کان اڳ ۾ به

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيترن ئي موقعن تي پنهنجن مختلف بيانن ۾ ڪري چڪو آهي. ان کان علاوه جنرل پرويز مشرف ڪو پهريون فوجي حڪمران نه آهي، جيڪو سياستدانن متعلق اهڙي راءِ رکي ٿو.

هن کان اڳ به جيڪي غيرسياسي يا فوجي حڪومتون آيون آهن، انهن جو به ملڪ جي سياستدانن متعلق لڳ پڳ ساڳيو خيال رهيو آهي، يعني ملڪ جي اندر ٿيل تمام براين جو ذميوار سياستدانن کي ئي سمجهيو ويندو آهي. جڏهن ته ڪجه سياستدانن پاران پڻ اها دعويٰ ٿيندي رهي آهي، ته هيستائين ملڪ کي جيڪو به نقصان ٿيندو رهيو آهي. اهو فقط غيرجمهوري ۽ غيرآئيني فوجي حڪومتن ۽ انهن جي فيصلن سبب ئي پهتو آهي.

هن وقت اسان جو ملڪ ڪيترن ئي مرضن ۾ وڪوڙيل آهي، انهن ۾ ڪي مرض انتهائي آخري حد تي پهچي چڪا آهن. سياسي عدم استحڪام، معاشي ابتري، سياسي ۽ فرقيواراڻا جهڳڙا، مهانگائي، بين الاقوامي اڪيلائپ، امن امان جي صورتحال، ڪرپشن ۽ بي روزگاري ۽ صوبن جي وچ ۾ اٿبراابري، منهنجي خيال ۾ مٿي ذڪر ڪيل اهي اهڙا مسئلا آهن، جن ملڪ جي بنيادن کي اڏوهيءَ وانگر کائي کوکلو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻ ائين ٿو لڳي، جڻ اهي موذي مرض اسان جي ملڪ ۾ لاعلاج وائرس بنجي چڪا آهن. مٿئين مسئلن کان علاوه ڪشمير جو مسئلو به آهي، جنهن جو ذڪر جنرل پرويز مشرف پنهنجي بيان ۾ بطور خاص ڪيو آهي.

ٻي عالمي جنگ کان پوءِ، جڏهن ان وقت جي دنيا جي عظيم طاقت برطانيا جي عروج جو سج دنيا تان لهڻ لڳو، تڏهن انگريز سامراج لاءِ سندس ٽٽل ۽ ٽڪل قوت سان پنهنجي ڪالونين تي سڌو سنئون ڪنٽرول ڪرڻ ناممڪن بنجي پيو. ان ئي دور ۾ دنيا ۾ نئين نوآباڊياتي نظام جي شروعات ٿي چڪي هئي. عالمي طاقتن پنهنجي ڪالونين ۾ وسعت آڻڻ بدران انهن تي اقتصادي ڪنٽرول حاصل ڪري، مٿن حڪمراني ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي. انگلينڊ ان نوآباڊياتي پاليسي تحت ننڍي کنڊ جي مسلمانن ۽ هندن کي الڳ آزاد ملڪ ته ناهي ڏنا، پر پنهنجي پراڻي ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ واري اصول کي نظر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ رکندي ڪشمير جو مسئلو ٻه وچ ۾ اٽڪائي ڇڏيو، ته جيئن پاڪستان ۽ هندستان پنهنجون توانايون ان مسئلي ۾ ئي ضايع ڪندا رهن، اهي اقتصادي طرح ڪڏهن ٻه پنهنجي پيرن تي بيهي نه سگهن ۽ هميشه مغرب جا محتاج رهن.

اڄ 54 سال گذرڻ کانپوءِ ٻه ائين ٿو لڳي: ته مغربي طاقتن جي ننڍي ڪنڊ لاءِ ٿاڦيل اها حڪمت عملي اڃا تائين ڪامياب وڃي رهي آهي. ان ئي ڪشمير جي مسئلي تي ٻنهي ملڪن وچ ۾ جنگيون ٻه ٿي چڪيون آهن، ته ڪيترائي ڀيرا امن لاءِ ڪوششون ٻه ٿينديون رهيون آهن. ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ جي تاريخ ۾ جيڪڏهن ان مسئلي تي ڳالهين ۽ ڪنهن نوس پيشرفت جو تعلق آهي. ته ان تي اسان وٽ فقط ٻه دستاويز شملا معاهدو ۽ اعلان لاهور موجود آهن ۽ ٻنهي جو ڪريڊٽ سياسي رهنمائن ڏانهن وڃي ٿو. انهن ٻنهي معاهدن ۾ امن جي لاءِ پيشرفت ڪرڻ لاءِ بنياد فراهم ڪيل آهن. پاڪستان جي تاريخ ۾ آگره سمٽ کان علاوه شملا مذاڪرات ۽ واجپائي جو لاهور وارو دورو، اهي ٻه اهڙا موقعا هئا جن ۾ ٻنهي ملڪن پاران مستقل امن لاءِ سنجيده ڪوشش ڪئي وئي ۽ ٻئي دفعا ٻنهي ملڪن جي سياسي قيادت ڪنهن گڏيل ناه تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ۽ گڏيل پڌرنامو (Declaration) پڌرو ڪيو ويو.

ٿيون موقعو هاڻي هو، جڏهن ملڪ جا حڪمران هن خطي جي مستقل امن خاطر ڏهلي ۽ آگري جي ياترا تي پهتا. ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته جنرل پرويز مشرف ڪشمير مسئلي تي پنهنجو موقف سختيءَ سان رکيو آهي. پر سوال اهو آهي. ته ڇا اهو سچو هيڏو سارو دنگل رڳو پنهنجو موقف سختيءَ سان پيش ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هو؟ ۽ جيڪڏهن اسان هن جي سخت موقف رکڻ کي پنهنجي ڪاميابي سمجهي رهيا آهيون، ته ڇا هن سچي ڊائلاگ ۾ ڪاميابي ۽ ناڪامي جي ڪسوٽي اها هئي ته ڪنهن پنهنجو موقف سختي سان رکيو آهي؟ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ هينئر جڏهن ته ڪميونيڪيشنس جو زمانو آهي. ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي ڪري دنيا هڪ عالمي ڳوٺ (Global Village) وانگر ٿي پئي آهي. تڏهن اهو سخت موقف ته اسان اسلام

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آباد مان ويٺي به نہ رڳو انديا پر پوري دنيا تائين پهچائي پئي سگهياسين ۽ هڪ طرح سان پهچائيندا به رهيا آهيون. اهو ڪم اسان کان وڌيڪ آل پارٽيز حريت ڪانفرنس (A.P.H.C.) ڪري رهي آهي، پوءِ انهن تي ئي چڏي ڏجي ها. جڏهن به ڪنهن تڪراري معاملي تي ڳالهيون ڪيون ويندیون آهن، تہ ان جو مقصد اهوئي هوندو آهي تہ ڏريون پنهنجي هڪبئي لاءِ سخت روين ۾ لچڪ آڻي حقيقت پسنديءَ سان هڪبئي کي قائل ڪري ڪنهن حد تائين ۽ ڪن نڪتن تي اتفاق ڪن. ان مان ئي ڳالهين جي ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو اندازو لڳايو ويندو آهي. تاشقند معاهدي کي چڏي، شملہ معاهدي ۽ اعلان لاهور ۾ ملڪ جا سياسي سربراه هندستان جي رهنمائن سان ٿوري ئي حد تائين سهي، پر اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا. جڏهن تہ موجوده حڪمران هن وقت تائين هندستان سان ڪنهن هڪ نڪتي تي به هم خيالي (Consensus) پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام ثابت ٿيا آهن.

جنرل مشرف جو اهو چوڻ، تہ 90 هزار فوجي قيدي چڏائڻ کو وڏو ڪارنامو نہ آهي سو منهنجي خيال ۾ ائين آهي تہ اسان تاريخ مان بلڪل سبق نہ سکيو آهي، ۽ نہ ئي سکڻ جو ارادو رکون ٿا. ان لاءِ هي محاورو موزون آهي تہ، ”چري ڪيئن؟ چئي ويران ويرِ وڏا!“ جيڪڏهن پاڪستان جي تاريخ جو ٿوو به ادراڪ ڪيو وڃي ۽ حقيقت پسنديءَ کان ڪم ورتو وڃي، تہ جنرل مشرف کي اهي لفظ چوڻ کان اڳ ۾ ڏهہ ڀيرا سوچڻو پوندو. ذوالفقار علي ڀٽو جي شخصيت کي پسند يا ناپسند ڪرڻ پنهجي جڳهہ تي الڳ ڳالهہ آهي ۽ ڀٽو جي سوچ سان سڌوسنئون اختلاف ڪرڻ جو به هرڪنهن کي حق آهي، پر ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ ذوالفقار علي ڀٽو هڪ غيرمعمولي (Extra Ordinary) ماڻهو هو. هن پنهنجي اقتداري دور ۾ ڪيترائي وڏا فيصلا ڪيا ۽ جرئت منديءَ وارا قدم کنيا. هن کان ڪيترائي بلنڊر (Blunder) به ٿيا هئا. انهن ئي وڏن فيصلن مان کي هن جي (Credit) تي آهن تہ ڪجهہ (Discredit) تي. شملہ معاهدو ۽ 90 هزار فوجي قيدين کي آزاد ڪرائڻ وارو قدم انهن چند فيصلن مان آهن، جيڪي ذوالفقار علي ڀٽي جي سٺن ڪارنامن ۾ ڳڻيا وڃن ٿا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاڪستان جي ان وقت جي مخصوص حالتن ۾ ان سان بين الاقوامي سطح تي ملڪ جو وقار بلند ٿيو. اوپر پاڪستان ۾ 90 هزار فوجين جو قيد ٿيڻ، پاڪستان جي تاريخ جو هڪ وڏو المياو آهي. ايڏي وڏي تعداد ۾ ڪنهن فوج جو دشمن فوج وٽ ائين پيش پوڻ، دنيا جي عسڪري تاريخ جو انوکو واقعو هو. شملا معاهدي تحت نه رڳو فوجي قيدي واپس ٿيا پر اولهه پاڪستان جا هندستان جي قبضي هيٺ آيل علائقا به واپس ٿيا.

1971ع واري جنگ کان پوءِ ملڪ معاشي ۽ فوجي طرح انتهائي ڪمزور پوزيشن ۾ هو. هندستان کي اسان تي گهڻي برتري حاصل هئي. ان وقت پاڪستان هڪ شڪست کاڌل ملڪ هو، جيڪو پنهنجو اڌ حصو وڃائي چڪو هو. تڏهن اولهه پاڪستان جي ٻن صوبن جا سرحدي علائقا ۽ 90 هزار فوج دشمن ملڪ جي قبضي مان ڇڏائڻ، اهو به ان وقت جڏهن اسان هندستان سان برابريءَ واري پوزيشن ۾ ڪونه هئاسون، تڏهن سياستدانن جي پيشرفت ۽ ڳالهه ٻولهه جي نتيجي ۾ ئي هندستان سان ڪامياب معاهدو ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ کي ٻيهر هڪ باعزت مقام حاصل ٿيو.

اسان جي ملڪ جي 54 سالن جي تاريخ ۾ تقريباً 27 سال سياستدانن حڪومت ڪئي آهي، ته 27 سال فوجي جنتا جو دور رهيو آهي. ملڪ تي جڏهن کان پهرين مارشل لا نافذ ڪئي وئي، تڏهن کان وٺي غير سياسي حڪمرانن اقتدار تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ حڪومت جون واڳون سياستدانن جي حوالي فقط تڏهن ڪيون آهن، جڏهن ملڪ جون حالتون ايترو انتهائي حد تائين خراب ۽ ابتر ٿي ويون هجن، جو انهن لاءِ پنهنجو اقتدار وڌيڪ برقرار رکڻ ناممڪن بڻجي پيو هجي. 1971ع ۽ 1988ع ۾ سياستدانن کي اقتدار جي منتقلي ان ئي نتيجي ۾ ٿي. جڏهن غيرجمهوري قوتن طرفان سياستدانن تي الزام مڙهيا وڃن ٿا، تڏهن اهو نه وسارڻ گهرجي ته هي ملڪ سياستدانن ئي ٺاهيو هو. قائد اعظم محمد علي جناح نه ته چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر هو ۽ نه ئي ڪو جنرل هو، پر هڪ سياستدان هو ۽ هڪ سياسي عمل جي پيداوار هو. ان کان علاوه ”تحريڪ آزادي“ ۾ حصو وٺندڙ سرگرم ڪردار سياسي اڳواڻ ۽ سياسي ورڪر هئا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تحريڪ آزادي جي مجاهدن ۾ ڪوبه هندستان جي رائل آرمي، رائل ايئرفورس يا رائل نيوي جو حاضر سروس يا ريٽائر آفيسر شامل ڪونه هو، جيڪي ان وقت به پنهنجي فرنگي آقائن جي وفاداريءَ جا ڪلما پڙهڻ ۾ مصروف هئا ۽ تحريڪ آزاديءَ جي جدوجهد وقت به پنهنجي انگريز آقائن جي حڪمن جي بجا آوريءَ کي پنهنجو ديني فرض سمجهندا هئا ۽ ان جي عيوض، لقب القاب، انعام ۽ جاگيرون حاصل ڪندا هئا. پاڪستان جي تاريخ ۾ جيڪڏهن ان ڳالهه جو مختصر جائزو وٺجي، ته ملڪ کي هن وقت تائين جيڪي ناقابل تلافي نقصان پهتا آهن، جن جي منفي اثرن جي لوڙ اسان اڄان تائين لوڙي رهيا آهيون، ان جو گهڻو ڪاتو انهن 27 سالن ۾ ويندو، جڏهن ملڪ تي غيرسياسي حڪومتون رهيون آهن. ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته سياسي حڪومتن دوران به ڪيترائي اهڙا فيصلا ٿيندا رهيا آهن، جيڪي ملڪ، عوام ۽ جمهوري نظام لاءِ سودمند ثابت نه ٿيا آهن. ملڪ جا حڪمران سياستدان ڪي اهڙيون پاليسيون ٺاهڻ ۾ ناڪام ٿيا، جيڪي ملڪ کي سياسي ۽ معاشي استحڪام ڏيڻ جو سبب بنجن ها. سياستدان به پنهنجي اقتدار کي ديگهه ۽ مضبوطي ڏيڻ لاءِ اسٽيبلشمينٽ جو سهارو وٺي اهڙيون پاليسيون ۽ قانون ٺاهيندا رهيا آهن، جيڪي ملڪ جي جمهوري ۽ رياستي ادارن لاءِ خطرناڪ ثابت ٿيا آهن. سياستدانن جي ان ئي اقتدار پرست روش سبب اسٽيبلشمينٽ انهن کي هڪبئي جي خلاف استعمال ڪري پنهنجو رستو صاف ڪندي رهي آهي. بعض اوقات ملڪي سياستدان انهن وٽ هڪ هٿيار طور استعمال ٿيندا رهيا آهن.

ملڪ تي جڏهن به غيرسياسي قوتن قبضو ڪيو آهي، ته انهن پنهنجي ڪرتوتن ۽ قبضي جو ذميوار هميشه ملڪ جي اڳين سياسي حڪمرانن کي قرار ڏنو آهي. ايوب خان کان ويندي جنرل پرويز مشرف تائين، حڪمراني ڪندڙ هر جنرل قوم جي اڳيان اهوئي راڳ ڳايو آهي، ته هن کي ڪا به اقتدار جي لالچ نه رهي آهي ۽ نه ئي هو وڌيڪ حڪومت ۾ رهڻ چاهين ٿا پر جيئن ته حڪمران سياستدانن اهڙيون حالتون پيدا ڪيون هيون، جو انهن جو اقتدار سنڀالڻ ملڪ جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سلامتي ۽ تحفظ لاءِ اٿنر ٿي پيو هو. جيڪڏهن فوجي حڪمران پنهنجي اقتدار جي مدت فقط جلد ڪان جلد غير جانبدار چونڊون ڪرائڻ ۽ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي، اقتدار عوام جي چونڊيل نمائندن حوالي ڪرڻ تائين محدود رکن هاڻ ته اڄ انهن جي اها دعويٰ بلڪل برحق هجي ها. پر بدقسمتيءَ سان ائين نه ٿيو آهي. اسان جي ملڪ تي ڊگهي ۾ ڊگهو عرصو حڪمراني ڪرڻ وارا فوجي حڪمران ئي رهيا آهن.

پهريون پيرو جڏهن ايوب خان اقتدار سنڀاليو، ته ان جي غير سياسي حڪومت جي تسلسل جو انجام انتهائي پيانڪ نڪتو. پاڪستان پنهنجي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ جنهن وڏي المبي جو شڪار ٿيو، اهو 1971ع ۾ ملڪ جو ٽٽڻ هو. اهو هڪ اهڙو نقصان هو جنهن جي ڪابه تلافي يا تدارڪ ئي نٿي ٿي سگهيو. يعني اهو 14 سالن جي مسلسل ڊڪٽيٽرشپ جو نتيجو هو، جو اسان کي پنهنجي ملڪ جي 60 سيڪڙو آباديءَ واري وڏي حصي تان هٿ ڌوئڻا پيا.

الطاف گوهر، جيڪو ايوب خان جو سيڪريٽري هو ۽ ڪيس تمام ويجهو ۽ سندس منظورِنظر هو، ان پنهنجي هڪ ڪالم ۾ لکيو آهي ته ”مون ايوب خان کي چيو، ته بنگالين ۾ احساس محرومي وڏي رهيو آهي، توهان جي ٿوري به توجهه ڏيڻ سان گهڻيون ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي ٺيڪ ٿي سگهن ٿيون. ڊاڪا ۾ توهان به وقت ڏيو ۽ وزير به ڪجهه وقت ڏين، ته ڪافي مسئلا ان سان به حل ٿي ويندا. ايوب خان هاڪار ۾ جوب ڏنو، پر مون ڏٺو ته ان جو نتيجو ڪوبه ڪونه نڪتو. مناسب موقعن تي ڪيس مون وري به ياد ڏياريو، ته ساڳيو ئي جواب هو، پر نتيجو ڪجهه به نه!

”هڪ پيرو مون وري چيومانس: ته چيائين، اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ جو ڪهڙو فائدو؟ مون چيس ته پوءِ ڊاڪا ۾ هيڏا سارا خرچ ڪري Alternative Capital (گاديءَ جهڙو ٻيو شهر) چو ناهيو ويو آهي؟ جنرل ايوب خان جواب ڏنو، ته اهو هڪ ڏينهن انهن کي ئي ڪم ڏيندو. آخر انهن کي هڪ ڏينهن الڳ ٿيڻو ئي ته آهي.“

اوپر پاڪستان ۾ جيڪي ڪجهه ٿيو، اهو هونئن به عالم آشڪار هو، پر حمودالرحمان ڪميشن جي رپورٽ شايع ٿيڻ کان پوءِ دنيا ڄاڻي ٿي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ ڊاڪا جي هٿن مان وڃڻ (Fall of Dhakka) جو ذميوار ڪير هو.

ذوالفقار علي ڀٽي کان پوءِ جڏهن جنرل ضياءُ الحق اقتدار سنڀاليو تہ ان جو دور باقي بچيل پاڪستان جي لاءِ اهڙا مسئلا ڪٽي آيو، جن مان اڄا بہ ملڪ پنهنجا پلاند آجا ڪرائي نہ سگهيو آهي. هن جي دور ۾ ڪلاشنڪوف ڪلچر جي متعارف ٿيڻ سبب ڪراچي، اندروني سنڌ ۽ پوري ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿيڻ، لساني ۽ فرقيواراڻين تنظيمن کي پيدا ڪري، انهن کي تاتي، وڌائي ويجهائي، دهشتگرديءَ جون تربيتون ڏئي، پنهنجي مخصوص سياسي مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ انهن کي سرِعام قتل عام جو لائسنس ڏيئي ڇڏڻ، پاڪستان مان ٻاهرين دنيا ۾ منشيات جو ڪاروبار عام ڪري ملڪ ۽ ان جي عوام کي پوري دنيا ۾ ذليل ۽ نيچ ڪرڻ، سياچن جون برفاني چوٽيون دشمن ملڪ جي حوالي ڪرڻ، صوبن جي وچ ۾ انڌ برابري، احساس محرومي ۽ گهٽ وڌائي جو بيج ڇٽي ان کي وڌائي وڻ ڪرڻ، اقتدار پرستيءَ جي هوس ۾ پنهنجي مخصوص سياسي مفادن جي تڪميل لاءِ موقع پرست سياستدانن کي اڳتي آڻي ڪرپشن کي وڌائي عام ڪرڻ، ملڪي ادارن کي تباه ڪري انهن کي پنهنجي مفادن لاءِ ڪتب آڻڻ، بنياد پرست مذهبي تنظيمون ناهي، سرڪاري سرپرستي ۾ انهن کي هٿيار بند ڪري فرقيواراڻو قتل عام ڪرائڻ ۽ سنڌ جي اندر موجود سڀني قوميتن جي وچ ۾ لساني فساد ڪرائي، گهرو ويڙهہ پيدا ڪري انهن ۾ هميشہ جي لاءِ نفرت جا بيج ڇٽڻ، اهي ڪجهہ تحفا آهن جيڪي جنرل ضياءُالحق جي پاران اسان جي معاشري ۽ سماج کي عطا ڪيا ويا. اڄ بہ اسان انهن مسئلن جي ڏيڻ ۾ مڪمل ڦاٽل نظر اچون ٿا ۽ جن مان نڪرڻ جو ويجهي مستقبل ۾ ڪوبہ امڪان نظر نٿو اچي.

جنرل پرويز مشرف جي موجوده حڪومت جي 21 مهينن تي مٿاڇري نظر ڊوڙائبي تہ ملڪ مسئلن جي جنهن انتها تي وڃي پهتو آهي، ان حساب سان ملڪ جو قائم رهڻ هڪ سواليہ نشاني بنجي سامهون اچي ٿو. ائين محسوس ٿي رهيو آهي، جڻ اسان جو ملڪ ڪنهن بہ وقت گهرو ويڙهہ جي ٻاهہ ۾ وڪوڙجي سگهي ٿو.

هن وقت سڌي طرح اعلان ڪيل مارشل لا نہ سهي، پر عام زندگي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ سول معاملن ۾ جيتري غير سولين جي سڌي سنئين مداخلت آهي، اوتري گذريل ڪنهن به مارشل لا جي دور ۾ ڪونه رهي آهي. هن حڪومت جي جيڪا اها ايجنڊا هئي، ته قومي ادارن مان سياسي مداخلت ختم ڪئي ويندي ۽ انهن کي سياسي مداخلت کان پاڪ (Depoliticise) ڪيو ويندو، اها ڳالهه پاسي تي رکي ڏسجي ٿو، ته اهو تاثر عام اپري رهيو آهي ته سول قومي ادارن کي نان سولين ادارن ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي.

گذريل ٻن سالن کان پاڻيءَ جي ڪوٽ سنڌ جي سرسبز ۽ شاداب زمين کي سج ۽ رڻ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هڪڙو ڏڪار، بک ۽ بيروزگاري سنڌ ڪڏهن نه ڏٺي آهي. مٿان وري ڪئنالن ۽ واٽر ڪورسن تي مانيٽرنگ ٽيمن جا ڇاپا ۽ آبادگارن مٿان پاڻي جي چوريءَ جا ڪيس!

جيڪڏهن روزمره جي استعمال ۾ ايندڙ شين جي اڳهن ۾ واڌ جو جائزو وٺبو ته حيرانگي ٿيندي. موجوده حڪومت جي 21 مهينن جي دور ۾ پيٽرول، ڊيزل، گئس، بجلي، گيهه، کنڊ، اٽي ۽ استعمال جي ٻين ضروري شين جي اڳهه ۾ جيترو اضافو ٿيو آهي، اوترو اڳين ڏهن سالن جي اندر به نه ٿيو آهي. مهنگائي، بيروزگاريءَ ۽ تنگدستيءَ جو اهو عالم آهي جو ڪيترائي ماڻهو هرروز خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ٿي رهيا آهن، رڳو ان ڪري جو اهي پنهنجون ۽ پنهنجي خاندان جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ کان بيوس آهن. حڪومت جي ناقص پاليسين سبب ملڪ مان سڄو پئسو ٻاهر هليو وڃڻ ڪري ملڪ جي معيشت بلڪل ويهي رهي آهي. مارڪيٽ مان ڏيتي ليتي ختم ٿي چڪي آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو مجبور ٿي پنهنجي ملڪيت ڪپائڻ به چاهي ته اول ڪو خريدار ئي نه ملندس، پر جيڪڏهن ڪٿي سودو ٿيو ته ڪيس اصل ملهه جو چوٿون حصو به نه ملندو. هن وقت اسان جو ملڪ مڪمل طرح اڪيلاپ جو شڪار آهي. موجوده حڪومت دنيا جي ڪنهن به ملڪ متعلق دوستيءَ جي دعويٰ ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ڪونهي ۽ نه ئي ڪو ان جا ڪنهن پاڙيسري ملڪ سان بهتر لاڳاپا آهن.

1971ع کان پوءِ اسان بين الاقوامي لاڳاپن ۾ ڪڏهن به اهڙي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بدترين صورتحال جو شڪار نہ رهيا آهيون، جهڙا اڄ آهيون. عالمي سفارتي مورچن تي هندستان کي ڪڏهن بہ ايتري برتري حاصل نہ رهي آهي، جهڙي اڄ آهي. هندستان ۽ فرانس جا واپاري ۽ فوجي معاهدا، روس ۽ انڊيا جا واپاري ۽ فوجي معاهدا، ايران ۽ انڊيا جا اقتصادي معاهدا ۽ آمريڪي صدر بل ڪلنٽن جو هندستان جو دورو، ان جا چند ظاهر ظهور مثال آهن. ملڪ هن وقت نہ رڳو معاشي پر ان کان وڌيڪ سياسي عدم استحڪام جو شڪار آهي ۽ سياسي عدم استحڪام ئي باقي ٻين سڀني مسئلن جي جڙ آهي، جيڪا ڳالهہ موجوده حڪمرانن خود بہ قبول ڪئي آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳ جڏهن جنرل پرويز مشرف صدارت جي ڪرسيءَ تي براجمان ٿيو تہ ان جو ڪارڻ بہ اهو ڄاڻايو ويو تہ اهو قدم ملڪ مان غيريقيني ۽ ابهام کي ختم ڪرڻ لاءِ تمام ضروري هو، تہ جيئن حڪومت پنهنجي پاليسي ۽ فيصلن تي عمل ڪرائي سگهي. حڪمرانن جي ان اقرار ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ ملڪ غيريقيني ۽ ابهام جي صورتحال جو شڪار هو ۽ اڄ بہ آهي، پر ڇا اڄ اهو ابهام ۽ غيريقيني موجود نہ آهي؟ جڏهن حڪمران 2002ع ۾ چونڊون ڪرائيندا تہ پارليامينٽ ڪهڙي ايندي؟ ملڪ جو وزير اعظم ڪير ٿيندو؟ سينيٽ جو چيئرمين ڪير ٿيندو؟ صوبن جا وزير اعليٰ ڪير ٿيندا ۽ سڀ کان اهم تہ اها پارليامينٽ، سينيٽ ۽ اسيمبليون ملڪ جي موجوده صدر کي ئي صدارت لاءِ چونڊيندیون يا ڪنهن ٻئي کي؟ ان کان وڌيڪ غيريقيني ۽ ابهام جي صورتحال ڪهڙي ٿي سگهي ٿي!

حڪمران جهڙي طرح ملڪ کي غيريقيني جي صورتحال مان ڪڍڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا تہ پوءِ سندن پسند ۽ خواهش وٽان فقط اهو هڪ ئي طريقو ٿي سگهي ٿو، تہ ملڪ ۾ بادشاهت (Kingdom) جو اعلان ڪري پاڻ تاحيات بادشاهہ بنجي ويهي رهن، تہ سڄو ”ابهام“ ختم ٿي ويندو، ”نہ رهي گا بانس، نہ بجي گي بانسري!“ ٻي صورت ۾ سندن اقتدار ۾ رهڻ جي حوس ۽ ملڪ ۾ جمهوري پارلياماني نظام هلڻ جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ۽ غيريقيني جو ابهام هميشہ موجود رهندو، ڪڏهن بہ ختم نہ ٿي سگندو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آچر 22/7/2001

اڄ صبح کان گرلن تي ڄاريون لڳائڻ ۽ ڄارين وارا دروازا هڻڻ جو ڪم شروع ٿي ويو. اڄ بہ گرمي ڪونہ هئي، آسمان سڄو جهڙالو هو. وريام فقير چيو تہ ڪي راندڪر گهرائي تاش ٿا کيڏون. چيومانس، ”ٻين کي راند لاءِ ڪهڙو سڏيون، تاش جون ڪي راندیون اهڙيون بہ آهن، جيڪي ٻہ يا ٽي ماڻهو بہ تہ ڪري سگهن ٿا.“ چيائين، ”رمي ڪريون، توهان کي اچي ٿي؟“ مون چيو، ”اچي تہ ڪونہ ٿي، پر ڪريون ٿا شروع.“ ڪجهہ راندیون ڪيوسين. چيائين، ”واهہ سائين واهہ! توهان کي هيڏي راند اچي ٿي ۽ چئو پيا تہ مون کي راند ڪونہ ٿي اچي.“

اسان راند ڪئي پئي، تہ صوفي آيو. هو اسان کي وٺڻ آيو هو. مون چيو، تون هل اسين اچون ٿا. ان ڏينهن ابوبڪر جت وارن ٻنهنجن جي ماني جي دعوت ڪئي هئي. آئون ۽ وريام فقير وياسين، تہ ٻاهر حاجي ايوب ۽ خان محمد بيٺا هئا. اسين گڏجي وياسين تہ اتي ابوبڪر، عمر جت ۽ ٻيا همراهہ هئا. ابوبڪر وارا چڪر (سرڪل) ۾ رهندا آهن. ابوبڪر جت دائود جت جو پٽ آهي ۽ هتي نيب ڪيس ۾ ڪيس سزا لڳل آهي، جيڪا گهٽي پوري ٿي چڪي اٿس. ماني کائي واپس نڪتاسين، تہ ٻاهر دوست علي جت ۽ ابراهيم جت مليا. ابراهيم حاجي چنيسر وارن جو ٻنهنجو آهي ۽ هتي جاسوسيءَ جي ڪيس ۾ آهي.

شام جو عباسي ۽ صديقي آيا، ٿوري ڪچهري ڪئيسون. وري وارد کان ٻاهر وڃي ويٺاسين تہ اُتي ڪافي قيدين جي اڄ وڃ لڳي پئي هئي. صديقي پوليس وارن ۽ قيدين ڏانهن ڏسي عباسي کي چيو، تہ يار ڏس ڪڏهن پاڻ بہ جيل سپرنٽينڊنٽ هوندا هئاسين ۽ قيدين جو جوڊيشل آرڊر ڪندا هئاسين. ڪن کي جوڊيشل لاڪ اپ، ڪن کي ناراڻ تہ ڪن کي سينٽرل جيل پيا موڪليندا هئاسين. اڄ پاڻ کي ٻيا پيا موڪلين. ان تي عباسي وڏو ساهہ کڻي چيو، يار! اهي بہ ڏينهن هئا! تہ مون کين چيو، توهان جي ئي ڳالهين تي شاهہ سائين جو شعر ٿو ٻڌايان.

ڪڏهن ائين هئاس، جو پنهون ڏوتم ڪپڙا،
اڄ ائين ٿياس، جو جت نہ نين پاڻ سين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تمام گهڻو کليا ۽ چيائون، ”توهان اسان جي سڄي ڳالهه کي ڪوزي ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي.“

23/7/2001

اڄ به وراندي ۾ ڪم هلي رهيو هو، ان ڪري آئون تيار ٿي کوليءَ ۾ ئي ويٺو هئس. اخبارون پئي پڙهيم ته صديقي آيو. صديقيءَ جو 21 تاريخ ريفرنس داخل ٿي ويو هو. عالم آرائين جي ريفرنس جي ڪاپي جي باري ۾ پڇيومانس، مون اهو پڙهڻ ٿي چاهيو، جو ان ۾ منصور قريشي جو نالو هو. مون ڏسڻ ٿي چاهيو، ته اسان جي هن دوست ۽ شريف ماڻهوءَ کي ڪهڙي الزام ۾ ڦاسايو اٿن. صديقي چيو، سائين آئون کڻي ايندس.

ٻنپهرن جو اسلم وارا ملڻ آيا، ساڻن غلام علي نظاماڻي، اقبال عنايت، اسد شاهه، ڏيال، ڀٽي، شاهنواز ۽ اقبال گڏ هئا. ان کانپوءِ ڊاڪٽر خليل، منهنجون ڀينرون ۽ منهنجي گهر واري ملڻ آيا.

شام جو واڪ ڪري رهيو هئس، ته نظير چانڊئي سان ملاقات ٿي. اڪثر واڪ تي ملندو هو. نظير لاڙڪاڻي جو آهي ۽ پوليس ۾ جمعدار هو، مٿس بئنڪن ڦرڻ، 302 ۽ 13-D وغيره جا ڪيس آهن، جن جو تعداد 37 آهي. ٻڌايائين ته انهن مان باقي 4 ڪيس بچيا آهن. پڇيومانس ته ڪيس سڀ ڪراچيءَ جا آهن يا ٻاهر به اٿئي. چيائين، ”سڀ آهن بئنڪن ڦرڻ جا، جو اهو ڪم اسان کي هتي سولو آهي. ننڍن شهرن جي بئنڪن ۾ هڪ ته پئسو گهٽ هوندو آهي ۽ ٻيو ڦرڻ به ڏکيون هونديون آهن، بئنڪن جي عملي ۾ اسان جا پنهنجا همراهه هوندا آهن. هتي ڪراچي جي بئنڪن ۾ گهڻا مسلمان ڀائر آهن، هڪڙو ٿڦ ٿا هڻون ته ٻه ٽي ڪريو پون.“

نظير کي اندر ٿئي ٽي سال کن ٿيا آهن. ڪچهري ڪندي مون پڇيومانس ته تو تي جيڪي ڪيس آهن، اهي سڀ سچا ۽ صحيح آهن؟ ته چيائين، ”انهن سڀني ۾ 5-4 ڪوڙا به هوندا.“ هتي اتفاقي ڏوهن ۾ آيل قيدي ڇڏي ٻين قيدين ۾ ڪي ورلي اهڙا هوندا جن تي چند ڪيس هجن، باقي ڪنهن جو به تعداد 10- 20 کان گهٽ ڪونهي. هتي جيڪي مختلف سياسي پارٽين جا ورڪر آهن، انهن ۾ شايد ئي ڪو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هجي جو ڪنهن سياسي ڪيس ۾ هجي، نہ تہ سڀ ڪرمنل ڪيسن ۾ آهن ۽ انهن تي بہ ڪيسن جو تعداد 5-10 ڪيسن کان وٺي 50 تائين بہ آهي، ڪيترائي آهن جيڪي خطرناڪ ڪيسن ۾ بہ آهن.

24/7/2001

اڄ اقبال عنايت ملاقات تي آيو. .C.M.O وٽ ويس. شام جو 17 ۽ 21 واردِ جو چڪر ڏنم. ڪجھ ڏينهن اڳ موسم جيئن جهڙالي ۽ ٺڏ ٿي هئي، ان کان پوءِ اڄ پهريون ڀيرو سج نڪتو هو، جنهن ڪري گرمي بہ هئي. پر شام جو وري موسم جهڙالي ٿي وئي ۽ هلڪي بوند بہ وٺي. اڄ دائود خان ۽ وريام فقير جي تاريخ هئي، ٻئي ڪورٽن تي ويل هئا. ذڪريا جنهن مهل اٿيو تہ چيائين، ”اڄ ڪيترو نہ سڪون لڳو پيو آهي، ڪو آواز ئي ڪونہ ٿو اچي.“ ذڪريا غني، دائود خان ۽ انظار زيدي جي پاڻ ۾ ڏي وٺ ٿيندي رهندي آهي.

25/7/2001

ٻن ٽن ڏينهن کان وٺي جيل تي مکين جو وڏو حملو هو. ٻاهريون اگڻ ۽ ڪنهن حد تائين وراندو مکين جي حملي جي زد ۾ آهن. هاڻي وراندي ۾ پلستر، گرلن ۽ چارين جو ڪم هلي رهيو آهي. اسان جي ڪوشش آهي تہ ڪم جلدي ٿئي، پر ان جي ابتڙ ڊگهو ٿيندو پيو وڃي. ذڪريا ۽ منهنجي ڪوشش آهي، تہ ڪم سٺو ۽ صحيح نموني سان پورو ٿئي، ٻين دوستن جو خيال آهي، تہ گهڻو ڪم اجايو آهي. اڄ ٿوري گرمي بہ هئي. آئون، صديقي، وريام فقير، لالو دائود ۽ امداد تاش کيڏي رهيا هئاسين، تہ ماڙيءَ تان ملاقات جي پرچي آئي. شاهنواز آيو هو ۽ ٿوري دير ۾ نور محمد ڏاهري ۽ ڏاڏو سليمان آيا. ساڻن ڪيس ۽ ٻين معاملن تي حال احوال ٿيا.

26/7/2001

اڄ صبح جو 00-9 وڳي گهروارا ملڻ آيا. ان کان پوءِ ٻن ٽن واردن مان چڪر ڏئي واپس پنهنجي وارد تي آيس. ماني کائڻ کانپوءِ سوچيم، تہ ٿوري دير آرام ٿو ڪريان. تيسين ماڙيءَ تان وري پرچي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آئي. ويس، تہ ميجر غلام حسين کوسو مليو. سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ ويٺاسين. اتي رش ٿيڻ کان پوءِ وري ڊپٽي جي آفيس ۾ اچي ويٺاسين. شام جو ميجر کوسي جي ذريعي شاهنواز کي فون ڪري گهرايوسين. شاهنواز کي سپرنٽينڊنٽ کان ڪجهہ ڪاغذ ڪڍرائي ڏنم، جيڪي ڪيس کٽي ڊاڪٽر وٽ وڃڻو هو. ان کان پوءِ آئون، خان محمد ۽ کوسو رات جو 30-9 وڳي تائين ماڙيءَ تي ڪچهري ڪندا رهياسين.

رات جو پنهنجي وارڊ جي وراندي ۾ ويٺا هئاسين، تہ مون هنديوال دوستن کي چيو، تہ تي وي ۽ فرج گهرائڻ جو فيصلو ڪريو. تي وي جي تہ هونئن عام اجازت آهي، پر جيڪي همراهہ مون کان اڳي رهندا هئا، انهن پنهنجي تڪرار سبب اها ڪڍرائي ڇڏي هئي. تي وي هجڻ تي هر ڪنهن کي پنهنجا الگ ۽ مختلف اعتراض آهن. ڪنهن جو اعتراض آهي تہ تي وي هوندي تہ پوءِ ڪي دوست سچو ڏينهن ان تي ئي ويٺا هوندا، ڪنهن جي نندہ عبادت ۽ پڙهائي جو بہ خيال نہ ڪندا. فرج جي لاءِ مون چيو تہ جيل انتظاميا کان اجازت وٺنداسين، باقي اوهان هنديوالن کي اعتراض نہ ٿئي.

هينئر .B.B.C تان ٻڌوسين تہ صبح جو ڪراچيءَ ۾ .P.S.O تيل ڪمپني جي ايم ڊي مرزا شوڪت رضا جو قتل ڪيو ويو آهي.

27/7/2001

اڄ صبح جو جناح اسپتال ويس، جتي شاهنواز وارا اڳ ۾ ئي بيٺل هئا. اتي شهمير، ڏيال، ڊاڪٽر شامون ۽ اسد شاهہ بہ آيا. اسپتال مان 00-5 وڳي جيل پهتاسين. اتي ڪلاڪ کن ماڙيءَ تي ويٺاسين، اڄ ٻيا همراهہ ويٺل هئا. اتان آئون ۽ خان محمد 18 وارڊ ۾ شعيب بخاري وارن ڏانهن وياسين، جتي سپرنٽينڊنٽ بہ ويٺل هو. ساڻن ڪافي دير ڪچهري ٿي. اسان جي ويٺي ئي اصغر شاهہ وارا بہ اتي آيا.

28/7/2001

اڄ 16 وارڊ ۾ ويس، تہ اُتي الهڏنو ڏاهري، مصباح، دائود خان ۽ فقير وريام تاش کيڏي رهيا هئا. آئون اچا اتي ويٺس، تہ ماڙيءَ تان سڏ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿيو. ويس ته شاهنواز آيل هو. ان سان ملي وري 16 واردِ تي آيس، ڪلاڪ ڪن راند ڪئيسين، وري واپس پنهنجي واردِ تي آياسين. شام جو صديقي آيو، وري امداد آيو. انهن سان ملي پوءِ 21 واردِ ۾ ويس. ان ڏينهن حميد جي تاريخ هئي. وزير عباس ٻڌايو ته حميد بيمار هو، اتي ڪورٽ ۾ ڪري پيو، ان ڪري اُتان ئي ڪيس جناح اسپتال ڪٽي ويا آهن، شايد اتي داخل ٿيو هجي.

اڄ شام جو بند ٿيڻ کان اڳ حاجي صاحب وارن سان مليس. اُهي پهرين ٻاهر بينل هئا. ”صاب تم ڪيڏر هو، بهت دن سي نهين ملي.“ حاجي صاحب بلڪل ناراض لڳو پيو هو. ٻڌايومانس، ته آئون ٿورو پنهنجي ڪم ڪار ۾ هئس. هڪ ٻه ڏينهن اگر سائس ملاقات نه ٿئي ته ضرور پڇندو آهي. حاجي ايوب آفريدي جو نالو اسان جي ملڪ ۾ لڪل نه آهي. سائس نه مليل ماڻهو وٽ به سندس لاءِ هڪ تاثر قائم آهي. هن جون ڪيتريون ئي ڳالهيون مشهور آهن. هر ماڻهو وانگر منهنجي ذهن ۾ به هن لاءِ هڪ تاثر قائم هو، پر ملڻ کان پوءِ مون هُن کي اُبتڙ پاتو. جيل ۾ سندس اُٺڻ ويهڻ تمام محدود آهي. هن وٽ ڪير آيو، ته ٺيڪ! نه ته پاڻ ڪنهن وٽ گهٽ ويندو آهي. البت ملندو هر ڪنهن سان عزت احترام سان آهي. جيل ۾ تمام همٿ ۽ بي فڪريءَ سان رهيو پيو آهي. قيد سندس ذهن تي سوار نه آهي.

هينئر آئون وارنڊي ۾ ويهي لکي رهيو هئس ته دائود خان اندر BBC ٻڌي رهيو هو، جنهن ۾ ٻڌايائون، ته پنجاب جي لوڌران شهر ۾ سابق وفاقي وزير محمد صديق ڪانجو کي قتل ڪيو ويو آهي. هن پيري هو لوڌران ۾ ضلعي ناظم جي اليڪشن به وڙهي رهيو هو. صديق ڪانجو تمام سٺو ۽ سڌو ماڻهو هو، ڪنهن وقت ۾ ميان نواز شريف کي به تمام ويجهو سمجهيو ويندو هو.

سومر 30/7/2001

اڄ ڪورٽ هئي. صبح جو تيار ٿي 9-00 وڳي ماڙيءَ تي آيس. اُتي وزير عباس، رئوف قادري، الهڏنو ڏاهري ۽ عبدالقادر توڪل به هلڻ لاءِ ويٺل هئا. ڪورٽ پهتاسون ته شاهنواز اڳ ئي بيٺو هو، اسان مٿي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڃي ويٺاسين. طارق ۽ ابوبڪر آيا، تنهن کان پوءِ متين، عبدالله، آچار سميجو، شريف ميمڻ، ٻڌو لانگاه، نور محمد ڳنڀير، پوڙهو، نور محمد، علي محمد، خيرو مهيري، دودو نوحاڻي، سيٺ ڏرم، يوسف لغاري، محمد الرحيم، ڊاڪٽر خليل، رامو مل، حاجي وارث راهو، محمد عيسيٰ، انور، قاسم سومرو ۽ ضياءُ قريشي ملڻ آيا.

آئون ملاقاتين سان جنهن ڪمري ۾ ملندو آهيان، اهو ڪورٽ جي اسٽاف جو آهي. اسين هر شنوائيءَ تي اُتي اچي ويهندا آهيون، ان تي اسٽاف بہ اعتراض نہ ڪندو آهي. جيل لاءِ روانو ٿيڻ تائين اهو ڪمرو اسان جي استعمال ۾ رهندو آهي. ننڍو ڪمرو هجڻ ڪري ان ۾ هڪ ئي وقت ملڻ جي لاءِ آيل سڀئي دوست ويهي نہ سگهندا آهن.

اڄ همراهن اهو طريقو ڪيو جو ڪجهہ دوست ملي ويا ٿي، تہ انهن کي روانو ڪري وري ٻين کي آڻيندا ويا. اهڙيءَ طرح سڀني سان سولي ملاقات ٿي وئي ۽ هڪ ئي وقت گهڻي رش بہ نہ ٿي. اڄ ڪن دوستن سان سڀني تفصيلي ڪچهري بہ ٿي. عليم عادل شيخ ۽ رڪن ميراڻي آيا، انهن سان بہ حال احوال ٿيا. ڊير سان اسلم وارا بہ اچي پهتا. حالانڪہ اڄ سندن اچڻ جو پروگرام ڪونہ هو، ڇو جو اُتي اليڪشن جي ڪم ۾ مصروف هئا. صبح جو فون تي ڳالهہ ٿي هئي تہ اچڻ جو نہ ٻڌايو هئائين.

اڄ ڪورٽ جي ڪا خاص ڪارروائي نہ هلي. انويسٽيگيشن آفيسر جو روپوش جوابدار بابت بيان ٿيو، اهو بہ جج جي چيمبر ۾. مون کي ڪافي عرصي کان معدي ۾ زخم (السر) جي تڪليف آهي. آئون ان جو پرائيويٽ فزيشن کان علاج ڪرائيندو هئس، پر هتي جيل وارا فقط سرڪاري اسپتال موڪليندا آهن، سو بہ وڏي ٿوري ۽ احسان سان. سرڪاري اسپتالن ۾ ڪنهن بہ قسم جو علاج نہ آهي ۽ ماهر ڊاڪٽر فقط پنهنجي خانگي پريڪٽس ڪن ٿا. هن وقت سرڪاري اسپتالن جي حالت اها آهي جو پرائيويٽ علاج جو خرچ نہ ڀري سگهندڙ ماڻهو بنهہ بيوسي ۽ لاچار جي صورت ۾ سرڪاري اسپتالن ۾ اچن ٿا. پر پرائيويٽ ڊاڪٽر وٽ وڃڻ لاءِ قيدي کي ڪورٽ جي اجازت ڪپندي آهي. ان جي لاءِ منهنجي وڪيل اڳ ۾ بہ جج رياض ڦلپوٽي کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

درخواست ڏني هئي. جنهن تي جج جيل وارن کي لکيو ته هن جو جيل جي قاعدي، 788 تحت علاج ڪرايو.

منهنجي وڪيل ڪيس ڪافي چيو، ته توهان صاف ۽ چٽو آرڊر ڪريو، ان آرڊر تحت ته مون کي فقط سرڪاري اسپتال ۾ ئي موڪليندا. جج جواب ڏنو، ته اسان بس اهوئي لکي سگهون ٿا. هن شنوائي تي آئون احتساب عدالتن جي اهڙن ٻن حڪمن جون ڪاپيون ڪڍرائي آيو هئس، جنهن ۾ اهو صاف آرڊر ٿيل هو ته فلاڻي جوابدار کي فلاڻي ڊاڪٽر وٽ فلاڻي پرائيويٽ اسپتال ۾ چيڪ اپ جي لاءِ پيش ڪيو وڃي.

وڪيل يوسف لغاري جڏهن جج کي درخواست ڏني ته هن چيو، ”توهان هاءِ ڪورٽ وڃو. اهي آرڊر ڪندا، اسين نٿا ڪري سگهون.“ منهنجي وڪيل ڪيس اڳ ڪيل آرڊرن جون ڪاپيون ڏيکاريون ۽ چيو ته هي ٻه احتساب ڪورٽن جا ئي آرڊر آهن. جج پهريائين اهي ڪاپيون ڏسڻ لڳو، پوءِ چيائين، ”هي ٻين (ججن) غلط آرڊر ڪيا آهن، آئون غلط آرڊر نه ڪندس.“ ان کان پوءِ 12 سيپٽمبر تي شنوائي رکيائين. اج ڪورٽ جي ڪارروائي 30-12 وڳي پوري ٿي.

تقريباً سادي چئين وڳي ڌاري اسان ڪورٽ کان نڪتاسين. اج جيڪي ملاقات تي آيا، انهن ۾ گهٽا تعلقي شهيد فاضل راهو جا ڪائونسلر هئا. ٻه آگسٽ تي اليڪشن ٿيڻ واري آهي، جنهن ۾ اسلم تعلقي شهيد فاضل راهو جي ناظم لاءِ اميدوار آهي. ڪائونسلرن ۾ گهٽا اُهي ئي هئا، جيڪي ڪراچيءَ ۾ رهيل هئا.

اج صحافي ضياءَ قريشي ڪچهري ڪندي ڪجهه سوال پڇيا هئا، جن مان هڪ موجوده بلدياتي اليڪشن جي باري ۾ هو. اهو سوال اڇڪلڻ هر هڪ ماڻهو جي ذهن ۾ آهي. ان کان قطع نظر ڪنهن ضلع جو ناظم ڪير ٿيندو. ڪنهن تعلقي تي ڪير ڪٽيندو يا هارائيندو يا ڪراچي جو ناظم اعليٰ ڪير ٿيندو؟ ملڪ جي ٿورو ٻه سياسي ۽ سماجي شعور رکندڙ ماڻهن جي ذهن ۾ اهو سوال اپريل آهي ته ڇا موجوده بلدياتي چونڊون، جيڪي موجوده حڪومت جي اقتدار جي هيٺين سطح تائين منتقلي (Devolution of Power) واري پروگرام جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حصو آهن، اهو ڪامياب ٿيندو يا ناڪام!؟

آئون اڳي ئي ان خيال جو آهيان تہ جڏهن بہ ملڪ تي غير سياسي قوتون قابض ٿيون آهن، تہ انهن سڀ کان پهرين مڪاني ادارن واري نظام ۾ پناهہ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان جي شروعات جنرل ايوب ڪئي، تنهن کان پوءِ جنرل ضياءَالحق پنهنجي 11 سالن جي دور ۾ ٽي دفعا اهي اليڪشنون ڪرايون. اهي بلدياتي اليڪشنون ئي آهن، جيڪي ڪنهن غيرسياسي حڪومت کي ملڪ جي وڏين سياسي پارٽين جي مقابلي ۾ وارڊ، ديهہ ۽ ڳوٺ تائين سندس مستقبل جي پلاننگ لاءِ قوت مهيا ڪري ڏئي سگهيون ٿي. بلدياتي چونڊن جي ڏنل بنياد تي جنرل ايوب صدارتي اليشڪن کٽي ۽ جنرل ضياءَ 1985ع ۾ پنهنجون من پسند غيرجماعتي اسيمبليون آڻي تاحيات حڪومت ڪرڻ جي پنهنجي منصوبي کي في الوقت ڪامياب ڪيو.

اڳوڻين ۽ هاڻوڪين بلدياتي چونڊن جو حڪمرانن جي مفادن ۾ استعمال ٿيڻ جو قدر تہ مشترڪ آهي، پر ان کان علاوه ٻيو گهڻو فرق آهي. اڳي جڏهن بہ بلدياتي چونڊن جا موقعا آيا آهن، تہ انهن ۾ ايڏو وڏو اظهار ۽ ڏيک ڏيکاءُ نہ رهيو آهي، جيڏو هن ڀيري آهي. اڳي جڏهن بہ مڪاني چونڊون ٿيون آهن تہ اهي پراڻي مُروج سسٽم تحت ٿيون آهن ۽ انهن ۾ ڪابہ نواڻ يا نئين ڳالهہ نہ هوندي هئي، نہ ان وقت جي حڪمرانن طرفان اهڙي دعويٰ ڪئي ٿي وئي.

ان جي برعڪس هن ڀيري پراڻي رائج طريقي کي تبديل ڪري ڪيتريون ئي نيون ڳالهيون متعارف ڪرايون ويون آهن، جن سان ڪافي نيون دعوائون بہ لاڳاپيل آهن. حڪومت موجوده اليڪشن کي جنهن طريقي سان پيش ڪيو آهي، ان ۾ اهي تمام گهڻي اهميت جون حامل بنجي ويون آهن. موجوده بلدياتي چونڊن بابت تاثر اهو ڏنو ويو آهي، تہ انهن جي نتيجي ۾ بنجندڙ ادارا انتهائي طاقتور هوندا، يعني چونڊيل ناظمن کي حڪومت جي سڀني ادارن سان اختيار حاصل هوندا جنهن ۾ پوليس بہ اچي وڃي ٿي. اختيار ۽ اقتدار بلڪل هيٺين سطح (Grass root- level) تائين منتقل ڪيو ويندو.

پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون دفعو هيٺين سطح تائين چونڊيل نمائندا رياست جي انتظامي مشنري تي حڪومت ڪري سگهندا. موجوده

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حڪومت جي دعويٰ آهي، تہ آگسٽ 2001ع کان پوءِ ملڪ ۾ حقيقي جمهوريت هوندي ۽ اصل عوامي راڄ هوندو. ماڻهن جي سڀني مسئلن ۽ مرضن جو علاج ٿي ويندو. ملڪ ۾ ڪير ۽ ماڪيءَ جون نديون وهڻ لڳنديون. ملڪ مان رشوت خوري ۽ بدعنوانيءَ جو مڪمل خاتمو ٿي ويندو. قانون جي حڪمراني هوندي ۽ امن امان جو اهو عالم هوندو جو شينهن ۽ ٻڪري هڪڙي گهاٽ تان پاڻي پيئندا. بک ۽ بيروزگاريءَ جو خاتمو ٿي ويندو. عوام جي پئسي جو مالڪ عوام پاڻ هوندو ۽ بي پناه ترقي ۽ خوشحالي ٿيندي. اهي ڪجهہ دعوائون آهن، جيڪي حڪومت موجوده بلدياتي نظام لاءِ ڪري چڪي آهي. حڪومت جي وڏي پئماني تي هلايل ان پروپيگنڊا جي ڪري ماڻهن کي هن نئين نظام مان وڏيون اميدون آهن. حڪومتي نشرياتي ادارن اقتدار جي هيٺين سطح تائين منتقليءَ جي پروگرام (Devolution Plan) ۽ بلدياتي چونڊن کي ان انداز سان پيش ڪيو، جڻ ڪو وڏو انقلاب برپا ٿيڻ وارو آهي ۽ عوام کي ان مان تمام گهڻيون اميدون (High Hopes) ڏياريون ويون آهن.

حڪومت جي ان پروگرام جي بنيادي نڪتن جو جيڪڏهن عمومي جائزو وٺبو، تہ هي منصوبو في الوقت ڪيترين ئي مونجهارن جو شڪار ڏسڻ ۾ ايندو. اڄ ڏينهن تائين، يعني گذريل 8 مهينن جي مشق ۽ سرگرمي جي نتيجي جو آخري مرحلو (Final Show down) پورو ٿيڻ ۾ فقط ٿي ڏينهن بچيا آهن. ان جي باوجود حڪومت پنهنجي سڄي پروگرام کي مڪمل شڪل ڏئي نہ سگهي آهي. شروعات کان وٺي هر مرحلي تي ان ۾ ترميمون ۽ تبديليون ٿينديون اچن پيون ۽ حڪومت پنهنجي منصوبي جي نتيجن جي باري ۾ ايترو تہ غير يقينيءَ جو شڪار آهي، جو نہ رڳو اليڪشن جي طريقيڪار ۾ بار بار تبديليون ڪيون ويون آهن، پر ايجا تائين چونڊيل نمائندن، سول بيورو ڪريسي ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي وچ ۾ اختيارن جي ورڇ (Distribution of Power) جي تبديلين جو سلسلو جاري آهي.

اڄ بہ انهن ٽنهي ادارن مان ڪنهن هڪ کي بہ اها خبر نہ آهي تہ "مستقبل ۾ سندن اختيار ڪهڙا هوندا؟" حڪومت جي اها دعويٰ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي ته هن سسٽم تحت اختيارن جي هيٺين سطح تائين ورڇ ٿيندي ۽ اهو پروگرام صوبن کي وڌيڪ طاقتور ۽ خودمختيار بنائيندو، يعني اهو پروگرام صوبائي خودمختياري (Provincial Autonomy) جو حصو آهي. جيڪڏهن حڪومت واقعي اختيارن جي هيٺين سطح تائين ورڇ جي پروگرام ۾ مخلص آهي، ته پهريائين صوبائي خودمختياريءَ جو اعلان ڪري ها، يعني پهريائين صوبن کي پنهنجا اختيار منتقل ڪيا وڃن ها ۽ پوءِ صوبا پنهنجي مرضي ۽ پنهنجي پروگرام سان بلدياتي ادارن جون چونڊون ڪرائين ها.

بلدياتي چونڊون ۽ مڪاني ادارا نج صوبائي معاملو آهي ۽ مڪاني ادارن جون چونڊون هميشه صوبائي اليڪشن اٿارٽي ڪرائيندي آهي. ان جي ابتڙ مرڪزي حڪومت صوبن کي وڌيڪ اختيار ڏيڻ جي بدران سڌو سنئون مڪاني ادارن تي قبضو ڪري، ان جي ذريعي مڙئي صوبائي ڪاتن تي ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو آهي. صوبائي اليڪشن اٿارٽي کي ختم ڪري، ان کي مرڪزي اليڪشن ڪميشن ۾ ضم ڪيو ويو آهي. هاڻي مڪاني ادارن جون چونڊون سڌو سنئون اليڪشن ڪميشن پاڻ ڪرائي رهي آهي، جڏهن ته ماضيءَ جون سڀئي لوڪل باڊيز اليڪشنون صوبائي اليڪشن اٿارٽي ڪرائيندي رهي آهي. هن سڄي پروگرام جو خالق موجوده حڪومت جو Think Tank يعني نيشنل ريڪسٽرڪشن بيورو (ٻيهر قومي جوڙجڪ جو ادارو .N.R.B) آهي. هن پروگرام جي سلسلي ۾ صوبن ۽ مختلف طبقن جي ماڻهن کان رايا ۽ تجويزون ته ورتيون ويون، پر اها فقط ڏيکاءَ جي رسمي ڪارروائي هئي. حڪومت انهن جي راين ۽ تجويزن کي يڪسر رد ڪري ڇڏيو.

اين- آر- بي صوبن جي سفارشن کي ذري برابر به اهميت نه ڏني. هاڻي انهن چونڊن ۽ ان جي پروگرام ۾ صوبن جي حيثيت فقط پوسٽمين واري رهجي وئي آهي. هن وقت تائين ڏنل پروگرام موجب صوبائي حڪومت جا جيڪي مختلف ڪاتا آهن، مثال طور ترقياتي ڪمن جا ڪاتا، صحت، تعليم ۽ ٻيا ڪاتا، اهي ضلعي سطح تي سڌو سنئون ضلعي حڪومتن جي ماتحت ڪم ڪندا.

مطلب ته حڪومت جي جيڪا دعويٰ آهي، ته اختيارن ۽ اقتدار جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مرڪزيت کي ختم ڪيو ويندو، هتي ان جي ابتڙ وڌيڪ مرڪزيت وارو نظام آڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، يا غير موثر بنائڻ جي جامع منصوبي طرف پيشقدمي ٿي چڪي آهي.

ضلعي حڪومتن جي پروگرام جو اعلان ڪرڻ وقت حڪومت چيو هو، ته ڊي- سي- او (District Coordination Officer) ۽ پوليس جو ضلعي سربراه يعني ڊي- پي- او سڌو سنئون ضلعي ناظم جي ماتحت ڪم ڪندا ۽ ان جي هر هدايت کي مڃڻ جا پابند هوندا. ضلعي ناظم جيڪڏهن ڊي- سي- او، ڊي- پي- او يا ٻئي ڪنهن به ضلعي آفيسر جي ڪارڪردگيءَ مان مطمئن نه هوندو، ته ڪيس ان کي بدلي ڪرائي سندس جاءِ تي پنهنجي مرضيءَ مطابق ٻئي ڪنهن آفيسر کي رکائڻ جو اختيار حاصل هوندو. پر ٿوري ئي عرصي ۾ انهي فارمولي ۾ وقتاً بوقتاً تبديليون ٿينديون رهيون آهن!

حڪومت جي تازن اعلانن موجب هاڻي ضلعي جي پوليس سربراه (ڊي- پي- او) کي نه ضلعي ناظم بدلي ڪرائي سگهندو، نه اهو هن جي ماتحت هوندو ۽ نه ئي سندس اڳيان جوابده هوندو. ضلعي ناظم کي اهو اختيار به حاصل نه هوندو ته سندس ضلعي ۾ پنهنجي مرضيءَ وارو ڊي- سي- او رکائي سگهي، ۽ نه ئي ڊي- سي- او ضلعي ناظم جي حڪم يا هدايت تي عمل ڪرڻ لاءِ پابند هوندو! ٻين لفظن ۾ ضلعي حڪومت جي اختيارن جو سرچشمو ڊي- سي- او ئي هوندو. ڊي- پي- او (اڳوڻو ايس- ايس- پي) کان سواءِ صوبائي ڪاتن جا ٻيا سڀئي ضلعي آفيسر ناظم بدران ڊي- سي- او جي ماتحت هوندا.

هتي ٻيو موڪهارو آهي، ته ضلعي حڪومت جي ماتحت فقط صوبائي ڪاتا ايندا يا وفاقي حڪومت سان تعلق رکندڙ ڪاتن تي به ان جو اختيار هوندو؟ ٽيليفون، واپڊا، گيس ۽ زرعي ترقياتي بئنڪ اهڙا وفاقي ڪاتا آهن، جيڪي وڏ ۾ وڏ عوام آزار آهن، جن جي خلاف ماڻهن وٽ شڪايتن جا ڍير آهن. انهن ڪاتن جا آفيسر ضلعي حڪومتن وٽ جوابده هوندا يا نه؟ ان باري ۾ حڪومت مڪمل خاموش آهي ۽ ان طرفان انهيءَ ڏس ۾ ايجا ڪنهن به قسم جي وضاحت نه آهي. حڪومت جيڪڏهن ضلعي ۾ ڪا عوامي حڪومت قائم ڪرڻ ۾ مخلص آهي ته

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پهريائين وفاقي حڪومت جي انهن ادارن لاءِ سوچي ۽ پنهنجي پاليسي واضح ڪري ڇو تہ پوليس ڪان پوءِ سڀ ڪان وڌ انهن ئي ادارن جا ڏنڀ آهن، جن عوام جو ساهہ سڪائي ڇڏيو آهي.

اعلان ڪيل پروگرامن موجب هر ضلعي حڪومت ۾ عوامي نمائندن جي سربراهي ضلعي ناظم ۽ سول بيورو ڪريسي جي نمائندگي (D.C.O) وٺ هوندي، جڏهن تہ ضلعي پوليس جو سربراه ايس- ايس- پي يعني ڊي- پي- او هوندو. هي هڪ اهڙو ٽڪنڊو (Troika) هوندو، جنهن جي وچ ۾ اختيارن جي شديد ڇڪتاڻ رهندي. حڪومت انهن جي وچ ۾ اختيارن جي ورڇ جو صحيح توازن وارو فارمولو ايجا تائين ڏيئي نہ سگهي آهي. جنهن ۾ اهو صاف ۽ چٽيءَ طرح واضح هجي تہ ضلعن ۾ پوليس اسٽيٽ يا ڪامورن جو راڄ نہ هوندو، پر حقيقي حڪومت عوامي نمائندن جي ئي هوندي.

تازو ئي نئون پوليس آرڊيننس آڻڻ جو جيڪو اعلان ڪيو ويو آهي، ان تہ رهندو ماڻهن جي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو آهي. هن وقت پوليس کي ڪٿي بہ ڇاپو هڻڻو هجي، ڪنهن جلسي، جلوس يا وڳوڙ جي صورت ۾ فائرنگ يا ڳوڙها گيس جي شيلنگ ڪرڻي هجي تہ قانوني طرح مئجسٽريٽ جي حڪم يا ان جي مدد ڪان سواءِ پوليس اهڙو عمل ٿي ڪري سگهي. پوليس جي ڪنهن بہ آفيسر يا اهلڪار جو ڪنهن جوابدار ڪان ورتل بيان، جنهن کي عام طرح 161 جبو ويندو آهي، ان جي ڪورٽ ۾ ڪابہ حيثيت نہ هوندي آهي. ڪورٽ وٽ جوابدار جي فقط ان بيان کي قانوني حيثيت حاصل هوندي آهي، جيڪو مئجسٽريٽ خود هن ڪان وٺي، جنهن کي 164 چيو ويندو آهي.

موجوده حڪومت طرفان جيڪو پوليس آرڊيننس اچڻ وارو آهي. ان لاءِ چيو اهو پيو وڃي تہ ان تحت پوليس کي مئجسٽريٽ جا اختيار حاصل ٿي ويندا ۽ پوليس آفيسر ڪنهن بہ هنڌ، جتي هو ضروري سمجهي، فائرنگ يا شيلنگ جو حڪم ڏئي سگهي ٿو، ڪنهن بہ گهر يا جڳهہ تي مئجسٽريٽ ڪان سواءِ ڇاپو هڻي سگهي ٿو. ۽ پوليس آفيسر ڪنهن بہ جوابدار جو بيان رڪارڊ ڪندو تہ ان کي 164 يا قبوليت (Confession) جو درجو حاصل هوندو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪڏهن اهو آرڊيننس ائين نافذ ڪيو ويو، جيئن اخبارن ۾ اچي پيو، تہ اهو معاشرتي تباهيءَ جو وڏو ڪارڻ بڻجندو. پوليس جي گهٽائي سندس موجوده اختيارن جي دائري ۾ بہ اڳيئي بي لغام آهي. هن وقت بہ ماڻهو جنهن حڪومتي اداري جي ناجائزين ۽ ڏاڍاين جو وڏ ۾ وڏ شڪار بڻجڻ ٿا، اهو پوليس ڪانسٽيبل ئي آهي. جيڪڏهن ان کي ايا بہ وڌيڪ بااختيار ڪيو ويو، ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن يا سب ڊويزن جي ليول تي ان تي جيڪو انتظامي ۽ جوڊيشل (Counter Check) آهي، اهو ختم ڪري ان کي مئجسٽريٽ وارا اختيار بہ ڏنا وياہ تہ پوءِ پوليس بلڪل بدمست هاٿي وانگر بڻجي ويندي. چوندا آهن تہ ”انڌو هاٿي لشڪر جو زيان!“

پوليس آرڊيننس جو اهو مسودو، جيڪو موجوده حڪومت جي ويچار هيٺ آهي، اهو هن ڪان اڳئين سول حڪومتن جي ويچار هيٺ بہ رهيو هو. پوليس کي مئجسٽريٽي اختيار ڏيڻ جو پهريون چوڻ بينظير ڀٽو جي ٻي حڪومت ۾ ٿيو. ان جي حڪومت اهي اختيار پوليس کي منتقل ڪرڻ جو فيصلو بہ ڪري چڏيو. ان ڪان پوءِ ميان نواز شريف جي پوئين دور واري حڪومت ۾ بہ اهو ساڳيو معاملو ويچار هيٺ رهيو، پر ٻئي حڪومتون عوامي دباءَ ۽ ميڊيا جي تنقيد سبب ان تي عمل ڪرڻ جي همت نہ ڪري سگهيون. هاڻي ان ”نيڪ“ عوام آزار ڪم جو سندرو موجوده حڪومت ٻڌو آهي.

هن وقت اسان جي ملڪ جي معاشي حالت انتهائي خراب آهي. حڪومت پنهنجي سمورين ڪوششن جي باوجود ان ۾ ڪوبہ سڌارو آڻڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهي آهي. ملڪ جون معاشي حالتون ان هنڌ تي پهتل آهن جو حڪومت لاءِ پنهنجو روايتي ڪار وهنوار هلائڻ بہ مشڪل بنجي چڪو آهي. وفاقي توڙي صوبائي حڪومتن ترقياتي منصوبا تقريباً ختم ڪري چڏيا آهن. جڏهن مرڪزي صوبائي حڪومتون معاشي طرح ايترو مفلوج ۽ اپاهج ٿي چڪيون آهن تہ ان صورت ۾ ضلعي حڪومتن جو حشر ڇا ٿيندو؟

ان جو جواب ڪنهن وضاحت جو محتاج نہ آهي. حڪومت وفاقي هجي، صوبائي يا ضلعي جي، ڏوڪڙن ڪان سواءِ نٿي هلي سگهي. ضلعي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حڪومتون، جن تي نہ رڳو پنهنجي سسٽم کي هلائڻ جو خرچ هوندو، پر پوري ضلعي جي ترقياتي ڪمن جو بار بہ انهن جي مٿي تي ئي هوندو. انهن وٽ ايترو پئسو ڪٿان ايندو جو اهي عوام جون ساڻن لاڳاپيل بي پناه اميدون پوريون ڪري سگهن! چند ڏينهن کان پوءِ جڏهن ضلعي حڪومتون پنهنجو ڪم شروع ڪرڻ واريون آهن، انهن چند ڏينهن ۾ ڪو الادين جو ڏيئو تہ اچڻو ڪونهي، جو اک چنڊ ۾ سڀ ڪجهہ ٿي وڃي. هاڻي کي چڏي ايندڙ چند سالن ۾ بہ اهو آسرو ڪونہ ٿو ڏسجي تہ مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن جي معاشي پوزيشن ايتري بهتر ۽ مضبوط ٿي ويندي جو اهي ضلعي حڪومتن کي گهربل وسائل فراهم ڪري سگهنديون.

پہ سال اڳ ملڪ ۾ آڪٽراءِ ۽ ضلعي ايڪسپورٽ ٽيڪس ختم ڪرڻ ڪانپوءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن پاران مڪاني ادارن کي ان جي ڪري ٿيل نقصان جو گڏيل طور پورائو ڪرڻ جو واعدو ڪيو ويو هو. ان مد ۾ فنڊن جي ادائيگيءَ لاءِ هر مهيني جي قسط مقرر ڪئي ويئي هئي. هن وقت مڪاني ادارن کي اهي قسطون بہ پوريون نہ ملي رهيون آهن. ڪيترن ادارن جي تہ اها حالت آهي جو اُهي پنهنجي ملازمن کي پگهار بہ نہ پيا ڏئي سگهن.

حڪومت پاران اها ڳالهہ بہ ڪئي وئي آهي، تہ مڪاني حڪومتن کي پنهنجي آمدنيءَ جا وسيلا پاڻ پيدا ڪرڻ جو اختيار حاصل هوندو ۽ هو ڪوبہ ٽيڪس لڳائڻ ۽ وصول ڪرڻ لاءِ بااختيار هوندا. مرڪزي حڪومت کي ضلعي حڪومتن جي موجوده نظام ۾ سڀ کان پهريائين انهن جي معاشي منصوبہ بندي ڪرڻي هئي، جيڪا اجا تائين نہ ڪري سگهي آهي. حڪومت کي اهو ڪرڻ ڪپندو هو، تہ ڪجهہ ٽيڪس، جيڪي مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتون وصول ڪري رهيون آهن، انهن ۾ هڪ مناسب حد تائين ضلعي حڪومتن جو حصو رکڻ ڪپندو هو، يا مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن کي وصول ٿيندڙ ڪجهہ ٽيڪسن کي ختم ڪري انهن جي وصولي سڌو سنئون ضلعي حڪومتن جي حوالي ڪئي وڃي ها. مرڪز ۽ صوبن جو انهيءَ ڪليڪشن ۾ پنهنجو پنهنجو حصو رکجي سگهيو پئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن وقت صورتحال اها آهي ته ٽيڪس جي معاملي ۾ مرڪز ۽ صوبا ۽ ضلعي حڪومتن لاءِ قرباني ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن. ان صورت ۾ ضلعي حڪومتن لاءِ فقط هڪ رستو بچي ٿو، ”اهو رستو آهي عوام کي وڏيڪ ڪُهڻ وارو رستو!“ يعني ضلعي حڪومتون پنهنجا قانون ناهي نوان ۽ اضافي ٽيڪس عوام مٿان مڙهين. اهڙيءَ طرح اهوئي عوام کان ڦرلٽ وارو پراڻو نظام بحال ٿئي، جنهن ۾ آڪٽراءِ ۽ ايڪسپورٽ ٽيڪس جي نالي ۾ غنڊه ٽيڪس رائج هو، جيڪو ننڍن واپارين، صنعتڪارن ۽ عالمي واپاري نظام جي دباءَ جي نتيجي ۾ ٻه سال اڳ نوازشريف جي گذريل حڪومت ختم ڪيو هو.

هاڻي ان اڳوڻي ڦرلٽ کي ٻيهر شروع ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن عوامي نمائندن کي استعمال ڪيو ويو، ته ان جا ننڍن واپارين، آبادگارن ۽ عام خلق تي تمام گهڻا منفي اثر پوندا ۽ ان جي نتيجن کي موجوده حڪومت ۽ مڪاني ادارن جي عوامي نمائندن کي ئي مُنهن ڏيڻو پوندو. ان صورت ۾ ته هي عمل وڏيڪ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو، جنهن ۾ ايندڙ هڪ سال جي اندر حڪومت عام اليڪشن جي وڏي مرحلي (Grand Operation) مان گذرڻ واري آهي.

پاڪستان جي سياست ۾ هر اليڪشن ۾ پئسي کي خاص اهميت رهندي آهي. هر اليڪشن ۾ پئسي جو نهايت اجايو استعمال ٿيندو آهي، پر اخباري اطلاعن مان خبر پوي ٿي، ته هن بلدياتي اليڪشن ۾ جيڪو پئسو استعمال ٿيو آهي، ان گذريل سيني اليڪشن جا رڪارڊ توڙي ڇڏيا آهن. هن اليڪشن ۾ چونڊجي آيل ڪائونسلرن جو اهڙو تعداد ٿورو آهي، جيڪو ڪنهن سياسي پارٽي يا انفرادي طرح ڪنهن اميدوار سان (Committed) هجي. هر ضلعي، ٽائون ۽ يونين ڪائونسل ۾ گهڻائي اهڙن ڪائونسلرن جي آهي، جيڪا وڏيڪ واڪ تي وڪري لاءِ موجود آهي. ناظم جي لاءِ مقابلو ڪندڙ هر اميدوار کي سون جي تعداد ۾ ڪائونسلرن جي خريداري ڪرڻي پوندي. ٻين لفظن ۾ هيئن ٻه چئي سگهجي ٿو، ته ”موجوده بلدياتي نظام تحت ناظم ۽ نائب ناظم جي چونڊ جو اهڙو طريقو اختيار ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هڪ ئي وقت ملڪ جي لکن جي تعداد ۾ ڪائونسلرن کي ڪرپٽ ٿيڻ يا ڪرڻ جي ترغيب

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏني وئي آهي!“ ان صورتحال ۾ ڪٿي ائين ته نه ٿيندو ته موجوده بلدياتي نظام جي پروگرام جو جيڪو اصل مقصد ۽ جوهر يعني پاور جي هيٺين سطح تي منتقلي (Power up to Grass root level) بيان ڪيو ويو آهي، اهو تبديل ٿي ڪرپشن جي هيٺين سطح تي منتقلي (Corruption up to Grass root level) جي صورت اختيار ڪري وٺندو.

31/7/2001

اڄ شاهنواز ۽ پَٽي ملڻ آيا. شاهنواز ٻڌايو، ته سندس پيڻ ۽ ڊاڪٽر فدا جي والده ٻئي ٺيڪ نه آهن، پريهن مون کي اسپتال وڃڻو آهي. شاهنواز سان ان تي ڳالهه ٻولهه ٿي.

شام جو شبير سپاهي هٿان شاهنواز جي چٺي ملي ته لچمڻ گرفتار ٿي توهان ڏانهن جيل اندر آيو آهي. مون لچمڻ جي معلومات ڪرائي، خبر پئي ته ان کي فيڪٽريءَ ۾ رکيو اٿن. ايتري ۾ مون کي چيف ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر فضل الاهي ميمڻ ماڻهو موڪليو، ته مون وٽان ٿي وڃو. آئون ڪجهه دير کان پوءِ اسپتال ويس. ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو، ته توهان لاءِ نياپو آهي ته سيٺ ڪشن جو پٽ اندر آيو آهي. چيومانس ته مون کي اها خبر پئجي وئي آهي. ڊاڪٽر وٽان ٿي فيڪٽريءَ آيس، اتي خبر پئي ته لچمڻ ٽاور تي آهي. لچمڻ مون کي ٽاور تي مليو. ٻڌايائين ته ڪيس فيڪٽريءَ جي بيرڪ نمبر 3 ۾ رکيو اٿن. ايتري ۾ هن کي وري واپس فيڪٽريءَ تي گهرايائون. چيومانس، تون پلي وڃ. ڪوشش ڪريون ٿا، پر دير ٿي وئي آهي. اڄ نه ٿي سگهيو ته سيٽي تنهنجو ٽوٽل تبديل ڪرائينداسين.

1/8/2001

صبح جو 9-00 بجي ڊاڪٽر صاحب جو اسپتال وڃڻ جي لاءِ نياپو آيو. آئون صبح 9-00-وڳي ڊاڪٽر وٽ پهتس، ته لچمڻ کي اڳ ۾ ئي گهرايو هئائين. هو وينو هو. ڪجهه دير اتي گپ شپ ڪئيسون، پوءِ لچمڻ کي آئون پنهنجي واردِ تي وٺي آيس. ڪجهه دير کان پوءِ ڪيس ٽاور تي ملاحظي لاءِ گهرايو ويو. اُتان وري فيڪٽري موڪلي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چڏيائونس.

ماڙيءَ کان پرچي آئي، اُتي شاهنواز ملاقات تي آيل هو. حال احوال کان پوءِ ٻڌايائين، ته لچمڻ جي ملاقات لاءِ همراه آيل آهن. چيومانس، انهن کي ويهارجو، لچمڻ کي گهرايون ٿا. مون لچمڻ جي ملاقات جي پرچي نهرائي ۽ کيس فيڪٽريءَ تان پنهنجي وارڊ تي وڃي آيس، اتي ماني کاڌيسين. ان کان پوءِ هو ماڙيءَ تي ملاقات جي لاءِ ويو. ملاقات ڪري لچمڻ واپس هتي آيو ۽ وري واپس فيڪٽري تي ويو. چيائين ته شام جو منهنجي خبر وٺجو. شام جو آئون ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ نيازي وٽ ويس. هڪ ته سياڻي اسپتال لاءِ فردي ڪڍايم، ٻيو لچمڻ جو ٽوٽل تبديل ڪرڻ جو چيومانس. چيائين ته آئون ڪريان ٿو. رات جو خان محمد مونکي ٻڌايو ته لچمڻ کي فيڪٽري مان ڪڍي چڪر ۾ رکيو اٿن.

2/8/2001

اڄ جناح اسپتال وڃڻو هو. صبح جو 9-00 وڳي پرچي آئي. ان ڏينهن اسلام الدين شيخ کي به جناح وڃڻو هو. هن کي اتي داخل ٿيڻو هو ۽ ماڙيءَ تي پنهنجي ايمبولنس جو انتظار ڪري رهيو هو. خان محمد به اُتي ويٺل هو. ماڙيءَ تي خبر پئي ته رات ڳچ همراهَن کي لانڊي جيل شفٽ ڪيو اٿن. جن ۾ ميان منير، منور سنڌو، انجنيئر شهمير، اسد عباسي، غلام نبي جت ۽ ٻيا شامل هئا. منهنجو گارڊ پهتل هو، پر انهيءَ ٻڌايو ته عثمان فاروقي ۽ ڪجهه ٻين قيدين کي سول اسپتال وڃڻو آهي، انهن جو انتظار ڪري رهيا آهيون، ان ڪري ڪجهه وقت سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ انتظار ڪريو.

مون ۽ خان محمد مهر سپرنٽينڊنٽ کي چيو، ته گاڏي مون کي جناح اسپتال تي ڇڏي، وري اچي ٻين کي کڻي. سپرنٽينڊنٽ پهريائين مون کي ڇڏي اچڻ جي لاءِ چيو. گارڊ انچارج اسان کي چيو، ته تيل گهٽ آهي، ٻه چڪر نٿا ڪري سگهون. مون کيس چيو، ”تيل جا پئسا آئون ڏيان ٿو، توهان هلو.“ جڏهن هُن جا سڀ بهانا ختم ٿيا ته هلڻ لاءِ تيار ٿيا. ٻاهر نڪتس ته پوليس جي وڏي گاڏي بيٺي هئي، جنهن ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عام ڪرمنل قيدين کي ڪورٽ تي ڪٽي ويندا آهن. ان گاڏيءَ کي قيدين جي زبان ۾ ڪُتا گاڏي ٻه چيو ويندو آهي.

جڏهن آئون گاڏيءَ پويان چڙهي رهيو هئس ته مون سان هڪ ڏاڙهيءَ وارو سپاهي اچي مليو، مون سندس چهري تي ڏکوئيندڙ تاثر محسوس ڪيو، جنهن مان مون کي لڳو ته هن کي منهنجي ان گاڏيءَ ۾ پويان ويهڻ سان ڇڙ ڪا تڪليف ٿي رهي هجي! رستي ۾ مون کانئس پڇيو، ته توهان ڪير آهيو؟ ٻڌايائين ته ”آئون ڪامل ٻانيڻ آهيان. منهنجو تعلق خيرپور سان آهي، آئون توهان جي والد جي ورسيءَ تي ٻه آيو آهيان. آئون پهرين ورسيءَ تي آيو هئس، جنهن ۾ هڪ همراهه مزار تي فائرنگ ڪندي زخمي ٻه ٿيو هو.“ چيومانس، ”ان همراهه سان توکي اسپتال ۾ ملائيندس.“ اسپتال هلندي ۽ واپسيءَ دوران پورو وقت ساڻس ڪچهري ٿيندي رهي.

اسپتال پهتاسين، ته اسلام الدين شيخ ٻه پهتل هو، ان جي فون تان شاهنواز کي فون ڪري پهچڻ جو چيم. اهو ويجهو ئي هو، جلدي پهچي ويو. ٻانيڻ کي چيم، ته پنهنجي ڳوٺائيءَ سان مل، جنهن جو تو گاڏي ۾ ذڪر پئي ڪيو.

ڪجهه دير ۾ ڪاڪو پيرو، ڊاڪٽر شامون ۽ جيرام آيا، تنهن کان پوءِ ڊاڪٽر محبوب چانڊيو ۽ ڊاڪٽر اڪبر نائچ ٻه آيا. ايڊمنسٽريشن بلاڪ کان پوءِ اکين واري OPD ۾ ڊيڪارڻ کانپوءِ ڊاڪٽر اڪبر نائچ چيو، منهنجي آفيس ۾ اچو، اتي چانهه وغيره پيو. ڊاڪٽر اڪبر جي آفيس ۾ ويا سين، اتي شاهنواز کي سندس پيڻ جي وڏيڪ طبيعت خراب ٿيڻ جو اطلاع مليو. هن اجازت ورتي.

جناح اسپتال مان نڪتاسين ته گارڊ چيو، ته سول اسپتال مان عثمان فاروقي کي ڪٽندا هلنداسون. سپاهي سول اسپتال ۾ فاروقي کي ڏسڻ ويو. اتي ڊاڪٽر اسلم پيچوهو سان ملاقات ٿي. خبر پئي ته فاروقي وارا واپس هليا ويا آهن. اسان 00-6 وڳي ڌاري جيل تي پهتاسين ته ٻاهر ٿيڪا ۽ ٻيا همراه بينل هئا، انهن ٻڌايو ته ٻيا همراهه اندر لڇمڻ جي ملاقات ڪري رهيا آهن. آئون سڌو ماڙيءَ تي مٿي ويس، اُتي سيني سان ملاقات ٿي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڄ ضلعي ۽ تعلقي ناظمن جون چونڊون ٿي رهيون هيون. اسلم تعلقي شهيد فاضل راهو جي ناظم جي لاءِ مقابلو ڪري رهيو هو، جڏهن ته ضلعي تي علي انور هاليپوٽو اسان جي اتحادي گروپ جو گڏيل اميدوار هو. مون ڏيال کي چيو ته بدين جي اليڪشن جي رزلٽ مون کي جيل اندر توهان کي ترت پهچائڻي آهي. پروگرام اهو نهيو، ته شام جو 7-30 وڳي گيٽ کان ٻاهر آئون سپاهي شبير سومري کي موڪليندس، همراهه ان هٿان رزلٽ موڪليندا. آئون لچمڻ کي ماڙيءَ تان وٺي سڌو سندس چڪر واري بيرڪ ۾ ويس، جتي هن جو سامان رکيوسون، سندس کوليءَ ۾ ٻين غيرملڪي قيدين سان ملاقات ٿي، جيڪي اسپين جا هئا. اُتان ابوبڪر جي ڪمري تي آياسين، جتي لچمڻ کي هن سان ملايم. 21 وارڊ ۾ وزير عباس وٽ وياسين. جتان پنهنجي وارڊ موٽي آياسين ۽ لچمڻ مقدم سان گڏ واپس پنهنجي وارڊ ڏانهن ويو.

7-00 وڳي ڏاري شبير کي گيٽ تي موڪليم، ته خبرچار وٺي اچي. مون کي اليڪشن جو انتظار هو ته ڇا ٿيو؟ شبير پوٽين اٺين وڳي ڏاري آيو. چيائين ته ٻاهر توهان جو ڪو به ماڻهو ڪونه آيو آهي. مون سمجهيو ته شايد اڃا ڳڻپ هلندڙ هوندي. يا رزلٽ آئوٽ نه ٿي سگهي هوندي، جنهن ڪري ڪو ماڻهو نه پهتو آهي.

8-15 ڏاري اسان جو وارڊ بند ٿيو. آئون وراندي ۾ ويهي ڪجهه پڙهي رهيو هئس، ته 9-00 وڳي ٻاهريون دروازو کليو. شبير وراندي جو در کولي اندر آيو، مون کي پڪ ٿي، ته هائي هن کي ٻاهر همراهه مليو هوندو. ڪجهه سامان به آندو هئائين. مون کي چٽي ڪڍي ڏنائين. اها ڊاڪٽر شامون جي هئي، جنهن ۾ لکيل هو، ته اسلم ٻن ووٽن تان اليڪشن هارائي ويو آهي ۽ ضلعي ۾ به ڪير ڪٿي نه سگهيو آهي، جتي ٻيهر چونڊ ٿيندي. اها رزلٽ منهنجي لاءِ غيرمتوقع ۽ ڪافي حيران ڪندڙ هئي چو جو همراهه جيڪي رپورٽون ڏيندا هئا، ان ۾ اسان واري ڏُر کي ڪافي برتري حاصل هئي. مون اهائي خبر پنهنجن هنديوالن کي ٻڌائي، جن کي ڪافي فڪر هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جمع 3/8/2001

اڄ صبح جو تعلقي شهيد فاضل راهو جي ناظم جي چونڊن جي صحيح نتيجن جي خبر پئي، ته ان تي ٻيهر چونڊ ٿيندي، جو ڪوبہ اميدوار 50% کان مٿي گهربل ووٽ حاصل ڪري نہ سگهيو هو. هن اليڪشن ۾ اهوئي فارمولو رکيو ويو آهي. جن بہ ضلعن ۽ تعلقن ۾ ان فارمولي سبب فيصلا نہ ٿي سگهيا آهن. اتي چونڊون ٻيهر 8 آگسٽ تي ٿينديون.

شام جو آئون نيو جيل ۽ دارالقرآن جي وچ واري پٽي تي واڪ ڪري رهيو هئس، ته آخر ۾ جتي نيون بئرڪون ٺهي رهيون آهن، اُتي ڪجهہ چوڪرا رستي جي پاسي تي وينا هئا. آئون انهن وٽان لنگهيس ته پويان مون کي آواز آيو "هي ته جهڙو فاضل راهو پيو وڃي!" مون رڪجي پوئتي ڏٺو، ته سانوري رنگ ۽ ننڍي قد جو جوان هو، لڳو ٿي ته هفتي کن کان شيو نہ ٿي هئس، اڳتي وڌي اچي مون سان مليو. چيائين، توهان مون کي فاضل راهو جهڙا لڳو ٿا. چيومانس، توهان شايد مون کي سڃاڻو ٿا، تڏهن ائين چئو ٿا. اڪثر هتي واڪ ڪندو آهيان، منهنجو نالو اسماعيل راهو آهي. وراڻيائين ته "مون توهان کي اڳ ۾ هتي نہ ڏٺو آهي. منهنجو نالو لونگ سمون آهي. هاڻي لياري ۾ رهندو آهيان، اصل ٺٽي جو آهيان ۽ عوامي تحريڪ ۾ رهيو آهيان. فاضل صاحب سان منهنجون گهڻيون ملاقاتون ٿيل آهن."

رات جو بند ٿيڻ کان اڳ ۾ خبر پئي، ته انظار زيدي صاحب جو ٽوٽل اسان وٽان تبديل ڪري 17 واردِ ۾ ڪيو ويو آهي. هو اسان وٽ رهڻ ۾ خوش هو، وڃڻ نٿي چاهيائين. هاڻي اسان کوليءَ ۾ چار ڄڻا ٿي ويا هئاسين.

4/8/2001

منهنجو روز جو معمول آهي ته صبح ستين، سادي ستين وڳي اٿندو آهيان. اخبارون پڙهي ڪڏهن ناشتو ڪندو آهيان، ته ڪڏهن نہ. ان کان پوءِ ڪلاڪ اڌ جي لاءِ وري سمهي پوندو آهيان. پوءِ اٿي تيار ٿيندو آهيان. اڄ تيار ٿي ماڙيءَ تي ويس، جو گهر وارا ملاقات لاءِ آيل هئا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اُتان ٿي وري ڪجھ وقت لاءِ وريام فقير وارن سان ڪارڊ ڪيڏياسين، ايتري ۾ ملاقات جي پرچي آئي. ماڙيءَ تي ويس ته اورنگزيب پنهور آيل هو. سائس چڱي ڪچهري ٿي. هيٺ لهي آيس ته سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ يوسف لغاري، ايس- پي عارب مهر ۽ خان محمد مهر وينا هئا. يوسف سان حال احول ٿيا. وري پنهنجي وارڊ تي موٽي آيس.

اڄ اسان جي وارڊي جو ڪم ختم ٿي ويو هو. وارڊي جو اڌ تائين پلستر، دروازن ۽ گرلن مٿان ڊزائن، پلستر مٿان آئل پينٽ، گرلن کي آئل پينٽ چاريون (Net)، دروازا پالش ۽ ٽنهي دروازن ۾ پاڻ مرادو بند ڪرڻ وارا اسپرنگ (Door Closer)، اهو سڀ ڪم هينئر ٿيو هو. هاڻي اسان جي وارڊ جو وارڊو ڪشادو ٿي لڳو ۽ سٺو به ٿي ويو هو. ڪچن کي چاريءَ جو دروازو لڳي ويو ته اهو به مڪين، مچرن، پلين ۽ ڪوئن کان محفوظ ٿي ويو هو. رات جو ويٺي ڪم تي ڳالهه ٻوله ڪري رهيا هئاسين، ته مون ذڪريا غني کي چيو ته هن ڪم جي جيڪا ڪٽ (Estimate) ٺاهي اٿئي، ان ۾ هڪ وڪيل جي في جي گنجائش به رکي ڇڏجانءِ. پڇيائين ته ڇا مطلب؟ ڪيس ڇيم، ”سپاٽي نيب جيڪڏهن اهو ريفرنس ٺاهي، ته جيل ۾ جيڪو ڪم ڪرايو اٿوَ، ان جا پئسا ڪٽان آندوَ؟ اهي رشوت جا پئسا آهن، تنهن ڪري وڪيل اڳواٽ تيار هجي!“

آئون جڏهن به لکڻ ويهندو آهيان ته مون کان پنهنجي ڪولي وارا سڀ دوست پڇندا آهن، ته يار ڇا لکندو آهين؟ وريام فقير چوندو آهي ته سائين رسالو ٿا لکو يا ڇا ٿا لکو؟ دائود خان چوندو آهي، ته تاريخ ٿو لکين يا چوندو ڇا جي تاريخ ٿو لکين؟ جيڪڏهن تاريخ ٿو لکين ته اُن ۾ هي به لکجانءِ، ته هو به لکجانءِ. بهرحال هن جو پنهنجون ڳالهيون هونديون آهن. ذڪريا غني چوندو آهي، ته يار ڪهڙا لَوَ ليٽر (پيار جا خط) ٿو لکين. اڄ به دائود خان چئي رهيو هو، ته روزانو ايترو نه لکندا ڪريو. توهان جون اکيون خراب ٿي ويندين ۽ ٿورو وقت لکندا ڪريو، نه ته جلد پوڙها ٿي ويندا. چيومانس ته يار ڇا ٿو لکان! ڪجھ به ته نٿو لکان، آئون ڪهڙو اديب يا دانشور آهيان، جو ڪجھ لکندس. مڙيئي وقت پاس ڪرڻ جو طريقو آهي، ٻيو ڀلا هتي ڇا ڪريون؟

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

منجهند جي ماني تي حاجي صاحب ۽ ابوبڪر وارن کي اچڻو هو. ڪجهه وقت اسان ڪارڊ کيڏيا. پوءِ مون همراهن کي چيو، آئون وهنجي ٿو اچان، تيستائين توهان ٽيبلن ۽ ڪرسين جي سيٽنگ ڪرائي وٺو. اسان ڪجهه ماني ۽ مٺو وغيره ٻاهران گهرايو هو ۽ باقي ماني هتي اندر ئي ٺهرائي هئي. ڏيڍ بجي ڌاري مهمان آيا، جن ۾ حاجي ايوب آفريدي، خان محمد مهر، صوفي، گل محمد صوبيدار، لچمڻ، ابوبڪر جت، عمر جت، شفيع ۽ ٻيا انهن سان گڏ همراه هئا.

جيئن ته هاڻي مڪاني ادارن ۽ ضلعي حڪومتن جي اليڪشن جو مرحلو تقريباً پورو ٿيڻ وارو آهي، تنهن کان پوءِ حڪومت جو اصل امتحاني مرحلو يعني جنرل اليڪشن جو Issue اچڻ وارو آهي. جيڪو اڄڪلهه عام طور بحث هيٺ آهي. 14 آگسٽ تي جنرل پرويز مشرف طرفان جمهوريت جي بحاليءَ جو خاڪو (Road map) ڏيڻ جي اعلان جي توقع آهي. حڪومت، سياسي پارٽين جي پوزيشن ۽ عوام جي رخ جي، نندي اليڪشن جي تجربي جي نتيجي ۾، پورو تجزيو (Assessment) ڪري چڪي آهي ته حڪومتي مشنريءَ جي منفي پروپيگنڊا جي باوجود به ايا وڏين پارٽين جو پاڙون عوام مان ختم نه ٿي سگهيون آهن. هڪڙي ڳالهه طئي آهي، ته ايندڙ عام چونڊن ۾ حڪومت سڌي سنئين ڌانڌلي نه ڪري، تڏهن به پنهنجا گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ جامع حڪمت عملي ضرور ناهيندي. يقيناً اليڪشن ان لاءِ نه ڪرائي ويندي ته چونڊن ڪانپوءِ اقتدار ميان نواز شريف يا بينظير پٽو جي حوالي ڪيو وڃي، پر اليڪشن جي نتيجي ۾ اهڙي صورتحال جي پيدا ٿيڻ کي روڪڻ لاءِ حڪومت کي گهٽا پاپڙ ويلٽا پوندا!

حڪومت هن وقت سياسي طرح هڪ ڏبڻ ۾ ڦاٿل آهي، ان ڏبڻ مان نڪرڻ لاءِ ان کي ڪيترين ئي نندين نندين قوتن جو سهارو وٺڻو پوندو. انهن کي ڪجهه ڏيو ۽ وٺو جي بنياد تي گڏ ڪٽي هلڻو پوندو. اليڪشنون به ڪرائيٽيون آهن ۽ اهي ڪرائيٽيون به جماعتي بنيادن تي آهن. ملڪ جي ٻن وڏن سياسي ليڊرن بينظير ۽ نواز شريف کي ملڪ اندر اچڻ نه ڏيڻو آهي. ملڪ جي ٻن وڏين پارٽين يعني پ پ ۽ مسلم

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ليگ 'ن' کي اقتدار ۾ اچڻ کان روڪڻو آهي ۽ جديد ميڊيا جي دور ۾ ٻاهرين دنيا کي اهو باور ٻه ڪرائڻو آهي ته چونڊن جو عمل منصفاڻو ڪيو ويو آهي.

اسيمبليون ٻه اُهي آڻٽيون آهن، جيڪي جنرل پرويز مشرف جي بطور صدر جي توثيق ڪن ۽ موجوده فوجي قيادت جي ڪيل سمورن ڪمن کي جائز قرار ڏئي انهن کي آئيني شڪل ڏين. اهي سڀ تارگيٽ آهن، جيڪي هڪ اليڪشن جي عمل ذريعي حاصل ٿيڻا آهن! حڪومت جي اها حڪمت عملي، ته ننڍين چونڊن جي نتيجي ۾ چونڊجي ايندڙ ناظمن، نائب ناظمن ۽ ڪائونسلرن جي قوت (Wide net) کي ايندڙ عام چونڊن ۾ مکيه هٿيار طور استعمال ڪجي، گهڻي حد تائين ڪارگر ثابت نه ٿيندي. چاڪاڻ ته ڪيترن ئي جڳهين تي حڪومت جي لاءِ اٿوٽندڙ نتيجا آيا آهن يا اجا اچڻ جو امڪان آهي. تنهن هوندي ٻه ڪنهن حد تائين حڪمرانن کي انهن تي ئي انحصار ڪرڻو پوندو.

حڪومت وٽ اهو ٻه ويچار هيٺ آهي ته مڪاني چونڊن جي سڀني مرحلن جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ عام چونڊن تائين جي وچ واري عرصي ۾، پنهنجي حامي سياستدانن سان اقتدار ۾ حصيداري (Power Sharing) ڪري. ان مان حڪومت کي ٻه فائدا ٿي سگهن ٿا. هڪ ته فوجي حڪومت کي سول حڪومت جو سياسي چهرو ڏيڻ سان (چاهي اهو غير منتخب ئي چو نه هجي) ملڪي ۽ بين الاقوامي معاملن کي منهن ڏيڻ ۾ آساني ٿيندي، معاشي حالتن ۾ ڪجهه قدر بهتري جا پڻ امڪان پيدا ٿي سگهن ٿا. ٻيو ته حڪومت ۾ آيل سياسي ماڻهو ڪجهه مهينن ۾ پنهنجو اثر وڌائي سندن حلقن جي اندر صورتحال پنهنجي حق ۾ بهتر بنائي سگهن ٿا، جيڪا ايندڙ عام چونڊن ۾ حڪومت جي حامي اميدوارن جي ڪاميابي لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪري سگهي ٿي.

ٻئي طرف چونڊن کان اڳ ۾ ئي سول چهرن کي سامهون آڻڻ سان موجوده حڪومت کي نقصان ڪائڻو ٻه پئجي سگهي ٿو. نقصان اهو ٿي سگهي ٿو ته ان طرفان ملڪي توڙي بين الاقوامي سطح تي غيرجانبدار هئڻ جو تاثر ختم ٿي ويندو ۽ حڪومت ۾ آيل سياسي ماڻهن کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪنگز پارٽي Kings Party (حڪومت جي پارٽي) واري حيثيت ڏني ويندي. چونڊن کان اڳ ۾ سياسي حلقن کي حڪومت ۾ حصيدار بنائڻ سان اهو عام تاثر ملندو ته اصل حڪمران انهن کي چونڊون کٽرائي اقتدار ۾ آڻڻ چاهين ٿا. چونڊجي ايندڙ حڪمرانن جي حوالي نگران حڪومتون ٿيندڙ رهيون آهن، پر تڏهن اهو سڀ ڪجهه بظاهر سولين صدر طرفان ٿيندو رهيو آهي. جڏهن ته هينئر سڌو سنئون فوج حڪمراني ڪري رهي آهي ۽ صدر به فوجي آهي. ان ڳالهه جا قوي امڪان آهن ته حڪمران پهريون طريقو استعمال ڪن ۽ ايندڙ عام چونڊن تائين ڪنهن کي حڪومت ۾ حصيداري ڏيڻ بدران پاڻ ئي اقتدار تي قابض رهن ۽ ايندڙ عام چونڊون، جن تي موجوده حڪمران ٽيم جي جيايي جو دارومدر آهي، ان جي پوزيشن مشڪوڪ بنائڻ جو خطرو کڻڻ جي ڪوشش نه ڪن ۽ پردي پويان حڪمت عمليءَ تحت ننڍين سياسي قوتن کي گڏ ڪري وڏين پارٽين خلاف گڏيل محاذ ٺاهيو وڃي.

ائين به ٿي سگهي ٿو، ته حڪمران پنهنجا حدف حاصل ڪرڻ لاءِ علائقائي سطح تائين الڳ الڳ حڪمت عملي جوڙين.

6/8/2001

اڄ صبح جو اٺيس ته ڪنگهه ۽ فلو هو. ڊاڪٽر ڏانهن ماڻهو موڪليم، اهو اڃا ڪونه پهتو هو. ماڙيءَ مان پرچي آئي. اتي ويس ته انور ۽ قاسم سومرو ملاقات لاءِ آيل هئا. ماڙيءَ تي لڇمڻ به مليو، ان سان ملڻ لاءِ ڏيال ۽ ڊاڪٽر شام سندر آيل هئا. شام جو ٻاهر حاجي ايوب ۽ خان محمد وارن سان وينا هئاسين، ته بند ٿيڻ وقت حاجي ايوب ۽ خان محمد اسان جي وارڊ ۾ آيا. حاجي ايوب چيو، ته توهان جو وارڊ هاڻي ٻين سيني واردن کان سنو ٿي ويو آهي، توهان ڪم ڏاڍو سنو ڪرايو آهي.

7/8/2001

اخبارون پڙهي ناشتو ڪري سمهي رهيس. اُٺي تيار ٿي سبز چانهه پي رهيو هئس ته معمول موجب 11-00 وڳي مون کي قرآن پاڪ پڙهائڻ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وارو استاد پهچي ويو. فارغ ٿي ٻاهر اچي ويٺس، جتي فقير وريامر، صديقي، امداد ۽ دائود خان ڪاردِ ڪيڏي رهيا هئا.

ٻنپهرن جو اسان جي واردِ تي لچمڻ آيو، ڪچهري ڪئيسين ۽ گڏجي ماني کاڌيسين. جنهن کان پوءِ هو سندس واردِ ڏانهن واپس ويو ۽ آئون سمهي رهيس.

ڪجهه وقت آرام مس ڪيم، ته برداشتي فياض اچي اٿاريو ته توهان جي ملاقات آئي آهي. ماڙيءَ تي ويس، اقبال عنايت آيل هو. ڊپٽي جي آفيس ۾ ڪلاڪ ڏيڍ ڪن ڪچهري ڪئيسين. ماڙي تي ڊاڪٽر شام سندر، ڦيرو، پيسو ۽ ٻيا همراهه مليا، لچمڻ به اُتي هو.

اڄ وري به بدين ۾ ضلعي ۽ تعلقي شهيد فاضل راهو جي ناظمن جي چونڊ رکيل هئي. ڊاڪٽر شام کي مون چيو ته اڄ شام جو نتيجو ضرور مون کي ڏياري موڪلي، منهنجو سپاهي ٻاهر انتظار ڪندو. ڊاڪٽر شام چيو ته آئون موبائل فون کڻي ٻاهر ٻيٺو هوندس، جيئن ئي هُنان رزلٽ ملندي ته توهان کي لکي ڏياري موڪليندس.

اڄ هلڪي برسات به پئجي رهي هئي، شام جو مون کي اليڪشن جي نتيجي جو انتظار هو.

هونئن ته اليڪشن ڪٽڻ ۽ هارائڻ ٿيندو رهندو آهي ۽ تعلقي جي ناظميءَ جي چونڊ ڪا ايڏو وڏو مسئلو به ڪونه هئي، پر گذريل هڪ سال کان اسان جو خاندان جن مسئلن ۾ رهيو، ان ڪري هي اليڪشن ٿوري ڏکيرڙي به ٿي پئي هئي. گذريل سال جي سيپٽمبر کان وٺي منهنجي خلاف نيب وارن جو سلسلو جاري رهيو. هن سال جي جنوريءَ مهيني ۾ ضلعي انتظاميا ۽ تيل ڪمپنيءَ وارن ڦڏو ڪري اسان جي خلاف ٽي جڙتو ڪيس داخل ڪيا، جن مان هڪ ڪيس جو چالان دهشتگردي ٽوڙ عدالت ATC ۾ پيش ڪيو ويو. انهن ڪيسن ۾ منهنجي سيني پائرن، چاچن، سئوٽن، ماسات، سالا، پيٽوياڻ، همدرد ۽ ساٿين کي جوابدار ڄاڻايو ويو، جن سيني کي روپوش ٿيڻو پيو. انهن سوا سئو ماڻهن جي روپوشي اليڪشن شيڊول تائين جاري رهي، جنهن سبب اليڪشن لاءِ گهربل رٿابندي ۽ تياري نه ٿي سگهي ۽ اسان جا يونين ناظم ۽ ڪائونسلر متوقع تعداد کان گهٽ اچي سگهيا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شام جو 6-30 وڳي آئون وراندي ۾ ويٺو هئس، تہ سپاهي شبير آيو، ڪيسي مان پرچي ڪڍي مون کي ڏنائين. چئي پڙهيم تہ ان جي مٿان ئي مبارڪباد لکيل هئي ۽ لکيل هو، تہ اسلم 28 ووٽن جي وڏي فرق سان اليڪشن کٽي آهي. ان سان گڏ اهو بہ اطلاع هو، تہ اسان جي گروپ جو ضلعي اميدوار تعلقي شهيد فاضل راهو مان تہ کٽي ويو آهي، پر مجموعي طرح معمولي برتري پ پ جي اميدوار کي حاصل آهي. اندر ويٺل سڀني دوستن مون کي مبارڪون ڏنيون ۽ ٻاهر بيٺل حاجي ايوب آفريدي، خان محمد ۽ ٻيا همراهہ بہ خوش ٿيا.

شام جو خان محمد ٻڌايو، تہ اسلام الدين شيخ جي اسپتال ۾ داخلا جي ڪري چيف ميڊيڪل آفيسر (C.M.O.) ۽ سپرنٽينڊنٽ کي شوڪاز نڪتا آهن.

9/8/2001

11-00 وڳي گهروارا ۽ ڀٽي ملاقات لاءِ آيا. 6-00 وڳي ڪمپيوٽر سينٽر تي ويس. اُتان ٿي حاجي ايوب جي وارڊ تي آيس. اتي ويٺو ئي هئس تہ وزير عباس منهنجي وارڊ تي پهتو. ڪيس مون گهرايو هو. شام جو حاجي ايوب، خان محمد، صوفي ۽ آئون ٻاهر ويٺا هئاسين تہ خان محمد ٻڌايو. تہ اسلام الدين شيخ کي رات جو هڪ بجي اسپتال مان ڪٽي واپس هتي آيا آهن.

10/8/2001

صبح جو صديقي، امداد ۽ ڪجهہ ٻيا دوست آيل هئا، جن سان ڪچهري ٿي. جمعي نماز پڙهي وري اچي ماني کاڌيسون. 6-00 وڳي ڪمپيوٽر سينٽر تان ٿي 17 وارڊ ۾ ويس، جتي بچاڻي، ڏيري، زيدي ۽ رئيس احمد سان ملاقات ٿي. اتان ٿي 18 وارڊ ۾ شعيب بخاري ۽ محمد حسين وٽ ويس.

شام جو آئون، حاجي ايوب، ذڪريا غني ۽ فقير ٻاهر ڪنڊ تي ڪرسيون وجهي ويٺاسين، جتي ڳچ دير تائين ڪچهري هلي. 9-00 وڳي واپس وارڊ تي آياسين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

11/8/2001

12-00 وڳي ڏاري آئون ۽ وريام فقير 16 واردِ ۾ وياسون، جتي الهڏنو ڏاهري ۽ قربان جتوئي ملياء ڪجھ وقت انهن سان تاش راند کيڏيسون. ماني پنهنجي واردِ تي اچي کاڌيسين. اج اسلم ۽ چاچا پوڙهو ملاقات لاءِ آيا هئا. انهن سان گڏ ماما قاسم ڦل. رمضان ڊرائيور، پٽي ۽ متين به آيل هئا. متين کي لچمڻ سان ملڻو هو.

اج بند ٿيڻ وقت ڪافي بارش شروع ٿي. فقير، ذڪريا ۽ آئون وراندي ۾ وينا هئاسون ۽ دائود خان اندر هو.

12/8/2001

اج منجهند جي ماني ءَ تي ڪجھ مهمان اچڻا هئا، انهن لاءِ ماني جي تياري ڪرائڻي هئي. ان لاءِ ڪجھ سامان اسلم ۽ چاچا پوڙهي کي لکايو هئم ته صبح جو 9-00 وڳي تائين هر حالت ۾ پهچي وڃي. سامان سوائين ڏهين ڏاري پهچي ويو. ڪجھ سامان سپاهي شبير کي موڪلي ٻاهران گهرائي ورتم. اسان وارو بورچي يعقوب هڪ وڏيڪ بورچيءَ کي به وٺي آيو هو، ٻيا سڀ برادشتي وڊ ڪٽ جي ڪم کي لڳل هئا ته جيئن ماني وقت سان تيار ٿي وڃي. مهمان 1-30 کان اچڻ شروع ٿيا، 2-30 وڳي ڏاري ماني لڳائيسون.

اج جيڪي مهمان آيا، انهن ۾ عبدالقادر توڪل، مصباح، الهڏنو ڏاهري، اقبال گل، يوسف دادا، قربان جتوئي، فضل الله صديقي، جان محمد آرائين، حاجي مشتاق ڪلهوڙو، حاجي ايوب آفريدي، خان محمد مهر، صوفي، مثل خان، شفيع، امداد مرزا جيلر، لچمڻ، اصغر شاهه، امداد جڪرو، عثمان فاروقي، ستار ڏيرو، بدر عالم بچاڻي، انظار زيدي، رئيس احمد، رميش اديسي، آغا وزير عباس ۽ سليم شامل هئا. شعيب بخاري ۽ محمد حسين کي به چيو هئم، پر اُهي صبح جو 11-30 آيا ۽ اچي معذرت ڪيائون ته اسان دعوتن ۾ نه ويندا آهيون، اسان تي پنهنجي پارٽي جي پابندي آهي، ان ڪري اسان توهان وٽ پاڻ آياسين ته توهان کان معافي وٺون.

مهمانن جي وڃڻ کان پوءِ لالا دائود، فقير وريام، امداد، لچمڻ،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صديقي ۽ مون ويهي تاش راند ڪئي. ان دوران علي حسن ٽيبو بہ آيو، آئون ان سان ٻاهر وڃي ويٺس. علي حسن ٽيبو ٽنڊو الهيار جو آهي. گذريل چئن پنجن مهينن کان هتي جيل اندر آهي، سندس ٽوٽل نيو جيل ۾ آهي. مٿس ڪراچي ۾ ڊفينس جي ڪنهن بنگلي ۾ ڏاڙي جو ڪيس داخل آهي، جيڪو دهشتگردي ٽوڙ عدالت (ATC) ۾ هلندڙ آهي.

13/8/2001

ٻنپهرن جو ماڙيءَ تان پرچي آئي. اُتي ويس تہ ڪاڪو پيرومل ۽ ٻيا همراهہ لچمڻ سان ملاقات ڪري رهيا هئا. انهن ٻڌايو تہ جج لچمڻ جي ضمانت رد ڪري ڇڏي آهي. هاڻي هاءِ ڪورٽ جي تياري ڪرڻي آهي. نور محمد سان گڏ گهروارا بہ آيل هئا، انهن سان ملاقات ڪري واپس وارڊ تي آيس.

شام جو ٻاهر اگڻ ۾ ويٺا هئاسين، مون سامهون دروازي مان ٻاهر ڏٺو، تہ آءِ- جي جيل برگيڊيئر نثار مهر، خان محمد ۽ جيل جو ڪجهہ ٻيو اسٽاف نيو جيل طرف وڃي رهيا هئا. مون سمجهيو تہ سيپٽي 14 آگسٽ آهي، شايد ان تي جيل ۾ يوم آزادي جو پروگرام منعقد ڪيو پئي ويو. متان آءِ جي انهيءَ سلسلي ۾ چڪر ڏيندو هجي.

بهرحال ڪراچي جيل تي آءِ جي اڪثر ايندو رهندو آهي، هفتي ۾ ٻہ ٽي چڪر تہ ضرور ٽيندا اٿس. پهريون دفعو جڏهن جيل ۾ مون ٻڌو هو تہ آءِ جي وزٽ (Visit) تي اچي رهيو آهي، تہ مون کي لڳو تہ جيل ۾ ايتري چُرپر ڇو نہ آهي؟ ڇاڪاڻ تہ عام طور جڏهن بہ آءِ جي جو جيل جو دورو ٽيندو آهي تہ پورو جيل ٿرٿلي ۾ اچي ويندو آهي. جيل جو اسٽاف ۽ قيدي حشريءَ ۾ اچي ويندا آهن، وڏي تياري ۽ وٽ پڪڙ ٽيندي آهي. پر هتي جڏهن بہ آءِ جي جو دورو ٽيندو آهي تہ بہ جيل جو ماحول هميشہ وانگر عام، بلڪل پُرسڪون ۽ رواجي طرح محسوس ٽيندو آهي.

مون کي اها ڳالهہ غيرمعمولي محسوس ٿي، تہ آءِ جي جيلخانہ جات ڪنهن جيل جي دوري تي اچي رهيو هجي ۽ ان جيل ۾ ايتري خاموشي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هجي ۽ سڀ ڪم معمول وانگر هلي رهيو هجي. اها شيءِ منهنجي مشاهدي جي برعڪس هئي. هن ڳالهه مان منهنجو هي مطلب هرگز نه آهي، ته ڪو آئون هن کان اڳي به جيلن ۾ رهيو آهيان. جيل اچڻ جو ته منهنجو هي پهريون موقعو آهي، پر بابا سان ملاقاتن تي وڃڻ جي لاءِ منهنجو سڀني جيلن تي وڃڻ ٿيندو رهندو هو. منهنجو پهريون ڀيرو جيل تي وڃڻ تڏهن ٿيو، جڏهن آئون اڃا ننڍو هئس.

جنرل يحيٰ جي زماني ۾ بابا حيدرآباد جيل ۾ هو. هڪ ڀيرو چاچا منو بابا سان ملڻ جي لاءِ ڳوٺان حيدرآباد اچي رهيو هو، مون کي چيائين ته، ”هلندين ادا سان ملڻ؟“ مون به ڪٽي ها ڪئي.

اسين بابا واري ولسيز جيپ تي حيدرآباد آياسين. رات جو مون کي حيدرآباد گهر تي ڇڏيائين. ٻئي ڏينهن تي اسين حيدرآباد سينٽرل جيل تي بابا سان ملڻ جي لاءِ وياسين. ڪنهن جيل تي وڃڻ جو منهنجو اهو پهريون موقعو هو. چاچا منو ته پاڻ ايوب خان جي وقت ۾ ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ شاگرد تحريڪ ۾ جيل ڪاٽي آيو هو.

مون کي ياد آهي ته 1970ع جي ڏهاڪي جي آخر يا 1980ع شروعات ۾ جڏهن بابا حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ هو، تڏهن آئون ساٺس ملڻ ويو هئس، ته مون کي نور محمد ٻگهيو وڪيل لاءِ ڪم ٻڌايو هئائين ۽ تاڪيد ڪيو هئائين، ته اُن سان ملي سياڻي جواب ٻڌائي وڃجانءِ. شام جو آئون ان سان سندس گاڏي ڪاٽي واري آفيس ۾ مليس ته هن جواب لکي ڏنو. ٻي ڏينهن جڏهن آئون ملاقات لاءِ جيل تي پهتس ته مدوي هوٽل جي سامهون جيل جي ٻاهرئين دروازي کان سپاهي ملاقات جي لاءِ آيل ماڻهن کي واپس ورائي رهيا هئا.

مون کي چيائون ته اڄ ملاقات وغيره سڀ بند آهي. پڇڻ تي ٻڌايائون ته ”اڄ آءِ- جي جو جيل جو پروگرام آهي، انهيءَ ڪري هتان اندر وڃڻ جو آرڊر بند آهي. مون چيومانس ته مون کي هتان ڇڏيو، آئون اندرئين گيٽ تان بابا کي نياپو ڪري موٽي اچان ٿو. جيل جو پورو اسٽاف مون کي سڃاڻندو هو، جو آئون روز ٻئي ڏينهن بابا سان ملاقات تي ايندو هئس. اندر آيس ته جيل جي رود ۽ ڪالوني جي صفائي ٿي رهي هئي. رستي تي چُن هاريو پئي ويو، ٻاهر سپاهي ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قيدي سڀ وٽ پڪڙ ۾ هئا. جيل ڏانهن ويندي ڪالونيءَ مان آئون اختر شاهه کي سندس ڪوارٽر تي ڏسڻ ويس، جيڪو ان وقت جيلر هو.

مون سوچيو ته جيڪڏهن اهو ملي وڃي ته ان کي چئي ڏئي ڇڏيان، جيڪو بابا کي پڇائي ڇڏيندو. پر هو گهر تي ڪونه هو. آئون سڌو ماڙيءَ واري ٻاهرئين گيٽ تي ويس. ٻاهر پوليس ۽ ڪم وارن قيدين کان سواءِ ٻي ڪابه پهر ڪانه هئي. ماڙيءَ تي دروازو کولينديءِ ئي حوالدار مون کي چيو ته: ”آج ڪُجھ نهين هوگا!“ مون کيس ملاقات لاءِ درخواست لکي سپرنٽينڊنٽ لاءِ ڏني ۽ چيومانس تون رڳو هيءَ وڃي سپرنٽينڊنٽ کي پهچائي ڇڏ.

ان وقت سپرنٽينڊنٽ نور الاهي شيخ هو، جيڪو تمام سخت هوندو هو ۽ ان وقت قيدين ۾ ”نور الاهي قهر الاهي“ طور مشهور هوندو هو. ٿوري دير ۾ حوالدار دروازو کولي ٻڌايو ته اوهان ٻيهو، سپرنٽينڊنٽ ڪيڏانهن وڃڻ جي لاءِ ٻاهر اچي ٿو پيو. ڪجهه دير ڪانپوءِ پورو دروازو کليو، نور الاهي شيخ ٻاهر نڪتو. مون کي ڏسنديئي چيائين، ”تون اڄ به ڪونه ڇڏيندين؟“ چيومانس ته مون کي بابا سان ٻه منٽ ضروري ملڻو آهي ته چيائين، ”اڄ ملاقات بند آهي، آءِ- جي صاحب پيو اچي. صبح جو اچجانءِ.“

مون چيو، مون کي ضروري نيايو ڏيڻو آهي. ڪجهه دير خاموش رهڻ کان پوءِ جواب ڏنائين، ته تنهنجي پنج منٽ ملاقات ڪرايان ٿو، پر ملاقات ڄاريءَ مان ٿيندي. اُتي بيٺل ڪنهن جيلر کي چيائين ته فاضل راهو جي ملاقات ڪرائي ڇڏيو، نه ته ڏڇي ۾ پونداسين. 15 منٽن کان پوءِ جيلر مون کي پاسي واري عام ملاقات جي هال ۾ ملاقات ڪرائي، جنهن جي وچ ۾ ٻئي پاسا ٿلهيون لوهي شيخون لڳل آهن. مون حال احوال ڏنا ۽ خط جي جواب بابت ٻڌايو. مون کي چيائين ته ماڙيءَ واري دروازي تان اچي ڏي. مون خط ماڙيءَ جي گيٽ اندر بيٺل حوالدار هٿان بابا کي پهچايو. اها هئي حيدرآباد جيل ۾ آءِ- جي، جي اچڻ تي وٽ پڪڙ. پر هتي آءِ- جي ايندو هو، ته خبر به ڪونه پوندي هئي ته ڪو آءِ- جي اچڻو آهي، نه ئي ڪو آءِ- جي، جي اچڻ تي ڪا پوش پوش ٿيندي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان جو شايد هڪ سبب تہ اهو آهي تہ جيل تي آءِ- جي جو گهٽو اچڻ وڃڻ آهي ۽ ٻيو هُو سادگيءَ سان ايندو ويندو آهي ۽ پنهنجي ڪم سان ڪم رکندو آهي. آءِ- جي، جي جيل ۾ گهٽو اچڻ ڪري، قيدين کي سندن مسئلن بابت ڪيس آگاهي ڏيڻ جو موقعو ملندو رهندو آهي ۽ پاڻ بہ جيل جي مختلف واردن ۾ ڪليون ڪچهريون ڪندو رهيو آهي.

جيئن اسان جو ٻاهريون معاشرو مسئلن سان ڀريل آهي، تيئن جيل ۾ بہ مسئلن جا انبار لڳل آهن. جيل مسئلن جو گهاٽو آهي، جنهن ۾ قيدي پيڙهجندا رهن ٿا. جيل جي اندر قيدي جن مسئلن کي منهن ڏين ٿا، انهن کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪ اُهي جيڪي حڪومت جي عدم توجهي ۽ فنڊز جي ڪوٽ يا انهن جي صحيح استعمال نہ ٿيڻ سبب پيدا ٿين ٿا، ٻيو اهي مسئلا آهن، جيڪي خود جيل انتظاميا پيدا ڪري ٿي، جيئن پنهنجي پيٽ پرڻ لاءِ قيدين کي مجبور ڪري فائدو وٺي سگهي.

ٻئي نمبر وارن مسئلن جو ذڪر اڳتي ڪنهن فرصت واري وقت ۾ ڪبو. پهرين نوعيت جي مسئلن مان هتي قيدين کي وڏو مسئلو رهائڻ جو آهي. هن جيل ۾ اصل گنجائش کان تمام گهڻا قيدي آهن، ڪهڙي بہ ڪلاس جو قيدي اچي، ان کي پهريائين پنهنجي لاءِ صحيح جڳهه هٿ ڪرڻ جي مسئلي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

جڏهن جيل ٺاهيو ويو هو، تہ پوري جيل ۾ B ڪلاس جو فقط هڪ ئي وارڊ هو، جيڪو اڄ بہ 17/B سڏبو آهي، جنهن ۾ 6 ڪوليون آهن. اڳئين وقت B ڪلاس جي قيدين کي الڳ ڪمرو ڏنو ويندو هو، يعني هڪ ڪوليءَ ۾ هڪ قيدي رهندو هو ۽ هاڻي ان ئي B ڪلاس جي 17/B وارڊ جي هڪ ڪوليءَ ۾ چار چار قيدي رهن ٿا. ان کان علاوه وارڊ نمبر 1، 14، 15، 16، 18 ۽ 21 بہ B ڪلاس ۾ تبديل ڪيا ويا آهن، تڏهن بہ اهي پورا نٿا پون. عام ڪلاس جي بيرڪن سان تہ حالت ٻي آهي. عام قيدين کي بيرڪن ۾ هيٺ فرش تي بہ بستري جي جڳهه وٺڻ لاءِ گهٽو ڪجهه ڪرڻو پوي ٿو. جيڪڏهن قيدي کي ڪنهن سياسي پارٽي جو ڪور حاصل آهي، تہ پوءِ ان کي تنظيم جي وارڊ ۾ جڳهه ملي وڃي ٿي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيترائي اهڙا قيدي آهن، جن جو بنيادي طرح تہ ڪنهن بہ سياسي تنظيم سان واسطو ڪونهي. پر جيل ۾ ڪجھ سهوليتون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن تنظيم سان تعلق يا لاڳاپو ظاهر ڪندا آهن.

ائين بہ ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ ڪن سياسي تنظيمن جي واردن ۾ عام قيدين کي سواءِ ڏني ورتي جي. جڳھ نٿي ملي. ٻيو، جيڪڏهن ڪنهن کي چڱي سفارش آهي، تہ ان جو بہ مسئلو حل ٿي وڃي ٿو. بستري جي جڳھ حاصل ڪرڻ جو ٽيون طريقو جيل انتظاميا کي ڏيتي ليتيءَ ذريعي راضي ڪرڻ جو آهي ۽ اهوئي طريقو عام مروج آهي. باقي بچيل قيدين لاءِ ٿيپي آهي. جتي قيدي خالي فرش تي سمهندا آهن ۽ انهن کي پاسي ورائڻ جي جڳھ بہ نہ هوندي آهي. واردن جي اندر پاڻي جو مسئلو بہ عام آهي. تمام ٿورا وارد آهن، جن کي پاڻي جي سپلاءِ لائن پهتل آهي، اهو بہ انهن واردن اندر رهندڙ قيدين جي پنهنجي ڪوشش ۽ خرچ جو نتيجو آهي. انهن وٽ پاڻي جون ٽانڪيون بہ نہ هيل آهن. گهڻن واردن ۾ قيدي ٻاهران بالٽين ۽ ڪنسترن ۾ پاڻي ڀري ايندا آهن. عام قيدين جي انهن واردن ۾ صفائيءَ جو بہ وڏو مسئلو آهي. پاڻيءَ جي نيڪال جو نظام صحيح نہ هئڻ ڪري گندگي رهندي آهي، جنهن سبب جيل ۾ وبائي بيماريون بہ عام ٿينديون آهن.

سينٽرل جيل جي اندر اهڙا قيدي بہ آهن، جن کي هن جديد دؤر ۾ باٿ روم جي بہ سهوليت حاصل نہ آهي، انهن کي سندن کوليءَ ۾ هڪ ٽين جو ڊبو مليل هوندو آهي، جنهن ۾ پيشاب ۽ ٻي حاجت ڪرڻ انهن جي مجبوري هوندي آهي. اهي اٿندا ويهندا ۽ سُمهندا بہ ان کوليءَ ۾ ئي آهن. 24 ڪلاڪن ۾ فقط هڪ دفعو ان غلاظت ۽ بدبوءِ سان ڀريل ڊبي کي صاف ڪري، وري اتي رکيو ويندو آهي. اهڙين کولين ۾ اڪثر هڪ کان وڌيڪ قيدين کي رهايو ويندو آهي، ڪن حالتن ۾ تہ انهن جو تعداد چار پنج بہ هوندو آهي. هتي جيل ۾ قيدين کي طبي سهوليتون بہ اٿيوريون آهن. جيل جي اندر اسپتال بہ آهي، جنهن ۾ ٽي ميڊيڪل آفيسر آهن، جن مان هڪ چيف ميڊيڪل آفيسر (CMO) آهي. اهو ۽ هڪ ٻيو ڊاڪٽر ڏينهن جو ڊيوٽي ڪندا آهن، ٽيون ڊاڪٽر شام جو 00-6 وڳي کان صبح جو 00-8 وڳي تائين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڊيوٽي ڪندو آهي. اهو جيل جي ڪالونيءَ ۾ ئي رهندو آهي ۽ سنڌس سروس آن ڪال (On Call) هوندي آهي. ڏينهن جو اسپتال ۾ O.P.D ۾ ٽيندي آهي.

جيترو قيدين جو تعداد آهي، ان حساب سان اسٽاف بلڪل اڻپورو آهي. يعني اڌائي هزار قيدين تي هڪ ڊاڪٽر آهي. اهو به جيل ۾، جتي ٻاهر جي پيٽ ۾ زندگيءَ جون سهوليتون اڻپوريون هجڻ ڪري بيمارين جو امڪان وڌيڪ آهي. تنهن کان پوءِ سرڪاري دوائون ته بلڪل اٽلي آهن. ڪراچي سينٽرل جيل جي دوائن لاءِ سڄي سال لاءِ هڪ لک روپين جي بجيٽ رکيل آهي، يعني پنج هزار قيدين جي حساب سان سڄي سال ۾ في قيديءَ کي فقط =/20 روپين جون دوائون ملي سگهن ٿيون. جڏهن ته هتي سوين قيدي ٽي- بي ۽ ٻين اهڙن موذي مرضن ۾ ورتل آهن، جو هڪ هڪ قيديءَ کي هر روز سوين روپين جي دوائن جي ضرورت پوي ٿي. تقريباً اهي سڀ بيمار قيدي معاشي طرح اينرا تنگدست آهن، جو انهن کي پنهنجي ڪيسي مان دوائن تي خرچ ڪرڻ لاءِ هڪ رپئي جي به سگهه ڪونهي. پر ڪجهه پرائيويٽ ادارن ۽ انفرادي ماڻهن پاران قيدين لاءِ دوائون عطئي طور ڏيڻ ڪري ڪجهه گذارو ٿي وڃي ٿو.

هن وقت C ڪلاس جي قيدين کي رهائڻ لاءِ نين بيرڪن ٺاهڻ جو ڪم تيزيءَ سان هلي رهيو آهي. درالقرآن جي پويان ۽ نيو جيل کان اڳيان ٿي وڏيون بيرڪون ٺهن پيون. اُهي سرڪاري خرچ تي نه، پر هڪ خانگي اداري برڪاتي فائونڊيشن جي پاران ٺاهيون پيون وڃن. انهن ٽنهي بيرڪن ۾ پنج چهه سئو قيدي رهڻ جي گنجائش ٿي سگهي ٿي. انهن بيرڪن جي تعمير تقريباً مڪمل ٿيڻ تي آهي. تازي پاڻيءَ جي رَسد ۽ گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ به جيل ۾ ڪم هلي رهيو آهي. جنهن جي نگراني واري ڪميٽيءَ ۾ جيل انتظاميا سان گڏ قيدي به شامل آهن، جن ۾ مصباح به آهي. هو نيب ڪورٽ جو سزايافته آهي ۽ ڪراچي واٽر ۽ سيوريج بورڊ (K.W.S.B.) جو چيف انجنيئر رهي چڪو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

14/8/2001

14 آگسٽ جي ڪري اڄ يوم آزادي آهي ۽ جيل ۾ موڪل آهي. قيد ۾ يوم آزاديءَ جو تصور بہ ڏاڍو عجيب محسوس ٿيندو آهي. صبح جو اسان ورانڊي ۾ وينا ڪچهري ڪري رهيا هئاسين ۽ ٻاهر والي بال راند هلي رهي هئي. اسان جي ۽ 14 وارڊ جي سامهون والي بال جو نيٽ لڳل آهي. هتي روزانو شام جو والي بال راند ٿيندي آهي. خان محمد مهر بہ گهٽو ڪري شام جو والي بال کيڏندو آهي. اڄوڪي ڏينهن جي حوالي سان ڪراچي سينٽرل جيل ۽ لانڊي جيل جي ٽيمن وچ ۾ والي بال جو مقابلو ٻهلي رهيو هو.

اسان کي شام جو خبر پئي، تہ سينٽرل جيل جي ٽيم مقابلو کٽيو. آئون ٽورو ٻاهران چڪر ڏيئي وري واپس پنهنجي وارڊ ۾ آيس، جتي آئون، وريام فقير، امداد، لالو دائود ۽ صديقي ڪچهري ڪري رهيا هئاسين، تہ لچمڻ آيو. سائس گڏ ايس- ڊي- ايم ربنواز هگورو هو، جيڪو اينٽي ڪرپشن جي ڪيس ۾ گرفتار هو. ڪجهہ دير انهن سان گپ شپ ٿي. پوءِ هگوري اجازت ورتي، ڪيس وري قربان جتوئي وارن ڏانهن ويڻو هو. همراهن چيو، تہ اڄ موڪل جو ڏينهن آهي، تاش راند ٿا کيڏون.

اسان وينا هئاسين تہ آغا وزير عباس ۽ سليم آيا. وزير عباس وارن حال احوال ڪرڻ کان پوءِ اجازت ورتي، انهن کان واندو ٿي آئون همراهن سان راند ڪرڻ وينس، تہ ايتري ۾ بہ همراهہ ورانڊي ۾ داخل ٿيا. مون کي چيائون، ”توهان جي ديدار تي حاضر ٿيا آهيون.“ مون چيو اندر اچو. آئون راند ڇڏي مهمانن سان وڃي وينس. خير عافيت کان پوءِ پنهنجو تعارف ڪرايائون. هڪ همراهہ ٻڌايو تہ منهنجو نالو غلام رسول راهوجو آهي، آئون شهيد فاضل راهو شهر جو آهيان. آئون ڪيس سڃاڻڻ جي لاءِ پنهنجي ذهن تي زور ڏيڻ لڳس. چيومانس، ”شايد مون توهان کي اڳي ڪڏهن ڏٺو نہ آهي، جيڪڏهن شهيد فاضل راهو جو آهين، تہ شابس هجيئي جو ٻن مهينن کان پوءِ ٻڌايو اٿئي!“

پوءِ مون کي ٻڌايائين، تہ هو اصل سيتا ضلعي دادو جو آهي، پر شهيد فاضل راهو شهر مان گرفتار ٿيو هو ۽ ڪراچيءَ ۾ مٿس 4-5

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيس آهن. ٻيو همراه حاڪم علي انڙ هو، سڪرنڊ سان تعلق هئس، ڪنهن بئنڪ ۾ ڪيشيئر طور نوڪري ڪندو هو. هتي بئنڪنگ ڪورٽ جي ڪيس ۾ گرفتار آهي. همراهن سان چڱي ڪچهري ٿي، بعد ۾ موڪلائي هليا ويا.

اسان ماني کائي ويٺا هئاسين ته الهڏنو ڏاهري ۽ قربان جتوئي آيا. انهن سان ڪجهه وقت راند ڪئيسون. ٿوريءَ دير ۾ دوست علي جت، نواب جت، ابراهيم جت ۽ هڪ ٻيو همراهه گڏجي آيا. آئون ڪين ڪمري ۾ وٺي ويس. اسان ڳوٺ جي اليڪشن جي باري ۾ حال احوال ڪندا رهياسين. انهيءَ کان پوءِ ابوبڪر جت پنجن چهن همراهن سان گڏ آيو، جن ۾ سندس ننڍڙو پاءُ، سؤٽ ۽ ٻيا هئا.

4-30 وڳي اسپتال جي پويان اسٽيج شو جو پروگرام هو. ٻيا همراه اوڏانهن روانا ٿيا. آئون ۽ فقير صاحب 5-30 وڳي اُتي پهتاسين. خان محمد مهر ۽ C.M.O. وارا اسپتال ۾ ئي ملڻا. ايا آءِ- جي، پروگرام تي نه پهتو هو. ڪجهه دير کان پوءِ اسان پروگرام ۾ وڃي ويٺاسين. پر رش تمام گهڻي هئي، تقريباً سڄي جيل جا قيدي آيل هئا. اسٽيج جي سامهون مهمانن لاءِ ڪجهه صوفا ۽ ڪرسيون رکيون ويون هيون، باقي عام قيدي ٻيني شو ڏسي رهيا هئا. شو جو مهمان خصوصي آءِ- جي نثار مهر هو. ڪجهه دير ۾ اهو به پهچي ويو ۽ شو باقاعدي شروع ٿيو، جيڪو مغرب جي نماز تائين جاري رهيو. شو ۾ ڪمپيئرنگ محمود اختر ڪري رهيو هو. سڄي شو جو مک آئٽم شهزاد رضا ۽ لياقت سولجر جي ڪاميڊي هئي. ڪمپيئرر اعلان ڪيو، ته نماز کان پوءِ شو وري جاري رهندو.

اُن کان پوءِ آءِ- جي سميت سڀ مهمان اٿيا. واپس ايندي ايريگيشن جي انجنيئر مگريو، محمد عيسيٰ، طارق لغاري ۽ ڪرنل چانڊيو سان ملاقات ٿي. انهن سان ماڙيءَ تائين ڪچهري ڪندا آياسين. جتان مون، فقير، ڏاهري ۽ جتوئيءَ انهن کان موڪلايو. هو ٻاهر ويا ۽ اسان پنهنجن واردن ڏانهن آياسين.

اٺين وڳي آئون ۽ ذڪريا غني اسپتال ۾ C.M.O. وٽ وياسين. ان کان بخار جون ڪجهه گوريون ورتيوسين ۽ ڪچهري ڪئيسين. اتي اسپتال جي وارڊ ۾ داخل سپاهه صحابه جي حافظ محمد بخش حي طبيعت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پُڇيسين. بعد ۾ پنهنجي واردِ ڏانهن نڪتاسين، ته سڄو رستو ماڻهن سان ڀريل هو، جو شو ان وقت ختم ٿيو هو. ان رات اسان وارا واردِ تقريباً ڏهين وڳي بند ٿيا.

اڄ شام جو جنهن وقت مهمانن سان گڏ ويٺو هئس ته شهيد پٽو جو نياز حسين ميربحر به آيو هو. مون کيس شڪل مان سڃاتو ٿي، جو سندس واردِ ۾ ملاقات ٿي هئي. پر اڄ پنهنجو تعارف ڪرايائين. ٻڌايائين ته ”آئون لاڙڪاڻي جو آهيان ۽ مير مرتضيٰ پٽي جو ڊرائيور رهيو آهيان. جڏهن مير صاحب بدين جي دوري ۾ توهان جي ڳوٺ آيو هو، تڏهن به سندس گاڏي مون هلائي هئي.“ مون پڇيومانس ته هتي ڪهڙي ڪيس ۾ آهين؟ ٻڌايائين ته احمد علي سومري جي قتل جي ڪيس ۾ آهيان. نڪو ڪيس هلي ٿو ۽ نه ئي ضمانت ٿي ٿئي. نياز حسين سان ڪافي دير حال احوال ٿيندا رهيا. جنهن کان پوءِ هن اجازت ورتي.

احمد علي سومري جو قتل 1995ع ۾ ڪراچي ۾ سندس ڊفينس واري گهر جي اڳيان ٿيو. منهنجون سائس ڪجهه ملاقاتون ته پهريائين هيون، پر گهرائپ 1990ع کان پوءِ ٿي، جڏهن هو جام صادق علي (مرحوم) صاحب جو اسپيشل اسسٽنٽ ٿيو هو. تمام پيارو ماڻهو هو ۽ دوستن جو دوست هو. بنيادي طرح سندس تعلق ورڪر ڪيڊر سان هو، پر پاڻ سيلف ميڊ (Self made) ماڻهو هو، پنهنجو پاڻ محنت ڪري ڪافي اڳتي نڪري آيو هو. جڏهن اسان ڪجهه دوست پاڻ ۾ ميان نواز شريف جي مسلم ليگ ۾ وڃڻ جو سوچي رهيا هئاسين ۽ ان معاملي تي مشورو ڪرڻ لاءِ اسان دوستن جون جيڪي به شروعاتي گڏجاڻيون ٿيون هيون، اُهي ٻئي مرحوم احمد علي جي ئي گهر تي ٿيون هيون. هو انهن دوستن مان هڪ هو، جن هن سلسلي جي شروعات ڪئي هئي.

آخر جڏهن اسان هوٽل تاج محل ۾ ميان نواز شريف جي موجودگيءَ ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري رهيا هئاسين، ته بدقسمتيءَ سان هو اسان ۾ موجود نه هو ۽ موت هن کي اسان کان جدا ڪري چڪو هو. مرحوم احمد علي جا دوست ان جي ڪوٽ هميشه لاءِ محسوس ڪندا رهندا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

15/8/2001

اڄ صبح جو 30-9 وڳي گهر وارا ۽ پٽي آيا. ماڙيءَ تي مٿي وينا ئي هئاسين، ته 00-12 وڳي ڏاري سپرنٽينڊنٽ جي گارڊ اچي ٻڌايو، ته هيٺ غوث بخش مهر آيو آهي. آئون هيٺ آيس ته سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ غوث بخش مهر ۽ اسلم وينل هئا. مهر صاحب پهريائين فاتحه پڙهي، ان کانپوءِ ساڻس حال احوال ٿيا. ايتري ۾ خان محمد مهر به آيو. ان کان پوءِ غوث بخش مهر ۽ اسلم موڪلايو، ڇو ته اسلم کي وري هوم سيڪريٽري ڏانهن وڃڻو هو. اسلم ڇيو ته آئون وري موٽي ٿو اچان.

00-6 وڳي ملاقات جي پرچي آئي. ويس ته سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ اسلم مليو. اتي خان محمد ۽ حاجي ايوب وينل هئا. اسين اتي وينا ئي هئاسين، ته ملاقات هال مان مقدم اچي چيو ته اوهان جي مٿي ملاقات آيل آهي. اسلم کان پڇيم ته مٿي ڪير ملاقات لاءِ آيل آهي؟ ٻڌايائين، ته ڪاڪو پيرومل ۽ سيٺ درياڻو مل آيل آهن، اُهي ئي هوندا. ٿوريءَ دير ۾ اهي به هيٺ آيا. انهن سان ڊاڪٽر شام ۽ لچمڻ به گڏ هئا. ساڻن ڪچهري ٿي. ان کان پوءِ سيٺ درياڻي ۽ ڪاڪي پيرو موڪلايو. ڪجهه وقت کان پوءِ اسلم ۽ ڊاڪٽر شام به روانا ٿيا. لچمڻ پنهنجي وارڊ ڏانهن ويو ۽ آئون ڊپٽي نيازي وٽ وينس. ٿوريءَ دير ۾ ئي آءِ- جي آيو، جنهن کي اندر ڪمپيوٽر سينٽر جي وزٽ تي وڃڻو هو. هو مون کي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي آفيس جي اڳيان مليو. پڇيائين ته ”غوث بخش مهر آيو هو، توهان سان مليو؟ ٻڌايومانس ته ”ها ساڻس ملاقات ٿي وئي.“ ان کان پوءِ آئون پنهنجي وارڊ ۾ آيس. صديقي ۽ امداد سان ڪچهري ٿي.

اسان جي، 14 ۽ 15 وارڊ جو وارڊر سپاهي شبير سومرو آهي. سندس تعلق خيرپور سان آهي. گهٽو ڪري سڄو ڏينهن ٻاهر جي ڪم جي حوالي هوندو آهي. اڄ شبير ٻن ڏينهن جي موڪل تي ويل هو. جڏهن جيل بند ٿيندو آهي، ته وارڊر پنهنجو وارڊ بند ڪري چابيون ماڙيءَ تي جمع ڪرائيندا آهن ۽ وري صبح جو سويري اتان کڻي پنهنجو وارڊ وڃي کوليندا آهن. شبير جي موڪل ڪري اڄ اسان کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نئون سپاهي بند ڪرڻ آيو، جنهن ٻڌايو ته هو ذات جو لوهراڻي آهي ۽ خيرپور جو آهي.

16/8/2001

12-30 وڳي ماڙيءَ تي ويس، ته داخل ٿيندي ئي حوالدار ٻڌايو ته توهان جا همراهه هيٺ ويٺا آهن. اڳي پراڻي B ڪلاس جي ملاقات جي جڳهه اها ئي هئي، جيڪا هيٺ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي آفيس جي سامهون آهي. نيب جي ڪيسن سبب جيل ۾ وڌيڪ رش هجڻ ڪري سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر سرور جمالي جي وقت ۾ ماڙيءَ تي مٿي ملاقات جو هال الڳ ناهيو ويو آهي، جنهن جو خرچ ڪجهه قيدين ئي ڀريو. هينئر جيل ڊپارٽمينٽ جي پوري ڊيٽا Data ڪمپيوٽر تي آڻڻ ۽ سي ڊي تي منتقل ڪرڻ جي سلسلي ۾ تياري ٿي رهي هئي. اهو پروگرام مٿي ملاقات جي ڪمري ۾ هلي رهيو هو، ان ڪري ملاقات هيٺ ئي ڪرائي پئي وئي.

آئون ماڙيءَ ۾ اندر آيس ته سامهون رزاق عباسي جيلر جي آفيس ۾ مرچو مل ويٺو هو. سائس گڏ ڊي ايس پي احمد خان جمالي به آيل هو. ٻاهر پٽي آيو هو، ان کي به مون گهرائي ورتو. شام جو C.M.O سان ڪم هو ته اسپتال ويس. اتان 21 وارڊ ۾ وزير عباس وٽ ويس، جتي جميل ڪياني به ويٺل هو. اتان نڪتس ته ٻاهر سپرنٽينڊنٽ بيٺو هو. ان سان گڏجي اسان واري پاسي آياسين، جتان سپرنٽينڊنٽ 14 وارڊ ۾ ويو ۽ آئون پنهنجي وارڊ ۾ آيس. صوفي کي گهرائي تاور ڏانهن ويس، جتي استاد گلوءَ کي، مون کي فون تي نياپو ڪرڻ لاءِ ڏيڻو هو. استاد گلو وارا ٻاهر بيٺل هئا. ان سائس گڏ بيٺل همراهه کي چيو ته اسماعيل صاحب کي اندر پنو ۽ پين ڏيو.

آئون اندر آفيس ۾ وڃي نياپو لکي رهيو هئس، ته هڪ همراهه، جيڪو جسم ۾ گهٽو ڀريل ۽ ڏاڙهيءَ سان هو، ٻئي همراهه کي ڪجهه چئي رهيو هو، شايد هو پشتو زبان ۾ ڳالهائي رهيا هئا. مون ايترو سمجهيو، ته ان همراه بابا جو نالو ۽ منهنجو نالو ورتو آهي. مون اردوءَ ۾ پڇيومانس ته توهان هن کي ڇا چئي رهيا هئا؟ چيائين ته مون هن کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻڌايو پئي، ته آئون توهان جي والد صاحب سان گڏ سکر جيل ۾ رهيو آهيان. مون پڇيو مانس ته سکر جيل ۾ ڪڏهن رهيو آهين ۽ ڪهڙي ڪيس ۾ هئين؟ ٻڌايائين ته ايم- آر- ڊي تحريڪ ڪانپوءِ جڏهن فاضل راهو صاحب سکر جيل ۾ هو، ته آئون به اتي هئس ۽ خون جي ڪيس ۾ جهليل هئس. همراهه ٻڌايو ته هن جو نالو عباس شاه آهي ۽ اوڪاڙه جو آهي.

آئون استاد گلوءَ کي ڪاغذ ڏيئي پنهنجي وارڊ ۾ موٽي آيس. استاد گلو تمام ملڻو جلڻو ماڻهو آهي، سندس نالو گل محمد آهي، پر گهڻا ڪيس استاد گلو ڪري سڏيندا آهن. هتي جيل ۾ صوبيدار آهي. پاڻ حيدرآباد ۾ دوآبي جو آهي. مون کي ٻڌايو هئائين ته سندس فاضل صاحب سان به گهڻو تعلق رهيو آهي.

رات جو وراندي ۾ ويٺا هئاسين، ته مون وريام فقير کي چيو ته باهرئين اگڻ جو ڪجهه حصو پڪو ڪريون. ان تي ذڪريا غني چيو ته، "جيڪا چيف منسٽر صاحب جي مرضي!؟" ذڪريا غني فقير وريام کي وڏا سائين ڪري سڏيندو آهي ۽ مون کي وري ڪڏهن ڪڏهن چيف منسٽر ناهي چڏيندو آهي ۽ خان محمد مهر کي چيف سيڪريٽري. آئون چوندو آهيانس ته "يار آئون خالي منسٽر ٿيو آهيان. ته جيل جي هن وارڊ تائين پهتو آهيان. تون وري مون کي چيف منسٽر ڪري ڦاسي گهاٽ تائين پهچائڻ ٿو چاهين چا؟"

هينئر آئون جڏهن هيءَ ڪاپي ڪٽي لکڻ لاءِ اچي ويٺس، ته فقير وريام چيو ته "سائين! پلا توهان جو رسالو اڃا ختم نه ٿيو آهي، هلي پيو؟" چيومانس، "جيترا هتي جا ڏينهن آهن ته رسالو هلندو پيو. توهين اسان جا هتي جا ڏينهن ختم ڪرائيندا، ته رسالو بند ڪري چڏيندا سين."

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

17/8/2001

صبح جو اخبارون پڙهي رهيو هئس، تہ 30-9 ڏاري ماڙيءَ تان ملاقات جي پرچي آئي. آئون اجا وهنجي تيار بہ ڪونہ ٿيو هئس. جلدي تيار ٿي ماڙيءَ تي پهتس، تہ مٺي عطا محمد راهو وارا آيل هئا. ساڻن سٺي ڪچهري ٿي. وري ڪين ڪٿي وڃڻو هو، سو موڪلايائون. آئون واردِ تي موٽي آيس تہ 30-12 ڏاري وري پرچي آئي. ماڙيءَ تي ويس، اسلم وارا هيٺ ئي ويٺل هئا. هن سان گڏ علي نوحاڻي، ابوبڪر ۽ پٽي بہ هئا. اجا اتي ويٺا ئي هئاسين تہ راموملِ پهتو، اُهو لچمڻ سان ملڻ لاءِ آيو هو. اسلم وارن اجازت ورتي، تہ اقبال عنايت ملڻ آيو. ان سان ڊپٽي جي آفيس ۾ اچي ويٺس. اقبال عنايت ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ امان الله نيازي جو دوست آهي، انهيءَ ڪري گهڻو ڪري اتي ئي ويهي ڪچهري ڪبي آهي. رامو بہ وري اتي اسان سان اچي ويٺو ۽ گپ شپ ٿيندي رهي. واپس واردِ تي آيس. آغا وزير عباس ۽ ڊاڪٽر خالد اڳي ئي ويٺل هئا، اسان گڏجي ماني کاڌي.

30-3 وڳي جو نياپو مليو. آئون صديقي کي وٺي اسپتال پهتس، جتي غلام حسين ميمڻ آيل هو. ڪجهہ دير کاپوءِ لچمڻ کي گهرايوسين. تقريباً ڇهين وڳي تائين ڪچهري ٿيندي رهي. تنهن کان پوءِ آئون، غلام حسين ۽ فضل الاهي ميمڻ ماڙيءَ تي آياسين، جتي اسان کي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ نيازي سان ڪجهہ ڳالهائڻو هو، پر هو نڪري ويو هو. اُتان اسان هڪبئي کان موڪلايو، آئون واپس واردِ تي آيس ۽ سي ايم او ڊاڪٽر فضل الاهي ٻاهر غلام حسين کي ڇڏڻ ويو.

رات جو آئون، فقير ۽ ذڪريا وراندي ۾ ويٺا هئاسين ۽ لالو دائود اندر B.B.C. ٻڌي رهيو هو. ٻاهر اچي چيائين، "لاهور، ڪراچي، گجرانوالا ۾ ڪل ست (60) کن ماڻهو مردار ٿيا آهن، چڱو بار هلڪو ٿيو آهي." لالو دائود B.B.C ٻڌي ۽ ماڻهو جي مرڻ جي خبر نہ ملي، تہ ڪيس مزو نہ ايندو آهي، لڳندو آهي جڻ خبرون ٻڌيون ئي نہ اٿس.

اسان کي ٻاهر اچي ٻڌائيندو آهي، تہ اڄ هتي هيترا مردار ٿيا. سندس چوڻ آهي تہ آبادي وڌي وئي آهي، ماڻهو هلڪا ٿيڻ کپن. ان مان هن جي جيل جي ڪيفيت جو اندازو ٿئي ٿو، هو ٻاهر ڪڏهن بہ ائين نہ چوندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

18/8/2001

صبح جو 9-00 وڳي گهروارا ملڻ لاءِ آيا. ملاقات کان پوءِ 11-30 وڳي سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ويس. هن ٻڌايو، ته توهان جا مهمان ملڻ لاءِ اچڻ وارا آهن. مون توهان کي ان ڪري ٻڌايو، ته توهان وارڊ تي ويندؤ ته وري واپس اچڻو پوندو. آئون هن جي آفيس ۾ ئي ويهي رهيس. ڪجهه وقت کانپوءِ مون سپرنٽينڊنٽ کي چيو ته ”آئون ڊپٽي جي آفيس مان ٿي وارڊ تي وڃان ٿو، ملاقات اچي ته توهان مون کي گهرائي وٺجو.“

3-30 وڳي وري ماڙي تي ويس ته اديءَ ۽ ڊاڪٽر خليل ملاقات جي لاءِ آيل هئا. ڊاڪٽر کي ڪجهه ڪتاب، رسالا ۽ ٻيو ٿوپيءَ جو سامان مون لکايو هو، اُهو وٺي آيو هو. ايتري ۾ ڊاڪٽر شامون ۽ پوجراج به آيا. آئون اديءَ وارن سان ملي وري ڊاڪٽر شامون ۽ لچمڻ وارن سان ويٺس. انهن کان واندو ٿيس ته اقبال عنايت آيو، ان سان حال احوال ٿيا. شام جو سڌو وارڊ تي آيس ته امداد، صديقي ۽ لالو ويٺا هئا، مٺان وريام فقير به آيو. ڳچ دير تائين ڪچهري ڪندا رهياسين. جنهن کان پوءِ سادي ستين ڏاري آئون ۽ خان محمد مهر 17 وارڊ ڏانهن وياسين. اتي پهتاسين ته وارڊ بند ٿي چڪو هو.

خان محمد مهر کي ڪجهه ڪاغذ فاروقي ۽ ڏيري کي ڏيڻا هئا. ڳرلن مان انهن کي سڏ ڪيوسين. خان محمد انهن کي ڪاغذ ڏنا ۽ ڪجهه حال احوال ڪيا. اُتي بچاڻي، ميان وقار پڳانوالا ۽ چوڌري شريف سان به ملاقات ٿي. اسان ٻئي وري واپس پنهنجن واردن ڏانهن آياسين. ان ڏينهن حاجي ايوب ٻاهر نه نڪتو هو. خان محمد ٻڌايو ته اڄ حاجي صاحب ڪورٽ تي ويو هو، ان ڪري ٿڪل آهي ۽ سندس طبيعت به ٺيڪ نه آهي. اسان آياسين پئي، ته سامهون وارڊ جي ٻاهران وريام فقير بيٺل هو. خان محمد مهر کي مون چيو ته توهان ڀلي فقير صاحب وٽ هلو، آئون حاجي کي پڇي اچان ٿو.

14 وارڊ ۾ ويس، ته حاجي ايوب سان گڏ اسلام الدين شيخ به ويٺل هو. اتي ٿوري دير حال احول ڪري وري ٻاهر آيس، ته فقير ۽ خان محمد بيٺا هئا. اسلام الدين صبح جو تيار ٿي سڌو پهرئين وارڊ ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چوڏري احمد مختيار ۽ برگيڊيئر حيات قريشي وارن ڏانهن ويندو آهي، جتان رات جو انين وڳي يعني بند ٿيڻ جي وقت ايندو آهي. ڏينهن جو هو ڪڏهن به سندس وارڊ ۾ نظر نه ايندو. هينئر وهيل چيئر تي هلي ٿو، ته به سندس ان شيڊول ۾ ڪابه تبديلي ڪونه آئي آهي.

آچر 19/8/2001

12-00 وڳي ڊاڪٽر خالد ۽ وزير عباس آيا. ڊاڪٽر خالد، عباسي شهيد اسپتال ۾ ڊاڪٽر هو. هتي اغوا ۽ ڦنگ جي ڪيس ۾ گرفتار آهي. ڊاڪٽر خالد جيل ۾ ڊاڪٽريءَ جي ڊيوٽي ڏيندو آهي، ايمرجنسي جي صورت ۾ ڪڏهن سرڪاري ڊاڪٽر جي غيرموجودگيءَ ۾ جيل انتظاميا ڪنهن قيدي مريض جي علاج لاءِ ڪيس گهرائي وٺندي آهي.

وزير عباس جو هنڌيوال سليم به ڊاڪٽر خالد جي چين (Chain) ۾ آهي. لفظ چين به انهن محاورن مان هڪ آهي، جن جو استعمال جيل ۾ عام جام آهي. شروع ۾ آئون جڏهن قيدين کان اهو ٻڌندو هئس ته "فلاڻو قيدي فلاڻي جي چين ۾ آهي." ته مون کي به سمجهه ۾ نه ايندو هو ته ان جو مطلب ڇا آهي؟ پهريائين مون اهو تاثر ورتو، ته اهو لفظ شايد هڪڙي ڪوليءَ ۾ رهندڙ يا هنڌيوالن جي لاءِ استعمال ڪيو ٿو وڃي. پوءِ خبر پئي ته جيڪي قيدي ڪنهن هڪ ئي ڪيس ۾ هوندا آهن انهن لاءِ اهو لفظ ڪتب آندو وڃي ٿو، ۽ اهو ايترو ته عام آهي جو تمام سادن ۽ اڻ پڙهيل قيدين کان وٺي تعليم يافته قيدين ۽ جيل انتظاميا ۾ ساڳئي طريقي سان استعمال ٿئي ٿو.

ان کان علاوه هڪ ڳالهه ٻي به محسوس ڪرڻ جهڙي آهي، ته هتي (گهٽو ڪري سنڌ جي سيني پرائن جيلن ۾) جيل جي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا ٺيٺ سنڌي لفظ استعمال ٿين ٿا، جيڪي هر زبان سان تعلق رکندڙ قيدي استعمال ڪندو آهي. قيدين کان علاوه جيل انتظاميا وٽ به ان ڪم يا ان شيءِ جي لاءِ اُهي ئي لفظ استعمال ٿيندا آهن، پوءِ آفيسر ٻلي ڪهڙيءَ به زبان ۾ ڳالهائي رهيو هجي يا ان جي مادري ٻولي ڪهڙي به هجي. مثال طور جن قيدين جي ڪاڏي جو رڌ پچاءَ گڏ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿيندو آهي، انهن کي هڪبئي جو ”هنديوال“ چيو ويندو آهي، يعني هڪڙي هنديءَ مان ڪائڻ پيئڻ وارا.

لفظ ”ماڙي“ به جيل ۾ گهڻو مروج آهي. ماڙي بنيادي طرح جيل جي اندر ۽ ٻاهر جي وچ وارو حصو آهي، اهوئي جيل جو Entrance (داخلا) ۽ آفيس بلاڪ به آهي، جيڪو به ماڙ آهي. B ڪلاس جي ملاقات به ماڙيءَ تي ئي ڪرائي ويندي آهي. سپرنٽينڊنٽ، ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ ۽ ٻئي اسٽاف جون آفيسون ۽ جيل جو سڄو رڪارڊ ماڙيءَ تي ئي هوندو آهي. هتي هر قيديءَ کان وٺي پورو جيل جو عملو ان جي لاءِ لفظ ”ماڙي“ استعمال ڪندو آهي.

صبح جي پهر ۾ جڏهن جيل کُلندو آهي، ته عام قيدين جي ڳڻپ ٿيندي آهي. ان جو طريقو اهو آهي، ته سڀني قيدين کي سندن ڪولين ۽ بيرڪن جي ٻاهران هيٺ زمين تي ٻن ٻن جي ٽولين ۾ ويهاريو ويندو آهي. ۽ ان کان پوءِ انهن جي ڳڻپ ڪئي ويندي آهي. ڳڻپ جي ان عمل کي جيل جي ٻوليءَ ۾ ”جوڙي“ لڳڻ سڏيو ويندو آهي. جيل جي اندر وادڪو ڪم به ٿيندو آهي، اهو ڪم عام طرح اهي قيدي ئي ڪندا آهن، جيڪي اهو ڄاڻندا آهن. اهو ڪم جيل جي ٻلي ڪنهن به وارڊ ۾ ٿيندو هجي، پر شام جو جيل بند ٿيڻ کان اڳي ڪم ڪندڙن کي سندن وادڪا اوزار هڪ ئي هنڌ وڃي جمع ڪرائڻا هوندا آهن ۽ ضرورت مطابق وري ٻئي ڏينهن جيل کلڻ کان پوءِ اتان کڻي سگهندا آهن. جنهن جڳهه تي اهي اوزار جمع ڪرايا ويندا آهن يا جتي بنيادي طرح وادڪو ڪم هلندو آهي، ان کي جيل جي ٻوليءَ ۾ ”وادڪانو“ سڏيو ويندو آهي. جيل جي وڏي ۽ مُک ديوار، جنهن ۾ داخل ٿيڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ جي لاءِ فقط ماڙيءَ وارو هڪ گيٽ ئي هوندو آهي. ان ديوار کي عام طرح ”ڪوٽ موڪو“ سڏيو ويندو آهي. ان کان علاوه ٻيا به ڪجهه اهڙا لفظ ٻُڌڻ ۾ ايندا، جن جو استعمال سنڌي معنيٰ ۾ ئي ٿيندو آهي. مثلاً لفظ ”ملاقات“، جيڪو قيدي جي ايندڙ ملاقات جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي. اهو لفظ اسان جي ننڍي کنڊ جي ڪجهه ٻين زبانن ۾ به عام آهي، پر جيل جي ٻوليءَ جي ڊڪشنريءَ ۾ ان جو استعمال سنڌي لفظ هجڻ جي حيثيت ۾ ئي ٿيندو رهيو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيل جو اهو لفظ پنهنجي مخصوص معنيٰ ۾ اڄ کان نہ، پر ورهاڱي کان اڳي استعمال ٿيندو اچي. ڪراچي سينٽرل جيل جي حوالي سان هڪڙي ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي، تہ جيل جي عملي کان وٺي قيدين تائين هتي گهٽائي غير سنڌين جي آهي، منجهن سنڌين جو تعداد شايد ئي چوٿين حصي جيترو هجي. پر مٿي ذڪر ڪيل لفظن ۽ ڪجهہ ٻين محاورن جو استعمال سڀني ٻولي ڳالهائيندڙن ۾ ساڳيءَ طرح آهي.

سومر 20/8/2001

12-00 وڳي ڏاري پرچي آئي، ماڙيءَ تي ويس تہ مٿي اسلم، اقبال، ابوبڪر ۽ علي ملاقات لاءِ آيل هئا. اسلم سان ڪافي معاملن تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي. اُتي اقبال عنايت آيو، جيڪو ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ وڃي ويٺو. اسلم وارن سان ملي آئون اقبال عنايت وٽ آيس. هن ٻڌايو تہ غلام علي خان بہ توهان سان ملڻ ايندو. اقبال کي چيم تہ مون اندر ڪنهن همراهہ کي واردِ تي گهرايو آهي، تيستائين ان سان ملي ٿو اچان. آئون واردِ تي مهمانن سان گڏ ويٺو هئس تہ اقبال عنايت، ڪمال سان گڏجي آيو، چيائين، ”مون سوچيو، توهان اچو، تنهن کان آئون ٿو توهان وٽ اچان.“ مون اقبال لاءِ ماني لڳرائي. ماني کائيندي چيائين، ”هيءَ جيل جي ماني بہ مون لاءِ يادگار ٿي وئي.“ ماني کائي اسان ماڙيءَ ڏانهن نڪتاسين. مون اقبال عنايت کي چيو، توهان اندر هلو، آئون اسپتال مان ٿي اچان ٿو. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ آئون وري ماڙيءَ تي پهتس، اتي اقبال ٻڌايو تہ ملاقات جو پروگرام سپاٽي رکون ٿا. ڪانئس موڪلائي آئون وري واردِ ۾ آيس.

5-00 وڳي ماڻهو آيو، جنهن چيو تہ توهان کي سپرنٽينڊنٽ سڏايو آهي. آئون آفيس ۾ سپرنٽينڊنٽ سان ويٺو هوس، تہ هڪ سپاهي ڪيس اچي ٻڌايو تہ آءِ- جي صاحب اچي ويو آهي. سپرنٽينڊنٽ تڪڙو ٻاهر نڪتو. آءِ- جي اندر آيو، اڳوٽو سپرينٽنڊنٽ ڊاڪٽر سرور جمالي بہ ساٿس گڏ آيو. اسان ماڙيءَ ۾ ساٿس مليا سين. آءِ- جي ماڙيءَ تان سڌو اندر ويو. سپرنٽينڊنٽ ۽ ڊپٽي وري واپس پنهنجي آفيسن ۾ اچي ويٺا. ڪڏهن آءِ- جي جيل اندر اڪيلو ويندو آهي ۽ جيل اسٽاف

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ڪنهن بہ ماڻهو کي پاڻ سان گڏ نہ وٺي ويندو آهي. آئون سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ ويٺو هئس، تہ ٿوري دير ۾ آءِ- جي، واپس موٽي آيو. جيل انتظاميا سينٽرل جيل جي واٽر سپلاءِ اسڪيم لاءِ جيڪو ورڪنگ پيپر تيار ڪيو هو، آءِ- جي ان کي چيڪ ڪري نئين سر هدايتون ڏئي رهيو هو، ان ۾ مصباح بہ ساڻس گڏ هو. ان دوران آئون، خان محمد مهر، سرور جمالي، عارب مهر، چوڌري شريف ۽ سپرنٽينڊنٽ پاڻ ۾ ڪچهري ڪندا رهياسين. 8-00 وڳي آءِ- جي روانو ٿيو ۽ اسين پنهنجي واردن ڏانهن موٽي آياسين.

21/8/2001 Tuesday

اڄ صبح جو 8-30 وڳي پرچي آئي. ماڙيءَ تي پهتس، گهر وارا ملاقات لاءِ پهتل هئا. آئون ٻارن سان ويٺو هوس تہ جبار چيو: هڪ منٽ هيڏانهن اچجو. وچ واري نندي ڪمري ۾ آيس، جتي ملاقات ڪرائڻ وارو اسٽاف وهندو آهي. اتي سڪندر قريشي ويٺو هو. پهريائين مون سمجهيو تہ ڪنهن سان ملڻ آيو آهي، پر پوءِ ٻڌايائين تہ ”اينٽي نارڪوٽڪس جي پراپرٽي جي ڪيس ۾ آيو آهيان.“ ساڻس ڪجهہ حال احوال ڪري وري ٻارن وٽ اچي ويٺس.

11-00 وڳي آفيس ۾ سپرنٽينڊنٽ سان ملي وري واپس وارد تي آيس، تہ مون کي قران پاڪ پڙهائڻ وارو استاد ويٺو هو. روزانو يارهين وڳي ڏاري ايندو آهي ۽ اڌ ڪلاڪ لاءِ پڙهائيندو آهي. پڙهائيءَ جو اهو ڪم هفتي جا ٻہ تي ڏينهن بہ مشڪل سان ٿي سگهندو آهي، جو آچر ڏينهن آئون موڪل ڪندو آهيان ۽ جمعي جي ڏينهن مون وارو استاد موڪل ڪندو آهي. پڙهائي واري وقت تي منهنجون ملاقاتون بہ ايندڙيون رهنديون آهن. ان کان علاوه منهنجي يا هن جي ڪيسن جون تاريخون بہ لڳنديون رهنديون آهن. آئون وارد تي هجان يا نہ، پر ذڪريا غني جي هدايتن تحت، استاد پنهنجي مقرر وقت تي ضرور پهچندو آهي. استاد جو نالو خالد آهي، بلڪل نوجوان ڇوڪرو آهي، سندس تعلق سپاهہ صحابہ سان آهي. ڪلفٽن وٽ ايراني انجنيئرن جي قتل ۾ اندر آهي، ڪيترو عرصو تہ ڦاسي گهاٽ ۾ هو. اي ٽي سي (ATC) ڪورٽ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن کي ڦاسي جي سزا ڏني هئي، پر هاءِ ڪورٽ سزا ختم ڪري وري A.T.C. کي ٻيهر نئين سر ڪيس هلائڻ لاءِ حڪم ڪيو آهي.

12-00 وڳي C.M.O. سان ملڻ لاءِ اسپتال ويس. اتان ٽي 21 واردِ ۾ وزير عباس وٽ ويس، ان کان حميد واري ريفرنس جا ڪاغذ ورتم ته مٿان بدر عالم آيو، جنهن ٻڌايو ته هاءِ ڪورٽ ان جي ضمانت جي درخواست رد ڪري ڇڏي آهي ۽ وزير عباس جي درخواست جي شنوائي جي تاريخ پرهيزَ رکي اٿن. هڪ وڳي وري ماڙيءَ تان پرچي آئي. ويس ته سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ ميجر غلام حسين کوسو ۽ غلام علي نظاماڻي آيل هئا. مٿان وري اقبال عنايت آيو، انهيءَ ٿوري دير ۾ اجازت ورتي. غلام عليءَ سان ڪچهري کان پوءِ موڪلائي ميجر کوسي وٽ ويٺس، ته حوالدار ٻڌايو ته مٿي ڪمري ۾ توهان جا ملاقاتي ويٺا آهن. مٿي ويس ته ماتليءَ کان ارباب علي شاهه ۽ فدا آيل هئا، جن سان ملي واپس واردِ تي آيس.

ادائي وڳي وري ماڙيءَ تان سڏ آيو. ويس ته شاهنواز آيل هو. سندس ڀيٽ جي وفات تي ساڻس دعا گهريم. اتي ئي لچمڻ مليو، ان سان به ڪي همراه ملڻ لاءِ آيل هئا. شاهنواز، عبدالقادر هاليپوٽو وڪيل جو وڪالت نامو مون کان صحيح ڪرائڻ لاءِ ڪٽي آيو هو. ايتري ۾ اسلم به اچي ويو. اسلم ڪورٽ کان سپرنٽينڊنٽ لاءِ علاج واسطي ليٽر ڪٽي آيو هو، جنهن ۾ سپرنٽينڊنٽ کي Comments موڪلڻا هئا. اُتي ويٺي ئي متين به ملاقات لاءِ پهتو ۽ ڊي ايس پي منڌار ڪاڪا به اچي مليو. پچيومانس، هينئر ڪٽي آهين؟ چيائين ته اينٽي ڪار لفٽنگ (A.C.L.C.) ۾ آهيان.

ٿوري دير ۾ غلام نبي مغل (جي- اين- مغل) ۽ ڊاڪٽر گلزار جماڻي وارا آيا ساڻن سياسي ۽ زماني جون خبرون ٿيون. مغل صاحب صديق گڪڙ کي به ملاقات لاءِ سڏايو، جنهن سان مون کي ملايائين ۽ ان جي پارٽ به ڪيائين، جيڪو هاڻي اسان جي پاسي واري واردِ 16 ۾ اچي ويو آهي. انهيءَ سيني دوستن کان موڪلائي آيس ته ڊپٽي جي آفيس ۾ سڪندر قريشي، منڌار ڪاڪا ۽ انسپيڪٽر جاڙو خان ويٺا هئا. ڪجهه دير ساڻن ويٺس، وري پنهنجي واردِ تي آيس.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شام جو آئون ۽ فقير ٻاهر آياسين ته خان محمد ۽ ذڪريا غني اڳيئي ٻاهر بيٺل هئا. ٿوري دير اتي ڪچهري ڪئيسين. ان ڏينهن حاجي ايوب آفريدي جي طبيعت ڪجهه ٺيڪ نه هئي. اسان گڏجي ڪيس پيچڻ لاءِ 14 وارڊ ۾ وياسين، ته اسلام الدين شيخ ۽ پاڻ اڳڻ ۾ ڪرسين تي ويٺا هئا. حاجي اڄ ڪورٽ تي ويو هو، اتان جيئن آيو هو ته سندس طبيعت ٺيڪ ڪونه هئي. پر هينئر ٻڌايائين ته دوائون کائڻ ۽ آرام ڪرڻ کان پوءِ هاڻي طبيعت ڪجهه بهتر آهي. اسان ڪجهه وقت اتي ويٺاسين، وري پنهنجي وارڊ ۾ هليا آياسين.

اڄ B.B.C. جي خبرن کان پوءِ دائود خان خاموش هو، شايد ڪي "مزيدار" خبرون نه ٻڌيون هونداٿين. پاڻ ٻاهر اچي ٻڌايائين ته اڄ ڪٿي ٻه ڪي خاص ڦڙڪيون نه ٿيون آهن، مڙيئي ڪٿي ڪٿي هلڪي ڦلڪي مارا ماري ٿي آهي.

22/8/2001

اڄ هڪ وڳي ماڙيءَ تي ويس ته شاهنواز آيل هو. ان سان ملي وارڊ تي آيس. اتان ٿي اسپتال ويس ته چيف ميڊيڪل آفيسر ميمڻ صاحب رستي ۾ مليو، ٻاهر پئي ويو. منهنجي ڪري وري واپس اسپتال هليو، جو مون کي 32 فارم ڀرائڻو هو. هتي قيديءَ کي جيڪڏهن ڪنهن بيماريءَ جي علاج لاءِ موڪليو ويندو آهي ته سڀ کان پهرين فارم نمبر 32 ڀريو ويندو آهي ۽ ان تحت ئي پوليس لاءِ فردي نڪرندي آهي، جيڪا ٻاهر اسپتال وٺي ويندي آهي. ڊاڪٽر ٻڌايو ته 32 فارم جو رجسٽر ماڙيءَ تي آهي.

اسان گڏجي ماڙيءَ تي ڊيٽي جي آفيس ۾ آياسين، جتي رجسٽر گهرائي داخلا ڪرائيسين. ان کان پوءِ آئون واپس وارڊ تي آيس ته ذڪريا غني، ڪريم، حسن، صغير ۽ فقير ويٺا هئا. صغير چيو ته اسان ڪارڊ ڪيڏڻ لاءِ ويٺا آهيون. اسان پهرين راند شروع ڪئي، تيستائين سڪندر علي قريشي آيو ۽ ٻڌايائين ته سندس ضمانت ٿي وئي آهي. مون ڪيس مبارڪون ڏنيون ۽ گڏجي راند ڪرڻ لڳاسين. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ماڙيءَ تان پرچي آئي. آئون ۽ سڪندر قريشي گڏجي ماڙي تائين وياسين، جتان قريشي پنهنجي وارڊ ڏانهن هليو ويو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آئون ماڙيءَ ۾ مٿي ملاقات واري هال ۾ ويس ته گيانچند، ڊاڪٽر شام ۽ ٻيا همراه آيل هئا. سڀني سان ڪچهري ٿي ۽ حال احوال ٿيا. اتان واپس وارڊ تي آيس. ٿوري دير ۾ شبير سپاهي آيو، اچي ٻڌايائين ته آءِ- جي صاحب 14 وارڊ ۾ اچي ٿو ۽ اوهان کي سڏايو اٿائين. آئون ويس ته اتي خان محمد مهر، ميجر کوسو، اسلام الدين شيخ، آءِ- جي جو ڀاءُ ۽ حاجي ايوب ويٺل هئا. ڪجھ منٽن بعد آءِ- جي به اچي ويو. ساڻس سپرنٽينڊنٽ گڏ هو. ٿوري دير کان پوءِ فقير وريام به آيو. نثار مهر ڪجھ وقت ويٺو، سڀني ڪافي پيتي، جنهن کان پوءِ جلدي روانو ٿيو.

آئون وارڊ تان ٿي 6-00 وڳي ڪمپيوٽر روم تي ويس، ٿوري دير ۾ سپرنٽينڊنٽ جو مقدم آيو، چيائين توهان کي صاحب سڏايو آهي. آئون ويس ته سپرنٽينڊنٽ ماڙيءَ کان ٻاهر ئي بيٺو هو. چيائين، توهان جي گهران فون آيو آهي ته اسپتال جي پروگرام جو ڇا ٿيو؟ ٻڌايومانس ته شايد سڀاڻي ٿيندو. واپس وارڊ تي آيس ته ٿوري دير ۾ وري ماڙيءَ تان پرچي آئي. ماڙي تي ڊپٽي جي آفيس ۾ سڪندر قريشي ۽ منٺار ڪاڪا ويٺا هئا. سڪندر قريشي جي رليز اچي وئي هئي. ان کان پوءِ وري سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ ميجر کوسو وٽ ويس، جتي آئون ۽ خان محمد مهر اٺين وڳي تائين ساڻس ويٺا هئاسين. اتان آئون ۽ خان محمد اسان جي وارڊ ۾ آياسين، جتي محمد عثمان جيلر به آيو. اڌ ڪلاڪ تائين خان محمد ۽ ذڪريا غني درود شريف جي ڪتاب تي ڳالھ ٻولھ ڪندا رهيا. تقريباً 9-00 وڳي شبير دروازا بند ڪيا.

23/8/2001

12-30 وڳي ماڙيءَ تان پرچي آئي. ٻار، لطيف، عادل ۽ ڀٽي آيل هئا. اڄ ملاقات جو ڪو پروگرام ڪونه هو پر اوچتو آيا. اقبال عنايت به آيو، جيڪو ڊپٽي جي آفيس ۾ وڃي ويٺو. آئون ٻارن کي روانو ڪري اقبال سان ڊپٽي جي آفيس ۾ وڃي ويٺس. اتان ٿي واپس وارڊ تي آيس.

شام جو صديقي، امداد ۽ ڪجھ ٻيا همراه وراندي ۾ ويٺا هئاسين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪچهري ڪندي صحافين جي تحريڪ جو ذڪر نڪتو، جنهن ۾ ادا صديق بہ گرفتاري ڏني هئي. صحافين جي تحريڪ 1978ع ۾ هلي هئي، جڏهن جنرل ضيا جي مارشل لا جو پيمانڪ ڪارو دور ملڪ مٿان ڇانيل هو. سڀني سياسي سرگرمين سان گڏوگڏ ڳالهائڻ ۽ لکڻ تي بہ پابندي مڙهيل هئي. پريس سينسرشپ سبب ملڪ جي سڀني اخبارن جي حيثيت محض ڊمي اخبارن واري رهجي وئي هئي.

صبح جو جڏهن اخبار هٿ ۾ کڻبي هئي تہ اڌ کان وڌيڪ اخبارن جا صفحا ڪارا يا خالي هوندا هئا. حڪومتي مفادن سان ٽڪرائيندڙ هر خبر سينسر ائڊوائز جو شڪار ٿي ويندي هئي. ڪنهن بہ اخبار کي ڪابہ سياسي خبر اسٽيٽ مشنري (حڪومت) جي منظوريءَ کان سواءِ ڇاپڻ جي اجازت نہ هوندي هئي. حڪومت زبان ۽ قلم جي مڪمل تالابندي ڪري ڇڏي هئي. پرنٽ ميڊيا جيترو اڄ اسان جي عوام تي اثرانداز ٿي رهي آهي، ان وقت اوتري نہ هئي. ان وقت پرائيويٽ الئٽرانڪ ميڊيا تہ اسان جي ملڪ ۾ ايجا سرجي بہ ڪونہ هئي.

جلسن جلوسن، ڪارنر گڏجاڻين ۽ تقريرن تي مڪمل پابندي هئي. ان صورت ۾ پرنٽ ميڊيا ئي هئي، جيڪا عوام جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ صحيح معلومات ۽ خبرن جو ذريعو هوندي هئي. سنڌي اخبارن جي تہ اها وڏي حيثيت ٿي هئي جو اهي رڳو اڳهوتري ۽ ڏيان طلب تائين وڃي پڇيون هيون. اهڙيءَ صورتحال ۾ ملڪ جي سڄاڻ ۽ باخبر صحافين پنهنجي قلم جي آزاديءَ لاءِ ڊڪٽيٽر حڪمرانن سان وڙهہ جو اعلان ڪيو ۽ يقيناً اها وڙهہ رڳو صحافتي آزاديءَ جي نہ هئي، پر ان کان وڌيڪ سياسي آزاديءَ جي بہ هئي، جو ان وقت سياسي پارٽين ۽ سياستدانن جي لاءِ پنهنجو موقف عوام تائين پهچائڻ جو واحد ذريعو اخبار ئي هئي.

ان صورت ۾ ملڪي صحافتي تنظيمون سڀني سياسي تنظيمن کان عملي ۽ اخلاقي مدد جون طلبگار هيون. سڀني سياستدانن کان پهرين شهيد فاضل راهو اڳتي وڌي اهو چئلينج قبول ڪيو ۽ سنڌي هاري ڪميٽي (جيڪا اڳتي هلي سنڌي هاري تحريڪ ٿي) جي پليٽ فارم تان صحافين جي حمايت جو اعلان ڪيو. شهيد نہ رڳو صحافين کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجي مدد جو يقين ڏياريو، پر ڪين تحريڪ هلائڻ جي لاءِ پڻ حوصلو ۽ همت ڏيارينڊو رهيو. آخر اهو طئي ٿيو ته صحافين جي تنظيم ۽ سنڌي هاري ڪميٽي پريس تان سينسرشپ هٽائڻ لاءِ عملي جدوجهد ڪنديون. اُن لاءِ جوڙيل حڪمت عملي تحت ان جو مرڪز ڪراچيءَ کي ٺاهيو ويو ۽ اهو اعلان ڪيو ويو ته هن ڪاري قانون خلاف هر روز هڪ صحافي ۽ هڪ هاري گڏيل طور تي ڪراچيءَ ۾ رضاڪاراڻي گرفتاري ڏيندا. ائين باقائدي عملي تحريڪ جي شروعات ٿي ۽ هر روز هڪ هاري ۽ هڪ صحافي ريگل چوڪ تي گرفتاري ڏيڻ لڳا.

جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا جي شروعاتي ڏهڪاءُ ۽ خاموشيءَ جي دور ۾ هي سياسي عمل بيٺل پاڻي ۾ پٿر هو، جنهن چُپ ۽ سناٽي واري سياسي ماحول جي جمود کي ٽوڙي حڪومتي ايوانن جي اندر لرزش پيدا ڪري ڇڏي. حڪمرانن اهو سمجهندي دير نه ڪئي ته هن تحريڪ کي صحافتي تنظيمن کان وڌيڪ اصل طاقت ڪٿان ملي رهي آهي، جنهن ڪري عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن لاءِ پوري سنڌ جي اندر ڌرتي تپائي ٽامو ڪئي وئي. پارٽيءَ تحريڪ کي جاري رکڻ لاءِ اهو ضروري سمجهيو، ته شهيد فاضل راهو ٻاهر رهي ۽ گرفتار نه ٿئي، ان جي لاءِ شهيد جي روپوشيءَ جو فيصلو ڪيو ويو.

شهيد فاضل روپوش رهندي تحريڪ جي قيادت ڪندو رهيو پوءِ اڳتي هلي گرفتاري ڏنائين. هن ان روپوشيءَ دوران حيدرآباد جي ڪجهه مختلف جڳهين تي ٻه ٿورن ٿورن ڏينهن لاءِ رهائش اختيار ڪئي هئي. ڪجهه ڏينهن جي لاءِ حاجي وارث راهو جي لطيف آباد واري بنگلي تي ٻه رهيو هو. هڪ ڀيري مون کي ڪنهن ڪامريڊ کي اتي وٺي اچڻ لاءِ چيو هئائين. آئون ان همراه کي اتي وٺي ويو هئس ته ڪجهه همراه وٽس اڳ ۾ ئي ويٺا هئا. اتي ڪچهري ڪندي ٻڌايائين ته جن کان لڪندا وتون انهن جا فون سجو ڏينهن هتي ٿا اچن. پوءِ ٻڌايائين ته حاجي جا ڪجهه دوست آهن، پوليس وارا، اهي حاجي لاءِ فون ڪندا آهن ۽ ڪڏهن آئون فون کڻندو آهيان، ته منهنجو آواز ٻڌي چوندا آهن، ”سائين اوهان کي اسان الائجي ڪٿي پيا ڳوليون، اوهان ته هتي هٿيڪا ويٺا آهيو!“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪ ڀيرو آئون اتي بابا وٽ ويٺو هئس، تہ مٿان پليجو صاحب آيو، جيڪو ان وقت سندس لطيف آباد واري گهر ۾ رهندو هو، اهو اتان ڪان پاسي ۾ ئي هو. پليجي صاحب ويهندي شرط مون کي چيو ”اسماعيل، هي اي- سي بند ڪراءِ، مون کي مٿي ۾ سُور ٿو پوي.“ ڪيس شايد اي- سي جو گوڙ ڏکيو لڳي رهيو هو. مون اُتي اي- سي بند ڪيو پوءِ پاڻ ۽ بابا ڪافي وقت تائين ان تحريڪ جي مسئلي تي ڳالهائيندا رهيا.

جڏهن اها تحريڪ ڳچ عرصو هلي، تہ آخر صحافين جو گرفتاريءَ لاءِ پيش ٿيڻ جو سلسلو ٽٽڻ لڳو. جيئن تہ هن جدوجهد جو بنياد ۽ لاڳاپو صحافتي آزادي جي مسئلي سان هو، اُن ڪري اُن جي ڪاميابيءَ لاءِ صحافين جي تسلسل سان شرڪت لازمي هئي. ان ڪري شهيد فاضل، صحافي اڳواڻن سان طئي ڪيو، تہ سنڌي هاري ڪميٽي روز جي گرفتاريءَ وارو سلسلو جاري رکندي، باقي صحافين جي ڪوٽ جي پورائي لاءِ عوامي تحريڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ ۽ هاري ڪارڪن صحافي بنجي گرفتاريون پيش ڪندا. انهن کي صحافت جا ڪارڊ ٺاهي ڏنا ويندا. ان ئي تحريڪ ۾ ادا صديق بہ گرفتاري ڏني. پاڻ ڪراچيءَ ۾ صحافيءَ جي حيثيت ۾ گرفتاري ڏنائين.

اُن وقت سندس عمر 23 سال هئي. مارشلا لا اختيارين تائين جڏهن اها ڄاڻ پهتي تہ عوامي تحريڪ جا ڪارڪن صحافين جي لڪ ۾ گرفتاريون پيش ڪري رهيا آهن، تہ انهن جي ڪاوڙ ۽ قهر ۾ اڃا بہ وڌيڪ اضافو ٿي ويو ۽ هو ڪارڪن تي وڌيڪ وحشي انداز ۾ تشدد ڪرڻ لڳا. جڏهن ادا صديق گرفتاري ڏني تہ ڪيس جيل نہ نيو ويو، پر سڌو ٽارچر سيل ڏانهن کڻي وياء جتي هن کان (Investigation) آڏي پڇا ڪئي وئي ۽ چيائون تہ ”تون صحافي نہ آهين. ڪوڙ ٿو ڳالهائين، تون تہ فاضل راهوءَ جو پٽ آهين؟“ هن کين جواب ڏنو تہ ”آئون فاضل راهوءَ جو پٽ تہ ضرور آهيان، پر صحافي بہ آهيان ۽ منهنجو فلاڻي اخبار سان تعلق آهي.“ ڪانئس ٻيو سوال اهو ڪيو ويو تہ ڪراچي ۾ رات ڪٿي رهيو آهين؟ ان ٽڪاڻي جو پتو ٻڌاءِ اوهان جا ٻيا ماڻهو بہ ضرور اتيئي رهيل هوندا. هن ڪراچي ۾ رهڻ واري جڳهہ جو پتو نہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بڌايو ۽ چيو تہ مون سڌو ڳوٺان اچي هتي گرفتاري ڏني آهي انويسٽيگيشن آفيسر کيس سخت لهجي ۾ چيو، تہ تنهنجي استري ٽيل ڪپڙن ۾ سر بہ پيل ڪونهي، تون ڳوٺان سڌو ڪيئن آيو آهين! صاف صاف بڌاءِ تہ رات ڪراچي ۾ ڪٿي هئين؟ ”۽ توهان جا پيا ماڻهو ڪٿي آهن!؟“ ان کان پوءِ پورن ستن ڏينهن تائين مٿس سخت تشدد ڪيو ويو.

ڪجهہ وقت تائين تہ سندس منهن چڏي باقي سمورو جسم زمين اندر پوريو ويو. ستن ڏينهن تائين کيس بکيو ۽ اُڃيو رکيو ويو ۽ کيس هر طرح جي اذيت ڏني وئي، پر پاڻ آخر تائين اهو نہ مڃيائين، تہ آئون صحافي نہ آهيان يا گرفتاري کان اڳ رات ڪراچي ۾ رهيو هوس. آخر هو بيمار ٿي پيو ۽ سندس جيري تي اثر ٿي پيو، کيس سائي ٿي پئي ۽ ان ئي بيماريءَ جي حالت ۾ اهلڪار کيس سينٽرل جيل ڪراچيءَ تي چڏي ويا! جتي هو آزاد ٿيڻ تائين جيل جي ڊاڪٽرن وٽ علاج هيٺ رهيو.

کيس اڳ ۾ ڪڏهن بہ سائي نہ ٿي هئي. سائيءَ جو اهو مٿس پهريون حملو هو، جيڪو ڪمزوريءَ ۽ تشدد جي نتيجي ۾ ٿيو هو. جنهن سندس جيري کي ايترو تہ نقصان رسايو، جو اڳتي هلي جڏهن بہ ڪنهن سبب ڪري کيس ٿوري بہ ڪمزوري ٿيندي هئي، تہ هڪدم مٿس سائيءَ جو حملو ٿي پوندو هو ۽ اڳتي هلي 1984ع ۾ روپوشي دوران ان ئي سبب سندس بي وقتو موت ٿيو.

جيل ۾ پوري مهيني جي علاج کان پوءِ سندس طبيعت ڪجهہ سڌري. آخر صحافين، هارين، شاگردن ۽ عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن جي ڪامياب جدوجهد جي نتيجي ۾ اخبارن مٿان پريس سينسرشپ جي ڦاسيءَ جي سرڪڻ ڪجهہ ڍري ٿي ۽ سيني صحافين ۽ ٻين تحريڪ ۾ گرفتاريون پيش ڪندڙ سياسي ڪارڪنن کي آزاد ڪيو ويو.

ادا صديق ٻيو ڀيرو 1979ع جي آخر ۾ گرفتار ٿيو. شهيد بابا 9 آڪٽوبر 1979ع تي راهوڪيءَ ۾ هاري ڪانفرنس ڪرائي هئي. ان وقت بہ سياسي ماحول جمود جو شڪار هو ۽ مڪمل سياسي ماٺار هئي. ان کان ڪجهہ وقت اڳ عوامي تحريڪ ۾ ڪجهہ اندروني ٽوڙ ڦوڙ جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بہ ڪوشش ڪئي وئي هئي. شهيد جي پيشرفت ڪري ئي پارٽي هاري ڪانفرنس ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو هو. ان وقت مارشل لا ايتري سخت هئي جو پنجن ماڻهن جي گڏ ٿيڻ تي بہ سرڪار سخت مڇرجي پوندي هئي.

اهڙيءَ صورتحال ۾ راهوڪيءَ جهڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾، جتي اُن وقت پڪو رستو بہ ڪونہ هو ۽ سواريون بہ ڪونہ هلنديون هيون، هڪ بس صبح جو ڪڙئي گهنور ۽ ماتليءَ لاءِ نڪرندي هئي، تہ وري شام جو ساڳيءَ روٽ تان واپس ايندي هئي، اُتي ضيائي مارشلا جي سياسي گُهٽ ٻوساٽ جي ماحول ۾ هزارن ماڻهن جو گڏ ٿيڻ حڪمرانن جي لاءِ حيرت جو باعث بہ هو، تہ چتي ٿيڻ جو سبب بہ! فوج ۽ پوليس جا اهلڪار عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن مٿان چتن ڪُتن وانگر ڪاهي پيا. شهيد فاضل، پليجو صاحب، گل چانگ، غلام قادر پليجو، حسين بخش ناريجو، اسماعيل مهيري، منو مهيري، ادريس ميراڻي ۽ ٻين ڪيترن ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيترائي ڪارڪن پارٽي هدايتن تحت روپوش ٿي ويا.

راهوڪيءَ مٿان هڪدم فوجي چڙهائي ڪئي وئي ۽ اسان جي گهر تي چاپي دوران بابا جا لائسنس وارا هٿيار جن ۾ هڪ 7.mm ۽ هڪ 22 بور جون رائلفون ۽ هڪ 32 بور جو ريوالور هئا، پنهنجي قبضي ۾ ورتا. ڪجهہ ڪتاب ۽ هر قسم جو لٽريچر، ڪجهہ ڪيسٽون ۽ ڪنڊ جون ٻوريون بہ کنيائون. ڪنڊ ان وقت راشن تي هوندي هئي. آفيسر اهو پڇندا رهيا تہ هي ڪنڊ ڪٿان آئي آهي. اهلڪارن لاءِ اسان جي گهر جي تلاشيءَ دوران جيڪا شيءِ پريشانيءَ جو سبب بڻي، اها ڪاٺ جي هڪ ننڍي پيٽي هئي.

آئون جڏهن ننڍي هوندي ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهندو هئس تہ بلور (Marbles) راند تمام گهڻي شوق سان ڪندو هئس. ٻهراڙيءَ جي ٻارن ۾ اها راند عام وندر جو ذريعو هوندي آهي. آئون تمام گهڻا بلور کٽيندو هئس ۽ اهي هزارن جي تعداد ۾ مون وٽ گڏ ٿي ويا هئا. مون انهن بلورن کي هڪ ننڍڙي ڪاٺ جي پيٽيءَ ۾ پري، مٿان ڊڪ کي چئني طرفن کان ڪوڪا ٺوڪي چڏيا هئا ۽ اها ڪيترن سالن کان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گهرجيءڪنهن ڪنڊ ۾ پئي هئي، جنهن جي اسان جي گهر جي پاتين کي به خبر نه هئي، ته ان ۾ ڇا آهي؟ فوجين کي تلاشي وٺندي گهر جي ڪنهن ڪنڊ پاسي کان اها پيتي هٿ چڙهي وئي. ان پيتي کي ٻاهر ڪڍي آيا ۽ آفيسر سيني گهر وارن کان پڇڻ لڳو ته هن ۾ ڇا آهي؟ ظاهر آهي ته ان جو جواب ڪنهن به گهر جي پاتيءَ وٽ ڪونه هو. آئون انهن ڏينهن حيدرآباد ۾ هئس.

بلورن جي ڪري پيتي گهڻي وزندار هئي ۽ ڪوڪن سان چوڌاري بند هئي، ان ڪري هن کي وڌيڪ شڪ ٿيڻ لڳو ته هن ۾ ضرور ڪجهه آهي. مئجسٽريٽ، جيڪو ڇاپي دوران ساڻن گڏ هو، ان جي روبرو پيتي پڳائون ۽ بلور ڏسي ڏاڍا ششدر ۽ ڦڪا ٿيا.

ادا صديق کي ڪڙئي گنهور کان گرفتار ڪيائون ۽ ڪيس بدين ڪڍي ويا. هاري ڪانفرنس ٿيڻ کان پوءِ ڪيترن ئي ڏينهن تائين فوج، پوليس ۽ سول انتظاميا روز راهوڪي ايندي هئي. ڪڏهن اسٽيج جي ماپ پيا وٺندا هئا، ته ڪڏهن وري پنڊال واري جڳهه کي ڏورين سان پيا ماپيندا هئا، ته ڪڏهن وري ديگين پڇائڻ لاءِ ڪنيل چرن جي پيا سائيز وٺندا هئا ۽ ڳوٺ جا ماڻهو سڏي انهن کان آڏي پڇا ڪندا هئا ته هن هڪڙي ديگ پڇائڻ ۾ گهڻو وقت لڳندو ۽ هن سيني چرن تي هڪ ئي وقت ڪيترين ديگين پڇي سگهن ٿيون ۽ هڪ ديگ مان گهڻا ماڻهو کائي سگهن ٿا؟ وغيره.

ڇاپي دوران جيڪي هٿيار وغيره نڪتا، انهن جي ايف- آءِ- آر بابا ۽ ادا صديق تي داخل ڪئي وئي ۽ اهو ڪيس بدين ۾ اسپيشل ملٽري ڪورٽ ناهي ان کي هلائڻ لاءِ ڏنو ويو.

حيدرآباد جي سمري ملٽري ڪورٽ بابا کي هڪ ڪيس ۾ 9 مهينا سزا ڏني. هاري ڪنوينشن ڪرڻ جي ڏوهه ۾ بدين سمري ملٽري ڪورٽ ڪيترن ئي ڪارڪنن تي ڪيس هلايا ۽ انهن کي سزائون ڏنائون. شهيد فاضل کي بدين جي سمري ملٽري ڪورٽ هڪ سال قيد جي سزا، ٽيهه هزار ڏنڊ ۽ ٽيهن ڦٽڪن جي سزا ڏني وئي پر سندس خراب صحت سبب ميڊيڪل گرائونڊ تي ڪيس ڦٽڪا نه هنيا ويا.

پليجي صاحب کي هڪ سال قيد جي سزا ڏني وئي. حسين بخش

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ناريجو، ادريس ميراٽي، مٺو مهيري ۽ گل چانگ کي قيد جي سزا سان گڏ ڦٽڪن جون سزائون ٻه ڏنيون ويون. انهن چئني ڄڻن کي بدين شهر جي چوڪ تي سرِعام -15 15 ڦٽڪا هنيا ويا. اسماعيل مهيري کي ٻه هڪ سال 15 ڦٽڪن جي سزا ڏني وئي پر سندس خراب صحت سبب ميڊيڪل گرائونڊ تي کيس ڦٽڪا نه هنيا ويا.

جنرل ضياءَ جي مارشل کان پوءِ سڄي ملڪ اندر اهي پهريان سياسي ڪارڪن هئا، جن کي ڦٽڪا هنيا ويا هئا. ڦٽڪن لڳڻ کانپوءِ انهن پنهنجي چوڏاري ٻيٽل هجوم کي فتح وڪٽري جو نشان (V) ڏيکاريو، جنهن تي اهڪارن کين بدين ڇانوڻيءَ ۾ ڪٽي وڃي وڏيڪ تشدد ڪيو هو. کين اتان کان حيدرآباد سينٽرل جيل منتقل ڪيو ويو.

بابا کي ٻه ڪجهه ڏينهن لاءِ بدين جي جڊيشل لاڪ اپ تي ڪٽي آيا هئا. جتي اڳيئي ادا صديق کي ٻه رکيو هئائون. بدين ۾ هونئن سمري ملٽري ڪورٽ قائم هئي، جنهن جو جج ميجر هوندو هو، جيڪو ضلعي جو سب مارشل لا ائڊمنسٽريٽر (S.M.L.A.) ٻه هوندو هو. بابا ۽ ادا صديق تي لائسنس شده هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ جيڪو ڪيس داخل ڪيو ويو. ان لاءِ اسپيشل ملٽري ڪورٽ قائم ڪئي وئي. جنهن ۾ هڪ ڪرنل، هڪ ڪيپٽن ۽ هڪ ميجسٽريٽ هوندو هو، جيڪو مختيارڪار هو.

شروعاتي ڪجهه تاريخن تي بابا ۽ ادا صديق کي بدين جي جڊيشل لاڪ اپ کان (جيڪو پرائي ٽائي جي پاسي ۾ هوندو هو) اريگشن بنگلو ۾ قائم ملٽري ڪورٽ تائين هٿڪڙيون هڻي وچ بازار مان پيدل وٺي ويندا هئا. جڏهن هو ٻئي، هٿڪڙين سان بازار مان گذرندا هئا، ته پوري بازار جا ٻئي پاسا ماڻهن جا انبوهه گڏ ٿي ويندا هئا ۽ ماڻهن ۾ سخت تاءُ هوندو هو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ٻنهي کي حيدرآباد سينٽرل جيل شفٽ ڪيو ويو ۽ اتان تاريخ تي بدين وٺي ويندا هئا. جڏهن ڪيس هلڻ شروع ٿيو ته چوڏري لطيف ۽ پرتاب راءِ وڪيل ڪيس جي پيروي ڪندا هئا، اهي ٻئي بابا جا دوست هئا.

جڏهن آڪٽوبر 1979ع ۾ هاري ڪانفرنس ٿي هئي. ته ان کان گذريل مهيني، يعني سيپٽمبر ۾، لوڪل باڊيز جون اليڪشنون ٿيون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هيون. انهن اليڪشن ۾ ادا صديق يونين ڪائونسل ترائي جو ميمبر چونڊجي آيو هو ۽ جڏهن يونين ڪائونسلن جي چيئرمين جي چونڊ جو شيڊول آيو، تہ پاڻ حيدرآباد جيل ۾ هو. اتان ئي ڊي سي بدين کي، جيڪو ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر بہ هو، پنهنجي ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ لاءِ درخواست موڪليائين. اها درخواست ڪيس پليجي صاحب تيار ڪري ڏني هئي. جنهن درخواست منظور ڪندي پوليس کي حڪم ڪيو، تہ ڪيس اليڪشن واري ڏينهن تي پولنگ جي جڳهه يعني يونين ڪائونسل هيڊ ڪوارٽر تي پيش ڪيو وڃي. اليڪشن واري ڏينهن تي ڪيس حيدرآباد سينٽرل جيل کان پولنگ تي آندو ويو، جتي سڀني ميمبرن اتفاق راءِ سان ڪيس چيئرمين چونڊيو، جنهن تي ضلعي جي مارشل لا اختيارين کي سخت ڪاوڙ لڳي. بدين جي ايس ايم ايل اي، يونين ڪائونسل جي سڀني ميمبرن کي پاڻ وٽ گهرائي کين سخت چنڊ ڪڍي ۽ چيائين تہ ”تم لوگ مسلمان نهين هو، يا پوري يونين کي لوگ ڪميونسٽ هو گئي هو جو اس ڪميونسٽ ڪو چيئرمين منتخب ڪيا هي؟“

جڏهن بدين جي اسپيشل ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس هلي رهيو هو تہ وڪيلن يعني چوڌري لطيف ۽ پرتاب راءِ کي بدين پهچائڻ جي ذميواري منهنجي ۽ مير مظهر ٽالپر جي هوندي هئي. اسين هر شنوائيءَ واري ڏينهن تي صبح جو سويري حيدرآباد کان وڪيلن کي کڻي بدين ويندا هئاسين ۽ شام جو واپس حيدرآباد وڃي ايندا هئاسين. گاڏي مير مظهر هلائيندو هو. بابا ۽ ادا صديق کي بہ پوليس هر شنوائيءَ تي حيدرآباد کان بدين وڃي ايندي هئي ۽ شام جو واپس وڃي ويندي هئي.

جيڪڏهن تاريخ ٻئي ڏينهن تي رکبي هئي تہ ڪين بدين ۾ ئي رکندا هئا. پر گهٽو ڪري ائين نہ ٿيندو هو، لاڳيتي تاريخ ڪا ورلي ئي رکندا هئا. انهن ڏينهن حيدرآباد بدين روڊ تي، هوسڙي روڊ جي پاسي ۾ هڪڙي ڪالوني ٺهي رهي هئي، ان ڪالونيءَ کي عام طرح بهاري ڪالوني سڏيو ويندو هو ۽ چيو پئي ويو تہ ان ڪالونيءَ ۾ بهاري مهاجرن کي آباد ڪيو ويندو. حقيقت کان قطع نظر اهو عام چوڻ ۽ ٻڌڻ ۾ ايندو هو. هڪ ڀيري اسان يعني آئون، چوڌري لطيف، مير

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مظهر ۽ پرتاب راءِ جڏهن حيدرآباد کان بدين وڃي رهيا هئاسين، تہ ان ڪالونيءَ کي ڏسي چوڌري لطيف چيو، ”هيءَ ڪالوني فاضل جي لاءِ پيا ٺهرائين.“ اسان جي پڇڻ تي، تہ ڪيئن؟ جواب ۾ وراڻيو هئائين تہ ”فاضل جو ڳوٺ ڏانهن اچڻ وڃڻ جو گس هي آهي. هو جڏهن بہ هتان گذرندو تہ ڪالوني ڏسي جذباتي ٿي ويندو ۽ حڪومت جي خلاف بيان ٺوڪي ڇڏيندو. ٻئي ڏينهن وري اندر ڪري ڇڏيندس. ائين حڪومت فاضل صاحب مان واندي ٿيو ويٺي هوندي.“ هي ڪيس ڪافي ڊگهو هليو ۽ تقريباً نون ڏهن مهينن کان پوءِ وڃي فيصلو ٿيو هو.

هڪ ڏينهن تاريخ تان واپس حيدرآباد اچي رهيا هئاسين تہ چوڌري لطيف چيو، ”هاڻي تہ اچي وڃي ٿڪجي پيا آهيون، اڄ مون ڪرنل کي بہ چيو تہ توهين ڪيس جو فيصلو تہ ڪريو ڪونہ ٿا، هاڻي اسين رضا خوشيءَ سان توهان سان هڪڙي سوديبازي ڪريون ٿا. ان تي ڪرنل پڇيو، ڪهڙي؟ مون چيو تہ هڪڙو اوهين رکو، هڪڙو اسان کي ڏيو. هن کي ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪونہ آئي، پڇيائين، ڇا مطلب؟

”چيومانس تہ فاضل صاحب کي توهان ائين ڇڏيندا ڪونہ ۽ جيڪڏهن ڇڏيندا تہ بہ هن کي ٻاهر سڪ ڪونہ ايندو، وري ڦري گهري ايندو اوهان وٽ. ان ڪري هن کي توهان رکو ۽ صديق اسان جي حوالي ڪريو. ان تي ڪرنل ٺهڪ ڏنو.“ آخرڪار ڪورٽ ڪيس جو فيصلو ڏنو جنهن ۾ ادا صديق کي آزاد ڪيو ويو ۽ بابا کي ٻہ سال قيد بامشقت جي سزا ڏني وئي. ادا صديق کي سينٽرل جيل حيدرآباد مان آزاد ڪيو ويو، پر ڪيس هلڻ وارا نو مهينا هو جيل ۾ رهيو.

1983ع ۾ جڏهن ايم آر ڊي تحريڪ جي تياري لاءِ شهيد فاضل سچي سنڌ ۾ ايم آر ڊي جي تنظيم ڪرڻ ۽ عوام کي جدوجهد ۾ متحرڪ ڪرڻ لاءِ جلسا ۽ ڪارنر گڏجاڻيون ڪري رهيو هو، تڏهن ان سلسلي ۾ بدين ۾ بہ هڪ جلسي جو پروگرام رکيو ويو هو. اهو جلسو بدين ۾ مهراڻ چوڪ وٽ ريلوي گرائونڊ ۾ ٿيو، جنهن ۾ شهيد فاضل کان علاوه معراج محمد خان ۽ M.R.D جا ٻيا اڳواڻ بہ شريڪ ٿيا هئا. ان جلسي ۾ مون بہ تقرير ڪئي هئي. تڏهن تازو ئي M.R.D اعلان ڪيو هو، تہ ملڪ جا سڀ جمهوريت پسند بلدياتي نمائندا جمهوريت جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بحاليءَ لاءِ احتجاج طور استعفائون ڏين.

بدين جي ان جلسي ۾ ادا صديق (چيئرمين يونين ڪائونسل) چاچا مٺو ۽ چاچا پوڙهو (عبدالله) (ميمبر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل) ۽ بدين جي ٻين ڪيترن ئي چيئرمينن ۽ ميمبرن استعفا ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو. 14 آگسٽ 1983ع تي جيئن ئي M.R.D جي تحريڪ باقاعدگي سان شروع ٿي تہ هڪدم شهيد فاضل کي گرفتار ڪيو ويو. ادا صديق ان دوران روپوش ٿي ويو.

بابا ادا صديق جي روپوش رهڻ جي خلاف هو. هن جو خيال هو تہ صديق ڳوٺ رهي ۽ اتي جو ڪم ڪار سنڀالي، جيڪڏهن اهو ممڪن نہ آهي، تہ پلي گرفتاري ڏئي ڇڏي. ائين روپوش رهڻ مان ڪوبہ فائدو نہ آهي. پر ڪجھ پارٽي دوستن جو خيال هو تہ صديق جيڪڏهن هينئر گرفتار ٿيندو تہ پوءِ تڪڙو آزاد ڪونہ ٿيندو.

۽ ٻيو تہ هو روپوش رهي بہ علائقي جي پارٽي ڪارڪنن ۽ عوام کي جدوجهد لاءِ وڌيڪ متحرڪ ڪري سگهيو ٿي. ان کان علاوه ساٿين جو اهو بہ خيال هو، تہ معاملي جي گرمي ڪجھ گهٽ ٿئي تہ پوءِ هو وڃي ڳوٺ راڄ ۽ ٻني ٻاري جي ڪم ڪار جي بہ ڪري.

انهن ڏينهن ۾ ادا صديق جي گرفتاريءَ لاءِ حڪومت تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. هن اهو سمجهيو ٿي، تہ شايد فاضل راهو جي گرفتاريءَ کانپوءِ ۽ عوامي تحريڪ ڀاران ايم آر ڊي جي تحريڪ کي جاري رکڻ ۾ صديق راهو جو هٿ آهي. ان ڪري هن جي گرفتاريءَ لاءِ هڪ ڀيرو ٻيهر فوج راهوڪيءَ تي چاڙهو هنيو. فوجي اٽالن رات جو 8-00 وڳي پوري ڳوٺ جو گهيرو ڪيو. اوطاق جي پاسي ۾ ماما حاجي مامون جو دڪان هو، ان وقت ڳوٺ جا ڪجھ همراه اتي ڪچهري ڪري رهيا هئا ۽ مٺو مهيري ڪين منشيءَ ابراهيم جو گيت ٻڌائي رهيو هو، تہ مٿان فوج اچي ڪڙڪي. آئون ان وقت گهر ۾ هئس. فوج ۽ پوليس پوري گهر جو گهيرو ڪري بنا ٻڌائڻ ۽ اطلاع جي اندر گهڙي آئي ۽ سڄي گهر جي تلاشي ورتائون. ادا صديق جو پڇيائون، تہ ڪٿي آهي؟ تمام سختي واري انداز ۾، مون کان نالو پڇيائون ۽ چيائون تہ فاضل راهو جو ڇا ٿئين؟ ڇا ڪندو آهين؟ مون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪين نالو ٻڌايو ۽ چيو تہ ”حيدرآباد ۾ پڙهندو آهيان.“ فوجي آفيسر مون کي چيو تون اسان سان ٻاهر هل. آئون هن سان گڏجي ٻاهر آيس.

ڪجھ فوجي گاڏيون ۽ پوليس موبائل اوطاق جي پاسي کان پوزيشن وٺي بيٺل هيون. جڏهن تہ گهٽيون گاڏيون مين روڊ تي بيهاري آيا هئا. هو مون کي وٺي سڌو اوطاق جي پاسي ۾ بيٺل گاڏين وٽ آيا. مون کي ان وقت ذهن ۾ اهو خيال هوءِ تہ ادا صديق جي بدلي ۾ مون کي ڪٽي ويندا.

فوجين ڳوٺ جي ماڻهن کي دڙڪو دهمان، مارڪُٽ ۽ ڪئي ۽ پڇيو، ”ٻڌايو تہ صديق راهو ڪٿي آهي؟“ هڪ همراه وڏيڪ مار کان بچڻ جي لاءِ اهو چئي جان ڇڏائي تہ هو حيدرآباد واري گهر تي هوندو. اتي فوجي پنهنجي گاڏيءَ جي ريڊيو سيٽ تان ڪنهن سان ڳالهايو. هو تمام آهستي ڳالهائي رهيو هو پر جيئن تہ آئون ان جي بلڪل پاسي ۾ بيٺو هئس، سو مون کي ڪجھ ڪجھ سمجھ ۾ آيو پئي تہ هو ڇا ڳالهائي رهيو هو. هن پنهنجي مٿئين آفيسر کي ٻڌايو تہ تارگيٽ نہ مليو آهي، ان جي بدران هن جو ننڍو ڀاءُ آهي، جيڪو ڇوڪرو آهي. ٽيليفون بند ڪرڻ کانپوءِ مون کي چيائين، تون پلي وڃ. ۽ پنهنجي پوري اٽالي کي گاڏين ۾ ويهڻ جو چئي روانا ٿي ويا.

اسان ۽ ڳوٺ جا ٻيا سڀ همراه اچي دڪان ۾ ويٺاسين، جتي چاچا مٺو ۽ مٺو مهيري وارا ويٺا هئا. اُتي ڪافي دير تائين ان ڇاپي تي تبصرو ۽ ٻوڳ چرچا ٿيندا رهيا.

ان ئي رات ادا صديق ڳوٺ اچڻ جي لاءِ دبيءَ کان خان محمد مهيريءَ وارن جي ڳوٺ آيو، جتان ڇاپي کان ڪجھ ڪلاڪ پوءِ ڳوٺ پهتو. مجيد مانجهند ۽ سائس گڏ هو. ڇاپي کان پوءِ مٺو مهيري جڏهن سندس ڳوٺ پهتو، تہ ادا صديق ڪجھ ئي وقت اڳ اُتان راهوڪيءَ لاءِ نڪري چڪو هو. جنهن کان پوءِ ڪنهن همراه کي شايد ماتليءَ روانو ڪيو ويو، تہ فون ڪري حيدرآباد ۾ ڇاپي جو اطلاع ڏئي ڇڏي.

آئون انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد رهندو هئس. منهنجي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتل هئي پر آئون يونيورسٽي گهٽ ويندو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هوس. جڏهن ايم آر ڊي جي تحريڪ هلي، بابا گرفتار ٿيو ۽ ادا صديق روپوش ٿيو، ته مٿان آڪٽوبر جي مهيني ۾ ڪمند ۽ سارين جي سيزن اچي وئي ۽ ڪم جو ٽائيم وڃي رهيو هو. بابا مون کي چيو ته جيستائين صديق جو مسئلو حل ٿئي، تون ڳوٺ وڃي رهه ۽ زمين جو ڪم ڪار سنڀال. تنهن ڪري آئون ڳوٺ گهٽو رهندو هئس. ائين 1980ع ۽ 1981ع ۾ به جڏهن بابا ۽ ادا ٻئي جيل ۾ هئا، ته وچ وچ ۾ ڪجهه ٽائيم زمين سنڀالڻ لاءِ ڳوٺ اچي رهندو هئس.

M.R.D جي تحريڪ جو اڀار ته ختم ٿي ويو هو، پر مارشل لا اختياريون ادا صديق جو پيچو چڏڻ لاءِ تيار نه هيون. ان دوران پري وارن علائقن ۾ ته هو هلندو پيو هو، پر بدين ضلعي ۽ اُن جي پسگردائي ۾ هن جي چُر پُر تقريباً محال هئي. ان دوران پاڻ ٻه ڀيرا بابا سان مچ جيل ۾ به ملاقات ڪري آيو هو.

اپريل 1984ع جي آخر ۾ آئون ڪنهن ڪم سبب حيدرآباد آيل هئس. 2 مئي تي صبح جو ڳوٺ وڃڻ جي لاءِ گهران نڪتس، اڃا ٻاهر نڪتو ئي هئس ته گهران ڪنهن چوڪري اچي مون کي ٻڌايو، ته هاڻي سول اسپتال مان فون آيو آهي ته ”ادا صديق جي گاڏيءَ جو ايڪسيڊنٽ ٿيو آهي، ڪيس ڏڪ لڳا آهن ۽ اسپتال ۾ آهي.“

آئون سڌو سول اسپتال جي ڪيئولٽي ۾ پهتس، جيڪا ان وقت سول اسپتال جي ٻاهرئين دوازي جي پاسي ۾ هوندي هئي ڪيس اڃا ڪيئولٽي ۾ ئي چيڪ ڪري رهيا هئا. ايڪسيڊنٽ ۾ ڪيس ڳل تي ۽ هڪ اک جي مٿان زخم آيا هئا ۽ هڪ ٽنگ جي هڏي ٽٽي پئي هئي. ٿوريءَ دير ۾ اسپتال ۾ تمام گهڻا دوست ۽ ساٿي گڏ ٿي ويا. سندس آپريشن ڪري زخمن کي ٽانڪا هنيا ويا. مُک مسئلو ٽنگ جي ٽٽڻ جو هو، جنهن لاءِ آرٿوپيڊڪ سرجن ٽنگ تي پٽو چاڙهيو. سندس زخم تيزيءَ سان پرجي رهيا هئا. ٽنگ جي لاءِ ڊاڪٽر چئي رهيا هئا ته ان ۾ وقت لڳندو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ڪيس هلڪو بخار رهڻ لڳو. سول اسپتال مان ڪيس راجپوتانا اسپتال شفٽ ڪيو ويو. بظاهر سندس طبيعت بلڪل ٺيڪ هئي. زخمن ۽ ٽنگ جي حالت تيزي سان سڌري رهي هئي. پر ڪيس اڃا به بخار جي شڪايت رهندي هئي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪا آهستي آهستي وڌڻ لڳي. پهريائين ڊاڪٽرن انفيڪشن سمجهي اينٽي بايوٽڪ دوائون ڪارايون پر اصل ۾ سندس جيري تي اثر ٿي پيو هو.

بابا ان وقت لانڊي جيل ۾ هو، اتان ان جو نياپو اچي چڪو هو ته صديق کي ڪراچي ڪٽي اچو جيئن ان جو علاج صحيح ٿي سگهي، پر ان وقت ڊاڪٽرن شفٽ ڪرڻ جي اجازت نه ڏني، ته هن پوزيشن ۾ نٿا ڪٽي وڃي سگهو. آخر سائي سب جيڪا پهريون دفعو ڪيس 1978ع ۾ صحافين جي تحريڪ ۾ تشدد سبب ٿي هئي، ان ڪانپوءِ ڪيس وقتن فوقتن اها تڪليف ٿيندي رهندي هئي ۽ هن ايڪسيڊنٽ جي ڏکن ڪانپوءِ جگر جي حالت اهڙي ٿي وئي جو 20 مئي 1984ع تي سندس انتقال ٿيو. اهو اطلاع اتان ئي اوڏي مهل لانڊي جيل ۾ ڳوٺ موڪليو ويو.

ادا صديق جي ان وقت عمر 28 سال هئي ۽ فقط ٻه سال اڳ سندس شادي ٿي هئي ۽ سوا سال اڳ سندس ننڍڙو ڊوالفقار ڄائو هو. ٻئي ڏينهن تي بابا کي لانڊي جيل مان پئرول تي راهوڪي وٺي آيا. جڏهن پاڻ پهتو، ته هزارين ماڻهو اُتي موجود هئا. پاڻ جيئن ئي پوليس موبائل مان هيٺ لٿو، ته پهرين ڪجهه نوجوان ساڻس روئندي گلي ملپا. انهن کي آڻت ڏيندي چيائين ته ”صديق اڪيلو منهنجو پٽ نه آهي پر توهان سڀ مون کي پٽن وانگر آهيو، روئڻ جي بلڪل ضرورت نه آهي!“ بابا کي 6-5 ڪلاڪن جي لاءِ آندو هئائون، تدفين وغيره ٿيڻ ڪانپوءِ وري واپس ڪيس لانڊي جيل وٺي ويا.

24/8/2001

ٻنپهرن جو اسلم ملاقات تي آيو، ساڻس حال احوال ٿيا. اُتان ٿي وارڊ تي آيس. ماني کائڻ کان پوءِ ڊاڪٽر خالد آيو، ساڻس ڪافي دير ڪچهري ٿيندي رهي. شام جو وري آفيس ويس، جتي ڊپٽي کي سپائي اسپتال وڃڻ جي لاءِ فردي ڪيرائڻ لاءِ چيم. وارڊ تي آيس ته شام جو اقبال عنايت جي چٺي ملي، جو ڪنهن ڪم لاءِ آيو هو. مون جواب لکي موڪليومانس.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صبح جو 9-00 وڳي اسپتال جي لاءِ نڪتاسين. جيل کان سول اسپتال لاءِ اڄ منهنجو پهريون وزٽ هو. اُتي M.S. جي آفيس ۾ پرزنرز سيڪشن ۾ ويٺاسين. اتان ڊاڪٽر يونس سومرو سان ملڻ لاءِ سندس واردِ ۾ وياسين ته هو ئي ڪونه، وري واپس ساڳي جڳهه تي آياسين. ڪجهه دير ۾ پٺي آيو ۽ شاهنواز به آيو. جنهن کان پوءِ ميڊيڪل واردِ ۾ چيڪ اپ ڪرائڻ کان پوءِ ويٺا هئاسين ته ڊاڪٽر ويرسي، ڊاڪٽر شامون آيا، جنهن کان پوءِ گهروارا ماني وغيره کڻي آيا.

4-30 وڳي جيل تي پهتاسين. 6-00 وڳي ڌاري ڪمري ۾ ڪجهه لکي رهيو هئس ته صديقي آيو. احوال ڪندي پڇيومانس ته يار! ڪٿي آهيو، ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ٿا اچو. چيائين ته سائين! ڊائري لکندو آهيان پر ڪجهه ڏينهن جي لکي ڪونه هُئم، سو اڄ پئي لکيم. پڇيومانس ته روز لکندو آهين يا ڪڏهن ڪڏهن؟ چيائين ته روز لکندو آهيان، توهان کي پڙهائيندس ۽ آئون اُها ڇپائيندس. پڇيومانس ته "ڪڏهن ڇپائيندين؟" ٿهڪ ڏئي چيائين، هيءَ حڪومت ختم ٿيندي ته پوءِ، تنهن کان اڳ ۾ نه ڇپائيندس. ان تي مون کي ياد اچي ويو، ته به ٿي ڏينهن اڳ ۾ ملاقات تي ڪچهري ڪندي اسلم مون کان پڇيو هو ته توهان ڊائري وغيره لکندا آهيو يا نه؟ ته مون ڇيومانس ٿورو گهٽو لکندو آهيان، پر جي اهو ڇپايون ته پنهنجو هتي رهڻ پڪو آهي.

رات جو ٻاهر وراندي ۾ ويٺا هئاسين، ته دائود خان اندر BBC ٻڌي رهيو هو. اندران ئي رڙيون ڪري ٻڌائڻ لڳو ته اڄ سنيون ڦڙڪيون ٿيون آهن. ائين چئي ٻاهر آيو ۽ ٻڌايائين ته شعيب خان تي ڪورٽ کان جيل ويندي حملو ٿيو آهي، ان ۾ ڪيس 3 گوليون لڳيون آهن ۽ چار پوليس وارا مري ويا آهن ۽ ٻيا ڪيترائي زخمي ٿيا آهن، ڪٿي ٻي هنڌ ٻڌايائين ته الائي ڪيترا ماڻهو مري ويا آهن.

مون پڇيومانس ته اوهان جو مزو ٿيو نه ٿيو!؟ چيائين، "اڄ مُردار ته ڳچ ٿيا آهن، پر مزو نه آيو، جو اهي خبرون 'نجم مهجور' نه ٻڌايون. اڄ الله ڄاڻي ڪيڏانهن هلي وئي.

دائود خان جي لاءِ هولناڪ ۽ ڀيانڪ خبرون جيتري تسڪين جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

باعث هونديون آهن، اوتروئي نعيم احمد مهجور جو آواز ڪيس لطف ڏيندو آهي. انهن ٻنهي مان ڪنهن به هڪ جي گهٽتائي هوندي، تہ ڪيس B.B.C. ٻڌڻ جو پورو مزو نہ ايندو آهي.

B.B.C. تي خبرن ٻڌائڻ واري نعيم کي دائود خان هميشہ "نجم مهجور" چوندو آهي. جيڪڏهن ڪير هن جو پورو نالو يعني "نعيم احمد مهجور" وٺندو آهي تہ ڪيس ڪاوڙ اچي ويندي آهي ۽ چوندو آهي تہ، اهو "احمد" خبر ناهي ڪير آهي؟ هوءَ فقط نجم مهجور آهي. فقير ۽ ذڪريا کي چوندو آهي، تہ اهو احمد وري اوهين ڪٿان ڪڍي آيا آهيو؟

هڪڙي ڏينهن ڪچهري ڪندي مون سندس ئي مخصوص لهجي ۾ ڪيس چيو تہ لالا پوءِ گڏجي ڪا دعا ڪريون، تہ اهو احمد به ڪنهن ڦڙڪيءَ ۾ مردار ٿي وڃي، تہ پوءِ ان نالي مان جند ڇُٽي.

آچر 26/8/2001

اڄ آچر جو ڏينهن هو. تيار ٿي اخبارون پئي پڙهيم تہ لچمڻ ۽ رب نواز هڳورو آيا. لچمڻ ٻڌايو تہ هڳورو صاحب جي ضمانت ٿي وئي آهي. ڪجهہ دير ڪانپوءِ قربان جتوئي ڏانهن ويا، جتان ٿوري دير کان پوءِ وري لچمڻ موٽي آيو. امداد ۽ صديقي به اچي ويا. تيستائين اسان ڪجهہ دير پتي راند، ڪاري جي راٽي (Hearts) کيڏياسين، جنهن کان پوءِ گڏجي ماني کاڌيسين.

27/8/2001

11-30 وڳي ماڙيءَ تان پرچي آئي. ويس تہ ڪجهہ همراه ملڻ جي لاءِ آيل هئا. ڪافي دير تائين انهن سان مختلف مسئلن تي ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي رهي. واپس وارد تي اچي ماني کاڌم. 2-30 وڳي ڏاري شاهنواز ملڻ لاءِ آيو. ان سان ملي وارد تان ڪجهہ ڪاغذ ڪٽي چيف ميڊيڪل آفيسر ڏانهن ويس، اتان 4-00 وڳي ماڙيءَ تي ويس، جتي اسلم ملاقات لاءِ آيل هو، ساڻس گڏ علي به هو. مٿان ڪاڪا پيرو، موهن، جيرام ۽ ڊاڪٽر شام به آيا. واپس وارد تي آيس تہ اتي ڊاڪٽر خالد آيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ساڻس گڏجي 7-00 وڳي 21 واردِ تي ويس، جتي وزير عباس کان سندس ضمانت جي خبر ونٽي هئي.

28/8/2001

اڄ ڪجھ ٽيسٽن جي لاءِ سول اسپتال وڃڻو هو. 10-30 وڳي گارڊ آيو. هونئن عموماً گارڊ 9-00، 9-30 وڳي اچي ويندو آهي. جيل کان ٻاهرين اسپتال وڃڻ ايترو آسان نہ هوندو آهي. سڀ کان پهرين تہ ڪنهن بہ بيماري جي سبب ڪري جيل جو ڊاڪٽر جڏهن 32 فارم جي رجسٽر ۾ لکي، تہ هن کي ٻاهرين اسپتال موڪلڻ ضروري آهي، تڏهن ئي توهان ٻاهر وڃي سگهو ٿا. جيڪڏهن مريض جي حالت ڪهڙي بہ هجي، پر جيڪڏهن سي ايم او ضروري نٿو سمجهي تہ ڪيس ٻاهر موڪلجي، تہ هو نٿو وڃي سگهي. جيڪڏهن سي ايم او 32 جي رجسٽر ۾ اهو لکي موڪلي، تہ قيدي مريض کي ٻاهرين اسپتال موڪلڻ ضروري آهي، تہ بہ اهو سڀ ڪجھ ڪافي نہ آهي. جيڪڏهن جيل انتظاميا ان تي فردي (Production order) نہ ڪڍي، تہ گارڊ نہ ايندو ۽ جيستائين گارڊ نہ ايندو، تيستائين مريض ٻاهر وڃي نہ سگهندو. جيڪڏهن جيل انتظاميا فردي نہ ڪڍي تہ ان کان ڪير بہ پڇڻ وارو نہ آهي، سواءِ ان جي تہ قيدي سيريس هجي ۽ خدانخواسط مري پوي تہ پوءِ انڪوائري ٿي سگهي ٿي، پر جيڪڏهن قيدي غريب ۽ لاوارث آهي تہ ڪجھ نہ ٿيندو آهي. جيل انتظاميا جي فردي ڪڍڻ کانپوءِ قيدي ڪورٽ پوليس جي ڪمپني ڪمانڊر جي رحم ڪرم تي آهي، جيڪڏهن اهو گارڊ نہ موڪلي تہ بہ وس وارو آهي.

گارڊ پهچڻ کانپوءِ آئون ۽ عثمان فاروقي اسپتال لاءِ نڪتاسين. شاهنواز ٻاهر جيل جي گيٽ تي بيٺل هو، اهو هتان ئي پوليس جي گاڏيءَ ۾ اسان سان گڏ چڙهيو. مون کي اها خبر هئي تہ عثمان فاروقي فقط هڪ ڪلاڪ جي لاءِ اسپتال ويندو آهي. سو پچيومانس تہ توهان کي گهٽي دير لڳندي، اسان کي وڌيڪ دير لڳي سگهي ٿي، جو منهنجون زياده ٽيسٽون آهن. چيائين تہ سائين! مون کي تہ ٿوري دير لڳندي. مون کي ڀلي گاڏي ڇڏي وري توهان لاءِ موٽي اچي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اسپتال پهتاسين تہ خدا بخش ميمڻ، سندس چوڪرو شايان ۽ پٽي اڳئي بيٺل هئا. پهرين .M.S آفيس جي پرزنر سيڪشن ۾ وياسين، جنهن جو انچارج ناصر بيگ آهي. اتان رت جي مختلف ٽيسٽن لاءِ ليب ۾ بلڊ ڏيڻ وياسين. اُتي ڊاڪٽر شامون، ڪاڪا پيرو، موهن، جيرام، علي احمد جوڪيو ۽ جان محمد به آيا. اتان ريڊيالاجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڊاڪٽر سڪندر علي قريشي جي آفيس ۾ وياسين. تمام قرب سان مليو، چيائين، توهان سان ملاقات ڪونهي پر توهانجو غائبانہ تعارف آهي. پاڻ ضلعي دادو جو آهي. ايڪسري، الٽرا سائونڊ ۽ .E.C.G ڪرائي واپس آفيس بلاڪ ۾ آياسين، جتي ناصر جي آفيس ۾ ويٺاسين، اسلم به اتي آيو.

5-00 وڳي اسپتال مان نڪتاسين تہ ناصر بيگ مون کي چيو تہ توهان کي تڪليف ڏيان ٿو، منهنجو پاءُ اتي اندر جيل ۾ آهي، هي گورين جا پيڪيٽ آهن، جيڪي هن کي ڏيڻا آهن، اُهو ڪنهن مريض کي ڏيندو. منهنجي پاءُ جو نالو مرزا آصف بيگ آهي، سيڪيورٽي 7 ۾ رهندو آهي.

آئون واپس وارڊ تي پهتس، تہ اتي لالو دائود، امداد، لالو يونس ۽ صديقي ويٺا هئا. ساڻن ڪجهہ دير ڪچهريءَ ۾ ويٺس. جنهن کان پوءِ مون مقدمہ موڪلي آصف بيگ کي گهرايو جنهن جو تعلق الطاف حسين جي ايم ڪيو ايم سان آهي. ان کي پاڻس جون ڏنل دوائون ڏنم ۽ پچيومانس تہ هتي ڪهڙي ڪيس ۾ آهين؟ چيائين تہ اقبال رعد جي خون جي ڪيس ۾ اجمل پهاڙي سان گڏ آهيان. چيومانس تہ ڪيس اي ٽي سي (A.T.C) ۾ آهي؟ تہ چيائين، نہ دسٽرڪٽ جج وٽ آهي، جيڪڏهن اي ٽي سي ۾ هجي ها تہ آئون گهٽا ڏينهن آزاد ٿي وڃان ها. مون چيومانس، ”اي ٽي سي تہ وڏيڪ ڏکيو آهي. اهي ڪورٽون گورنمينٽ جي اثر ۾ هونديون آهن. اتي تہ اوهان کي هيستائين سزا به ٿي وڃي ها!“ هن چيو، ”ڪراچيءَ ۾ جج اسان کي سزا ڪيئن ڏيندو. هي جج ڪيس هلائي ڪونہ ٿو. هُن ۾ ڪيس ختم ٿي وڃي ها.“ آصف اجازت ورتي، جنهن کان پوءِ وري امداد آيو. امداد جي آخري ڪيس ۾ ضمانت ٿيل هئي. هاڻي شورٽي به جمع ٿي وئي اٿس. ڪيس آزاد ٿيڻ کپندو هو، پر وري بئي ڪنهن ڪيس ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

روڪيو اٿن. جنهن ڪيس ۾ ڪيس روڪيو اٿن، ان ۾ اڳئي سندس ضمانت ٿيل آهي، پر جيل انتظاميا ڪورٽ کان پيهر (Intimation) حاصل ڪرڻ لاءِ لکيو آهي. شايد هڪ ٻن ڏينهن ۾ آزاد ٿي وڃي.

29/8/2001

11-30 وڳي ماڙيءَ تان پرچي آئي. ويس ته ملاقاتين کي سڏايائون. منو مهيري، صادق راجڙ، غلام محمد پٽي، الهه بخش ڪليار ۽ عمر شاهاڻي ملاقات جي لاءِ آيا. ڪجهه دير کان پوءِ صادق اجازت ورتي. ڪيس ڪنهن "تمام ضروري" ڪم سان ڪٽي وڃڻو هو، سندس "مهمان" ٻاهر سندس گاڏيءَ ۾ ئي انتظار ڪري رهيا هئا. منو ۽ عمر وارن سان چڱي دير ڪچهري ٿي. منو مهيري منهنجي لاءِ شيخ اياز جو ڪتاب "ڪٽي ته پيجبو ٿڪ مسافر" وٺي آيو هو.

ان ڏينهن جيل ۾ خبرين اخبار جو ضيا شاهد پنهجي ٽيم سان آيل هو، جنهن ۾ ڪراچيءَ جو ريزيڊنٽ ايڊيٽر محمد شبير، عباس ڏاهري، شڪيل نائچ ۽ ٻيا شامل هئا. جيل جي مختلف مسئلن تي سروي ڪرڻ لاءِ آيل هئا. آئون جيئن ملاقات ڪري هيٺ لٿس، ته هن جي پوري ٽيم جيل جو وزٽ ڪري هاڻي سامهون سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ ويٺي هئي. شبير ۽ شڪيل مون کي اندر ويهڻ لاءِ سڏيو ته اتي ضياشاهد ۽ ان جي ٽيم کان علاوه سپرنٽينڊنٽ، حاجي ايوب آفريدي، خان محمد مهر ۽ رئوف قادري ويٺل هئا. ٿوريءَ دير ۾ آءِ جي به آيو. I.G ۽ ضيا شاهد جي وچ ۾ جيل جي مختلف مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ٿي.

آئون ماڙيءَ تان سڌو 14 وارڊ ۾ آيس، جتي حاجي صاحب جي طبيعت معلوم ڪيم، جنهن کان پوءِ وري پنهنجي وارڊ تي آيس. 3-00 وڳي وري پرچي آئي. آئون ماڙيءَ لاءِ نڪتس ته فضل الله صديقي جيڪو ان وقت اسان جي وارڊ ۾ ويٺل هو، مون کي چيو، "آئون چوان، ته ڪڏهن ڪڏهن توهان واڪ به نه ڪندا آهيو، پوءِ به ٿلها ٿا ٿيو، سو رڳو انهن ملاقاتن جي ڪري، سجو ڏيهن ٿا ماڙيءَ ۽ پنهنجي وارڊ جي وچ ۾ هلڻ جي مشق ڪريو." فقير صاحب چوڻ لڳو ته "سائين! منهنجو مشورو آهي ته اوهين ماڙيءَ جي پاسي ۾ ڪا ڪولي ٺهرايو، جيئن انهن پنڌن کان ڇٽي پئو!"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

30/8/2001

اڄ 30-1 وڳي شهربانو وارا ملاقات تي آيا. واپس وارڊ تي آيس، جو ڪجهه مهمان مانيءَ تي اچڻا هئا. وري 00-3 وڳي ويس ته پٽي ۽ شاڪره وارا آيل هئا. 30-3 وڳي اقبال عنايت آيو. 30-4 وڳي هن کان واندو ٿي هيٺ ڪاڪي پيرو، سرمائيدار موهن، ڊاڪٽر شامون ۽ ٻين همراهن سان اچي ويٺس. اتان وري پهنجي وارڊ تي آيس.

اڄ شام جو جڏهن ٻاهر آئون، حاجي ايوب، خان محمد، فقير ۽ ذڪريا غني ڪرسين تي ويٺا هئاسين، ته ڳالهه ٻوله جو موضوع دائود خان هو، جنهن مان منهنجي وارڊ وارا همراه هاڻي ٿڪي پيا هئا ۽ اها شڪايت حاجي ايوب ۽ خان محمد کي پئي ڏنائون.

31/8/2001

اڄ صبح جو سول اسپتال ويجهو هو، جنهن لاءِ گاڏي 30-11 وڳي پهتي. ٻاهر پوليس گارڊ "ڪتا گاڏي" سميت آيل هو. شاهنواز جيل کان ٻاهران ئي گاڏيءَ ۾ اسان سان گڏ چڙهيو. اڄ مون کي ايندو اسڪوپي (Endo Scopy) ڪرائڻي هئي، جيڪا بلڪل نيراني ٿيندي آهي. 30-11 وڳي اسپتال پهتاسين ته ڊاڪٽر ويرسي پهرين آيل هو. شاهنواز ۽ اسان صلاح ڪئي ته ٽيسٽ اڄ نه ڪرائبي. ان لاءِ وري ٻي تاريخ ونڊاسين. آئون اتي ئي ناصر جي آفيس ۾ ويٺس. ڊاڪٽر ويرسي ۽ شاهنواز ڊاڪٽرن سان ڳالهائڻ ويا. ڪجهه بلڊ ٽيسٽون ٻيهر ٿيڻيون هيون. انهيءَ لاءِ پيٿالاجي وياسين. جتي ڊاڪٽر سريش ڪمار سان ملاقات ٿي. هو پيٿالاجي جو انچارج آهي. ٻڌايائين ته توهان سان، لياقت صاحب ۽ ڊاڪٽر ٻگهيي سان گڏ ملاقاتون ٿيل آهن. اتي ئي ويٺي ٻيو همراه اچي مليو، جنهن کي آئون نه پئي سڃاڻي سگهيس. مون کي ٻڌايائين، "آئون سڪندر علي شاه آهيان ۽ ڪسٽم ۾ انسپيڪٽر آهيان. غلام حسين ميمڻ جڏهن توهان جو پي آر او .P.R.O هوندو هو، تڏهن ان سان گڏجي توهان سان مليا هئاسين." ليبارٽريءَ مان وري ناصر جي آفيس ۾ اچي ويٺاسين. جنهن کان پوءِ گهروارا مانيءَ ٻيو سامان کڻي آيا. اسلم به آيو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر شامون ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيسو آيا.

چار بجي اسپتال مان نڪتاسين، شاهنواز مون سان ئي پوليس جي گاڏيءَ ۾ ويٺو ۽ جيل جي دروازي تان موڪلايائين. اقبال عنايت جيل ۾ ماڙيءَ تي ويٺو هو، ان سان حال احوال ڪري اسپتال ويس، جتي غلام حسين ميمڻ آيو هو. اتي سي ايم او فضل الاهي ميمڻ، لچمڻ ۽ الهڏنو ڏاهري به ويٺل هئا. 6-00 وڳي تائين انهن سان ڪچهري ٿيندي رهي، جنهن کان پوءِ پنهنجي وارڊ تي آيس. ان وقت دائود خان ۽ امداد ٻاهر اڳڻ تي ويٺا هئا ۽ ڪبوترن کي بند ڪرڻ جي تياري ٿي رهي هئي. دائود خان هن وارڊ ۾ ڪبوتر پالي رکيا آهن، جن جي لاءِ ڪُڏيون به ٺهيل آهن، انهن ۾ ٿلهي ڄاريءَ جون دريون ٺهيل آهن. ڪبوترن جو تعداد ٽيهه کن آهي. صبح جو انهن کي کولينداآهن ۽ سج لٿي جو بند ڪندا آهن. بند ڪرڻ وقت روز انهن جي ڳڻپ ٿيندي آهي، ته گهٽا ڪُٽا ۽ وڌيا، اهو ڪم دائود خان، مقدم ۽ ڪو برداشتي گڏجي ڪندا آهن. آئون ڪين چوندو آهيان ته اسان جو ٿوٽل جيل وارا ڪندا آهن ۽ توهين وري ڪبوترن جو ٿوٽل ڪندا آهيو.

اڄ رات جو آئون ٻاهر ڪونه نڪتو هئس، ڪجهه پڙهي رهيو هئس، ته 45-7 وڳي حاجي ايوب آفريدي ڪمري ۾ آيو، ٿوريءَ دير کانپوءِ خان محمد مهر به آيو. انهن سان اسان جي ڪلاڪ کن ڪچهري ٿي.

1/9/2001

30-2 وڳي ماڙيءَ تي ويس ته اورنگزيب پنهور ملاقات لاءِ آيل هو. اتان ٿي پنهنجي وارڊ تي آيس. 00-4 وڳي اسلم ملڻ لاءِ آيو. اتي فيصل سان به ملاقات ٿي. ڊاڪٽر شامون به آيل هو ۽ لچمڻ به آيو. 00-6 وڳي تائين اُتي هئاسين. 30-7 وڳي پنهنجي وارڊ کان ٻاهر ويس. حاجي ايوب، خان محمد ۽ لالو دائود ٻاهر بيٺل هئا. ٿوري دير کانپوءِ دائود خان چيو ته آئون وڃان ٿو، مون کي B.B.C. ضرور ٻڌڻي آهي. مون پڇيومانس ته ڇا ڪا خاص خبر اچڻي آهي؟ چيائين، ضرور ڪو ڏک ٿيندو. هينئر جڏهن دائود خان اندر B.B.C ٻڌي رهيو آهي ته مون کي ٻڌائي پيو: اڄ هڪڙي کي ڪراچيءَ ۾ ڦڙڪائي ڇڏيائون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون پڇيومانس، ڪير ماريو؟ چيائين، ڪو رضوي آهي ۽ ٻہ ٽي ٻيا بہ دزڪا ٽيا آهن.

آچر 2/9/2001

اڄ پنهنجي وارڊ تي ئي رهيس. ٻنپهرن جو ڊاڪٽر خالد ۽ وزير عباس جو نياپو آيو، تہ اسان جي لاءِ پرچي موڪليو تہ اسان توهان ڏانهن اچون. مون پرچي ناهي پنهنجي مقدم کي ڏني تہ هن کي وٺي اچ. جيل ۾ ڪڏهن ايتري سختي ٿي ويندي آهي جو هڪ وارڊ جا قيدي ٻي ۾ نہ وڃي سگهندا آهن ان لاءِ جيل انتظاميہ ڪان پرچي وٺي پوندي آهي. تنهن ڪان اڳ ۾ لچمڻ، امداد، فقير، صديقي، دائود خان ۽ آئون ڪچهري ڪري رهيا هئاسين. ڪجهہ وقت ۾ وزير عباس، ڊاڪٽر خالد ۽ بدر بچائي آيا. ٿوري دير ۾ بچائي اجازت ورتي. اسان سيني گڏجي ماني کاڌي. 4-00 وڳي ڊاڪٽر خالد ۽ آغا موڪلايو.

ٿوري دير ۾ ابوبڪر جت آيو. جنهن پنهنجي ڪاوڙ ذڪريا غني تي ڇنڊي. ابوبڪر کي احتساب عدالت پاران ست سال سزا آيل آهي. جيڪا معافيون ملائي تقريباً پوري ٿي چڪي آهي. پهرين تہ 18 آگسٽ تي آزاد ٿيڻو هو. پر وري ٻہ مهينا سزا بچي پيس. هاڻي همراهہ جهڙو ٻاهر نڪتو ويٺو آهي. سندس هڪ پير اندر آهي تہ ٻيو ٻاهر!

3/9/2001

اڄ صبح جو مون کي جناح اسپتال وڃڻو هو. 10-30 وڳي سپرنٽينڊنٽ گهرائي ٻڌايو، "توهان جو گارڊ نہ اچي سگهيو آهي. آئون ڪوشش ڪريان ٿو تہ اچي وڃي." پاڻ ڪورٽ پوليس جي ايس پي سان ڳالهايائين، جنهن چيس، گارڊ سپاڻي ايندو. مون کي ٻڌايائين تہ سپاڻي گارڊ ايندو ۽ توهان کي موڪلينداسين. چيومانس، توهان جي مرضي. هونئن تہ جيڪڏهن اسپتال وڃڻو هجي تہ جيل وارا وڏي ٿوري سان فردي ڪڍندا آهن، پوءِ گارڊ اچي نہ اچي، انهن جي مٿي جو سور نہ آهي. پر جيئن تہ هينئر ڪورٽ هن کي لکيو آهي، تہ منهنجو علاج جناح اسپتال (J.P.M.C) ۾ ڪرايو وڃي، تنهن ڪري اڄ مون کان جيل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وارن کي تڪڙ گهٽي هئي، تہ جيئن هو پاڻ تان لاهي اسپتال وارن تي وجهن.

12-30 وڳي ڌاري ماڙيءَ تان پرچي آئي. ويس تہ ڪجھ مهمان ملڻ لاءِ آيل هئا. انهن کان ملي فارغ ٿيس، تہ غلام علي نظاماڻي آيو، جنهن کان پوءِ پٽي ۽ اقبال عنايت آيا. واپس وارڊ تي اچي ماني کاڌم. وري ماڙيءَ تان پرچي آئي. ويس تہ اسلم، نويد ڪاڇيلو، عثمان خان عالماڻي، علي ۽ ٻيا همراھ آيل هئا. لچمڻ ۽ ان جا ملاقاتي بہ هئا. ڪجھ دير ۾ عثمان خان ۽ نويد اجازت ورتي. اتي ويٺي ئي ڪاڪو پيرو، دولو ۽ ٻيا همراھ آيا، جن ٻڌايو، تہ لچمڻ جي ضمانت ٿي وئي آهي. ٻين همراهن موڪلايو، باقي اسلم ۽ علي ويٺا رهيا.

ٿوري وقت ۾ پڦي مريم،حسنہ، فرزانہ ۽ ڏاڏا وارا آيا. پڦيءَ جي مون کي طبيعت صحيح نہ لڳي رهي هئي. پاڻ ٻڌايائين تہ ڊاڪٽر کي ڏيکاريو اٿس ۽ ٽيسٽون وغيره بہ ٿيون آهن ۽ ڊاڪٽر چيو آهي تہ ڪا خطري جهڙي ڳالھ ڪونهي. حسنہ ٻڌايو، تہ هوءَ حيدرآباد ئي رهي ٿي، مرتضيٰ جي خيرپور بدلي ٿي وئي آهي. پڦي وارا ڪجھ دير تائين ويٺا، جنهن کان پوءِ سيني موڪلايو.

آئون سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ آيس، جنهن کان جناح اسپتال وڃڻ جو پروگرام سپاڻي جي بجاءِ پرهين ڪرايم. وارڊ تي اچي اڌ ڪلاڪ لاءِ سمهي رهيس. ٿوري دير کان پوءِ صديقي آيو، انهيءَ کي چيم تنهنجي وارڊ تي هلون ٿا، قربان جتوئي کي مبارڪ ڏيڻي آهي. قربان جتوئي نيب جي جوابدارن مان پهريون ماڻهو هو، جهن کي ضمانت ملي هئي. ان کان اڳ ۾ آصف بيگ ۽ سائين غوث علي شاھ جون ضمانتون ٿي چڪيون آهن، پر انهن جي ضمانت جي نوعيت ٿوري مختلف هئي. غوث علي شاھ جي ضمانت طبي بنيادن تي هئي ۽ آصف بيگ تي اڃا ريفرنس داخل ئي ڪونہ ٿي سگهيو هو. قربان جتوئي جي ضمانت جي خبر نيب جي سيني قيدين جي لاءِ خوشيءَ جو سبب هئي ۽ سيني ان کي سٺو سوڻ ٿي سمجهيو.

قربان جتوئي ۽ صديقي 18 وارڊ ۾ هڪ ئي کوليءَ ۾ رهن ٿا. 18 وارڊ جيڪو پوليس وارن جو آهي، هن کان سواءِ ٻيا سڀ قيدي پوليس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وارا آهن. ان وقت قربان جتوئي وارا 16 واردِ ۾ ويٺل هئا. اسان اتي وڃي ڪين مبارڪون ڏنيون. اتي الهڏنو ڏاهري، فقير وريامِ ۽ ٻيا همراهه به ويٺا هئا.

شام جو آئون ۽ امداد ٻاهر اڳڻ تي ڪرسيون رکي ويٺاسين. امداد سدائين مون کي چوندو آهي، ته توهان سان ڪچهري ڪرڻي آهي. سائس پروگرام سان هڪ به ڪچهري نه ٿي آهي، پر بنا پروگرام جي اڪثر سائس ڊگهيون ڪچهريون ٿيندڙيون رهنديون آهن. امداد کي چهه سال جيل ۾ ٿي چڪا آهن، ان کان اڳ ۾ به سادا پنج سال جيل ڪٽي چڪو آهي. سندس 40 سالن جي عمر مان بالغ جوانيءَ جا 12 سال قيد جي نظر ٿي چڪا آهن. امداد وانگر ڪيترائي سنڌي نوجوان آهن، جيڪي قومي جذبي سان ته سرشار آهن، پر انهن پنهنجي زندگي گذارڻ جي اهڙي واٽ منتخب ڪئي آهي، جيڪا شايد قومي جدوجهد ۽ قومي سڃاڻپ کي ته ڪوبه فائدو نه ڏئي سگهي، پر الٽو انهن جي پنهنجي زندگي، انهن جي خاندان ۽ انهن سان لاڳاپيل ٻين ماڻهن جي مستقبل کي به انڌيرن طرف ڪڍي وڃي ٿي. جنهن خطرناڪ رستي کي هو قوم جي آجپي جو رستو سمجهي کڻن ٿا، اهو رستو قوم جي آجپي جو سبب ته نٿو بڻجي، پر سندن ۽ سندن خاندان جي زنده رهڻ جا رستا به تنگ ڪري ڇڏي ٿو.

اسان جي نوجوان سياسي ڪارڪنن جو ڏوهن جي دنيا ۾ وڪوڙجي وڃڻ، وڏن قومي المين مان هڪ آهي. هونئن ته هن وقت ملڪ جون تقريبن سڀئي سياسي پارٽيون ساڳي صورتحال جو شڪار آهن ۽ ان قومي ڏوهه ۾ برابر جون شريڪ آهن، پر ان جو وڌ ۾ وڌ نقصان سنڌ کي ئي پهوچڻو پيو آهي.

اڄ پڇيءَ وارن کي ملاقات تي اهو ٻڌائي رهيو هئس، ته منهنجو واردِ به ان پرائي ليڊيز جيل جو حصو آهي، جنهن ۾ اوهان رهي ويون هيون. ليڊيز جيل. جيڪو جيل جي اندر هڪ ننڍو جيل هو. اڄ به ان جي اوچي ديوار جيل جي اندر ننڍڙي جيل جو ڏيک ڏئي ٿي. فرق اهو آهي ته اڳي هن کي فقط هڪ مين گيٽ هوندو هو، هاڻي ان ۾ جيترا واردِ آهن، اوترا ئي ننڍا لوهي دروازا آهن. ديوار مٿان ڪوٽ موقعي وانگر بجليءَ جون تارون وڇايل آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

واردِ 11، 12، 13، 14، 15، 16 ۽ 17 ليڊيز جيل جو ئي حصو هئا ۽ اڄ به هڪ ئي ديوار جي اندر آهن، انهن کي وچان پيون پٽيون ڏئي، وڏي ديوار مان الڳ دروازا ڏئي واردن جي ڌار ڌار شڪل قائم ڪئي وئي آهي. 1995ع ۾، جڏهن هن جيل جي پاسي ۾ ئي وومين جيل تيار ٿيو، ته هتان کان ليڊيز جيل اوڏانهن شفٽ ڪيو ويو.

4/9/2001

صبح جو 8-30 وڳي ٻار ۽ پٽي ملڻ آيا. 10-30 وڳي آئون واردِ تي موٽي آيس. ڪجهه وقت کان پوءِ هڪڙي پرچيءَ تي منهنجو ۽ فقير صاحب جو نالو آيو. ان وقت اسان تاش کيڏي رهيا هئاسين. مون همراهن کي چيو، ته جيل وارن وٽ ڪاغذ ڪٽي ويا آهن يا ملڻ وارو همراهه هڪڙوئي آهي. آئون ۽ وريام فقير ماڙيءَ تي وياسين، ته مٺي خان محمد مهر، علي اڪبر نظاماڻي ۽ خدا بخش راجڙ ويٺل هئا. انهن سان ڪچهريءَ ۾ ويٺا هئاسين، ته اسلم ۽ حمزو خان پليجو آيا. اسلم جلدي روانو ٿيو، جو ڪيس ڪنهن ڪم سان وڃڻو هو. ڪجهه وقت کان پوءِ علي اڪبر نظاماڻي ۽ خدا بخش راجڙ به موڪلايو، ان وقت سيٺ ڏرم، شاهنواز ۽ محمد رحيم ملڻ لاءِ پهتا.

ملاقات کان پوءِ آئون سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ آيس. هن چيو ته توهان کي سيٽي اسپتال موڪلينداسين. اتان ٿي عبدالرزاق عباسي وٽ اچي ويٺس، جنهن کان امداد جڪري جي ڪاغذن لاءِ پڇيم. عباسي امداد جي لاءِ پاڻ ئي ڪوشش وٺي رهيو آهي ته سندس انٽري ٿيل ڪيسن جي ڪورٽ مان جلد وضاحت (Clarification) اچي وڃي، جيئن همراهه تڪڙو ٻاهر وڃي سگهي.

شام جو مون صديقي، لچمڻ، لالي يونس، امداد ۽ دائود خان ٻاهر اگڻ تي ويهي ڪچهري ڪئي.

5/9/2001

اڄ اسپتال وڃڻو هو، پر گارڊ نه آيو. 12-00 وڳي سپرنٽينڊنٽ جي پرچي آئي. ويس ته مون کان پڇيائين، توهان اسپتال نه ويا؟ مون چيو ته گارڊ نه آيو، ان جي ڪري نه ويس. چيائين، آئون گارڊ گهرايان ٿو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون چيو، هاڻ دير ٿي وئي آهي، او پي ڊي O.P.D بند ٿي وئي هوندي، وري ٻئي ڪنهن ڏينهن تي وڃجو. هن ايس پي ڪورٽ پوليس کي فون ڪئي ۽ ڪيس منهنجي نالي چيائين ته هن کي اسپتال وڃڻو آهي، ڪورٽ اسان کي لکيو آهي ۽ هو گهڻو ٺيڪ نه آهي. سپاٽي اسان جي ذميواري ٿيندي، توهان گارڊ ضرور موڪليو. پوءِ مون کي چيائين ته اڌ ڪلاڪ ۾ توهان جو گارڊ اچي ويندو.

سپرنٽينڊنٽ فون تي ڳالهائي رهيو هو، ته سامهون هڪڙو همراه ويٺو هو، هن مون کان پڇيو، توهان اسماعيل راهو آهيو؟ منهنجي ها چوڻ سان مون سان اچي مليو ۽ تعارف ڪرايائين، ته آئون دارالقرآن جو ٽرسٽي آهيان، سمير نالو آهي. توهان هاڻ سگها ٿي ويا آهيو ۽ گنجا به ٿي ويا آهيو،ان ڪري مون توهان کي نه سڃاتو. توهان سان اڳ ۾ ملاقات آهي. منهنجي پڇڻ تي ٻڌايائين ته توهان سان 11-12 سال اڳ شعيب صديقي سان گڏ ملاقات ٿي هئي.

آئون سپرنٽينڊنٽ کي اهو چئي، ته اڌ ڪلاڪ ۾ وري اچان ٿو، وارڊ تي آيس. تقريباً مني ڪلاڪ کان پوءِ ماڙيءَ تي وڃي رهيو هئس ته رستي ۾ ئي همراه ٻڌايو ته توهان جو گارڊ آيو آهي. 1-00 وڳي اسپتال لاءِ نڪتاسين، 1-30 وڳي جناح اسپتال پهتاسين. اتي ائڊمنسٽريشن بلاڪ وٽ ڊاڪٽر خليل ۽ پٽي بيٺل هئا. ٿوري دير ۾ ڊاڪٽر ڪيمچند ۽ ڊاڪٽر تارا چند آيا ۽ شاهنواز به آيو. اتان اسان کي ميڊيڪل يونٽ ۾ موڪليائون، جتي اسلم، علي ۽ چاچا خالقڏنو به آيا. ميڊيڪل وارن ايمرجنسي موڪليو، اتان انهن انتهائي نگهداشت واري يونٽ (I.C.U) موڪليو. آءِ سي يو وارن جو خيال هو ته ائڊميشن کان سواءِ علاج نه ٿي سگهندو، پر پوليس چيو ته اسان کي جوابدار واپس ڪٽي جيل پهچائڻو آهي. ڇو ته هوم ڊپارٽمينٽ ۽ جيل انتظاميا جي اجازت کان سواءِ قيديءَ کي هتي رکي نٿا سگهون. ڊاڪٽر پنهنجي رپورٽ ناهي ڏني.

5-30 وڳي اسپتال کان نڪتاسين، ماڙيءَ تي پهتس ته ڊاڪٽر شام ۽ لچمڻ مليا. لچمڻ جو رليز آرڊر پهچي ويو هو. لچمڻ آزاد ٿيو ۽ موڪلائي ٻاهر نڪتو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

6/9/2001

اڄ صبح جو 00-11 وڳي ماڙيءَ تان پرچي آئي. ويس ته ماڙيءَ تي مهمان آيل هئا. ڏيڍ ڪلاڪ تائين ساڻن ڪچهري ٿيندي رهي. وري ٻنهرن جو ماڙيءَ تي آيس، ته اسلم، شاهنواز، محمد بخش نوتڪاڻي ۽ خميسو آيل هئا. شام جو ٻاهر حاجي ايوب ۽ خان محمد سان ڪچهري ٿي.

7/9/2001

00-12 وڳي ماڙيءَ تان پرچي آئي. اتي اقبال عنايت آيل هو. اتي ئي مون کي ڪنهن ٻڌايو، ته توهان جا مهمان مٿي ٻه ويٺا آهن. ويس ته پيو خواجه ۽ سندس ڀاءُ آيل هئا. شام جو الهڏنو ڏاهري، فقير، دائود خان ۽ مون ڪجهه ٽائيم پتا ڪيڏيا. شام جو حاجي ايوب ۽ خان محمد وارن وٽ ويٺو هئس، ته سپرنٽينڊنٽ جي مقدمه مون کي اچي ٻڌايو ته صاحب توهان وٽ اچڻ چاهي ٿو. ڪجهه وقت کان پوءِ آئون نڪتس ته سپرنٽينڊنٽ ٻاهر ئي مليو، وري گڏجي اچي 14 واردِ ۾ ويٺاسين.

شام جو بند ٿيڻ کان اڳ حاجي ايوب آفريدي ۽ خان محمد اسان جي واردِ تي آيا. ساڻن هڪ نئون همراه به گڏ هو. دائود خان کي ٻڌايائون ته توسان تنهنجو پاڙيسري ملائڻ لاءِ آيا آهيون. نئين همراه پنهنجو نالو بابو مختيار ٻڌايو ۽ ٻڌايائين ته هو جيلر آهي ۽ هاڻي حيدرآباد کان بدلي ٿي آيو آهي. مختيار، دائود خان کي سڃاتو پئي، پر دائود خان کيس نه پئي سڃاڻي سگهيو. مختيار جڏهن تفصيل ٻڌايس ته همراه گهڻا ويجها نڪري پيا. حاجي ايوب چيو ته هن کي هاڻي پاڙي جو ماڻهو ڪچهريءَ ۾ مليو آهي ته ڪجهه دماغ ٿڌو ٿيندس. بابو مختيار مون کان پنهجو تعارف پڇيو. جڏهن ٻڌايومانس ته ڪلي پيو ۽ حاجي ايوب ۽ خان محمد کي چيائين ته هي اوهان مون کي پاڙي ۾ ونيي آيا آهيو. مون کي ٻڌايائين ته فاضل صاحب سان منهنجو گهڻو تعلق رهيو آهي، هڪ ته حيدرآباد جيل جي حوالي سان، ٻيو حيدرآباد ۾ اوهان جي جڳهه جي ويجهو ئي اسان جي جڳهه هئي. خان محمد ۽ وريام فقير پريان ڳالهايو پئي. مون کان پڇيائين ته هي همراه ڪير آهي؟ ٻڌايومانس ته وريام فقير خاصخيلي آهي. پوءِ ٻڌايائين ته

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آئون هن کي بہ سڃاڻان ٿو، هي ڀٽي جي دور ۾ ڪجھ وقت هتي جيل ۾ هو.

8/9/2001

صبح 9-00 وڳي سپرنٽينڊنٽ وٽ ويس، جتان 11-00 وڳي وارڊ تي موٽي آيس. اتي لالي يونس، امداد، روشن کوسي سان ڪچهري ٿي ۽ ڪجھ ٽائيم پتا کيڏياسين ۽ گڏجي ماني کاڌيسين. اڄ فقير ۽ دائود خان تاريخ تي ويل هئا. 3-00 وڳي ماڙيءَ تي ويس. لڇمڻ، ڊاڪٽر شام ۽ اسلم آيل هئا. اُتان وارڊ تي آيس تہ علي حسن ۽ صديقي ويٺل هئا. شام جو 17 وارڊ تي ويس، جتي ڪجھ دوستن سان ڪچهري ٿي.

9/9/2001

اڄ ٻنپهرن جو ٻن همراهَن مانيءَ جي دعوت ڪئي هئي. هڪ جانو آرائين ۽ ٻيو حاجي ايوب ۽ خان محمد وٽ.1-30 وڳي، مون وريام فقير کي چيو تہ هلون ٿا جان محمد وارن وٽ، اتان حاضري ڀري پوءِ خان محمد وٽ هلنداسين. اسان ٻئي پهرين جانو آرائين جي وارڊ ۾ وياسين، جتان اڌ مني ڪلاڪ کان پوءِ اجازت وٺي 14 وارڊ ۾ آياسين، اتي ٻيا بہ ڏھ ٻارهن دوست آيل هئا. 3-30 وڳي پنهنجي وارڊ تي آياسين.

اڄ رات جو مون کي بخار ٿي پيو آهي. هلڪو بخار ڪالھ بہ ٿيو هو. ڪلھ تہ مون سمجهيو خير آهي، ائين بخار ٿي پيو هوندو، پر اڄ لڳي ٿو، تہ مليريا جو بخار آهي. ٻن ڏينهن کان ڊاڪٽر ميمڻ بہ اسپتال ۾ نہ اچي رهيو آهي، جو ان جي پنهنجي بہ طبيعت ٺيڪ نہ آهي.

10/9/2001

اڄ 12-30 وڳي ماڙيءَ تي ويس. اسلم ۽ شاهنواز آيل هئا. اتان ٿي وارڊ تي آيس، وري ڊاڪٽر فضل ميمڻ ڏانهن ويس. 4-00 وڳي ڀٽي ملاقات تي آيو. 6-00 وڳي وري سپرنٽينڊنٽ جي پرچي آئي. اُتي خان محمد ۽ ڊائريڪٽر حسن مهدي اڳ ۾ ئي ويٺل هئا. جتان 7-30 وڳي حاجي ايوب ڏانهن ويس. اتي خبر پئي تہ اڄ شام کان گئس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي سپلاءِ بند آهي.

اڄ سپاهي شبير سومرو وارڊ بند ڪرڻ لاءِ معمول جي وقت کان دير سان آيو. سبب پڇيومانس ته ٻڌايائين، ”گئس نه هجڻ ڪري حاجي صاحب وارن جي ماني نه ٺهي سگهي هئي، اها ٻاهران وٺڻ ويو هئس.“

اسان جي ماني هڪڙي ته گهران آئي هئي ۽ ٻي شام جو برداشتي ناهي رکي ويندا آهن. اڄ گئس نه هجڻ ڪري اها گرم نه ٿي سگهي. فياض ٿڌي ماني ٽيبل تي لڳائي. مون همراهن کي چيو، ته ڪجهه وقت انتظار ڪريون، ٿي سگهي ٿو، گئس اچي وڃي. همراهن کي بک لڳي هئي، سو ٿڌي ماني کاڌيسين. اسان ماني کائي بس ڪئي، ته گئس جي سپلاءِ به شروع ٿي وئي.

اڄ ڪلهه جيل ۾ جتي به ڪچهريءَ ۾ ويهبو آهي ته ”ڇا ٿيندو؟“ جو سوال گهٽو ڪري هر زبان تي هوندو آهي ۽ هر ماڻهو پنهنجي ذهن مطابق ان جو منطقي جواب ڏيندو آهي يا اُن تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندو آهي. اهو هڪ اهڙو سوال آهي، جيڪو نه رڳو اڄ ڪلهه جي حالتن ۾ پر اسان جو ملڪ هميشه ”ڇا ٿيندو؟“ ۽ ان جي پويان لڳل سواليه نشانيءَ واري صورتحال ۾ رهيو آهي. پنهنجي 54 سالن جي تاريخ ۾ شايد ئي ڪي اهڙا ٻه چار سال رهيا هجن، جن ۾ ملڪ سياسي عدم استحڪام جي ان مخمصي (Dilema) جو شڪار ٿيل نه هجي. هونئن ته جيل ۽ جيل کان ٻاهر سياست هر ڪچهريءَ جو موضوع هوندو آهي، پر هن وقت جيڪا سياسي صورتحال آهي يا آئيندي سال ملڪي سياست ۽ ڪنهن حد تائين ملڪ، جنهن اقتدار جي بظاهر تبديليءَ مان گذرڻ وارو آهي، اهو اڄ ڪلهه نه فقط ڪچهرين، پر قومي توڙي علائقائي اخبارن جي تجزيه نگارن جي لکڻين جو پڻ گرم عنوان بڻيل آهي. سو ٻن ٽن ڏينهن کان وني مون کي به دل ۾ پُور اچي پي ويو، ته ان موضوع تي پنهنجي اڻ گهڙئي ذهن مطابق قلم کي ڊوڙائي ڪي به ٽي ستون لکان، پر ڪڏهن وري همراهن سان ڪچهريءَ ۾ هوندا آهيون، يا وري همراهن سان تاش کيڏڻ لاءِ راندڪر ڪُٽل هوندو آهي، ته انهن سان راند ۾ ويهي رهندو آهيان. هونئن به جيڪو نپاڳ ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مزو آهي، اهو چڱي ڪم ۾ ڪٿي؟ تاش ۾ جيترو آساني ۽ مزي ۾ تائيم پاس ٿو ٿئي، اهو لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ ڪٿي ٿو ٿئي.

آئون جڏهن ڳوٺ جي همراهن کي راند ڪندي ڏسندو هئس تڏهن سوچيندو هئس، هن چورن کي ڪم ئي ڪونهي، سڄو ڏينهن ٿا هوٽلن ۽ دُڪانن تي ويهي پتا ڪٿي پنهنجو وقت برباد ڪن، وڏا نياڳا آهن هي ڪونه سڌرندا. واقعي تاش ڪُڏڻ ۾ وقت بنا احساس جي برباد ٿي ٿو وڃي. آئون همراهن کي چوندو آهيان، تہ يار جڏهن بہ راند ڪيون ٿا، تہ ماڻهو ڪم ڪان رهجيو وڃي.

وريام فقير چوندو آهي تہ "توهان جو گهڻو تائيم ملاقاتن ۾ هليو وڃي. ڪو آيو، ڪنهن وٽ ويا ۽ ڪجهہ لکڻ، پڙهڻ ۾ وقت گذريو وڃي. ذڪريا سڄو ڏينهن دارالقرآن حوالي، دائود خان برداشتين سان مغز ماريءَ ۾، آئون صبح جو ڪلاڪ ڪن اخبارون پڙهڻ ڪانپوءِ سڄو ڏينهن ڇا ڪريان؟" فضل الله صديقي پهرين راند نہ ڪندو هو، پہ ٿي پيرا همراهن ڇيو هئس پر انڪار ڪري ڇڏيو هئائين. ڇيائين، ٻيو هر ڪم ڪبو پر اهو نہ ڪبو. مون پڇيومانس تہ ڇو؟ ڇيائين، مون کي منع ٿيل آهي. پر هاڻي صديقي شوق سان راند ڪندو آهي. شايد پنهنجي مرشد کان مخصوص حالتن تحت اجازت ورتي هوندائين. جيل ۾ جن بہ قيدين وٽ ڪو ڪم ڪار يا وقت گذارڻ جو ڪوبہ ٻيو ذريعو نہ هوندو آهي تہ، پتا، شطرنج ۽ لوڊو انهن جي وندر جو بهترين ذريعو هوندا آهن، ان حد تائين جو چوڪين تي ويٺل پوليس وارا بہ قيدين سان گڏ انهن ئي راندين سان پنهنجو وقت گذاريندا آهن. آئون جڏهن بہ راند ڪندو آهيان، تہ پيس ڪوٽ (چوباز) کان وڌيڪ راند جو اصل مزو انهن ڪمينٽس ۾ هوندو آهي، جيڪي دائود خان اڪثر امداد جي لاءِ ڏيندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن وريام فقير وري صديقي جي لاءِ. مون سوچيو تہ اڄ ڪجهہ لکان، نہ تہ وريام فقير ٻيو نہ، تہ بہ اهو ضرور چوندو تہ، "ابا ڏٺان، راهو وارو رسالو پُورو ٿي ويو."

ايندڙ سال اليڪشن تائين ۽ ان کانپوءِ ملڪ جو سياسي منظر ڇا وڃي بيهندو ۽ ان جي شڪل ڇا هوندي، ان تان ڪي پردا گذريل 23 مهينن اندر کڄي چڪا آهن ۽ ڪي آهستي آهستي ايندڙ 13 مهينن ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪڇندا رهندا. نہ ان جي شڪل ڪلهہ واضح هئي ۽ نہ اڄ واضح آهي، پر گذريل 23 مهين دوران حڪمرانن جي ڪنيل قدمن ۽ آئيندي امڪاني ڪڇندڙ قدمن مان ان جو ڏنڌلو عڪس ڪنهن حد تائين واضح ٿي ويو آهي.

12 آڪٽوبر 1999ع تي جيڪو ڪجهہ ٿيو، اهو نہ ئي هن ملڪ جي تاريخ ۾ نئون ۽ ڇرڪائيندڙ واقعو هو ۽ نہ ئي هن ملڪ جي عوام لاءِ ڪا نئين ۽ تعجب خيز ڳالهہ هئي. ها البتہ پاڪستان جي مختصر تاريخ ۾ اهڙن ئي واقعن ۾ هڪ وڌيڪ باب جو اضافو ضرور هو. پاڪستان جي عوام لاءِ نہ جنرل پرويز مشرف جي حڪومت ڪا پهرين فوجي حڪومت آهي ۽ نہ ئي ڪو اهو پهريون واقعو آهي، جنهن ۾ ڪنهن جنرل يا ڪنهن ماتحت پنهنجي سربراه يا محسن جو تختو اونڌو ڪري ان کي پنهنجي انتقامي ڪاروائين جو شڪار بنايو هجي. ملڪي تاريخ اهڙن مثالن سان ڀري پئي آهي.

جنرل پرويز مشرف ميان نواز شريف سان اهوئي ڪيو، جيڪو ملڪ غلام محمد خواجہ ناظم الدين سان ڪيو، اسڪندر مرزا ملڪ غلام محمد سان، ايوب خان اسڪندر مرزا سان، يحيٰ خان ايوب خان سان، جنرل ضياالحق ذوالفقار علي ڀٽي سان ۽ فاروق لغاري بينظير ڀٽو سان ڪيو. پاڪستان تي سدائين اصل حڪمراني سول ۽ ملٽري بيورو ڪريسي ڪندي رهي آهي. ملڪ جي شروعاتي تاريخ ۾ ئي آهستي آهستي انهن اقتداري ايوانن ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون هيون.

پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ سُٽت ئي، قائد اعظم جي رحلت بعد، سياستدانن جي موقع پرستي ۽ اقتدار پرستي ملڪ جي سياسي بنيادن کي ڪوکلو ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ان وقت اقتدار ماڻيندڙ سياستدانن ۽ اقتدار جي لاءِ واجهائيندڙ سياستدانن پنهنجي اقتدار کي برقرار رکڻ يا حاصل ڪرڻ لاءِ پارٽي، جمهوري ادارن يا عوام تي پاڙڻ بجاءِ ڊرائنگ روم سياست، سازشن ۽ بيوروڪريسي تي انحصار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ووٽ ذريعي قائم ٿيل ملڪ کي سياسي حڪمران اڻن سالن تائين ڪوبہ آئين نہ ڏئي سگهيا. پاڪستان جي شروعاتي سالن ۾ ئي سياسي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حڪمرانن سياسي تنظيم، جمهوري ۽ ملڪي ادارن کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ بجاءِ انهن کي پنهنجي سياسي هوس پرستيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو. جڏهن سياسي حڪمرانن ملڪي بيوروڪريسي کي پنهنجي سياسي مفادن خاطر استعمال ڪرڻ شروع ڪيو، تڏهن انهن رياستي ادارن تي پنهنجي سياسي ڪمزوري ظاهر ڪري ڇڏي. پهرين ته بيورو ڪريسي سياستدانن جي مفادن جي تڪميل لاءِ استعمال ٿيندي رهي، پر آهستي آهستي حڪومت ۽ سياسي تنظيم ۾ بيوروڪريسي جو اثر رسوخ وڌندو ويو ۽ ڪجهه سالن جي اندر ئي اهو وقت اچي ويو جو بيورو ڪريسي سياستدانن کي پنهنجي آڱرين تي هلائڻ لڳي.

ملڪ غلام محمد ان ئي طاقتور بيورو ڪريسي جي نمائندي طور سامهون آيو، جيڪو نظام حيدرآباد دڪن جي مال خاني جي نگران مان ملڪ جي گورنر جنرل جي عهدي تي اچي پهتو ۽ لڳ پڳ چار سال پوري ملڪ جي اچي ۽ ڪاري جو ڏٺي رهيو. سندس حڪم ڪان سواءِ پڪي به پر نه هٽندو هو. اڌ رنگ جي مرض ۾ ورتل ان گورنر جنرل، جنهن جي ڳالهه به سندس ليڊي سيڪريٽري ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن کي سمجهه ۾ نه ايندي هئي، ان جي آڱرين جي اشاري تي ڪئين حڪومتون ڊهيون ۽ ٺهيون.

محمد علي بوگرهه، جيڪو آمريڪا ۾ سفير جا فرائض انجام ڏئي رهيو هو، ان کي اٺان ڪٿي اچي رات جي پيٽ ۾ وزير اعظم جي گاديءَ تي ويهاريو ويو. تنهن کان پوءِ چوڌري محمد علي جيڪو آڊٽ ائنڊ اڪائونٽ سروس آف انڊيا جو ملازم هو، ان کي وزير اعظم بنايو ويو، جنهن جي وقت ۾ ملڪ جي عوام کي ون يونٽ جو ڳٽ ڳچيءَ ۾ وڌو ويو. مٿان وري سون تي سهاڳ ٿي جنرل اسڪندر مرزا آيو، جنهن سياست ۾ فوج جي ڪردار کي زبردست هٿي ڏني ۽ سڌو سنئون فوج جي حڪمراني قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

12 آڪٽوبر 1999ع تي ٿيل واقعن تي جيڪڏهن ٿورڙي به نظر ڦيرائبي، ته اهو صاف نظر ايندو ته ان ڏينهن جيڪو ڪجهه به ٿيو، اهو فقط 12 آڪٽوبر جي تاريخ تي ٿيندڙ واقعن جو نتيجو ۽ ردعمل نه هو. ڇا جيڪڏهن جنرل پرويز مشرف کي ان ڏيهنهن تي وزير اعظم

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

برطرف نہ ڪري ها تہ اهو فوجي انقلاب نہ اچي ها؟

هاڻي اها ڳالهہ عالم آشڪار آهي، تہ ان ڏينهن تي جيڪو ڪجهہ ٿيو، اهو ان ڪان گهڻو اڳي بنجندڙ حڪمت عمليءَ جو ڊراپ سين هو. 12 آڪٽوبر تي ٿيندڙ واقعن ۾ ان جي پس منظر ۾ گهڻو اڳ بنجندڙ حڪمت عمليءَ جون جيڪڏهن ڏوريون سيرڻ شروع ڪبيون تہ انهن جو چيڙو گهٽ ۾ گهٽ گذريل ٻن ڏهائين ۾ ٿيندڙ سياسي اُٿل پٿل ۾ ان ۾ اسٽيبلشمينٽ جي ڪردار ۾ حڪمت عمليءَ جي چوڌاري گهمندو نظر ايندو. اسان جي ملڪ ۾ ڪڏهن بہ عوامي قيادت کي حڪمرانن قبول نہ ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن ڪن حالتن تحت عوامي قيادت کي اقتدار منتقل ڪيو بہ ويو، تہ اهو بہ انہ مڪمل ۽ لولو لنگڙو اقتدار آهي.

پهرئين ڏينهن کان وٺي ان جي خلاف سازشن جو سلسلو شروع ڪيو ويندو آهي. ايوب خان جي طويل آمريت جي نتيجي ۾ جيڪو سياسي بحران پيدا ٿيو ۽ جڏهن اصل طاقتن محسوس ڪيو تہ هاڻي ايوب خان جي چهري ۾ اقتدار کي بچائڻ ناممڪن آهي، تہ پنهنجي وقت جو فيلڊ مارشل جنرل جنهن جو نالو ۽ وزنائتي شخصيت ڏر ڏٺين جي اقتدار لاءِ 10 سالن تائين ڇتيءَ (Umbrella) جو ڪم ڏيندي رهي، پر جڏهن انهيءَ جي شخصيت انهن جي اقتدار لاءِ استحڪام ڏيڻ بجاءِ نقصانڪار ثابت ٿيڻ لڳي، تہ ان جو نعم البدل جنرل يحيٰ خان ٿي ويو ۽ معزول ٿيل صدر ۽ اڳئين فيلڊ مارشل جنرل، جنهن 11 سال پوري ملڪ تي تن تنها حڪمراني ڪئي هئي، تنهن کي آخري چند ڏينهن ايوان صدر ۾ رهڻ جي اجازت بہ نہ ڏني وئي ۽ ڪيس جنرل يحيٰ خان جي اسٽاف آفيسر جنرل پيرزاده ذريعي آگاهہ ڪيو ويو تہ سندس ايوان صدر ۾ موجودگي عوام ۾ اشتعال جو سبب بنجي سگهي ٿي، ان ڪري هڪدم ايوان صدر خالي ڪيو وڃي.

جنرل يحيٰ ۽ ان جا حواري آخر دم تائين بہ انهن سازشن ۾ مصروف رهيا، تہ ڪنهن بہ حالت ۾ اقتدار حقيقي عوامي نمائندن ڏانهن منتقل نہ ٿئي. جنرل يحيٰ، جيڪو محض چونڊون ڪرائي اقتدار عوامي نمائندن جي حوالي ڪرڻ لاءِ آيو هو، اهو مختلف بهانن ذريعي پوڻ ٻن سالن تائين چونڊون ڪرائڻ کان لنوائيندو رهيو ۽ ان دوران

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بيوروڪريسي جي مدد سان اهي سازشون ڪندو رهيو، تہ عوامي سياسي پارٽيون اليڪشن ڪٽي نہ سگهن، پر سندس نام نهاد حمايتي ۽ مدديافتہ اميدوار ڪامياب ماڻين تہ جيئن سندس شڪل ۾ اسٽيبلشمينٽ جو اقتدار قائم ۽ دائم رهي.

جڏهن ڊسمبر 1970ع ۾ پاڪستان جون بالغ راءِ دهي جي بنياد تي پهريون عام چونڊون ڪرايون ويون، تہ نتيجا حڪمرانن جي لاءِ حيران ڪندڙ ثابت ٿيا. مشرقي پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جي 169 سيٽن مان مجيب الرحمان جي عوامي ليگ 167 سيٽون ڪٽي آئي، جڏهن تہ مغربي پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جي 131 سيٽن مان ذوالفقار علي ڀٽو جي پاڪستان پيپلز پارٽي 81 سيٽون ڪٽي آئي ۽ جنرل يحيٰ کي پنهنجي اقتدار جو ڀيڙو ٻڏندو نظر اچڻ لڳو. جنرل يحيٰ ۽ انهي جي ٽيم پنهنجي ٻڏندڙ اقتدار کي بچائڻ جي لاءِ هٿوراڙيون هڻڻ شروع ڪري ڏنيون ۽ ان ۾ هو ان حد تائين اڳتي وڌي ويا، جو پنهنجي بادشاهت کي بچائڻ لاءِ پنهنجي هم وطن ۽ هم مذهب بنگالي عوام جو ايترو تہ قتل عام ڪيو، جو انهن جو خون پاڻي کان سستو وهڻ لڳو.

اسٽيبلشمينٽ اهو فيصلو ڪري چڏيو تہ اقتدار ڪنهن بہ صورت ۾ ملڪ جي مقبول اڳواڻن (Popular Leadership) جي حوالي نہ ڪيو ويندو. نيٺ ملڪ کي ٻہ اڌ ڪيو ويو. جڏهن ملڪ جي ٻارهن ڪروڙ عوام تي حڪمراني ڪرڻ جي ڪابہ صورت باقي نہ بچي تڏهن مغربي پاڪستان جي 5 ڪروڙ عوام تي پنهنجي بادشاهت قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ ست ڪروڙ بنگالين کي علحدگي جو رستو ڏيکاريو ويو. پاڪستان جي مقتدر قوتن کي ملڪ جي پيدائش کان ئي اهو احساس شدت سان هو، تہ ملڪ جي اندر جڏهن بہ عوامي جمهوري راج آيو تہ انهن جي لاءِ اقتدار تي پنهنجي بالادستي قائم رکڻ ناممڪن بنجي پوندو.

جيڪڏهن اوپر پاڪستان ۽ مغربي پاڪستان جا ننڍا صوبا پاڻ ۾ گڏجي پون ها تہ اسان جي ملڪ جي اسٽبلشمينٽ، جنهن جو گهڻو تعلق اسان جي هڪ صوبي سان آهي، ان کي ملڪ تي تاحيات حڪمراني ڪرڻ جو خواب ڪڏهن بہ پورو ٿيندي نظر نٿي آيو. جنهن جو اندازو رڳو ان ننڍي مثال مان لڳائي سگهجي ٿو، تہ جڏهن اپريل 1949ع ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪراچيءَ ۾ مسلم ليگ جي مرڪزي بادي جون اليڪشنون ٿي رهيون هيون، تہ ان ۾ چوڌري خليق الزمان کي چيف آرگنائيزر ۽ صدر چونڊيو ويو ۽ نائب صدر عبدالله باقي کي چونڊيو ويو. مٿئين ٻنهي رهنمائن جو تعلق بنگال يعني اوپر پاڪستان سان هو. هڪ هڪ جوائنٽ سيڪريٽري اوپر پاڪستان ۽ سنڌ مان کنيو ويو، سرحد جي يوسف خٽڪ کي سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو ۽ پنجاب جي واحد گڏيل نمائندي عبدالباري کي سيڪريٽري جنرل جي عهدي تي ڳري شڪست آئي. مسلم ليگ جي پوري بادي ۾ پنجاب کي ڪابہ نمائندگي نہ آئي.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اقتداري قوتن کان اها صورتحال گهڻو وقت ڏٺي نہ ٿي ۽ ڏيڍ سال جي اندر مهاجر عنصر کي استعمال ڪندي چوڌري خليق الزمان کان سازش ذريعي استعفيٰ ڏياري وئي ۽ وزير اعظم لياقت علي خان ملڪ، عوام ۽ پارٽيءَ جي مفادن ۾ پارٽيءَ جي صدارت جو بار بہ پنهنجي نازڪ ڪلهن تي کڻڻ جي تڪليف ڪرڻ جو اعلان فرمايو.

1971ع ۾ اوپر پاڪستان ۾ اسان جي پنهنجي عملن جي نتيجي ۾ باغي ٿيل بنگالين ۽ هندوستان هٿان، اسان جي ملڪ جي عسڪري قوت شڪست کائي چڪي هئي. ملڪ ٻہ ٽڪرا ٿيڻ کان پوءِ بچيل پاڪستان جي ڪامورا شاهي جي چيلهہ چپي ٿي چڪي هئي. قومي معيشت تباهہ ٿي چڪي هئي. ملڪ بين الاقوامي طور اڪيلائپ جو شڪار هو. ان وقت فقط ڪا عوامي طاقت ئي ٿي سگهي ٿي، جيڪا ملڪ کي ان خطرناڪ ڏٻڻ مان ٻاهر ڪڍي سگهي ٿي يا وري پٽ پيل مقتدر قوتن جي وجود جو وسيلو بنجي سگهي ٿي. بالادست قوتن کي اها چمڪ فقط ذوالفقار علي ڀٽو جي ڪرشماتي شخصيت ۾ ڏسڻ ۾ آئي، جنهن کي نيويارڪ مان سڏي اقتدار جي مسند تي ويهاريو ويو ۽ ان کي ملڪ جو پهريون سولين مارشل لا ائڊمنسٽريٽر هئڻ جو اعزاز بہ بخشيو ويو.

ان کان سواءِ هن وٽ ٻي ڪا چونڊ يا رستو بہ نہ هو. 1970ع ۽ 1971ع دوران ٽيندڙ ڪيترن ئي موقعن ۽ واقعن جي ڪار فرما ٿيڻ ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جو موقف اڪثريتي جمهوري قوتن بدران مقتدر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قوتن سان هم آهنگ رهيو. ذوالفقار علي ڀٽي جي شروعاتي دور ۾ ڪجھ سالن تائين اسٽيبلشمنٽ ڪمزور ۽ ڊبيل رهي ۽ ڀٽو انھن تي حاوي رهيو. پر آهستي آهستي اها پنھنجو پاڻ کي مضبوط ڪندي رهي ۽ ڀٽي جو گھيرو تنگ ٿيندو ويو.

1974ع ۾ سرحد ۽ بلوچستان ۾ چونڊيل حڪومت ختم ڪري، مري ۽ مينگل سردارن ۽ بلوچ قبيلن جي خلاف فوج ڪشي ڪئي وئي. جنرل ضياالحق جو ٽولو ذوالفقار علي ڀٽو جي لاءِ استعمال ٿي ٿيندو رهيو، پر آئيندي جي لاءِ پنھنجو رستو به صاف ڪندو رهيو. مارچ 1977ع جي عام چونڊن ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي ايتري مقبوليت هئي، جو هو سادي اڪثريت آرام سان کٽي اچي پئي سگھيو. پر انھن چونڊن ۾ ڀٽو حڪومت جي هٿان ايتريون ته ڌانڌليون ۽ زبردستي ڪرائي وئي. جو پاڪستان جي اليڪشني تاريخ ۾ انھيءَ جو مثال ملڻ محال آهي. پي اين اي P.N.A جي تحريڪ کي دبائڻ جي لاءِ ڀٽي فوج کي ميدان تي لاٿو. جيڪا بظاهر ته حڪومت سان هئي، پر اصل ۾ پي اين اي .P.N.A جي تحريڪ جا خالق ئي اهي اصل حڪمران قوتون ۽ آمريڪا هئا. ڀٽي تحريڪ کي دبائڻ لاءِ مخفي قوتن جي مشوري تي آئين ۾ ترميم ڪري جبري مارشل لا لڳائڻ جو بل قومي اسيمبليءَ مان پاس ڪرايو ۽ ائين خود ئي مڪمل مارشل لا جو رستو صاف ڪري ڏنو.

ذوالفقار علي ڀٽي جو وفادار، خادم ۽ پيارو جنرل ضياءُ الحق، جنھن کي، ڇھن جنرلن کان مٿي کڻي ڀٽي چيف آف آرمي اسٽاف بنايو هو، اهو ڀٽي کي برطرف ڪري ملڪ جو نئون سربراه ٿي ويٺو ۽ ڀٽو فقط (بروٽس تون به) جا لفظ ئي چئي سگھيو ٿي.

مسلسل عوامي دباءَ ۽ 1983ع جي ايم آر ڊي تحريڪ جي نتيجي ۾ جنرل ضيا ۽ ان جي ٽيم لاءِ اڪيلو حڪمراني ڪرڻ ناممڪن بنجي ويو، ته انھن اقتدار ۾ حصيداري (Power Sharing) جو فارمولو تيار ڪيو، جنھن تي 1985ع جي نام نھاد غيرجماعتي چونڊن ذريعي عمل ڪيو ويو، پر اصل اقتدار تي جنرل ضياء ئي قابض رهيو.

جڏهن 1980ع جي ڏهاڪي جي آخر ۾ افغان صورتحال ۾ ايندڙ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تبديليءَ جي نتيجي ۾ پاڪستان سان لاڳاپيل آمريڪي مفادن ۾ تبديلي آئي، ته نين حالتن ۾ جنرل ضياءَ جو ڪردار انهن جي لاءِ غيرضروري ٿي پيو. پهرين ته پاڪستاني حڪومت آمريڪي پاليسي جي مزاحمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي، پر نيٺ ڪيس آمريڪي مفادن اڳيان گوڏا کوڙڻا پيا.

مئي 1988ع ۾ اوجهڙي ڪئمپ وارو واقعو جڻ ان سلسلي جي ڪڙي هو. افغانستان ۾ سوويت يونين ۽ افغان حڪومت سان وڙهڻ لاءِ آمريڪا افغان مجاهدين کي پاڪستان ذريعي بي پناه هٿيار ۽ بارود ڏيندو رهيو هو. ان بارود جو ايترو ته سستو ۽ ڪلي عام وڪرو ٿيو، جو اهو نه رڳو پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهتو، پر ان جو ايران عراق جنگ ۾ به ڪلي عام استعمال ٿيو. ان دور ۾ هٿيارن، منشيات ۽ آمريڪي امداد جو ڏنڌو ايترو ته چوٽ چڙهيل هو، جو نه رڳو ڪيترائي افغاني پناهگير امير ٿيا، پر اُن وقت جنرل ضياءَ ۽ ان جي ڪجهه ساٿين جو شمار به ارب پتين ۾ ٿيڻ لڳو.

جنرل ضياءُالحق جي حياتيءَ ۾ آمريڪي رسالي ٽائيم پنهنجي هڪ شماري ۾ انڪشاف ڪيو، ته پاڪستاني انتظاميه جا ڪجهه اعليٰ عهديدار هٿيارن ۽ منشيات جي ناجائز ڪاروبار ذريعي ارب پتي ٿي ويا آهن. رسالي پنهنجي رپورٽ ۾ انهن جا نالا ڪٽي انهن کي دنيا جا امير ترين عهديدار لکيو ۽ انهن جي ملڪيتن جا تفصيل ڏنا. پاڪستاني حڪومت ٽائيم رسالي جي ان شماري جون ملڪ جي اندر آيل تمام ڪاپيون ضبط ڪري ڇڏيون ۽ ان تي پابندي مڙهي ڇڏي.

1988ع ۾ نين حالتن جي نين تقاضائن موجب آمريڪا ۽ ملڪي اسٽيبلشمينٽ جي لاءِ جنرل ضياءَ هڪ بوجهه کان وڌيڪ ڪجهه به نه هو. نيٺ يارهن سالن تائين ملڪ تي بدترين ڊڪٽيٽرشپ مڙهيندڙ ”مرد حق، مرد مؤمن ۽ امير المؤمنين“ کي الله کي پيارو ڪيو ويو.

جنرل ضياءُ الحق ته موڪلائي ويو پر انهي پنهنجي يارهن سالا دور ۾ جيڪو سياسي ڪلچر پئدا ڪيو، اهو زنده رهيو ۽ ان ئي فارمولا تحت گذريل يارهن سالن جي نيم جمهوري دور تي ملڪي اسٽيبلشمينٽ اصل حڪمراني ڪندي رهي. جڏهن 1988ع جون اليڪشنون ٿيون، ته

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چونڊ جي نتيجن ۾ بينظير ڀٽو جي پيپلز پارٽي ملڪ جي وڏي پارلياماني پارٽي ٿي سامهون آئي، پر ڪيس پارليامينٽ ۾ سادي اڪثريت به نصيب نه ٿي سگهي ۽ حڪومت ٺاهڻ لاءِ پي پي ڪي ٻين پارٽين ۽ گروپن تي ڀاڙڻو پيو. ان ڪان پوءِ به بينظير ڀٽو کي مشروط اقتدار جي آڇ ڪئي وئي، جيڪا هن خوشيءَ وچان ٻنهي هٿن سان قبول ڪئي.

هڪ ڳاله واضح هئي، ته ان وقت ملڪ جي مقتدر قوتن بينظير ڀٽو کي اقتدار خوشي سان نه، پر حالتن ۽ مصلحتن جي پيش نظر ڏنو هو، ڇو ته انهن وٽ انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه رستو نه هو ۽ ٻيو ته پي پي جي عوامي قوت کي به ٽوڙڻ جو اهوئي رستو هو. ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاسي ۽ جنرل ضياالحق جي يارهن ساله جبر ۽ تشدد جي نتيجي ۾ پي پي جي مقبوليت ۾ جيڪو زبردست اضافو ٿيو هو، ان ۾ جنرل ضيا جي حڪومت سيني ڪوشش جي باوجود به ڪا گهٽتائي آڻي نه سگهي هئي.

هاڻي اهوئي طريقو هو ته پي پي کي حڪومت ڏئي ان جي اثر کي گهٽايو وڃي. اصل قوتون ان وقت وڏي بحران جو شڪار ٿين ها جيڪڏهن بي نظير ڀٽو صبر کان ڪم وٺندي مشروط اقتدار وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏي ها، پر بينظير ڀٽو جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي چڪو هو. هوءَ 11 سال اقتداري قوتن سان مقابلو ڪندي ٿڪجي پئي هئي ۽ اُن وقت هُن جي منزل اقتدار هئي. چاهي اهو ڪهڙي به شرط تي ملي! ان جي لاءِ هن انهن قوتن ۽ فردن سان ٺاه ڪيو، جن جو ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت ۾ سڌي يا اڻ سڌي طرح هٿ سمجهيو ٿي ويو.

بهرحال 1988ع جي چونڊن کان پوءِ بينظير ڀٽو ۽ اصل حڪمران قوتن هڪ ٻئي کي مصلحتاً قبول ڪيو ۽ اقتدار ۾ حصيداري ڪئي وئي. جنهن جي نتيجي ۾ صدر، وزير اعظم ۽ چيف آف آرمي اسٽاف جي ٽرائيڪا نمودار ٿي، جيڪا پنهنجي پنهنجي حدن جي اندر حڪمراني ڪندي رهي. گذريل يارهن سالن وارو جمهوري دور در اصل ان ٽرئيڪا جي وچ ۾ اقتداري ڇڪتاڻ جو دور آهي ۽ ان ڇڪتاڻ ۾ اسٽبلشمينٽ مختلف وقتن تي پنهنجا مختلف ڪردار ادا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪندي رهي آهي. جڏهن بينظير پٽي جو پهريون دور آيو، تہ ان وقت اقتداري ساهمي ۾ بينظير جو پُڙ هلڪو ۽ جڏهن تہ سامهون وارو پُڙ ڳرو هو، ڇو جو وزير اعظم جي مقابلي ۾ ساهميءَ جي سامهون واري پڙ ۾ اقتداري ٽرائيڪا جي ٻن ڪردارن يعني صدر ۽ آرمي چيف جو وزن هو. سٽت ئي بينظير پٽو کي اهو احساس ٿيو هوندو تہ سندس ورتل مشروط اقتدار، جنهن ۾ هن ڪامورا شاهي جي مضبوط نمائندي غلام اسحاق خان کي صدر ۽ انين آئيني ترميم سميت جنرل ضياء جون تمام آئيني ترميمون قبول ڪيون هيون، گهٽو جٽادار ثابت نہ ٿيندو.

وڏي صوبي پنجاب ۽ بلوچستان جون حڪومتون بينظير پٽو جي هٿن مان نڪتل هيون ۽ آهستي آهستي حالتن ان طرف رخ ڪيو جو ٿوري ئي وقت ۾ وفاقي حڪومت بلڪل بيوس نظر اچڻ لڳي. پي پي پي جي طاقت جو بنيادي مرڪز سنڌ هو ۽ ان جي خلاف ميدان جنگ بہ سنڌ کي بنايو ويو. ان وقت P.P.P سياسي طرح اڪيلائپ جو شڪار ٿي چڪي هئي. آمريت جي دور ۾ جيڪي پارٽيون جمهوري جدوجهد ۾ پي پي جو ساٿ ڏينديون رهيون هيون، بينظير انهن مان هٿ ڪڍي چڪي هئي ۽ هاڻي سندس اقتدار اسٽيبلشمنٽ تي منحصر هو.

اندروني سنڌ جي اندر ڏاڙيلن ۽ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي اندر دهشتگردن جون جهڙوڪر متبادل حڪومتون قائم ٿي چڪيون هيون. عوام جنهن جمهوريت جي لاءِ ضيائي مارشل لا جو 11 سال مقابلو ڪيو هو ۽ قربانيون ڏنيون هيون، ان جو ايڏو پيمانڪ تصور ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو. بينظير پٽو اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ پنهنجو 11 سالہ جمهوري ڪردار يڪسر تبديل ڪري ڇڏيو ۽ ان ئي اسٽيبلشمنٽ جي هڪ اوزار بنجي وئي جنهنجي جي خلاف لڙائي جي هوءَ هڪ علامت (Symbol) بنجي چڪي هئي. ملڪ جي عوام کي جمهوريت جو ڪوبہ ثمر نصيب نہ ٿيو. سنڌ جو عوام تہ ان حد تائين بدظن ٿي ويو، جو هن حڪومت ۽ عوامي نمائندن کان نوڪريون، ترقياتي ڪم ۽ ٻين روزمره جي مسئلن جي حل جي گهر ڪرڻ ئي ڇڏي ڏني. سنڌ جي ٻهراڙين توڙي شهرن جي ماڻهن جي فقط هڪ ئي گهر وڃي بچي، تہ امن امان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿئي ۽ جان جي پناه ملي. جنهن پارٽي ۽ ليڊر جي مقبوليت ۾ جنرل ضياءُالحق جي يارهن سالن جون پاليسيون ڪابه ڪمي نه آڻي سگهيون، پنهنجي دور ۾ هڪ پي پي مان جنرل ضياء چار پيپلز پارٽيون ٺاهيون، پر اهي سڀ حربا، سندس تشدد، جبر ۽ لالچون، بينظير ڀٽو جي مقبوليت ۾ گهٽتائي جي بجاءِ اضافي جو سبب بنجنديون رهيون ۽ هن جي صحت تي ڪوبه اثر نه ڪري سگهيون، ان کي ملڪ جي مخفي قوتن پنهنجي نئين حڪمت عمليءَ تحت ناڪام حڪمران ۽ غيرمقبول اڳواڻ بنائي ڇڏيو ۽ فقط 18 مهينن جي اندر ڪيس اقتدار جي ڪرسيءَ تان هٽائي هيٺ اچلايو ويو، ته پوري ملڪ جي اندر ڪٿي به ڪنهن مزاحمت ۽ احتجاج جو ڪو ڏس پتو به نظر نه آيو.

پيو ته ٺهيو پر سنڌ، جيڪا پي پي پي جي قوت جو محور هئي، اتي به ڪنهن قسم جو احتجاج نه ٿيو. مرڪز ۽ صوبن ۾ نگران حڪومتون قائم ڪري، 1990ع جي اليڪشن ۾ پنهنجون من پسند اسيمبليون آڻڻ جي تياري شروع ڪئي وئي. چونڊن جي نتيجي ۾ مرڪز ۾ آءِ جي آءِ جي حڪومت قائم ٿي ۽ صوبن ۾ ڪٿي آءِ جي آءِ، ته ڪٿي مخلوط حڪومتون قائم ڪيون ويون.

1990ع جي چونڊن جي نتيجي ۾ جيڪو حڪومتي ڍانچو بيٺو، اهو اصل اقتداري قوتن جي لاءِ ڪنهن حد تائين مڪمل تسلي بخش هو. جو اقتدار جي ٽرائيڪا جا ٽيئي ڪردار انهن جا هئا يا انهن جا پيدا ڪيل هئا. حالانڪ پي پي پي جي حڪومت ڍاهڻ وقت سنڌجي متوقع ردعمل يا سنڌ ڪارڊ جي استعمال ٽيڻ جي عمل کي روڪڻ لاءِ نگران وزير اعظم جو عهدو سنڌ کي ئي ڏنو ويو. پر چونڊن کان پوءِ سڌو سنئون پنجاب جي نمائندي کي ملڪ جو جمهوري نمائندو بنائي، اقتدار جي مسند تي ويهاريو ويو.

ميان نواز شريف پنجاب جو پهريون نمائندو هو، جيڪو عام چونڊن جي نتيجي ۾ ملڪ جي وزير اعظم جي ڪرسيءَ تي پهتو هو. نواز شريف ملڪي اسٽيبلشمينٽ جي پيداوار هو ۽ انهن جي مدد سان ان منزل تائين پهتو هو. ميان نواز شريف ملڪ جو وزير اعظم ته بنجي چڪو هو پر ان جي لاءِ اصل اقتداري قوتن وٽ هڪ ٽاسڪ (Task)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ايا بہ رهيل هو، جيڪو وزير اعظم جي عهدي کان وڌيڪ اهم هو. خالي وزير اعظم جي عهدي جو تجربو تہ هو پهرين محمد خان جوڻيجو مرحوم لاءِ بہ ڪري چڪا هئا، جيڪو هُن لاءِ ڪو خاص لاڀائتو ثابت نہ ٿيو هو. يعني ميان نواز شريف کي وزير اعظم سان گڏوگڏ ملڪ جو مقبول اڳواڻ بہ بنائڻو هو. اهو اسٽبلشمينٽ جي آندل حڪومت جي جيابي لاءِ ان ڪري بہ ضروري هو، جو هڪ طويل جمهوري جدوجهد جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل هڪ مقبول اڳواڻ يعني بينظير ڀٽو جي حڪومت کي ختم ڪري پارليماني طريقي سان نواز شريف جي حڪومت کي آندو ويو هو.

ميان نواز شريف ڪجهہ اهڙيون پاليسيون متعارف ڪرايون، جيڪي سندس مقبوليت جو سبب بڻيون. ٻيلو ڪيب اسڪيم پوري ملڪ ۾ متعارف ڪرائي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ ۾ گهڻي بهتري آئي ۽ ڪيترن ئي بيروزگار ماڻهن جي گذر جو وسيلو پيدا ٿيو.

1992ع جي آيل بدترين برساتن جي نتيجي ۾ ٿيل تباهيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ جيڪا گهڻي مالي امداد ڏني وئي، ان جو عام ماڻهن تي تمام گهڻو مثبت اثر پيو. غريب ۽ مسڪين عورتن سان ٿيندڙ زيادتين جي نتيجي ۾ نواز شريف جو خود متاثرين وٽ پهچڻ ۽ انهن کي هر ممڪن انصاف ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ بہ سندس مثبت قدم هئا. ان کان علاوه سنڌ جي اندر ڌاڙيل راج ۽ دهشتگرديءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ سندس ڪرايل آپريشن کي تمام گهڻي مقبوليت حاصل ٿي. ڪچي جون زمينون هارين کي ڏيارڻ جي مهم بہ انهن مان هڪ هئي. اهي پاليسيون ناهڻ، انهن تي عمل ڪرڻ ۽ انهيءَ لاءِ وسيلا مهيا ڪري ڏيڻ، يقيناً انهيءَ سڄي عمل ۾ نواز شريف کي ملڪي بيوروڪريسي جي ڀرپور مدد حاصل رهي ۽ انهن اهو تاثر ڏيڻ چاهيو ٿي تہ بينظير، جيڪا ملڪ جي مقبول ليڊر هئي، ان جي حڪمرانيءَ کان وڌيڪ انهن جو آندل حڪمران، يعني نواز شريف، وڌيڪ فعال ۽ عوام جي خدمت ڪندڙ آهي.

اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ سان هن کي فوراً بہ فائدا ٿي رهيا هئا، هڪ تہ بينظير ڀٽو جي مقابلي ۾ ڪا ليڊرشپ پيدا ٿي سگهي ۽ پيو تہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

1990ع ۾ بينظير پٽو جي حڪومت ختم ڪرڻ جو جواز ملي ٿي سگهيو. ميان نواز شريف جي حوالي سان جن مٿئين پاليسين يا اسڪيمن جو مون ذڪر ڪيو آهي، انهن جا ڪي ٻيا منفي پهلو به ٿي سگهن ٿا، پر مون فقط انهن جو ذڪر عوام تي ٿيندڙ فوري اثر جي حوالي سان ڪيو آهي. اسان جو عام ماڻهو ڪنهن ڊگهي مدت واري حڪمت عمليءَ تحت ٿيندڙ فائدن کان بلڪل بي نياز آهي، پر ڪين ملندڙ فوري فائدو وڌيڪ متاثر ڪري ٿو. ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته ميان نواز شريف جي ملڪ جو وزير اعظم ٿيڻ کان اڳ ۽ وزير اعظم ٿيڻ کان پوءِ سندس حڪومت جي ڪجهه عرصي تائين اسٽيبلشمينٽ ئي سندس پذيرائي ۽ قدڪاٺ وڌائڻ (Projection) جو سبب رهي. پر ان ۾ نواز شريف جي پنهنجي محنت، سرگرمي ۽ لاڳيتو تحرڪ ۾ رهڻ جو به گهڻو عمل دخل هو. نواز شريف جي اقتدار جي ٿوري ئي وقت کانپوءِ ٽرائيڪا جي ٽنهي ڪردارن، يعني ميان نواز شريف، غلام اسحاق خان ۽ آصف نواز جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيڻ شروع ٿي ويا.

ميان نواز شريف، جنهن کي ملڪي طاقتون پنهنجو نمائندو سمجهي کڻي آيون هيون، اهو آهستي آهستي انهن جي گهيري مان نڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي مرضي ۽ منشا مطابق فيصلا ڪرڻ لڳو. جيڪا ڳاله ملڪي طاقتن جي لاءِ يقيناً اٿوٽندڙ هئي. ان ئي دوران ڪن ملڪي ادارن مستقبل جو نئون سياسي منظر ناهڻ جي لاءِ ڪم شروع ڪري ڇڏيو. ملڪ جي اندر آئيندي چونڊون ڪرائڻ ته اسٽيبلشمنٽ جي لاءِ ڪو مسئلو نه هو پر اصل ٽارگيٽ چونڊن جا گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ هو، ته جيئن هڪ ڀيرو ٻيهر صوبن ۽ مرڪز ۾ پنهنجون من پسند حڪومتون آڻي سگهجن.

اسٽيبلشمنٽ جا مختلف ادارا ان تي تمام تيزيءَ سان ڪم ڪري رهيا هئا. ته جيئن ئي پنهنجي پسند جون اسيمبليون آڻڻ جي لاءِ حالات ساز گار ٿين، ته هڪدم نيون اليڪشنون ڪرايون وڃن. ان وقت اها حڪمت عملي بنائي وئي ته اليڪشن جا نتيجا اهڙا اچڻ کپن جو ڪابه پارٽي يا ڪوبه گروپ اڪثريت ۾ نه اچي، بلڪ ڪوبه گهڻيون سيٽون کڻي نه اچي ۽ مڪمل ورهايل مئنڊيٽ اچي، جيئن اصل قوتون پنهنجي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مرضيءَ سان اقتدار جي ايوان ۾ حڪومت جي جوڙجڪ ڪري سگهن ۽ چونڊيل وزير اعظم پنهنجي حڪومت هلائڻ لاءِ انهن ننڍن ننڍن گروپن جو محتاج رهي، جن جي واڳ ڏور اصل ڏٽين جي هٿ ۾ هجي. اصل قوتن ان يقين سان چونڊن جي ميدان ۾ وڃڻ چاهيو ٿي، ته جيئن بينظير پٽو ۽ ميان نواز شريف کي ٻيهر چونڊجڻ جو موقعو نه ملي سگهي.

اصل ڏٽين جي خيال ۾ ته پي پي جي زور کي سنڌ جي اندر مرحوم ڄام صادق علي ڪافي نقصان پهچائي چڪو آهي. M.Q.M کي ٽوڙڻ لاءِ حقيقي کي ميدان تي لاٿو ويو. پنجاب جي اندر جوڻيجو ليگ بنائڻ جون تياريون ٿي چڪيون هيون. نواز شريف کي هٽائڻ جي لاءِ مڪمل پروگرام تيار هو، پر متبادل چونڊيل حڪومت آڻڻ جي پروگرام کي عمل ۾ آڻڻ کان اڳ هڪ اهڙو حادثو ٿيو جنهن سڄي پلاننگ کي متاثر ڪيو ۽ اصل قوتن نئين حڪمت عمليءَ تحت ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو، جنهن تحت سياسي پارٽين کي هڪبئي جي خلاف خوب استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ويو.

بينظير پٽو انهيءَ سڄي صورتحال ۾ غلام اسحاق ۽ ميان نواز شريف جي وچ ۾ ڊبل گيم ڪندي رهي. آخر اپريل 1993ع ۾ نواز شريف جي حڪومت ختم ڪئي وئي ۽ قومي اسيمبلي ٽوڙي وئي. صوبائي حڪومتون ۽ اسيمبليون برقرار رکيون ويون. چونڊيل صوبائي حڪومتون فقط ان لاءِ برقرار رکيون ويون ته جيئن انهن ذريعي قومي اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ گهربل نتيجا آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهجن. ٻيو ته سواءِ پنجاب جي جتي نواز شريف جو وڏيڪ اثر هو باقي صوبائي حڪومتون اصل اقتداري قوتن جي ايجنڊا جي حمايت ڪري رهيون هيون.

ڪجهه وقت جي اندر ئي سپريم ڪورٽ ميان نواز شريف حڪومت ۽ قومي اسيمبلي بحال ڪري ڇڏي. سپريم ڪورٽ جو اهو فيصلو يادگار هو، ان ۾ شڪ نه هو ته هڪ پنجابي وزير اعظم جي حڪومت بحال ڪئي وئي هئي، پر ان کان وڌيڪ ان جو مثبت پهلو اهو هو ته ڪورٽ جو اهو فيصلو ملڪ جي اصل طاقتور ڌرين جي مرضيءَ خلاف هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جڏهن نواز شريف جي حڪومت ختم ڪرڻ جون تياريون پئي ڪيون ويون، تہ ملڪ جي اصل طاقتن نواز شريف جي مقابلي جي لاءِ بينظير ڪي پاڻ سان ملايو. زماني جي ستم ظريفي، جو غلام اسحاق جي ان تقرير کي اجا ٽي سال بہ پورا ڪونہ ٿيا هئا، جنهن ۾ هن بينظير پٽو جي حڪومت ختم ڪرڻ وقت ان تي ٻين الزامن سان گڏ آصف علي زرداري کي رشوت خوريءَ جو هڪ نمونو ڪري پيش ڪيو هو ۽ ان کي مسٽر ٽين پرسينٽ ڪري سڏيو هو. اهوئي صدر غلام اسحاق ان ئي صدراتي محل ۾ ميان نواز شريف جي حڪومت ختم ڪرڻ کان پوءِ بلخ شير مزاري جي نگران ڪابينہ ۾ آصف زرداري کي وزارت جو قسم کڻائي رهيو هو.

سپريم ڪورٽ پاران نواز شريف جي حڪومت جي بحاليءَ باوجود وفاقي حڪومت کي بلڪل مفلوج بنايو ويو هو. چار ئي صوبائي حڪومتون اصل قوتن جي اشاري تي وفاقي حڪومت خلاف تقريباً بغاوت ڪري چڪيون هيون.

ان بحران دوران ميان نواز شريف جڏهن بہ سنڌ جي دوري تي آيو تہ سنڌ جي وزير اعليٰ سائين مظفر حسين شاهہ جي لاءِ ڪافي پريشاني ٿي پوندي هئي. ايوان صدر جون صوبائي حڪومتن کي هدايتون هيون تہ وزير اعظم کي ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ پروٽوڪول نہ ڏنو وڃي ۽ نہ ئي اعليٰ صوبائي قيادت ان جي استقبال تي وڃي. انهن حالتن دوران ميان صاحب جا ڪجهہ اتر سنڌ جا دورا ٿيا تہ وزيراعليٰ پاڻ تہ وزير اعظم کي رسيو ڪرڻ جي لاءِ نہ ويندو هو، پر رڪارڊ جي پورائيءَ لاءِ صوبائي وزير اصغرعلي شاهہ کي موڪلي ڏيندو هو.

جڏهن ميان نواز شريف ٻيهر وزير اعظم ٿيو تہ وفاقي ڪابينہ ۾ سنڌ مان ڪنيل پهريون وزير اصغر علي شاهہ ئي هو.

ان وقت ملڪ ۾ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون ويون هيون، جو وفاقي حڪومت فقط اسلام آباد تائين محدود رهجي وئي هئي. طاقتور قوتن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ملڪ جي عدالت عظميٰ انهن جي فيصلي جي اڳيان ڪابہ حيثيت نٿي رکي. آخر اهو ئي ٿيو، جيڪو انهن چاهيو. نواز شريف کي حڪومت تان تہ هٽ ڏوئڻا پيا. پر ويندي ويندي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اصل قوتن جي پراڻي ۽ گهاڳهه نمائندي غلام اسحاق خان کي به پاڻ سان گڏ گهلي ويو.

جڏهن آڪٽوبر 1993ع جي اليڪشن جو وقت اچڻ لڳو، تہ اصل قوتن کي هڪ ڀيرو وري سندن ورهايل مئنڊيٽ آٽائڻ جو پراڻو خواب ساڀيان ٿيندو نظر نہ اچڻ لڳو. حالتون وري اهڙي موڙ تي هيون، جو هن کي بينظير ۽ نواز شريف، ٻنهي مان ڪنهن هڪ لاءِ ئي فيصلو ڪرڻو هو. ڪنهن هڪ جو رستو روڪڻ جو سڌو مقصد ٻئي کي اقتدار ۾ آڻڻ هو ۽ ان وقت هُن کي نواز شريف جو رستو روڪڻو هو. نواز شريف اسٽبلشمينٽ جي پيداوار ٿي ڪري انهن سان ئي ٽڪر کاڌو هو ۽ پنجاب جي نمائندي هجڻ جي حيثيت ۾ انهن جي لاءِ وڏيڪ خطرناڪ ثابت ٿي سگهيو ٿي.

1993ع جي اليڪشن جا نتيجا به انهن ادارن لاءِ ڪي گهڻا خوشگوار ثابت نہ ٿيا، يعني عوامي قوتن کي ٽوڙڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي وئي هئي، اُهي ڪوششون ڪامياب ثابت نہ ٿيون. پنجاب ۾ پي پي پي ۽ نواز شريف ٿوري فرق سان برابر حيثيت ۾ سامهون آيا. اندرون سنڌ ۾ پي پي اڪثريت سان ڪامياب ٿي. ڪراچيءَ جي اندر قومي اسيمبليءَ جي اليڪشن ۾ ايم ڪيو ايم کي بائيڪاٽ ڪرايو ويو. پر ان جي باوجود به ڏر ڏيڻ جي پنهنجي ئي ناهيل ايم ڪيو ايم کي ٽوڙي ان مان پئدا ڪيل ايم ڪيو ايم حقيقي کان ڪاميابي حاصل نہ ڪري سگهي ۽ ان جو فائدو پي پي پي ۽ مسلم ليگ کي ئي ٿيو. آخر صوبائي اسيمبليءَ جي اليڪشن ۾ ايم ڪيو ايم کي حصو وٺرايو ويو. انهن چونڊن ۾ پهريون دفعو نواز شريف سياسي حيثيت ۾ سامهون آيو ۽ ملڪ جي طاقتور ادارن جي مدد کان سواءِ پنجاب ۽ سرحد صوبن ۾ پنهنجو سياسي وجود برقرار رکيو.

1993ع جي اليڪشن ۾ ميان نواز شريف جي ايتري ڪاميابي اصل قوتن جي لاءِ يقيناً حيرانگيءَ جو سبب به هوندي ۽ اٿوٽندڙ به. انهن جو ميدان تي لاڙل پهلوان ”قاضي آيا قاضي آيا“ نواز شريف جي لاءِ ڪجهه سيٽن تي شڪست جو سبب تہ بنيو، پر هن جي ووٽ بئنڪ کي گهٽائي نہ سگهيو. ساڳيءَ طرح اندرون سنڌ ۾ پ پ پ جي مقابلي ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مير مرتضيٰ ڀٽو کي ڪا موٽ نہ ملي سگهي. مٿئين صورتحال ۾ ملڪي طاقتن وٽ بينظير ڀٽو کي قبول ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو نہ هو ۽ بينظير هن دفعي ايتري بهتر پوزيشن ۾ هئي، جو پنهنجي وفادار سردار فاروق لغاريءَ کي صدر چونڊرائڻ ۾ بہ ڪامياب ٿي وئي. پنهنجو صدر چونڊائڻ کانپوءِ بينظير سمجهيو ٿي، تہ هاڻي سندس اقتدار کي ڪوبہ لهر لوڏو نہ آهي ۽ هوءَ آسانيءَ سان پنهنجي واري جا پنج سال پورا ڪري وٺندي. بينظير پنهنجي ٻئي دور ۾ پنهنجي اقتدار جي دوام لاءِ حزب مخالف کان سواءِ باقي ٻين سڀني حيثيت رکندڙ اهم ڌرين کي هر ممڪن نموني راضي رکڻ جي ڪوشش ڪئي، جن ۾ آمريڪا ۽ مقتدر قوتون قابل ذڪر آهن. پنجاب ۾ وڏ وزارت جوڙيجو ليگ جي منظور وٽو کي ڏئي بينظير ڀٽو کي لغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي.

بهرحال محترمہ جي حڪومت بہ هلندي رهي ۽ ان سان گڏوگڏ اصل قوتون پنهنجي آئيندي جي رٿابندي بہ ڪنديون رهيون. سنڌ جي اندر ايم ڪيو ايم جو پي پي پي سان ڪيل حڪومتي اتحاد پنهنجي مختصر مدت ۾ ئي اختتام کي پهتو. آهستي آهستي حالتون پنهنجو رخ اختيار ڪرڻ لڳيون. 1992ع ۾ جيڪو ايم ڪيو ايم خلاف آپريشن شرع ڪيو ويو هو، اهو ٻيهر پي پي پي حڪومت کان شروع ڪرايو ويو. سنڌ هڪ ڀيرو وري بدامنيءَ جي باهہ ۾ ٻرڻ لڳي. حڪومت اهڙيون پاليسيون اختيار ڪيون يا ان کان ڪرايون ويون، جن ملڪ جي معاشي ۽ اقتصادي صورتحال کي تباهيءَ جي ڪناري وڃي پهچايو. مهنگائي ۽ ٻين روزمره جي مسئلن عوام کي حڪومت کان انتهائي ناراض ۽ مايوس ڪري ڇڏيو. ان سڄي صورتحال کي اصل قوتون اپوزيشن جي سياستدانن کان حڪومت خلاف نروار ڪرائينديون رهيون. حڪومت مخالف سياسي ڌريون بہ اقتدار پرستيءَ سبب خوشيءَ سان دهل بغل ۾ وجهي ان عمل جو حصو بنجنديون رهيون.

بينظير ڀٽو پنهنجي ٻئي دور جي اندر بہ ڪو اهڙو قابل ذڪر ڪارنامو انجام نہ ڏئي سگهي، جيڪو ملڪ جي معاشي، سياسي ۽ پارلياماني نظام جي استحڪام ۾ مددگار ثابت ٿئي يا ڪو اهڙو عمل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بہ نہ ٿيو جيڪو عام ماڻهن لاءِ ٿوري گهڻي سهاري جو سبب بنجي. پر سندس سيئي وسيلا ۽ صلاحيتون فقط پنهنجي اقتدار کي بچائڻ ۽ ان کي ڊگهو ڪرڻ تي صرف ٿيندیون رهيون. ملڪ جون اصل قوتون پنهنجي ان مقصد ۾ ته مڪمل طرح سان ڪامياب ويون، جو بينظير پٽو جي مقبوليت جو گراف انتهائي ڪري چڪو هو. پر ان سان گڏوگڏ پنهنجي ان حڪت عمليءَ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ سر توڙ ڪوششون ڪنديون رهيون، جنهن تحت ڪنهن بہ عوامي پارٽيءَ کي ايندڙ چونڊن ۾ ڪامياب ٿيڻ نہ ڏيڻو هو.

ان حڪمت عمليءَ جو خاص نشانو ٿي پارٽيون هيون، هڪ پيپلز پارٽي، بي مسلم ليگ نواز پارٽي ۽ ٽين الطاف حسين جي ايم ڪيو ايم انهن ٽنهي جي ناڪاميءَ جي صورت ۾ ئي اسٽبلشمينٽ جي من پسند گروپن ۽ تنظيمن کي ڪاميابيءَ جو موقعو ملي سگهيو ٿي. حڪومت جي ناڪام پاليسين سبب پي پي پي جي ساک کي ته زبردست نقصان پهچي چڪو هو. سنڌ جو عوام بہ پي پي پي مان بدظن ٿي چڪو هو ۽ هن ٻين متبادل سياسي ڌرين ڏانهن ڏسڻ شروع ڪري ڇڏيو هو.

ميان نواز شريف جو سنڌ جي سياست ۾ داخل ٿيڻ بينظير پٽو جي ناڪاميءَ جو ئي سبب هو. سنڌ جي عوام سنڌ جي نيائيءَ مان مايوس ٿي پنجاب جي ليڊر ڏانهن ڏسڻ شروع ڪري ڏنو هو. پنجاب جي اندر نواز شريف جي مقبوليت جو گراف ته چوٽ چڙهيل هو، پر سنڌ ۽ سرحد ۾ سندس مقبوليت جو سبب ڪنهن حد تائين ته سندس اڳين حڪومت جون اختيار ڪيل پاليسيون هيون، پر ان ۾ وڏو ڪردار پي پي پي حڪومت جي ناڪاميءَ جو هو. ملڪي حساس ادارن جو اهو خيال ته، ”نواز شريف پاور جي پيداوار آهي ۽ پاور کان سواءِ جتاءُ نہ ڪري سگهندو“ غلط ثابت ٿي چڪو هو.

پوري ملڪ جي اندر ميان نواز شريف پي پي پي جو متبادل بنجي چڪو هو، اها صورتحال ڌر ڏٺين جي لاءِ انتهائي اڻ وٽندڙ هئي. هن پنجاب ۽ سرحد ۾ نواز شريف جي ووٽ بئنڪ کي ڪٽڻ جي لاءِ مغربي تهذيب کان متاثر ٿيل پلي بوائِ (Play Boy) عمران خان کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ميدان ۾ لاٿو. نئين صورتحال ۾ ان کي اهوئي ڪردار ڏنو ويو، جيڪو 1993ع جي چونڊن ۾ جماعت اسلامي جو قاضي حسين احمد ادا ڪري چڪو هو، يعني 1993ع ۾ قاضي حسين احمد کي ته ڪا خاص ڪاميابي نه ملي سگهي پر اهو ڪيترين ئي سيٽن تي نواز شريف جي اميدوارن جي شڪست جو سبب ضرور بنيو. 1996ع ۾ پي پي پي جي حڪومت پنهجي گهٽي ساک ختم ڪري چڪي هئي، ان حد تائين جو مغربي ميڊيا به بينظير پٽو کي وڏ ۾ وڏ غيرمقبول اڳواڻ ڪري لکي رهي هئي. ان سڄي مهم جو آخري ۽ فيصلائتو وار بينظير پٽو جي پنهنجي حڪومت ۾ ان جي پوليس جي هٿان سندس پاءُ مير مرتضيٰ پٽو جي شهادت هو.

ان کان هٿي ڪري، ته ان جو ذميوار ڪير هو ۽ مير جي قتل جي پويان ڪهڙا لِڪل هٿ هئا، پر ان ڏکوئيندڙ واقعي بينظير پٽو کي سياسي طرح ايترو ته ڪاپاري ڏڪ رسايو جو، خود ان کي به وهم گمان ۾ نه هو. پيپلز پارٽي پنهنجي سياسي تاريخ ۾ سندس مقبوليت جي هيٺئين ۾ هيٺئين درجي (Lowest graph) کي وڃي پهتي. ان وقت سنڌ ۾ مرتضيٰ پٽو جي قتل جو ايترو ته رد عمل ٿيو جو، بينظير ۽ سندس اڳواڻ پنهنجي حلقن ۾ وڃڻ جي پوزيشن ۾ به نه هئا. 1988ع ۾ سنڌ جي اندر بينظير جي مقبوليت جو اهو عالم هو جو پي پي پي جي خلاف ڪو اليڪشن وڙهڻ لاءِ تيار نه هو ۽ عوام ان جي خلاف ڪوبه نعرو ٻڌڻ لاءِ تيار نه هو. اها ئي ليڊر پنهنجي پاليسين ۽ پردي پويان قوتن جي ڪارستانين جي ڪري اٽن سالن جي عرصي ۾ ايترو ته غير مقبول ٿي وئي، جو هوءَ پنهنجي پاءُ جي تدفين ۾ شريڪ ٿي عوام کي منهن ڏيڻ جي سگهه به نه پئي ساري سگهي؟

هوڏانهن ايم ڪيو ايم کي ختم ڪرڻ لاءِ پي پي پي حڪومت خوب استعمال ٿيندي رهي ۽ اهو سمجهيو ويو ته هاڻ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي شهر ۾ ايم ڪيو ايم حقيقي ۽ ٻيون اصل قوتن جون اتحادي پارٽيون ئي ميدان مارينديون. ان سڄي ڪار گذاريءَ کان پوءِ جڏهن حالتون موافق سمجهيون ويون ته سردار فاروق لغاري، بينظير پٽو جي حڪومت کي گهر پيڙو ڪيو. فاروق لغاري ان وقت بينظير جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وفادار نہ پر اصل حڪمران قوتن جو وفادار بنجي چڪو هو ۽ انهن کان ئي اشاري ملڻ جي انتظار ۾ هو.

جڏهن فيبروري 1997ع جي اليڪشن جي تياري شروع ڪئي وئي تہ ملڪ جو صدر فاروق لغاري بادشاهہ گرن جي مهندار وارو ڪردار ادا ڪري رهيو هو. چئني صوبن جي اندر سياسي ڀڃ ڊاهہ شروع ڪري ڏني وئي هئي. بادشاهہ گرن جي مرضيءَ مطابق صوبائي حڪومتون ٺاهيون ويون. انهن سڀني ترڪيبن ۽ حربن جي باوجود اسٽبلشمينٽ ان ساڳئي مسئلي کي منهن ڏئي رهي هئي، يعني پنهنجي مرضيءَ جون اسيمبليون آڻڻ.

1995ع ۾ جڏهن اسان ڪجهہ دوستن گڏجي مسلم ليگ ”ن“ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو هو، تہ ان کان پوءِ اهي دوست جن جو تعلق ڌر ڌڻين سان هوندو هو، اسان کي چوندا هئا تہ ايندڙ اليڪشن ۾ نواز شريف ڪڏهن بہ اقتدار ۾ نٿو اچي سگهي ۽ کيس اچڻ ئي نہ ڏنو ويندو. اُهي دوست ڳالهہ ٻولهہ ۾ جيڪڏهن نواز شريف تي وڏا مهربان ٿيندا هئا تہ ان کي وڌ ۾ وڌ 50 سيٽن تائين آڻي بيهاريندا هئا، پڪ سان چيو ويندو هو تہ ايندڙ چونڊن ۾ ڪابہ اڪثيرتي پارٽي نہ ايندي پر ننڍن ننڍن گروپن جي شڪل ۾ اسيمبلي سامهون ايندي. جڏهن 1997ع جي چونڊن جا نتيجا سامهون آيا، تہ انتهائي حيران ڪندڙ هئا. نواز شريف جي مسلم ليگ اڪيلي سر قومي اسيمبليءَ ۾ (ٻہ ڀاڱي ٽي) اڪثريت کڻي آئي.

1997ع جي اليڪشن ۾ ميان نواز شريف جي ايڏي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيڻ ڪجهہ حلقن ۾ ان وقت بہ زير بحث هو ۽ اڃان تائين آهي. ڪن جو اهو خيال هو، تہ اهو هٿرادو ڏياريل ڳرو مينڊيٽ آهي، تہ ڪن ان کي انجنيرڊ اليڪشن جو نالو ڏنو. حالتن مان اها ڳالهہ صاف هئي تہ نواز شريف ان وقت اسٽبلشمينٽ جو پسنديده نہ هو. ان جو تجربو هُو پهرين ڪري چڪا هئا ۽ هنن سمجهيو ٿي تہ جيڪڏهن پنجاب جي ليڊر کي ايتري اڪثريت ملي وئي، تہ هو ڪنهن بہ حد تائين وڃي سگهي ٿو.

ميان نواز شريف جي ايتري اڪثريت ۾ اچڻ جا جيڪي ڪجهہ سبب ٿي سگهن ٿا، انهن مان هڪ مک سبب ملڪ جي وڏي پارٽي پي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پي پي جو مڪمل ناڪام ٿيڻ هو. وڏي صوبي پنجاب کي پاڪستان جي تخليق کان پوءِ پهريون پيرو اهڙو ليڊر مليو هو، جنهن کي ننڍين صوبن ۾ به پذيرائي حاصل هئي ۽ پنجاب 1997ع جي چونڊن ۾ ميان صاحب کي زبردست ڪاميابي ڏني. ان صورتحال ۾ سندس مقبوليت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، ته سنڌ ۾ 1988ع ۽ 1990ع جي چونڊن ۾ پنجاب جي ڪنهن ليڊر جو پوئلڳ هجڻ به حرام ۽ اميدوار جي لاءِ هڪ گار سمجهيو ويندو هو. اندرون سنڌ ۾ اهڙا اميدوار جن جو تعلق جيڪڏهن آءِ جي آءِ سان هو، ته اهي وڏي واڪ ان جي تردید ڪندا هئا ۽ ان جي حمايت يافته اميدوار هجڻ جو اعلان ڪرڻ جي همٿ نه ڪري سگهندا هئا. ان ئي پنجاب جي ليڊر کي 1997ع جي اليڪشن ۾ سنڌ جي اندر ٽيون نمبر پوزيشن حاصل ٿي ۽ ڪيس 10 قومي اسمبلي جون ۽ 15 صوبائي اسمبليءَ جون سيٽون حاصل ٿيون. سنڌ جي چونڊن جي اندر نه ته نگران حڪومت جي پاران ۽ نه ئي طاقتور ڌرين جي پاران نواز ليگ کي ڪا حمايت حاصل رهي ۽ نه ئي ان قسم جي ڪابه سرگرمي ڏسڻ ۾ آئي.

جيڪڏهن اجا به ڪنهن صحيح حڪمت عمليءَ تحت چونڊ لڙي وڃي ها، ته صوبائي اسمبليءَ ۾ پي پي پي جون 15 کان 20 سيٽون وڌيڪ گهٽجي سگهيون ٿي، اهي اُهي سيٽون آهن جتي پي پي پي جي ڪٽيل اميدوارن جي ڪنيل ووٽن کان ان جي مخالفت ۾ پيل ووٽن جو تعداد زياده آهي، پر ووٽ هڪ کان وڌيڪ اميدوارن ۾ ورهائجڻ سبب پي پي پي کي ڪاميابي حاصل ٿي. مختصر ته 1997ع جي چونڊن ۾ اسٽيبلشمينٽ جي نه چاهيندي به اقتدار نواز شريف جو مقدر بنجي ويو!

هن سڄي صورتحال ۾ هڪ ڳالهه صاف ظاهر نظر اچي ٿي ته 1990ع کان وٺي اسٽيبلشمنٽ حڪومتون ڊاهڻ ۽ ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب وئي آهي. ان جي لاءِ هنن هر طريقو استعمال ڪيو آهي: مذهبي فرقيواريت، فسادن، قتل عام، لساني نفرتون ۽ امن امان جي صورتحال بگاڙڻ، ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ سڀ کان وڌيڪ ته ملڪ جي سياستدانن ۽ سياسي تنظيمن کي وقت آهر پنهنجو مهرو بنائي هڪبئي خلاف استعمال ڪرڻ. اصل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قوتون ملڪ جي مقبول ليڊرن کي سندن حڪومتن دوران انهن جي ساک (Image) کي تباهه ڪري ڪين عوام جي اندر ذليل ۽ خوار ڪري اقتدار جي مسند تان دستبردار ڪرڻ ۾ به ڪامياب ويندیون رهيون آهن.

ان سڄي عمل ۾ انهن سازشن ۽ جوڙ توڙ جا شڪار ٿيندڙ سياستدان پاڻ به برابر جا شريڪ رهيا آهن. اقتدار پرستي جي هوس ڪين سندن ئي خلاف ٿيندڙ عمل جو حصو بنائيندي رهي آهي. بينظير جا ٻئي دور، پر خاص طرح سندس پويون دور ان جو واضح مثال آهي. جڏهن ته نواز شريف پهريون دفعو جڏهن اصل قوتن جي نمائندي طور وزير اعظم ٿي آيو، ته سندس پهرئين دور جي خاتمي وقت سندس سياسي ساک ۽ مقبوليت پهرين کان وڌيڪ هئي، پر جڏهن ٻيو دفعو عوامي طاقت جي زور تي عوامي نمائندو ٿي حڪمران بنيو، ته سندس لهڻ وقت صورتحال قطعي مختلف هئي. ڪجهه پاليسين ذريعي ڪيس ايترو ته نقصان پهچي چڪو هو جو يتري مثالي اڪثريت کئي ايندڙ ليڊر کان جڏهن اقتدار کسيو ويو، ته ڪو وڏو عوامي رد عمل سامهون نه آيو! جنهن کي جنرل پرويز مشرف جي ٽولي پنهنجي عوامي حمايت جو نالو ڏنو. پر صورتحال ائين نه هئي. بجا طور تي جمهوريت جو تختو اونڌو ڪرڻ وقت عوام ڪنهن فوري غصي ۽ ردعمل جو ته اظهار نه ڪيو، پر ڪٿي ائين به نه ٿيو، ته لک ته نهيو پر ڪنهن جڳهه تي ڪو هزارن جي تعداد ۾ به ماڻهن ٻاهر نڪري قابض حڪمرانن کي ڀليڪار به ڪيو هجي يا خوشيءَ جو اظهار ڪيو هجي، سواءِ چند سياسي جماعتن جي ڪجهه ڪارڪنن جي، جن جون خوش فهميون جلدي مايوسيءَ ۾ تبديلي ٿي ويون ۽ سندن قيادت کي به ترت پنهنجي پاليسي تي نظرثاني ڪري، تبديل ڪرڻي پئي.

هڪ طرف ته اصل قوتون اهڙ کيل ڪاميابيءَ سان کيڏنديون رهيون، پر ٻئي طرف هر نين چونڊن جي نتيجي ۾ ڪين ناڪاميءَ جو منهن ٿي ڏسڻو پيو. سندس مرضيءَ مطابق چونڊ نتيجا نه اچڻ سبب سندس خواهش مطابق حڪومتون تشڪيل نه ٿي رهيون هيون. سندس تمام هيراڦيريون، فساد، دراما ۽ سازشون عوام جو رخ تبديل ڪرڻ ۾ بري طرح ناڪام ويون هيون. اهوئي سبب آهي جو گذريل يارهن سالن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي نيم جمهوري دور ۾ نئين جمهوري حڪومت جي سلي ڦٽڻ ڪان ئي اصل طاقتون ان حڪومت جي پويان ڪات ڪهاڙا کڻي پئجي ٿي ويون. حالانڪ پورا 11 سال پردي پويان اهي قوتون ئي حڪومت ڪنديون رهيون آهن.

1988ع ۽ 1993ع ۾ بينظير کي اقتدار ڏيڻ جي وقت کان ئي ڪيس لاهڻ جي تياري شروع ڪئي وئي هئي. ساڳيءَ طرح نواز شريف جي پهرئين دور ۾ شروعاتي سال سوا ڇڏي، تنهن کان پوءِ ڪيس اقتدار مان ڪڍڻ جي پروگرام جو هوم ورڪ شروع ٿي چڪو هو. ساڳيءَ طرح فيبروري 1997ع ۾ نواز شريف جي ڪرسيءَ تي ويهڻ سان ئي سندس خلاف سازشون شروع ٿي چڪيون هيون. ايا نواز شريف کي وزير اعظم ٿئي ٿي مهينا مشڪل سان ٿيا هوندا، ته اسان ڪجهه دوست ڪٿي ڪچهريءَ ۾ وينا هئاسين، اتي مسلم ليگ سان لاڳاپيل هڪ به دوست ٻيا به گڏ هئا. اتي هڪ دوست، جنهن جو تعلق ڏر ڏٺين سان گهٽو آهي، ان اسان ليگين کي مخاطب ٿيندي چيو ته، ”توهان جي حڪومت ته سيپٽمبر آڪٽوبر ۾ ختم ٿي ويندي!“ هن انتهائي اعتماد سان اها ڳالهه ڪئي.

مون پڇيومانس، ته ڇا ايم ڪيو ايم حڪومتي اتحاد مان الڳ ٿي ويندي؟ اسان سڀني دوستن جو توجهه سنڌ حڪومت طرف ويو، جو اها اسيمبليءَ ۾ متحده قومي موومينٽ جي آڏار تي هئي. هن دوست جواب ڏنو ته ”ايم ڪيو ايم جي وڃڻ يا نه وڃڻ جو ڪو مسئلو آهي ئي ڪونه!“ اسان مان ڪنهن دوست چيس: ٻيو ته سنڌ حڪومت کي ڪوبه خطرو ڪونهي. هن همراه هڪدم وراڻيو ته ”اوهان سنڌ حڪومت جي ڳالهه پيا ڪريو، توهان جي سڀ کان پهرين ته اسلام آباد جي حڪومت ويندي!“ هن ذڪر ڪرڻ جو مقصد فقط ايترو آهي ته بااثر حلقن ۾ ان وقت ئي اهي ڳالهيون شروع ٿي چڪيون هيون. جيتوڻيڪ ان وقت عام طرح اهو سمجهڻ ڏکيو پئي لڳو ته پنجاب جو وزير اعظم جيڪو هيڏي وڏي اڪثريت کڻي آيو هجي، ان کي هڪدم گهر پيڙو ڪيو ويندو! پر پوءِ دنيا ڏٺو ته 1997ع جي آخر ۾، جڏهن ميان نواز شريف کي اقتدار ۾ آئي ايا 8 - 9 مهينا مشڪل سان ٿيا هئا ته هن خلاف زبردست

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عدالتي بحران کڙو ڪيو ويو، جنهن ۾ هن جي حڪومت جو تختو ويندي ويندي بچيو. ان سڄي واردات ۾ ميان نواز شريف جي مخالف قوتن پنهنجن ٻن مهرن يعني صدر فاروق احمد لغاري ۽ چيف جسٽس سيد سجاد علي شاهه کي استعمال ڪيو. ان وقت ملڪي ۽ سياسي حالتون نواز شريف جي ايترو خلاف نه هيون، جنهن سبب هُن جو اهو عمل بيوقتو ثابت ٿيو ۽ ناڪاميءَ جي صورت ۾ هُن کي پنهنجي ٻنهي مُک ڪردارن جي قرباني ڏيڻي پئي.

ميان نواز شريف پنهنجي ٻئي دور ۾ ڪجهه جرئت مندانه (Bold decisions) فيصلا ڪيا، جن مان ڪي منفي، ته ڪي مثبت هئا. هڪ ته آئين جي آرٽيڪل 58/2B جي خاتمي ذريعي صدر جا اسيمبليون ٽوڙڻ جا آئيني اختيار ختم ڪري هن ملڪ ۾ مضبوط ۽ مستحڪم پارلياماني ۽ جمهوري نظام قائم ڪرڻ طرف هڪ اهم قدم کنيو. ٻيو فلور ڪراسنگ جو قانون پاس ڪرايو، جيڪو سياسي پارٽين کي موقعي پرست لوٽاڪريسي کان آجو ڪرڻ طرف هڪ مثبت قدم هو. اهي ٻئي اهڙا هٿيار هئا، جن کي اصل قوتون پنهنجي چڱ مڙسي ۽ بالادستي قائم رکڻ جي لاءِ ڪجهه سياسي ڌرين جي حمايت ۽ مدد سان مخالف سياسي پارٽين خلاف استعمال ڪنديون رهيون هيون.

نواز شريف جي ڪچن ڪئبينيٽ انهن ماڻهن تي مشتمل هئي، جن مان گهڻن جو پس منظر سياسي نه پر ٽيڪنوڪريٽ هو ۽ ميان صاحب جا اهي ئي ماڻهو Policy Makers (ڪرتا ڌرتا) هوندا هئا. تجربي ثابت ڪيو ته ”اهي ماڻهو نواز شريف کان وڌيڪ پين جا وفادار هئا. انهن نواز شريف کان اهڙائي فيصلا ڪرايا، جيڪي هن جي نقصان جو سبب بنيا. شريعت بل جو نفاذ، ملڪ ۾ ايمرجنسي لڳائڻ، سنڌ جي اندر گورنر راج، فارين ڪرنسي اڪائونٽ بند ڪرڻ، ملڪ جا ڪيترائي سول ادارا سڌو سنئون غير سولين جي نگراني ۾ ڏيڻ ۽ فوجي ڪورٽون قائم ڪرڻ کان علاوه ٻيا ڪيترائي اهڙا مسئلا هئا، جن ميان نواز شريف جي عوامي ۽ سياسي ساک کي ڏک رسايو. عين رٿابندي مطابق نواز شريف آهستي آهستي سياسي طرح مڪمل اڪيلائپ جو شڪار ٿيندو ويو ۽ ٿورڙي ئي وقت ۾ عوامي نيشنل پارٽي ۽ متحده قومي موومينٽ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جهڙا سندس مُڪ اتحادي ڪانئس پنهنجي راهه ڏار ڪري چڪا هئا. سنڌ جي اندر پير صاحب پاڳارو صوبائي حڪومت سان تہ اتحاد ۾ گڏ هو، پر وفاقي حڪومت ڪان هن شروعات ڪان ئي پنهنجي وچوٽي برقرار رکي هئي. سنڌ حڪومت جي خاتمي ڪان پوءِ اهو ٿورو سياسي ڳانڍاپو بہ ختم ٿي ويو ۽ پير صاحب پاڳارو، غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ ڪجهہ ٻيا ننڍا گروپ بہ حڪومت مخالف ڪئمپ جو حصو بنجي ويا. ان کان اڳي بلوچستان جي اندر مخلوط حڪومت ختم ڪري، مسلم ليگ جي حڪومت قائم ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس مينگل گروپ (بي- اين- ايم) ۽ ٻين اتحادين جي حمايت تان هٿ ڌوئڻا پيا. ميان نواز شريف جيترو جلد پنهنجو پاڻ کي سياسي تنهائي ۾ آندو، اوتروئي جلد سندس حڪمت عمليءَ سندس مخالفن کي تڪڙو هڪ پليٽ فارم تي جمع ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪيو. يعني عوامي نيشنل پارٽي، پيپلز پارٽي ۽ ايم- ڪيو- ايم جهڙيون هڪ ٻئي جون ازلي ويري پارٽيون بہ تمام جلد ميان نواز شريف جي خلاف هڪ ئي ميدان تي جمع ٿي ويون.

ميان نواز شريف جي پوئين دور ۾ معاشي بدحالي جي ڪري نہ ئي تہ ڪو ترقياتي ڪم ٿيو ۽ نہ ئي ڪو نيون ملازمتون ڏنيون ويون. آمريڪا جي ناراضگي سبب آءِ-ايم-ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جي پابندين سبب معيشت جي حالت ڳنڀير رهي. ان کان علاوه ميان نواز شريف کي حڪومت خلاف سازشن ۾ ايترو تہ منجهاءِ رکيو ويو جو هو بنيادي عوامي مسئلن طرف توجهہ ڏيئي نہ سگهيو. نواز شريف کي جيترو اڪثريتي مينڊيٽ مليو هو اوترو ئي ماڻهن جون اميدون بہ تمام گهڻيون هيون ۽ اُهي پوريون نہ ٿيڻ جي نتيجي ۾ عوام ۾ مايوسي بہ اوترو جلدي پکڙجڻ شروع ٿي. ملڪ جي غير سياسي حڪمران قوتن جي پيداوار هوندي بہ نواز شريف پنهنجي ٻنهي دورن ۾ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هن پنهنجو ڪردار ڪٺ پتلي (Puppet) وزير اعظم طور ادا نہ ڪيو. هو ملڪ جو پهريون ليڊر هو، جنهن انتظاميا جي سيني ڪوارٽرز سان سڌي ويڙهہ ڪاڌي. هن سان ويڙهہ جي نتيجي ۾ ئي ملڪ جي ٻن صدرن، هڪ چيف جسٽس ۽ هڪ آرمي چيف کي گهر پيڙو ٿيڻو پيو.

اسان جي ملڪ جي ٻن قوتن يعني مقتدر قوتن ۽ عوامي سياسي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قوتن جي وچ ۾ هميشه ڪان ٽڪر هلندو پيو اچي. ميان نواز شريف ملڪ جي اصل طاقتن سان ته ٽڪر ۾ هئو ئي پر هو ان کي (Counter) ڪرڻ جي لاءِ سياسي طاقت کي پاڻ سان گڏ نه رکي سگهيو. سياسي طاقت جا ٻه حصا هئا، هڪ هن جي پنهنجي عوامي مقبوليت ۽ اڪثريت ۽ ٻيو سياسي اتحادي قوتون. 1997ع جي آخر ۾ نواز شريف جي خلاف آندل عدالتي بغاوت جي ناڪام ٿيڻ جا ٻيا ڪهڙا به سبب ڏنا ويجن، پر انهيءَ جو مک سبب نواز شريف جي ايجان عوامي مقبوليت جو برقرار رهڻ ۽ سندس اتحادي قوتن خاص طرح اي- اين- پي، ايم- ڪيو- ايم، پي- اين- پي ۽ بي- اين- ايم جو پوري عدالتي بحران دوران هڪ جسم هڪ جان وانگر نواز شريف سان گڏ هجڻ هو.

ان عدالتي بحران دوران، جنهن کي پس پرده ٻين قوتن جي مڪمل تائيد ۽ حمايت حاصل هئي. ڪيترائي اهڙا لمحا آيا، جن ۾ اهو سمجهيو پئي ويو، جڻ نواز شريف جي حڪومت ختم ٿي چڪي آهي. صدر مملڪت جيڪو آئين جي تيرهين ترميم جي ذريعي 58/2B جي خاتمي کان پوءِ فقط رسمي سربراه مملڪت وڃي بچيو هو ۽ ايوان صدر ويران ٿي چڪو هو. ان بحران دوران ايوان صدر جون رونقون ٻيهر بحال ٿيڻ شروع ٿي ويون ۽ اهم ادارا اهو تاثر ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪا هئا ته طاقت جو مرڪز هڪ ڀيرو وري ايوان صدر بنجي ويو آهي.

ان غير يقيني واري صورتحال ۾ به انتظاميا نه ته نواز شريف جي پارٽيءَ جي اندر ذرا برابر به قوت وجهڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ۽ نه ئي ڪنهن حڪومت جي اتحادي کي توڙڻ ۾ ڪامياب وڃي سگهي. نتيجي ۾ ناڪامي ۽ رسوائي جي صورت ۾ ان مهم جي ٻن مُک ڪردارن کي استعفائون ڏيڻيون پيون. پر ان جو مطلب اهو هرگز نه هو ته ڪو اصل طاقتن پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري، خاموشي اختيار ڪري ورتي هئي. پر هن پنهنجو ڪم جاري رکيو ۽ آخر ٻن سالن کان پوءِ يعني آڪٽوبر 1999ع ۾ پنهنجي مشن Mission کي ڪاميابيءَ سان همنڪار ڪيو.

1999ع جي شروعات کان ئي اهي افواه هلندا رهيا ته نواز شريف اڄ ٿو وڃي يا سڀاڻي. باخبر ماڻهو ڪچهرين ۾ بي ڏڙڪ اهو اظهار ڪندا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئا تہ نواز شريف جي حڪومت ضرور هن سال ويندي. پوءِ ڇا ٿيندو يا نواز شريف ڪهڙي طريقي سان ڪڍيو ويندو، ان جو جواب انهن ماڻهن وٽ بہ نہ هوندو هو. البت ايترو ضرور چيو ويندو هو تہ مارشل لا نہ لڳندي. پير صاحب پاڳاري تہ 12 آڪٽوبر کان ڪيترا مهينا اڳ چئي چڏيو هو تہ ذوالفقار علي ڀٽي جي آخر جولاءِ 1977ع (77-7) هئي ۽ جنرل ضياالحق جي آخر آگسٽ 1988ع (88-8) هئي ۽ نواز شريف جي سيپٽمبر 1999ع (99-9) آهي. مطلب تہ 12 آڪٽوبر 1999ع تي جيڪي ڪجهہ ٿيو، اهو ڪو اچانڪ ۽ بحالت مجبوري نہ هو، پر ان تسلسل جو هڪ حصو هو، جيڪو پاڪستان جي اندر جمهوري حڪومتن يا مقبول عوامي قيادتن سان ٿيندو آيو آهي.

اسان جي ملڪ ۾ اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري ٿيندو رهيو آهي جو اسان وٽ شروعات کان ئي ادارن کي مستحڪم نہ ڪيو ويو، بلڪ اسان وٽ جيڪي بہ سياسي ۽ غير سياسي حڪومتون آيون، اهي پنهنجي ۽ پنهنجي حڪومتي مفادن خاطر ادارن کي ڪمزور ڪري استعمال ڪنديون رهيون. ڪابہ اهڙي حڪومت نہ آئي، جنهن پنهنجي شخصي يا حڪومتي مفادن کي بالاءِ تاڪ رکي پارليامينٽ، جمهوريت، عدليہ، پريس ۽ ٻين ادارن کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ جو سوچيو هجي يا ان طرف ڪي قدم کنيا هجن. اسان جا ادارا حڪومت وقت جي گهر جي لونڊي جو ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن ۽ وقت جي حڪومتن جو توجہ فقط پنهنجو اقتدار بچائڻ ۽ انهيءَ کي ڊيگهہ ڏيڻ طرف رهندو آيو آهي.

اسان جو ملڪ اڄ جنهن سياسي ۽ معاشي عدم استحڪام جو شڪار آهي ۽ جن ٻين انيڪ مسئلن جي آماجگاهہ بڻيل آهي، انهي جو مُک ڪارڻ يقيناً اسٽيبلشمنٽ آهي پر انهيءَ ۾ سياستدانن ۽ عدليہ کي بہ بري الذمہ (ذميواري کان آجو) قرار ڏئي نٿو سگهجي. ملڪ تي جڏهن سياسي حڪومتن کي موقعو مليو تہ انهن بہ جمهوريت ۽ ادارن کي مضبوط ڪرڻ جي لاءِ ڪم نہ ڪيو. رڳو پنهنجي شخصي حڪومت کي بچائڻ لاءِ عوام ۽ ملڪ جي مستقبل کي داءُ تي لڳائينديون رهيون. سياسي جماعتون پنهنجي اقتدار کي بچائڻ ۽ ڊگهو ڪرڻ يا اقتدار حاصل ڪرڻ جي جدوجهد کي ئي پنهنجو اصل مقصد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سمجهنديون رهيون ۽ ان مقصد خاطر پنهنجي اصولن سميت، جمهوري، عوامي ۽ ملڪي مفادن کي ٻه قربان ڪنديون رهيون.

سياستدان ۽ سياسي پارٽيون اقتدار حاصل ڪرڻ يا اقتدار بچائڻ جي ڪشمڪش ۾ اسٽيبلشمنٽ جي ايجنڊا تحت ڄاڻي واڻي يا اڻڄاڻائي ۾ هڪ ٻئي جي خلاف استعمال ٿينديون رهيون ۽ ان صورتحال ۾ مون کي اڄ ٻه ڪو وڏو فرق محسوس نٿو ٿئي. پاڪستان جي تاريخ ۾ ملڪ جي شروعاتي سياسي تاريخ کي چڏي پوءِ سياسي قوتن کي چند اهڙا موقعا ميسر ٿيا آهن جو اهي ملڪ جا سياسي بنياد مستحڪم ڪرڻ جي پوزيشن ۾ رهيون آهن ۽ اهي فيصلا ڪن مرحلا هميشه ملڪ تي ڊگهي آمريت جي خاتمي جي وقت ئي پيدا ٿيا آهن.

مثلاً: ملڪ جي شروعاتي سياسي دور جو اختتام ڊگهي ايوبي آمريت جي شروعات تي ٿيو. جنهن جو انجام ملڪ ٽٽڻ جي صورت ۾ سامهون آيو. جنهن جي نتيجي ۾ ذوالفقار علي ڀٽو اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ هو ان پوزيشن ۾ هو جو باقي بچيل پاڪستان کي سياسي استحڪام ڏياري سگهي ها. ان وقت پاڪستان ٻه اڌ ٿي چڪو هو. ملڪ جنگ ۾ شڪست کائي چڪو هو، هڪ لک فوج هندستان وٽ يرغمال بنيل هئي. اولهه پاڪستان جا ڪيترائي علائقا دشمن فوج جي قبضي ۾ هئا. ملڪ سياسي، معاشي ۽ معاشرتي بحران مان گذري رهيو هو. جنهن تي فقط سياسي قوتون ئي فتح حاصل ڪري ٿي سگهيون.

ان دور ۾ ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ جي اڇي ڪاري جو ڏٺي ۽ ملڪ جي اقتدار جو بنا ڪنهن شرڪت جي مالڪ رهيو. ذوالفقار علي ڀٽو مڪمل طرح ان پوزيشن ۾ هو جو هو اهڙا فيصلا ۽ پاليسيون اختيار ڪري سگهيو پئي، جو ملڪ جي عسڪري قوت توڙي انتظاميا هميشه سياسي قوتن جي تابع رهي، پر هو ائين نه ڪري سگهيو يا ڪرڻ ۾ ناڪام ويو. ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي غيرمعمولي صلاحيتن، عوامي قيادت واري قدرتي ذات ۽ ڪيس ميسر سازگار حالتن کي ملڪ جي جمهوري سياسي استحڪام لاءِ استعمال نه ڪري سگهيو يا ائين ڪٽي چئجي ته هو پنهنجي اقتدار جي استحڪام کي ئي ملڪي سياسي استحڪام سمجهندو رهيو. ڀٽي اقتدار سنڀالڻ کان پوءِ تڪڙوئي جمهوري اصولن کي نظر انداز ڪندي ملڪ جي ٻين سياسي قوتن سان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جهيڙو شروع ڪري ڇڏيو. جنهن جي نتيجي ۾ هن کي انتظاميا ۽ عسڪري ادارن جو سهارو وٺڻو پيو.

اهوئي ملڪ جي سياسي تاريخ ۾ اهم موڙ (Turning Point) ثابت ٿيو ۽ پوءِ آهستي آهستي پٽو ڪمزور ۽ انتظاميا ۽ پيا ادارا مضبوط ٿيندا ويا. تان جو سندس آخري وقت ۾ سندس اقتدار انهن جي مرهون منت وڃي بچيو ۽ هو پاڻ به عوامي قوتن بجاءِ انهن تي پاڙڻ لڳو. ايتريقدر جو ”عوام طاقت جو سرچشمو آهي“ وارو عوام جون دليون کٽيندڙ نعرو لڳائيندڙ ذوالفقار علي پٽو اهو چوڻ تي مجبور ٿي ويو ته ”آئون ته ڪمزور آهيان، پر منهنجي ڪرسي ڪمزور نه آهي.“

پيو موقعو اُن وقت آيو، جڏهن جنرل ضياء جي ڊگهي ڊڪٽيٽرشپ جو انت آيو. 1988ع واريون عام چونڊون اُهو معرڪو هو جيڪو مسلسل يارهن سال عوامي حڪمراني جي لاءِ جدوجهد ڪندڙ قوتن ۽ اسٽيبلشمنٽ جي وچ ۾ ٿيٽو هو، ان جي نتيجي ۾ نهندڙ حڪومت فيصلہ ڪُن مرحلو هئي. انهن چونڊن جي نتيجي ۾ محترمہ بينظير ملڪ جي وزير اعظم ته بڻجي وئي، پر اهو مرحلو اسٽيبلشمنٽ جي فتح ۽ عوامي قوتن جي شڪست ثابت ٿيو. اُن وقت جيڪڏهن بينظير پٽو اسٽيبلشمنٽ جي شرطن تي اقتدار قبول نه ڪري ها ته ٿوري عرصي جي لاءِ ته اقتدار کان محروم رهي ها، پر ان طويل فيصلي ڪن جدوجهد جو خاتمو ائين نه ٿئي ها.

1988ع جي چونڊن ۾ بينظير پٽو کان سواءِ جيڪا حڪومت نهي ها، اُها شايد چند مهينا ئي هلي سگهي ها ۽ اقتدار وري گهمي ڦري بي نظير جو مقدر بنجي ها ۽ اهو وڏيڪ جٽادار ۽ بااختيار هجي ها پر بينظير پٽو مقتدر قوتن جي تمام شرطن تي اقتدار قبول ڪري جمهوري سياسي قوتن جي پاران انهن جي حق حاڪميت کي هميشہ جي لاءِ تسليم ڪري ورتو ۽ پوءِ اهو ڪيل مسلسل يارهن سال جاري رهيو.

ٿيون مرحلو هاڻي آيو آهي. جڏهن سياسي قوتن کي فيصلو ڪرڻو آهي، ته آيا اُهي آخري قطعي فيصلو (Once for all) ڪرڻ چاهين ٿا ته هن ملڪ تي عوامي سياسي قوتن کي حڪمراني ڪرڻي آهي يا پردي پويان لڪل غير سياسي حڪمران طاقتن کي يا هو ڪُئي بِلِيءَ وارو کيل جاري رکڻ چاهين ٿا. سياستدانن کي اهو فيصلو ڪرڻو آهي، ته

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آيا هو اقتدار جي لاءِ عوامي قوتن تي پاڙڻ چاهين ٿا يا اسٽيبلشمنٽ جو ٽول (Tool) بنجي ان جي وسيلي اقتدار حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. اها ذميواري هونئن ته سڀني سياستدانن تي عائد ٿئي ٿي، پر ان ۾ مُک ڪردار عوامي پذيرائي رکندڙ ليڊرن (Mass Popular Leadership) کي ئي ادا ڪرڻو آهي. غير مقبول پارٽيون، اڪثر پريشر گروپز ۽ شخصي قوتون ته يقيني طور تي اسٽبلشمينٽ جي بي گروپ وارو ڪم ڪنديون رهنديون، پر جيڪڏهن عوام ۾ مقبوليت رکندڙ پارٽيون پاڻ ۾ متحد ٿي وڃن ته عوامي قوتن جي حق ۾ فيصلي ڪُن ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون.

ايندڙ سال جي آڪٽوبر اليڪشن جي حوالي سان حڪومت انهيءَ ساڳئي مسئلي ۾ ڦاٿل ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي، جيئن اڳئين اليڪشن ۾ رهي آهي: يعني چونڊ دوران پنهنجا گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهڻ. اها ڳاله ته بلڪل واضح آهي ته موجوده حڪومت کي ڪوبه اهڙو فوري خطرو ڏسڻ ۾ نه اچي رهيو آهي، جيڪو سندس اقتدار جي خاتمي جو سبب بنجي. حڪومت کي سندس وفاداريءَ جو قسم کنيل سپريم ڪورٽ جي ججن پاران مليل حڪمرانيءَ جو مدو پوري ڪرڻ ۾ ته ڪا وڏي مشڪل سامهون نه ايندي، پر آيا ان کان پوءِ سندس تسلسل جي لاءِ بنايل حڪمت عملي ڪامياب ٿيندي يا نه. ان جو سڄو انحصار ملڪ جي سياسي قوتن تي آهي. هيستائين جا جيڪي 23 مهينا گذريا آهن انهن ۾ حڪمرانن کي ڪي قدر ته ڪامياب حاصل ٿي آهي، پر مجموعي طور تي سندن حڪومتي پاليسين کي ڪا خاص اڳيرائي حاصل نه ٿي آهي. ننڍين پارٽين، ننڍن پريشر گروپز ۽ شخصي انفرادي قوتن جي حڪومت کي حمايت ڪرڻ ته هونئن (UnderStood) آهي. ان کان علاوه جن ٿيندڙ سياسي تبديلين کي حڪومت جي حق ۾ چئي سگهجي ٿو، انهن ۾ هڪ ته حڪومت اي- آر- ڊي کي ڪافي ڪمزور ڪري چڪي آهي.

پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ ”ن“ جي اتحاد سان اي- آر- ڊي جو جيڪو اُڀار (Momentun) پيدا ٿيو هو، ان کي ان وقت ڏک لڳو، جڏهن عالمي دباءُ تحت حڪومت ميان نواز شريف کي اڻ اعلانيل فيصلي تحت ملڪ کان ٻاهر سعودي عرب موڪلي ڇڏيو. ان سلسلي ۾ متحده جي اي آر ڊي کان علحدگي به حڪومت جي ڪامياب قرار ڏيئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سگهجي ٿو. تنهن ڪانپوءِ عوامي نيشنل پارٽي جا رستا به الڳ ٿيندا ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن. محترمه بينظير پٽو اڳيئي خود ساخته جلاوطني تحت ٻاهر آهي. ميان نواز شريف جيستائين ملڪ جي اندر موجود هو تيستائين اڪيلي عوامي قوت طور سياسي جنگ ۾ حڪمرانن لاءِ خطرو بنيو رهيو. ان کي حڪمران ”چڏ ته چڏئين“ جي فارمولي تحت ملڪ کان ٻاهر ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ميان نواز شريف جي ملڪ جي قيدخاني اندر موجودگي حڪمرانن جي گلي ۾ پيل وزني طوق کان گهٽ نه هئي، جنهن کي لاهڻ کان سواءِ حڪمرانن جي لاءِ سندن بنايل حڪمت عمليءَ جي ڪامياب ناممڪن ٿي پئي ها. حڪمران في الوقت پنهجي ڳچيءَ مان اهو طوق ڪڍڻ ۾ ڪامياب ويا آهن. ميان نواز شريف جي جلاوطن ٿيڻ کان پوءِ مسلم ليگ ’ن‘ جي ٻي ۽ ٽين نمبر جي قيادت کي حڪومت ڪنهن حد تائين ٽوڙڻ ۾ ڪامياب وئي آهي.

ٻي طرف حڪومت پنهنجي غلط پاليسين سبب عوام ۾ غير مقبول ٿي رهي آهي. عوام جي جن به پرتن کي هن حڪومت کان ڪجهه آسرا ۽ اميدون هيون. اهي مايوسيءَ ۾ تبديل ٿي رهيون آهن. گذريل تقريباً ٻن سالن جي عرصي کي ڏسندي اهو چئي سگهجي ٿو، ته اها حالت اڳتي اچا به وڌيڪ خرابي ڏانهن ئي راغب رهندي. حڪومت جي ان ناڪاميءَ جي نتيجي ۾ بينظير پٽو ۽ ميان نواز شريف جي مقبوليت ۾ وڌيڪ اضافو ٿي سگهي ٿو.

حڪومت ميان نواز شريف جي پارٽيءَ ۾ مٿين سطح تي ٽوڙ ڦوڙ ڪرڻ ۾ ته ڪجهه ڪامياب وئي آهي پر ورڪر ڪيڊر کي ان کان توڙي نه سگهي آهي ۽ نه ئي ان جي عوامي مقبوليت کي وڌڻ کان روڪي سگهي آهي. حڪومت جي پاران مقبول عوامي اڳواڻن جي خلاف ڪورٽ ٽرائل، ميڊيا ٽرائل ۽ ٻين انيڪ الزام تراشين ۽ بهتان بازين جي باوجود اهي انهن جي عوامي مقبوليت کي گهٽائي نه سگهيون آهن. اُلٽو موجوده غيرسياسي آمريت انهن جي مقبوليت ۾ اضافي جو سبب بني آهي. موجوده حڪمرانن اهو سمجهي ورتو آهي ته جيڪڏهن نواز شريف ۽ بي نظير پٽو کي سڌيءَ طرح چونڊن ۾ حصو وٺڻ ڏنو ويو ته هن جي حڪمت عملي ڪامياب نه ٿيندي. حڪمرانن جي مجبوري آهي، ته هُن کي چونڊون به ڪرائڻيون آهن، جمهوريت به بحال ڪرڻي آهي ۽ اُن ۾ پنهنجا من پسند نتيجا به حاصل ڪرڻا آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

11/9/2001

8-30 وڳي پٽي ۽ گهروارا ملڻ آيا. ٻنپهرن جو شاهنواز آيو. شام جو 5-00 وڳي ماڙيءَ تان پرچي آئي. ڊاڪٽر مصطفيٰ سهاڳ ملڻ لاءِ آيل هو. شام جو 14 واردِ ۾ وينا هئاسين ته حاجي ايوب آفريدي آيو ۽ ٻڌايائين ته آمريڪا ۾ جهازن سان حملو ٿي ويو آهي. اسان اتي ئي ان وقت ٽي وي کولي. سي اين اين، بي بي سي ۽ پي ٽي وي ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۽ پينٽاگون تي جهاز ٽڪرائي تباهي آڻڻ جي نشريات ٽيليڪاسٽ ڪري رهيون هيون. ان وقت آئون، حاجي صاحب ۽ اسلام الدين شيخ اتي ڪافي ٽائيم تائين ٽي وي ڏسندا رهياسين. 8-30 وڳي آئون پنهنجي واردِ تي آيس ته دائود خان بي بي سي ٻڌي رهيو هو. پر هو اڄ تمام گهڻو خوش هو ۽ چيائين ته آمريڪا جي تباهي ٿي وئي ۽ هاڻي پاڪستان جي به تباهي ٿي ويندي. بهرحال آمريڪا ۾ اڄوڪن واقعن آمريڪا ۽ باقي دنيا جي لاءِ گهڻا سوال اڀاري ڇڏيا هئا، جن جو جواب ايندڙ وقت ئي ڏيندو. خاص طور تي آمريڪا انهن واقعن جو ذميوار ڪنهن کي ٿو سمجهي ۽ ان لاءِ ڪهڙو ردعمل ٿو اختيار ڪري.

12/9/2001

اڄ ڪورٽ هئي. اڄوڪي تاريخ تقريباً ڏيڍ مهيني جي وقفي کانپوءِ آئي هئي. ايتري ڊگهي تاريخ جو سبب جج جو هڪ مهيني جي موڪل تي وڃڻ هو. اڄ مون وارو وڪيل محمد يوسف لغاري نه اچي سگهيو هو، جو هو لنڊن ويل هو. لغاري صاحب چئي ويو هو، ته اڄوڪي تاريخ تي ڪيس جي سلسلي ۾ ڪابه پيشرفت نه ٿيندي، جو مون جج کي Adjournment جي درخواست ڏئي ڇڏي آهي. هونئن اڄوڪي تاريخ تي چارج فريم ٿيڻي هئي، پر منهنجو خيال هو ته وڪيل نه هجڻ سبب چارج فريم نه ٿي سگهندي. بهرحال جڏهن سڏ ٿيو ته جج صاحب چيمبر ۾ ئي مون تي ۽ وزير عباس تي چارج فريم ڪئي ۽ آئيندي ڪيس هلائڻ لاءِ 27 تاريخ رکيائين ۽ ٽن شاهدن جي لاءِ نوٽس به جاري ڪيا ويا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اجوڪي تاريخ تي بہ ڪافي ماڻهو ملڻ لاءِ آيل هئا، جن ۾ بشير احمد ملاح، اقبال عنايت، نور محمد ڏاهري، جان محمد انصاري، غلام مصطفيٰ ميمڻ، مصري ميمڻ، علي احمد جوڪيو، چاچا عبدالله راهو، احسان گلاهه، قاسم سميجو، وحيد قادري، خدا بخش ميمڻ، محمد حنيف ميمڻ، رمضان سميجو، عبدالسلام، عزيز ميمڻ، منو نظاماڻي، گل محمد، آچار سميجو، حاجي لطف، عبدالله راهو، بشير ڪرل، راجہ غلام شبير، عمر شاهاڻي، بلاول خاصخيلي، يوسف جت، ملڪ جاويد، ملڪ افضل، بچل حجام، قربان ڪوڪر، نور محمد، غلام محمد پٽي، اسماعيل سميجو، رمضان سميجو، قائم سومرو، اسلم، شاهنواز، پٽي ۽ پيا همراه آيل هئا.

4-30 وڳي ڪورٽ تان نڪتاسين، ماڙي تي پهتاسين تہ اتي I.G نثار مهر، ميجر ڪوسو، A.S. اقبال ديوان ۽ آفتاب ڪتري اڳ ۾ ئي ويٺل هئا. انهن سان اتي ئي ملاقات ٿي ۽ ڪجهہ وقت اتي ويهڻ کان پوءِ سڌو پنهنجي واردِ تي آيس. ڪورٽ ۽ ماڙيءَ تي يا جيل جي اندر هر جڳهہ تي اهوئي بحث هلي رهيو هو، تہ آمريڪا تي دهشتگردن جي حملن جي نتيجي ۾ ڇا ٿيندو، سڄي صورتحال ڪهڙو رخ اختيار ڪندي ۽ ان جا نتيجا ڪهڙا نڪرندا!؟

13/9/2001

12-00 وڳي ماڙيءَ تان پرچي آئي، اتي گهر وارا ۽ پٽي آيل هئا. 1-00 بجي غلام حيدر انصاري عرف دودو ۽ پيا ڪجهہ همراه ملڻ لاءِ واردِ تي آيا. 2-30 وري ماڙيءَ تي ويس، تہ اسلم آيل هو. شام جو 5-00 وڳي وري پرچي آئي. سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ ميجر ڪوسو، DIG محمد بچل سانگري، عارب مهر، خان محمد مهر ۽ سپرنٽينڊنٽ راشد سعيد ويٺل هئا. ڪجهہ وقت انهن سان ڪچهري ٿي. اتي ئي خان محمد ٻڌايو، تہ انظار زيدي جو ڪيس ختم ٿي ويو ۽ هو ان مان باعزت بري ٿي ويو آهي. آئون جڏهن ماڙيءَ تان نڪتس تہ سڌو 17 واردِ ۾ ويس، اتي زيدي کي مبارڪباد ڏنم. هن مون کان اهوئي پڇيو تہ توهان کي ڪيئن خبر ملي؟ مون ٻڌايو تہ مون کي ماڙيءَ تان خبر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پئي، خان محمد ٻڌائي، پر زيدي اجان ٻه غير يقيني جي صورتحال ۾ هو، ته واقعي خبر صحيح ٻه آهي يا غلط! اتي رئيس ۽ رميش اديسي ٻه هئا. مٿان مصباح ۽ ڪريم ٻه زيدي کي مبارڪ ڏيڻ لاءِ پهتا. انهن کان نڪري ستار ڏيري ۽ عمٿان فاروقي سان مليس، اتي ئي پگانوالا ۽ رئوف قادري ٻه مليا. ساڻن ملي آئون پنهنجي واردِ تي آيس. وري 14 واردِ ۾ ويس ته سپرنٽينڊنٽ راشد سعيد، اسلام الدين شيخ، خان محمد، حاجي ايوب ۽ ذڪريا غني ويٺل هئا. ڪافي دير تائين اُتي ڪهچري ٿيندي رهي.

14/9/2001

صبح 12-30 وڳي اقبال عنايت مڙ لاءِ آيو. جنهن ڪانپوءِ شآهنواز ۽ لچمڻ آيا. شام جو 14 واردِ جو چڪر لڳايم، جتي حاجي ايوب، خان محمد ۽ اسلام الدين سان ڪچهري ٿي.

15/9/2001

8-30 وڳي ٻار ۽ ڀٽي آيا. سپرنٽينڊنٽ مون کي ٻڌايو ته توهان کي اڄ اسپتال موڪلينداسين، جتي توهان جي داخلا ٿيندي. آئون وري ڊپٽي امان الله نيازي وٽ آيس، جنهن ٻڌايو ته مون .C.M.O کي توهان جو چئي ڇڏيو آهي، اڄ توهان اسپتال ويندا. آئون واردِ تان ٿي وري فضل الاهي ميمڻ .C.M.O وٽ ويس، جنهن اسپتال جي لاءِ منهنجا ڪاغذ ناهي سپرنٽينڊنٽ کي موڪليا. شام جو 4-00 وڳي اسلم آيو، جنهن ٻڌايو ته اسان توهان کي اسپتال مان ڳولي وري هيڏانهن آيا آهيون. مون ٻڌايومانس ته گارڊ نه آيو آهي، جنهن ڪري نه وڃي سگهياسين. هاڻي ايندو ته ٺيڪ آهي، نه ته وري سومر تي اسپتال وڃڻ ٿيندو. شام جو واڪ ڪرڻ ڪانپوءِ ٻاهر ئي حاجي ايوب آفريدي ۽ خان محمد سان ڪچهري ٿي.

آچر 16/9/2001

اڄوڪو ڏينهن موڪل جو هو، حسبِ دستور ڪيڏانهن وڃڻ ڪونه ٿيو. سڄو ڏينهن واردِ تي پتا ڪيڏندي يا اڄ ڪلهه جي گرم موضوع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

يعني آمريڪا، پاڪستان ۽ افغانستان جي مسئلن تي ٽيڪا ٽپٽيءَ ۾ گذريو. هن سڄي معاملي ۾ هونئن ته ٻيون به ڪيتريون ئي ڳالهيون سامهون اچي رهيون هيون. 11 سيپٽمبر تي آمريڪا ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي حوالي سان هر گهڙي نيون ڳالهيون ٿي رهيون هيون ۽ ماڻهن جي توجهه جو مرڪز فقط اهو موضوع ئي هو. ماڻهو پنهنجي T.V تي مووي چينلز يا اسپورٽس جا چينلز نه، پر فقط B.B.C ۽ C.N.N ئي ڏسي رهيا هئا. هن سڄي مسئلي ۾ بنياد پرست ملن جون همدرديون ته لازمي طرح افغانستان ۽ اُسامه سان هيون، پر ان کان علاوه ٻي شيءِ جيڪا هڪدم واضح ٿي سامهون آئي، اها ته هن جهيڙي ۾ ”پنناڻ“ جون همدرديون ڪلي طرح ”افغانستان“ سان هيون. چاهي اهو ڪهڙي به سياسي جماعت يا مذهبي فرقي سان تعلق رکندو هجي.

ساڳيءَ صورتحال جيل ۾ به هئي. هتي موجود پختونن ۾ به افغانستان لاءِ همدردي ۽ آمريڪا جي لاءِ نفرت جو اهوئي جذبو جهلڪي رهيو هو، جيڪو ڪنهن تمام بنياد پرست ملان ۾ ٿي سگهيو ٿي. هتي ان ڪيفيت ۾ مون ڪيترائي اهي پنناڻ ڏٺا، جيڪي مسلمان ته ضرور آهن پر انهن جو بنياد پرستي ۽ ڪٽرپڻي ۾ ملان ازم سان ڪو پري جو واسطو به ڪونهي.

25/9/2001

17/9/2001 کان 24/9/2001 تائين جناح اسپتال ۾ رهيس. ڪلهه شام جو آئون جيئن ئي اسپتال کان جيل پهتو هئس، ته مون جلدي محسوس ڪيو ته هاڻي وري هڪ اڌ ڏينهن ضرور معمول بحال ٿيڻ ۾ لڳندو. حالانڪ آئون اسپتال ۾ ڪو گهڻو عرصو نه رهيو هئس، فقط 8 ڏينهن لڳا هئا ۽ اسپتال به اڌ جيل جي برابر هوندي آهي پر ڪيترين ئي ڳالهين ۾ اسپتال کان وڌيڪ جيل بهتر محسوس ٿيندو آهي. اسپتال جي بند ماحول کان جيل جي رهائش ۽ کلي هوا گهڻي بهتر آهي. جيل ۾ مختلف واردن ۾ ماڻهو سڄو ڏينهن پيو گهمي يا مختلف واردن ۾ سڄو ڏينهن پيا ماڻهو اچن ۽ وڃن. ائين پورو ڏينهن ڪچهريون ۽ داڙا ٽڪاءَ پيا هلن ۽ ڪنهن به وقت ماڻهو بور نٿو ٿئي، جيڪا شيءِ اسپتال جي ماحول ۾ مهيا نٿي ٿي سگهي. اسپتال ۾ قيدي کي جيڪي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻہ وڏا فائدا ٿين ٿا، اُهي، هڪ ته ڪيڏيءَ مهل ٻہ ڪنهن سان ملي سگهجي ٿو ۽ ٻيو فون ذريعي ڪيڏي مهل ٻہ ڪنهن سان ٻہ رابطو ڪري سگهجي ٿو، انهن ٻن آزاديءَ جي احساس ڪري اسپتال ۾ جهڙوڪر اڌ جيل جون پابنديون گهٽجيو وڃن.

اڄ 30-2 وڳي اسلم ملڻ آيو، جنهن ٻڌايو ته ضمانت جي درخواست، جيڪا اڄ رڪيل هئي، وري 2/10 تي رکي وئي آهي، جو سرڪاري وڪيل وقت گهريو. 00-4 وڳي وري ٻيا مهمان ملڻ لاءِ آيا، جن سان ڊپٽي جي آفيس ۾ ئي حال احوال ٿيا. شام جو ذڪريا غني ٻڌايو ته سندس ڪمپيوٽر آيو هو، پر ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ واپس ڪري ڇڏيو، جيتوڻيڪ هن وٽ ڪورٽ جو اجازت نامو ٻہ آهي. مون پڇيومانس، تو ڳالهايو ڪنهن سان هو؟ چيائين ته سپرنٽينڊنٽ سان. مون چيومانس ته، ”پوءِ ڪيئن پهچندو؟ جنهن سان توکي ڳالهائڻ ڪپندو هو، ان سان تو ڳالهايو ڪونہ، سپاٽي ڊپٽيءَ سان ڳالهائجانءِ.“ ذڪريا غني چيو، مون سپرنٽينڊنٽ سان ڳالهائي ڇڏيو آهي. اُن چيو آهي ته، سپاٽي گهرايو، توهان کي پهچي ويندو. چيومانس، اهو وري ٻہ نہ پهتو.

26/9/2001

00-11 وڳي وزير عباس ملڻ آيو. ٻئي ڏينهن تي ڪيس رڪيل هو، سو ڪجهہ ڪاغذن بابت ڳالهائڻ آيو هو. 30-2 وڳي ٻار ملڻ آيا. ذڪريا غني جو ڪمپيوٽر آيو، جيڪو ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ ڪمپيوٽر روم ۾ رکائي ڇڏيو. ۽ ذڪريا کي چورائي موڪليائين، ته توهين استعمال ڪرڻ چاهيو ته اتي يعني ڪمپيوٽر روم ۾ استعمال ڪري سگهو ٿا، باقي وارڊ ۾ ڪمپيوٽر رکڻ جي اجازت ڪونہ ڏيندس.

جنهن کان پوءِ ذڪريا وڃي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ امان الله نيازي سان ڳالهايو، ته ان شام جو ڪمپيوٽر اسان وٽ وري وارڊ تي پهچي ويو. ٿوري دير ۾ ذڪريا غني جي ”ڪميٽي ٽيم“ يعني ڪريم الله ۽ حسن ڪمپيوٽر انسٽال (Instal) ڪرڻ لاءِ پهچي ويا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

27/9/2001

اڄ ڪورٽ هئي. 30-10 وڳي ڪورٽ تي پهتاسين. اڄ ڪيس هلڻو هو، پر يوسف لغاري جي نہ پهچڻ سبب ڪيس نہ هلي سگهيو. جج رياض قلپوٽو وڏي تاريخ نہ ڏني ۽ پهرين تاريخ تي وري ڪيس رکيو. اڄ ڪورٽ تي سليمان ڏاهري، پرويز رانجها، شاهنواز، پٽي، دودو ڏيانگ، خيرو مهيري، چانديو، منو نظاماڻي، شيرل نظاماڻي، جان محمد انصاري، علي احمد جوڪيو، نور محمد، عبدالله، فدا، نور محمد ڏاهري، مرتضيٰ راهو، خدابخش ميمڻ، سرور جويو، اسلم، سائينداد سمون، لچمڻ، منشي ابراهيم، قاسم مير جت ۽ ٻيا همراه آيل هئا.

اڄ اسان جڏهن شام جو قيدي ڪٽڻ واري ڪورٽ موبائل ۾ واپس اچي رهيا هئاسين، تہ اسان سان گڏ فضل الله صديقي جي ساٿ ۾ ٽي همراه گاهي خاصخيلي، نصير محمد مري ۽ هڪ ميگهواڙ بہ گڏ هئا. اهي ٽيئي احتساب جي ڪيس ۾ هئا. ٽنهي جي اها حالت هئي جو نہ تہ ڪين سولو ڪپڙو پهريل هو، نہ ئي پيرن ۾ ڪا جتي، تمام مسڪين ماڻهو هئا. انهن ٽنهيءَ تي الزام ٻن ٻن لکن جي اندر هو. هو مٿن الزام لڳايل رقم پري آزاد ٿي سگهيا ٿي، پر ويچارن جي اها سگهہ نہ هئي جو پئسا پري سگهن. هنن ويچارن وٽ ايترا ٻہ ٽي هزار بہ نہ هئا جو ڪو اپرو سپرو وڪيل ڪري عدالت کي قسطن ڪرائڻ جي درخواست ڏئي سگهن.

اسان جي ملڪ جو احتساب هاڻي اتي اچي پهتو آهي جو اربن ۽ ڪربن جي ڦرلٽ ڪرڻ وارا تہ هنن کي ڏسڻ ۾ ٿا اچن، اتي احتساب جون اکيون بند ۽ ڪن ٻوڙا آهن، پر هنن مسڪينن ۽ غريبن کي، جن سان خود ٽڳي ٿيل آهي، تن کي ٻڌي ڪراچيءَ جي جيل اندر اچي واڙيو ويو آهي. ٻڌجي ڪراچيءَ ڪجي اچڻ کان اڳ هنن ماڻهن ڪڏهن ڪراچيءَ جو شهر بہ ڪونہ ڏٺو هو. ڪاش! بين الاقوامي ۽ اسان جو سڪي ميڊيا هنن ٻوجهہ مسڪين ۽ ٽمائن چهرن کي ڏسي سگهي ها، جيڪي پوليس جي موبائل ۾ منهنجي سامهون موجود هئا. تہ انهن جو ضمير بہ شايد ڪجهہ جهنجهوڙجي ها ۽ ملڪ توڙي دنيا جو عوام ڄاڻي سگهي ها تہ جنهن احتساب جو ايترو ڍنڍورو پٽيو پيو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڃي، ان جو شڪار ڪهڙا نہ بيوس ۽ لاچار ماڻهو ٿي رهيا آهن. حڪمران دنيا کي پنهنجا انگ اکر پورا ڪري ڏيکارڻ لاءِ مسڪين ۽ مصيبت جي ماريل ماڻهن تان بہ نہ ٿا ٿرن. هن جي ڪل چار چار ايڪڙ زمين هئي، جنهن مان بہ بہ ايڪڙ تہ ايل بي او ڊي (LBOD) کائي وئي، باقي سندن بہ بہ ايڪڙ زمين هي وڪڻندا. تہ بہ حڪومت ۽ نيب جو پيٽ پرجي نہ سگهندو، جو هي ماڻهو آزادي ماڻي سگهن.

شام جو ٻاهر اڳڻ تي آئون، وريام فقير، دائود خان، لالو يونس، امداد ۽ صديقي وينا هئاسين، تہ دائود خان نئون برداشتي رکڻ جو چيو ۽ ٻڌايائين تہ ڏاڍو سٺو بورچي آهي. ڪانئس پڇيوسين تہ ڪير آهي؟ ٻڌايائين تہ ذات جو ڦلپوٽو آهي، ان تي فقير صاحب رڙ ڪري چيو، لا لا! جي اهو رکيئي، تہ راهو صاحب جيڏي مهل بہ ڪورٽ تان ايندو تہ ان بورچيءَ تي جوتن جو زيپٽ هوندو. ان ڪري ان کي چڏي ڪو ٻيو ڳولہ.

بند ٿيڻ کان اڳ ۾ 14 وارڊ مان چڪر ڏئي وري 16 ۾ الهڏني ڏاهري سان ملڻ ويس، جنهن سان سندس ضمانت جي باري ۾ حال احوال ٿيو.

28/9/2001

10-30 وڳي ماڙي تان پرچي آئي. ويس تہ اسلم آيل هو. جمعي نماز کانپوءِ وارڊ تي ويٺو هئس. 3-00 وڳي وري پرچي آئي. ماڙيءَ تي اقبال عنايت سان ملاقات ٿي، وري جبار سان گڏجي آئون ۽ اقبال عنايت فيڪٽري ۾ امان الله نيازي وٽ وياسين. شام جو واڪ تي مصباح سان ڪچهري ٿي. مصباح روزانو واڪ ڪندو آهي، جڏهن تہ منهنجي واڪ ۾ وچ ۾ بريڪ ٿيندو رهندو آهي. آئون جڏهن بہ واڪ تي ويندو آهيان، تہ مصباح سان گهٽو ڪري ملاقات ضرور ٿيندي آهي. نت نئين صورتحال تي اڪثر منهنجي ۽ مصباح جي ڳالهہ ٻولہ ٿيندي رهندي آهي.

مصباح ڪراچيءَ جي واٽر بورڊ جو چيف انجنيئر رهيو آهي، جيڪڏهن سندس سروس بچي وئي (جنهن جا قوي امڪان آهن) تہ اچان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

18-19 سال سروس ڪندو. روزمره جي مسئلن کان وٺي قومي ۽ بين الاقوامي مسئلن تي ساٿس تمام سٺي ڪچهري ۽ خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي رهندي آهي.

29/9/2001

صبح جو 30-9 وڳي سپرنٽينڊنٽ وٽ ويس، ساٿس ڪچهري ٿي ۽ طبيعت جو پڇيومانس، جو ڪجهه ڏينهن کان پاڻ چاق ڪونه هو. 12-00 وڳي گهروارا ملڻ لاءِ آيا. جنهن کانپوءِ غوث بخش مهر ۽ اسلم آيا. انهن سان سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ ئي ملاقات ٿي. 4-00 وڳي 16 واردِ ۾ اسلام الدين وٽ ويس، جو اڄ هُن جي ريفرنسز جو فيصلو اچڻو هو. اتي ئي ماڙيءَ تان پرچي آئي، ويس ته لڇمڻ ۽ اسلم آيل هئا. اتي ئي خليل سهتي ۽ احسان پٽي سان ملاقات ٿي، جن ٻڌايو ته هو سميع مگريو کي هتي ڇڏڻ آيا آهن. سميع نيب جي ڪسٽڊي ۾ هو ۽ ٽن مهينن کان پوءِ اڄ کيس جيل ڪسٽڊي ۾ ڪيو ويو هو. اتي سميع به اچي ويو.

6-00 وڳي 18 واردِ ويس، اتي شعيب بخاري ۽ محمد حسن سان مليس. آئون 17 تاريخ اسپتال ويو هئس، ته ان ڏينهن تي متحده وارن جيل ۾ الطاف حسين جي سالگره جو پروگرام رکيو هو. ان کان پوءِ 20 تاريخ شهيد ٻٽو وارن مير مرتضيٰ ٻٽو جي ورسيءَ جو پروگرام رکيو هو. ٻنهي ڏرين شرڪت جي دعوت ڏني هئي، پر آئون اسپتال جي ڪري نه وڃي سگهيو [illegible] اڄ ان ڪري پهرين متحده جي دوستن وٽ ويس، ان کان پوءِ 22 - 23 واردِ ۾ علي سوناري وارن وٽ ويس. اتان حاجي صاحب وارن وٽ 14 واردِ ۾ آيس، جتان آئون ۽ خان محمد 15 واردِ ۾ آياسين. ڪجهه ڏينهن کان خان محمد اهو روٽين ناهيو هو، جو 8-00 وڳي ڏاري ذڪريا غني سان سوپ پيئڻ تي ڪمپني ڪندو هو.

آچر 30/9/2001

اڄ موڪل جو ڏينهن هو، صبح کان ڪيڏانهن وڃڻ ڪونه ٿيو. ٻنپهرن جي مانيءَ کان پوءِ ڏاهري آيو، ته پتن ڪڏڻ جي ٽورنامينٽ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شروع ٿي وئي. ڪجھ وقت کان پوءِ سپرنٽينڊنٽ آيو، جيڪو اندر ڪمري ۾ ذڪريا غني ۽ اسان سان ڪلاڪ ڏيڍ ويٺو رهيو. شام جو ابوبڪر جت ۽ عمر جت وارا آيا. ابوبڪر ٻڌايو ته هو صبح جو سويري آزاد ٿيندو، ان ڪري موڪلائڻ آيو آهي.

1/10/2001

اڄ 10-00 وڳي ڪورٽ پهتاسين. نئون وڪيل ڪي ايم نديم آيو. اڄ ڪيس نه هليو. نيب جي پراسيڪيوٽر فيروز پٽي خود ئي پنهنجي تياريءَ لاءِ ٽائيم ورتو. وري 13 تاريخ رکي وئي. اڄ جيڪي همراهه ملڻ آيا، انهن ۾ حنيف نهڙيو، ارباب علي شاهه، جبار گراٽو، علي محمد نوتڪاٽي، شاهنواز، محمد بخش نوتڪاٽي، پٽي، صالح هڳوڙو، سليمان ڏاهري، صالح بلوچ، عبدالله ملاح، حاجي عبدالرحمان ملاح، ناج محمد ملاح، پروفيسر ملاح، قاسم ميمڻ، عزيز ميمڻ، صالح ميمڻ، ڊاڪٽر ميمڻ، غلام حيدر راهو، لچمڻ، ڊاڪٽر خليل. غلام رسول سُوهو، سيٺ ڏرم، خميسو جت، فدا، اسلم ۽ ٻيا هم ۽ سامل هئا.

4-30 وڳي ڪورٽ تان نڪتاسين. حبل جي ماڙيءَ تي اقبال عنايت اڳ ۾ ئي ويٺل هو. اقبال سان ڪچهري ڪري واپس وارڊ تي پهتس. 7-00 وڳي 14 وارڊ تي ويس، جتي اسلام الدين شيخ به اڄ تاريخ تان ٿي آيو، اتي حاجي ايوب آفريدي ۽ خان محمد به هئا. ٿوريءَ دير ۾ رئوف قادري ۽ چوڌري شريف به آيا. سيئي شيخ کان سندس ڪيس جي باري ۾ احوال وٺي رهيا هئا.

2/10/2001

اڄ 3-00 وڳي اسلم ملاقات تي آيو، جنهن ٻين احوالن سان گڏ اهو به ٻڌايو ته ضمانت جي درخواست جي تاريخ وري ڏهه ٿي وئي آهي. اڄ شام خبر پئي ته انظار زيدي آزاد ٿي ويو آهي. شام جو ٻاهر مصباح مليو جنهن ٻڌايو ته اڄ سندس اپيل تي بحث مڪمل ٿيو ۽ فيصلو محفوظ ڪيو ويو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

3/10/2001

1-30 وڳي پرچي آئي، ويس ته اسلم آيل هو. واپس وارڊ تي آيس. 3-00 وڳي وري اسلم ۽ اقبال عنايت ملاقات لاءِ آيا. اتان ٿي سڌو اسپتال ۾ ڊاڪٽر ميمڻ صاحب وٽ ويس، جتي ڊاڪٽر امبرت راءِ ۽ رميش به ويٺل هئا. اتي ئي وينا هئاسين، ته 5-00 وڳي ماڙيءَ تان پرچي آئي، ويس ته لچمڻ آيل هو. شام جو مصباح سان گڏجي واڪ ٿيو. جنهن کان پوءِ آئون ۽ وريام فقير اڌ ڪلاڪ لاءِ حاجي ايوب وٽ وياسين.

4/10/2001

11-30 وڳي ٻار ملاقات تي آيا. ان کان پوءِ پٽي آيو. ڪجهه وقت کانپوءِ سليمان ڏاهري ملاقات تي آيو. 1-30 وڳي وارڊ تي موٽي آيس، 4-00 وڳي C.M.O. جي پرچي آئي، جتي غلام حسين ميمڻ آيل هو. اتان 6-00 وڳي وري واپس آيس، ته ٻاهر سليم شيخ مليو، جنهن ٻڌايو ته آئون ڪڙيو گهنور جو آهيان، ڪاهيڪي موريءَ وٽ ڳوٺ آهي. ان کي آئون پنهنجي وارڊ تي وٺي آيس. ٻڌايائين ته آئون 3 سال پهرين به جيل تي رهي ويو آهيان ۽ هينئر 8 مهينن کان هتي آهيان. چيومانس ته توکي مون سان پهرين ملڻ ڪپندو هو. ان کان پوءِ 16 وارڊ ۾ سميع مڳريو وٽ ويس، ان سان حال احوال ڪرڻ کان پوءِ ٻئي اسان جي وارڊ تي آياسين. بعد ۾ سميع اجازت ورتي ۽ آئون وري 14 وارڊ مان چڪر ڏئي پنهنجي وارڊ تي آيس.

5/10/2001

اڄ 1-30 وڳي اسلم ملاقات تي آيو. ان کان اڳ ۾ صبح جو 10-00 وڳي خبر پئي ته مصباح الدين جي اپيل بحال ٿي ۽ ڪيس هاءِ ڪورٽ باعزت بري ڪري ڇڏيو آهي. آئون ۽ وريام فقير ڪيس 16 وارڊ ۾ مبارڪ ڏيڻ وياسين. 4-00 وڳي ڊاڪٽر شام ۽ لچمڻ ملاقات لاءِ آيا. شام جو 7-15 وڳي آئون، خان محمد ۽ وريام فقير 16 وارڊ ۾ وياسين. ته وارڊ بند ٿي چڪو هو. درين مان الهڏني ڏاهري ۽ مصباح سان سلام دعا ڪري وري واپس آياسين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

6/10/2001

صبح جو 10-00 وڳي گهروارا ملاقات تي آيا. 12-30 وڳي وارڊ تي موٽي آيس. 3-00 وڳي آئون ۽ وريام فقير سي ايم او ڊاڪٽر فضل الاهي ڏانهن وياسين. اُتان واپس اچي رهيا هئاسين، ته رستي ۾ ئي ملاقات جي پرچي آئي. ويس ته اسلم آيل هو. واپس وارڊ تي آيس ته علي حسن، نصير مري، امداد ۽ لالو دائود اڳ ۾ ئي ويٺا هئا. شام جو 14 وارڊ ۾ حاجي ايوب آفريدي ۽ سلام الدين شيخ سان ڪجهه وقت ڪچهري ڪري وري موٽي آيس.

آچر 7/10/2001

12-00 وڳي صديقي آيو. آئون، صديقي، لالو دائود ۽ وريام فقير ڪجهه دير جي لاءِ تاش کيڏياسين. ٻنپهرن جي ماني کائڻ کان پوءِ الهڏنو ڏاهري آيو، ته ان سان گڏ وري پتي راند جي محفل شروع ٿي. شام جو سپرنٽينڊنٽ راشد سعيد اسان جي وارڊ ۾ آيو، جيلر عثمان ملهڻ به ساڻس گڏ هو. راشد سعيد سادو انسان آهي. صبح جو 7-00 وڳي جيل تي پهچي ويندو آهي ۽ اڪثر شام تائين هتي ئي هوندو آهي. پاڻ جيل جي مختلف وارڊن مان چڪر ڏيندو آهي. قيدين سان سندس رويو پنهنجائپ وارو هوندو آهي. جيڪڏهن ڪير ڪيس سڃاڻندو نه هجي، ته هي جيل سپرنٽينڊنٽ آهي، ته سندس اٿڻ، ويهڻ ۽ ڍنگ مان ڪڏهن به اهو نه سمجهبو ته ڪو هي سپرنٽينڊنٽ آهي.

راشد سعيد جي وڃڻ کان پوءِ آئون 14 وارڊ ۾ ويس، جتي حاجي ايوب سان ويٺو هئس، ته لالو دائود به اتي آيو. حاجي، دائود خان کي ٻڌايو ته مولانا فضل الرحمان کي گرفتار ڪري گهر ۾ نظربند ڪيو اٿن. ڪجهه دير کانپوءِ خان محمد به آيو.

8/10/2001

صبح جو 9-00 وڳي جيل سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ويس، جتي اسپتال وڃڻ جي لاءِ گارڊ معلوم ڪرڻو هو. رات آمريڪا افغانستان تي حملو ڪري ڇڏيو هو، جنهن ڪري شهر ۾ سيني فورسز کي هاءِ الرٽ ڪيو ويو هو. ڪورٽ پوليس به رڳو ڪجهه ضروري ڪورٽن جا قيدي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

کڻڻ آئي هئي. بهرحال سپرنٽينڊنٽ فون ڪري گارڊ گهرايو. جنهن کان پوءِ 11-00 وڳي آئون ۽ الهڏنو ڏاهري اسپتال لاءِ نڪتاسين. پهريائين الهڏني ڏاهري کي سروسز اسپتال لاٿائون. جنهن کان پوءِ اسان سول اسپتال وياسين. ڏاهري کي ميڊيڪل بورڊ جي حڪم تي ڪجهه ٽيسٽن لاءِ گهرايو ويو هو، جو سندس ضمانت جي درخواست ميڊيڪل گرائونڊ تي داخل ڪئي وئي هئي. سول اسپتال پهتاسين ته شاهنواز اڳ ئي آيل هو. ڪجهه دير کانپوءِ ڀٽي به آيو.

اسان ڊاڪٽر يونس سومرو جي وارڊ مان ٿي واپس ايڊمنسٽريشن بلاڪ ۾ اچي ويٺاسين. ڊاڪٽر يونس سومرو ان ڏينهن آيو ئي ڪونه هو. ان ڏينهن اسپتال ۾ اسلم، مشتاق احمد راهو، ڊاڪٽر شام، اقبال عنايت ۽ لڇمڻ به آيا.

4-30 وڳي اسپتال مان نڪتاسين، شام جو 7-00 وڳي 14 وارڊ ۾ حاجي ايوب، اسلام الدين، صوفي ۽ مثل خان وارن سان ويٺا هئاسين، ته خبر ڀٽي ته چوڌري احمد مختيار جي ضمانت منظور ٿي وئي آهي. ٿوري دير ۾ خان محمد مهر سان گڏ اڳوڻو سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر سرور جمالي آيو، ڪجهه دير ڪچهري ٿي، جنهن کان پوءِ ڊاڪٽر جمالي موڪلايو ۽ اسان پنهنجي وارڊ تي آياسين.

9/10/2001

اڄ 11-30 وڳي چوڌري احمد مختيار وٽ پهرئين وارڊ ۾ ويس. چوڌري صاحب کي سندس ضمانت تي مبارڪ ڏنم. واپسيءَ وقت پاڻ چيائين، آئون توهان جي وارڊ ۾ هلان ٿو، جو دائود پٺاڻ سان ملڻو اٿم. اچي رهيا هئاسين، ته رستي ۾ سندس پارٽي وارا ڪارڪن بيٺل هئا ۽ نعرا هڻي رهيا هئا. پاڻ چيائين ته آئون ڪجهه وقت هنن وٽان ٿي پوءِ توهان ڏانهن اچان ٿو. آئون 15 وارڊ ۾ آيس. ٿوريءَ دير ۾ چوڌري به آيو، ڪجهه وقت اسان وٽ ويٺو، پوءِ موڪلايائين. ان وقت فقير وريام، دائود خان، ذڪريا غني ۽ صديقي به موجود هئا.

4-00 وڳي ملاقات جي پرچي آئي. ويس ته آفيس ۾ سپرنٽينڊنٽ، ميجر غلام حسين کوسو، عارب مهر، خان محمد مهر،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رئوف قادري ۽ اشرف نظاماڻي ويٺل هئا. اسان اتي ڪچهري ۾ ويٺا هئاسين ته ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ نيازي اچي ٻڌايو، ته توهان جي پاءُ جو هاڻي فون آيو هو، توهان جي چاچي جو انتقال ٿي ويو آهي. آئون سمجهي ويس ته حسن گذاري ويو هوندو، جو ان جي طبيعت گهڻي ٺيڪ ڪونه هئي. مون عارب مهر کي چئي اسلم کي فون ڪرايو، ته هتي اچي.

6-00 وڳي اسلم آيو، ٻڌايائين ته اسان پئرول جي ڪوشش ڪئي آهي، ٿي سگهي ٿو ته ٿي وڃي. بهرحال اسلم احوال ڏيڻ کانپوءِ نڪتو ۽ چيائين، جيڪڏهن پئرول ٿيو ته آئون وري موٽي ايندس. اسان سپرنٽينڊنٽ کي اهو ٻڌائي ڇڏيو، جنهن چيو ته اوهان ڪيڏي مهل به اچي ملي وڃجو. حسن جيڪو بابا جو سڳو سوٽ آهي، سندس عمر 45 سالن جي لڳ پڳ هوندي پر سندس گردا خراب ٿي ويا هئا. حسن ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ جيل ۾ به رهي آيو هو. مون کي ياد آهي ته 17 جنوري 1987ع تي، جيڪو بابا جي شهادت جو ڏينهن آهي، ان ڏينهن صبح جو سويري بابا مون کي چيو ته، ڪنهن کي موڪل ته حسن کي وٺي اچي.

حسن آيو، ته بابا اندر ڪمري ۾ ناشتو ڪري چانهه پي رهيو هو. ان وقت آئون ۽ شايد ٻيو ڪير به اتي ويٺل هو. اهو چنچر جو ڏينهن هو، تلهار جي مال پڙي لڳل هئي. بابا، حسن کي چيو ته توهان ٻئي وڃو، وڃي مينهون وٺي اچو. بابا ٻئي ڪنهن جي لاءِ به چيس ته ان کي پاڻ سان وٺي وڃو. شايد ماما قاسو ڦل لاءِ چيائين. حسن چيو ته اسين مينهون پسند ته ڪري وٺنداسين، پر ان جي ملهه ڇڏائڻ ۽ ڏيتي ليتيءَ جي لاءِ ڪو ڏٺي به هجي، اوهان ٻئي ڪنهن کي به اسان سان گڏي ڏيو. بابا چيس ته اوهين پاڻ ڏٺي آهيو. اوهان سان ٻئي ڪنهن جي ڪهڙي ضرورت آهي، ٻيو ڪير گڏجي هلندو؟ سڀ ڪم توهان کي ڪرڻو آهي.

بابا کي ڊيري فارم قائم ڪرڻ جو پهرين کان، يعني جيل کان ئي شوق هو. 1985ع ۾ جڏهن پاڻ لانڊي جيل ۾ هو، يا پوءِ وري سول اسپتال ڪراچيءَ ۾ داخل هو، ته مون کي پهريائين چيائين فش فارم لڳايو. پوءِ وري چيائين ته فش فارم آئون ٻاهر ايندس، پوءِ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لڳائينداسين. تون هينئر ڊيري فارم وڃي لڳاءِ. مون کي پورو تفصيل سمجهايائين ۽ اهو طئي ٿيو ته پهرئين فيز ۾ 100 مينهن جو فارم لڳائينداسين. تنهن کان پوءِ ان کي وڌائبو. آئون ڳوٺ آيس ته ڪجهه ڏينهن ۾ وري مون کي ڪراچي گهرايائين ۽ چيائين ته في الحال ان کي ڇڏيو. توتي هينئر ٻيا ڪم به گهڻا آهن. هي ڪم صحيح طرح ڪري سگهندا الائي نه. ان ڪري منهنجي ٻاهر اچڻ کانپوءِ ڪنداسين.

پاڻ جون 1986ع ۾ آزاد ٿيو. ته ايندي ئي شرط سياسي سرگرمين ۾ مصروف ٿي ويو. آزاد ٿيڻ کان پوءِ شروعاتي 3- 4 مهينن دوران سندس سياسي سرگرميون تمام تيز هيون. عوامي رابطه مهم ۾ گهڻا دورا ڪيائين ۽ اهوئي دور هو. جنهن ۾ ملڪ جي چئن ترقي پسند پارٽين ولي خان جي نئشنل ڊيمو ڪريٽڪ پارٽي، عوامي تحريڪ، پي اين پي ۽ مزدور ڪسان پارٽي جي انضمام جي نتيجي ۾ عوامي نيشنل پارٽي وجود ۾ آئي ۽ ايم آر ڊي نئين تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪري چڪي هئي. جيئن ئي ڪيس ٿوري فرصت ملي، ته سيپٽمبر جي آخر ۾ ڊيري فارم جو شيڊ ٺهرائڻ جو ڪم شروع ڪرائي ڇڏيائين. نومبر ۾ زرعي بئنڪ کان قرض کڻڻ جي لاءِ پاس بوڪ جمع ڪرايائين. ان قرض منظور ڪرائي ڏيڻ ۾ زرعي ترقياتي بئنڪ بدين جي ريجنل مئنيجر علي انور ميمڻ جو وڏو ڪردار هو. بابا مون کي چيو ته ڊيري فارم جو ڪم في الحال پاڻ پٽ ست ڪري شروع ڪريون ٿا. پوءِ جي بئنڪ قرض ڏنو ته ڪم سولو ٿي پوندو، جي نه ته ڪجهه ڏکيائي ٿيندي.

سندس شهادت کانپوءِ ميمڻ صاحب مون کي ٻڌايو ته جڏهن پهريون ڀيرو فاضل صاحب مون کي فون ڪيو. ته آئون پاڻ حيران ٿيو هئس ته فاضل راهو مون سان ڇو ٿو ڳالهائڻ چاهي ۽ ڳالهائڻ جي شروعات ئي ان سان ڪيائين ته "بدنام زمانه ماڻهو آهيون ۽ اوهان سان ملنداسين!" مون سائس ملڻ جو ٽائيم ته طئي ڪري ڇڏيو. پر مون سوچيو پئي. ته هي وڏو سرڪار مخالف ۽ خطرناڪ ماڻهو آهي. مون سان الله جائي ڇو ٿو ملڻ چاهي. منهنجي ذهن ۾ هن جي لاءِ حڪومت ۽ فوج جو وڏو مخالف هجڻ سان گڏوگڏ. هڪ ڏکيو. اوڏو ۽ خطرناڪ ماڻهو هجڻ وارو تاثر اڳئي قائم هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ميڻو صاحب ٻڌايو ته آئون ساڻس پهرين ملاقات ۾ ئي ايترو ته متاثر ٿيس جو پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻئي ڪنهن به شخص کان نه ٿيو هوس. علي انور ميڻو شهيد فاضل جو ذڪر ڪندي چوندو آهي ته ڪنهن شخص جي حيثيت جو تعين انهي متعلق سندس هم خيالن جي راءِ سان نه، پر غيرجانبدار يا اجا به وڏيڪ سندس مخالفن جي راءِ مان لڳائي سگهبو آهي چيائين، ته مون جڏهن شهيد صاحب جو ذڪر سيد علي مير شاه سان ڪيو، جنهن جو تعلق جماعت اسلامي سان آهي ۽ هو نظرياتي طرح فاضل صاحب جو وڏو مخالف هو، تنهن چيو ته فاضل راهو جي نظرياتي ۽ سياست سان ته اختلاف ڪري سگهجي ٿو پر سندس اصول پسنديءَ سان نه! هو اهو ماڻهو هو، جنهن جي اڳيان دنيا جهان جي دولت جا انبار لڳائي ڇڏجن ته به هو ان تي Compromise (سوديبازي) نه ڪندو.

ڳوٺ ڊيري فارم جو ڪم هليو پئي اسان اجا سَتر اَسي مينهون مس خريد ڪيون هيون جو سندس شهادت ٿي. ڊيري فارم جي ڪم ۽ مينهن جي خريداري ۾ حاجي قاسم ملاح گهڻو ڪري ساڻس گڏ هوندو هو.

حاجي قاسم واڙي جي ڪم ۽ مينهن جي خريداري متعلق شهيد جي هڪ ڳالهه جو ذڪر اڪثر ڪندو آهي.

حاجي ٻڌايو، ته هو ڊسمبر 1986ع جي ڪنهن ڏينهن تي راهوڪي آيو. جڏهن فاضل صاحب ماڻهن مان واندو ٿيو ته ڪيس چيائين، ته حاجي ويهه گاڏيءَ ۾، مينهون وٺڻ لاءِ مال جي پڙيءَ تا هلون. مون چيومانس ته هاڻي وري ڪهڙيون مينهون ملنديون؟ پڙيءَ وارو وقت ته توهان ماڻهن ۾ وڃاءِ ڇڏيو. اسين پڙيءَ تي پهتاسين ته ايتري دير ٿي چڪي هئي جو وڪرو تقريبن ختم ٿي چڪو هو. فاضل صاحب اتان ئي گاڏي حيدرآباد ڏي واري. مون چيومانس ته سائين حيدرآباد ۾ ته فساد لڳا پيا آهن ۽ ڪرفيو به لڳل آهي، ايڏهين ڪيڏانهن ٻرندي باهه ۾ تا وڃي هلو؟ پاڻ ورندي ڏنائين ته خير آهي هلي پهچنداسين. شام جو اسين گنجي ٽڪر وٽ پهتاسين ته گاڏين جون قطارون بيٺل هيون. شايد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪرفيو ۾ وقفي جو ٽائيم ٽيڻ وارو هو. شهيد سيني گاڏين کي ڪراس ڪندو، اڳيان جتي اچي چُن جي آخري لائين لڳل هئي، اتي گاڏيءَ کي بيهاريو. ان کان اڳيان فوجي جوان ۽ انهن جون گاڏيون روڊ بند ڪريو بيٺيون هيون. اهلڪار اتي ڪجهه ماڻهن کي ڪڪڙ بنايو هيٺ ويهاريو بيٺا هئا.

اسان جي بيٺي هڪ ٻي گاڏي اچي بيٺي، جيڪا اسان کان ٻه پوئتي هئي، ان مان همراهه لٿا جيڪي ٻهراڙيءَ جا لڳي رهيا هئا ۽ انهن سان ذائفائون ٻه گڏ هيون. اهلڪارن انهن کي حڪم ڏنو ته هڪدم پوئتي هٽو، هن اچي لڪير مٿي گاڏي چو بيهاري اٿو. هُن چيو ته وقفي ۾ باقي ٻه ٽي منٽ آهن. سپاهين انهن سان گهٽي بدتميزي ڪئي. هُن فورن گاڏي پوتي هٽائي. اسين اهو سڀ ڪجهه گاڏيءَ ۾ ويٺي ڏسي رهيا هئاسين. فاضل صاحب گاڏيءَ مان لٿو، ان کي ڏسي مون ٻه دل ٻڌي ۽ هيٺ لٿس.اسان جي لهڻ شرط اهلڪار اسان ڏانهن متوجهه ٿيا. پهريائين هُن شايد اهو سمجهو پي ته پوئين گاڏيءَ کي هٽندو ڏسي، اسين پاڻ ئي گاڏي پوئتي ڪنداسين. همراهن اسان جي ويجهو اچي تحمڪاڻ انداز ۾ چيو ته ”گاڏي پويان هٽايو، پوئين اچي لڪير کان اڳتي گاڏي نٿا بيهاري سگهو.“ شهيد چين ته گاڏي جتي بيٺي آهي، اُتي صحيح آهي، ان کان پوئتي نه هٽندي. هُن هڪدم ڪٿي اسان مٿان رائفلون تاڻيون ۽ چيو ته فوري پوئتي هٽو نه ته گولي هڻي ڇڏينداسين. ايتري ۾ اهلڪارن جو تعداد زياده ٿي ويو. شهيد وري ڪين جواب ڏنو ته گاڏي نه هٽندي. ان گوڙ تي ماڻهو جيڪي پنهنجي گاڏين مان لهي هيٺ بيٺا هئا، اُهي ٻه سڀ اچي اُتي گڏ ٿيا.

اُن هُل تي ڊيوٽي ڪندڙ اهلڪارن جو آفيسر ٻه اچي اتي پهتو. تمام جوانن هڪدم ڪٿي اسان جي سامهون پوزيشنون ورتيون. آئون ڊهلجي ويس. منهنجو پورو جسم ڏڪي رهيو هو. آئون ائين محسوس ڪري رهيو هوس، جڻ مون کي 104 ڊگري بخار اچي ويو هجي. مون فاضل صاحب کي چيو ته سائين پنهنجا آخري ڏينهن اچي ويا آهن. مهرباني ڪري گاڏي ٻه قدم پوئتي هٽايو. مون کي چيائين ته حاجي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پريشان نہ ٿي ڪجھ بہ ڪونہ ٿيندو. آفيسر تمام گھٽي ڪاوڙ، زوردار آواز ۾ حاڪماڻي انداز ۾ گاڏي کي پوئتي هٽائڻ وارو حڪم ورجايو. ٻي صورت ۾ گولين جي وسڪاري جي ڌمڪي ڏني. محمد فاضل بہ ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ چيائين تہ اوهين اهوئي ڪري سگھو ٿا جو پنھنجي ملڪ جي بي هٿيار ۽ پر امن شھرين کي گولين جو ڪاڄ بنايو، ٻيو اوهين ڪھڙو وڃي ڪشمير آزاد ڪرائيندا. معصوم ماڻھن جي انھن قاتل دهشتگردن کي ڇو نٿا گوليون هڻو جن جي ڪري هي ڪرفيو لڳا آهن.

مون سمجھيو تہ اجھو ٿا سڀ اسان جي مٿان ورن ۽ هاڻي بچڻ جو ڪوبہ آسرو ڪونھي. آفيسر چيو تہ اوهين پنھنجو تعارف ڪرايو؟ شهيد وراڻين تہ آئون هن وطن جو رهواسي آهيان، اسين هزارن سالن کان هن ڌرتيءَ تي رهون ٿا. اوهين ڪلھ جا آيل ڪيئن ٿا مون کان تعارف پڇو؟ بلڪ خود تعارف ڪرايو. ان تي آفيسر بگڙي پيو، حڪم ڏنائين تہ هن کي گرفتار ڪريو. مون ڏٺو تہ هاڻ معاملو هٿن مان ويو. مون شهيد کي منٿ ڪئي تہ سائين ضد نہ ڪريو تعارف ڪرائي جان ڇڏايو. مون کي چيائين تہ تون ماٺ ڪري ويھ. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. مون وراڻيو تہ سائين سڀ بلڪل ٺيڪ ڪونھي. پويان منھنجي سٽڻ کي هٿ لاءِ ڏسو. ان تي پاڻ کلي پيو. اسان کي چيو ويو تہ اوهان پنھنجي گاڏيءَ ۾ ويھو ۽ اسان سان گڏ هلو. اسين ٻئي پنھنجي گاڏيءَ ۾ ويٺاسين، اڳيان پويان هُن جون گاڏيون هيون. اسان کي شهر ۾ هيڊڪوارٽر تي آندو ويو اسين هُن جي گھيري ۾ پنھنجي گاڏيءَ ۾ ويٺا رهياسين. ڪجھ وقت کان پوءِ انھن جو هڪ ٻيو وڏو آفيسر آيو. جنھن هڪ ئي سوال ۾ ڪيترا سوال ڪيا. توهان قانون ٽوڙيو آهي؟ اوهان جو ڇا مسئلو آهي؟ توهين آهيو ڪير؟ توهان تي ڪيس داخل ڪري، جيل موڪليو ويندو. فاضل صاحب چيس تہ قانون ۽ آئين توهان ٽوڙيو آهي. توهان جا اهڪار ڏنڊي ۽ طاقت جي زور تي عام ماڻھن جو بي عزتيون ڪن ٿا ۽ انھن جي تذليل ڪري انھن کي ٻي درجي جو شھري ثابت ڪن ٿا. اهو تڪرار ڳيل دير هلندو رهيو. آخر هن چيو تہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

توهين پنهنجو نالو ٻڌايو. محمد فاضل جو ساڳيو جواب ته آئون هن ملڪ جو شهري آهيان. منهنجا حق اهي ئي آهن جيڪي هڪ عام شهري جا آهن. آفيسر واپس اندر بلڊنگ ۾ هليو ويو. اسين ساڳئي رائيفلن جي گهري ۾ بيٺا رهياسين. ڪجهه وقت کان پوءِ ڪمپائونڊ جي اندر سول سرڪاري گاڏي آئي. جنهن مان هڪ آفيسر لهي اسان ڏي آيو. فاضل صاحب کي چيائين ته سائين توهان آهيو چا. اسان کي ته هن پريشان ڪري ڇڏيو آهي. شهيد کي چيائين ته توهان هتي بيهو، آئون اندر آفيس مان ٿي موٽي اچان ٿو. هن جي وڃڻ کان پوءِ مون فاضل صاحب کان پڇيو ته هي ڪير آهي؟ مون کي ٻڌايائين. هي ايس ڊي ايم آهي. ٿوري دير ۾ ايس ڊي ايم ۽ ٻيو آفيسر بلڊنگ مان ٻاهر آيا. آفيسر پنهنجي اهلڪارن کي هٿڻ جو حڪم ڏنو. فاضل صاحب کي چيائون ته توهان کي تڪليف ٿي، هاڻي توهان ڀلي وڃو. اسين گاڏي ۾ ويهي نڪتاسين ته مون شهيد کي چيو ته هاڻي سڀ کان پهرين گهر هلي مون کي ڪپڙن جو ڪو وڳو ڏيو ته آئون پنهنجا ڪپڙا مٽايان. شهيد وري ٽهڪ ڏنو.

10/10/2001

اڄ هاءِ ڪورٽ ۾ منهنجي ضمانت جي درخواست جي ٻڌڻي رکيل هئي. آئون جيل تي ئي هوس ۽ دوست هاءِ ڪورٽ ويل هئا. 11 وڳي ماڙيءَ تان پرچي آئي. ويس ته ڊاڪٽر شام ۽ شاهنواز آيل هئا. جن ٻڌايو، ته ضمانت جي درخواست وري 12 تاريخ تي رکي وئي آهي. 3.30 بجي اقبال عنايت ملڻ لاءِ آيو، جنهن کان پوءِ ڀٽي ۽ گهر وارا ملاقات تي آيا.

11/10/2001

اڄ اسپتال وڃڻ جو پروگرام هو. گارڊ نه اچڻ ڪري اهو نه ٿي سگهيو. آئون صبح جو تيار ٿي وراندي ۾ آيس ته وريام فقير اخبارون پڙهي رهيو هو. پڇيومانس ڪا " خاص خبر؟" حڪومت کي گار

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏيندي چيائين. ”هڪڙي خراب خبر آهي.“ ائين چوندي اخبار ڪٽي منهنجي هٿ ۾ ڏنائين، جنهن ۾ اها خبر هئي ته صدارتي آرڊيننس ذريعي سي آر پي سي جا سيڪشن 497 جو 1/3,4 ۽ 426 جو 1/1 ختم ڪيا ويا آهن. هي اهي سيڪشن آهن جن جي ڪري جيڪڏهن ڪنهن ڪچي قيدي جو ڪنهن مقرر وقت جي اندر ڪيس جو فيصلو نه ٿو ٿئي يا پڪي قيدي جي ڪنهن مقرر وقت جي اندر اپيل طئي نٿي ٿئي ته ان جي ضمانت جو حق ٿي ٿو وڃي، بشرطيڪ ان ۾ دير جو سبب خود جوابدار نه هجي. اُهو مقرر وقت ڏوهه جي نوعيت يا مليل سزا تي منحصر هوندو آهي. ضمانت جو هي قانون ختم ڪري انڊير نگري جي انتها ڪئي وئي آهي. سي آر پي سي (Cr. P.C) جي هن قانون کي مارشلا جي دور ۾ به ختم نه ڪيو ويو هو. مارشل لا جي دور ۾ به ملٽري ڪورٽن جي ڪيسن کان سواءِ باقي عام ڪورٽن ۾ هي قانون لاڳو رهيو. هونئن هن قانون تحت هڪ سال ۽ ٻن سالن کان پوءِ ضمانت جوابدار جو حق هئي. هاڻي اهو حق ڪسيو ويو هو ۽ قانون ۾ اها تبديلي ڪئي وئي آهي ته ضمانت فقط ميرٽ جي بنياد تي ٿيندي، جيڪا طئي ڪرڻ جج جو پنهنجو اختيار آهي. هونئن به ضمانت ڏيڻ يا رد ڪرڻ ڪلي طرح جج يا ججن جو اختيار ئي آهي پر هن آرڊيننس سان حڪومت کي قيدين جي ضمانت واري حق تي اثر انداز ٿيڻ جو سبب ملي ويو آهي. وريام فقير جڏهن صبح جو اخبارون پڙهندو آهي ته انهن ۾ پهرين نيب جون خبرون ڳوليندو آهي. نيب جي قيدين جي حوالي سان ڪا مثبت خبر ملندي اٿس ته بڏائيندو آهي ته، چڱي خبر آهي ۽ جيڪڏهن ڪا منفي ڳالهه هوندي ته بڏائيندو، بري خبر آهي. پر جيڪڏهن نيب جي حوالي سان ڪا به خبر نه ملبس ته چوندو، هيتريون اخبارون پڙهيون اٿم پر منجهن ڪجهه ئي ڪونهي.

2.00 بجي اسلم ملاقات تي آيو. 4.30 بجي ڏاري ماڙيءَ تان اچي رهيو هوس ته نئين ڪمپيوٽر روم تي آءِ جي برگيڊيئر نثار مهر سان ملاقات ٿي. شام جو ڊاڪٽر امبرت راءِ وريام فقير جو بلڊ پريشر چيڪ ڪرڻ لاءِ وارڊ ۾ آيو هو. اُتي فقير، صديقي، دائود خان بلڊ پريشر چيڪ ڪرايو. ڊاڪٽر سان ڪافي دير گپ شپ ٿي. شام

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو 7.00 بجي 14 واردِ ۾ ويس تہ اُتي خان محمد، حاجي ايوب، اسلام الدين، عثمان فاروقي، ستار ڏيرو، صديق گڪڙ ۽ شفيع وينا هئا. ڪچهريءَ ۾ صدارتي آرڊيننس تي بحث هلي رهيو هو.

ڪن دوستن جو خيال هو تہ هي آرڊيننس تمام خراب آيو آهي ۽ ان جو عام قيدين تي گهٽو ٻُرو اثر پوندو. جڏهن تہ ڪن جو خيال هو تہ هي آرڊيننس ضمانت جي لاءِ تمام گهٽو فائديمند ٿيندو، جو ان مان مقرر وقت واري پابندي ختم ٿي وئي آهي. آئون ڪو قانون جو ڄاڻو تہ ڪونہ هئس پرخيالن جي ڏي وٺ تائين آئون پهرين خيال وارن سان متفق هئس. اتان ٿي واپس پنهنجي واردِ ڏي آيس تہ فقير صاحب ٻاهر ئي بيٺو هو. چيائين، سائين ايڏانهن ايڏي وڏي ميٽنگ لڳي پئي هئي چا؟ چيومانس، اها سچي توهان واري آرڊيننس تي پئي هلي.

اڄ آمريڪا ۾ ٿيل دهشتگرديءَ جي واقعن کي هڪ مهينو گذري چڪو آهي. 11 سيپٽمبر جي دهشتگرديءَ جي واقعن دنيا جي واحد سپرپاور کي خوفزده ڪري ٽرٽلي ۾ وجهي ڇڏيو آهي. 11 سيپٽمبر تي ورلڊ ٽريڊ سينٽر (W.T.C) جي بلند عمارت کي چند گهڙين جي اندر مٽيءَ جو ڍير بنايو ويو. اها عمارت پنهنجي بلنديءَ ۾ دنيا جي اندر آمريڪا جي معاشي ۽ تجارتي بلندي ۽ تسلط جي عڪاس هئي. ٻيو نشانو پينٽاگون (Pentagon) کي بنايو ويو، جيڪو پنهنجي طاقت ۾ دنيا تي آمريڪا جي مٿانهپ (Supremacy) جو نشان (Symbol) آهي. آمريڪا جيڪو بظاهر دنيا جي اندر امن جو پيامبر بنجي دهشت گرديءَ خلاف جنگ لڙي رهيو آهي. دنيا جو اهو طاقتور ترين ملڪ، جنهن کي گهٽ ۾ گهٽ هن وقت سندس دنيا تي قائم بادشاهت آڏو ڪوبہ چئلينج سامهون ڪونهي. ان جي اوليت دنيا تي پنهنجي حاڪميت قائم رکڻ کان پوءِ پنهنجي ملڪ اندر امن امان قائم رکڻ ۽ پنهنجي شهرين جي مڪمل حفاظت ڪرڻ آهي، آمريڪا جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ اهو انهيءَ مقصد لاءِ هر جائز ۽ ناجائز عمل ڪري سگهي ٿو.

11 سيپٽمبر تي ٿيل خوفناڪ ۽ لرزه انگيز دهشتگرد حملن جو آمريڪا ڪڏهن تصور بہ نٿي ڪري سگهيو. آمريڪا جيڪو پنهنجي طاقت ۽ قوت جي استعمال لاءِ ٻين ملڪن جون سرزمينون منتخب

ڪندو رهيو آهي ۽ پنهنجي سپر پاور ٿيڻ جي جدوجهد جون تمام جنگيون، فساد، خونريزيون ۽ تباهيون ٻين ملڪن اندر ڪرائيندو رهيو آهي، ان جي سرزمين تي اوڻوهين صدي جي خانه جنگي کانپوءِ ڪابه جنگ نه لڙي وئي آهي ۽ نه ئي ان جي سرحدن اندر ڪو ٻيو ملڪ يا طاقت حملو آور ٿي آهي.

اوڻهين صدي جي خانه جنگي جيڪا (65_1860ع) ۾ آمريڪا جي رياستن درميان وڙهي وئي، اها آمريڪا جي نئين علائقن ۾ غلاميءَ کي وڌائڻ يا ختم ڪرڻ جي مسئلي تي اترين رياستن (Union) ۽ ڏاکڻين رياستن (Confederacy) جي وچ ۾ جنگ هئي. آمريڪا جي تاريخ جي ان خونخوار جنگ جي پڇاڻي غلامي ختم ڪرڻ جي حامي يونين Un-ionist جي فتح جي صورت ۾ ٿي، پر انهن جي اُن فتح کي ابراهم لنڪن جي قتل غمگين بنائي ڇڏيو. ان خانه جنگي کان پوءِ آمريڪين ڪڏهن به پنهنجي سرزمين تي ڪابه جنگ نه وڙهي آهي.

آمريڪين جو آمريڪا جي ڌرتي تي ٻيو قتل عام تڏهن ٿيو، جڏهن ٻي عالمگير جنگ ۾ جاپان پرل هاربر تي حملو ڪيو. ٻي عالمي جنگ جيڪا يورپ، آفريڪا ۽ ايشيا جي ميدانن تي وڙهي پئي وئي ۽ آمريڪا شروع ۾ سڌيءَ طرح ان جنگ ۾ شامل نه هو پر 2 ڊسمبر 1941ع تي جاپان جي پرل هاربر تي حملي آمريڪا کي ٻي عالمي جنگ ۾ سڌو سنئون گهڙڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. جاپان پرل هاربر تي حملو ڪري نه رڳو اتي آمريڪي فوجي تنصيباتن کي تباهه ڪري ڇڏيو هو، پر انهن جي ئي سرزمين تي ڪيترن ئي سون آمريڪين کي خون ۾ رڱي ڇڏيو هو. جنهن جو بدلو آمريڪا آگسٽ 1945ع ۾ عالمي جنگ جي خاتمي وقت جاپاني شهرن هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ائٽم بم اڇلائي ٻنهي شهرن کي هزارين جاپانين سميت نيست نابود ڪرڻ جي صورت ۾ ورتو. پرل هاربر تي ٿيل حملي کانپوءِ هي پهريون ڀيرو هو جو آمريڪين تي انهن جي زمين تي حملو ڪيو ويو هو ۽ هزارين آمريڪين سميت ڪيترن ئي انسانن کي جيئري لکين ٽن ملبي ۽ مٽيءَ جي اندر دفن ڪيو ويو هو.

1941ع ۾ پرل هاربر تي ٿيل حملي ۽ 60 سال پوءِ ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۽ پينٽاگان تي ٿيل حملن ۾ گهڻو فرق هو. ست سال اڳ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آمريڪا دنيا جي تنها واحد طاقت ڪونہ هو. دنيا جي مٿان آمريڪي طاقت جو اجا ايڏو وڏو دبدبو جمايل نہ هو. آمريڪا کي دنيا مٿان ايترو سياسي، معاشي ۽ اقتصادي تسلط حاصل نہ هو. ان وقت پرل هاربر تي حملو ڪرڻ وارا جهاز جاپاني هئا ۽ جاپان جي سرزمين تان اڏايا هئا، جڏهن تہ ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۽ پينٽاگان کي تباهہ ڪندڙ جهاز خود آمريڪي هئا ۽ آمريڪا جي پنهنجي سرزمين تان مختلف ايئرپورٽن تان اڏايا هئا. انهن ۾ گهڻا مسافر بہ آمريڪي هئا، تہ بارود طور ڪم ڏيندڙ جهازن ۾ پريل تيل بہ آمريڪي هو ۽ ان کي هلائيندڙ پائلٽ بہ آمريڪي شهريت رکندڙ هئا.

آمريڪي ڪڏهن بہ ايترو خوفزده ۽ دهشت زده نہ ٿيا هوندا، جيترو هن واقعن کان پوءِ ٿيا آهن. انهن واقعن نہ رڳو آمريڪا پر پوري اولهہ کي ڳڻتيءَ واري صورتحال ۾ وجهي ڇڏيو. آمريڪا جيڪو هن وقت دنيا جو بي تاج بادشاهہ بنيل آهي. جيڪڏهن ان سان سندس ئي ملڪ ۾ اهو سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو تہ پوءِ يورپ ڪيئن ٿو محفوظ رهي سگهي؟ انگريز بادشاهہ جنهن جو يونين جيڪ (برطانوي جهنڊو) ڪنهن زماني ۾ اڌ دنيا مٿان ڦڙڪندو هو ۽ دنيا جي وڏي ۾ وڏي نوآبادياتي نظام جو مالڪ هو جنهن ۾ آمريڪا بہ شامل هو، اهو بہ هينئر آمريڪا جي آسري ۽ سهاري تي هلي رهيو آهي.

دنيا جي تاريخ ۾ مختلف دورن ۾ ڪيترائي ملڪ سپر پاور رهيا آهن ۽ ڌرتيءَ تي طاقت جا مرڪز (Power Centers) تبديل ٿيندا رهيا آهن. وقت سان چٽ پٽن سان لڳندا رهيا آهن، هر ڪمال زوال جو مزو چکيندو رهيو آهي. مصر جا فرعون، بابل (Babylon) ۽ ميسوپوٽيميا جون تهذيبون، يونان جي تهذيب ۽ شهري رياستون، ايران جو عظيم دارا Darius-I ۽ Gyrus the Great، سڪندر اعظم، عظيم رومن امپائر، مسلمانن جي سلطنت عثمانيہ Ottoman Empire، هندستان جا مغل، فرانس جا لوئز Louis، تاج برطانيہ Great Brittian، روس جا زار، جرمنيءَ جا قيصر ۽ سوويت يونين پنهنجي وقت ۾ دنيا جون بي مثال طاقتون رهيون آهن. پر انساني تاريخ ٻڌائي ٿي، تہ اهڙا وقت تمام ورلي آيا آهن، جو ڪنهن قوم يا ملڪ جي بي پناهہ طاقت دنيا ۾ ناقابل چئلينج رهي هجي. جيئن هن وقت آمريڪا جي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

1990ع واري ڏهاڪي ۾ سوويت يونين (U.S.S.R.) جي خاتمي کان پوءِ آمريڪا دنيا جي اقتدار جو ٻئي ڪنهن جي ٻه شرڪت ڪانسواءِ اڪيلو مالڪ بنجي ويو آهي. سوويت يونين جيڪو نه رڳو هڪ وڏي عسڪري عالمي طاقت هو، پر دنيا جي اُن عظيم ۽ پرڪشش نظريي جو پوئلڳ ۽ محافظ به هو جنهن ويهين صديءَ ۾ سامراج ۽ سرمائيدارن جون ننڍون حرام ڪري ڇڏيون هيون. لينن جي قيادت ۾ دنيا جي پهرين سوشلسٽ رياست سوويت يونين جي قائم ٿيڻ ڪانپوءِ فقط اڌ صديءَ جي اندر اهو نظريو دنيا جي آباديءَ جي ٽئين حصي کان وڌيڪ آبادي تي حڪمراني ڪري رهيو هو. آمريڪا روسين کان نه، پر ان نظريي کان خائف هو، جيڪو جيڪڏهن پنهنجي اصل روح سان عمل ۾ اچي هاته اڄ دنيا جو نقشو تبديل ٿيل هجي ها ۽ دنيا مان طاقت جو توازن (Balance of Power) ائين ختم نه ٿي وڃي ها، جيئن اڄ آهي.

شايد برطانوي عظيم مفڪر ائڊم اسمٿ Adam Smith جي اها پيشن گوئي اڄ برحق نه لڳي ها جيڪا هن پنهنجي همعصر آمريڪي رياستدان مفڪر اليگزينڊر هيملٽن Alexander Hamilton کي نظر ۾ رکندي 1776ع ۾ ڇپجندڙ پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب ”قومن جي دولت“ ۾ ڪئي. هو لکي ٿو ته، ”(آمريڪي) دڪاندارن ۽ واپارين مان رياستدان (Statesman) ۽ قانون ساز (Legislator) بنجي ويا آهن ۽ ان ڪوشش ۾ آهن ته هڪ وسيع مملڪت جي حڪومت جو نظام قائم ڪري وٺن. هو فخريه چون ٿا ته انهن جو هي ملڪ (آمريڪا) ايترو وڏو ۽ طاقتور هوندو جو ان جهڙو دنيا ۾ ڏينهن تائين نه ڏٺو هوندو ۽ ان ۾ عجب نه آهي ته هو ان ۾ ڪامياب به ٿي وڃن.“

جڏهن ائڊم سمٿ هي لفظ لکي رهيو هو، ته ان وقت آمريڪا آزاد به نه ٿيو هو ۽ ايڏا اهو برطانيا جي ڪالوني هو. ان ئي سال آمريڪا کي برطانيا جي نوآباڊياتي نظام مان آزادي ملي. اڄ ان کان سوا ٻه سئو سال پوءِ آمريڪا کي دنيا جي واحد طاقت واري حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي.

آمريڪا هن سڄي دهشت گرديءَ جو ذميوار مسلم انتها پسندن کي قرار ڏيئي چڪو آهي، جن جي اڳواڻي اُسامه بن لادن ڪري رهيو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي. آمريڪا ڪجھ ڏينھن کان افغانستان تي حملو ۾ شروع ڪري چڪو آهي. ھن وقت جيڪو سوال اپري ٿو، اُھو نہ تہ بن لادن يا افغانستان جو ڇا ٿيندو، پر اھو تہ ڏکڻ ايشيا جي ھن پوري خطي جي فوجي ۽ سياسي بيھڪ ڪھڙي وڃي بيھندي. طالبان حڪومت ختم ڪرڻ آمريڪا جي لاءِ ڪو مسئلو نہ آهي پر طالبان جي لاءِ تہ پاڪستان ئي ڪافي آهي. آمريڪا کي نہ تہ افغانستان کي پنھنجي نوآباديات ٺاھڻو آهي ۽ نہ ئي اتي پنھنجون مستقل فوجون ويھارڻيون آھن. ھا، البتہ اُتي پنھنجي ڪٺ پتلي افغان حڪومت ضرور قائم ڪندو. آمريڪي فوجون افغانستان ۾ زميني جنگ ۾ پنھنجو پاڻ کي سڌو سنئون گھڻي عرصي لاءِ نہ ڦاسائينديون. پر اھو ڪم ھو افغانن کان ئي وٺنديون. يعني اتر اتحاد ۽ ظاھر شاھ جي ڪلھي تي آمريڪي بندوق ھلندي.

ڪي چون ٿا تہ آمريڪا سان افغانستان ۾ اھو حشر ٿيندو جيڪو روس سان ٿيو، ان جو فيصلو وقت ئي ڪندو پر ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ افغاني جنگجو آھن. اھي پھاڙن جي پيداوار آھن ۽ سخت جان آھن،ڪيترن ئي سالن تائين پھاڙن ۾ رھي مزاحمتي جنگ وڙھي سگھن ٿا. قديم توڙي جديد تاريخ ۾ ھو حملہ آورن سان مھاڏو اٽڪائيندا آيا آھن. پر 1980ع واري ڏھاڪي ۾ جيڪا روس خلاف افغانستان جي سرزمين تي جنگ لڙي وئي، ڇا اھا فقط افغانين لڙي ھئي؟ آمريڪا افغان لڙائي ۽ روس افغان لڙائي ۾ جيڪڏھن رڳو ڪجھ شين جي پيٽ ڪبي تہ صورتحال واضح طور سامھون اچي ويندي. جڏھن روس افغانستان جي اندر مداخلت ڪئي تہ ان وقت خود روس معاشي طور عدم استحڪام جو شڪار ھو. سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي روس جو مراعات يافتہ طبقو بنجي چڪي ھئي جيڪا پنھنجي 70 سالن کان وڌيڪ بادشاھت جي آخري ڏھاڪي ۾ داخل ٿي چڪي ھئي. سوويت يونين جي اندر علائقائي ۽ قومي ڪشمڪش ھڪ لاوي وانگر ٻري رھي ھئي. رڳو افغانستان نہ، پر سوويت يونين جو اڳر جيڏو دفاعي خرچ ان جي پوئتي پوندڙ ۽ ٽٽندڙ ڦٽندڙ معيشت لاءِ ناقابل برداشت ھو، ان سڄي جنگ ۾ عالمي طرح روس تنھا ھو. ايتري قدر جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪميونسٽ چين ۽ هن جو مخالف هو. باقي ٻيو اوڀر يورپ يا وارسا پئڪٽ جا ملڪ خود معاشي طرح روس تي بوجھ هئا.

جڏهن ته هن وقت آمريڪا پوري دنيا جي معيشت کي ڪنٽرول ڪري رهيو آهي. دنيا جا عالمي معاشي ادارا ان جي اشارن جا محتاج آهن ۽ پورو اولھ (Western World) هن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملايو بيٺو آهي ان کان علاوه عرب ملڪ ۽ انهن جي دولت ۽ هن جنگ ۾ اسلامي انتها پسندن سان نه پر مغربي دنيا سان شامل آهي. جڏهن ته افغان روس جنگ ۾ اهي سڀ طاقتون، انهن جو ميڊيا، پئسو ۽ هٿيار افغان انتهاپسندن سان گڏ هئا. ايا ۽ جيڪڏهن ان کي هيئن چيو وڃي ته افغانستان جي اندر روس کي شڪست افغان مجاهدين نه پر آمريڪا، مغربي دنيا، آمريڪي مفادن جي حامي عرب ملڪن ۽ پاڪستان پنهنجا تمام تر وسيلا ڪتب آڻي پوءِ ڏني ته ان ۾ ڪوبه شڪ ۽ وڌاءُ نه ٿيندو. ان جو اندروني عنصر اهو هو ته روس افغانستان ۾ شڪست کائڻ کان اڳ پنهنجي اندروني نظام ۾ شڪست کائي چڪو هو.

ان افغان جنگ دوران آمريڪا پاڪستان جي ذريعي ايترو ته هٿيار ڏنو جو ايڏو عرصو گذرڻ باوجود اڄ ۽ پاڪستان، افغانستان ۽ ڪشمير ۾ اهوئي هٿيار استعمال ٿي رهيو آهي. اڄ ۽ افغانستان جي اندر آمريڪا جا هٿيار ئي آمريڪا جي خلاف استعمال ٿي رهيا آهن. پاڪستان کي روس خلاف استعمال ڪرڻ لاءِ اربين ڊالر امداد ڏني وئي، جيڪا تقريباً ان وقت جا حڪمران هڙپ ڪري ويا. جيڪڏهن ان وقت پاڪستان ان امداد مان قرض جي ادائيگي ڪري ها ته ملڪ جو قرض لاهڻ ۾ ان مليل اربين ڊالر امداد جو چوٿون حصو ۽ خرچ نه ٿئي ها ۽ ملڪ مڙني قرضن کان آجو ٿي وڃي ها. آمريڪا، روس ۽ ڪميونزم کي ڪفر قرار ڏئي، انهن جي خلاف مذهبي انتهاپسندي جي هٿيار کي استعمال ڪندي مسلم ملان ميدان تي لاٿو، جيڪو افغانستان ۾ روس خلاف ته خوب استعمال ٿيو، پر هن وقت آمريڪا جي مٿي جو سور بڻيل آهي.

آمريڪا افغانستان ۾ پنهنجي مرضيءَ جي حڪومت مسلط ڪرڻ ۾ ته ڪامياب ويندو پر وڏا شهر ڇڏي اندرين علائقن ۾ ان حڪومت کي مسلسل مزاحمت کي منهن ڏيڻو پوندو. دنيا جي فاتحين لاءِ افغانستان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪ گذر گاهه رهيو آهي. جيڪو ڪين وچ ايشيا ۽ هندستان ڪٽي ٿو اچي. ڪوروش (Cyrus the Great)، دارا اعظم(Great Darius-I) سڪندر اعظم، چنگيز خان، تيمورلنگ، عرب فاتحين ۽ نادر شاهه افغانستان جا جبل ۽ پهاڙ انهي ڪري فتح ڪيا جو زرخيز ۽ دولتمند هندستان تائين رسائي حاصل ڪري سگهن. اوڻهين صديءَ ۾ برطانيا پنهنجي هندستان جي بادشاهت کي ٻين حملا آورن کان محفوظ رکڻ لاءِ افغانستان سان ٻه جنگيون لڙيو. مٿئين سپني سپه سالارن کي افغان قبيلن جي مزاحمت کي منهن ڏيڻو پيو.

ڇا، آمريڪا فقط افغانستان جا سُڄا پهاڙ فتح ڪرڻ جي لاءِ اربين ڊالر خرچ ڪندو؟ ان جا ٻه جواب ٿي سگهن ٿا: هڪ ته آمريڪا جي اندر ٿيل دهشتگرد ڪارروائين آمريڪي حڪومت تي عوام جي اعتماد کي ڏوڏي ڇڏيو آهي. پوري دنيا جي مٿان آمريڪا جي قائم ڪيل بالادستي جي ديدبي ۽ معاشي تسلط ۾ گهڻا ڏار پئجي ويا آهن. آمريڪا جي معاشي استحڪام کي زبردست ڏڪ لڳو آهي. آمريڪا جون اسٽاڪ ايڪسچينج ويهي رهيون ۽ ڪيترين ئي ايئرلائنون بيهجي ويون آهن. آمريڪا ۽ يورپ جو ٽوئرزم اڌ کان ٻه گهٽجي چڪو آهي. سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالهه ته ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۽ پينٽاگان تي حملن جي نتيجي ۾ آمريڪا جو ناقابل تسخير دفاعي نظام بلڪل واڙو ۽ وائکو ٿي ويو آهي. انهن سپني شين جي بحاليءَ جي لاءِ آمريڪا اربين ته ڇا، ڪروڙين ڊالر به خرچ ڪري سگهي ٿو.

ٻيو ته پاڪستان، سينٽرل ايشين اسٽيٽس (وچ ايشيائي رياستن) ۽ وچ اوڀر ۾ ايڏي پئماني تي فوجي ساز سامان ۽ جٿن جي تعيناتي ۽ آمريڪي بحري بيڙن جي آمد جا فقط طالبان جي ڪمزور حڪومت کي ختم ڪرڻ ۽ بن لادن کي پڪڙڻ لاءِ آهي يا ان جو تعلق هن خطي ۾ آمريڪي دائمي مفاد سان به آهي؟ هن وقت بظاهر ته آمريڪا اهي سڄ ڪشالا دنيا ۾ امن ۽ شانتي ڏيڻ لاءِ پيو ڪري، پر آمريڪا هميشه پنهنجي دائمي مفادن کي زياده اهميت ڏني آهي. سوويت يونين جي ختم ٿيڻ کانپوءِ ڏکڻ ايشيا جو خطو آمريڪا جي لاءِ خاص حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي. وچ ايشيائي رياستن جي دولت ۽ اتي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

طاقتور چين جي موجودگي آمريڪا جي لاءِ نڙيءَ ۾ ڦاٽل هڪ ڪنڊي وانگر آهي.

چين جيڪو نہ رڳو هڪ فوجي طاقت آهي، پر ان جي معاشي ترقي ۽ ٽيڪنالاجي ايشيا سان گڏ يورپ ۽ آمريڪا ۾ بہ پنهنجي وسيع مارڪيٽ حاصل ڪري چڪي آهي. سينٽرل انڊيپينڊنٽ اسٽيٽس (C.I.S.) جي نئين ۽ وسيع مارڪيٽ چين جي پهچ ۽ رينج ۾ آهي. آمريڪا طرفان ڪشمير مسئلو حل ڪرڻ پڻ ان سلسلي جي ڪڙي آهي. تنهن ڪان پوءِ آمريڪا جي نئين عالمي نظام (New Wrold Order) ۾ هن خطي جي ملڪن جو نقشو تبديل آهي ۽ انهيءَ لاءِ بہ آمريڪا پنهنجي عسڪري موجودگي ضروري سمجهي ٿو.

هاڻي ان ڳالهہ تي اچجي، تہ اُسامہ يا انتها پسند ملان ڪنهن جي پيداوار آهي. اُسامہ بن لادن جي تربيت ڪنهن مسجد يا مدرسي ۾ نہ پر آمريڪي سي آءِ اي (C.I.A). ۽ برطانيہ جي اسپيشل فورس (S.A.S) جي زيرنگراني ٿيندي رهي آهي. بنياد پرست مذهبي ۽ فوجي تربيت ونڻ ڪانپوءِ ڪيس افغانستان ۾ سوويت يونين خلاف استعمال ٿيڻ لاءِ ميدان تي لاٿو ويو. اڄ جو انتهاپسند ملو ڪنهن بي هنڌان نہ پر 1980ع واري ڏهاڪي ۾ آمريڪي سي- آءِ- اي ۽ پاڪستاني ادارن جي مشترڪہ نرسريءَ جي پيداوار آهي. جڏهن افغانستان ۾ انهن جو ڪردار ختم ٿي ويو تہ پاڪستاني ادارن جن افغانستان ۾ سي آءِ اي سان گڏيل ڪارروائين (Operations) ۾ ڪافي تجربو ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري ورتو هو، ان کي استعمال ڪندي اسلامي انتهاپسنديءَ کي ڪشمير ۾ شهہ ڏني ۽ 90 واري ڏهاڪي ۾ ان کي تمام گهڻو مضبوط ۽ طاقتور ڪري ڇڏيو. سوشلسٽ آئڊيالاجي جي پس پرده ٿي وڃڻ، ترقي پسند ۽ قومي تحريڪن جي ڪمزور ٿيڻ ڪان پوءِ آمريڪا انتها پسند اسلامي آئيڊيالاجي کي پنهنجي عالمي طاقت جي لاءِ خطرو سمجهي ٿو. حالانڪہ هن وقت ترقي پسند ۽ قومي تحريڪون ڪو دنيا مان ختم نہ ٿي ويون آهن، پر دنيا جي نقشي تي طاقت جو توازن تبديل ٿي وڃڻ ڪان پوءِ اهي تحريڪون ڪمزور ٿي عملي طرح ختم ٿي ويون آهن يا بلڪل نڌڻڪيون ۽ بي واهيون ٿي ويون آهن. عوام ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خصوصاً نوجوانن کي انهيءَ ۾ ڪو اتساهه (Inspiration) نظر نه ٿو اچي.

اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جهڙي صوبي ۾ جنهن جو عوام ڪڏهن مذهبي انتهاپسنديءَ جي ويجهو به نه پهتڪيو هو، اتي اڄ اندرون سنڌ جي هر ضعلي جي اندر ڪيترن ئي نوجوانن جا لاش پهچي چڪا آهن، جيڪي مذهبي انتهاپسنديءَ جي جذبي ۾ ڪشمير ۽ افغانستان ۾ جهاد جي جنگ لڙڻ ويا. اڄان به ڪيترا نوجوان ان ۾ شامل آهن ۽ نوان وڃي رهيا آهن. اڄ کان ڏهه ٻارهن سال اڳ اها ڳالهه تصور به نه ڪري سگهبي هئي ته سنڌ جو نوجوان جيڪو مذهبي ڪٽرپڻي کان پري هو، اهو قومي ۽ ترقي پسند جذبن سان سرشار هو ۽ تحريڪن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو هو. اهو مذهبي انتهاپسنديءَ جي ور چڙهي ويندو. ڪيڏانهن منهن مريم جو ڪيڏانهن تندو الهيار!

اها ڊرامائي تبديلي رڳو ان صورتحال جي ڪري پيدا ٿي، جنهن ۾ ڪابي ڏر ۽ قومي تحريڪن جي ڪمزور ٿيڻ کان پوءِ هڪ خال (Vacuum) پيدا ٿيو آهي، جنهن کي اسلامي انتهاپسندي پُر ڪيو آهي. نوجوانن جي ڪجهه ڪرڻ جي جذبي (Excitement) کي مذهبي انتهاپسنديءَ ۾ ڪشش نظر آئي آهي ۽ آهستي آهستي ان رجحان ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي. آمريڪا جي اندر دهشت گرديءَ جي واقعن کان قطع نظر هڪ ٻي ڳالهه غور طلب آهي ته بنياد پرست ملون ڪيتري قدر آمريڪا جو دشمن آهي؟ اها ڳالهه نه وسارڻ ڪپي ته انهن مان ڪيترن ئي جي تربيت مغربي ادارن ۾ ٿي آهي.

اهڙا مثال ۽ واقعا هڪ کان وڌيڪ موجود آهن، ته آمريڪا پنهنجا دائمي مفاد حاصل ڪرڻ ۽ انهن جي تحفظ لاءِ ڪجهه به ڪري سگهي ٿو. ڪن خاص واقعن ۽ وقتن تي آمريڪا جا پهرئين نمبر جا دشمن اڳتي هلي آمريڪي توسيع پسند مفادن جا محافظ ثابت ٿيا آهن.

ايران ۽ عراق جي جنگ ۽ ان کانپوءِ 1990ع واري ڏهاڪي ۾ عراق جي صدام حسين جي ڪردار مان ڪنهن کي فائدو پهتو؟ سعودي عرب ۽ ڪوويت کي آمريڪي فوجن جي خرچ ۽ اسلحه جي خريداريءَ ۾ سوين ارب ڊالر آمريڪا کي ادائيگي ڪرڻي پئي. انهن علائقن ۾ آمريڪا کي مستقل اڏا ۽ فوجي چانوڻيون مليون ۽ اهي به عرب ملڪن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي خرچ تي! آمريڪي يهودين جي عراق کي ڪمزور ڪرڻ جي پاليسي ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿي. منهنجو اهو مطلب قطعي نه آهي ته موجوده صورتحال ۾ به لازمي طرح ائين هجي، پر اهو هڪ امڪاني پاسو ضرور آهي.

هن سڄي صورتحال ۾ پاڪستان پنهنجو ڪردار طئي ڪري چڪو آهي، يعني آمريڪا ۽ ان جي اتحادين جو ساٿ ڏيڻ. حڪومت جي ان فيصلي تي ڪي حلقا تنقيد ته ڪي حمايت ڪري رهيا آهن. حمايت ڪرڻ وارن جو اهو چوڻ آهي ته جنرل پرويز مشرف تمام همت ۽ جرئت وارو قدم (Bold and Courageous Step) کنيو ۽ اهو صحيح فيصلو آهي جيڪو ملڪ ۽ قوم جي فائدي ۾ آهي. يقيناً مذهبي انتهاپسنديءَ ۽ دهشت گرديءَ جي مقابلي ۾ عالمي برادريءَ جو ساٿ ڏيڻ بلڪل صحيح فيصلو آهي، پر منهنجي خيال ۾ صحيح فيصلي جي ڳالهه اتي ٿيندي آهي جتي هڪ کان وڌيڪ موقعا (Options) موجود هجن. ڇا اسان وٽ هن صورتحال ۾ آمريڪا جو ساٿ ڏيڻ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو به هو جو اسان اهو اختيار ڪري سگهون ها.

منهنجي خيال ۾ پاڪستان حڪومت افغان مسئلي تي جيڪو ڪجهه ڪيو آهي، ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪري به نٿي سگهي. حڪومت جي ان فيصلي جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا، اهو ته ايندڙ وقت ثابت ڪندو، پر ان جا ٻئي پاسا ذهن ۾ رکڻ کپن. ان جا ڪجهه مثبت پهلو آهن ته ڪجهه منفي نتيجا به نڪرندا. پاڪستان آمريڪا جي مدد ڪري، ان جو اتحادي ٿي عالمي طرح تنها ٿيڻ کان بچي ويندو، ٻيو ته آمريڪا ۽ ان جي اتحادين جي مدد سان پاڪستان پنهنجي معاشي بدحاليءَ جي صورتحال کي تبديل ڪري سگهي ٿو. بشرطيڪ ملندڙ قرض ۽ امداد کي صحيح طريقي سان استعمال ڪيو وڃي ۽ ملندڙ معاشي فائدن کي چند شخصي مفادن کان بچائي ملڪ ۽ عوام جي فائدي ۾ استعمال ڪيو وڃي. حڪومت جي آمريڪا جي اتحادي ٿيڻ جي ان عمل جون ملڪ جون لبرل سياسي قوتون حمايت ڪنديون. ان صورت ۾ حڪومت سان انهن جي مفاهمت جا ڪنهن حد تائين امڪان به پيدا ٿي سگهن ٿا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اسان جي ملڪ جي اندر افغان مسئلي تي صورتحال اڳي کان گهڻي مختلف آهي. يعني اڳوڻيون آمريڪا ۽ حڪومت جون مددگار ڌريون جن ۾ ڪجهه اعتدال پسند سياستدانن ۽ تنظيمن کان علاوه مذهبي سياسي تنظيمون ۽ انتهاپسند مذهبي تنظيمون، جيڪي هميشه آمريڪا جا مددگار رهيا آهن، اُهي هينئر هن مسئلي تي آمريڪا جا سخت مخالف آهن. ٻي طرف لبرل ۽ ڪجهه اعتدال پسند سياستدان ۽ تنظيمون جيڪي حڪومت مخالف آهن، اُهي هن مسئلي تي آمريڪا ۽ حڪومت جي تائيد ڪري رهيا آهن. هن سڄي صورتحال ۾ هڪ ڳالهه ضرور محسوس ڪئي ويندي ته پاڪستاني مقتدر قوتن جو گذريل ٽيهن سالن ۾ جيڪو سياسي ڪردار رهيو آهي، اهو هن نئين تبديليءَ ۾ پنهنجي ڪهڙي نئين صورت اختيار ڪري ٿو. پاڪستان جي پوري تاريخ ۾، پر خاص طور تي گذريل ٽيهن سالن ۾ ملڪ جون ساڄي ڌر جون سياسي قوتون جن ۾ مذهبي ۽ ڪٽرمذهبي جماعتون به اچي وڃن ٿيون، اُهي ملڪي اسٽيبلشمنٽ جون فطري اتحادي (Natural allies) رهيون آهن ۽ هاڻي اهي ئي قوتون افغان مسئلي تي حڪومت سان مدمقابل ٿيندڙيون نظر اچن ٿيون. بجا طور تي پاڪستان جو عوام ڪڏهن به اڪثريت ۾ مذهبي جماعتن جي پويان نه ويو آهي، پر هن مسئلي ۾ ڪجهه ٻيا پهلو آهن، جيڪي نظرانداز نٿا ڪري سگهجن.

هڪ ته ملڪ جي لبرل عوام ۾ هونئن به آمريڪا مخالف جذبات موجود آهن. ٻيو ته اسان جي ملڪ جي عوام جون همدرديون هميشه مظلوم سان رهيون آهن، پر ڏاڍي سان نه. هن صورتحال ۾ آمريڪا ۽ ان جا اتحادي ڏاڍائي ڪندڙ ۽ افغانستان يا اسامه مظلوم آهن. ٽيون ته مذهبي قوتن جي نيٺ ورڪ ۾ گذريل ڏهاڪي ۾ زبردست اضافو ٿيو آهي. چوٿون ته ملڪ جي اندر مذهبي نظرياتي آئيڊيالوجي يعني پنهنجي وقت جي ساڄي ڌر سان مقابلو ڪندڙ ترقي پسند قوتون تقريباً پهنجو وجود وڃائي چڪيون آهن. سڀ کان وڏيڪ اهم ۽ پنجون ته ملڪ جي اسٽيبلشمنٽ جي اندر به هڪ اهڙو طاقتور عنصر Faction موجود آهي، جيڪو نه رڳو انتها پسند مذهبي قوتن جو مددگار آهي پر انهن جي پرورش ڪندو رهيو آهي. ڇهون ته افغان جنگ ۾ آمريڪا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

کي نہ رڳو افغانين سان پر پاڪستاني انتهاپسند ملن سان وڙهڻو پوندو، جنهن جو ملڪ جي اندر وسيع ڄار پکڙيل آهي، ستون تہ هي جنگ پٺاڻن سان آهي، جيڪي اسان جي ملڪي آباديءَ جو وڏو حصو آهن. انهن سڀني مسئلن تي جنرل پرويز مشرف جي حڪومت کي منهن ڏيڻ ناممڪن نہ تہ بہ ايترو آسان نہ ٿيندو. اهو سڄو دارومدار ان صورتحال تي هوندو تہ افغانستان جي اندر تبديليون ڪهڙيون ۽ ڪيتري وقت ۾ ٿيون رونما ٿين. افغانستان جي اندر جيڪڏهن آمريڪا پنهنجا گهربل نتيجا چند هفتن جي اندر حاصل ڪري ٿو وٺي ۽ هي جنگ مهينن ۽ سالن تائين نٿي ڦهلجي تہ پوءِ پاڪستان حڪومت لاءِ ڪا گهڻو ڏکي صورتحال پيدا نہ ٿيندي. پر جيترو آمريڪا ـ افغان جنگ ڊيگهہ وٺندي ويندي، اوترو جنرل پرويز مشرف جي حڪومت لاءِ سياسي مشڪلاتن ۾ اضافو ٿيندو ويندو. موجوده حڪومت لاءِ هڪ مشڪلات هيءَ بہ ٿيندي جو هڪڙي طرف اها افغانستان جي اندر وڙهندڙ انتهاپسندن کي دهشتگرد قرار ڏيندي تہ ٻي طرف ساڳين ويڙهاڪن کي ڪشمير جي اندر مجاهدين آزادي!

هن سڄي صورتحال جي ڪري پاڪستان جي حڪومت تي ڪهڙا اثر پوندا؟ انهن جي ڪهڙي سياسي صورتحال وڃي بيهندي، ان لاءِ هن وقت مختلف قسمن جا ڪيترائي افواه گشت ڪري رهيا آهن. جن جو محور ٻہ شيون آهن: هڪ تہ موجوده حڪومت جي تبديلي ۽ ڪنهن نئين سيٽ اپ جو اچڻ ۽ ٻيو تہ خود موجوده حڪومت پنهنجون ڪي پاليسيون تبديل ڪري ۽ ڪا عبوري يا قومي حڪومت ٺاهي. انهن ٻنهي ڳالهين جا امڪان تمام گهٽ ٿا نظر اچن. نمبر پهرين ڳالهہ تہ حڪومت جي تبديلي جا ڪي سبب نظر نٿا اچن، جيڪڏهن ڪي سبب نظر اچن بہ ٿا تہ انهن جي پويان ڪي مضبوط متحرڪ قوتون نظر نٿيون اچن ۽ ان جو عملي طريقو نظر نٿو اچي. هن وقت حڪومت جي پوزيشن يارهين سيپٽمبر کان پهرين واري صورتحال کان گهڻي بهتر آهي.

11ـ سيپٽمبر کان اڳي حڪومت جو وڏي ۾ وڏو مسئلو معاشي هو، جيڪو هن وقت اهڙو سنگين نہ آهي يا گهٽ ۾ گهٽ هنن کي آسرا تمام وڏا آهن. ٻيو تہ ملڪ عالمي تنهائي مان نڪري پوري دنيا جي توجہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو مرڪز بنجي چڪو آهي. ملڪ جون مذهبي قوتون هڪ سياسي طاقت رکن ٿيون اهي حڪومت سان مهاڏو ۽ اتڪائيندڙيون ۽ احتجاجن جي مختلف شڪلين ۾ تحريڪ ۽ هلائيندڙيون، پر انهن کي ڪا ايڏي ملڪ گير عوامي پذيرائي حاصل ٿئي جو اها هڪ ايتري طاقتور تحريڪ جي شڪل ۾ نمودار ٿئي ۽ حڪومت جي تبديليءَ جو ڪارڻ بنجي سگهي، ان جا امڪان تمام گهٽ ٿا نظر اچن پر ايترو ضرور ٿيندو جو اهي هڪ زبردست حڪومت مخالف ماحول ٺاهي سگهن ٿيون.

تبديليءَ جو ٻيو امڪان جيڪو چيو وڃي ٿو، اهي پردي پويان طاقتن جا اندروني معاملا آهن. جيڪي پنهنجي جڳهه تي موجود ضرور ٿي سگهن ٿا، پر اهي ايترا شديد نٿا ٿي سگهن يا انهن قوتن کي ايترو وسيع اثر حاصل نه آهي جو اهي ڪنهن تبديليءَ جو سبب بنجي سگهن. پاڪستاني فوج پنهنجي انتظامي ڍانچي جو هميشه سخت ضابطو رکيو آهي.

جنرل پرويز مشرف ان سڄي صورتحال کان باخبر آهي، فوج جي تبديل ٿيندڙ سياسي ڪردار کي محسوس ڪندي هُن پنهنجي ٽيم ۽ ان مزاج مطابق تشڪيل ڏيڻ شروع ڪري ڇڏي آهي. اهم فوجي عهدن تي آندل تازيون تبديليون ان جو واضح ثبوت آهن. جنرل پرويز مشرف کي اقتدار ۾ آڻڻ وارا مک فوجي ڪردار جيڪي ڪجهه وقت اڳ تائين ۽ هن سان گڏ هئا، اهي فوج مان رٽائر ٿي چڪا آهن يا ڪيا ويا آهن يا پس پرده هليا ويا آهن. انهن جي جڳهه تي جنرل پنهنجي نئين ٽيم پرتي ڪري چڪو آهي ۽ اهو سلسلو هلندو رهندو، تنهن ڪري مستقبل قريب ۾ جنرل پرويز مشرف جي حلقي مان سندس خلاف ڪجهه ٿئي، ان جو امڪان اتي ۾ لوڻ برابر ۽ نظر نٿو اچي. جيستائين هن خطي ۾ آمريڪا پنهنجي طئ ڪيل فوجي ۽ سياسي ڪردار ۽ ترجيحات (Priorities) ۾ تبديلي نٿو آئي.

هڪ اهي ڳالهيون عام آهن. ته افغانستان جي مسئلي سبب جنرل مشرف ڪجهه عوامي ۽ سياسي چهرا حڪومتي ڍانچي ۾ شامل ڪري ته جيئن عوامي رد عمل کان ڪنهن حد تائين پنهنجو پاڻ کي محفوظ ڪري سگهي. پهرين ته هيستائين حڪومت طرفان ان ڳالهه جو ڪٿي ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪو اشارو يا اظهار نہ ڪيو ويو آهي. پر جيڪڏهن حڪومت جي لاءِ ڪم ڪندڙ ڪن ادارن پاران ڪن سياسي پارٽين يا شخصيتن سان ان قسم جي ڪا ڳالھ ڪئي وئي آهي، تہ منهنجي خيال ۾ اها اُن ئي پاليسي ۽ حڪمت عمليءَ جو حصو آهي، جنهن تي اهي گذريل ٻن سالن کان عمل پيرا آهن. پنهنجي آئينده جي سياسي حڪمت عمليءَ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ اُهي ادارا ضروري ٿا سمجهن، تہ پنهنجي مددگار سياسي ڌرين کي آخر تائين هلائيندا رهن ۽ انهن کي پاڻ سان ڳنڍيل (Intact) رکن. منهنجي خيال ۾ هن وقت فوجي سرڪار ڪنهن اهڙي ضرورت ۾ نظر نٿي اچي جو اها ٿوريءَ حد تائين بہ سياستدانن سان پنهنجي اقتدار ۾ حصيداري (Power Sharing) ڪري.

هن سڄي صورتحال ۾ هڪ اهم سوال اڀري ٿو، تہ ڇا حڪومت ايندڙ چونڊون پنهنجي ڏنل وقت مطابق ڪرائيندي؟ جيڪڏهن افغانستان متعلق معاملا آمريڪا ۽ پاڪستان جي توقع مطابق ٿي وڃن ٿا، پاڪستان جي اندر افغان مسئلي سبب ڪي غيرمعمولي حالتون پيدا نٿيون ٿين، تہ حڪومت کي چونڊن جي مرحلي مان ضرور گذرڻو پوندو. افغان مسئلي سبب ملڪ اندر حڪومت خلاف نفرت جي عوامي لهر تہ ضرور پيدا ٿيندي ۽ امن امان جي صورتحال تي بہ ان جو گهڻو منفي اثر پيدا ٿي سگهي ٿو. تڏهن بہ اها صورتحال ايترو وڌڻ جا امڪان تمام گهٽ آهن، جو خانہ جنگي (Civil War) واري صورتحال پيدا ٿي وڃي.

ٻي ڳالھ تہ افغان اشو جي منظر نامي ۾ حڪومت پنهنجي پراڻن فطري اتحادي قوتن کان الڳ ٿي چڪي آهي. هن وقت ڪجھ ٻيون سياسي قوتون حڪومت سان گڏ آهن يا حڪومت کي انهن جي حمايت حاصل آهي. انهن سياسي قوتن ۾ پي پي پي، متحده قومي موومينٽ، عوامي نيشنل پارٽي، مسلم ليگ هم خيال ۽ ٻيون سياسي ڌريون شامل آهن. انهن سڀني سياسي ڌرين جي افغان مسئلي تي حڪومت جي حمايت جا الڳ الڳ سبب يا پسمنظر آهي. انهن سڀني سياسي ڌرين جون حڪومت جي حمايت جون پنهنجون پنهنجون حدون آهن. اهي ئي سياسي ڌريون آهن جيڪي حڪومت کان چونڊن ۽ جمهوريت جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بحاليءَ جو مطالبو ڪنديون رهيون آهن.

جيڪڏهن جنرل پرويز مشرف پنهنجي ڏنل جمهوريت جي بحاليءَ جي روڊميپ کان ٽڙندو. ته ڪيس نه رڳو انهن سياسي ڏرين جي حمايت کان هٿ ڌوئڻو پوندو پر پيا به ڪافي پيچيده مسئلا پيدا ٿيندا. جن کي منهن ڏيڻ سندس حڪومت لاءِ ڪافي مشڪل ٿي پوندو.

حڪومت هڪ طرف اڳي ئي پنهنجا فطري اتحادي وڃائي چڪي آهي ۽ چونڊون نه ڪرائڻ جي صورت ۾ حڪومت کي باقي ٻين سياسي ڏرين جي حمايت به حاصل نه رهندي. اهڙيءَ طرح حڪومت مڪمل طرح سياسي ۽ عوامي تنهائي جو شڪار ٿي ويندي. اهو به لازمي نه آهي؛ ته جيڪي سياسي ڏريون هن وقت حڪومت جون مخالف آهن، اهي سڀ جون سڀ ايندڙ چونڊن ۾ به ان جون مخالف رهن ۽ جيڪي ڏريون هينئر حمايتي آهن؛ سي وري سڀ جون سڀ حمايتي رهن. اهو سڀ ايندڙ وقت طئي ڪندو. اها جنرل پرويز مشرف جي به ترجيح هوندي ته هو فوجي طاقت سان گڏوگڏ پنهنجي جوڙيل حڪمت عمليءَ تحت چونڊن جي نتيجي ۾ هڪ سياسي طاقت حاصل ڪري پنهنجي حڪومت جاري رکي.

12/10/2001

اڄ اسپتال وڃڻو هو. ماڙيءَ تي گارڊ جي پهچڻ کان پوءِ نڪتاسين ته شهر ۾ هڙتال هئي. افغان دفاع ڪائونسل جي پاران هڙتال جي سڏ تي ڪراچي مڪمل بند هو ۽ فقط هلڪي پرائيويٽ ٽرانسپورٽ هلي رهي هئي. اسپتال ۾ پورو اسٽاف به نه پهتو هو. شاهنواز آيل هو؛ اسان نواب ڪوسو وارن جي آفيس ۾ وڃي ويٺاسين، هن تمام گهڻي آڏرياءُ ڪئي؛ ايڪسري وغيره ڪرائڻ کان پوءِ بشير چانڊيو جي والد حاجي عبدالقدوس چانڊيو جي طبيعت پڇيسين؛ جيڪو يورالاجي وارڊ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ آيل هو. اسلم آيو؛ جنهن هاءِ ڪورٽ ۾ منهنجي ضمانت جي درخواست تي دليلن ۽ ڪورٽ ڪارروائي جو احوال ٻڌايو ۽ چيو ته فيصلو محفوظ ڪيو اٿن. مون اتي ئي ويٺل همراهن کي چيو؛ ته رزرو ٿيڻ جو مطلب شڪ وارو آهي؛ آسرو مڙيئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گهٽ رکجي. پر جن همراهَن ڪورٽ تي بحث ٻُڌو هو، اهي گهڻو پُراميد هئا.

گهر وارا اسپتال ۾ ماني کڻي آيا. 3.30 بجي واپس جيل لاءِ نڪتاسين. شام جو صديقي، امداد، لالو دائود، لالو يونس، جاويد مندراڻي ۽ آئون ٻاهر وارڊ جي اڱڻ تي ڪچهري ڪري رهيا هئاسين. جاويد مندراڻي جهٽ پٽ علائقي جو آهي. هو بلوچستان حڪومت ۾ فشريز کاتي ۾ انسپيڪٽر آهي. هتي گاڏين جي ڦر جا چار پنج ڪيس اٿس، سندس چوڻ آهي، ته اهي ڪيس کيس هتي کڻي اچڻ کانپوءِ مٿس لڳايا ويا آهن. دائود پٺاڻ سان گهڻو تعلق اٿس، انهي ڪري اسان جي وارڊ ۾ گهڻو ايندو آهي.

اڄ آئون ساڻس بلوچستان ۽ اُتي جي سياست تي ڪچهري ڪري رهيو هوس. اسان جي ملڪ ۾ هونئن ته ٽنهي ٽنين صوبن ۾ قوم پرستي ۽ کاٻي ڌر جي سياست زور شور سان ٿيندي رهي آهي. پر خاص طور تي سنڌ ۽ بلوچستان 60 ـ 70 ء 80 جي ڏهاڪن ۾ قوم پرست ۽ کاٻي ڌر جي تحريڪن ۽ جدوجهدن ۾ تمام گهڻو سرگرم رهيا آهن. سنڌ جي اندر ان رجحان ۾ اضافي جو سبب وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ سياسي رهنما، ڪارڪن، شاگرد ۽ دانشور رهيا آهن. جڏهن ته بلوچستان ۾ به ان جو اصل روح ته وچولو طبقو ئي رهيو آهي، پر بلوچستان ۾ مڊل ڪلاس جو تعداد ايڏو گهڻو نه رهيو آهي، اتي ترقي پسنديءَ جي ان لهر ۾ تيزيءَ جو مُک سبب بلوچ سردار رهيا آهن. مري ۽ مينگل سردارن پاران قومپرست ۽ کاٻي ڌر جي سياست ڪرڻ سبب ڪنهن وقت بلوچستان ان سياست جو مرڪز بنجي ويو هو. ان ۾ مرحوم غوث بخش بزنجي جو به وڏو ڪردار هو، حالانڪ هو ڪو قبائلي سردار ته ڪونه هو، پر جڏهن به بلوچستان ۾ ترقي پسند سياست جو ذڪر ايندو، ته بزنجي مرحوم جي ڪردار کي نظرانداز نه ڪري سگهبو.

هن وقت بلوچستان ۽ سنڌ جي ترقي پسند سياست جو ذڪر ڪرڻ جو مطلب ڪو ان تي تفصيلي لکڻ يا بحث ڪرڻ نه آهي، پر ان جو فقط هڪ سوال جيڪو منهنجي ذهن ۾ هميشه اڀرندو رهيو آهي، ته

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بلوچستان سان تعلق رکندڙ کاٻي ڌر ۽ قومپرست سياست سان تعلق رکندڙ وچولي ڪلاس جا ڪارڪن اڳتي نڪري پارلياماني سياست يا (Power Politics) جو حصو بنيا، جڏهن ته سنڌ ۾ ائين نه ٿيو. بلوچستان جي اندر مير غوث بخش بزنجو جيڪو نه ته قبائلي سردار هو ۽ نه ئي کيس ڪو پشتان پشت سياسي ورثو حاصل هو، پاڻ وچولي ڪلاس سان تعلق رکندڙ سياسي اڳواڻ ۽ بااصول سياست ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو.

جڏهن بابا جي شهادت ٿي ته پاڻ بيمار هو ۽ ٻاهر ويل هو. جڏهن ملڪ موٽيو، ته اسان جي ڳوٺ راهوڪي ۾ فاتحه ڪرڻ لاءِ آيو هو. آئون ڳوٺ کان ڪيڏانهن ٻاهر ويل هوس ۽ سندس پروگرام اچانڪ ٿيو هو. رات جو ڳوٺ نياپو پهتو هو، ته بزنجو صاحب ايندو. اُتي اسلم موجود هو، ٻئي ڏينهن جڏهن پاڻ آيو ته شهيد جي مزار تان دعا گهري، اسان جي اوطاق ۾ اچي ويٺو. اسلم کان پڇيائين ته ”هيءَ جڳهه فاضل صاحب ٺهرائي هئي؟“ اسلم ٻڌايس ته بابا جڏهن جيل ۾ هو ته هيءَ اوطاق ادا اسماعيل ٺهرائي هئي. پڇيائينس ته ”فاضل صاحب جي بيٺڪ ڪهڙي هئي؟“ ٻڌايائونس ته اها پاسي ۾ آهي ۽ اها ڪچي اوطاق آهي، پاڻ اتي ئي ويهندو هو، ماڻهن سان ملندو ۽ فيصلا ڪندو هو. بزنجو صاحب اٿيو ۽ چيائين مون کي اها جڳهه هلي ڏيکاريو.

اسلم وارا کيس اُن ڪچي اوطاق تي وٺي آيا، جيڪا بابا 1960ع جي لڳ ڀڳ ٺهرائي هئي. پاڻ ان جڳهه کي اندران ٻاهران ڏسي چيائين، ”گهر اس ني ڀي نهين بنايا اور مين ني ڀي نهين بنايا.“ خير، شهيد فاضل ته هڪ وچولي ڪلاس جو لاڙ جو زميندار هو، جيڪو پنهنجي ميڙي پونجي غريبن، مسڪين ماڻهن ۽ انهن جي سياسي مقصدن تي خرچ ڪندو هو، پر بزنجو صاحب ته بلوچستان جي اقتدار جي اعليٰ ايوانن ۾ به رهي چڪو هو. بزنجي صاحب کان پوءِ مير بزن بزنجو، مير حاصل بزنجو ۽ مير اسلم بزنجو به مختلف وقتن تي مختلف عوامي ايوانن ۾ چونڊجي ايندا رهيا آهن.

ان کانسواءِ ڊاڪٽر عبدالحي بلوچ، حبيب جالب، عبدالوحيد بلوچ، ثناء بلوچ، ياسين بلوچ، ڊاڪٽر عبدالمالڪ، ڪچڪول علي، پختونخواه ملي پارٽي جا عبدالرحيم مندوخيل ۽ ڪجهه ٻيا، جيڪي سڀ وچولي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪلاس جا سياسي ڪارڪن ۽ اڳواڻ رهيا آهن جن کي نہ تہ ڪي چونڊن جا پشتان پشت خاندانی تڪ رهيا آهن ۽ نہ ئي اهي ڪي جاگيردار يا قبائلي سردار آهن، اهي سڀ پنهنجي همت ۽ محنت سان بنيل سياسي شخصيتون آهن. جن ترقي پسند سياست ڪندي پنهنجو پاڻ کي ان مقام تي پهچايو آهي. مثيان ذڪر ڪيل سڀئي نالا مختلف چونڊن ۾ اسپيڪر، وزير، سينيٽر، ايم- اين- اي، يا ايم پي اي جي صورت ۾ پنهنجي عوام جي نمائندگي ڪري چڪا آهن.

جڏهن تہ سنڌ ۾ ترقي پسند سياست سان تعلق رکندڙ ڪارڪن تہ نهيو پر ڪو ليڊر بہ پنهنجي تڪ يا علائقي جي عوامي حمايت حاصل ڪري نہ سگهيو آهي. سنڌ جي اندر جيڪڏهن ڪابي ڏر ۽ قومپرست سياست سان تعلق رکندڙ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن تي نظر ڊوڙائبي تہ ”نام بڙا ديھ ويران“ نظر ايندي (گهٽ ۾ گهٽ عوامي نمائندگي جي حوالي سان) سواءِ ٻن ٽالن جي باقي ان سياست سان تعلق رکندڙ ڪوبہ سياستدان پنهنجي علائقي ۾ پنهنجا عوامي بنياد نہ رکي سگهيو آهي. هڪ تہ سائين جي ايم سيد جنهنجو پنهنجي علائقي ۾ ذاتي اثر رسوخ قومپرست سياست جو محتاج نہ هو. قومپرستيءَ جي واٽ اختيار ڪرڻ کان گهڻو اڳ جي ايم سيد صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر رهي چڪو هو، تہ ڪراچي لوڪل بورڊ جو صدر بہ چونڊجي چڪو هو. هاڻي جيڪڏهن امير حيدر شاهہ سيد امداد محمد شاهہ ۽ جلال محمود شاهہ ميمبر چونڊجي اچن ٿا تہ يقيناً ان جو بنيادي سبب نهن جو خاندانی ۽ ذاتي اثررسوخ آهي، نہ ڪي فقط انهن يا سندن وڏن جي قومپرست سياست.

ٻيو شهيد فاضل راهو، جنهنجي خاندان ۾ سندس کان اڳ ۾ ڪنهن بہ فرد جو سياست سان ڪوبہ تعلق ڪونہ رهيو هو. شهيد فاضل سندس ترقي پسند سياست جي شروعات کان اڳ ئي پنهنجي علائقي ۾ عوامي سياست جي شروعات ڪري چڪو هو، جنهنجو بنياد هن عوامي خدمت ذريعي رکيو هو. ترقي پسند ۽ قومپرست لاڙن جو اثر ونڻ کان اڳ پنهنجي نوجواني ۾ ئي هو يونين ڪائونسل جو چيئرمين چونڊجي چڪو هو. وقت گذرڻ سان صوبائي ۽ قومي سياست ۾ شهيد فاضل جي قد ۾ جيترو اضافو ٿيندو رهيو، اوتروئي پنهنجي علائقي توڙي سنڌ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اندر خدمت ۽ محنت جي ذريعي پنهنجي اثررسوخ کي وڌائيندو رهيو. هن جي اثر جي وڌڻ جو سبب ڪو وڏيراڻو طريقو نه، پر پيار محبت ۽ خدمت جي جذبي سان ٺهيل هجڻ هو. پنهنجي علائقي جي اندر جيڪڏهن اڄ به غريب مسڪين هاري ناري ۽ ٻيا ماڻهو شهيد فاضل کي ياد ڪن ٿا يا ان جا پوئلڳ آهن ته اهو فقط ان ڪري نه ته هو قومپرست يا ترقي پسند اڳواڻ هو، پر ان جا بنيادي سبب شهيد جي ڪردار جون اهي انيڪ خوبيون آهن جن جو هو مالڪ هو. هن جي شهادت کان پوءِ آئون جيڪي اليڪشني مقابلا ڪندو آيو آهيان يا ڪٽيندو آيو آهيان، انهيءَ ۾ ڪنهن حد تائين اسان جي پنهنجي ڪردار جو عمل دخل به هوندو، پر ان جو بنيادي سبب شهيد جي ساٿين ۽ پوئلڳن جي اسان سان اها غير مشروط وابستگي (Attachment) آهي جيڪا اڄ به قائم ۽ برقرار آهي.

سنڌ جي ٻي مثال ترقي پسند سياست جي ان لهر جنهن تقريباً ٽيهن سالن جي عرصي کان زياده تائين سنڌ جي تمام مسئلن، تحريڪن ۽ اُڀارن کي پنهنجي گرفت ۾ رکيو. ان پوري عرصي تائين سنڌ جو نوجوان طبقو ۽ خاص طور تي نوجوان شاگرد، اديب ۽ دانشور، وچولو ڪلاس، سجاڳ پورهيت ۽ هاري پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪري سنڌ جي آجپي جي جنگ لڙندڙ مختلف ترقي پسند تنظيمن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڙهندو رهيو. انهن تحريڪن جي عروج دوران يا زوال پذير ٿيڻ کان پوءِ سنڌ اندر ان سان تعلق رکندڙ سياسي ڪيڊر (Cadre)، عوامي سياست ۾ پنهنجي جڳهه ڇو نه ٺاهي سگهيو؟ وڏن نالن هجڻ جي باوجود به پنهنجن حلقن ۾ عوامي حمايت کان مڪمل طرح محروم ڇو رهيو؟

اُهي تحريڪون بلوچستان ۽ سرحد ۾ به پنهنجي عروج ۽ زوال مان گذري چڪيون آهن پر انهن پنهي صوبن جي ترقي پسند سياست سان تعلق رکندڙ وچولي ڪلاس واري ڪيڊر جي ڪجهه حصي ڪنهن حد تائين اڳتي وڌي پنهنجي نئين روپ ۾ عوامي ۽ پارلياماني سياست ۾ پنهنجو جيايو (Survival) ڳولي ورتو. جڏهن ته سنڌ جي نسبت بلوچستان تعليم، مواصلات زراعت ۽ ٻي معاشي چرپر (Economic Activity) ۾ گهڻو پوئتي آهي ۽ اڃا به قبائلي ۽ سرداري نظام جي اثر هيٺ آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان صورتحال جا ٻيا ٻه ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا، جن تي لکي ۽ ڳالهائي سگهجي ٿو، پر هتي آئون فقط اُن هڪ سبب، جيڪو منهنجي خيال ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم ۽ بنيادي آهي، ان جي مختصر نشاندهي ڪندس ته اهو سبب پيپلز پارٽي آهي. پيپلزپارٽي جيڪا وڏي ۽ ملڪ گير پارٽي آهي ۽ سنڌ ان جو بنياد (Base) آهي. پ پ پاڪستان جي سياست ۾ ان وقت نمودار ٿي جڏهن مشرقي ۽ مغربي پاڪستان ۾ ون يونٽ ۽ ايوب خان جي خلاف تحريڪون پنهنجي عروج تي هيون. انهن تحريڪن جي پويان اهي ترقي پسند قوتون ئي هيون، جن پنهنجي طاقت جي زور تي انهن کي طوفان جي شڪل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو.

ذوالفقار علي ڀٽو جيڪو محمد ايوب خان جي پيارن مان هڪ هو ۽ ون يونٽ جي شڪل ۾ مڙهيل حڪومت جو خاص وزير رهيو، پر جڏهن هن مستقبل قريب ۾ ايندڙ سياسي تبديلين کي سمجهي ورتو ته هڪدم پنهنجو پاسو بدلايو. پ پ پ جيڪا پنهنجي اندر ۾ نه ترقي پسند هئي ۽ نه ئي قوميپرست، پر ڀٽو ان جو لکاءُ (Appearance) اهڙي انداز ۾ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جو ان جو تاثر هڪ ملڪ گير عوامي ۽ ترقي پسند پارٽي وارو وڃي بيٺو ۽ ايوب شاهي جي خلاف هلايل ترقي پسندن جي جدوجهد جو ثمر پ پ پ کي مليو.

1979ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاسي کان پوءِ ته صورتحال اڃا ٻه تبديل ٿي وئي. جنرل ضياءُ الحق جي دور ۾ پ پ پ ته قربانيون ڏنيون، پر ملڪ جون ۽ خاص طور سنڌ جون ٻيون جمهوري ۽ ترقي پسند قوتون ٻه ضيا شاهي سان برابر ٽڪر ۾ رهيون. جمهوري نڪتو ڇڏي (جنهن تي پ پ سان گڏيل جدوجهد هلندي رهي) باقي ٻين سنڌ جي بنيادي اشوز تي پ پ پ نه پر ٻيون ترقي پسند قوتون ئي جنگ وڙهنديون رهيون. پر جڏهن ته 1988ع ۾ اليڪشن ٿي ته انهن سڀني جدوجهدن ۽ ويڙهه جو لاڀ ڪنهن ٻه ترقي پسند قوت کي نه پر پ پ کي پلئه پيو. سنڌ جي عوام ۾ ڪنهن حد تائين ٻين صوبن جي نسبت، وڏيڪ سياسي شعور هجڻ جي باوجود پ پ پ کي ووٽ ڏنو ۽ پ پ جي وجود سبب سنڌ جو ترقي پسند لڏو ڪڏهن ٻه عوامي حمايت حاصل نه ڪري سگهيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

13/10/2001

اڄ تاريخ هئي. صبح جو ڪورٽ تي پهتاسين. اڄ ڪيس نه هليو. ان جو سبب هڪ جوابدار آشير جان جو پيش ٿيڻ هو. ڪيس جي تاريخ وري 27 تي رکي وئي. اڄ ڪورٽ تي شاهنواز، پٽي، علي احمد جوڪيو، اياز جوڪيو، سرمائيدار موهن، ليلو، ڊاڪٽر ويرسي، ڪاڪو پيرو، ڊاڪٽر شامون، ڊاڪٽر شام سندر، لچمڻ، خدا بخش ميمڻ، اقبال عنايت، طارق، قائم، گل محمد، فدا، مير عبدالرحمان، مير احمد خان، ڊاڪٽر خليل، اسلم ۽ ٻيا همراه آيا.

شام جو ڪورٽ تان واپس جيل پهتاسون. اڄ گاڏيءَ ۾ قيدي به تمام گهڻا هئا. هڪ ته نيب جا قيدي وڌيڪ آيل هئا، ٻيو منجهس منشيات وارا به پري ڇڏيا هئائون. جيڪڏهن قيدي وڌيڪ هوندا آهن ته انهن سان پوليس به وڌيڪ هوندي آهي. سو اڄ گاڏيءَ ۾ ايترا ته قيدي ۽ پوليس وارا هئا جو هن ڪتا گاڏيءَ ۾ ويهڻ جي جڳهه به ڪونه هئي، جنهن ڪري ڪجهه پوليس وارن کي بيهڻو پيو. هن سال آڪٽوبر جون گرميون به رڪارڊ توڙ ٿيون آهن ۽ ماشاءَ الله مٿان وري هيءَ گاڏي به "گرمي پروف" آهي.

رات جو 7.00 بجي اندر وارڊ ۾ ويٺو هئس. مقدم اچي ٻڌايو ته توهان سان ڪي همراه ملڻ چاهين ٿا. ٻاهر آيس ته جيلر محمد عثمان ملهڻ ۽ صوبيدار حڪم داد آيا هئا. اسان ٻاهر ويٺاسين. منهنجي ماءُ جي وفات تي هنن دعا گهري. ڪافي دير تائين سائن ڪچهري ٿيندي رهي. صوبيدار حڪم داد ٻڌايو، ته هو بابا کي تمام گهڻو سڃاڻندو هو ۽ سندس وڌيڪ سروس حيدرآباد جيل ۾ گذري آهي. محمد عثمان کي منهنجي لاءِ ٻڌائي رهيو هو، ته سائين خاموش طبيعت آهي ۽ پنهنجي ڪم سان ڪم رکي ٿو. جڏهن ته فاضل صاحب تمام گهڻو ڳالهائيندو هوندو هو.

حڪم داد ٻڌايو ته فاضل صاحب جي قاتل کي ڦاسي به مون پنهنجي هٿن سان ڏني هئي. صوبيدار حڪم داد جلدي روانو ٿيو جو ڪيس ڪجهه وارڊ بند ٿيڻ کان پوءِ چيڪ ڪرڻا هئا. محمد عثمان ۽ آئون ڪافي دير ڪچهري ڪندا رهياسين. پاڻ اتر سنڌ گهوٽڪي ضلعي جو آهي ۽ سندس نوڪري به گهٽي ان طرف رهي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

14/10/2001

اڄ صبح جو وار ٽهرائي رهيو هوس ته خبر پئي ته بي ڪلاس جي ڪجهه قيدين کي لانڊي جيل شفٽ ڪري رهيا آهن. صبح جو الهڏنو ڏاهري اهڙي خبر ڪٽي آيو هو. ٻيا همراه ساٿس ڪاردِ ڪيڏي رهيا هئا. سميع مگريو آيو، ان ٻڌايو ته ڪيس لانڊي جيل موڪلين ٿا. ڪجهه وقت کان پوءِ وزير عباس جو نياپو آيو ته ان کي به لانڊي جيل شفٽ ٿا ڪن. آئون ماڙيءَ جي گيٽ تي ويس ته وڃڻ وارن همراهن سان ملي اچان، خبر پئي ته همراه روانا ٿي چڪا آهن. جن کي لانڊي موڪليو ويو، انهن ۾ وزير عباس، سميع مگريو، بدر بچاڻي، وقار پگانوالا، رئيس احمد ۽ ٻيا شامل هئا. هتي اهو سلسلو هلندو رهندو آهي. جن قيدين مان وڏيڪ مال پاڻيءَ جو آسرو نه رهندو آهي، انهن کي ٻي جيل موڪليو ويندو آهي، ته جيئن آسري ۾ ويهاريل يا نون ايندڙ پڪين (قيدين) جي لاءِ جڳهه صاف ٿي سگهي. جيل جي اندر هر شيءِ جا اگهه مقرر آهن. هر سهوليت وٺڻ لاءِ قيديءَ کي اڳيان ڪجهه نه ڪجهه ڏيڻو پوندو آهي. هتي ڪنهن وارڊ يا بيرڪ ۾ زمين تي بستري جي به فوٽ جڳهه وٺڻ کان وٺي ڪورٽ ۾ تاريخ تي پيشيءَ لاءِ وڃڻ تائين هر شيءِ ۽ ڪم جا اگهه مقرر آهن. هتي ڪيترا قيدي هوندا جيڪي سالن گذرڻ جي باوجود به ڪورٽ تي پنهنجي حاضري ڏئي نه سگهيا هوندا، رڳو ان ڪري جو هن وٽ ايترو نه هوندو جو ڪجهه ڏئي جيل انتظاميا جي فرمائش پوري ڪري پنهنجي پيشي تي وڃي سگهن.

ٻنپهرن جو 16 وارڊ مان آشير جان کي پنهنجي وارڊ ۾ وٺي آيس، گڏجي ماني کاڌيسين. جنهن کان پوءِ الهڏنو ڏاهري، وريام فقير، لالو دائود، مون ۽ صديقي گڏجي ڪاردِ ڪيڏيا.

شام جو امداد، صديقي، لالو يونس، نصير مري، جاويد مندراڻي، سليم شيخ ۽ علي حسن آيا ته آئون ۽ لالو دائود انهن سان گڏجي ٻاهر اگڻ تي ويناسين.

15/10/2001

اڄ هاءِ ڪورٽ کي منهنجي ضمانت جي درخواست تي ججمينٽ ڏيڻي هئي. ڪافي ٽائيم تائين ڪو همراه ملاقات تي ڪونه آيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

همراهَن جي دير مان آئون سمجهي ويس تہ ضمانت رد ٿي آهي. اگر ڪا چڱي خبر هجي ها تہ ڪو ضرور جلدي پهچي ها. 3:30 بجي اسلم آيو، هن اهائي خبر اچي ٻڌائي. اج عبدالله ملاح جو لکيل خط ۽ ان سان گڏ عوامي آواز ۾ سندس چيپل مضمون مليا، جيڪي ٻئي رات جو مون پڙهيا.

16/10/2001

3:30 بجي ملاقات جي پرچي آئي. ويس تہ گهر وارا، اسلم ۽ گل محمد آيل هئا. اسلم ٻين احوالن سان گڏ اهو ٻڌايو، تہ صبح جو شبير شاه دل جو دورو پوڻ سبب گذاري ويو آهي. شبير احمد شاهہ جو نواب شاهہ جي سياست ۾ هڪ ڪردار هو. هو پ پ سان گڏ توڙي پ پ مخالفت ۾ چونڊون لڙندو رهيو آهي، پر سندس علائقي ۾ هن جي پنهنجي ذاتي حيثيت هئي.

17/10/2001

10:30 بجي پرچي آئي. ويس تہ عالم پٽي، غلام محمد پٽي، اعظم پٽي ۽ احمد گلہ آيل هئا. 3:30 بجي گهر وارا ۽ پٽي آيا. 4:00 بجي اسلم آيو. 5:00 لڇمڻ ۽ ڊاڪٽر شام ملڻ آيا. ان کان اڳ ٻنهرن جو ڊاڪٽر فضل الاهي وٽ ويس. جو ان کان 32 فارم پرائٽو هو. ڊاڪٽر صاحب چيو، تہ آئون فارم پري ماڙي تي موڪلي ڏيان ٿو. توهان اُتان وڃي فردي ڪڍرائي وٺجو.

18/10/2001

صبح جو 11:00 بجي اسپتال پهتاسين. شاهنواز ۽ پٽي آيل هئا. اج گارڊ ۾ ميول انڙ ۽ ٻانيڻ سپاهي آيل هئا. اسپتال ۾ اقبال عنايت ۽ لڇمڻ به آيا. شام جو 5:00 بجي اسپتال مان نڪتاسين. جيل پهچڻ تي خان محمد ٻڌايو تہ وريام فقير جو پاڻ گذاري ويو آهي. آئون سڌو پنهنجي وارڊ تي آيس تہ وريام فقير ۽ الهڏنو ڏاهري ويٺا هئا. وريام فقير ٻڌايو تہ سندس سيني کان ننڍو ۽ ٽيون نمبر پاڻ پير بخش خاصخيلي گذاري ويو آهي. جنهن جو ڪيس 2:30 بجي ڏاري اطلاع ڏنو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويو هو. اڃا وريام فقير کي به خبر نه هئي ته هو ڪيئن گذاري ويو ۽ ڪيس ڇا ٿيو هو؟

پير بخش يونين ڪائونسل جو ناظم به هو ۽ پويان جو سڄو ڪم ڪار سنڀاليندو هو. وريام فقير کي سندس پاءُ جي وفات ڪري تمام گهڻو صدمو پهتو هو. ٻيا به همراه هن سان ملڻ لاءِ اچي رهيا هئا. شام جو 7:00 بجي وريام فقير جي پيرول لاءِ چٽ آئي ۽ خان محمد به آيو. اسان ساڻس گڏجي ماڙي تي وياسين جتي خبر پئي ته پير بخش جي وفات بجليءَ جي ڪرنٽ لڳڻ سبب ٿي آهي. تقريباً 8:00 بجي رات جو وريام فقير گارڊ سان سندس ڳوٺ لاءِ روانو ٿيو. آئون حاجي صاحب ۽ خان محمد وري 14 واردِ تي آياسين، جتي مون کي اسلام الدين شيخ سان ملڻو هو، جو اڄ ڪيس سزا آئي هئي.

ڪيس تن ريفرنسن مان هرهڪ ۾ 14_ 14 سال جيل ۽ ڏنڊ جي سزا ڏني وئي هئي، جنهن جي عدم ادائيگي جي صورت ۾ 5_ 5 سال وڌيڪ سزا ڪاٽڻي هئي. اسلام الدين شيخ سان به سڀ همراه همدرديءَ طور اچي ملي رهيا هئا. هن جي سالي اختر شيخ کي به ٻن ريفرنس ۾ اهائي ساڳي سزا ڏني وئي هئي.

آئون 9:00 بجي پنهنجي واردِ تي آيس. لالي دائود ٻڌايو ته سندس جج چيو آهي، ته هن جو ڪيس ٻيهر هلندو ۽ آءِ او جو بيان وري ٿيندو. انهيءَ ڪري لالو ڏاڍو پريشان هو. هونئن سندس ڪيس مڪمل هلي فتويٰ تي پهچي چڪو هو. پاڻ پريشان ان ڪري هو جو ڪيس جي نئين سر هلڻ ۾ وري ڪيترائي مهينا لڳي ويندا.

19/10/2001

1:30 بجي ماڙيءَ تي ويس ته نور محمد ڏاهري آيل هو. ساڻس ڪافي ڪچهري ٿي. اُتي خميسو به آيو جنهن ٻڌايو ته نواب اڄ آزاد ٿيڻو آهي پر ڪيس چڏين ڪونه پيا. مون ديڻي سان نواب جي باري ۾ ڳالهايو، جنهن چيو ته اسان ڪوشش ڪريون ٿا، پر اسان کي هن (حڪومت) کي لازمي ٻڌائڻو پوندو آهي، پوءِ جيئن چوندا تيئن ٿيندو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پوئين چهين بجي وريام فقير ڳوٺان موٽي آيو. ان وقت ئي ڪجھ قيدي سائس دعا گهرڻ لاءِ پهتا.

اڄ ذڪريا غني ۽ وريام فقير تاريخ تي ويا هئا. 1:30 بجي سپرنٽينڊنٽ جو مقدم آيو. جنهن چيو ته ڪمپيوٽر روم تي ڊپٽي سيڪريٽري آيل آهي. توهان کي سڏي ٿو. آئون ڪمپيوٽر روم وٽ پهتس ته اندران ڊپٽي سيڪريٽري علي حسن بروهي، سپرنٽنڊنٽ، ڊي ايس پرزن ۽ خان محمد مهر ٻاهر نڪتا. علي حسن ملڻ کان پوءِ چيو ته "خان محمد ۽ توهان سان ملڻو هو. انهيءَ ڪري ئي هي وڙت رکيوسين." پوءِ سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ وڃي ويٺاسين.

4:00 بجي وري پرچي آئي. ويس ته اسلم آيل هو. 4:30 وڳي وري ٻار آيا. شام جو 7:00 بجي شبير وارڊ تي آيو. چيائين، آءِ جي صاحب وريام فقير سان تعزيت ڪرڻ لاءِ اچي ٿو. نثار مهر صاحب آيو ۽ اڌ ڪلاڪ اسان جي وارڊ ۾ ويٺو. سائس خان محمد مهر، ڊپٽي قاضي نظير ۽ گل محمد صوبيدار گڏ هئا. خان محمد آءِ جي ڪي روانو ڪري اسان جي وارڊ ۾ موٽي آيو. اسين 8:30 بجي تائين ڪچهري ڪندا رهياسين.

21/10 Sunday

صبح جو 11:00 بجي الهڏنو ڏاهري ۽ فضل الله صديقي آيا. اڄ سجو ڏينهن وارڊ تي ئي رهيس. شام 6:30 بجي 14 وارڊ ۾ ويس ته اتي خان محمد، عثمان فاروقي ۽ رئوف قادري ويٺا هئا. جيڪي ڪچن قيدين جي رميشن (معافي) جي مسئلي تي ڪم ڪري رهيا هئا ۽ ان بابت آءِ جي لاءِ نوٽ وغيره ٺاهي رهيا هئا. ڪريم ڪمپيوٽر تي ڪم ڪري رهيو هو.

22/10/2001

اڄ 11:00 بجي سول اسپتال پهتاسين. ڪجھ وقت کان پوءِ ڏاڏو سليمان ۽ شاهنواز آيا. M.S. (ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ) جي دفتر مان ليٽر وٺڻ کان پوءِ آرٿيوپيڊڪ ۾ وياسين. جتي ڊاڪٽر يونس سومرو کي طبيعت ڏيکاريٿي هئي. اسد شاهه، ڊاڪٽر شام ۽ رڪن ميرائي ملڻ لاءِ آيا. شام جو 6:00 بجي اسپتال کان جيل لاءِ نڪتاسين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

23/10/2001

صبح جو 11:15 دارالقرآن پنهنجي مولوي قاري خالد سان ملڻ ويس. اُتي حافظ محمد بخش سان به ملاقات ٿي. واپس وارد تي آيس ته اسان جي وارد ٻاهران ئي ڇپر تي صوفي سندس ستن انن همراهن سان ويٺو هو. ساڻن ڪچهري ڪيم. هينئر اي- اين- پي جي پٺاڻن جو اهو مسئلو هو جو افغان مسئلي تي ولي خان صاحب، طالبان جي مخالفت ۽ پاڪستان حڪومت جي حمايت ڪري رهيو هو. وارد تي آيس ته ٿوري دير ۾ الهڏنو ڏاهري آيو. ڪلاڪ ڪن ان سان ڪچهري ۾ گذريو. ٻنپهرن جي ماني ڪائي اسپتال ۾ ڊاڪٽر فضل الاهي وٽ ويس. ڊاڪٽر صاحب سان سندس ڪمپيوٽر روم ۾ ڪچهري ٿي.

اتي ئي پرچي آئي. ماڙيءَ تي ويس ته اسلم آيل هو، جيڪو ٿيون ڏينهن ڳوٺ ويو هو ۽ اڄ موٽي آيو هو. ڪجهه وقت کان پوءِ گيانچند ۽ لچمڻ آيا. لچمڻ ٻڌايو ته سيٺ گيان توهان ۽ آشيرجان سان ملڻ آيو آهي. شام جو 5:30 واپس وارد تي آيس ته لالو دائود، جاويد، وريام فقير ۽ ڪجهه ٻيا همراه ويٺا هئا. مون ۽ وريام فقير صديقي کي گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليو. انهن سان ڪچهري ڪندي چام صاحب جو ذڪر نڪتو. ڪچهرين ۾ چام صاحب جو ذڪر اڪثر ٿيندو رهندو آهي.

24/10/2001

اڄ 11:00 بجي ڪمپيوٽر روم ويس، جتي ڪريم الله ۽ حسن کي "سنڌي اديب" جي امتحان جو فارم ڏنم. 6:00 بجي اسلم ملاقات تي آيو، رڪن الدين ميراڻي به ساڻس گڏ هو. اڄ ٻنپهرن جو اها خبر پئي ته برگيڊئر اسلم حيات جي ضمانت ٿي وئي آهي. 5:30 بجي ڪجهه ٻيا دوست ماڙيءَ تي ملاقات لاءِ آيا، ڪلاڪ ڪن انهن سان ڪچهري ٿي. 7:00 بجي آئون ۽ وريام فقير 16 وارد ۾ الهڏنو ڏاهري وٽ وياسين. اتي فضل الله صديقي به هو، جيڪو هاڻي ساڻس گڏ رهندو آهي. الهڏني ڏاهري جي 265-K جي درخواست تي اڄ ٽرائل ڪورٽ ۾ بحث ٿيو هو، جنهن جي ججمينٽ سيٽي اچڻي آهي. ڏاهري ڪافي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پُراميد آهي. اڄ اها به خبر پئي ته جج رياض ڦليوٽو هڪ ريفرنس ۾ بدر عالم بچائيءَ کي 8 سال قيد، ٻه ڪروڙ ڏنڊ ۽ ڏنڊ نه ڏيڻ جي صورت ۾ 3 سال وڌيڪ قيد جي سزا ڏني آهي.

25/10/2001

اڄ هڪ بجي 14 واردِ ۾ ويس، حتي حاجي صاحب ۽ صوفي سان ڪچهري ڪيم. ڪجهه وقت کان پوءِ شيخ اسلام الدين ۽ خان محمد به آيا. 3:00 بجي تائين انهن سان ڪچهري ٿيندي رهي. واپس اچي واردِ تي سُتو پيو هئس ته مقدمه اٽاري ملاقات جي پرچي جو ٻڌايو. ماڙيءَ تي اسلم آيل هو. ان سان حال احوال ٿيا.

5:00 بجي پنهنجي واردِ تان ٿي 16 واردِ ۾ الهڏنو ڏاهري ۽ فضل الله صديقي وٽ ويس، جتي وريام فقير پهرين ويٺل هو. ڏاهري ۽ صديقي کان سندس ڪورٽ جو احوال وٺڻو هو، جو اڄ پنهي جي K-265 جي درخواست تي فيصلو ٿيڻو هو. پنهي کان بيد نيوز (خراب خبر) مليون. جو پنهي جون درخواستون ٽرائل ڪورٽ رد ڪري ڇڏيون هيون. آئون ۽ فقير صاحب ڪافي دير تائين سائن ڪچهري ڪندا رهياسين. مون الهڏنو ڏاهري جي برداشتي کي چيو ته سبز چانهه پيار.

ڪجهه وقت ۾ هو چانهه کڻي آيو. مون پيتي ته اها سبز نه پر بنا کير واري ڪاري قهوو چانهه هئي.

پچيومانس ته هي ڪهڙي چانهه ٺاهي آيو آهين؟ چيائين، "اسان وٽ هيئڙ سائي چانهه نه آهي، ته 'هُوءَ' چانهه بنا کير جي ٺاهي آيو آهيان." "الهڏنو ڏاهري چيو ته اڄ توهان کير واري چانهه پيو، سپاهي کان توهان کي هتي سبز پتي موجود ملندي. برداشتي چانهه واپس کڻي ويو ۽ کير واري چانهه ٺاهي کڻي آيو. مون کي اهو ياد نه آهي ته اڄ ڪيتري عرصي کان پوءِ مون کير واري چانهه پيتي هوندي.

مون کي کير واري چانهه ڇڏي 10 سالن کان مٿي جو عرصو ٿي چڪو هو. اها چانهه مون گهٽي پيئڻ جي ڪري ڇڏي هئي، خاص طور ايڪشن مهم ۾ ته ڪنهن به صورت ۾ چاليهه پنجاهه ڪوپن کان گهٽ نه پيئڻو پوندو هو ۽ ٻيو وقت جو زيان به ٿيندو هو البت سائي چانهه ۽ سردين ۾ ڪافي اڪثر پيئندو آهيان.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون جيئن ڪير واري چانهه چڏي آهي تہ وچ ۾ شايد ڪڏهن پي بہ وٺندو آهيان. نہ تہ مهينا يا سال گذري ويندا آهن، آئون نہ پيئندو آهيان، سواءِ هڪ جڳهہ جي، جتي آئون ڪير واري چانهہ پيئڻ کان انڪار نہ ڪندو آهيان ۽ لازمي پيئندو آهيان. اُها جڳهہ آهي دبي ريگيوليٽر، جتي آئون اها چانهہ پيئڻ کان انڪار ڪري ئي نہ سگهندو آهيان. دبي ريگيوليٽر ۽ اُتي عارف پنجابيءَ جي هوٽل ـ اُن جي اوسي پاسي جي غريب مسڪين ماڻهن جي ميڙن جو شهيد فاضل جي زندگيءَ سان گهرو تعلق رهيو آهي. اسان جي پنهنجي علائقي ۾ راهوڪيءَ کان پوءِ شهيد جي زياده بينڪ واري جڳهہ دُبي ريگيوليٽر هئي. گهٽ ۾ گهٽ آئون پنهنجي مشاهدي ۽ معلومات جي حد تائين اها ڳالهہ چئي سگهان ٿو.

دبي ريگيوليٽر جيڪو 59ـ1958ع ۾ ڪوٽڙي بئراج جي نڪرڻ کان پوءِ آباد ٿيو. اهو نہ ڳوٺ آهي ۽ نہ شهر، پر گوني (ڦليلي) ڪينال تي ٺهيل دبي ريگيوليٽر تي ڪجهہ دڪان ۽ هوٽلون آهن، جيڪي پنهنجي قيام جي ٿيهن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين اوسي پاسي جي ديهن ۽ ڳوٺن جي آمدرفت ۽ واپار جو مرڪز رهيون آهن. هاڻي ڪجهہ سالن کان اوسي پاسي جي ويجهن شهرن ڏانهن لنڪ روڊ نڪري وڃڻ کان پوءِ برابر دبي ريگيوليٽر جو اهو اوج نہ رهيو آهي.

شهيد فاضل جو حيدرآباد کان ڳوٺ اچڻ وڃڻ جو رستو دبي ريگيوليٽر کان ئي هوندو هو. دبي ريگيوليٽر وٽان گوني ڪينال مان نڪرندڙ راج واهہ جيڪو اسان جي ڳوٺ ڏي اچي ٿو ۽ اسانجون زمينون بہ آباد ڪري ٿو، ان کي چور نالي بہ سڏيو وڃي ٿو. اسان جي پاسي کي آباد ڪندڙ شاخ جو سرڪاري نالو راج واهہ آهي، پر عرف عام ۾ ان کي چور نالي سڏيو ويندو آهي. چون ٿا تہ جڏهن ڪوٽڙي بيراج جو ڪم هلي رهيو هو، تہ راج واهہ جي ڪوٽائي جي لاءِ حيدرآباد سينٽرل جيل مان قيدي آندا ويا هئا. جيڪي پوليس وارن جي نگرانيءَ ۾ روزانو راج واهہ جي ڪوٽائي ڪندا هئا. واهہ جو گهڻو ڪم انهن قيدين کان ڪرايو ويو ۽ جيستائين ڪم هليو، انهن جون ڪيمپون لڳيون رهيون. تنهن ڪري عام ماڻهن ۾ اهو راج واهہ جي نالي سان نہ پر چور ناليءَ طور مشهور آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان تي مون کي هڪ ٻي ڳالھ بہ ياد اچي رهي آهي تہ جڏهن الھ رسايو ڀٽي مرحوم ڪوٽڙي بيراج جو چيف انجنيئر هو ۽ بابا جيل ۾ هو، تڏهن هڪ دفعو پاڻيءَ جي سخت کوٽ ٿي هئي. ڀٽي مرحوم بابا جو دوست هوندو هو. پنهنجي وس پڄندي اسان جي شاخ کي سُڪائڻ ڪونہ ڏيندو هو. هڪ ڏينهن سندس آفيس ۾ ڪنهن ڪم سان وڃڻ ٿيو. مون کي چيائين، ”فاضل صاحب جي سڄڻن“ مون تي درخواستون ۽ تارون ڪيون آهن، تہ چيف انجنيئر ڀٽي ٻين واهَن ۾ تہ پاڻي پڄائي ڪونہ ٿو پر حڪومت مخالف فاضل راهو جو واھ چور نالي تہ هلي ئي هلي پيو. ٻڌايائين تہ ”مون کان مٿان پڇاڻو ٿيو تہ هي چور نالي ڇو پئي وهي؟ آئون ڳالھ سمجهي ويس تہ ڇا مسئلو آهي، سو مون سوچيو تہ ڪا ٽل ڪري جان ڇڏايان. آئون پوري ڪمانڊ ايريا جا نقشا وغيره کڻي ڪراچي ويس ۽ واسطيدار آفيسرن کي ڏيکاريم تہ ”چور ناليءَ“ جي نالي سان منهنجي پوري بيراج ۾ ڪو واھ ئي ڪونهي، تہ ان ۾ پاڻي ڪٿان هلندو. هنن پوريون لسٽون ۽ ڪمانڊ ايريا جو نقشو ڏٺو ۽ لاجواب ٿي ويا.“

شهيد فاضل راڄ واھ وٺي دبي ريگيوليٽر پهچندو هو ۽ اتان گوني جو انسپيڪشن پاٿ وٺي ٽنڊو محمد خان ذريعي حيدرآباد ويندو هو. پر ايندي ويندي دبيءَ تي عارف جي هوٽل تي ضرور ويهندو ۽ چانھ پيئندو هو. اُتي سندس پهچڻ، ۽ پل کن ۾ غريب مسڪين ۽ پيرين اگهاڙن ماڻهن جو انبوھ جمع ٿي ويندو هو، پوءِ شهيد جون انهن سان ڪچهريون هونديون هيون. عارف جي هوٽل، ان جي چانھ، شهيد فاضل ۽ مسڪين اٻوجھ مهاڻا، مهيري، واڍا، نونداڻي، سمان ۽ ٻين ماڻهن جا انبوھ ۽ ميڙاڪا، اڄ بہ آئون انهن کي پنهنجي ذهن مان نہ ڪڍي سگهندو آهيان. ان تصور سان اهي سڀ منظر زنده تصوير جيان منهنجي اڳيان ڦرندا آهن. جيتريقدر آئون ياد ڪريان ٿو تہ مون بہ شايد ڪڙيو ۽ گولاڙچيءَ جا شهر پوءِ، پهرين دبي ريگيوليٽر ڏٺو هوندو.

عارف جو ننڍو ڀاءُ اڪرم سٺ واري ڏهاڪي ۾ ڪجھ وقت بابا وٽ ڊرائيور بہ هو. عارف وٽ سندس ٽرڪ هوندي هئي ۽ پوءِ اڪرم بہ ٽرڪ ورتي. مون کي ننڍي هوندي جي ڪا بہ اهڙي عيد ياد نٿي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اچي جو سيٺ عارف يا اڪرم وارن مان ڪو ٽرڪ ڪٽي راهوڪي نہ پهتو هجي. بابا عيد جي ڏينهن ٻنپهرن يا شام جو حيدرآباد روانو ٿيندو هو ۽ اسان ان ٽرڪ تي دبي پهچندا هئاسين. پوءِ ڪڏهن ته رات جو واپس ڳوٺ ايندا هئاسين يا اتي رهي ٻه پوندا هئاسين.

1970ع ۾ جڏهن جنرل يحيٰ جي دور ۾ بابا حيدرآباد سينٽرل جيل مان آزاد ٿيو، ته سيٺ عارف راهوڪي ۾ ٽرڪ ڪٽي آيو. ان وقت اسان وٽ نہ ته روڊ هوندا هئا، نہ ئي پبلڪ ٽرانسپورٽ هلندي هئي. مونکي سيٺ عارف چيو ته تون مون سا گڏ هل، پوءِ وڏيرو هونئين ڳوٺ ايندو، ان سان گڏجي اچجانءِ. مون پنهنجا ڪپڙا کنيا ۽ اسان دبي آياسين. جتي بابا ٻي ڏينهن اچڻو هو، پر پوءِ اُتي خبر پئي ته بابا جو پروگرام ٻہ ڏينهن ليٺ ٿي ويو آهي. ٻي ڏينهن اسان ٽنڊو محمد خان آياسين، هڪڙي رات اُتي رهياسين. ٽنڊي ۾ سيٺ عارف مون کي ڪجهہ ڪپڙن جا جوڙا، بوٽ ۽ جوراب وٺي ڏنا. ٻي ڏينهن صبح جو بابا ٽنڊي پهتو، مون کي ڏسي چيائين، ”تون هتي ڪيئن؟“ پوءِ آئون بابا سان گڏ جيپ تي دبي ۽ اُتان ڳوٺ آيس.

شهيد فاضل راهو ڪانپوءِ جڏهن ٻہ آئون دبي تي ويندو آهيان، ته مون کي ياد ڪونهي ته سيٺ عارف کي ڀاڪر پائڻ وقت مون هن جي اکين ۾ لڙڪ نہ ڏٺا هجن. اهو ئي تاثر اُتي موجود سوين مسڪين غريب ۽ ابوجهہ ماڻهن جي چهرن مان عيان هوندو آهي. اڄ ٻہ انهن جي چهرن ۾ شهيد فاضل زنده ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

دبي جون ڪيترين ئي شيون اڄ ٻہ ساڳيون آهن، ته ڪيترين ساڳيون ڪونہ آهن. شهيد فاضل ڪونهي، سيٺ عارف بيماريءَ سبب ڪونہ ٿو رهي، سيٺ عارف جي هوٽل جو اُهو وڏو سرنهن جو وڻ ڪونهي، جنهن هيٺ شهيد ويهي ڪچهريون ڪندو هو ۽ ڪيترائي اهي ماڻهو ڪونهن جيڪي شهيد جي وقت ۾ هوندا هئا. ان ڪانسواءِ هاڻي دبي جو اهو ساڳيو اوج ٻہ ڪونهي.

اڄ ٻہ جڏهن آئون اُتي ويندو آهيان ۽ عارف جو ننڍو ڀاءُ جمشيد ملندو آهي ته انهيءَ جي اکين ۾، دل ۾ اهوئي پيار، احترام ۽ عقيدت هوندي آهي، جيڪا اڳي هوندي هئي. اُهوئي دينو ملاح آهي، اهو ئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاڻي جو جڳ ۽ گلاس آهن، اُهي ئي بسڪوٽ ۽ چانهه آهي ۽ انهن ئي حالن ۾ اهي ئي ساڳيا ۽ ڪجهه نوان غريب ۽ مسڪين ماڻهو آهن. اڄ به انهن ۽ منهنجي وچ ۾ ڪو ڳانڍاپي جو انگ ۽ رشتو آهي ته اُهو شهيد فاضل آهي. شايد اڄ به دبي، عارف جي هوٽل، ان جي چانهه، چانهه ڪاڙهي کڻي ايندڙ دينو ملاح ۽ اُتي موجود مهاڻا، مهيري، نونداڻي، واڍا، سمان ۽ ٻين جا اُٻاڻڪا ۽ اُجهاڻل چهرا ۽ آئون پاڻ- اسان سڀني کي شايد هڪٻئي جي چهري ۾ شهيد فاضل نظر ايندو آهي. شايد اُتي جي چانهه ۾ به....!

26/10/2001

اڄ 12:00 بجي فياض ٻڌايو ته برتن واپس موڪلي رهيو آهيان. ڪو ميسيج (نياپو) ته ڪونهي. پڇيومانس، هينئر ڇو ٿو موڪلين؟ چيائين، ٻنپهرن جي ماني آئي آهي. هونءَ روز رات جي ماني شام جو گهران ايندي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن بنا شيڊول جي ٻنپهرن جي ماني به اچي ويندي آهي. روز ٻاهران ماني اچڻ سان ان جو اضافي فائدو اهو به هو ته ٻاهر جو ڪو ضروري احوال هوندو هو، ته اهو به پهچي ويندو هو ۽ ان سان گڏ اندران به خالي ٿانون ۾ چٺيءَ ذريعي نياپو نڙو آسانيءَ سان ٻاهر رسي ويندو هو.

6:00 بجي ماڙيءَ تي ويس، اسلم ۽ اقبال عنايت آيل هئا. ماڙيءَ تان واپس ايندي ڊپٽي امان الله نيازي سان ملڻ ويس، جنهن اقبال عنايت جي پڇا ڪئي. ٻڌايومانس ته آيل هو، هاڻي ٻاهر نڪتو آهي، توهان سان ناراض آهي. هُن ماڻهو موڪلي اقبال کي وري واپس گهرايو. اقبال ۽ جبار جو صلح ڪرايائين. جنهن کان پوءِ اقبال عنايت موڪلايو. شام جو ڪجهه وقت لاءِ 16 وارڊ ويس، جتي فضل الله صديقي، الهڏنو ڏاهري، اقبال، آشيرجان ۽ نديم مليا.

27/10/2001

اڄ ڪورٽ هئي. ڪيس نه هليو جو پرازيڪيوشن (حڪومتي ڌر) ڪيس هلائڻ لاءِ تيار نه هئي. ڪيس جي شنوائي وري 14 نومبر تي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رکي وئي. اج بہ ڪجھ همراہ ملڻ لاءِ آيل هئا، انهن ۾ اسلم، مجيد مانجھند، شاهنواز، طارق، عبدالله، نور محمد، سليمان ڏاهري، نور محمد ڏاهري، مشتاق نظاماڻي، يوسف لغاري، مصطفيٰ ميمڻ، قاسم ميمڻ، جان محمد انصاري، علي احمد جوڪيو، خدا بخش ميمڻ، پرويزرانجھا، گل محمد، حاجي خان ڪولاچي، اقبال عنايت، ڊاڪٽر ويرسي، ڪاڪو پيرو مل، ڊاڪٽر شام، لچمڻ، ڊاڪٽر خليل ۽ ٻيا هئا.

1:30 بجي ڌاري ڊاڪٽر شام ۽ لچمڻ ٻڌايو تہ اج جج روپوشن کي سزا ٿو ڏي، هاڻي سيٺ ۽ راجو جو ڇا ڪجي؟ سيٺ ڪشو ۽ راجو هن ريفرنس ۾ روپوش هئا. بهرحال آخر اهو طئي ٿيو تہ همراہ پيش ٿين. 2:00 بجي ڌاري سيٺ ڪشو ۽ راجو اچي ويا. ڪشوءَ جي پيش ٿيندي ئي سندس ڪافي مٽ مائٽ پهچي ويا. مون پاڻ سوچيو تہ هن کي پروگرام جي خبر هئي يا هونئن ئي ڪراچيءَ آيل هئا.

4:30 بجي جيل لاءِ نڪتاسين، ڪشو ۽ راجو الڳ گاڏيءَ ۾ آيا. اسان پنهنجي "ڪُتا گاڏيءَ" ۾ ويٺاسين، پر اج هن گاڏيءَ ۾ حالت هئي. اج جيتري رش اڳ ۾ ڪڏهن بہ نہ ٿي هئي. اج ان ۾ اٺ ڇٽا اسان نيب جا هئاسين، جن ۾ آئون، وريام فقير، عثمان فاروقي، رميش اُديسي، آشيرجان ۽ ٻيا هئا. ٽي ليڊيز قيدي هيون ۽ ست ڇٽا نارڪوٽڪس جا قيدي هئا. هڪ بچہ جيل جو هو يعني 19 قيدي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ قيدي تي هڪ سپاهي لازمي هوندو آهي، تنهن کان پوءِ انهن جا حوالدار ۽ گڏيل انچارج وغيره الڳ هوندا آهن.

اج گاڏيءَ ۾ ويهڻ جي تہ نهيو پر بيهڻ جي جڳھ بہ ڪونہ هئي. جيل تي پهتاسين تہ غلام حسين ميمڻ ۽ لچمڻ اڳ ۾ ئي سيٺ ڪشوءَ جي لاءِ پهتل هئا. مون کي ٻڌايائون تہ اسان نيازي سان ڳالهايو آهي، اُن ماجد کي چيو آهي. سادي ڇهين تائين آئون، غلام حسين ۽ ڊاڪٽر فضل الاهي ويٺا هئاسين، جنهن کان پوءِ غلام حسين ۽ ڊاڪٽر ٻاهر ويا. آئون پنهنجي واردِ تي آيس. لچمڻ، ڦيروءَ ۽ ڊاڪٽر امرت کي ماڙيءَ تي ڇڏيوسين تہ سيٺ جو بندوبست ڪن.

جيل ۾ اندر ايندي ئي حاجي ايوب آفريدي، گُلو صوبيدار ۽ صوفي مليا. ڪجھ دير انهن سان گپ شپ ڪري وري پنهنجي واردِ تي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آيس. بند ٿيڻ وقت خبر پئي ته سيٺ ۽ راجو کي في الحال چڪر جي کوليءَ ۾ موڪليو اٿن.

جيل جي اندر جيڪي ڦرلٽ جا ٻيا طريقا هلن ٿا، انهن مان سيني کان گهٽي ۽ زبردستي واري ڦر ۽ ڏاڙو نئين آمد کان ٿيندو آهي. نئون قيدي جڏهن جيل ۾ پهريون ڀيرو پهچندو آهي، ته ان کي تمام گهڻو تنگ ڪيو ويندو آهي، پوءِ چاهي اُن جو زندگيءَ جي ڪهڙي به شعبي سان تعلق ڇو نه هجي. ضروري نه آهي ته اها صورت حال جيل ۾ هر دور ۾ ساڳي هجي، پر اڄ ڪلهه اها ڪراچي سينٽرل جيل ۾ عروج تي آهي. بااختيار عملدارن جي تبديلي سان حالتن ۾ به مثبت ۽ منفي تبديليون ايندیون رهنديون آهن.

قيدي پهچندي ئي ان کي سڌو فيڪٽري پهچايو ويندو آهي. اُتي انتظاميا جي مخصوص لابي انچارج هوندي آهي. ان ۾ جيلر کان وٺي مقدم تائين شامل هوندا آهن. نئين قيديءَ تي دڙڪن، دهمانن کان شروعات ڪئي ويندي آهي. اها نوبت مارڪٽ ۽ بند وارڊ تائين به وڃي سگهي ٿي. جيستائين اهو قيدي ڪنهن ڊيل تي نه پهچي تيستائين اذيت مان گذرندو رهندو. اها ڊيل سامهون واري قيدي جي حيثيت کي ڏسي ڪئي ويندي آهي. قيديءَ جي اندر پهچندي ئي مقرر آفيسر ان کان تفصيلي انٽرويو ڪندو آهي، جنهن جو مقصد فقط اهو اندازو لڳائڻ هوندو آهي، ته هن جي ڪيتري کل لاهي سگهجي ٿي؟ پوءِ چاهي ڪو بلڪل مسڪين هجي يا سرنديءَ وارو. هتي اهڙن غريب قيدين جا به مثال موجود آهن، جن جيل انتظاميا جي عذاب کان بچڻ لاءِ پنهنجي زال، ڀيڻ يا ماءُ جو ڪو زيور وڪڻي به هن جي گهر پوري ڪئي هوندي.

عام طرح ٻاهرين پوليس کي به عوام آزار سمجهيو ويندو آهي، پر جيل جي پوليس سان انهن جو ڪو مقابلو ئي ڪونهي. ٻاهرين پوليس سان ته معاملو طئ ٿيڻ کانپوءِ "ڏنو پُٽ ڇُٽي جو" ـ همراه وڃي گهر پيڙو ٿيندو. پر هتي ته سڀ ڪجهه ڪرڻ کانپوءِ به هن وٽ ۽ هن جي ئي رحم ڪرم تي رهڻو آهي. جيل جي انهيءَ صورتحال ۾ آفيسرن جي تبديليءَ سان فرق ايندو رهندو آهي. سُٺن آفيسرن جي اچڻ سان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مثبت تبديليون ايندڙيون رهنديون آهن. هر آفسير جو جيل کي هلائڻ جو پنهنجو طريقو هوندو آهي. هر ڪنهن جي پنهنجي سوچ ۽ نفسيات هوندي آهي. جنهن کان اندر واڙيل قيدي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ضرور متاثر ٿيندا آهن.

28/10/2001 Sunday

اڄ صبح جو اٿي تيار ٿي سڌو دارالقرآن پهتس، جو اتي وريام فقير جي پاءُ جي وفات سبب انهيءَ لاءِ قرآن خواني ۽ خيرات رکيل هئي. 11:30 بجي اسين پنهنجي واردِ تي موٽي آياسين. مون اڄ ڪوشش ڪئي ته ڪنهن طريقي سيٺ ڪشوءَ ۽ راجو کي پاڻ وٽ گهرايان ته پنپهرن جي ماني هتي کائين، پر اهو نه ٿي سگهيو جو آفيسرن پاران انهن جي پئي هنڌ وڃڻ تي پابندي لڳل هئي. پنپهرن جو 14 واردِ ۾ ويس، جتي اسلام الدين وٽ لنچ هئي. اُتي ميزبان کان علاوه خان محمد مهر، حاجي ايوب آفريدي، ستار ڏيرو، عثمان فاروقي، چوڌري شريف، وقار پڳانوالا، ميان منير ۽ اختر موجود هئا.

3:00 بجي پنهنجي واردِ تي آيس. 4:00 بجي آئون ستل هئس ته خان محمد اچي اٿاريو. پڌايائين ته اسلام الدين شيخ جو وڏو پاءُ نورالدين وفات ڪري ويو آهي. ڪجهه وقت کان پوءِ آئون ۽ وريام فقير 14 واردِ ۾ اسلام الدين شيخ وٽ وياسين بعد ۾ آئون ۽ فقير وريام 16 واردِ وياسين، جتي ڏاهري ۽ صديقي سان حال احوال ڪياسين ۽ پاڪستان ۽ زمبابوي وچ ۾ شارجه ڪپ جي هلندڙ ميچ جو ڪجهه حصو ڏٺوسين. 8:00 بجي پنهنجي واردِ تي آياسين. ٿوريءَ دير ۾ ڊاڪٽر امبرت راءِ آيو، ڪيس فقير جو بلڊ پريشر چيڪ ڪرڻ لاءِ گهرايو هوسين. هُن رات جو سيٺ وارن جو احوال به پڌايو. ڊاڪٽر امبرت نوين بجي تائين اسان وٽ ويٺو، پوءِ موڪلايائين.

29/10/2001

صبح جو 8:00 بجي ماڙيءَ تان پرچي آئي. ويس، ته گهر وارا آيل هئا. 11:00 بجي اهي ويا، وري ڊپٽي جي آفيس ۾ اچي ويٺس. ڪجهه

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وقت ۾ ڊاڪٽر شام، مرچومل، زمان، راجو جو پاءُ ۽ پيا همراه آيا. سيٺ ڪشو ۽ راجو ڪجھ دير سان آيا جو ملاحظي جي لاءِ ويل هئا. ڪجھ وقت، ۾ لچمڻ آيو ۽ سيٺ وارا به آيا. ٻين بجي تائين ملاقات حال ۾ ويٺا رهياسين. جنھن کان پوءِ آئون، سيٺ ڪشو ۽ راجو اسان جي وارڊ تي آياسين اسان گڏجي ماني کاڌي، بعد ۾ آئون کين 16 وارڊ ۾ آشيرجان وٽ ڇڏي ماڙي تي ويس، جتي اسلم ملاقات لاءِ آيل هو. اسان ويٺا هئاسين ته چاندومل ۽ پيا آيا. ڳچل دير کان پوءِ سيٺ ڪشو آيو. 5:00 بجي پنھنجي وارڊ تي آيس، 6:30 بجي 16 وارڊ ۾ آشيرجان وٽ ويس، جتي صديقي، سميع مگريو، صديق ڳڪڙ ۽ پيا به ويٺل هئا. اڄ آشيرجان جي ضمانت جي فتويٰ هئي، پر هن کي اڃا تائين خبر ڪونه پئجي سگھي هئي ته ڇا ٿيو؟

سميع مگريو کي ڪجھ ڏينھن اڳ لانڊي جيل موڪليو ويو هو، پر ٿيون ڏينھن وري واپس هتي موٽي آيو. سميع سان منھنجي تڏھن واقفيت ٿي، جڏھن 81_1980ع ۾ بابا سکر جيل ۾ هو. آئون اُتي بابا سان ملاقات تي ويندو هوس، تڏھن سميع سان ملاقات ٿي هئي. هو بابا سان گڏ جيل ۾ به رهيو هو ۽ اتي سندس ملاقات تي به ايندو هو.

هڪ ڀيرو اسان سندس جڳھ تي به ويا هئاسين. آئون ۽ چاچا خالقڏنو (بابا جو سڳو سوٽ) بابا سان ملڻ حيدرآباد کان سکر ويا هئاسين، اُتي جيل تي بابا سان سميع به ملڻ لاءِ آيو هو ۽ اسانجي ساڻس ملاقات ٿي. سميع اسان کي چيو، ته ملاقات کان پوءِ ماني مون وٽ هلي کائجو. بابا مونکي چيو ته توهان سميع سان گڏ ويجو. اسان ملاقات کان پوءِ سکر شهر ۾ سميع جي گھر آياسين، جتي اسان ماني کاڌي ۽ ڪجھ دير ويھي ٿڪ پيچي ڏينھن ٽاريوسين. اسان رات جو حيدرآباد کان سکر تائين جو سفر بس تي ڪيو هو.

چاچا خالقڏني سميع کي چيو ته شهر جو ڪجھ چڪر ڏينداسين، جنھن کان پوءِ اسان واپس ويندا سين. سميع اسان کي شهر جو چڪر هڻايو، معصوم شاھ جي مناري تي چاچا خالقڏنو مٿي نه چڙهيو، البت آئون ۽ سميع مٿي چوٽيءَ تائين چڙهي وياسين. جنھن کان پوءِ سميع اسان سان ويگن اسٽاپ تائين گڏجي آيو ۽ اسان کي ويگن تي روانو ڪيائين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صبح جو 8:00 بجي 16 واردِ ۾ اسلام الدين شيخ وٽ ويس، سندس پاءُ جي گذارڻ تي دعا گهريم. ان کان پوءِ ماڙيءَ تي ويس، جو اڄ اسپتال وڃڻو هو. پر گاردِ نه آيو هو. اڄ ڪلهه ڪورٽ پوليس وٽ ڊيزل نه هجڻ جو بهانو هلي رهيو آهي. رزاق عباسي جيلر فون ڪري اسپتال جي گاردِ اچڻ لاءِ چيو. اتان ڪمپني ڪمانڊر ميول انڙ چيس ته اسان وٽ ڊيزل ڪونهي. عباسي منهنجي نالي چيس ته اُهو اوهان جي گاڏيءَ ۾ ته ڊيزل وجهائيندو، پر اوهان جي سپاهين ۾ به ڊيزل پرائيندو. اوهين فقط گاڏي وٺي اچو. 11:00 بجي گاردِ آيو.

اڄ صداقت شاه اي ايس آءِ ASI، سپاهي ڪامل بانيڻ ۽ هڪ ٻيو سپاهي آيا هئا. ماڙيءَ کان ٻاهر انتظار ڪرڻو پيو، جو گاڏي ليڊيز جيل تان ٻن قيديانڻين کي کڻڻ وئي هئي، جن کي پڻ سول اسپتال وڃڻو هو. اسان گاڏيءَ جو انتظار پئي ڪيو، ته ماما پيرو آيو. مون هن کي سڏيو ۽ جبار کي چيو ته ڪين سيٺ ڪشوءَ سان ملاقات ڪرائي. پندرهن ويهن منٽن ۾ اسان جي گاڏي آئي. 12:00 بجي اسپتال پهتاسين. اُتي ڊرائيور صالح فون ڊائريڪٽري ۽ گاڏي ڪٽي آيو هو. اسان کي ڪجهه ٽيسٽون وغيره ڪرائڻيون هيون، جن جي تاريخ وٺي ڊاڪٽر اسلم پيچوهو وٽ آيس، ڪجهه وقت هن سان حال احوال ٿيو. اُتان وري نواب ڪوسو وارن وٽ اڪائونٽس سيڪشن ۾ اچي ويٺاسين، جتان ڊاڪٽر صابر ميمڻ سان ڳالهايم.

12:00 گهر وارا اسپتال تي ماني کڻي آيا هئا. اسلم ۽ ڊاڪٽر شامون به اُتي آيا. 5:00 بجي اسپتال مان نڪتاسين. جيل تي ماڙيءَ جي ٻاهران پٽي مليو. اندر آيس ته مٿي ڪشو، راجو، لچمڻ ۽ ڊاڪٽر شام ويٺل هئا. ماڙيءَ تان ٻاهر نڪتاسين ته سيٺ ڪشو ۽ راجو چڪر ۾ پنهنجي واردِ تي ويا. آئون پنهنجي واردِ تان ٿي 6:00 بجي 14 واردِ ۾ اسلام الدين شيخ وٽ ويس. جتي ايوب آفريدي، عثمان فاروقي، چوڌري شريف، ستار ڏيرو، اختر شيخ ۽ ڪي- ايس مجاهد ويٺل هئا.

7:15 بجي وري 16 واردِ تي آيس. پهرين آشيرجان وارن سان مليس. ڪلهه هاءِ ڪورٽ آشير جان جي ضمانت رد ڪئي هئي. ڊويزن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بينچ نہ رڳو هن جي ضمانت رد ڪئي، پر جسٽس ايس- اي- رباني هڪ تفصيلي آرڊر پاس ڪيو، جنهن ۾ پنهنجون عجيب هدايتون فرمايائين. جسٽس صاحب جو اعليٰ آدرشي خيال هو، تہ نيب جي جوابدارن لاءِ ضمانت جو قانون باقي ملڪ جي قانون کان الڳ هجڻ ڪپي. يعني سي آر پي سي (Cr.P.C.) ۾ جوابدار کي جيڪي ضمانت جا قانوني حق آهن، اهي نيب وارن قيدين کي نہ هجڻ ڪپن. يعني قتل، ڦر، ڏاڙو، اغوا، زنا، جبري يا اجتماعي زنا، دهشت گردي وغيره جهڙن ڏوهن ۾ تہ Cr.P.C جا ضمانت جا قلم لاڳو ٿين ٿا، پر اهي نيب جي ڪيسن ۾ لاڳو ٿيڻ نہ ڪپن. اڻ سڌي طرح جسٽس صاحب حڪومت ۽ ڪورٽن کي اها هدايت ڪئي هئي تہ نيب جي ڪيسن ۾ ضمانت هجڻ ئي نہ ڪپي.

آشيرجان وٽان الهڏنو ڏاهري ۽ فضل الله صديقي جي ڪمري تي ويس، جتي وريام فقير بہ هو. انين بجي اتان آئون ۽ وريام فقير 14 واري ۾ وياسين، جتان ٿوريءَ دير کان پوءِ پنهنجي وارڊ تي موٽي آياسين. مون هينئر سادي انين بجي اڄ جي ڊائري لکڻ شروع ڪئي هئي، تہ اسان جو وارڊن شبير سومرو آيو. ذڪريا غنيءَ کي چيائين، "ڪريم وارا توهان کي سلام ڏيندا ويا."

مون سوچيو تہ هي ڪيڏانهن ويا، جو سلام ڏيندا ويا آهن. ذڪريا هن کان پڇيو، "اڄ جلدي وڃي سُمهي رهيا چا؟" شبير ٻڌايو تہ "هُن کي ڦاسي گهاٽ ۾ بند ڪيو ويو آهي، جو اڄ سپريم ڪورٽ جو فيصلو هُن جي خلاف اچي ويو آهي." ڪريم، صغير، حافظ احمد بخش ۽ ٻيا ڪل ٻارهن تيرهن جڻا ڪراچيءَ ۾ شيعن جي هڪ اجتماعي قتل ڪيس ۾ گڏيل جوابدار آهن ۽ 1995ع کان گرفتار آهن. چار سال اڳ بہ ڦاسي گهاٽ ۾ رهي چڪا آهن. جنهن کان پوءِ هاءِ ڪورٽ سندن ڪيس جي ٻيهر هلائڻ (Retrial) جو حڪم ڪيو. ان کان پوءِ ڦاسي گهاٽ مان نڪتا. حڪومت جي اپيل تي سپريم ڪورٽ، هاءِ ڪورٽ کي ٻيهر اپيل جو فيصلو ڪرڻ جو آرڊر ڪيو. هينئر سندن ڪيس هاءِ ڪورٽ ۾ هلي رهيو آهي ۽ پهرين تاريخ تي ضمانت جي درخواست جي ٻڌڻي رکيل اٿن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون کي ڳالھ سمجھ ۾ نہ آئي تہ ان صورت ۾ سپريم ڪورٽ جو ڪھڙو آرڊر اچي سگھي ٿو. شبير کي بہ وڏيڪ ڪا خبر ڪونہ ھئي ۽ نہ ئي ذڪريا غني وٽ ڪو تفصيل ھو. ڪريم، صغير ۽ حسن ھتي روز ايندا آھن. ٻنپھرن جي ماني ذڪريا غني سان گڏ کائيندا آھن. ڪمپيوٽر روم ۽ جيل جو پورو ڪمپيوٽر سسٽم ڪريم ۽ حسن ئي سنڀاليندا آھن. ڪريم تمام غريب ۽ ملٽسار ڇوڪرو آھي، پر تمام سرگرم آھي. ڪمپيوٽر روم يا ماڙيءَ تي ھر وقت ڪم ۾ رھندو آھي.

31/10/2001

اڄ صبح جو سوير 7:30 بجي خان محمد آيو. ڪريم ۽ ٻين ھمراھَن جي ڦاسي گھاٽ منتقل ٿيڻ تي حال احوال ٻڌايائين. اخبارون پڙھڻ کان پوءِ 9:00 بجي ٿوري دير لاءِ سمھي رھيس. تيار ٿي 10:30 بجي ماڙيءَ تي ويس، پٽي ٻاھر ٻيٺل ھو، ان کي گھرايم. ڪجھ سامان ۽ ڪاغذ گھران گھرائٽا ھئا. اُھي کيس لکايم. 12:00 بجي واپس وارڊ تي آيس. 3:30 بجي اسپتال ۾ ڊاڪٽر ميمڻ وٽ ويس، جتي ڊاڪٽر سيٺ ڪشوءَ کي بہ گھرايو. 5:00 بجي وري وارڊ تي آيس تہ ماڙيءَ تان پرچي آئي. اُتي گھروارا ماني ۽ سامان کڻي آيا ھئا. ماڙيءَ تي لچمڻ، متين ۽ ٻيا ھمراہ سيٺ ڪشو ۽ راجو سان ملڻ لاءِ آيل ھئا. 6 بجي واپس وارڊ تي پھتس تہ وري ماڙيءَ تي سڏ ٿيو، ڪجھ دوست ملڻ لاءِ آيل ھئا. ستين بجي واپس وارڊ تي آيس. اڄ ڪريم وارن جي خبر پئي تہ انھن کي پھرين تاريخ تي گھرائڻ لاءِ ھاءِ ڪورٽ جيڪو پراڊڪشن آرڊر P.O. ڪڍيو آھي، انھيءَ ۾ انھن کي Condemned Prisoners لکيو آھي. جنھن سبب جيل انتظاميا کين ڦاسي گھاٽ ۾ رکيو آھي.

اڄ صبح جو سول اسپتال وڃڻ لاءِ جيل جي گيٽ کان ٻاھر نڪتس، تہ پٽي ٻاھر ئي ٻيٺو انتظار ڪري رھيو ھو. ٻاھر منھنجي پيٽ ۽ گھروارا بہ ملڻ لاءِ آيل ھئا، جن سان مون انھن جي گاڏيءَ ۾ ئي ويھي ڳالھايو، جنھن کان پوءِ آئون اسان جي شاھي سواري يعني قيدين واري ڪُتا گاڏيءَ ۾ چڙھي 12 بجي اسپتال پھتس.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

E.T.T. ڪرائڻ کان پوءِ نواب وارن جي اڪائونٽس برانچ ۾ ٿوري دير ويٺاسين. جنهن ڪانپوءِ حنيف کي ليٽر جو چئي اسان ڊاڪٽر مظهر جي آفيس ۾ اچي ويٺاسين، جتي لڇمڻ به ملڻ آيو. 5:50 بجي جيل لاءِ نڪتاسين.

7:00 بجي 14 وارڊ ويس، جتي حاجي ايوب آفريدي ۽ اسلام الدين شيخ سان ڪچهري ٿي. 8:00 بجي پنهنجي وارڊ تي موٽي آيس.

2/11/2001

صبح جو 11:00 بجي سيٽ ڪشو ۽ راجو آيا. 12 بجي ڌاري سندن ملاقات جي پرچي آئي ته اوڏاهن ويا. آئون، ذڪريا غني ۽ وريام فقير پنهنجي وارڊ کان نڪتاسين جو اسان کي ڪريم ۽ صغير وارن سان ملڻو هو، جيڪي ڦاسي گهاٽ ۾ هُئا. جڏهن روٽي گهر وٽ پهتاسين ته وريام فقير چيو، يار اڄ جمعي جي سڳوري ڏينهن ڦاسي گهاٽ ۾ ڪونه ٿا هلون. مون چيو، هن ويچارن سان ملڻو آهي، هلي ٿا ملي اچون. بهرحال فقير صاحب اتان ئي واپس ويو. آئون ۽ ذڪريا غني ڦاسي وارڊ ۾ آياسين، جنهن جا به وارڊ آهن. مهينو ڏيڍ اڳ ۾ ڪريم ۽ صغير وارن سان ڪچهري ڪندي هُن ڦاسي گهاٽ جا احوال پئي ٻڌايا، ته مون کين چيو، ڪيڏي مهل ڦاسي وارڊ ڏسڻ هلنداسين. مون کي چيو هئائون ته توهان سان اسان گڏ هلنداسين.

اڄ هو ڦاسي وارڊ ۾ بند هئا ۽ آئون سائن ملڻ لاءِ وڃي رهيو هوس. پهريائين اسان ڦاسي گهاٽ جي پهرئين وارڊ ۾ وياسين. ان ۾ 15 ڪوليون آهن، جنهن ۾ هر ڪوليءَ ۾ چار کان پنجن چهن تائين قيدي آهن. پوري وارڊ کي چئن فوٽن جو ڇپري نما وراندو آهي. پهرين شروع ۾ ملاقات جا چار سيل ٺهيل آهن. ڦاسيءَ جي سزا لڳل قيدين کي سندن ملاقات لاءِ به وارڊ کان ٻاهر نه ڪڍيو ويندو آهي ۽ وارڊن جي اندر ئي انهن ننڍڙن سيل نما ڪمرن ۾ ملاقات ڪرائي ويندي آهي. هڪ طرف کان سيمينٽ جي بينچ تي قيدي ويهندو آهي، ته سامهون ٺهيل ڊڪي تي ملاقاتي ويهندا آهن. وچ ۾ ملاقات جي دريءَ کي لوهي گرل ۽ چاريون لڳل هونديون آهن. جنهن مان ڪابه شيءِ ڏيئي وٺي نه سگهبي آهي. چئني سيلن جو هڪ گڏيل دروازو وارڊ جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اندران آهي، جنهن مان قيدين کي آندو ويندو آهي ۽ هڪ دروازو وارڊ جي ٻاهران ملاقاتين جي وٽي اچڻ ۽ وڃڻ لاءِ آهي.

هي پهريون دفعو هو جو آئون جيل جي ڦاسي وارڊ ۾ آيو هوس. ڦاسي وارڊ جون کوليون ٻه تقريباً عام وارڊن جي کولين جهڙيون آهن. فرق صرف ڪجهه پابندين ۽ تصور جو آهي. هتي ڦاسي جي قيدين کي ٻه پنهنجي کوليءَ ۾ ٽي وي، بسترو ۽ پنهنجي ماني وغيره ناهڻ جي اجازت آهي. ڪجهه وقت اڳ ۾ ته ائين ٻه شروع ٿيو هو ته ڦاسي وارڊ جا قيدي ٻه صبح جو ڪلندا ۽ شام جو 4ـ 5 بجي بند ٿيندا هئا. هن جو اهو ٻاهر نڪرڻ سندن وارڊ تائين محدود هوندو هو. پر هينئر نئين انتظاميا وري ساڳيو پراڻو قانون بحال ڪيو هو، يعني صبح جي وقت فقط ٻن ڪلاڪن لاءِ قيدين کي ٻاهر ڪڍيو ويندو هو ۽ باقي وقت بند رکيو ويندو آهي.

مون محسوس ڪيو ته ڦاسي وارڊ، ان جا سيل ۽ انهن جا رهندڙ قيدي ڪجهه الڳ طريقن کان سواءِ باقي عام جيل جو حصو لڳي رهيا هئا. پر ان جي ملاقات وارا سيل ۽ ملاقات جو طريقو ٻوائتو ۽ خوفناڪ محسوس ٿي رهيا هئا. خاص طور تي ملاقاتين جي لاءِ جيڪي جيل جي اندرين دنيا کان ناواقف هوندا آهن، جڏهن اُهي ٻاهران جيل جون اوچيون ديوارون ۽ انهن جا ڪيترائي مضبوط ۽ وڏا لوهي دروازا اورانگهي ڦاسي گهاٽ جي ملاقات جي انهي سيل تي پهچندا هوندا ته ان کي ڏسي هن جو ڦاسي گهاٽ جو تصور اجان به وڌيڪ ٻوائتو ٿي ويندو هوندو.

ڦاسي وارڊ جي هر کوليءَ جي اڳيان پاٽيءَ جو هڪ مٽڪو رکيل هو، جنهن مان قيدي دروازي جي گرل مان هٿ ڪڍي پاٽي جو گلاس ڀريندو آهي. قيدين کي ماني وغيره به دروازن جي گرل جي وٽين مان ڏني ويندي آهي. هڪ ڳالهه واضح ڪيان ته هن ٻنهي وارڊن ۾ ڦاسي جي سزا يافته قيدين جي رهائش آهي. پر جتي ڦاسي ڏني ويندي آهي، يعني تخته دار، اهو هن جيل جي فيڪٽري بلاڪ ۾ آهي.

اسان پهرين حافظ احمد بخش ۽ ان جي ٻين همراهن سان ملياسين. اُهي کوليءَ کان ٻاهر آيا ته وراندي ۾ ئي چادر وڇائي ان تي ويناسين. اڳتي وري صغير شيخ سان ملياسين. ان سان به کوليءَ جي اڳيان وراندي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ چادر تي ئي ويناسين. هُن چانهه ٽهرائي پر اسان کي ٿوري جلدي هئي ته اجازت ورتيسين، پاسي ۾ ئي ٻي وارڊ ۾ آياسين، جنهن ۾ ڏهه کوليون آهن. اصل ۾ هن وارڊ جون به 15 کوليون آهن، پر پنجن کولين کي الڳ ڪري بند وارڊ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. هن وارڊ تي به ملاقات جا اهڙائي ساڳيا چار سيل آهن. هتي اسان ڪريم سان مليا سين. هو پنهنجي کولي کُلڻ کان پوءِ ٻاهر آيو، اُن سان بيٺي ئي ٿورو حال احوال ٿيو.

آئون پنهنجي وارڊ تي پهتس ته ملاقات جي پرچي آيل هئي. ماڙيءَ تي ويس، سيٺ ڪشو مليو، ٻڌايائين ته راجا آسر ۽ ٻيا همراه آيا هئا، پر توهان دير ڪئي ته هليا ويا. اسان ملاقات روم ۾ ويٺا هئاسين ته رامو مل آيو. سائس حال احوال ٿيا. ڪجهه وقت کان پوءِ نور محمد ڏاهري ۽ سليمان ڏاهري آيا. جنهن کان پوءِ اسلم آيو. رامو اجازت ورتي، نور محمد ۽ سليمان به موڪلايو. مون سيٺ ڪشو کي چيو ته توهان راجوءَ کي وٺي منهنجي وارڊ تي اچو، آئون اسلم سان ڳالهائي اچان ٿو ته ماني گڏجي ٿا کائون.

3:00 بجي آئون پنهنجي وارڊ تي آيس ته هو اڳ ۾ ئي ويٺا هئا. مون کين ٻڌايو ته پوجو ۽ ٻيا همراه توهان سان ملڻ لاءِ ماڙيءَ تي آيل آهن. سيٺ ڪشو ۽ راجو ماني کائي ملاقات تي ويا. شام جو آئون ۽ وريام فقير ڪلاڪ کن لاءِ الهڏني ڏاهري ۽ صديقي وٽ وياسين.

3/11/2001

اڄ صبح جو ٿورو دير سان اٿيس. اخبارون پڙهي تيار ٿيڻ کانپوءِ ڪجهه واردن جو چڪر ڏئي پنهنجي وارڊ تي آيس. ٿوريءَ دير لاءِ مون، صديقي، امداد ۽ جاويد بلوچ ڪارڊ ڪيڏيا، پوءِ ٻنپهرن جي ماني کاڌيسين. شام جو پنجين بجي پرچي آئي. ويس ته گهروارا ۽ پٽي ماني کڻي آيا هئا. چهين بجي واپس وارڊ تي آيس. سانجهيءَ جي نماز کان پوءِ آئون ۽ وريام فقير 16 وارڊ ۾ الهڏني ڏاهري وٽ وياسين، جنهن جي اڄ تاريخ هئي، ڪانئس ان جا حال احوال ورتاسين. وري 14 وارڊ ۾ آياسين، جتي حاجي صاحب ۽ اسلام الدين شيخ ويٺا هئا. فقير جلد موٽي ويو ۽ آئون اتان ساڍي اٺين بجي پنهنجي وارڊ تي موٽي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آيس تہ حسبِ دستور وريامر فقير تلاوت پي ڪئي، زڪريا غني اخبارون پڙهي رهيو هو ۽ دائود خان بي بي سي ٻڌي رهيو هو.

4/11/2001 Sunday

اڄ صبح جو 11:00 بجي اسلام الدين شيخ جي وڏي ڀاءُ نورالدين شيخ مرحوم جي خيرات ۽ قرآن خواني دارالقرآن ۾ رکي وئي هئي. آئون، ذڪريا غني ۽ وريامر فقير گڏجي اوڏانهن وياسين. 12:00 پنهنجي وارڊ تي موٽي آياسين. الهڏنو ڏاهري اسان سان گڏ آيو. ٿوريءَ دير ۾ رميش اديسي ۽ حبيب الرحمان به آيا. حبيب الرحمان ۽ ان جو ڀاءُ رستم هتي خون جي ڪيس ۾ بند آهن. حبيب الرحمان مون کي ساڻس هتي ٿيل پهرين ملاقات ۾ چيو تہ "77_1976ع ۾ به آئون هن ساڳئي ڪيس ۾ هن ئي جيل ۾ هوس. تڏهن اتي ڪجهہ وقت آئون ۽ فاضل راهو صاحب گڏ رهيا هئاسين." منهنجي معلوم ڪرڻ تي ٻڌايائين تہ ان وقت 18 وارڊ ۾ رهندا هئا. ان ۾ هينئر شعيب بخاري وارا رهن ٿا، جيڪو بي ڪلاس 17 وارڊ جي پاسي ۾ آهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ رميش اُديسي ۽ حبيب الرحمان روانا ٿيا ۽ اسان ٿوريءَ دير لاءِ ڪارڊ کيڏيا.

5/11/2001

اڄ صبح جو 9:00 بجي پرچي آئي. ويس تہ ٻار ملاقات لاءِ آيل هئا. 2:00 بجي وري پرچي آئي، سيٺ ۽ راجو ماڙيءَ تي ملاقات روم ۾ مليا. اتي ڊاڪٽر ٽيڪچند ۽ لچمڻ آيل هئا. ٿوري دير ۾ ڊاڪٽر خليل ۽ ادي شهناز آيا. انهن کان پوءِ گيانچند آيو. سيٺ ۽ مون گيان سان حال احوال ڪيا. ان دوران يوسف لغاري ۽ نور محمد ڏاهري آيا. اسلم، عزيز ميمڻ ۽ محمد بخش نوتڪاڻي وارا به اسان جي ماڙيءَ تي ويٺي ئي اچي ويا. ڊاڪٽر خليل هر دفعي وانگر هينئر به ڪجهہ ڪتاب وٺي آيو هو. انهن ۾ "سياسي زندان نامہ" ڪتاب به هو. مون پچيومانس تہ "خبر اٿئي هن ڪتاب جو ليکڪ ڪير آهي؟" چيائين، مون کي خبر نہ آهي. ٻڌايومانس تہ اهو اسان جي سپرنٽينڊنٽ جيل، راشد سعيد جو لکيل آهي. جيڏي مهل خليل ۽ ادي ماڙيءَ جي در وٽان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مرڪلايو تہ ڊاڪٽر خليل کي مون سپرنٽينڊنٽ سان وڃي ملايو ۽ ٻڌايومانس تہ هي منهنجو پيٽويو آهي ۽ منهنجي لاءِ توهان جو لکيل ڪتاب وٺي آيو آهي. اُن وقت شعيب بخاري صاحب بہ ويٺل هو.

شام جو ماڙيءَ تان واپس ايندي، ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ امان الله نيازي جي آفيس ۾ ويس، جتي ڊپٽي قاضي نظير بہ ويٺل هو. اُتي نصرت مگڻ سان ملاقات ٿي. ساڻس گهڻو اڳي حيدرآباد جيل تي ملاقات ٿيل هئي، تڏهن ڪيس هلڪي ڏاڙهي بہ رکيل هوندي هئي. پنهنجي وارڊ تي آيس تہ امداد، نصير مري ۽ علي حسن ٻاهر اڳڻ تي ويٺا هئا. نصير همراهن کي ڪورٽ جي تاريخ جا حال احوال ٻڌائي رهيو هو.

شام جو آئون ۽ فقير ڪجهہ وقت لاءِ 16 وارڊ ۾ وياسين، جتي ڏاهري، صديق، سميع ۽ آشيرجان سان ملاقات ٿي. 8:00 بجي پنهنجي وارڊ تي اچي آئون وري ٻاهر نڪتس تہ حاجي ايوب مليو، ٿوريءَ دير ۾ خان محمد بہ آيو. اسان ڪلاڪ کن تائين ٻاهر بيٺي ڪچهري ڪندا رهياسين. جنهن کان پوءِ هرڪو پنهنجي وارڊ ڏي هليو ويو.

6/11/2001

صبح جو آئون اخبارون پڙهي سمهي پيو هوس. 9:00 بجي برداشتي فياض اٿاري اچي ٻڌايو تہ سپرنٽينڊنٽ جو مقدمہ آيو آهي. چوي ٿو، صاحب توهان کي سڏايو آهي. مون ڪيس چيو تہ ڪجهہ دير کان پوءِ اچان ٿو. آئون تيار ٿي ڏهين بجي ماڙيءَ لاءِ نڪتس پئي تہ اسپتال وڃڻ جي پرچي آئي. آئون سپرنٽينڊنٽ سان ملي مجاهد وٽ آيس، هن ٻڌايو تہ توهان جو گارڊ اچي ويو آهي پر ڪجهہ ٻيا بہ قيدي هلڻا آهن جن ۾ عثمان فاروقي بہ آهي.

قيدين کي اسپتال موڪلڻ جو ڪم هونئن تہ ڪلارڪ امجد جي حوالي هوندو آهي پر اهو هينئر بہ مهينا موڪل وٺي طالبان جي ڊيوٽي ڪرڻ ويو آهي. انهيءَ ڪري اهو ڪم هاڻي اُن جي پاءُ مجاهد جي حوالي آهي. ٻئي پائر وڏين ڏاڙهين سان اصل طالبان آهن. ڪنهن حد تائين هم شڪل بہ آهن. شروع ۾ تہ ماڻهو ڪين صحيح سڃاڻي بہ نہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سگهندو آهي ۽ پلجي پوندو آهي ته ڪهڙو امجد آهي ۽ ڪهڙو مجاهد؟ شروع ۾ آئون به هڪ ٻه دفعا پليس ته ان ڏينهن رزاق عباسي جيلر به ويٺو هو. مون ان کي حيدرآباد جيل ۾ جعفر جاڪرو ۽ صادق جاڪرو واو قصو ڪري ٻڌايو.

عثمان فاروقي اسپتال هلڻ لاءِ هميشه دير سان نڪرندو آهي ۽ اسپتال مان به ڪلاڪ ڪن کان پوءِ واپس ايندو آهي.

اسان 11:00 بجي سول اسپتال لاءِ نڪتاسين، اج ڪجهه ٻيا قيدي به هئا. اسپتال پهتاسين ته شاهنواز آيل هو. اسان حنيف وارن جي آفيس مان ٿي هيٺ آياسين ته ڊاڪٽر اسلم پيچوهو مليو، جيڪو اسان کي آفيس ۾ وٺي آيو. تيستائين پوليس وارن ليٽر ٺهرايو. اسان ڊاڪٽر احمد علي شاهه کان ٿي نواب ڪوسو جي آفيس ۾ ويٺاسين. جتان ڊاڪٽر ارباب ستار سان ڳالهايو. واندا ٿي وري ان جي آفيس ۾ اچي ويٺاسين، جتان 5:00 بجي جيل لاءِ نڪتاسين.

7/11/2001

12:00 بجي سيٺ ڪشو ۽ راجو آيا. ڪله سندن ٻي ڪلاس جو آرڊر ٿي ويو هو. هو اهو ڳالهائڻ آيا ته ڪٿي شفٽ ٿيون؟ 16 ۾ يا 17 وارڊ ۾؟ ڪجهه دير کان پوءِ واپس ويا. چار بجي پرچي آئي. ويس ته سيٺ ڏيوومل، ڊاڪٽر ٽيڪچند، پوجو، لچمڻ، ڊاڪٽر شام ۽ ڪجهه ٻيا همراه سيٺ ڪشو ۽ راجو سان ويٺا هئا.

ملاقاتين کي روانو ڪري پنجين بجي وري پنهنجي وارڊ تي موٽي آيس. سيٺ ڪشو ۽ راجو جو ٽوٽل 16 وارڊ ۾ ٿي ويو هو. ڪين اهوئي ڪمرو مليو هو، جنهن ۾ آئون به شروع ۾ 5ـ6 ڏينهن رهي آيو هئس. سادي ڇهين بجي 16 وارڊ ويس. جتي پهرين اقبال سان مليس. هن جي ضمانت ٿي وئي هئي، هن سان ملي سيٺ ۽ راجو وٽ آيس. 7:30 بجي 16 وارڊ جو پوليس وارو آيو، جنهن چيو، "سائين! بند ٿيڻ جو ٽائيم ٿي ويو آهي." آئون پنهنجي وارڊ تي آيس، وري 8:00 بجي 14 وارڊ ۾ اڌ منو ڪلاڪ حاجي ايوب سان ڪچهري ڪري واپس آيس.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آچر 8/11/2001

هڪ بجي سيٽ ڪشو آيو. ٻين بجي راجو ماني ڪٽائي آيو. اسان گڏجي ماني کاڌي. اڀائي بجي ماڙيءَ تان پرچي آئي. ويس ته ماسي نذير، فياض ۽ شاڪره ويٺل هئا. ڪلاڪ ڏيڍ تائين اُهي ويٺا رهيا. سيٽ ڪشو به آيو جو ان جا ملاقاتي آيل هئا. 6:00 بجي ڊاڪٽر شام، لچمڻ، سيٽ دريانومل، مکي پيسو ۽ متين آيا.

9/11/2001

صبح جو 11:30 بجي سيٽ ڪشو آيو. اڄ افغانستان دفاع ڪائونسل پاران عام هڙتال هئي ۽ حڪومت علامه اقبال جي جنم ڏينهن سبب عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو هو. اقبال ڊي جي موڪل اڳئين دور ۾ ختم ڪئي وئي هئي پر هينئر اچانڪ ٻه ڏينهن اڳ ان موڪل جو اعلان ڪيو ويو. عام طرح ائين چيو پيو وڃي ته هيءَ موڪل اڄوڪي هڙتال جي اثر کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي آهي.

12:00 بجي آئون ۽ ڪشو 17 واردِ ۾ رميش اُديسي جي ڪمري تي سائس ملڻ وياسين. اتي وهاب به مليو. ان کان پوءِ 21 واردِ ۾ حميد وٽ وياسين، جيڪو طاهر صديقي جي ڪمري ۾ ويٺو هو. سوا هڪ بجي آئون پنهنجي واردِ تي آيس ۽ سيٽ سندس واردِ تي ويو. ڏيڍ بجي دارالقرآن ويس، جمعي نماز پڙهيم ۽ مولوي قاري خالد جي ماني‌ءَ جي دعوت ۾ به شريڪ ٿيس. ماني هن پنهنجي بئرڪ ۾ ڪارائي، جنهن ۾ مولانا نديم سان گڏ سپاه صحابه جا ٻيا به ڪارڪن هئا.

اڄ ڪله حڪومت ۽ پي پي جو ٺاهه ميڊيا ۽ خلق جي زبان تي عام طرح زيربحث آهي. جنرل پرويز مشرف ۽ پيپلز پارٽي جي وفد جي تازي ملاقات جا ڪجهه تفصيل اخبارن ۾ پڌرا ٿي چڪا آهن. جڏهن ته اصل تفصيل فقط ملاقات ڪرڻ وارن ۽ چند ٻين اهم واسطيدار ماڻهن تائين محدود آهن. ان کان علاوه، اهڙن معاملن ۾ وفدن جون ملاقاتون ته محض رسمي هونديون آهن، جڏهن ته اصل معاملا ۽ شرط ان کان اڳيئي ڌرين جي مُک ماڻهن جي وچ ۾ طئي ٿي چڪا هوندا آهن. حڪومت ۽ پي پي جي معاملي ۾ به مون کي ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪو ڪجھ ٻه طئي ٿيو، اُهو ان رسمي ملاقات کان اڳ ۾ ئي طئي ٿي چڪو هو. جنهن جو واضح ثبوت ان ملاقات کان اڳ ۾ متحده عرب امارات (UAE) جي ايمبيسي پاران آچر جي ڏينهن تي بي نظير پٽو کي سندس رنيو ٿيل نئون پاسپورٽ پهچائڻ ۽ ان آچر جي موڪل واري ڏينهن تي هوم ڊپارٽمينٽ ۽ سينٽرل جيل ڪراچيءَ پاران حاڪم علي زرداريءَ جي گهر کي سب جيل قرار ڏيئي ڪيس ان ئي ڏينهن ضياءالدين اسپتال مان اتي منتقل ڪرڻ آهي.

بظاهر ته حڪومت جا اهي ٻئي عمل ان معاهدي طرف پيش رفت آهن، جن تي جنرل پرويز مشرف سان وفد جي ملاقات کان پهرين عمل ڪيو ويو. هڪ ڳالهه واضح آهي ته ٻئي ڏريون هڪ ٻئي کي ڪافي ويجهيون ٿي چڪيون آهن ۽ ڪنهن حد تائين هڪ ٻئي کي مدد ڪرڻ جي ڪنهن معاهدي تي به پهچي چڪيون آهن. پ پ ۽ حڪومت وچ ۾ هلندڙ ڳالهيون يا معاهدي جو تت دراصل ٻه ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. هڪ ته افغانستان جي مسئلي تي بي نظير پٽو طرفان حڪومت جي ڪلي حمايت جي نتيجي ۾ پ پ کي ڪجھ رليف ڏنو وڃي. ٻيو ته چا ڏريون ايترو اڳتي وڃي سگهن ٿيون، جو بينظير پٽو ايندڙ سيٽ اپ يا چونڊن ۾ اقتدار ۾ حصيدار ٿئي. جيتري قدر پوئين ڳالهه جو تعلق آهي ته اسان جي ملڪ ۾ ٿي ته سڀ ڪجھ سگهي ٿو، ڪا شيءِ ناممڪن نه آهي، پر ان جا امڪان تمام گهٽ نظر ٿا اچن. موجوده حڪومت هن مرحلي تي بينظير پٽو جي اقتدار ۾ اچڻ کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪندي.

هن وقت صورتحال اها آهي جو ٻئي ڏريون هڪ ٻئي جي ضرورت آهن. بينظير جي ڪُليل طالبان مخالفت ۽ آمريڪا جي حمايت جي ڪري يقيناً هن سڄي پيش رفت ۾ آمريڪا جو ڪردار به ضرور شامل آهي. حڪومت ۽ آمريڪا، جن وٽ هن وقت طالبان دشمني هڪ گڏيل ايجنڊا آهي، انهن جي هينئر اها ڪوشش هوندي ته مذهبي قوتن جي مقابلي ۾ حڪومت لبرل سياسي قوتن جي مدد حاصل ڪري. پر اُن مدد جو هرگز اهو مطلب نه سمجهڻ ڪپي ته انهن سياسي قوتن کي آئينده اقتدار جي ڪرسيءَ تي به ويهاريو وڃي يا ان قسم جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويجهڙائپ آئنده ڊگهي عرصي تائين برقرار رهي. هن نازڪ صورتحال ۾ هن معاملي تي حڪومت جي اها به حڪمت عملي ڪارفرما هوندي ته سيني سياسي قوتن سان هڪ ئي وقت محاذ آرائي نه ڪئي وڃي ۽ ڪجهه محاذن کي پُرامن ۽ ٺڏو رکيو وڃي.

هن سڄي صورتحال ۾ بينظير پٽو وڏ ۾ وڏ فائدو حاصل ڪرڻ چاهي ٿي. انهيءَ لاءِ هوءَ تمام خبرداريءَ سان پنهنجا ڪارڊ استعمال ڪرڻ گهري ٿي. بي نظير جي خواهش آهي ته ڪنهن به طريقي سان اسٽيبلشمينٽ کي راضي ڪري ايندڙ سال چونڊن ۾ حصو وٺي اقتدار ۾ اچي. ان لاءِ هوءَ فوجي حڪمرانن جا گهڻا شرط، مثلاً، جنرل پرويز مشرف جو صدر چونڊجڻ، نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل کي آئيني شڪل ڏيڻ، آئين جي آرٽيڪل 58-2B جي بحالي ۽ موجوده حڪومت جي ڪنيل سيني قدمن کي آئيني تحفظ ڏيڻ ۽ مجرڻ لاءِ نه رڳو تيار آهي پر انهن تي عمل لاءِ خاطر خواه ضمانتون ڏيڻ جي لاءِ به تيار آهي. انهن سيني شين جي باوجود به اسٽيبلشمينٽ ۾ اهڙا عنصر حاوي آهن، جيڪي بي نظير جي سڌو سنئون اقتدار ۾ اچڻ کي روڪڻ لاءِ وسئون ڪونه گهٽائيندا.

جيڪڏهن بينظير پٽو کي ڪليو ملڪي سياست ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ڏني وئي، ته موجوده حڪمرانن لاءِ ميان نواز شريف کي ملڪي سياست ۾ حصو وٺڻ کان روڪڻ جو ڪو اخلاقي جواز نه رهندو، پر اهو ڪرڻ هن لاءِ ڏاڍو مشڪل به ٿي پوندو. هتي ميان نواز شريف طرفان مذهبي جماعتن جي موقف جي حمايت کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. جڏهن ته ميان نواز شريف جنهن جي آزدي (Great Escape) ۾ آمريڪا ۽ سعودي بادشاهت جو نمايان ڪردار هو، هينئر اهي ٻئي ملڪ يعني، آمريڪا ۽ سعودي عرب طالبان مخالفت ۾ اتحادي آهن. انهيءَ جي باوجود ۽ سعودي حڪومت جي پناه ۾ هوندي به نواز شريف حڪومت جي افغانستان پاليسي جي ڪُلي مخالفت ڪري رهيو آهي.

منهنجي خيال ۾ ته حڪمران پ پ سان اقتدار جي شراڪت جي معاملي ۾ اجا به پراڻي ساڳي فارمولا تي قائم آهن. جيتريقدر پي پي سان حڪومت جي ڳالهين (Dialouge) جو تعلق آهي ته اهي افغانستان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي صورتحال نمودار ٿيڻ کان اڳ ۾ به هلي رهيون هيون. پر موجوده صورتحال جي نتيجي ۾ انهن ۾ تيزي پيدا ٿي آهي ۽ هاڻ اهي ڪنهن فيصلي ڪُن موڙ تي پهتا آهن. اها ڳالهه ياد ڪرڻ کپي ته پي پي ۽ حڪومت جي وچ ۾ به ڳالهيون ان کان پوءِ شروع ٿيون، جڏهن نواز شريف کي ڪنهن دباءَ جي نتيجي ۾ ملڪ کان ٻاهر موڪليو ويو. ان کان اڳ بينظير جي ڪُلي دعوت جي باوجود به حڪمران ساٿس بظاهر ڪابه ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. انهيءَ سبب جي ڪري ئي بي نظير پٽو حڪومت مخالف محاذ ۾ ميان نواز شريف سان گڏ ويهڻ لاءِ تيار ٿي. جنهن ۾ ٻنهي سياسي قوتن جو مقصد حڪومت تي دباءُ وڌائڻ هو.

جڏهن ميان نواز شريف کي رليف ڏنو ويو ته ان کانپوءِ پرويز مشرف جي ٽيم لاءِ بي نظير پٽو کي به ڪنهن معاهدي جي نتيجي ۾ ڪو رليف ڏيڻ ۾ ڪا قباحت محسوس نه ٿيڻ لڳي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ ڳالهين جو سلسلو هلندو رهيو. حڪومت جي شروعات کان اها ڪوشش رهي آهي ته پي پي جي ٻيو نمبر قيادت (Secondary Leader Ship) بي نظير پٽو کي ان ڳالهه تي راضي ڪري ته هوءَ پنهنجي خاندان کان سواءِ باقي پارٽي کي ملڪ ۾ سياسي ڪردار اد ڪرڻ جي اجازت ڏي. يعني ڪنهن مخصوص مدت تائين بي نظير پٽو پارٽيءَ جي اڳواڻي پارٽيءَ جي ڪنهن ٻي حڪمرانن جي منظورنظر يا انهن جي لاءِ قابل قبول اڳواڻ جي حوالي ڪري يا گهٽ ۾ گهٽ اقتدار جي صورت ۾ ڪرسيءَ تي بينظير کان سواءِ پارٽي جو ڪو ٻيو چهرو ويهاريو وڃي تيستائين بي نظير عملي سياست کان ڪناره ڪش رهي. ان ئي ساڳي ايجنڊا تي نواز شريف، سان به حڪومت جي ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي، پر ميان نواز شريف جي ڪيس ۾ ٻاهرين پريشر سبب ڪن ڳالهين جي طئي ٿيڻ کان سواءِ ئي حڪمرانن کي معاملو اڪلائڻو پيو.

منهنجي خيال ۾ پي پي جي معاملي ۾ حڪمران هينئر به پنهنجي ان ساڳي پراڻي فارمولا تي قائم آهن، جنهن ڪري آئون نٿو سمجهان ته بينظير پاڻ کان سواءِ پارٽي مان ٻئي ڪنهن کي وزير اعظم نامزد ڪري يا ڪن صوبائي حڪومتن ۽ ڪجهه وفاقي وزارتن تي ناهه ڪري.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حڪومت چاهي ٿي ته پيپلز پارٽي محترمه بي نظير کي الڳ ڪري اقتدار ۾ پائيوار ٿي جنرل پرويز مشرف جي بي ٿيم جو ڪردارا ادا ڪري ۽ ان ۾ بي نظير جي رضامندي (Consent) به شامل هجي. جڏهن ته محترمه جنرل پرويز سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ ته تيار آهي، پر هوءَ پاڻ ڪانسواءِ پارٽيءَ جي اقتدار ۾ حصيداري جي فارمولا کي قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار نه آهي.

هاڻ ڏسڻو اهو آهي، ته ڪير ٿو هيٺ لهي ۽ ڪنهن جا اعصاب ٿا ڪمزور ٿين. ان کان قطع نظر ته آئنده ڇا ٿو ٿئي، هن وقت حالتن تحت ٻئي ڏريون هڪ ٻئي کي رعايتون ڏيڻ جي پوري مود ۾ نظر اچن ٿيون. حڪومت موجوده حالتن ۾ پي پي جي سياسي حمايت ۽ مدد جي عيوض بي نظير پٽو، آصف علي زرداري ۽ ٻين اڳواڻن کي ڪيسن جي سلسلي ۾ رليف ڏيئي سگهي ٿي ۽ آصف کي ٻاهر به موڪلي سگهي ٿي. جيڪڏهن ائين ٿيو ته حڪومت انهن شين تي آهستي ۽ هڪ پراسز تحت عمل ڪندي ۽ اهو سڀ ڪم جديشري کان ورتو ويندو، ته جيئن ڪنهن سياسي ڊيل هجڻ جي تاثر کي گهٽائي سگهجي، جيڪو ٻنهي ڏرين جي مفاد ۾ هوندو. اهو سڀ اندروني طور ٿيل ڳجهي معاهدي جي نتيجي ۾ ٿيندو.

بي نظير جي وطن واپسي جي بازگشت به آهي، جنهن تي عمل ڪنهن حتمي معاهدي کان سواءِ مشڪل نظر ٿو اچي. اهو سڀ ٿيڻ جي باوجود به بي نظير پٽو ۽ آصف زرداري تي ڪيسن کي بلڪل ختم نه ڪيو ويندو پر انهن کي التوا ۾ رکيو ويندو ته جيئن ڏور حڪمرانن جي هٿ ۾ رهي.

10/11/2001

صبح جو 9:00 بجي پرچي آئي. ويس ته گهروارا آيل هئا. ناشتو ڪڻي آيا هئا. ٿوري دير کان پوءِ پٽي به آيو. آئون مٿي ويٺو ئي هوس ته ڪنهن اچي چيو، "توهان جو اسپتال لاءِ گارڊ آيل آهي."

10:30 بجي اسپتال لاءِ نڪتاسين. مون سان گڏ عثمان فاروقي به هو. مونکي ڪنڌ ۽ ڪلهي ۾ سور (Servical Pain) هو. جنهن ڪري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر فزيوٿراپي جي لاءِ لکيو هو. اڄ ان جي شروعات ڪرائڻي هئي. اسان ليٽر وٺي فزيوٿراپي ڪرائڻ وياسين، اُتي شاهنواز به آيو. اسان وري مٿي اچي ويناسين. شاهنواز چيو ته منهنجا دوست آهن، انهن جي آفيس ۾ هلي ٿا ويهون. ٿوري دير ۾ هو ۽ انور ڦليوٽو گڏجي مٿي آيا. انور اسان کي حافظ صفدر ۽ مظفر قاضي جي آفيس تي وٺي آيو. اُتي دوستن سان ڪچهري ڪئيسين ۽ 6:00 بجي جيل لاءِ نڪتاسين.

11/11/2001 Sunday

اڄ صبح جو تيار ٿي 12:00 بجي 16 وارڊ ۾ سيٺ ڪشو وارن وٽ ويس، ڪجهه حال احوال ڪرڻ ڪانپوءِ الهڏنو ڏاهري جي ڪمري تي آياسين، جتي مون، وريام فقير، ڏاهري ۽ صديقي پتي راند ڪئي. پين بجي آئون ۽ وريام فقير 14 وارڊ تي آياسين، جتي اسلام الدين شيخ ڪجهه دوستن کي ٻنپهرن جي مانيءَ تي سڏيو هو. ساڍي ٽين بجي پنهنجي وارڊ تي آياسين. ڪجهه دير آرام ڪري ساڍي چار بجي الهڏني ڏاهري وٽ ويساين، جتي وري پتن راند ڪئيسون ۽ ڇهين بجي پنهنجي وارڊ تي موٽي آياسين. هرنئن ته آئون ڪڏهن ڪڏهن پتن راند ڪندو آهيان پر آڄر جي ڏينهن موڪل هئڻ ڪري ڏاهري جي فرمائش تي باقائدي مقابلا ٿيندا آهن. اڄوڪي راند ۾ صبح واري سيشن ۾ الهڏنو ڏاهري ۽ صديقي جي ٽيم مون ۽ وريام فقير کي پتا ڪٽايا ۽ سلام به ڏنام جڏهن ته شام واري سيشن ۾ اسان کين ساڳيا سلام واپس ڪيا ۽ پوري پيس ڪرائي. هتي جيڪي به دوست راند ڪندا آهيون، انهن ۾ الهڏنو ڏاهري راند جو هوشيار آهي. راند هلندي ڪيس سپني رنگن جا مليل ڪارڊ ياد رهندا آهن. پر راند جو لطف لالي دائود ۽ فضل الله صديقي کان سوءِ مڪمل نه ٿيندو آهي. انهيءَ ڪري، اسان جي ڪوشش هوندي آهي، ته اُهي راند ۾ ضرور حصو وٺن.

12/11/2001

صبح جو 9:00 بجي پرچي آئي. ويس ته شاڪره هئي ۽ پاڻ سان ناشتو به کڻي آئي هئي. مٿي ويٺا ئي هئاسين ته 12:00 بجي ذوالفقار ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ادي شانو آيا. ذوالفقار ۽ ادي شانو جيل تي پهريون پيرو ملڻ آيا هئا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ انهن موڪلايو. اتي ئي مون کي ٻڌايائون ته توهان جو وڪيل آيو آهي. ڏاڏي سليمان ڏاهري سان اڌ ڪلاڪ ڪن احوال ٿيا، پوءِ اجازت ورتائين.

آئون سپرنٽينڊنٽ وٽان ٿي ڊپٽي جي آفيس ۾ آيس. ٿوري دير ۾ ميجر غلام حسين ڪوسو آيو، جنهن سان سٺي ڪچهري ٿي. هن خان محمد ۽ رئوف قادريءَ کي به سڏايو. اتي ئي حوالدار محمد خان مون کي ٻڌايو ته توهان جا مهمان آيا آهن. ويس ته آصف خان ۽ شاهنواز آيل هئا. آصف خان سان مٿي ملاقات روم ۾ ڪلاڪ ڪن ڪچهري ٿي. سيٽ ڪشو به پنهنجي ملاقاتين سان ملڻ لاءِ آيل هو. ان ئي وقت ڊاڪٽر شام ۽ لچمڻ آيا. تقريباً 4:30 بجي پنهنجي وارڊ تي موٽي آيس.

شام 5:00 وڳي ماڙيءَ تان پرچي آئي، ته اسلم آيل هو. هو سڌو ڳوٺان آيو هو ۽ وري واپس وڃڻو هئس. ڇهين وڳي واپس وارڊ تي آيس ته ڪجهه دير ۾ سيٽ ڪشو آيو. اسان 14 وارڊ مان ٿي وري 16 وارڊ ۾ وياسين. اٺين وڳي پنهنجي وارڊ تي موٽي آيس ته دائود خان بي بي سي ٻڌي رهيو هو ۽ تمام خوش هو، ٻڌايائين ته ”آمريڪا ۾ وري بلڊنگ سان جهاز ٽڪرايو آهي، چار بلڊنگون ڪري پيون آهن ۽ ڪيترائي آمريڪي مردار ٿيا آهن.“

13/11/2001

اج اسپتال وڃڻو هو. سادي ڏهين وڳي نڪتاسين، وريام فقير ۽ عثمان فاروقي به گڏ هئا. پهريائين وريام فقير کي جناح اسپتال ۾ لاٽوسين ان بعد 11:30 وڳي سول اسپتال پهتاسين. پٽي جيل کان ئي مون سان گڏ هليو هو. ٿوري دير ۾ شاهنواز به آيو. اسان شاهد علي، نواب ڪوسو ۽ وزير ڪوسو وارن وٽ وڃي ويٺاسين. ليٽر ملڻ کانپوءِ فزيو ٿراپي لاءِ ويس. جنهن کان پوءِ حنيف کان ليٽر وٺي پنپهرن جو حافظ صفدر جي آفيس ۾ وڃي ويٺاسين جتي انور ڦليوٽو ۽ قاضي مظفر مليا. حافظ ۽ هنن همراهن گهٽي قرب مان ماني لاءِ زور پريو، پر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهنواز کين ٻڌايو تہ ماني اسان جي گهران اچي ٿي. اسان پنجين وڳي اسپتال مان جيل لاءِ نڪتاسين. 6:30 وڳي منهنجي واردِ تي سيٽ ڪشو آيو، ڪيس ۽ جيل بابت حال احوال ٿيا.

افغانستان ۾ ٻہ ڏينهن اڳ مزار شريف تي اتر اتحاد وان قبضو ڪري ورتو هو. اڄ اها خبر هلي رهي هئي تہ ڪابل ۾ ٻہ اتر اتحاد جون فوجون داخل ٿي چڪيون آهن ۽ ٻيا ٻہ ڪيترائي صوبا طالبان خالي ڪري چڪا آهن. ڪجھ ڏينهن اڳ ائين محسوس ڪيو پئي ويو جڻ هڪ مهيني کان زياده جي آمريڪي بمباري طالبان کي ڪو گهڻو نقصان نہ پهچائي سگهي آهي. ائين هن نوي سيڪڙو افغانستان تي پنهنجو ڪنٽرول برقرار رکيو هو. گذريل ٻن ٽن ڏينهن اندر اتر اتحاد جي تيز پيش رفت ثابت ڪيو آهي تہ افغانستان مان طالبان جا پير اکڙي چڪا آهن. هاڻ طالبان جو زور ڏکڻ علائقن طرف ٿيندو. يعني پاڪستان ۽ افغانستان جا سرحدي علائقا، جن ۾ قندار، جلال آباد ۽ پاڪستان جا قبائلي علائقا اچي وڃن ٿا. آهستي آهستي افغانستان جي ڏاکڻين علائقن مان ٻہ طالبان کي تڙجڻو پوندو. ان صورت ۾ انهن جي پناه فقط پاڪستان ۽ پاڪستان جا قبائلي علائقا ئي وڃي بچندا. جتي انهن جو اڳ ۾ ئي نيٽ ورڪ موجود آهي.

پاڪستان جي حڪومت لاءِ اها خطري جي گهنٽي آهي ۽ ڏسڻو اهو آهي تہ ان ڳنڀير صورتحال کي حڪومت ڪيئن ٿي منهن ڏي. پاڪستان ۽ خاص طور سنڌ اڳ ۾ ئي افغان پناه گيرن جي ڪري تمام گهڻو پوڳيو آهي. هينئر ٻہ ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ طالبان جي يلغار وري سنڌ طرف ئي ٿيندي. ڪراچي اڳيئي افغان پناه گيرن سان پريو پيو آهي. هن وقت شهر ۾ ڪيترائي شاپنگ سينٽر، باڙه مارڪيٽون ۽ ٽرانسپورٽ مڪمل طرح انهن جي قبضي ۾ آهن، جتي گراهڪن سان معمولي اڳهن جي ڏي وٺ يا ڪرائي تي ڪلاشنڪوف اپيون ٿي ويندیون آهن يا سندس پاڻ ۾ معمولي ڪاروباري تڪرار تان ٻہ گولين جي ڏي وٺ شروع ٿيڻ معمول جي ڳالھ آهي. انهن جي ڪري ئي شهر ۾ هيروئن، چرس ۽ آفيم جو ڪاروبار عام آهي.

ڪراچيءَ ۾ اڳيئي فسادن جي باهہ پڙڪيل آهي، ڪيتريون ئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تارگيٽ ڪلنگ ٿي رهيون آهن. شهر جو امن امان تباهه آهي. گاڏين جون ڦرون، اغوا ۽ ڊڪيتيون عروج تي پهتل آهن. ڏوهاري لڏو ۽ انهن جون ٽوليون شهرتي راج ڪري رهيون آهن. انهيءَ صورتحال ۾ طالبان جي تربيت يافته، هٿياربند ۽ انتها پسند پناهگيرن جي ڪراچي تي لشڪرڪشي ٻرنديءَ تي تيل جو ڪم ڏيندي ۽ اُهي شهر کي هڪ وبائي بيماريءَ وانگر وکوڙي ويندا، جيڪا ناقابل علاج هوندي. حڪومت کي ان طرف پرپور توجه ڏيڻ گهرجي ۽ هر صورت ۾ پوري ملڪ، خصوصاً سنڌ جي اندر افغان پناهگيرن جي نئين ظاهر ظهور يا خفيه آمد کي روڪيو وڃي. هونئن به طالبان سندن زوال جو پاڪستان کي به آمريڪا جيتروئي ذميوار سمجهن ٿا. ملڪ اندر موجود انتهاپسند مذهبي قوتون ۽ طالبان گڏجي امن امان جي حوالي سان ڪابه اهڙي صورتحال پيدا ڪري سگهن ٿا، جيڪا ملڪ ۽ عوام لاءِ هاڃيڪار ٿي سگهي ٿي.

14/11/2001

اڄ صبح جو ڪورٽ هئي. ڪسٽڊي واري گاڏيءَ ۾ آئون، وريام فقير، سيٺ ڪشو، راجو، آشيرجان، رميش اديسي، رئوف قادري، عثمان فاروقي، شڪور ڪلوڊي ۽ سعادت علي نيب جا قيدي هئاسين. اسان سان بئنڪنگ ڪورٽ جا ٽي جوابدار به گڏ هئا. گاڏيءَ ۾ريائين انهن کي آمريڪن ڪونسليٽ جي پويان بئنڪنگ ڪورٽ ۾ لاٿو ۽ اسان ڏهين وڳي نيب ڪورٽ پهتاسين. پهچندي ئي آغا وزير عباس، ٻڌايو ته ڪيس جي آئنده تاريخ 22 ٿي وئي آهي. وزير عباس اسان کان پهرين پهتو هو. اهو لانڊي جيل کان ايندو آهي.

ڪجهه وقت کان پوءِ جج سيني جوابدارن ۽ انهن جي وڪيلن کي چيمبر ۾ گهرائي چيو ته "22 تاريخ تي ڪيس هلائيندس." اڄ ڪورٽ ۾ ڪافي رش ٿي وئي هئي. هڪ ته مون سان ملاقات لاءِ دوست به ڪافي اچي ويا هئا ۽ ڪشوءَ وارن جي برادري به چڱي آيل هئي، جو هن جي اڄ پهرين پيشي هئي. اڄ جيڪي همراه ملڻ آيا، انهن ۾ وڪيل يوسف لغاري، نور محمد ڏاهري، اسلم، سيد غلام محمد شاه،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خدابخش ميمڻ، چاچا خالقڏنو راهو، محمد رحيم راهو، قاسم ميمڻ، عبدالله راهو، بشير احمد ملاح، هاشم ميمڻ، علي احمد جوڪيو، عبدالقادر ترڪ، اياز لطيف جوڪيو، حاجي محمد علي، محمد خان رانجهاڻ، فدا احسان گلاهه، شاهنواز راجپر، دين محمد، احمد علي پٽي، جمشيد، گل محمد راهو، شهمير، طارق، خميسو، سيد منير احمد شاهه، سليمان ڏاهري، منو نظاماڻي، خليفو غفور نظاماڻي، شيرل نظاماڻي، عبدالواحد نظاماڻي، جام گلاهه، ماما رمضان راهو، بشير ڪرل، جيئند مهيري، خيرومهيري. جان محمد انصاري، ڊاڪٽر خليل قاضي ۽ ٻيا شامل هئا. شام جو 5:00 ڪورٽ مان نڪتاسين.

15/11/2001

اج سڄي ڏينهن ۾ منهنجي ڪا ملاقات ڪونه آئي هئي. صبح جو ڪجهه وقت 16 واردِ ۾ وياسين، جتي سيٽ وارن کان ٿي پوءِ الهڏني ڏاهري وٽ مون، فقير، راجو ۽ صديقي راند ڪئي. شام جو 6:30 وڳي وري سيٽ وارن وٽ چڪر ڏنم. 8 وڳي 16 واردِ ۾ ويس، جتي حاجي صاحب ۽ خان محمد سان ڪلاڪ کن ڪچهري ڪئي. اتان پنهنجي واردِ تي اچي وهنجي اخبارون پڙهيون. اخبارن ۾ سرخيون يا خاص خبرن جو تفصيل آئون صبح وقت ئي پڙهي ڇڏيندو آهيان. باقي خبرون يا ايڊيٽوريل صفحن کي رات جو ئي ڏسڻ جو وقت ملندو آهي. اهو منهنجو روزمره جو معمول آهي.

9:30 وڳي خان محمد مهر اسان جي واردِ تي آيو. ڏهين وڳي تائين گپ شپ ڪيائين. اج اسان ۽ خان محمد وارن جو واردِ معمول کان دير سان بند ٿيو جو واردِ شبير ڪنهن ڪم سان ٻاهر ويل هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪمپيوٽر روم ۾ ڪم هلندو آهي ته به اسان وارا واردِ دير سان بند ٿيندا آهن. جو شبير انهن لاءِ ٻاهران ماني وٺڻ ويندو آهي. اج شبير 11 وڳي آيو، اچي دروازا بند ڪيائين.

16/11/2001

اج 11-30 وڳي ملاقات جي پرچي آئي، ويس ته علي شير وساڻ ديارام، سيتل داس ۽ پوجو مل آيل هئا. علي شير ٻڌايو ته صبح جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڳوٺان نڪتا ۽ سڌا هتي آيا آهن. ٿوري دير ۾ سيٺ ڪشو به آيو. ملاقات کان واپسيءَ تي ٿوري دير لاءِ ڊپٽي سپرينٽنڊنٽ قاضي نذير وٽ ويس، جنهن جي نئين آفيس مٿي ملاقات هال جي پاسي ۾ ٺاهي وئي آهي. قاضي نذير ان وقت ڪيرن آرمسٽرانگ (Karen Armstrong) جو لکيل ڪتاب History of God (خدا جي تاريخ) پڙهي رهيو هو.

2.15 وڳي پنهنجي واردِ تي آيس. ماني کائي اچان ستو ئي مس هوس ته پرچي آئي، ويس ته مٿي اقبال عنايت آيو هو: گولاڙچيءَ کان ويرو مل ۽ فتن مل به آيل هئا، جن وٽ ڪشو وينو هو. انهن سان حال احوال ڪري وري اقبال عنايت وٽ ويٺس، ٿوري دير کان پوءِ گهروارا به آيا. 5.50 پنهنجي واردِ تي آيس.

6.30 ڌاري 16 واردِ ۾ ويس، جتي سيٺ ڪشو، فضل الله صديقي، وريام فقير ۽ الهڏنو ڌاهريءَ سان چڱي دير ڪچهري ٿي. سادي انين وڳي پنهنجي واردِ تي آيس. اڄ رمضان شريف جو چنڊ ڏٺو هو ۽ پهرين تراويح هئي. جنهن سبب جيل دير سان بند ٿيئو هو. جيل انتظاميا فيصلو ڪيو هو، ته رمضان ۾ قيدي تراويحون پلي باجماعت پڙهن. پورو جيل تراويحون ختم ٿيڻ کان پوءِ بند ڪيو ويندو. اهو فيصلو شايد گذريل رمضان جي مهيني کان ڪيو ويو هو.

17/11/2001

اڄ مون ۽ ذڪريا غني کي سول اسپتال وڃڻو هو. ڏهين وڳي پرچي آئي. اسان مٿي ماڙيءَ تي وياسين. آئون امان الله نيازي سان ملي سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ ويس، جتي عثمان فاروقي به وينل هو. ان چيو ته اسان توهان جو انتظار ڪري رهيا آهيون. سادي ڏهين وڳي آئون، ذڪريا غني ۽ عثمان فاروقي اسپتال لاءِ نڪتاسين. اسپتال ۾ شاهد عليءَ جي آفيس ۾ شاهنواز وينو هو. ذڪريا غنيءَ جو ڊينٽسٽ ڏانهن ليٽر نهيو جو ان کي ڏندن ۾ تڪليف هئي. اسان ليٽر نهرائي فزيوٿراپي ڪرائڻ وياسين. اُتان ٿي حافظ صفدر جي آفيس ۾ اچي ويٺاسين، جتان چئين وڳي جيل لاءِ نڪتاسين. اسپتال ۾ اقبال عنايت ۽ احمد علي پٽي به آيا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آئون پنهنجي واردِ تي پهتو ئي مس هوس تہ خان محمد آيو. چيائين تہ جلدي ۾ توهان جي دوست سيٽ کي گهرائي وٺو. آءِ جي صاحب منهنجي واردِ ۾ ويٺو آهي، ان سان ملائي ڇڏيونس. آئون سيٽ کي وٺي 14 واردِ ۾ ويس، جتي .I.G نثار مهر ۽ خان محمد ويٺا هئا. اسان ڪجهہ وقت اتي ويٺاسين، جنهن ڪانپوءِ آءِ جي ويو ۽ اسين پنهنجي واردِ تي موٽي آياسين.

18/11/2001Sunday

هينئر صبح جا 00-8 ٿي رهيا آهن. دائود خان واردِ کان ٻاهر نڪتل آهي. ذڪريا غني ۽ وريام فقير سُتا پيا آهن. برداشتي فياض بہ سُتل آهي. ذڪريا غني ۽ فياض رات جو 3 وڳي اُٿندا آهن جو اهي روزو رکندا آهن. هونئن بہ ذڪريا غني رزانو رات جو 30-4 وڳي بہ ڪلاڪن لاءِ نماز پڙهندو ۽ تلاوت ڪندو آهي. هاڻي ڪجهہ برداشتي اچي چڪا آهن، بورچي عثمان ڪچن ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. عمران ٿانوَ ڌوئي رهيو آهي ۽ ٻيا ٻاهر ڪم ڪري رهيا آهن، جن جا نالا مون کي بہ ڪونہ ٿا اچن. انهن مان هڪ ٻوٽن ۽ وڻن کي پاڻي ڏئي رهيو آهي ۽ هڪ اگڙ جي صفائي ڪري رهيو آهي. ايان مقدم ۽ ذڪريا غني جو برداشتي خالد نہ پهتا آهن، عام طرح تہ اهي جلد پهچي ويندا آهن، پر رمضان جو مهينو آهي ۽ اڄ موڪل جو ڏينهن بہ آهي. ڪجهہ برداشتين جا نالا مون کي انهيءَ ڪري ياد نہ آهن جو انهن مان ڪجهہ ڇڏي باقي ايترا تيزي سان تبديل ٿيندا آهن جو ايان انهن جو نالو ياد ٿيندوئي مس آهي تہ همراه هليو ويندو آهي.

منهنجو ذاتي برداشتي ڇڏي ٻين کي رکڙ ۽ ڪڍڻ جو ڪم دائود خان پاڻ سنڀالي ورتو آهي، انهن سان سڄو ڏينهن مغز ماري، سامان ۽ هر شيءِ جو پڇاڻو بہ پاڻ ڪندو آهي. پوءِ هڪڙا برداشتي ايندا آهن ۽ ٻيا پيا ويندا آهن. فقط منهنجو ذاتي برداشتي فياض شروعات کان وٺي ساڳيو آهي. منهنجي جيل اچڻ واري ڏينهن ئي خان محمد مهر هن کي منهنجي حوالي ڪيو هو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اُن جو ٽوٽل بہ اسان جي واردِ ۾ ڪرائي ڇڏيو هئوسين. اُهو ڪچن جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پويان استور طور استعمال ٿيندڙ جڳهه ۾ سمهندو آهي. ڪچن ۽ استور کي فقط 5 فوٽ جي پردي جدا ڪري ڇڏيو آهي، باقي گڏيل آهن ۽ ٻئي ڪافي ڪشاده آهن.

اسان وٽ پهرين ٻه مهينا کن يعقوب بورچي هو، هو سٺو بورچي هو پر ناراض ٿي هليو ويو. ان کان پوءِ ٿي چار بورچي آيا، پر ڪنهن نه ڪنهن سبب ٽڪيا ڪونه. مون عثمان کي گهرايو جيڪو ڏيڍ مهيني کن کان ڪم ڪري پيو. ڪجهه وقت کان ذڪريا غني خالد کي رکيو آهي، جيڪو هن جو ذاتي ڪم ڪار ڪندو آهي. اسان پنهنجي وارد ۾ جيڪي چار هنڊيوال رهون ٿا، انهن جي پاڻ ۾ ڪا گهڻي قربت نه آهي. ته ويڙهه به نه آهي. ميس جي حوالي سان ذڪريا غني اسان جو هنڊيوال نه آهي جو انهيءَ جو گهر جيل جي پاسي ۾ آهي. ان ڪري هن جي ناشتي کان وٺي رات جي ماني تائين هر شيءِ گهران ايندي آهي. منهنجي رات جي ماني گهران ايندي آهي، پر منهنجي، وريام فقير ۽ دائود خان جي گڏيل ميس آهي، جيڪا دائود خان هلائيندو آهي. شام جو ٻئي ڏينهن لاءِ سامان وغيره اُهو لکائيندو آهي ۽ حساب ڪتاب به پاڻ ئي ڪندو آهي.

جيل ۾ هفتي جي اندر لکين روپين جو سامان ٻاهران ايندو آهي، جيڪو قيدي پنهنجي خرچ تي ٻاهران گهرائيندا آهن. جيل انتظاميا پاران اهو ٺيڪو خاص منٿلي يا هفتو مقرر ڪرڻ تي ڪنهن سپاهي يا هڪ کان وڌيڪ سپاهين کي ڏنو ويندو آهي. اُهي روزانو مختلف واردن مان قيدين جي ضرورت مطابق سامان جون چٺيون گڏ ڪندا آهن ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو اهو سامان انهن کي پنهنجي واردن تي پهچائيندا آهن. انهيءَ ۾ گوشت، مرغي، سبزي ۽ ٻي هر قسم جي جي روزمره جي ضرورت جو سامان شامل هوندو آهي. ان سامان تي قيدين کان عام مروج شين تي مارڪيٽ جي اگهه کان ويهه پنجويهه سيڪڙو مٿي وصول ڪيو ويندو آهي. ڪن شين تي ڏيڍوڻا ٻيڻا ٻئسا به وصول ڪيا ويندا آهن. جڏهن ته ڪڏهن تور جو فرق به هوندو آهي. البت اها سهوليت آهي، ته جن قيدين وٽ خرچ جي پهچ آهي، انهن کي هر شيءِ تازي ملي ويندي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اسان ٽنهي جي ميس جو سامان لکائڻ، گهرائڻ، چيڪ ڪرڻ ۽ حساب ڪتاب ڪرڻ جو ذمو دائود خان جي حوالي آهي. هو اسان سان هر ڏهين ڏينهن حساب ڪتاب ڪندو آهي. مون ۽ فقير وريام سان حساب ڪرڻ ۾ ڪڏهن به پئسن جو نه چوندو. اسان کان هن کي پئسا ڏهين ڏينهن ملن يا ويهين ڏينهن يا ان کان به دير ٿي سگهي ٿي، پر ڪڏهن به اسان کان پئسا گهرندو نه، سواءِ ان جي جو وٽس ڏوڪڙ ختم ٿي وڃن. سامان آڻڻ وارن کي پاڻ هر ڏهين ڏينهن پئسا ڏيندو آهي. ڪجهه ڏينهن، کان وٺي مون کي چوي پيو، ته آئون هاڻي ٿڪجي پيو آهيان، پوڙهو ماڻهو آهيان، هاڻي هي ڪم تون سنڀال. چيومانس، ”توهان وڏا آهيو، وڏن هوندي ننڍن تي بار نه هوندو آهي. هي ڪم توهان جو آهي. توهين هلايو.“ خير ڪم ته وري به پاڻ ٿو هلائي پر اڳي جيڪا پرچي ٺهندي هئي، انهيءَ تي سندس نالو ئي هو. هاڻي منهنجو نالو لکرائي ٿو البت صحيح پاڻ ڪندو آهي. هو سامان لکائڻ ۽ حساب ڪتاب ڪرائڻ وارو ڪم هميشه امداد جڪري کان وٺندو آهي. مون سان رهندڙ همراهن جي پاڻ ۾ گهٽ لڳندي آهي، پر مون سان سيني جو رويو تمام سٺو ۽ مثبت آهي. آئون ڪوشش ڪندو آهيان ته همراه هڪ ٻئي کي ڪجهه سهن ۽ برداشت ڪن ته جيئن وقت سٺي نموني سان گذري. پر ڪڏهن ڪڏهن ننڍڙيون شيون به وڏيون ڳالهيون ٿي ويندیون آهن.

منهنجي هميشه دائود خان کي ٿڌو ڪرڻ جي ڪوشش رهندي آهي، هو به منهنجو گهڻو خيال ۽ احترام ڪندو آهي، پر منهنجي هن سان ڳالهائڻ جي هڪ حد هوندي آهي جو هو بابا ۽ ادا صديق جو به هنديوال ٿي رهيو آهي. انهيءَ ڪري آئون هن جي گهڻي عزت ڪندو آهيان. آئون ڏسندو آهيان ته ذڪريا غني ۽ وريام فقير به ڪنهن حد تائين سهپ کان ڪم وٺندا آهن يا منهنجي ڪري برداشت ڪندا آهن.

مون کي جيڪا ڳالهه هينئر لکڻي هئي، اها چڏي ٻين ڳالهاين ۾ پئجي ويس. آئون ڊائري عام طرح رات جو سُمهڻ کان اڳ لکندو آهيان. اڄ صبح جو ان ڪري اُٿي لکڻ ويٺس جو ڪاله هڪ ڳاله مون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

کان رهجي وئي هئي. ڪاله جڏهن آئون ماڙيءَ تان اسپتال جي لاءِ نڪري رهيو هوس ته هڪ سول ڪپڙن ۾ همراه مون سان اچي مليو، چيائين، سائين! توهان اسماعيل راهو آهيو؟ مون چيو، ها! چيائين فاضل راهو توهان جو والد هو؟ مون چيو، ها! مون کي چيائين ته مون هتي هُن جي ڊيوٽي ڪئي آهي. پڇيومانس، توهان ڪير آهيو ۽ بابا جي ڪهڙي ڊيوٽي ڪئي هئي؟ جواب ڏنائين ته منهنجو نالو مختيار آهي ۽ آئون سپاهي آهيان. 1987ع ۾ جڏهن فاضل صاحب هتي هو ته اهو وَن واردِ ۾ هو، جيڪو هينئر زرداري واردِ سڏجي ٿو، تڏهن منهنجي اُن واردِ تي ڊيوٽي هئي ۽ جڏهن هو آزاد ٿيو هو ته به ان واردِ تي آئون ئي هيس.

مون هن کي درست ڪيو. ته بابا هتي 1986ع ۾ هو ۽ جون جي مهيني ۾ هتان آزاد ٿيو هو. وري مون کان پڇيائين ته پاڻ ڪڏهن شهيد ٿيوءمون کيس ٻڌايو ته بابا کي هتان نڪرڻ کان پوءِ ڇهن مهينن جي اندر ئي جنوري 1987ع ۾ شهيد ڪيو ويو. هُن بابا متعلق ڪجهه ڳالهيون ٻڌايون. شهيد فاضل پنهنجي زندگيءَ جي مختلف جيل ياترائن مان سندس آخري جيل ياترا کان پوءِ جڏهن جون 1986ع ۾ ڪراچي سينٽرل جيل مان آزاد ٿيو هو، تڏهن پاڻ ايم- آر- ڊي تحريڪ جو اسير هو. ايم- آر- ڊي تحريڪ جي شروع ٿيڻ وقت آگسٽ 1983ع ۾ گرفتار ٿيو هو. انهن ٽن سالن ۾ ڪيس ملڪ جي مختلف جيلن ۾ رکيو ويو، جن ۾ حيدرآباد جا ناراجيل ۽ سينٽرل جيل، مچ جيل بلوچستان، سکر جيل ۽ ڪراچي لانڊي جيل ۽ سينٽرل جيل شامل آهن.

انهن ٽن سالن جي عرصي دوران ڪيس پنهنجي ٻن جگر جي ٽڪرن جو وڇوڙو برداشت ڪرڻو پيو. ننڍڙو سچل تڏهن گذريو. جڏهن بابا نارا جيل ۾ هو. سنڌ ۾ تحريڪ ۽ برساتن ٻنهي جو زور هو ۽ ان ئي زور سان اسان جي حيدرآباد جي گهر تي سرڪاري اهلڪارن جي ڇاپن جو سلسلو به جاري هو. تنهن کان پوءِ ڪيس پنهنجي وڏي ۽ جوان جمان پٽ محمد صديق جي موت جو غم برداشت ڪرڻو پيو.

14 آگسٽ 1983ع تي ايم- آر- ڊي جي تحريڪ شروع ٿي. 15 آگسٽ تي بابا کي حيدرآباد مان گرفتار ڪيو ويو. گرفتار ڪرڻ کان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پوءِ ڪيس ڪجھ ڏينھن حيدرآباد جي سٽي ٿاڻي تي رکيو ويو. جيترا ڏينھن بابا سٽي ٿاڻي تي ھوءِ تہ ٻنپھرن جي ماني آئون گھران کڻي ويندو ھوس. ايس- ايچ- او جي آفيس جي پاسي ۾ ڪو ڪمرو ھوءِ جنھن ۾ بابا کي قيد رکيو ھئائون. پر آئون ماني کڻي ويندو ھوس تہ ايس ايچ او جي آفيس ۾ اچي ماني کائيندو ھو. اتي اڪثر ڊي ايس پي، ايس ايچ او يا ٻيا پوليس وارا ۽ ڪجھ ٻيا ماڻھو بہ وينا ھوندا ھئا. پاڻ ماني کائيندو ويندو ھوءِ تہ تحريڪ جا حال احوال بہ ونندو ھو ۽ ڪڏھن ڪيس جيڪي احوال ڪرڻا ھوندا ھئا، تہ اھي بہ ٻڌائيندو ويندو ھو.

ڪا گرما گرمي (Excitement) واري خبر ھوندي ھئي، تہ وينل پوليس آفيسرن ۽ ٻين ماڻھن کي زور سان مخاطب ٿي ٻڌائيندو ھو. ھڪ ڀيري ائين بہ ٿيو تہ منھنجي وينئي ڪٿان خبر پھتس تہ مظاھرين ۽ فورسز ۾ جھڳڙو ٿيو آھي ۽ ھڪ آفيسر مري ويو آھي. وينل پوليس وان کي زور سان چيائين، ”ابا مبارڪون ھُجنوَ، فلاڻي جڳھ تي ھڪڙو ھلي چُريو.“ ائين ڪڏھن انھن کي ڪنھن جي ”شھيد“ ٿيڻ جي مبارڪ ڏيندو، تہ ڪڏھن ڪنھن جي. ان وقت اُتي وينل پوليس آفيسرن جي چھري تي عجيب تاثر ھوندو ھو. انھن جي اندر ۾ تہ خدا ڄاڻي ڇا ھوندو ھوءِ پر سندن چھري تي ھڪڙا پگھر لھندا ھئا تہ ٻيا چڙھندا ھئا. آئون سوچيندو ھوس تہ ھي دل ۾ چوندا ھوندا تہ، ”ڪھڙي بلا مان اچي ڦاٿا آھيون، ھي اسانجو مٿو بہ وڃائيندو.“

سٽي ٿاڻي کان بابا کي ماتليءَ جوڊيشل لاڪ اپ تي کڻي ويا، جتي ايم- آر- ڊي جي جلسي ڪرڻ جو ڪيس داخل ھو. ھڪ ٻن ڏينھن کان پوءِ ڪيس نارا جيل رکيو ويو. جتان سينٽرل جيل حيدرآباد شفٽ ڪيو ويو. اُتان وري بلوچستان جي مچ جيل ڪڍيو ويو. بابا سان گڏ ايم آر ڊي جي جن ٻين ليڊرن کي مچ جيل موڪليو ويو، انھن ۾ مجتبيٰ خان جتوئي، مخدوم خليق الزمان، ممتاز علي پٽو، پير مظھر الحق، حاجي ظفر لغاري، منظور وساڻ، آغا سيف الله، ڊاڪٽر ابراھيم جتوئي، غلام قادر پٽو، مير اعجاز ٽالپر ۽ ٻيا شامل ھئا.

بابا جي شھادت کان گھڻو پوءِ 1992ع يا 1993ع ۾ ڪنھن دوست

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وٽ مير اعجاز ٽالپر سان ڪچهري ٿي، ان مڇ جيل جون ڪجهه ڳالهيون ٻڌايون. چيائين، ”هڪ دفعي منهنجي ملاقات آئي ته منهنجو دوست ملاقات تي پي سامان سان گڏ بليڪ ليبل وسڪيءَ جي بوتل به کڻي آيو. ان وقت اندران آيل پيا دوست به ويٺا هئاسين. سپني چيو ته شيءِ پلي آهي، اندر پهچي، پر هاڻ پهچائي ڪير ۽ اندر کڻي ڪير وڃي. اسان سپني پاڻ سان گڏ اندر کڻي وڃڻ کان لهرايو پئي، تيسين راهو صاحب به اچي ويو. مون چيومانس، ”فاضل صاحب، سنگت جي ڪم جي شيءِ اچي وئي آهي، پر هاڻي هيءَ اندر کڻي ڪير وڃي؟“ چيائين ته ”مير صاحب هيءَ منهنجي ڪم جي ته شيءِ ڪونهي، پر اوهين ماڻ ڪري ويهو، پاڻهي پهچي ويندي.“

مير اعجاز چيو، ”مون پاڻ سوچيو پئي ته فاضل صاحب هي ڪنهن جي هٿان اندر موڪليندو؟ پر جيڏي مهل اسان سڀ اٿياسين ته مرحوم فاضل کڻي بوتل ۾ هٿ وڌو ۽ سڌو پنهنجي ور ۾ هنئي ۽ اسان سپني کان اڳ ۾ ئي ماڙيءَ مان اندر وڃڻ جي لاءِ روانو ٿيو. اسان حيران ٿي وياسين ته، هي ڪري ڇا ٿو؟ جي تلاشي ٿي ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ پر محمد فاضل سڌو اندر هليو ويو. ڪا تلاشي ڪونه ٿي. رات جو اسان ڪجهه دوستن ٽٽ سان وسڪيءَ تي ڪچهري ڪئي. راهُو صاحب پيتو ڪونه، پر آخر تائين ويٺو اسان سان ڪچهري ڪندو رهيو.“

مڇ جيل ۾ آندل ايم- آر- ڊي جي قيدين مان ڪجهه ته اتان ئي آزاد ٿيا، ٻين کي تحريڪ جي ٿڌي ٿيڻ کان پوءِ ڪراچي ۽ لانڊي جيل آندو ويو. بابا جيستائين مڇ جيل هيو ته آئون به ٽي ڀيرا اُتي سائس ملڻ ويو هوس، جنهن ۾ هڪ دفعو مرحوم يوسف سولنگي، عارب ڪيڙانو ۽ آئون گڏجي ويا هئاسين. ان دفعي جيل وارن اسان کي ملاقات جي اجازت نه ڏني. چيائون ته ان لاءِ هوم ڊپارٽمينٽ جي اجازت کپندي. اسان ڪوئيٽا وڃي هوم ڊپارٽمينٽ کان پرميشن وٺي وري واپسي ۾ اچي ملاقات ڪئي. اُهي شروعاتي ڏينهن هئا ۽ جيل انتظاميا ايم آر ڊي جي قيدين تي گهڻي سختي ڪئي هئي. پر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ نرمي ٿي ۽ ملاقات عام ٿيندي هئي.

مڇ جيل ۾ بابا جي طبيعت ٺيڪ ڪونه رهندي هئي. ان لاءِ ڪيس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪوئيٽا جي سول اسپتال ۾ ٻه داخل ڪيو ويو هو. جڏهن اسان ڪوئيٽا اسپتال ۾ ساٿس ملڻ ويا هئاسين ته مزن سان پارٽيءَ جا ساٿي ڊاڪٽر علي گل مبتلو يا ڊاڪٽر بخت جمال ۽ عارب ڪيڙانو به گڏ هئا. بابا اسان کي چيو ته توهين هتي ڪوئيٽا رهڻ دوران ٻين سياسي دوستن کان علاوه نواب اڪبر بگٽي ۽ شير محمد مري (جرنيل شيروف) سان ضرور ملجو.

اسين رات جو نواب اڪبر بگٽيءَ سان مليا سين، جنهن اسان کي ماني کائڻ لاءِ تمام گهڻو چيو، پر اسين ماني کائي ويا هئاسين ۽ اسان مهرباني چئي معذرت ڪئي. نواب صاحب اسان کي ڪوئٽه جي سياري جي يخ سردين ۾ آئيس ڪريم کارائي. هن سان ايم آر ڊي جي هلندڙ تحريڪ ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ ٿيندڙ فوجي ڪاروائين بابت ڳالهه ٻوله ٿي. ٻي ڏينهن اسان شير محمد مريءَ سان مليا سين. ايم آر ڊي جي تحريڪ بابت هن جو پنهنجو الڳ نقطئه نظر هو. بابا جڏهن مچ جيل ۾ هو ته اتي ادا صديق به وڃي ساٿس ملاقات ڪري ايندو هو، جيڪو پنهنجي روپوشيءَ سبب سنڌ جي جيلن ۾ بابا سان ملاقات نه ڪري سگهندو هو. سنڌ جا مچ جيل وارا ڪجهه قيدي اڳواڻ اتان ئي آزاد ٿيا، باقي ٻين کي ڪراچيءَ لانڌي جيل پهچايو ويو جن ۾ بابا به شامل هو. اتان به آهستي آهستي سياسي قيدين جي آزاديءَ جو سلسلو جاري رهيو. بابا لانڌي جيل ۾ ڪافي عرصو رهيو، جنهن دوران هن کان سواءِ اُتي ايم- آر- ڊي جا تقريباً سڀئي سياسي قيدي آزاد ٿي چڪا هئا.

لانڌي جيل ۾ بابا جي طبيعت گهڻي خراب ٿي پئي ان لاءِ ڪيس سول اسپتال ڪراچي ۾ داخل ڪيو ويو. اسپتال مان جلد ئي ڪيس وري لانڌي جيل موڪليو ويو. ان وقت تائين پوري ملڪ جي اندر ايم- آر- ڊي تحريڪ جي سلسلي ۾ جيڪي به ليڊر ۽ ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا هئا، اُهي سڀ آزاد ٿي چڪا هئا. ايم آر ڊي تحريڪ جو واحد اسير شهيد فاضل راهو هو، جنهن کي آزاد نه پئي ڪيو ويو. حالانڪ ان دوران جنرل ضياءُ الحق جي اعلان ڪيل شيڊول مطابق غيرجماعتي بنيادن تي اليڪشنون به ٿي چڪيون هيون ۽ ملڪ جي اندر نام نهاد جمهوريت بحال ٿي چڪي هئي.

شهيد فاضل کي آگسٽ 1983ع کان جيئن گرفتار ڪيو ويو ته

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيس ايم- ايل- او تحت نظربند رکيو ويو هو. جيڪو وڌ ۾ وڌ ٽن مهينن تائين جاري رکي سگهبو آهي ان ڪري هر ٽي مهيني نظربنديءَ جو نئون آرڊر جاري ڪيو ويندو هو. نظربنديءَ جي ان حڪم کي ملڪ جي ڪنهن به عدالت ۾ چئلينج نه ڪري سگهبو هو، جو اهو مارشل لا آرڊيننس تحت جاري ڪيو ويندو هو. لانڊي جيل مان بابا کي سکر سينٽرل جيل منتقل ڪيو ويو. اُتان وري آخر ۾ ڪيس ڪراچي سينٽرل جيل آندو ويو.

ايم آر ڊي تحريڪ ۾ عوامي تحريڪ جي ڀرپور ڪردار سبب ملڪ جي حڪمران اسٽيبلشمنٽ عوامي تحريڪ کان زبردست خائف هئي. ايم- آر- ڊي تحريڪ جو محور سنڌ هئي ۽ سنڌ جي اندر به ٻه سياسي قوتون هيون، جن تحريڪ ۾ ٻي مثال ڪردار ادا ڪيو. هڪ پي پي پي ۽ ٻيو عوامي تحريڪ. پي پي هڪ ملڪ گير پارٽي هئي. ذوالفقار علي ڀٽي جي قيادت ۾ به اليڪشنون ڪري ۽ ملڪ تي ڇهه سال حڪمراني ڪري چڪي هئي. ڀٽي جي شهادت ان جي مقبوليت کي نئين قوت ۽ جلا بخشي هئي. انهيءَ سبب پي پي جي قوت ۽ انهيءَ جو ردعمل ته حڪمرانن جي لاءِ قابل فهم هو. بلڪ سنڌ کان سواءِ ٻين صوبن جي اندر خاص طور پنجاب ۽ سرحد ۾ تحريڪ کي جيترو اپار ملڻ کپندو هو، اهو نه ملي سگهيو. جيڪو ان وقت پي پي پي جهڙي ملڪ گير پارٽيءَ جي لاءِ ڏچڪو تصور ڪيو پي ويو ۽ حڪمرانن لاءِ ڪنهن حد تائين اطمينان جو باعث به هو.

سنڌ ان وقت ٻري رهي هئي. گذريل سالن جي اندر سندن محرومين، تڪليفن ۽ اذيتن جو جيڪو لاوو پچي ۽ رجي رهيو هو، اهو بارود بنجي ڦاٽي پيو هو، جنهن جي ڌماڪي سان اسلام آباد جي اقتدار جا ايوان لڏي ويا هئا ۽ حڪمرانن جي ذهن مٿان سنڌ جو ڀوت سوار ٿي چڪو هو. ملڪي اسٽيبلشمنٽ سڪتي ۾ هئي، ته ڪٿي 1971ع وارو باب ٻيهر ته نه دهرائبو. تاريخ ۾ اهو پهريون ڀيرو هو جو ڪشمور کان وٺي ڪيٽي بندر تائين سڄي سنڌ جا سنڌي ظلم، ڏاڍ، جبر ۽ آمريت جي خلاف جنگ ۾ شامل ٿي. پوري دنيا کي پنهنجي وجود جو احساس ڏياري رهيا هئا. ائين محسوس ٿي رهيو هو جڻ سنڌ جي هر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڳوٺ ۾ دودو، هيمون، هوشو يا شاهه عنايت پيدا ٿي پيا آهن، جن جي اڳواڻيءَ ۾ هي ابوجهه پيرين اگهاڙا ۽ هٿين خالي ڳوناڻا نہ رڳو پنهنجو پر پنهنجي پيڙهين جو ليکو ۽ حساب ڪتاب برابر ڪرڻ جي لاءِ سر تريءَ تي رکي ميدان تي نڪري آيا آهن.

حڪمران جنتا جي خلاف سنڌ جي ماڻهن جي اُن ڪاوڙ، ڪروڌ ۽ نفرت جي اظهار جي پويان اسٽيبلشمينٽ جيڪي ڪارڻ ڳولي ڪڍيا هئا، انهن مان هڪ عوامي تحريڪ هئي. پيپلز پارٽي ڪٽي ڪيڏي بہ وڏي پارٽي هئي يا ڪيتري طاقتور هئي، اها جنرل ضياالحق جي دشمن نہ ٿي پئي سگهي، پر ملڪ تي سدائين حڪمراني ڪندڙ اسٽيبلشمينٽ کي ان مان ڪو وڏو خطرو نہ پئي لڳو. عوامي تحريڪ جي سياسي طاقت جمهوريت جي بحاليءَ جي تحريڪ ۾ اُڀري، ملڪي سياسي اُفق جي منظرنامي تي ظاهر ٿي چڪي هئي. عوامي تحريڪ جنهن جي نڊر، بهادر، سچار، نہ جهڪندڙ ۽ نہ وڪامندڙ شهيد فاضل راهو جي عوامي قيادت، قومي، عوامي انقلابي نظريو، منظم تنظيم ڪاري، ضابطو ۽ سڄي سنڌ ۾ انقلابي ۽ قومي نظريہ سان هٿياربند هزارين ڪارڪن جو وسيع ڄار، ان جي اصل طاقت جو سرچشمو هئا.

1983ع جي ڏکڻ ايشيا ۾ پاڪستان جي مخصوص جاگرافيائي حالتن ۾ عوامي تحريڪ جهڙي تنظيم جو ملڪي سياسي افق تي نمودار ٿيڻ، حڪمرانن جي لاءِ ناقابل برداشت هو. حڪمرانن اهو پليءَ پت سمجهيو ٿي تہ هن پارٽيءَ جي هڪ عام ڪارڪن کان وٺي مٿين ليڊرشپ تائين نہ ڪنهن کي خريد ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ جهڪائي سگهجي ٿو. شهيد فاضل راهو جي قيادت سبب عوامي تحريڪ وچولي ڪلاس جي ليڊرشپ جي پيدا ڪيل ملڪ جي پهرين قومي انقلابي پارٽي هئي، جنهن کي عوامي پذيرائي بہ حاصل ٿي رهي هئي.

ايم- آر- ڊي جي نهڻ کان وٺي آگسٽ 1983ع جي تحريڪ شروع ٿيڻ تائين، اهو شهيد فاضل راهو هو جنهن هڪ ڏينهن بہ آرام نہ ڪيو. حالانڪ پاڻ تازو 1979ع کان 1981ع تائين مسلسل ٻہ سال جيل ڀوڳي آيو هو. ان جي ئي محنت ۽ جدوجهد جي نتيجي ۾ عوامي تحريڪ جنهن کي شروعات ۾ هڪ علائقائي ۽ نندي جماعت سمجهي، ايم- آر-

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڊي ۾ فقط مبصر جي حيثيت ۾ ويهاريو ويو هو. اُها اتحاد جي هڪ اهم جماعت بنجي وئي. پاڻ پورا ٻہ سال رات ڏينهن ايم- آر- ڊي جي تنظيم سازيءَ ۾ لڳو رهيو. پوري سنڌ جي هر نندي وڏي شهر ۾ ڪينٽرن ئي ڳوٺن ۾ جلسا ۽ ڪارنر ميٽنگون ڪيائين.

ايم- آر- ڊي جي ٻين پارٽين جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي آماده ڪري يا حجت ڪري ڇڪي پروگرامن ۾ وٺي ويندو هو. سندس حوصلو، همٿ ۽ بي ڊپائي ڏسي هزارين ماڻهو سندس ڪڍ لڳي پوندا هئا. سندس دليري، ايمانداري، سچي ۽ ارڏي قيادت ئي سنڌ جي اندر ايم- آر- ڊي جي تحريڪ جو روح ڦوڪيو. بيشڪ! ملڪن ۽ قومن جي تقدير ۾ تبديلي، انقلاب يا تحريڪن جي برپا ٿيڻ لاءِ حالتن جو سازگار هئڻ لازمي آهي. موافق ۽ پڇي راس ٿيل حالتون ئي وڏين تحريڪن جو ڪارڻ بنبيون آهن، پر انساني تاريخ شاهد آهي تہ ڪابہ تبديلي يا تحريڪ ليڊرشپ کان سواءِ وجود ۾ نہ آئي آهي. اهو تاريخ جو بحث آهي تہ حالتون قيادت پيدا ڪنديون آهن يا قيادت حالتون پيدا ڪندي آهي. اهي ٻئي لازم ۽ ملزوم آهن، ڪنهن بہ هڪ کان سواءِ ٻي جو پيدا ٿيڻ ناممڪن آهي.

ايم- آر- ڊي تحريڪ ۾ انهن سوين ڪارڪنن جو خون شامل آهي، جن شهيد ٿي پنهنجي ڌرتيءَ جو حق ادا ڪيو ان ۾ انهن هزارين ڪارڪنن جي قرباني شامل آهي، جن جيلن ۽ ڦٽڪن جي پرواه نہ ڪندي آمر حڪمرانن کي للڪاريو ان ۾ انهن عورتن ۽ نياڻين جو حوصلو ۽ جذبو بہ شامل آهي، جن سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو رودن ۽ رستن تي نڪري جيل ڀري سنڌ جي سياسي تاريخ جو نئون باب درج ڪيو. ان سڄي عمل ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جو عدالتي قتل بہ شامل هو، جنهن کي بي گناه ڦاهي تي ٽنگيو ويو هو. ان تحريڪ جو سڀ کان وڏيڪ ڪارڻ اُهي ظلم، جبر، ڏاڍ، تشدد، ناانصافيون ۽ محروميون هيون، جيڪي ڪينٽري عرصي کان سنڌ سان روا رکيون ويون هيون.

ڪرڪيٽ ميچ ۾ ڪنهن ٽيم جي ڪارڪردگي جو انحصار ٻين حالتن کان سواءِ ٽيم جي سيني راندگرن تي هوندو آهي، پر مين آف دي ميچ (Man of the Match) جو ايوارڊ ڪنهن هڪ سڀ کان بهتر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪارڪردگي پيش ڪندڙ رانديگر کي ڏنو ويندو آهي. تيئن جيڪڏهن ايم آر ڊي تحريڪ جي مين آف دي ميچ جو فيصلو ڪيو وڃي، تہ فيصلو ڪندڙن آڏو شهيد محمد فاضل راهو کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نالو اڀري سامهون نہ ايندو. اهوئي سبب هو جو ايم آر ڊي تحريڪ جي نتيجي ۾ گرفتار ٿيل ٻيا ليڊر ۽ ڪارڪن ڪيترو عرصو پهرين آزاد ٿي چڪا هئا، پر حڪمران شهيد فاضل راهو کي آزاد ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نہ هئا.

ساڳيءَ طرح رسول بخش پليجو 1979ع کان وٺي مسلسل قيد ۾ هو. پليجو صاحب کي آڪٽوبر 1979ع ۾ راهوڪيءَ ۾ ڪرايل هاري ڪانفرنس کان پوءِ گرفتار ڪيو ويو هو ۽ ڪيس ڪوٽ لکپت جيل سميت ملڪ جي مختلف جيلن ۾ رکيو ويو. پليجي صاحب کي بہ شهيد فاضل سان گڏ 1979ع ۾ بدين جي سمري ملٽري ڪورٽ هڪ سال قيد جي سزا ڏني. اُها ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪيس مسلسل ايم ايل او تحت نظربند رکيو ويو. جڏهن 1985ع ۾ جنرل ضياءُ الحق جي چٽيل جمهوريت بحال ٿي تہ بہ ٻنهي رهنمائن کي آزاد نہ ڪيو ويو. ان وقت ملڪ ۾ ڪو هڪ نظام نہ هلي رهيو هو، يعني جمهوريت بہ هلي رهي هئي تہ مارشل لا بہ!

جنرل ضياءُ پنهنجي هٿ ٺوڪي جمهوريت آڻڻ جي باوجود بہ مارشل لا کڻڻ لاءِ تيار نہ هو ۽ تقريباً ڏهن مهينن تائين مارشل لاءِ ۽ جمهوريت کي گڏ هلائيندو رهيو. ان دوران جيئن سياسي سرگرمين تان پابندي ختم ٿي تہ عوامي تحريڪ سڄي سنڌ جي اندر ايم- آر- ڊي جي پليٽ فارم تان احتجاجي مظاهرن جو سلسلو شروع ڪيو. انساني حقن جي ملڪي توڙي بين الاقوامي ادارن ٻنهي رهنمائن جي ڊگهي نظربندي جو سخت نوٽس ورتو ۽ پاڪستاني حڪومت وٽ پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو. پارٽي مختلف وفد تشڪيل ڏنا، جن مختلف سياسي اڳواڻن ۽ چونديل نمائندن سان ملاقات ڪري انهن کي يادداشت نامہ پيش ڪيا، تہ محمد فاضل راهو ۽ رسول بخش پليجو جي بي گناه نظربنديءَ خلاف آواز بلند ڪن.

انهن پارٽي وفدن قومي اڳواڻن، سينيٽرن قومي اسيمبليءَ جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ميمبرن ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن سان ملاقاتون ڪيون. انهيءَ جي نتيجي ۾ قومي اسيمبليءَ جي ٻن ميمبرن ممتاز تارڙ ۽ حاجي سيف الله ايوان جي فلور تي پنهنجو آواز بلند ڪيو، ته هن ايون کي ٻڌايو وڃي ته رسول بخش پليجو ۽ فاضل راهو جو آخر ڪهڙو ڏوهه آهي، جو انهن کي ايتري طويل عرصي تائين نظربند ڪيو ويو آهي ۽ اڃا تائين آزاد نٿو ڪيو وڃي؟

بعد ۾ 30 ڊسمبر 1985ع تي جنرل ضياءُالحق گڏيل پارليامينٽ جي اجلاس کي خطاب ڪندي مارشل لا کڻڻ جو اعلان ڪيو. مارشل لا کڄي وئي پر رسول بخش پليجو ۽ محمد فاضل راهو اڃا تائين ايم ايل او تحت نظربند هئا. مارشل لا کڄڻ جي باوجود انهن کي ملڪ جي ڪنهن ڪورٽ ۾ چئلنج نٿي ڪري سگهيو.

1986ع جي شروعات ۾ ٻنهي رهنمائن جو ايم ايل او تحت جاري ڪيل ٽن مهينن جي نظربندي جو مدو پورو ٿي ويو. مارشل لا کڄي چڪو هو ۽ ان صورتحال ۾ ٻنهي اڳواڻن کي قيد ۾ رکڻ لاءِ حڪمران مارشل لا جو هٿيار وڌيڪ استعمال نٿي ڪري سگهيا. اها توقع پئي ڪئي وئي ته هاڻي ٻنهي کي آزاد ڪيو ويندو. پر حڪمران انهيءَ لاءِ قطعي طور تي تيار نه هئا. سنڌ جي هوم سيڪريٽري ٻنهي اڳواڻن لاءِ ايم پي او (Maintenance of Public Order) تحت وڌيڪ ٽن مهينن جي نظربنديءَ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو. ٽن مهينن جي مدت پوري ٿيڻ کانپوءِ قانوني تقاضائن کي پورو ڪرڻ لاءِ هوم ڊپارٽمينٽ سندن نظربندي وڌائڻ لاءِ ڪورٽ کان اجازت طلب ڪئي. هاءِ ڪورٽ ٽن ججن جي بينچ جوڙي جيڪا جسٽس سلمم اختر، جسٽس پيرزادو ۽ جسٽس عبدالرزاق ٿهيم تي مشتمل هئي. هاءِ ڪورٽ ٻنهي قيد اڳواڻن کي ڪورٽ ۾ پيش ٿيڻ لاءِ گهرايو.

ان ۾ بابا جو وڪيل قاضي امام علي هو، جڏهن ته پليجي صاحب پنهنجي وڪالت پاڻ ڪئي. هاءِ ڪورٽ هوم سيڪريٽري کي به طلب ڪيو ۽ انکان وضاحت پڇي، ته آخر هن ٻنهي کي نظربند رکڻ ڇو ضروري آهي؟ حڪومت هاءِ ڪورٽ کي ڪوبه خاطرخواه سبب يا مواد مهيا نه ڪري سگهي جيڪو نظربنديءَ وڌائڻ لاءِ جواز بنجي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شهيد فاضل خلاف ڪجھ پراڻن ڪيسن جو رڪارڊ ڪٽي آيا، پر اُهي سڀ ڪيس سياسي هئا ۽ انهن سڀني ۾ شهيد فاضل مارشل لا ڪورٽن جون سزائون ڪائي چڪو هو. حڪومت، جي تمام گهڻي دباءُ جي باوجود ججن کي خدا ڪجھ همٿ ڏني جو انهن ٻنهي اڳواڻن کي وڏيڪ نظربند رکڻ جي حڪومتي درخواست کي رد ڪيو ۽ ڪين آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ان کان پوءِ رسول بخش پليجو کي ته آزاد ڪيو ويو، پر شهيد فاضل جي بغاوت جي هڪ مقدمي ۾ گرفتاري ڏيکاري ڪيس، آزاد نه ڪيو ويو.

جيئن ته شهيد فاضل لاءِ حڪومت اهو پڪ ڪري چڪي هئي، ته هن کي آزاد فضائن ۾ ساهه کڻڻ نه ڏينداسين، تنهن ڪري جڏهن انهيءَ کي قيد ۾ رکڻ جا ٻيا سڀ رستا بند ٿيا ته اهو بغاوت وارو ڪيس کڻي آيا. ان ڪيس مان شهيد جي ضمانت ٿي ۽ هو 1986ع جي جون مهيني جي ٽئين هفتي ۾ ڪراچي سينٽرل جيل مان آزاد ٿيو. شهادت جي گهڙي تائين هو ضمانت تي ٻاهر هو ۽ هن تان ڪيس ختم نه ڪيا ويا هئا. ائين شهيد فاضل جي زندگيءَ جو آخري جيل، سينٽرل جيل ڪراچي هو. جنهن ۾ هو (1) ون وارڊ ۾ رهيو، جتي مختيار سپاهي واردن طور ڊيوٽي ڪئي هئي.

هونئن ته اسان جو موڪل وارو ڏينهن گهٽو ڪري ڪچهرين يا پتي راند ۾ گذرندو آهي. پر منهنجو اڄ گهٽو وقت لکڻ ۾ گذريو. ٻنپهرن جو سيٺ ڪشن وارن وٽ ويس، جتي اسان ماني گڏجي کاڌي. شام جو ڪشو منهنجي وارڊ تي آيو. اسان گڏجي 16 وارڊ ۾ وياسين، جتي ڪلاڪ کن همراهن سان ڪچهري ٿي، وري موٽي پنهنجي وارڊ تي آيس.

19/11/2001

صبح جو ڏهين وڳي سپرنٽنڊنٽ جي پرچي آئي. ان وٽ ويٺو ئي هئس ته 00-11 وڳي گهر وارا ملاقات لاءِ آيا. 00-12 وڳي وارڊ تي موٽي آيس ته هڪ وڳي وري ماڙي لاءِ سڏ ٿيو. مٿي ملاقات جي هال ۾ سيٺ ڪشو ويٺل هو. وڏيرو صالح برهماڻي، در محمد پالاري، بادل پالاري، سيٺ ريوا چند (سري) ۽ ڊاڪٽر پونداس (ٿاٽو احمد خان)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ملاقات لاءِ آيل هئا. ڪلاڪ ڪن همراهَن سان ڪچهري ڪري واپس موٽي آياسين. 3-00 وڳي وري ماڙيءَ تي ويس، جو اسلم آيل هو.

20/11/2001

11-00 وڳي اسپتال لاءِ نڪتاسين، اڄ عثمان فاروقي ۽ ذڪريا غني به هئا. ذڪريا غني جو اهوئي ڏنڊن جو مسئلو هو ۽ عثمان فاروقي جو فزيو ٿراپي ڪرائڻ جو شيڊول ٺهيل هو. اسان ليٽر ٺهرائي فزيو ٿراپي ڪرائڻ کان پوءِ آرٿوپيڊڪ وارڊ ۾ اچي ويٺاسين، جتي ڊاڪٽر عطاءالرحمان ۽ ڊاڪٽر ارباب عبدالستار سان ڪچهري ٿي. اڄ شاهنواز دير سان آيو، جو سندس والده کي جناح اسپتال ۾ ڏيکارڻو هوس.

3-00 وڳي ٻار به ملڻ آيا. 4-00 وڳي جيل لاءِ نڪتاسين. شاهنواز مون سان ئي پوليس جي گاڏيءَ ۾ گڏ ويٺو. جيل تائين آئون، شاهنواز، سپاهي ڪامل ٻانيڻ ۽ سپاهي جاويد ڪچهري ڪندا آياسين. ماڙيءَ اندر سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ ڪجهه دوست پهرين کان ويٺا هئا. راشد سعيد ٻڌايو ته ڪافي دير کان توهان جو انتظار ويٺا ڪن. اسان مٿي ملاقات جي هال ۾ وڃي ويٺاسين، جيڪو ان وقت بلڪل خالي پيو هو. روزي ڪولڻ جو وقت ٿي وڃڻ سبب مون انهن لاءِ افطاري پنهنجي وارڊ تان گهرائي ورتي. 6-30 وڳي اُهي روانا ٿيا.

21/11/2001

صبح جو ڏهين وڳي اخبارون پڙهي رهيو هوس ته هڪڙو چوڪرو وراندي ۾ داخل ٿيو. هو پٺاڻ لڳي رهيو هو. منهنجي پاسي ۾ دائود خان به ويٺو هو، مون سمجهيو ته چوڪرو شايد دائود خان سان ملڻ لاءِ آيو آهي. هٿ ملائڻ کان پوءِ مون کي ٻڌايائين، ته گولاڙچيءَ جو ميمڻ آهيان. پاسي ۾ ويهاري پورو تفصيل پڇيومانس. چيائين، "منهنجو نالو مرتضيٰ آهي. حاجي صاحبڏني ميمڻ جو پٽ آهيان. اصل آسيلي جا آهيون. هينئر گولاڙچيءَ ۾ ٿا رهون. آئون فوج ۾ پرتي ٿيو هوس پر پڇي آيس، جنهن سبب ڪورٽ مارشل ڪري ڇهه مهينا سزا ڏنائون. پندرهن ويهه ڏينهن ٿيا آهن ته هتي آيو آهيان. هتي فيڪٽريءَ ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿوٽل آهي. توهان کي ماڙيءَ تي ڏٺو هئم، پر اتي ملي نٿي سگهيس، هينئر توهان سان ملڻ لاءِ آيو آهيان.“

شام جو خان محمد ۽ حاجي ايوب آفريدي جي افطار جي دعوت هئي. 5-30 وڳي اُتي وياسين. انهن وٽ ٻيا به مهمان آيل هئا. سادي چهين وڳي مون خان محمد ۽ حاجي صاحب کان اجازت ورتي. 23 وارد تي علي سوناري وارن ڏي ويس، جتي شهيد پٽو جي دوستن ڀاران شهيد شاهنواز پٽو جي سالگره جي سلسلي ۾ افطار پارٽي ڏني وئي هئي. آئون دير سان پهتو هوس، ٻيا سڀ مهمان هليا ويا هئا. انهن وڳي تائين علي سوناري ۽ ٻين دوستن سان ملڪي صورتحال ۽ شهيد پٽو پارٽي متعلق ڪچهري ٿيندي رهي.

علي سونارو جيڪو جيل ۾ علي ڀائي طور مشهور آهي، ان کان منهنجو اهو سوال هو، ته توهان ايندڙ سياسي عمل ۾ پنهنجي پارٽيءَ جو ملڪ ۽ خصوصاً سنڌ جي اندر ڪهڙو پارلياماني ڪردار محسوس ڪيو ٿا، اوهان جي پارٽي 1997ع جي چونڊن کان گهٽ پوزيشن ۾ ايندي يا ان کان بهتر؟

علي جو خيال هو ته ”اسان 1997ع کان هينئر بهتر پوزيشن ۾ آهيون. لياريءَ جي بلدياتي چونڊن ۾ اسان جي رزلٽ تمام سٺي آئي آهي. 1997ع جي چونڊن ۾ مير مرتضيٰ پٽو جي تازي شهادت جي نقصان کي اسان قيادت جي حوالي سان پورو نه ڪري سگهياسين. اسان جي پارٽيءَ تي هڪدم موقع پرست حاوي ٿي ويا ۽ اصل ورڪر پويان ڌڪجي ويا. اسانوٽ ڪابه اهڙي شخصيت نه هئي، جيڪا مير جي قيادت جي خال کي پُر ڪري سگهي. هن پنجن سالن جي اندر اسان ڪافي پرايو آهي ۽ محترمه غنوا پٽو ڪنهن حد تائين قيادت جي مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ ڪامياب وئي آهي.“

منهنجو خيال ان کان ڪجهه مختلف هو. ٿي سگهي ٿو ته شهيد پٽو جي قيادت ۽ ورڪرن ۾ ملڪي سياست کي سمجهڻ جي باري ۾ پختگي پيدا ٿي هجي، پر حالتن ۾ گهڻو فرق آهي. سڀ کان پهرين ڳالهه ته پي پي پي ۽ شهيد پٽو ٻئي ساڳئي ووٽ بئنڪ مان پاڳي پائيوار آهن. يعني ذوالفقار علي پٽي جي نعري جو ووٽ. شهيد پٽو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

کي جيڪو ووٽ ملندو، ان ۾ 90 سيڪڙو کان وڌيڪ ووٽ پي پي پي جو ئي هوندو. جيڪڏهن اسان 1997ع جي چونڊن ۾ پي پي ۽ شهيد ڀٽو جي مقبوليت ۽ گراف کي ڏسنداسين تہ صورتحال سامهون نظر اچي ويندي.

1996ع ۾ تازو پي پي جو اقتدار ختم ٿيو هو. پي پي پنهنجي دور اقتدار ۾ عوام کي تمام گهڻو مايوس ڪيو هو. ماڻهن جي تمام اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو هو. ايتري قدر جو سنڌ جو عوام بہ پي پي جو سياسي متبادل (Alternative) سوچڻ تي مجبور ٿي چڪو هو. هيڪاري مير مرتضيٰ ڀٽو جي قتل ماڻهن ۾ پي پي خلاف نفرت جو جذبو پيدا ڪري ڇڏيو هو. پي پي پنهنجي عوامي مقبوليت جي تاريخ جي حوالي سان انتهائي هيٺين درجي تي پهچي چڪي هئي. جڏهن تہ ٻي طرف پي پي شهيد ڀٽو کي پي پي پي جو متبادل ڪري پيش ڪيو پئي ويو ۽ خاص طور مرتضيٰ ڀٽي جي شهادت سبب سڄي ملڪ اندر ۽ خاص طور سنڌ جي اندر ان سان همدرديءَ جي وڏي لهر پيدا ٿي وئي هئي ۽ سندس مقبوليت جي گراف ۾ اچانڪ زبردست اضافو اچي ويو هو. اهوئي سبب هو جو سنڌ جي اندر پي پي مخالف اميدوارن پي پي شهيد ڀٽو جي جذباتي (Sentimental) ووٽ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏڙاڏڙ ان ۾ شموليت جو اعلان ڪيو. ان ۾ ڪيترائي اهڙا اميدوار بہ شامل هئا، جيڪي مير مرتضيٰ جي شهادت کان اڳ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جي تياري ڪري چڪا هئا، اهڙي طرح ڪيترائي اميدوار ۽ سياسي شخصيتون پ پ ۽ مسلم ليگ کي چڏي پي پي ش پ ۾ شامل ٿيا. ان سبب سنڌ جي اندر پي پي مخالف قوتون پي پي سان مقابلو ڪرڻ جي لاءِ ڪابہ گڏيل حڪمت عملي جوڙي نہ سگهيون. پي پي جي عدم مقبوليت جي لهر کي ڏسندي سنڌ اندر ان جي قوت جو گهٽ ڪاٿو (Under Estimate) ڪيو ويو. جيڪڏهن سنڌ جي اندر سموريون پي پي مخالف پارٽيون ۽ فرد هڪ گڏيل محاذ يا حڪمت عملي تحت مقابلو ڪن ها، تہ پي پي صوبائي اسيمبليءَ جي ويهن سيٽن کان وڌيڪ ڪنهن بہ صورت ۾ نہ کٽي سگهي ها. جڏهن تہ هينئر پي پي جي اقتدار کي ختم ٿئي ڪافي سال ٿي چڪا آهن. ان کان پوءِ بہ حڪومتون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻيون اچي چڪيون آهن ۽ نہ ئي مير مرتضيٰ پٽو جي تازي شهادت آهي، جيڪا پي پي خلاف نفرت ۽ پي پي شهيد پٽو جي لاءِ همدرديءَ جي لهر جو ڪارڻ هئي. ان ڪري شهيد پٽو لاءِ چونڊن ۾ صورتحال اڳي جي ٻيٽ ۾ مختلف هوندي.

22/11/2001

اج حاضري هئي. صبح جو ڏهين بجي ڪورٽ تي پهتاسين. اج به ڪيس نہ هليو، فقط ڪشو ۽ راجو تي چارج فريم ٿي. جج وري 8 ڊسمبر جي تاريخ ڏني. اج به ڪافي همراه ملڻ لاءِ آيل هئا. جن ۾ علي احمد جوڪيو، جان محمد انصاري، ظهورالدين عباسي، مٺو مهيري، الهه بخش ڪليار، علڻ راهو، حاجي خان سمون، طالب سمون، گل محمد راهو، غلام نبي راهو، خدا بخش ميمڻ، ماما نيبن، آچار سميجو، غلام مصطفيٰ ميمڻ، عارف سمون، قادر ٻبر، علي احمد لنڊ، اياز جوڪيو، علي مير شاهه، پير امجد شاهه، محمد خان رانجهه، ڏاڏا سليمان ڏاهري. ڊاڪٽر خليل، اي اين پي جا حاجي شير زمان ۽ محراب گل، لچمڻ، ڊاڪٽر شام، هيرو ڪنڊيڪٽر، ڪاڪو پيرومل، ڊاڪٽر ويرسي، راجا آسر، وڪيل ڪي ايم نديم، طارق، احسان پٽي، شاهنواز راڄپر ۽ ٻيا دوست شامل هئا. آئون جڏهن به تاريخ تي ويندو آهيان تہ واپس اچي ڊائري لکندو آهيان. ڪوشش ڪندو آهيان تہ ملاقات لاءِ آيل سڀني دوستن جا نالا لکان، پر هر تاريخ تي رش سبب ڪجهه نالا ضرور وسري ويندا آهن. جن مان ڪجهه پوءِ ياد به پيا ايندا آهن.

4-00 بجي اسان ڪورٽ کان جيل لاءِ نڪتاسين. اج تاريخ تي اسان سان نصير مري ۽ وسطو مينگهواڙ به هئا جيڪي فضل الله صديقي جي چين ۾ آهن. وسطي ۽ نصير ٻنهي کي گاڏي ۾ به گڏيل هٿڪڙي لڳل هئي. وسطو مينگهواڙ جيڪو احتساب جي قانون جو شڪار بنيل آهي، ان غريب جي عمر 80 سال آهي. پاڻ هلڻ کان به لاچار آهي ۽ نہ ڪيس اها پهچ آهي جو وڪيل ڪري سگهي. پويان ڪوبہ اوهي واهي ڪونهيس سواءِ بيمار زال جي، جنهن وٽ نہ علاج لاءِ ڪو پئسو آهي، نہ پاڙو جو اچي هن جي ملاقات ڪري وڃي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪورٽ کان جيل ڏي واپس اچي رهيا هئاسين، ته ڊرائيور تمام زوردار بريڪ هنيو، جنهن ڪري سڀ قيدي ۽ پوليس وارا هڪ ٻئي مٿان اچي لڳا. انهيءَ جهٽڪي ۾ وسطي مينگهواڙ جي ٻانهن جنهن ۾ هٿ ڪڙي لڳل هئي، ڦٽجي پئي. هن جي پوڙهي ۽ بيمار هڏ ۽ چم ۾ هٿ ڪڙيءَ جي لوهه جي زوردار ڏڪ سهڻ جي طاقت ڪونه هئي. سندس ٻانهن مان رت نيڊيون ڪري وهڻ لڳو. اسان گاڏي روڪائي ٻنهي جي هٿڪڙي کولرائي ۽ پوليس واري وسطي جي ٻانهن تي ڪپڙي جي پٽي ٻڌي.

جيل تي پهچي آئون پنهنجي وارڊ تي آيس، شام جو 30-6 بجي 16 وارڊ ۾ ويس، جتي ڪلاڪ ڏيڍ ويٺس. ڪشو سيٺ وارن جي اچڻ کانپوءِ گهٽو ڪري اهو منهنجو روٽين آهي ته شام جو ڪلاڪ ڏيڍ لاءِ انهن وٽ ويندو آهيان.

23/11/2001

اڄ صبح جو اٿي اخبارون پڙهي رهيا هئاسين. وريام فقير، فضل الله صديقي ۽ ڪجهه ٻيا همراه ويٺا هئا. ان ڏينهن اخبارن ۾ پير صاحب پاڳاري جي سالگره جي خبر هئي، جنهن ۾ پير پاڳاري صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي، ته اميرالمؤمنين ۽ آمريڪا ٻنهي جو برو حشر ٿيندو. اسان وٽ اها گفتگو هلي رهي هئي ته امير المؤمنين ڪير آهي؟ ڪن جو خيال هو، ته ملا عمر لاءِ چيو اٿس، ڪن جو چوڻ هو ته اهو اشارو جنرل پرويز مشرف ڏانهن آهي. اهي لفظ پير صاحب پنهنجي 74هين سالگره جي موقعي تي چيا آهن، جيڪا هو دستور موجب هر سال ملهائيندو آهي. پير صاحب جنهن جا مزيدار پر معنيٰ خيز بيان اڪثر اخبارن ۾ ايندا رهندا آهن، پر اڄ ڪله سندس بيان ڪڏهن ڪڏهن اچن ٿا ۽ جڏهن به اچن ٿا ته انهن جو اهوئي استائيل هوندو آهي.

پير صاحب جي ڳالهائڻ يا بيانن اچڻ ۾ ڊگهي وٿيءَ کي هر ماڻهو پنهنجي رنگ ۾ پيش ڪري ٿو. پير پاڳاري جو اسان جي ملڪ ۽ خاص طرح سنڌ جي پاور پاليٽڪس ۾ هميشه اهم ڪردار رهيو آهي. خاص طرح 1971ع ۾ پي پي جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ ٻيٽو مخالف سياست جي حوالي سان سندس سياسي ڪردار اڀري سامهون آيو. هونئن ته پير صاحب پيري مريديءَ جي حوالي سان شايد برصغير جي وڏي ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڏي گادي هجي، جنهن جا هنڌ سنڌ ۽ پنجاب ۾ پيروڪار ۽ معتقد موجود آهن، ان ڪري پير پاڳاري جي سياسي ڪردار کي سنڌ ۾ هميشہ اهميت رهي آهي.

ذوالفقار علي ڀٽي جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين ملڪ ۾ آيل حڪومتي تبديلين ۾ هُن جو مُک ڪردار رهيو آهي. پير پاڳاري جي سياسي قوت ان وقت وڏيڪ اپري سامهون آئي، جڏهن جنرل ضيا کي، پي پي پي کي ڪائونٽر ڪرڻ لاءِ سڄي ملڪ جي اندر ۽ خاص طرح سنڌ اندر سياسي قوت جي اشد ضرورت هئي. ان جو اندازو 1985ع جي غيرجماعتي چونڊن جي نتيجي ۾ بنجندڙ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن مان آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. فقط پير صاحب پاڳاري جي ڪري جنرل ضياءُ الحق وزارت عظميٰ جي باري ۾ ڪور ڪمانڊرن سان طئي ڪيل فيصلي کي تبديل ڪري پير پاڳاري جي نامزد ڪيل مرحوم محمد خان جوڻيجي کي وزير اعظم بنايو ۽ سنڌ حڪومت بہ سندس مرضيءَ سان تشڪيل ڏني وئي.

هي اُهو دور هو جنهن ۾ حڪومتي ڍانچي ۾ پير پاڳاري جو سياسي وزن سڀ کان وڏيڪ ڳرو نظر اچي رهيو هو. بهرحال ان کان پوءِ بہ پي پي مخالف سياسي حڪومتن ۽ پي پي حڪومت خلاف بنجندڙ سياسي محاذن ۾ پير صاحب جو نمايان ڪردار رهيو آهي. 1990ع ۽ 1997ع جي چونڊن جي نتيجي ۾ سنڌ اندر بنجندڙ پي پي مخالف حڪومتون پير صاحب جي حمايت کان سواءِ ناممڪن هيون. 1988ع ۽ ان کان پوءِ جيڪي بہ جماعتي بنيادن تي اليڪشنون ٿيون آهن، انهن ۾ 1997ع جي اليڪشن کان سواءِ سمورين چونڊن ۾ سنڌ اندر پي پي ۽ ايم- ڪيو- ايم کان پوءِ پير صاحب ٽين نمبر جي قوت طور ايندو رهيو آهي. فقط 1997ع جي اليڪشن ۾ مسلم ليگ (ن) جي 15 صوبائي اسيمبليءَ جون سيٽون ڪٽڻ سبب پير پاڳاري جي پوزيشن چوٿين نمبر تي بيٺي.

جنرل پرويز مشرف جي پهرين فوجي حڪومت آهي، جنهن ۾ هن وقت پير پاڳارو حڪومت کان ڪجھ ڇڏو رهيو آهي يا ڪيس رکيو ويو آهي. هن حڪومت ۾ پير صاحب جا ڪجھ ماڻهو بہ عتاب جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شڪار بنيا آهن. پي پي حڪومتن کي ڇڏي باقي گهڻي وقت ڪان پوءِ اها پهرين حڪومت آهي، جنهن پير پاڳاري طرف اهڙو رويو اختيار ڪيو آهي. حالانڪ هميشه پير صاحب جو ڳانڍاپو جي ايڇ ڪيو ڏانهن سمجهيو ويندو رهيو آهي جنهن جو هو پاڻ به برملا اظهار ڪندو آهي. موجوده صورتحال ۾ جنرل مشرف حڪومت جي پير صاحب ڏانهن ۽ پير پاڳاري جي حڪومت ڏانهن رويي کي پاسيرو رکندي جيڪڏهن ايندڙ وقت تي نظر وجهڻ سان اهو سوال ٿو اڀري ته ڇا اها صورتحال گهڻي وقت تائين هلي سگهندي!؟ ان جو دارومدار ايندڙ وقت ۾ ٿيندڙ سياسي اُٿل پُٿل تي آهي. جيڪڏهن حڪومت طرفان جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ ڏنل روڊميپ تي عمل ٿيو، جنهن جو قوي امڪان آهي. ته ان صورتحال ۾ لازمي طرح اسيمبلي وجود ۾ ايندي.

جمهوري عمل ۾ جڏهن به سنڌ جي اندر پي پي مخالف حڪومت ٺهي آهي، ته انهيءَ ۾ پير پاڳاري جي ڪردار کي هرگز نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. خاص طور تي جڏهن انتخابي عمل کي اصل طئي شده ٽارگيٽ حال ڪرڻ جي لاءِ هجي ته پوءِ ان ۾ مقبول پارٽين جي جڳه تي انفرادي شخصيتون ۽ انهن جون قوتون حڪومت لاءِ وڌيڪ آسان ۽ مددگار ثابت ٿين ٿيون. سنڌ جي اندر پيپلز پارٽي ۽ پير صاحب پنهي کي پاسيرو رکي ڪا منتخب حڪومت ٺاهڻ ناممڪن نه، ته به تمام مشڪل ٽارگيٽ ضرور آهي، پر موجوده صورتحال ۾ ناممڪن نظر ٿو اچي.

1-00 بجي ملاقات جي پرچي آئي، ماڙيءَ تي ويس، ته سيٺ ڪشو. ڊاڪٽر شام ۽ ٻيا همراه ويٺل هئا. اُتي ڪنهن اچي ٻڌايو ته مٿي توهان جي فيملي آئي آهي. ملاقات ڪري پنهنجي وارد تي اچي سمهي رهيس. شام جو اٺي روزي کولڻ جي تياري ڪئيسين. اڄ مون روزو رکيو هيو. آئون روزا ٻاهر به چنڊائي جماعتي رکندو هوس، هتي به ائين رکندو آهيان. اُٺ ٻهر جمعي جي نماز به ڪڏهن قسمت سان پڙهي هئي. هتي انهيءَ ۾ ڪجهه اضافو ضرور ٿيو آهي. منهنجا ٽئي پارٽنر مُتقي نمازي آهن. ذڪريا ته ان معاملي ۾ تمام گهڻو پابند آهي جڏهن ته فقير ۽ دائود خان ڪان گهڻو ڪري فجر جي نماز قضا ٿيندي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهندي آهي. باقي نمازون هو به پابنديءَ سان ادا ڪندا رهندا آهن. اسان جي پاڙي وارو واردِ 14 جنهن ۾ اسان جو گهٽو اچڻ وڃڻ آهي، اتي حاجي ايوب، خان محمد ءِ اسلام الدين به مڪمل نمازي آهن. حاجي ايوب ءِ خان محمد مون کي نماز پڙهڻ لاءِ اڪثر زور پريندا رهندا آهن. ملاقاتن اچڻ جو سلسلو به گهٽو ڪري ٻنپهرن کان وٺي شام تائين هوندو آهي. اڪثر اهو ٿيندو آهي جو جمعي نماز وقت به ڪانه ڪا ملاقات اچي ويندي آهي. ذڪريا غني مون کي چوندو آهي، ”تون ٻيون نمازون ته ڪونه پڙهين، پر جمعي جي نماز تي به ڪنهن نه ڪنهن ملاقاتيءَ جو بندوبست ڪريو ڇڏين ته جيئن نماز کان بچي وڃين. نماز جو وقت ٿيندو آهي ءِ تنهنجي پرچي پهچي ويندي آهي.“ ڪجهه وقت اڳ جڏهن منهنجي گهران ٻئي سامان سان گڏ مصلو (جاءِ نماز) آيو هو، ته ان کي ڏسي وريام فقير چيو، ”اسين ته سوچ ۾ پئجي ويا آهيون، پر توهانجا گهروارا به سوچيندا هوندا، ته هي ڪهڙو انقلاب اچي ويو آهي!؟“

24/11/2001

11-30 بجي ماڙي تان پرچي آئي، پهتس ته، اسلم ءِ صادق راڄڙ ملاقات لاءِ آيل هئا. صادق ٻڌايو ته هينئر سندس گهوٽڪي پوسٽنگ ٿيل آهي. سيٽ ڪشوءَ کي به گهرايوسين، اسلم ءِ صادق راڄڙ کي وري ڪنهن ماڻهو سان ملڻ جي لاءِ وڃڻو هو. اسان سڌا 16 واردِ تي آياسين، جتي سيٽ وارن جي ڪمري تي مون، سيٽ، راجو، صديقي ءِ آشيرجان گڏجي ماني کاڌي. ان کان پوءِ الهڏنو ڏاهري وٽ ڪاردِ ڪيڏڻ وياسين. تيسين منهنجي ملاقات جي پرچي آئي. ويس ته گهروارا آيل هئا.

5-30 بجي واپس ورادِ تي آيس ته ٻاهر اگڻ تي وريام فقير، نصير مري ءِ لالو دائود وينا هئا. نصير مري اڄ ڏاڍو پريشان لڳي رهيو هو. مون کي چيائين ته يار توکان ءِ فقير کان سواءِ ٻي منهنجي واه ڪونهي. چيومانس، خير ته آهي، اڄ گهٽو لٿل آهين؟ مون کي چيائين، ”سائين مسئلو وڏو ٿي ويو آهي، هاڻي مون کي بچاءِ نه ته آئون غريب مري ويندس.“ همراه جو هڪڙو تسبيح تي زور، ٻيو شوڪارن تي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پچيومانس: آخر ڳالهه ڇا آهي ٻڌاءِ؟ چيائين: ”سائين مون کي خبر ئي ڪونه هئي: اهو به چڱو جو اڄ خبر پئي ته توهان اميرن تائين پهتس: نه ته آئون ته ڪيڏانهن جو ئي ڪونه ٿيان ها. هاڻي يار وارو ڪر مونکي بچاءِ! منهنجو گڙدو ٿو وڃي. آئون بچندس ڪونه... منهنجا سنها پچا آهن... انهن جو ڪير ڪونهي.“

پچيومانس آخر ڇا ٿيو: تنهنجي گڙدي کي؟ چيائين. ”سائين: آئون ته چوڪرو آهيان ٿيهن سالن جو پر مون کي ڪٿيءَ ڪنيو جو مون جيل وارن کي پنهنجي عمر 65 سال لکائي. مونکي ڪنهن چيو ته وڏي عمر لکائيندين ته توکي سزا ڪونه لڳندي ۽ معافي ملي ويندئي. مون کي ڪهڙي خبر ته هڙيءَ هائيءَ ۾ ٿو پوان. هينئر مون کي خبر پئي آهي: ته جيل جي قانون ۾ جنهن جي عمر 65 سال هوندي ان جو هڪڙو گڙدو ڪڍي وٺندا. منهنجو نالو لسٽ ۾ هليو ويو آهي. هاڻ تون پيءُ آهين. بچاءِ نه ته منهنجا پچا رلي ويندا.“

دائود خان چيس ته ”هاڻي تنهنجو بچڻ مشڪل آهي. تنهنجو نالو لسٽ ۾ داخل ٿي ويو آهي. تو هڪڙي جي ڪري جيل وارا پنهنجو قانون ٿوروئي بدلائيندا.“ مون به ڪيس چيو ته. ”ڪم تنهنجو ڏکيو آهي: سپاڻي موڪل جو ڏينهن آهي ڪو به آفسير ڪونه هوندو. ڪيئن ڪجي؟“ چيائين. ”سائين! اهو صبح جو سويري ڪرڻو آهي: متان مون تائين پڄي نه وڃن.“ چيومانس. ”چڱو هاڻ تون وڃ. آئون صبح جو اٿي پهرين اهو ڪم ڪندس: جو ماڙيءَ تي وڃي تنهنجو نالو ڪڍائي ايندس. تون فڪر نه ڪر توکي ڪجهه به نه ٿيندو.“ تڏهن وڃي مڙس ۾ ڪجهه ساهه پيو ۽ چيائين: آئون صبح جو سوير موٽي ايندس ۽ تو ساڻ هلي پنهنجو ڪم ڪرائيندس.

مون نصير کي وري به خاطري ڏني ۽ هو پنهنجي وارڊ ڏانهن روانو ٿيو. آئون سمجهي ويس ته: هن کي سندس وارڊ اندر مذاق ۾ ڪنهن ڦوڪ ڏيئي ڇڏي آهي. موجوده حڪومت جي احتساب جي انصاف جي ترازو به نصير مريءَ تي اچي اٽڪي پئي آهي. جيڪڏهن هي غريب ۽ ۽ اپوجهه نصير مري نه پڌجي ها. ته ملڪ مان بدديانتي ۽ ڪرپشن جو خاتمو نه ٿي سگهي ها ۽ شايد حڪومت جو احتساب به اڌرور رهجي وڃي ها!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

25/11/2001 Sunday

اڄوڪو ڏينهن ائين عام رواجي طرح موڪل جي ڏينهن وانگر گذريو. جنهن ۾ اخبارون پڙهڻ، ڪچهري ڪرڻ، ڪتاب پڙهڻ ۽ پتا کيڏڻ وغيره اچي وڃي ٿو. اڄ شام جو 16 واردِ ۾ افطاريءَ جي دعوت هئي، اُتي اسان چار ئي هنڌيوال گڏجي وياسين. اتان ٿي 7-00 بجي آئون 14 واردِ ۾ ويس، جتان بند ٿيڻ جي ٿائيم تي واپس آيس.

26/11/2001

اڄ اخبارون وغيره پڙهي ويٺا هئاسين ايتري ۾ مقدم اچي ٻڌايو ته منهنجي ۽ وريام فقير جي اسپتال جي پرچي آئي آهي. گاڏي ۽ گارڊ اچي چڪو هو. اڄ سيٺ ڪشوءَ کي به اسپتال وڃڻو هو. اسان ٿيئي ۽ ڪجهه ٻيا قيدي يارهين بجي اسپتال لاءِ نڪتاسين، ٻه قيدي بچه جيل تان کنيائون. هڪ چوڪرو ٿي بي جو مريض هو ۽ ڪراچيءَ جو لڳي رهيو هو، ٻيو چوڪرو مولوي ٿي لڳو. پوليس وارا ڪيس وچ ۾ ويهاري ساٿس مذاق ڪندا رهيا ۽ هو مولود ٻڌائيندو هليو. پوليس وارن پڇيس ته هتي ڪهڙي ڪيس ۾ آيو آهين؟ ٻڌايائين ته ڪڍڻ (ضلع بدين) جي هڪ چانڊئي سان وڙ وڍڻ تان منهن ماري ٿي. مون ڪهاڙي هٿي ماري ڇڏيومانس. ڪنهن پڇيس ته، آهين ڪير؟ چيائين، ذات جو خاڪي آهيان، ويٺو ڪنڌيءَ تي آهيان، نالو بي بقا آهي.

اسان پهرين سيٺ ڪشوءَ کي جناح اسپتال لاٿو. اتان ٿي سول اسپتال وياسين، جتي شاهنواز آيل هو. گاڏيءَ مان لٿاسين ته ڊاڪٽر لطيف سان ملاقات ٿي. هو فقير سان ملڻ لاءِ آيل هو. ڊاڪٽر لطيف ٻڌايو ته هو عوامي تحريڪ ۾ رهيو آهي ۽ بدين ۾ به سروس ڪئي اٿس. اسان فزيوٿراپي ڪرائي وري حافظ وارن وٽ اچي ويٺاسين. جتي رُڪن ميراڻي به ملڻ آيو. شام جو 5-15 بجي جيل لاءِ نڪتاسين.

آئون واردِ تي اچي 6-30 بجي 14 واردِ ۾ حاجي ايوب وارن ڏي ويس. حاجي ايوب آفريدي تي ٿي ڪيس داخل هئا. ٿنهي جي فتويٰ اڄ رڪيل هئي. جج وري ٻن ڏينهن کان پوءِ يعني 28 تاريخ تي فتويٰ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رکي هئي. حاجي ايوب تمام پُراميد هو تہ هو بي گناه آهي ۽ انشاءَ الله آزاد ٿيندو.

27/11/2001

10-00 بجي ٻار ملاقات لاءِ آيا. ٻارهين بجي وارڊ تي موٽي آيس. 2-00 بجي وري ماڙيءَ تي ويس. تہ اسلم ملاقات لاءِ آيل هو. سائس علي نوحاڻي ۽ رمضان ڊرائيور گڏ هئا. 7-00 بجي ڪشوءَ وارن ڏي ويس تہ سيٽ کي سخت بخار آيل هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ ڊاڪٽر امبرت آيو. جنهن دوائون وغيره ڏنس. اتي ڪافي دير ڪچهري تي ويٺا رهياسين.

28/11/2001

صبح جو 11-00 بجي ڪشوءَ کان طبيعت پڇڻ ويس. ٻارهين بجي اسان گڏجي C.M.O. ڏي وياسين. ڊاڪٽر فضل الاهي ميمڻ ڪشوءَ جو 32 فارم پريو. ڊاڪٽر وٽ جماعت اسلامي جو لياقت بلوچ ٻہ ويٺل هو. واپس پنهنجي وارڊ تي آيس. 2-30 بجي پرچي آئي. ويس تہ ايس ايس پي سائين رکيو ميراڻي ۽ ڪجهہ ٻيا دوست ملاقات لاءِ آيل هئا. اتي ممتاز منگي ٻہ ويٺل هيو. جنهن کي تازو بئنڪنگ ڪورٽ سزا ڏني هئي. ميراڻي ٻڌايو تہ منگي صاحب تمام روحاني ۽ پهتل ماڻهو آهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ سائين رکيو ميراڻي اجازت ورتي. ڊاڪٽر شام ۽ لچمڻ ٻہ مليا. جيڪي سيٽ سان ملڻ آيا هئا.

اڄ اها خبر سويري جيل ۾ پهچي چڪي هئي تہ حاجي ايوب آفريدي کي ٻن ڪيسن ۾ ڪورٽ آزاد ڪيو آهي ۽ هڪ ڪيس ۾ ست سال سزا ۽ پنجاهہ لک ڏنڊ وڌو آهي. حاجي ايوب ڪيس مليل سزا اڳ ۾ ئي پوري ڪري چڪو هو. باقي ڏنڊ پري اڄ آزاد ٿيو. حاجي ايوب آمريڪا ۽ ڪراچيءَ جي جيل ۾ تقريباً ساڍا ڇهہ سال قيد ڪاٽيو. حاجي ايوب سان گڏ رهندڙ دوستن کي سندس آزاديءَ جي خوشي ٻہ هئي تہ سندس وڃڻ کانپوءِ هن جي ڪمي هئڻ جو احساس ڏکارو ٻہ ڪري رهيو هو.

4-30 بجي ماڙيءَ کان پرچي آئي. ويس. تہ اسلم آيل هو. ٻڌايائين تہ سڌو حيدرآباد کان پيو اچان وري حيدرآباد ويندس. اسلم کي جمعي جي ڏينهن اچڻو هو. پر ٻڌايائين تہ اڄ نواب شاه ۾ مرتضيٰ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

راهوءَ جو اڪسيڊنٽ ٿيو آهي جنهن ۾ ڪيس ڪجهه ڏڪ لڳا آهن. ان ڪري جمعي جي ڏينهن اوڏانهن ويندس. اهو به ٻڌايائين ته مرتضيٰ ٺيڪ آهي. شام جو 7-00 بجي سيٽ ڪشوءَ ڏي ويس، ڪيس بخار ته چڏي ويو هو، پر پير جي آگوٽي ۾ جيل جي ماڙيءَ جي دروازي جو ڏڪ لڳو هو، جنهن ۾ پير جو ننهن لهي ويو هوس.

29/11/2001

اڄ سڄو ڏينهن وارڊ تي ئي رهيس. 2-30 بجي ماڙيءَ تي ويس ته گهروارا ملاقات لاءِ آيل هئا. چار بجي واپس وارڊ تي آيس. اڄ ڪشو دل جي اسپتال ۾ طبيعت ڏيکارڻ لاءِ ويل هو. شام جو سادي ڇهين بجي سندس وارڊ تي ويس جتي راجو ٻڌايو ته ماڙيءَ تي چٽي آئي هئي ته سيٽ کي اسپتال ۾ داخل ڪري ڇڏيو اٿن.

30/11/2001

12-00 بجي ماڙيءَ تي ويس، سپرنٽنڊنٽ کان اسپتال جو ليٽر فارورڊ ڪرائڻو هو. سپرنٽنڊنٽ کان صحيح ڪرائي ليٽر رزاق عباسي کي ڏنم. سپرنٽنڊنٽ ۽ ٻيا آفيسر اڄ گهٽي رش ۾ هئا جو سياڻي گورنر جو جيل وزٽ جو پروگرام هو. گورنر جا اڳ ۾ ڏنل به پروگرام ملتوي ٿي چڪا آهن، پر شايد سياڻي وارو پروگرام پڪو اٿس. 4-00 بجي ماڙيءَ تي ٻارن سان ملاقات ڪري پنجين بجي موٽي آيس. اسان وٽ ڏهن ڏينهن کن کان بورچي يعقوب موٽي آيو آهي. چوڌري احمد مختيار ۽ برگيڊيئر اسلم حيات قريشي جي آزاديءَ کان پوءِ ون (1) وارڊ خالي پيو هو، جنهن ڪري يعقوب وري واپس اسان وٽ آيو. به ڏينهن اڳ ذڪريا جو برداشتي خالد آزاد ٿي چڪو هو، ته ذڪريا عثمان کي سندس ڪم ڪار تي لڳايو هو.

1/12/2001

صبح 9-30 بجي منهنجي ۽ ذڪريا غني جي اسپتال لاءِ پرچي آئي. سادي ڏهين بجي آئون، ذڪريا ۽ فاروقي جيل تان اسپتال لاءِ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نڪتاسين. نڪرڻ وقت جيل انتظاميا اسان کي چيو ته اڄ گورنر صاحب جو پروگرام آهي. بالا آفسيرن ۽ انٽيليجينس جي سڄو ڏينهن گهٽي اڄ وڄ هوندي. انهيءَ ڪري اڄ توهان جلد واپس اچي وڃجو. ڪنهن به صورت ۾ ٻين بجي تائين آمد ٿي وڃي. اسان چيو نيڪ آهي. مون سوچيو. هتان ته نڪرون پوءِ واپس ورڻ اسان جي هٿ ۾ آهي.

جيل جي ٻاهران رنگ روغن ۽ فرش جو ڪم تيزيءَ سان ختم ڪري رهيا هئا. ماڙيءَ جي ٻاهرئين ڏيک جو اصلي پٿر صاف ڪري پڌرو ڪيو ويو هو. اڄ شام جو گورنر جو پروگرام هو. جنهن سبب جيل انتظاميا پنهنجي هڻ وٽ ۾ لڳي پئي هئي. اسان ٻارهين بجي اسپتال پهتاسين. آئون، شاهنواز، سپاهي جاويد ۽ سپاهي ڪامل ٻانهن فزيوٿراپي وارڊ مان ٿي حافظ جي آفيس تي اچي ويٺاسين. اُتي اقبال عنايت ۽ رڪن ميراٺي به ملڻ لاءِ آيا. اڄ جيل تي جلد واپس وڃڻو هو. جو جيل وارن چيو هو ته گورنر جي پروگرام سبب 00-2 بجي جيل بند ڪندا ۽ هن جي وڃڻ بعد کولينداا. اسان سادي ٽين بجي واپس جيل تي پهتاسين.

وارڊ تي دائود خان، الهڏنو ڏاهري، وريام فقير ۽ امداد ڪارڊ ڪيڏي رهيا هئا. ٿوري دير کان پوءِ آئون به انهن سان گڏ اچي ويٺس. ايتري ۾ ڪنهن مقدم گورنر جي پروگرام جي دعوت جا ليٽر اچي ڏنا، جنهن ۾ 30-4 بجي پروگرام ۾ پهچڻو هو. اسان جو اندازو هو ته گورنر سوا پنجين بجي ڌاري پهچندو. اسان پنجين وڳي پروگرام ۾ پهتاسين ته ڪجهه مهمان اچي ويا هئا. ٿوري دير ۾ گورنر به پهچي ويو.

نيو بيرڪس جو افتتاح ڪرڻ کان پوءِ گورنر، آءِ جي پرزن، هوم سيڪريٽري، سپرنٽنڊنٽ ۽ برڪاتي فائونڊيشن جو نمائندو (جن هي بيرڪون ٺهرايون هيون) اسٽيج تي ويٺا. سپرنٽنڊنٽ قيدي شفيع ميمڻ پيش ڪيو. جيڪو ماڙي تي پڪن قيدين جي سيڪشن ۾ به ڪم ڪندو آهي. پاڻ هتي منشيات جي ڪيس ۾ آهي. مهينو ڪن اڳ سندس پنجويهه لک ڪيش جي ضمانت به منظور ٿي وئي آهي. پر اجا بندوبست نه ڪري سگهيو آهي. ڪجهه منٽن لاءِ آءِ- جي نثار مهر ڳالهايو. گورنر پنهنجي تقرير ۾ سنڌ جي قيدين جي سزا ۾ هڪ سال

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي معافي، جيل جي ترقياتي ڪمن لاءِ 25 لک گرانٽ، ڏنڊ جي سزا ۾ بہ معافي لڳڻ، ڪراچي جيل جي انتظاميا جو هڪ مهيني جو اضافي پگهار، جيل جي اسپتال جو درجو وڌائڻ ۽ ڪچن قيدين جي چڱي چال چلت تي مهيني ۾ بہ ڏينهن معافيءَ کي وڌائي 5 ڏينهن ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ان کانسواءِ پيرول (Parole) ۽ ڪجھ ٻين گهرجن تي غور ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

پروگرام ۾ ڪجھ ٻاهر جي مهمانن سان بہ ملاقات ٿي، جن ۾ صحافين کان سواءِ عليم عادل شيخ، ميجر مستجاب، مجيد عباسي، شڪيل نائچ، گل محمد ڏاهري، قمر شاهه، شاهد جتوئي، محمود اختر ۽ ٻين سان حال احوال ٿيا. گورنر سوا چهين بجي روانو ٿيو. اسان پنهنجي وارڊ تي موٽي آياسين. 30-7 بجي آئون ٻاهر نڪتس تہ نيو جيل جي اڳيان چيف واردر حڪم داد مليو، سائس دعا سلام ٿي رهي هئي، تہ هڪ سپاهي اچي مليو، ٻڌايائين تہ ”غلام رسول احمداڻي توهان سان ملڻ لاءِ آيو هو، پر توهان ڪونہ هُئا. توهان کي سلام ڏئي هليو ويو.“ منهنجي پڇڻ تي ٻڌايائين تہ ”نالو شريف اٿم احمداڻي آهيان. جهڏي طرف وينل آهيان. حاجي غلام رسول ۽ حاجي خدا بخش وارا اسان جا مائٽ آهن.“

2/12/2001 Sunday

اڄ آئون، وريام فقير، امداد ۽ لالو دائود ڪارڊ راند ڪري رهيا هئاسين تہ مرتضيٰ ميمڻ آيو. ڪانئس حال احوال ورتم. ٻڌايائين تہ گورنر جي ڏنل معافيءَ جي نتيجي ۾ آئون سپاڻي آزاد ٿي ويندس. مرتضيٰ هونئن بہ عيد تي ڪنهن نہ ڪنهن معافيءَ جي نتيجي ۾ آزاد ٿي ويندو. ان کان اڳ سندس نڪرڻ جو دارومدار گورنر جي ڏنل معافي لاءِ سرڪاري نوٽيفڪيشن تي آهي تہ اهو ڪڏهن ٿو نڪري.

اڄ سچو ڏينهن وارڊ تي رهيس. شام جو مولانا عبدالغفور نديم جي افطار دعوت تي دارالقرآن ويس. ذڪريا غني بہ گڏ هو. سادي ستين بجي راجو وٽ 16 وارڊ ۾ ويس. شام جو 00-6 بجي فقير غلام رسول آيو. انهيءَ کان پوءِ علي حسن ٽيپو ۽ سليم شيخ آيا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سادي ٻارهين بجي پرچي آئي، ماڙيءَ تي ويس تہ گهر وارا آيل هئا. اُتي ويٺو ئي هئس تہ 2-00 بجي شاهنواز ۽ رُڪن ميراڻي آيا. انهن کي روانو ڪري وري مٿي آيس تہ حاجي فضل ڪريم مليو، ساڻس ڪافي ڏينهن کان پوءِ ملاقات ٿي هئي. فضل ڪريم عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ اسان سان گڏ رهيو آهي. ساڻس ٿوري ڪچهري ٿي، وري چيائين تہ آئون ڊپٽي جي آفيس ۾ ويهان ٿو، توهان فارغ ٿي پوءِ مون سان اُتي ملو. فضل ڪريم جيل تي صوفي سان ملڻ لاءِ آيو هو، جنهنجو اصلي نالو گل دراز خان آهي.

آئون مٿي ويٺو هوس. اتي پرچي آئي تہ توهان جا ملاقاتي ڊپٽي جي آفيس ۾ ويٺا آهن. هيٺ آيس تہ سائين رکيو ميراڻي ۽ عبدالله ملاح آيل هئا. سائين رکيو اڄ ڪلهہ SSP ريلوي مقرر ٿيل آهي. ڪجهہ دير کان پوءِ ممتاز منگي بہ آيو. جنهن کي سائين رکئي ملاقات لاءِ گهرايو هو. آئون سائين رکيو ۽ عبدالله ملاح کان موڪلائي مٿي آيس تہ حاجي سڪندر خان مليو، هو صوفي سان ملڻ آيو هو. سڪندر خان عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ آهي، پر هينئر ڪراچيءَ کان مردان شفٽ ٿي ويو آهي.

4-30 بجي ڊاڪٽر شام سندر آيو. پنجين بجي ماڙيءَ کان ٻاهر آيس تہ دائود خان پٺاڻ بيٺو هو. جنهن ٻڌايو تہ پرچي آئي آهي تہ ڪيس 16 واردِ ۾ شفٽ ڪيو ويو آهي ۽ 15 واردِ ۾ سندس جڳهہ تي ستار ڏيرو ٿو اچي. منهنجي واردِ ۾ اچڻ کان ٿوري دير پوءِ راجو اچي ٻڌايو تہ اسان واري ڪمري ۾ دائود خان کي سيٽ واري جڳهہ ٿا ڏين. بهرحال ان ڏينهن روزي کولڻ کان پوءِ دائود خان پنهنجو سامان 16 واردِ ۾ شفٽ ڪيو ۽ ستار ڏيري جو سامان 17 واردِ کان اسان جي واردِ ۾ کڻي آيو. دائود خان اسان واري واردِ مان شفٽ ٿيڻ تي راضي ڪونہ هو. اسانجو پاڻ ۾ سٺو وقت گذري رهيو هو. دائود خان سندس شفٽنگ جو ذميوار ذڪريا غني کي سمجهيو ٿي. رات جو سوا سٽين بجي عبدالستار ڏيرو بہ آيو. ساڻس ڪي ايس مجاهد گڏ هو. ان رات اسان 11 بجي ماني کاڌي ۽ رات جو 12 بجي تائين آئون، ستار ڏيرو، وريام فقير ۽ ذڪريا غني ڪچهري ڪندا رهياسين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

4/12/2001

2-30 بجي ماڙيءَ تان پرچي آئي، اتي جبار ٻڌايو ته توهان جو وڪيل آيل آهي. اندر هال ۾ سليمان ڏاهري، صالح بلوچ ۽ سيٺ ڏرم ويٺل هئا. سيٺ ڏرم جو مون کي ذڪريا غني پهرين ئي ٻڌايو هو، ته ماڙيءَ تي طاهر صديقي سان گڏ ويٺل آهي. صالح بلوچ جو ڀيٽويو ڊاڪٽر غلام علي شيخ جيڪو حيدرآباد جيل جو سي ايم او CMO به هو، اهو تازو هڪ حملي ۾ سخت زخمي ٿيڻ کان پوءِ گذاري ويو هو. ڊاڪٽر سان گهٽو پراڻو واسطو هو. ڊاڪٽر غلام علي سنڌي شاگرد تحريڪ ۾ رهيو هو. هو هڪ سلجهيل باهمت ۽ هڏڙوکي طبيعت وارو هو. سندس وفات تي ڏک به ٿيو، پر جنهن وحشي طريقي سان مٿس حملو ۽ تشدد ڪيو ويو، اُهو وڌيڪ ڏکوئيندڙ هو.

صالح ٻڌايو ته سندس زخمي ٿيڻ کان اڳ ڊاڪٽر ڪراچيءَ ۾ هو. اسان کي توهان جي تاريخ جي خبر پئي، ته گڏجي ڪورٽ تي به آياسين، پر اها خبر غلط هئي، توهان ڪورٽ تي آيا ئي ڪونه هئا. سليمان ڏاهري ۽ صالح بلوچ سان ڪافي دير ڪچهري ٿي. جنهن کان پوءِ انهن موڪلايو ۽ مون ڏرم سان حال احوال ڪيا. آئون ماڙيءَ تي ئي ويٺو هوس، ته 4-00 بجي اسلم آيو. اسلم سان حال احوال ڪري آئون پنجين بجي وارڊ تي موٽي آيس. اج ستار ڏيرو اسپتال ويل هو، جيڪو ستين بجي واپس پهتو.

5/12/2001

صبح جو ڏهين بجي اسپتال لاءِ پرچي آئي. يارهين بجي سول اسپتال پهتاسين. هيٺ شاهنواز مليو. مٿي آفيس ۾ ليٽر جمع ڪرائي شاهد جي آفيس ۾ آياسين. فزيوٿراپي ڪرائڻ کان پوءِ حافظ جي آفيس ۾ اچي ويٺاسين. جتي هو ۽ مظفر قاضي مليا، ڪجهه دير کان پوءِ اقبال عنايت آيو. ان کان پوءِ امتياز شيخ ملڻ آيو، جنهن سان غلام مصطفيٰ پٽو به گڏ هو. اڌ ڪلاڪ تائين امتياز سان ڪچهري ٿي. 5-00 بجي اسپتال مان جيل لاءِ نڪتاسين.

سپاهي ڪامل ٻانيڻ ۽ جاويد روزو جيل جي ماڙيءَ تي اچي کوليو. شاهنواز به اسان سان گڏ پوليس جي گاڏيءَ ۾ ويٺو ۽ ماڙيءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي دوازي تان موڪلايائين. اندر وارڊ ۾ پهتس. تہ ڏيرو صفائي جي مهم تي لڳل هو. ڪمرو. باٿ روم ۽ ورانڊي جي صفائي ڪرائي سامان بہ سيٽ ڪرائي چڪو هو. اسان جي وارڊ جي صفائي ڪافي ڏينهن کان رهيل هئي. جيڪا ستار ڏيري اچي ڪرائي. ستار ڏيري ٻڌايو تہ اڄ سنڌ هاءِ ڪورٽ فيصلو ڏنو آهي. تہ سنڌ جي قيدين کي بہ ٻين صوبن واريون ساڳيون سهوليتون مهيا ڪيون وڃن. جنهن ۾ سپني ڪيسن ۾ 382 بي جو فائدو ڏيڻ. ڏنڊ جي سزا ۾ معافي جو لڳڻ. پي پي آر 216 تحت معافي ۽ ٻيا مسئلا اچي وڃن ٿا. اسان هاءِ ڪورٽ جي رولنگ تي ڪچهري ڪري رهيا هئاسين تہ ڪنهن برادشتي اچي ٻڌايو. تہ فياض جي رليز اچي وئي آهي.

ٿوريءَ دير ۾ فياض ماڙيءَ تان خبر وٺي آيو ۽ سپني کان اچي موڪلايائين. اسان وري ٻي برداشتي جي لاءِ پرچي موڪلي تہ جيئن ان جو ٽوٽل اسان جي وارڊ ۾ ڪرايون ۽ هو رات جو ڪم ڪار ڪري سگهي. اڌ مني ڪلاڪ کان پوءِ فياض واپس موٽي آيو. ٻڌايائين تہ سندس هڪ ڪيس ۾ رليز اچي وئي آهي. پر ايا هڪ ڪيس ۾ نہ پهتي آهي. جيڪا هڪ ٻن ڏينهن ۾ اچي ويندي. شفيع ميمڻ جي بہ رليز اچي وئي هئي. اهو بہ موڪلائڻ آيو. رات جو ڏهين بجي خان محمد مهر آيو. اڌ ڪلاڪ اسان ڪچهري ڪئي ۽ رات جو يارهين بجي ماني کاڌي. عام طرح اسان جي ماني کائڻ جو ٽائيم رات جا ڏهہ آهي. پر وريام فقير قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندو آهي. جنهن سبب ماني ۾ ڪڏهن وڌيڪ دير بہ ٿي ويندي آهي.

6/12/2001

اڄ صبح جو 10-00 بجي ماڙيءَ تي ويس. ڪامران ۽ نوشاد ملاقات لاءِ آيل هئا. ڪلاڪ ڏيڍ تائين حال احوال ٿيا. جنهن کان پوءِ وارڊ تي آيس تہ ڪجهہ دير کان پوءِ امداد آيو. جنهن کان پوءِ دائود خان آيو.

7/12/2001

3-00 بجي ملاقات جي پرچي آئي. ويس. تہ اسلم ۽ چاچا پوڙهو آيل هئا. انهن سان حال احوال ۽ ڪچهري ٿي. 4-30 بجي پنهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

موڪلايو. جنهن کان پوءِ گهر وارا ملڻ لاءِ آيا. انهن کي روانو ڪري وارڊ تي آيس. آئون ستار ڏيرو ۽ ذڪريا غني گڏجي 18 وارڊ ۾ ويا سين، جتي ايم ڪيو ايم پاران شعيب بخاري جي افطار پارٽي هئي. سادي چهين بجي 17 وارڊ ۾ آياسين، جتان آئون راجو وٽ ويس. ڪلهه راجو ۽ سيٺ ڪشو جو ٽوٽل 16 وارڊ کان 17 ۾ ڪيو ويو آهي. ڪمري ۾ سائن رميش اديسي گڏ آهي.

اڄ اها خبر پئي، ته پروونشنل بئنڪ جي طاهر صديقي، جيڪو نيب جي ڪيس ۾ هتي جيل ۾ هو، ان کي نيب وارا ٻيهر هڪ ڏينهن جي رمانڊ تي سندن ٽائي ايم پي اي هاسٽل تي وٺي ويا آهن. طاهر پهرين ٻه 90 ڏينهن نيب وارن جي ڪسٽڊي ۾ رهي آيو آهي. اهو پهريون ڀيرو ٿيو آهي جو هڪ ماڻهو نيب جي جسماني رمانڊ جي مدت پوري ڪري جيل پهتو هجي، ته وري ان کي ٻيهر نيب جي ڪسٽڊي ۾ ڏنو ويو هجي هونئن عام طور تي اهو ٿيندو نه آهي. پر ”ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا!“ احتساب عدالت جا جج نيب اٿارٽي وٽ شطرنج جي مهرن کان سواءِ ڪجهه ٻه نه آهن.

8/12/2001

اڄ ڪورٽ جي تاريخ هئي، 30-10 بجي ڪورٽ تي پهتاسين. مون سان گڏ منهنجي ڪيس جي ٻين جوابدارن کان سواءِ رميش اديسي، سميع مگريو، ڊاڪٽر تنوير، ذڪريا غني، يوسف دا دام، منصور ۽ چار نارڪوٽڪس وارا قيدي گڏ هئا. ڪشو اسپتال داخل هو، انهيءَ ڪري اهو اتان کان ڪورٽ آيو هو. اڄ جج ڪيس هلائڻ جي تياريءَ ۾ ويٺو هو.

سيني وڪيلن ۽ جوابدارن کي چيائين ته ڪورٽ ۾ ويهو، ڪيس هلايان ٿو. آخر ۾ جج چيمبر ۾ سڏايو ۽ 2 جنوري جي تاريخ ڏني. اڄ جيڪي همراه ڪورٽ تي ملڻ آيا، انهن ۾ پرويز رانجهاڻ، ڊاڪٽر ويرسي، جان محمد انصاري، علي احمد جوڪيو، احمد علي، ڏيالداس، ڊاڪٽر شام، تنوير، ماما جمعو راهو، نور محمد راهو، هاشم ميمڻ، مصري ميمڻ، بچل سمون، خدا بخش ميمڻ، غلام محمد پٺي، عالم

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پٽي، عبدالله راهو، نور محمد ڏاهري، سليمان ڏاهري، عبدالله سراز، اڪرم نوحاڻي، سرمائيدار موهن، جيرام، ماما پيرو، چاندومل، شاهنواز، فدا، ڊاڪٽر خليل، شيرزمان، مرتضيٰ راهو، اياز لطيف جوڪيو، حاجي قاسم ملاح، خليفو نياز نظاماڻي، چيتن، سيٺ ڏرم، ڊاڪٽر شامون ۽ ٻيا همراه شامل هئا.

حاجي قاسم ملاح جي پوزيشن هلڻ ۽ اچڻ جهڙي ڪونه هئي، پر پنهجو پاڻ کي ڪٽائي اچي پهتو هو. مون کيس چيو، توهان جي صحت ٺيڪ ڪونه آهي. پوءِ هيتري تڪليف ڇو ڪيئي؟ پنهنجو اهڙو تعلق آهي جو انهن رسمي ڳالهين (Formalities) جي ته ڪابه ضرورت ڪونهي. چيائين، "اها ڳالهه نه آهي، پر مون کي تمام گهڻي سڪ لڳي هئي ۽ پوءِ حياتي الله ڄاڻي گهڻا ڏينهن آهي. خبر ناهي اوهين ڪڏهن آزاد ٿيو. آئون اوستائين انتظار ڪري نٿي سگهيس."

اڄ طاهر صديقي کي جج ٻيهر پندرهن ڏينهن جي لاءِ جسماني رمانڊ تي نيب وارن جي حوالي ڪيو.

ڪسٽڊي واري گاڏي وٽ رياض سهتو مليو، جيڪو سميع سان ملڻ لاءِ آيل هو. اُن ٻڌايو ته رسول بخش راڄڙ جي طبيعت گهڻي خراب هئي، پر هاڻي ڪجهه بهتر آهي. مون کي سميع مگريو ٻه جيل ۾ ٻڌايو هو ته رسول بخش راڄڙ سخت بيمار آهي. مون اڄ صبح جو سندس گهر تي فون به ڪيو هو، جتان خبر پئي ته ضياءالدين اسپتال ۾ داخل آهي، هاڻي ڪجهه بهتري اٿس. پر اڃان تائين انتهائي نگهداشت جي وارڊ ۾ داخل آهي.

اسان 00-4 بجي واپس جيل تي پهتاسين. شام جو افطاري تي چوڌري منور ۽ عبدالمتين سان ملاقات ٿي. جيڪي اسان جي وارڊ تي ذڪريا غني سان ملڻ لاءِ آيل هئا. چوڌري منور ۽ متين ڪلهه ئي جيل تي آيا آهن. ڪين احتساب عدالت جي پرزن تي ٽي سال سزا ۽ ڏنڊ. ڏنڊ نه ڏيڻ جي صورت ۾ هڪ هڪ سال وڌيڪ سزا ڏني وئي آهي. چوڌري منور نيشنل ڊيولپمينٽ فنانس ڪارپوريشن (NDFC) جو چيئرمين رهيو آهي. هيستائين سنڌ جي اندر احتساب عدالتن پاران ملندڙ سزائن ۾ چوڌري منور کي مليل سزا گهٽ ۾ گهٽ آهي. پڳل مفرور

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جوابدارن کي جيڪا سزا ڏني ٿي وڃي اها احتساب ائڪٽ موجب، 3 سال مقرر آهي، اها سزا ته سڀ ڪورٽون ساڳي ڏين ٿيون. البت ڪنهن حاضر جوابدار تي ڪيس ثابت ٿيڻ (احتساب عدالت موجب) جي صورت ۾ سزائن جو ريشو (Ratio) ٻين صوبن جي نسبت سنڌ ۾ وڌيڪ آهي. سنڌ ۾ هڪ اڌ ڪيس ڇڏي جن ۾ به پنج سال سزا ڏني وئي آهي، باقي عام طور ستن کان چوڏهن سالن تائين سزا ڏني وڃي ٿي. جڏهن ته ڏنڊ جي عدم ادائگي جي صورت ۾ به ٻن کان پنجن سالن تائين قيد جي سزا ڏني وڃي ٿي. جڏهن نه پنجاب ۽ سرحد ۾ چند فيصلن کي ڇڏي باقي ٻين ڪيسن ۾ ٽن ۽ پنجن سالن جي وچ ۾ سزائون ڏنيون ويون آهن ۽ ڏنڊ نه جمع ڪرائڻ جي صوت ۾ هڪ کان ٻن سالن تائين سزائون ڏنيون ويون آهن. سنڌ جي اندر نيب جي سزا يافتن ۾ اهو پهريون خوش نصيب چوڌري منور آهي جنهن کي ايتري گهٽ سزا آئي آهي.

اڄ اسان جي بلاڪ واري مسجد ۾ قرآن پاڪ جو ختم هو. هيءَ ڪا پڪي مسجد ڪونهي پر بنا چٽ واري مسجد آهي، جيڪا رمضان شريف شروع ٿيڻ کان ڪجهه وقت اڳ، اسان جي بلاڪ ۾ داخل ٿيڻ واري دروازي وٽان ڪمپيوٽر روم جي سامهون خالي پيل پلاٽ تي ٺاهي وئي آهي. جتي پهرين رمضان کان وٺي تراويحون ٿيندڙيون آهن. جيل ۾ ٻين جڳهين تي به تراويحون ٿيندڙيون آهن جنهن ۾ مڪ دارالقرآن آهي، ان کان علاوه فيڪٽري ۽ چڪر ۾ به تراويحون پڙهيون آهن.

مسلمانن ۾ جيئن ته جيل کان ٻاهر انهن جي فرقي ۽ مسلڪ مطابق مسجدون ۽ عبادتگاهون ورهايون پيون آهن، تيئن جيل ۾ به اها تقسيم ساڳئي طرح رائج آهي. هتي جون عبادت گاهون به سني ۽ اهل تشيع ۾ ورهايل آهن. جيتوڻيڪ جيل ۾ شيعن جو تعداد ڪو گهٽو ڪونهي. تڏهن به مذهبي فرقيواريت ۽ جنونيت ساڳي طرح محسوس ڪئي ويندي آهي. انهيءَ چڪر ۾ پوڻ کان لهرائڻ سبب گهٽو ڪري هر وارڊ ۾ قيدين پنهنجون ننڍڙيون مسجدون ٺاهيون آهن. قيدي انهن ۾ ئي الله کي ياد ڪرڻ کي ترجيح ڏيندا آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن بلاڪ جي ڪُلي مسجد ۾ سڀني جماعت ٿي ويندي آهي. جنهن ڪري رمضان دوران ئي هن جي فرش کي وڌايو ٻه ويو. اڄ ختم کان پوءِ محفل نعت منعقد ڪئي وئي هئي. شام کان ئي ان جي تياري شروع ٿي وئي هئي. سيني دوستن کي خان محمد هن ۾ شرڪت لاءِ تمام گهڻو چيو هو. اسان تراويحن ۽ ختم ۾ شريڪ ٿي وري واپس پنهنجي واردِ تي آياسين. ڏهين بجي آئون، وريام فقير ۽ ستار ڏيرو گڏجي محفل نعت ٻڌڻ وياسين. تمام سٺو بندوبست ڪيل هو ۽ مجموعو ٻه تمام گهڻو هو. قالين وڇايل هئا. انهيءَ جي مٿان چادرون وڇائي ويهڻ جو بندوبست ڪيو ويو هو. روشني ۽ سائونڊ سسٽم ٻه بهتر هو. سڀئي نعت خوان ٻاهران گهرايا ويا هئا. جن جي پُراثر آواز ماڻهن کي متاثر ڪيو. هڪ نعت خوان سنڌي هو، جنهن سنڌيءَ ۾ نعت پڙهي. پروگرام ۾ ٻي ڪلاس جي قيدين کان علاوه عام قيدين جو تمام وڏو تعداد شريڪ هو.

هن سڄي پروگرام ڪرائڻ جو روح روان خان محمد مهر هو، جنهن جي پيش رفت ۽ ڪوشش جي نتيجي ۾ ئي آءِ- جي نثار مهر جي اجازت سان سنڌ جي جيلن جي تاريخ ۾ شايد پهريون ڀيرو ان قسم جي پروگرام جو انعقاد ڪيو ويو هو ۽ منهنجي زندگيءَ جي ٻه شايد اها پهرين محفل نعت هئي جنهن ۾ آئون شريڪ ٿيو هوس. پورو جيل رات جو 12-30 بجي تائين عام و خاص قيدين لاءِ کُليو رهيو. آئون ۽ وريام فقير هلندڙ پروگرم مان اُٿي پنهنجي واردِ تي آياسين. پويان پروگرام جاري هو. پروگرام ختم ٿيو تہ ستار ڏيرو ٻه آيو. سادي ٻارهين بجي اسان ماني کاڌي ۽ هڪ بجي اسان جو واردِ شبير دروازا بند ڪرڻ لاءِ آيو.

9/12/2001 Sunday

اڄ صبح جو 8-00 وڳي اُٿيس. اخبارون پڙهي وري سُمهي پيس. ٻارهين وڳي اُٿيس تہ 16 واردِ مان برداشتي آيو چيائين. ڏاهري ۽ لالو دائود چون ٿا تہ توهان ۽ فقير هيڏانهن اچو يا اسان توهان ڏانهن اچون ٿا. فقير وريام تہ ان مهل ئي ويو. مون چيو. آئون تيار ٿي پوءِ اچان ٿو. سادي ٻارهين وڳي آئون 16 واردِ ۾ ويس تہ وريام فقير، الهڏنو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏاهري، دائود خان ۽ امداد پتي راند ڪري رهيا هئا. ايائي وڳي تائين انهن سان راند ڪئيسين، جنهن کان پوءِ آئون ۽ وريام فقير پنهنجي واردِ تي موٽي آياسون.

اڄ مونکي پنهنجي طبيعت ڪجهه صحيح نه لڳي رهي هئي. جسم ۾ سُور ۽ سيءُ لڳي رهيو هو. اڄ ٺيڪ ٺاڪ گرمي هئي. مون هڪ گوري پيناڊال ڏاهري جي ڪمري تي ڪائي چڏي هئي. شام جو بخار به ٿي پيو، جيڪو گورين کائڻ کان پوءِ لهي ويو. اٺين وڳي ڊاڪٽر امبرت راءِ آيو. جنهن مون کي مليريا جون گوريون کائڻ لاءِ چيو هو، اهي مون هڪ ڏينهن اڳي کائي چڏيون هيون. ڊاڪٽر ڪجهه وڌيڪ گوريون لکي ڏنيون. ڊاڪٽر امبرت راءِ جيل ۾ نائٽ ڊيوٽي ڪندو آهي ۽ آن ڪال هوندو آهي.

هُن کي جيل جي ڪالونيءَ ۾ جيل انتظاميا پاران رهائش مليل آهي، جتي فيملي سان گڏ رهندو آهي. شام کان صبح 00-9 وڳي تائين سندس ڊيوٽي هوندي آهي. رات جو گهر هليو ويندو آهي، ڪنهن به وقت ايمرجنسي جي صورت ۾ ڪيس ماڙيءَ وارا سڏي وٺندا آهن. ڊاڪٽر امبرت اصل لاڙڪاڻي جو آهي. هتي ڪل ٽي ڊاڪٽر آهن. جن ۾ چيف ميڊيڪل آفسير فضل الاهي ميمڻ ۽ ڊاڪٽر مُعيد ڏينهن جو موجود هوندا آهن. سي ايم او اسپتال جو انتظامي ڪم به سنڀاليندو آهي ته، ڪڏهن او پي ڊي به ڪندو آهي. ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر مُعيد او پي ڊي کان علاوه ڏينهن جو ٻيا مريض به ڏسندو آهي، جن ۾ اسپتال ۾ داخل مريض به اچي وڃن ٿا.

10/12/2001

صبح جو ڏهين وڳي پرچي آئي، ماڙيءَ تي ويس پچا ڪيم، ڪير ملاقات لاءِ آيل آهي؟ خبر پئي ته ملاقات نه پر اسپتال جي پرچي هئي ۽ گارڊ به اچي ويو هو. منهنجي اسپتال ۾ ان ڏينهن نه پر ٻي ڏينهن جي تاريخ هئي. مون جيل انتظاميا کي چيو، منهنجو اڄ جو ته پروگرام نه آهي. آئون سپاٽي ويندس. آئون وري سپرنٽنڊنٽ وٽ وڃي ويٺس. جتي خان محمد مهر به آيو. اُتي ڪلاڪ کن ويٺاسين، جنهن دوران سپرنٽنڊنٽ راشد سعيد پنهنجا ڏکڙا ٻڌائيندو رهيو. راشد سعيد سنڌ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي جيلن جي تاريخ ۾ تمام منفرد سپرنٽنڊنٽ آهي. پاڻ تمام سادو ۽ صاف گو ماڻهو آهي. ڪا ڳالهه لڪائيندو ڪونهي، پنهنجي حال اورڻ ۾ ڪابه هيڪ محسوس نه ڪندو آهي. جيل جي اندر اختيارن جي معاملي ۾ سندس هٿ تمام محدود آهن. پاڻ سندس سادي طبيعت جي ڪري انهي تي ئي اڪتفا ڪري گذارو ڪندو آهي، جيڪو مليو انهيءَ تي راضي رهندو آهي. گهڻو حرص بلڪل ڪونهيس. جيل ۾ ائين پيو هلندو آهي، جو لڳندو ئي ڪونهي ته ڪو هي سپرنٽنڊنٽ آهي.

جنهن ڏينهن جنرل پرويز مشرف ڪجهه جنرل پروموٽ ڪيا هئا، انهن ۾ جنرل عزيز به شامل هو ۽ جنهن جي نتيجي ۾ ٻن سينيئر جنرلن استعفائون ڏئي ڇڏيون هيون. جنرل عزيز کي ترقي ڏئي فور اسٽار جنرل ڪري چيئرمين جوائنٽ چيف آف اسٽاف ڪميٽي مقرر ڪيو ويو. ان ڏينهن سپرنٽنڊنٽ جي آفيس ۾ ان ردوبدل تي ڳالهه ٻولهه هلي رهي هئي ته ڪنهن چيو، جنرل عزيز کي ترقي ته ڏني وئي آهي، پر ڇڏيائونس ڪنهن ڪم جو ڪونه. جهڙو ڪر ڪيس رٽائر ئي ڪيو ويو آهي.

ان ڳالهه ٻولهه ۾ حصو وٺندي راشد سعيد هڪدم چيو ته، ”يار جنرل عزيز سان به اهڙو ڪم ٿيو آهي جهڙو مون سان آهي.“ اج آئون ۽ خان محمد وٽس ويٺا هئاسين ته مون کي چيائين يار! توهان جي همراه ڪشن، جج وٽ منهنجي شڪايت ڪئي آهي. منهنجي طرفان ته هن کي ڪابه تڪليف نه پهتي آهي. پوءِ شڪايت ڇو ڪئي اٿس؟ ان سلسلي ۾ جج مون کي گهرايو آهي. مون سان اڪثر ايئن ٿيندو رهندو آهي. ڪجهه ڏينهن اڳي به مون کي جج رياض ڦلپوٽو گهرايو هو. جنهن وقت آئون اندر ويس ته مونسان گڏ هڪڙو ٻيو به هٿوڪٽو ماڻهو اندر هليو. مون سوچيو پئي ته هي ماڻهو مون سان گڏ اندر ڇو پيو هلي؟

”مون کي اچي ڊپ ورايو. جج وٽ اندر پهچي، مون سلام ڪيو، مونکي چيائين، اڙي راشد! سپرنٽنڊنٽ تون آهين ڇا! هي ڇا ڪري رهيو آهين. تون ته سٺو ماڻهو هوندو هئين.“ مون چيو، ”سر، آئون هينئر به سٺو ماڻهو آهيان، پر ڇا ڪيان بي وس آهيان!“ جج مون کي چيو، هي ماڻهو جيڪو توسان گڏ اندر آيو آهي ۽ تنهنجي پاسي ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بيٺو آهي، توکي خبر آهي، اهو ڪير آهي؟ اهو پوليس جو انسپيڪٽر آهي. مون کي توکي گرفتار ڪري جيل موڪلڻو هو پر تو سان پراڻو واسطو آهي انهيءَ ڪري ڇڏيان ٿو. آئنده جوابدار ڪورٽ تي ضرور حاضر ٿيڻ ڪپن.“

راشد چيو، ”هي ته خدا جو شڪر آهي جو آئون ڪجهه ماڻهن سان واسطي تعلق جي ڪري بچي ٿو وڃان، نه ته آئون هن شوڪاز نوٽيسن ۾ ئي پورو ٿي وڃان. جيڪو لفافو منهنجي ٽيبل تي ٿو اچي، اها دعا گهري ڪولرائيندو آهيان ته خدا ڪري ان ۾ ڪو شوڪاز نوٽس نه هجي.“ خان محمد ۽ آئون ساڻس ڪچهري جو مزو وٺي رهيا هئاسين.

اسان جي ويٺي ئي هڪ فون آيس ته سر سر ڪري ڳالهائي رهيو هو. فون رکڻ کانپوءِ گهنٽي وڄائي سندس اردليءَ کي چيائين، ”جلدي وڃي ڪماليي کي وٺي اچ.“ وري گپ شپ ۾ لڳي ويو. اڌ ڪلاڪ گذري ويو ڪماليا ڪونه آيو، وري اردليءَ کي گهرايائين ته چا ٿيو، ڪماليو ڇو ڪونه پهتو؟ اردليءَ جواب ڏنس ته سر، هو ناشتو ڪري رهيو هو چيائين ته اچان ٿو. وري اردلي کي موڪليائين ته وڃي وٺي اچ. آءِ جي صاحب جو ڪم آهي، اهو ڪيس سمجهائڻو آهي.

ڪمال هڪ قيدي آهي، پر اڄ ڪله هڪ آفيسر (جيڪو سپرنٽنڊنٽ جو زيردست آهي) جو منظورِنظر آهي. اردليءَ وري اچي چيو، سر، هو ناشتو ڪري رهيو آهي، بس اچي ٿو. ان کي اڌ ڪلاڪ ٻيو به گذري ويو ۽ اردلي ٽيون چڪر به ڏئي آيو، پر ڪماليو ڪونه پهتو. ايتري ۾ ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ امان الله نيازي آفيس پهتو ۽ پهرين سپرنٽنڊنٽ جي آفيس ۾ آيو. سپرنٽنڊنٽ ڪيس آءِ جي جو نياپو ڏنو. جيل جي اندر ڪو ڪم هلي رهيو هو، انهيءَ جي باري ۾ هدايت هئي، جيڪا ڪمال کي سمجهائڻي هئي. ڊپٽي ڪيس چيو ته آئون هن کي گهرائي سمجهائي ٿو ڇڏيان. ڊپٽي پنهنجي آفيس ۾ ويو ته سپرنٽنڊنٽ چيو، ”هي جيل جي اندر ڪماليو نه ٿيو جهڙو رياست جو چوٽون پايو ٿي ويو جو سپرنٽنڊنٽ جي گهرائڻ تي به اچان تائين ڪونه پهتو آهي.“ راشد صاحب سان اهڙيون ڪچهريون ٿينديون رهنديون آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آئون واپس وارڊ تي آيس. 30-1 وڳي وري پرچي آئي، ويس ته ٻار ملاقات جي لاءِ آيل هئا. 00-4 وڳي اسلم ۽ علي آيا. اسلم ميانجي سومار جي گذاري وڃڻ جي خبر ٻڌائي.

ميانجي سومار جنهن پوري زندگي پنهنجي وڏي عيال جو گذارو چند ايڪڙ زمين تي ڪيو ۽ هميشه قرض ۽ اوڌر کان آجو رهيو. ڪيس سندس صحت جيستائين اجازت ڏني تيستائين اسان جي ڳوٺ جي مسجد جي پائي پرڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ جو موقعو ٻي ڪنهن کي فراهم ڪرڻ نه ڏنائين. بابا جي شهادت کان پوءِ راهوڪيءَ ۾ ٽيندڙ هر عيد نماز کان پوءِ شهيد جي حق ۾ دعا گهرڻ کي عيد نماز جهڙوئي فرض سمجهي ادا ڪندو هو.

پنجين وڳي پنهنجي وارڊ تي موٽي آيس. افطاريءَ جي وقت يعني پوٽين ڇهين وڳي ڌاري آئون، عبدالستار ڏيرو، وريام فقير ۽ ذڪريا غني گڏجي 16 وارڊ وياسين. جتي يوسف دادا جي پاران افطار پارٽي ڏني وئي هئي. يوسف دادا ذڪريا غني جو سهرو آهي. سندس عمر 75 ورهين کان مٿي آهي، پر ڏاڍو ڀلو ۽ زنده دل شخص آهي. سڀني سان ڪچهري ۾ هڪجهڙو هوندو آهي. ڀوڳ مذاق ٻه ڪندو آهي. ته سهندو ٻه آهي. وارڊ ۾ مون کي دائود خان ڏسڻ ۾ نه آيو، پڇا ڪرڻ تي خبر پئي، ته اڄ تاريخ تي ويو هو سو ٽڪجي آيو آهي ۽ ٺيڪ ڪونهي ان ڪري ڪمري کان ٻاهر نه نڪتو آهي. آئون دائود خان وٽ سندس ڪمري ۾ ويس ۽ اڌ ڪلاڪ کن ڪچهري ڪيم. سائس گڏ رهندڙ ٻه ماڻهو نوان آيل هئا. محمد رفيق ۽ هڪ ٻيو همراهه، ٻئي حيدرآباد جي حنيف بلدر تي نيب جي ڪيس ۾ آيل آهن. ان ئي ڪيس ۾ ٽيون ماڻهو ٻه هو، پر ان کي حنيف مٿان واعده معاف گواه (Approver) ڪري بيهاريو ويو آهي. جنهن سبب ڪيس سندس ڦليٽ ۾ ئي نظربند ڪري رکيو ويو آهي.

هونئن ٻه اسان جي ملڪ ۾ حڪومت وٽ واعده معاف گواه کي خاص مقام حاصل رهيو آهي. جيئن جنرل ضياءالحق جي وقت ۾ احمد رضا قصوري جي ڪيس ۾ مسعود محمود کي ذوالفقار علي ڀٽو جي خلاف واعدي معاف گواه ڪري بيهاريو ويو. تازو مثال ميان نواز

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شريف جي خلاف نام نهاد ”طياره سازش ڪيس“ جو آهي، جنهن ۾ ڊي جي سول ايوئيشن چوڌري امين کي ميان صاحب جي خلاف سرڪاري شاهد ڪري بيهاريو ويو، جنهن جي بدلي ۾ ڪيس رهائي ڏني وئي. اي ٽي سي (A.T.C) جي جج رحمت حسين جعفري جي عدالت ۾ ان وقت ڏاڍي دلچسپ صورتحال پيدا ٿي ويندي هئي، جڏهن ڪيس هلڻ دوران ميان صاحب جو وڪيل اعجاز حسين بٽالوي چوڌري امين جو ذڪر ڪندي يا ان سان مخاطب ٿيندي ”چوڌري امين“ بجاءِ ”چوڌري اَ مين“ (Chaudhry a mean) ڪري سڏيندو هو.

رات جو ساڍي ڏهين وڳي اسان جو وارڊ بند ٿيو. يارهين وڳي ماني کاڌيسين. رات جي ماني آئون، ستار ڏيرو ۽ وريام فقير گڏجي کائيندا آهيون. ڏيري جي ماني به شام جو گهران ايندي آهي. ذڪريا غني رمضان شريف جي ڪري جلدي ماني کائيندو آهي. هو افطاريءَ کان پوءِ نماز پڙهي هڪدم ماني کائيندو آهي.

11/12/2001

اڄ اسپتال وڃڻو هو. ذڪريا غنيءَ کي به هلڻو هو. به دفعا ماڙيءَ تان پرچي ۽ ماڻهو اچي چڪو هو ته گارڊ ۽ گاڏي اچي ويا آهن. ماڙيءَ تي آياسين ته عثمان فاروقي به انتظار ڪري رهيو هو. اسان يارهين وڳي سول اسپتال پهتاسين جتي شاهنواز آيل هو. اسان فزيوٿراپي کان فارغ ٿي مٿي اچي ويٺاسين. اُتي اسلم ۽ علي به آيا. اسلم وارا ادائي وڳي تائين اسان سان گڏ رهيا. ساڻن خميسو ڊرائيور به گڏ هو. يوسف ڪابورو به ملڻ لاءِ آيو. جيڪو پڻ ڪافي دير ويٺو رهيو. شهمير ڊرائيور ۽ انور ڦلپوٽو ملڻ لاءِ آيل هئا.

5-15 وڳي اسان اسپتال تان نڪتاسين. شاهنواز به پوليس جي گاڏيءَ ۾ مون سان گڏجي ويٺو. 9-00 وڳي رات جو ڊاڪٽر امبرت آيو، جنهن سان گڏ جيلر مختيار به هو. ڊاڪٽر وريام فقير جو بلڊ پريشر چيڪ ڪيو، پوءِ مون ۽ مختيار به بلڊ پريشر چيڪ ڪرايو. منهنجو بلڊ پريشر هميشه نارمل رهندو آهي. وريام فقير کي گردن جي تڪليف آهي جنهن سبب سندس رت جو دباءُ هميشه وڌيل رهندو آهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ گهٽو ڪري روز ٻي ڏينهن سندس بلڊ پريشر چيڪ ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر کي گهرائيندا آهيون. اڄ ستار ڏيرو خان محمد سان گڏ 17 واردِ تي ويل هو. گورنر جي پروگرام کان اڳ آءِ- جي جيل قيدين لاءِ هڪ ريفارمز ڪميٽي جوڙي هئي، جيڪا قيدين تي ئي مشتمل آهي. جنهن ۾ خان محمد، ستار ڏيرو، عثمان فاروقي، رميش اديسي ۽ رئوف قادري شامل آهن.

هونئن به هن همراهن جون گڏجاڻيون ٿينديون رهنديون آهن، ڪڏهن ان سلسلي ۾ ڪم ڪار به هوندو اٿن، نه ته ويٺا ڊگهيون ڪچهريون ڪندا آهن. هن ڪميٽي جي ڪا قانوني شڪل ڪونهي، پر آءِ- جي، جي ذاتي ۽ زباني هدايتن تي هي ڪميٽي ڪم ڪري رهي آهي. تازو گورنر جي جيل جي دوري ۾ ڪيل اعلان ۽ هاءِ ڪورٽ جي ڏنل فيصلي جي سلسلي ۾ به هي آءِ- جي ذريعي ڪوشش ڪري رهيا آهن. ته انهن تي جلد عمل ٿئي. جيڪڏهن واقعي انهن تي عمل ٿي ٿو وڃي ته سڄي سنڌ جي قيدين جو گهٽو پلو ٿي پوندو.

ڏنڊ جي سزا ۾ معافيءَ جو لڳڻ ۽ هڪ کان وڌيڪ ڪيسن جي صورت ۾ سيني سزائن جو گرفتاريءَ جي تاريخ کان گڏ شروع ٿيڻ، هتي جا به وڏا مسئلا آهن. پهريون ته گورنر جي اعلان موجب حل ٿي ويو آهي ۽ چون ٿا ته ان جو نوٽيفڪيشن به پهچي چڪو آهي. جڏهن ته ٻئي تي حڪومت کي ڪورٽ جي هدايتن تي عمل ڪرڻو آهي. انهن ٻنهي تي عمل ٿيڻ جي صورت ۾ ڪيترائي قيدي آزاد ٿيندا. ان ۾ ستار ڏيرو به آزاد ٿيندو، جنهن کي ٻن ڪيسن ۾ نو- نو سال سزا آيل آهي. معافين جي صورت ۾ ان جي سزا هن ئي مهيني ۾ پوري ٿي ويندي. سو ڏيرو اڄ ڪلهه سڄو ڏينهن ان هڻ وٽ ۾ لڳو پيو آهي.

اڄ به مون ۽ وريام فقير ڪيس چيو ته هاڻي آخري ڏينهن گذارڻ توهان لاءِ ڏکيا ٿي پيا آهن. اڄ ٻارهين وڳي ماني کاڌيسين، ته به انهن ئي مسئلن تي احوال ٻڌائي رهيو هو، ته ڪهڙي معاملي ۾ ڪيتري پيش رفت ٿي آهي. سندس چوڻ ۽ ڳالهين مان ائين لڳي رهيو آهي، جڻ همراه اصل ٻاهر نڪتو ويٺو هجي.

اسان جي ڪچهرين ۾ ڀوڳ مذاق ۾ ڪڏهن ڪي همراه اهي به

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تبصرا ڪندا آهن ته ”هيءَ ڪميٽي، جيڪي ايريون سيريون سهوليتون ۽ معافيون ملن ٿيون اهي به بند ڪرائيندي.“ هن قسم جون ڳالهيون انڪري به پيدا ٿين ٿيون جو جڏهن گورنر محمد ميان سومرو جيل جو دورو ڪيو، ته ان جي استقبالي ڪميٽي ۾ سڀ نيب جا سزا يافته قيدي هئا، انهن جي نالن کي ڪن اخبارن نمايان طرح شايع ڪيو. انهيءَ جو نوٽيس نيب اختيارين ضرور ورتو هوندو. نيب پنهنجي قيدين جو نه رڳو ايم پي اي هاسٽل ۾ قائم سندس ٽائي تي ”خاص خيال“ رکندي آهي، پر جيل ۾ به انهيءَ جا قيدي سندس مسلسل نظرداري ۽ چوڪسي کان بچيل نه آهن. ڪنهن کي رهڻ لاءِ ڪهڙي جاءِ مليل آهي، ڪهڙيون سهوليتون حاصل آهن يا ڪير ڪڏهن ۽ ڪهڙي اسپتال ٿو وڃي ـ اهو سڀ هنن جي معلومات ۾ هوندو آهي ۽ انهيءَ تي هنن جو چيڪ به آهي. قطع نظر ته ڪچا قيدي هجن يا سزايافته. ڪي به هنن جي ”پرگهور“ کان بچيل نه آهن.

12/12/2001

11-30 وڳي ماڙيءَ تي ويس ته عبدالحميد ۽ ثناءالله ملاقات لاءِ آيل هئا. ڪلاڪ کان پوءِ پنهنجي وارڊ تي آيس. ڏيڍ وڳي وري پرچي آئي، ماڙيءَ تي فيملي ملاقات جي لاءِ آيل هئي. 3-30 وڳي پنهنجي وارڊ تي موٽي آيس ۽ سمهي رهيس. 4-30 وڳي ڊاڪٽر امبرت آيو، جنهن لاءِ مون کي برداشتي اچي اٿاريو. ڊاڪٽر دوائون ڏيڻ لاءِ آيو هو. شام جو الهڏنو ڏاهري جي افطاري جي دعوت هئي. سڀ ان ۾ گڏجي وياسين. جيل ۾ رمضان جي ڪري اڪثر افطار پارٽيون ٿينديون رهن ٿيون. هتي جون افطار پارٽيون به اهڙيون آهن، جهڙيون ٻاهر واريون. ڪائڻ پيئڻ جون شيون اُهي ئي هونديون آهن. پڪوڙا، چولا، ڪجور، فروٽ چاٽ، ڏهي بڙا، ڪير، ڪباب، چڪن بروسٽ وغيره وغيره.

ڪائڻ پيئڻ جون جيتريون مختلف شيون مهيا هونديون آهن، ان ۾ اهو محسوس نه ٿيندو آهي ته ڪو جيل جي اندر افطار پارٽي ٿي رهي آهي. پر اندر ۽ ٻاهر وارين افطار پارٽين ۾ فرق اهو هوندو آهي جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻاهر هر افطار پارٽيءَ ۾ ڪجھ ماڻھو ڇڏي باقي نون ماڻھن سان ملاقات ٿيندي آهي ۽ هتي هر روز اُهي ساڳيا ئي چهرا هوندا آهن. تقريباً ساڳيون ئي ڳالهيون، ساڳيا موضوع ۽ بحث، تاريخون ۽ شنوايون، ضمانتون، ميڊيڪل گرائونڊ تي ضمانتون، اپيلون، 265K، شاهديون، گواهيون، وڪيل، ڪورٽن جا فيصلا، معافيون، ڏنڊ جي سزا ۾ معافيون، پئرول ۽ وغيره وغيره عام طرح ڳالھ ٻولھ جو موضوع هوندا آهن. ڪڏهن ڀوڳ، چرچا، سياست، حڪومتون ۽ ٻين روز مره جي مسئلن تي به ڳالھ ٻولھ ٿيندي رهندي آهي.

13/12/2001

اڄ صبح جو 10-00 وڳي پرچي آئي ويس. ته مٿي ملاقات هال ۾ شهربانو، زينب، غزل ۽ بچل آيل هئا. جيڪي اڌ ڪلاڪ کان پوءِ روانا ٿيا. آئون ماڙيءَ تي ئي هوس. ته جبار ٻڌايو ته خليل توهان سان ملڻ لاءِ آيل آهي. مون چيو ته سڏي مٿي ويهاريوس. ڪجھ دير کان پوءِ آئون مٿي ويس ته ڊاڪٽر خليل ۽ مجيد مانجهند ويٺا هُئا. انهن سان ڪچهري هلي پي ته اقبال عنايت آيو. اقبال سان حال احوال ڪري ان کي روانو ڪيم. ڪجھ وقت کان پوءِ ڊاڪٽر خليل ۽ مجيد مانجهند به روانا ٿيا. آئون ٽين وڳي پنهنجي واردِ تي موٽي آيس. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ وري شبير سومرو آيو، جنهن چيو ته توهان کي سپرنٽينڊنٽ ياد پيو ڪري. آفيس ۾ سپرنٽينڊنٽ ۽ امان الله نيازي سان ملاقات ٿي. پنجين وڳي واپس واردِ تي آيس.

اڄ جماعت اسلامي جي لياقت بلوچ کي سندس نظربندي ختم ڪري آزاد ڪيو ويو هو. اڄ اسان وٽ ٻہ افطار پارٽيون هيون، هڪ 16 واردِ ۾ عبدالقادر توڪل پاران، ٻي 19 واردِ ۾ ايم ڪيو ايم (حقيقي) جي پاران. افطاري جي وقت آئون، ستار ڏيرو ۽ ذڪريا غني گڏجي پهرين 19 واردِ ۾ ايم ڪيو ايم وارن جي دعوت تي وياسين. جيل جي هي پهرين افطاري هئي، جنهن ۾ باقائدي ڪاردِ چپائي دعوت ڏني وئي هئي. قيدين جي شرڪت به گهٽي هئي، هن شايد پنهنجي ڪارڪنن کان علاوه ڪافي عام قيدين کي به گهرايو هو. اسان افطاري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪري اختر ۽ نعيم کان اجازت ورتي.

آئون، ڊپٽي سپرينٽينڊنٽ امان الله نيازي، ڊپٽي قاضي نظير، جيلر محمد عثمان، وريام فقير، ستار ڏيرو، جبار، چيف واردر حڪم داد ۽ ڪجھ ٻيا همراه گڏجي 16 وارڊ ۾ توڪل وٽ آياسين، جتي اڌ ڪلاڪ ويهي ڪائڻ پيئڻ جي رسم پوري ڪري اجازت ورتي. آئون ذڪريا غني ۽ وريام فقير وراندي ۾ وينا هئاسين، تہ 30-9 وڳي خان محمد ۽ ستار ڏيرو گڏجي آيا. ٻڌايائون تہ هاڻي خبرنامي ۾ آيو آهي، تہ پريزيڊنٽ سپني قاسي وارن قيدين جي سزا کي عمر قيد ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اسان ٽي وي تي خبرنامو لڳايو جنهن ۾ آخري اهم خبرون هلي رهيون هيون، پر ان ۾ اها خبر نہ ٻڌايائون.

14/12/2001

صبح جو سادي ڏهين وڳي پرچي آئي. ماڙي تي شاهنواز ملاقات لاءِ آيل هو. شاهنواز سان حال احوال ڪري ان کي ڪجھ ڪم سمجهائي واپس وارڊ تي آيس. سادي ٻارهين وڳي وري پرچي آئي، گهر وارا ملاقات لاءِ آيل هئا. آئون مٿي ملاقات روم ۾ ئي هوس تہ 00-2 وڳي اسلم ۽ علي آيا، ساڻن گڏ بلاول خاصخيلي بہ هو. 00-3 وڳي اسلم وارا ويام انهن کي وري موتي اچڻو هو. سادي ٽي وڳي ماڻهو آيو تہ ڊپٽي نيازي گهرايو آهي. آئون اتي ئي هيس تہ اسلم ۽ سيٺ ڏرم آيا. ڏرم اڌ ڪلاڪ کان پوءِ اجازت ورتي ۽ اسلم اڃا اتي ئي ويٺو هو. اسلم ٻڌايو تہ حيدرآباد جيل وارن همراهن جي ضمانت منظور ٿي وئي آهي. سپاٽي ضمانت جا ڪاغذ جمع ٿيندا، جيڪڏهن اهي سپاٽي ئي قبول ٿيا تہ همراه آزاد ٿي ويندا، نہ تہ عيد کان پوءِ آزاد ٿيندا. اهو بہ ٻڌايائين، تہ ڏاڏا احمد کي ننڍڙي ڄائي آهي.

اسلم ان ڏينهن ستين وڳي تائين ماڙيءَ تي رهيو جو ٻي ڏينهن منهنجو اسپتال جو پروگرام هو ۽ جيل وارن کي ڪورٽ پوليس جي لاءِ فردي موڪلڻي هئي. هونئن تہ انتظاميا وارا فرديون جيل تي ڪستڊي ڇڏيندڙ ڪورٽ پوليس هٿ ئي موڪليندا آهن پر هينئر دير ٿي چڪي هئي ۽ ڪستڊي جيڪا اچڻي هئي، سا اچي چڪي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئي. هونئن به اڄ رمضان شريف جو جمعة الوداع هو جنهنڪري آفيس جلدي بند ٿي چڪي هئي ۽ آفيس جو عملو به تقريباً وڃي چڪو هو. ان سبب فردي هٿوهٿ ئي وڃي ٿي سگهي. افطاريءَ کان پوءِ جيلر رزاق عباسي آيو. جنهن فردي ڪڍي ڏني ۽ اسلم اها کڻي ويو.

حيدرآباد جيل وارن همراهن کي لڳ پڳ سال ٿي ويو هو. اسماعيل مهيري، حاجي مصطفيٰ نظاماڻي، جام شاهاڻي، الهه رکيو مهيري، قاسم راهو، قمبر نوهاڻي ۽ مجيد مهيري جنوري 2001ع ۾ گرفتا ٿيا هئا. انهن ۾ ڪجهه همراه پوليس ڇاپا هڻي گرفتار ڪيا ۽ ڪجهه پاڻ پيش ٿيا هئا. اسماعيل مهيري پوليس ڇاپن دوران گرفتار ڪونه ٿيو هو. ڇاڇي حاجي مهيري ڪيس حڪم ڪيو هو، ته تون وڃي پيش ٿي. اسين فاضل جا ساٿي آهيون، فاضل جا ساٿي پڇندا ڪونهن، اُهي مڙس ٿي منهن ڏيندا آهن. سو اسماعيل کي گهران ڪڍي ٿاڻي تي موڪليائين ته وڃي گرفتاري ڏي.

اهي سڀ همراه جنوريءَ ۾ تيل ڪمپني ۽ پوليس سان ٿيل ڦڏي ۾ داخل مختلف ڪيسن جي نتيجي ۾ اندر هئا. ان ڦڏي جي شروعات سروي ڪمپني جي نون ڏهن بيٽرين جي چوريءَ سان ٿي، جيڪي ڊسمبر جي مهيني ۾ تعلقه ايس ايف راهو (گولاڙچي) جي مختلف علائقن مان چوري ٿيون. ڊسمبر جي مهيني ۾ انهن بيٽرين جي ايف آءِ آر به ڪٽرائي وئي. گذريل ويهن سالن کان يونين ٽيڪساس ڪمپني (UTP) ۽ انهن جي پيٽي ڪانٽريڪٽرن (ٺيڪيدارن) سان مقامي ماڻهن جا زمين جي معاوضي، فصل جي معاوضي ۽ ملازم رکڻ جي معاملي تي جهڳڙا، ڦڏا ۽ احتجاج هلندا رهن ٿا. انهن ۾ ڪمپني ڪڏهن به مقامي ماڻهن جي خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي حد تائين اڳتي نه وڌي هئي.

سروي ڪمپني طرفان ڊسمبر 2000ع ۾ چوري ٿيل ڪجهه بيٽرين جي ايف آءِ آر ته داخل ڪرائي وئي، پر چون ٿا ته ان کان پوءِ هيستائين سروي وارن جون 90 بيٽريون چوري ٿي چڪيون آهن. پر انهن لاءِ ڪوبه ڪيس داخل نه ڪيو ويو آهي. ڪجهه سروي ڪمپني جي آفيسرن ۽ ڪجهه ٺوڪل پوليس آفيسرن هن مسئلي کي وڌائي وڻ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيو، جنهن ۾ ٻہ ڪيس ٻيا ٻہ داخل ڪيا ويا. انهن مان هڪ اينٽي ٽيررسٽ ڪورٽ حيدرآباد ۾ چالان ڪيو ويو. اهو ڪيس ڪنهن ٻہ صورت ۾ اي ٽي سي جي شيڊول ۾ نٿي آيو. ان ۾ نہ تہ ڪنهن پوليس واري تي حملو ٿيو هو ۽ نہ ئي ڪو زخمي ٿيو هو. ڪا ڪلاشنڪوف، رائفل، بندوق ۽ پستول وغيره تہ نہ هيو، پر ڪنهن ماڻهو وٽ ڪا لٺ ڪهاڙي ٻہ ڪونہ هئي ۽ نہ ئي ان جو استعمال ٿيو.

اسلم کي، انتظاميا ۽ پوليس ڳالهين ڪرڻ جي لاءِ ڪڙيو گنهور ٽاٽي تي وٺي آيا. اها خبر پڌي ڪڙيو شهر ۽ ڀرپاسي جا هزار کن ماڻهو ٽاٽي تي گڏ ٿي ويا، جن کي ڏسي پوليس بتال ٿي وئي ۽ چيو تہ اسان اسلم راهو کي گرفتار ئي نہ ڪيو آهي. پوليس ٽاٽو ڇڏي پاسيري ٿي وئي ۽ ماڻهو اسلم کي وٺي ڳوٺ هليا ويا.

ان کي حڪومت پنهنجي انا جو مسئلو بنائي ڪيس داخل ڪيا ۽ راهوڪي، ڪڙيوگهنور ۽ آسپاس جي ڳوٺن تي پوليس چڙهائي ڪئي. جنهن ۾ حاجي مصطفيٰ، اسماعيل مهيري، الهرڪيو مهيري، قمبر نوهاڻي، قاسم راهو، مجيد مهيري ۽ جام شاهاڻي گرفتار ٿيا. باقي اسلم، چاچا پوڙهو، سليم، عبدالله، گل محمد ۽ ڊاڪٽرخليل سميت ڪيترائي همراه چار مهينا روپوش رهيا. اهو سڀ ان ئي سلسلي جي ڪڙي هو جنهن تحت منهنجي خلاف نيب جي انڪوائري شروع ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ آئون اڳيئي روپوش هوس، مطلب هو اسانکي تنگ ڪري سوڙهو ڪرڻ.

يونين ٽيڪساس کي بدين ضلعي ۾ تيل جي ڳولا ۽ پيداوار جي ڪم کي شروع ڪئي ويہ سالن کان مٿي جو عرصو ٿي چڪو آهي. سندن شروعاتي ڪم خاصخيلي آئل فيلڊ کان شروع ٿيو. تيل ڪمپني جو ڪم اجا ابتدائي مرحلن ۾ ئي هو تہ شهيد فاضل 1981ع جي آخر ۾ ٻہ سال قيد ڪاٽڻ کان پوءِ ٻاهر نڪتو. ان وقت ڪمپنيءَ جو گهڻو ڪم تعلقي گولاڙچي ۾ ئي هلي رهيو هو. ان وقت سروي وارن جو اهو عام طريقہ ڪار هوندو هو تہ جنهن ٻہ زمين مان سروي جي لائين گذرندي هئي تہ زمين جي مالڪ کان پڇندا ٻہ ڪونہ هئا. پنهنجي مرضيءَ سان جتان ايندو هون، اُتان پيل ڪري هليا ويندا هئا. زميندار کي فصل جي نقصان جو ڪوبہ معاوضو نہ ڏنو ويندو هو ۽ جيڪڏهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪنهن زور يا دباءُ يا اثررسوخ جي ڪري ڪنهن کي ڏنو ۽ ويندو هو ته اهو مڙئي نالي ماتر هوندو هو. زمينون جيڪي ڪمپنيءَ جي مستقل استعمال ۾ آيون ٿي، انهن جي ۽ زميندار سان ڪابه اڳواٽ اگريمينٽ نه ڪئي ويندي هئي.

ڪمپني جتي چاهيندي هئي اتي پنهنجو ديرو جمائي ويهي رهندي هئي. زمين جو مالڪ انهن جي پويان معاوضي لاءِ پيو ڏڪا ڪائيندو هو ۽ مجبور ٿي زميندار ڪمپنيءَ جي شرطن شروطن تي پڳڙن مٿ جيترو معاضو قبول ڪرڻ تي راضي ٿيندو هو. مقامي ماڻهو کي ڪنهن به ملازمت يا نوڪريءَ تي نه رکيو ويندو هو. ان ۾ ڪنهن به ماڻهوءَ کي ڪمپنيءَ سان مهاڏي اٽڪائڻ جي همت نه ٿيندي هئي. هڪ ته آمريڪا بادشاه جي ڪمپني، ٻيو جنرل ضياء جي فوجي راج جو ڏهڪاءُ مٿان وري مقامي انتظاميه ڪمپنيءَ وارن جي اشاري تي اٿندي ويهندي هئي. ان ڪري سروي ۽ ڪمپنيءَ وارا ڏيه واسين سان بي خوف هر قسم جي من مستي ڪري رهيا هئا.

ان وقت شهيد فاضل جو آزاد ٿي ٻاهر اچڻ ڪمپنيءَ وارن جي آزادي ۽ من مستيءَ ۾ رڪاوٽ بنجي ويو. ان وقت شهيد فاضل جي پنهنجي زمين مان ته سروي وارن جو ڪٿي به گذر ڪونه ٿيو هو. پر جيڪي ماڻهو دانهين ٿي وٽس پهچي رهيا هئا، انهن ڪيس بي چين ڪري ڇڏيو. پاڻ ڪمپنيءَ جي اعليٰ عملدارن کي آگاهه ڪيائين ته "هيءَ داداگيري ۽ بدمعاشي هتي نه هلندي. جيڪڏهن توهان کي هتي ڪم ڪرڻو آهي، ته سروي وارن کي ڪنهن به زمين مان گذرڻ يا لائنون وچائڻ کان اڳ ۾ زمين جي مالڪ سان سڀ شرط ۽ معاوضو پهرين طئي ڪرڻو پوندو. ان سان اگريمينٽ ٿيڻ کانپوءِ ئي اوهان ڪم شروع ڪري سگهندا. ڪمپني ۽ سروي وارا سواءِ ان ٽيڪنيڪل اسٽاف جي جيڪو هتي دستياب نه هجي، باقي سڀ ڪم هتي جي مقامي ماڻهن کان وٺندا. ان سان گڏوگڏ ڪمپني تربيت جو اهڙو بندوبست ڪندي جو مقامي ماڻهن مان ئي ٽيڪنيشن ۽ هنرمند، پورهيت تيار ٿين. ته جيئن اڳتي هلي انهن جڳهين تي به مقامي ماڻهن جي پرتي ٿي سگهي. جيڪي زمينون ڪمپنيءَ جي مستقل استعمال ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ايندیون، انهن جو ساليانو مقاطعو کاتيدارن جي مرضيءَ سان طئي ڪري پوءِ ڪمپني پنهنجو ڪم شروع ڪندي ۽ جنهن زمين مان تيل نڪرندو، ان جي مالڪ کي رائلٽي ڏني ويندي.“

پهريائين ته ڪمپنيءَ وارن انهن ڳالهين طرف ڪوبه توجه نه ڏنو، هُنن پنهنجو ڪم ائين ساڳئي طريقي سان هلائڻ چاهيو ٿي. شهيد فاضل ماڻهن کي همت ڏيارڻ شروع ڪئي. ماڻهو پنهنجا جائز حق وٺڻ جي لاءِ آمريڪن تيل ڪمپنيءَ جي سروي ڪمپنين ۽ مقامي انتظاميا جي سامهون مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ تيار ٿي ويا. شهيد فاضل جي ٻين خوبين مان هڪ اها هئي ته هو نه رڳو پاڻ دنيا جي ڪنهن به طاقت سان ٽڪرائڻ جي همٿ ۽ حوصلو رکندو هو، پر هو غيرسياسي، عام، مسڪين، اٻوجهه ۽ سادن ماڻهن ۾ به اها جرئت ۽ همت پيدا ڪري ڇڏيندو هو، جو هو ڪهن به طاقت سان ٽڪر کائڻ جي لاءِ ميدان تي بيهي ويندا هئا.

شهيد فاضل ڪمپنيءَ کي اهو مڃرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ته جيڪڏهن هو ڪاميابيءَ سان تيل جي ڳولا ۽ پيداوار حاصل ڪرڻ چاهين ٿا ته اهو هتي جي آبادگارن ۽ عام ماڻهن جي تعاون کان سواءِ ناممڪن ٿيندو. هو هتي جي ماڻهن کي پنهنجو دشمن نه پر دوست ۽ مددگار سمجهن ۽ انهن جي جائز گهرجن جو خيال رکن، ته انهن جو ڪم آسان ۽ وڌيڪ بهتر نموني سان ٿي سگهندو. جيڪڏهن هتي جي ماڻهن کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي يعني زمينن جي معاوضي، مقاطعي يا مقامي ماڻهن کي نوڪرين ذريعي روزگار ڏيڻ جي صورت ۾ هنن کي اهو به احساس ڏياريو وڃي ته هو ڪمپنيءَ جي ڪم ۾ ڀاڱي ڀائيوار ۽ حصيدار آهن ته هو پاڻ ڪمپني جي حفاظت ڪندا ۽ ان کي پنهنجي روزگار جو وسيلو سمجهندا.

شهيد فاضل راهو مقامي عوام جي ساٿ سان تيل ڪمپني جي من مستين ۽ مقامي ماڻهن کي سندن جائز حق نه ڏيڻ خلاف عملي جدوجهد ڪئي. شهيد فاضل جي ڪوشش جي نتيجي ۾ ئي تيل ڪمپني ۽ مقامي ماڻهن جي وچ ۾ معاملو طئي ٿيو جنهن ۾ تيل ڪمپني رائلٽي کان سواءِ مٿيون سڀ ڳالهيون قبول ڪيون. شهيد فاضل اهو به سمجهيو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿي ته تيل جي پيداوار بدين ضلعي جهڙي پوئتي پيل علائقي ۾ معاشي سرگرميءَ جو سبب بنجندي. زمينون جيڪي تيل ڪمپني جي استعمال ۾ ايندیون، انهن جو ساليانو مقاطعو جيڪو ڪمپني ادا ڪندي. اهو ساليانی فصل جي اپت کان ڪيترائي دفعا وڌيڪ ٿي سگهي ٿو يا زمين جو معاوضو به ماڻهن کي مارڪيٽ جي قيمت کان وڌيڪ ملي سگهي ٿو. مقامي ماڻهو روزگار سان لڳندا ۽ ڪمپنيءَ جي ڪم سبب روڊ رستا ٺهندا جنهن سبب ڳوٺن ۽ شهرن جي وچ ۾ ڳانڍاپو ٿيندو.

انهيءَ سبب شهيد فاضل اهو به نٿي چاهيو ته تيل ڪمپني کي ايترو دباءَ ۾ آندو وڃي جو اهي ماڳهين هتان پنهنجا ٽيڙ ويڙهي هليا وڃن يا ويڙهه ان حد تائين به نه وڌي وڃي جو انتظاميا کي اهڙا سخت قدم کڻي جو مقامي ماڻهو دل برداشته ٿي ألٽو مايوسيءَ ۾ هليا وڃن ۽ خاموش ٿي ويهي رهن.

شهيد فاضل جيئن هميشه اهڙين ننڍين مقامي ليول جي تحريڪن ۽ مسئلن ۾ پنهنجي خداداد صلاحيت ۽ پرپور ڪردار جي ذريعي فيصلو عوامي مفادن جي حق ۾ ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويندو هو، ائين تيل ڪمپني سان ٿيل انهن فيصلن ۾ به مقامي ماڻهن جو پاسو ڳرو رهيو. باقي رائلٽيءَ جو مسئلو وفاقي حڪومت سان تعلق رکندڙ هوءِ جنهن فيصلي ڪرڻ جو اختيار نه ڪمپنيءَ کي هو، نه ئي مقامي انتظاميا کي.

شهيد فاضل جي ڪوشش جي نتيجي ۾ ڪمپني سڌوسنئون به مقامي ماڻهن کي ملازم رکڻ شروع ڪيو. ڪمپني پنهنجي سڌو سنئون رکيل ملازمن کي جيڪو پگهار ڏئي رهي هئي اهو وڌيڪ هو پر جيڪي ٺيڪيدارن جي ذريعي مزدور يا چوڪيدار وغيره ڪم ڪري رهيا هئا، انهن جو پگهار ان وقت به ادائي هزار روپين جي لڳ پڳ هو. زمين جو ساليانو مقاطعو اٺ کان ڏهه هزار روپين تائين ادا ڪيو ويندو هو. جيڪو 1980ع جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ بدين ضلعي جي پوئتي پيل ۽ ڪلراني زمين جي لاءِ تمام گهڻو هو. ان وقت ڪمند جو اگهه نو روپيه في من هو. اهو به شوگر مل تي پهتي. پاڙي ۽ ڪٽائي وغيره جو خرچ ڪڍي آبادگار کي چهه روپيا من بچي رهيو هو. ان وقت آمريڪي ڊالر پاڪستاني ڏهن يا رهن روپين جي برابر هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مطلب تہ ان وقت تيرهن چوڏهن سئو مڻ ڪمند جي اپت يا اَٽ ۽ نَو سؤ ڊالرن جي قيمت برابر في ايڪڙ ساليانو مقاطعو تيل ڪمپنيءَ کان آبادگارن کي ملڻ شروع ٿيو جيڪو اڄ جي حساب سان تقريباً پنجاهه پنجوڌاهه هزار روپين جي برابر ٿئي ٿو. ان کان پوءِ اسي ۽ نوي جي ڏهاڪن ۾ جيترو تيزيءَ سان مهانگائي عام ٿي آهي ۽ رپئي جي قدر ۾ تمام گهڻي گهٽتائي ٿي آهي ان تناسب سان ڪمپنيءَ طرفان نہ تہ پگهار وڌايا ويا، نہ زمين جا معاوضا وڌايا ويا ۽ نہ ئي زمين جي ساليانی مقاطعي جي قيمت ۾ ڪو خاص اضافو ڪيو ويو آهي. ٿورو اضافو تہ سيني شين ۾ ٿيو، پر اهو هن ڳاڻي ٽوڙ مهنگائي جي نسبت ڪابہ حيثيت نہ ٿو رکي.

شهيد فاضل ايم آر ڊي تحريڪ شروع ٿيڻ تائين جيترو عرصو ٻاهر رهيو، ان وچ ۾ ڪمپني، سروي ڪمپنيون ۽ انهن جا پيٽي ٺيڪيدار، ملازم، مزدور ۽ زميندارن جي وچ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن معاملي تي مسئلا پيدا ٿيندا رهندا هئا ۽ شهيد انهن معاملن کي سلجهائڻ ۾ پنهنجو پرپور ڪردار ادا ڪندو رهندو هو.

15/12/2001

اڄ صبح جو اسپتال وڃڻو هو. ستار ڏيرو بہ اسپتال هلڻو هو. ان جي پرچي آئي، پاڻ ويو ۽ مون کي چيائين تہ آئون اسپتال پهچي توهان جي گارڊ لاءِ فون ڪيان ٿو تہ اچي. ٿوري دير ۾ منهنجي پرچي آئي، ماڙيءَ تي ويس تہ ستار ڏيرو ۽ اي ايس آءِ صداقت ويٺا هئا. ستار ڏيري چيو، ”توهان جو گارڊ تہ پهتل آهي، پر گاڏي فاروقي ۽ ٻين کي اسپتال ڇڏڻ وئي آهي. آئون ويهي رهيس تہ پاڻ گڏجي هلنداسين.“ سادي يارهين وڳي گاڏي آئي، اسين نڪتاسين. پهرين ڏيري کي سائوٽ سٽي هاسپيٽل لاٿوسين، ان کي اڄ اُتي داخل ٿيڻو هو. آئون تقريباً هڪ وڳي اسپتال پهتس. شاهنواز اَيل هو.

پهرين اسان پي سي او تان ڪجهہ فون ڪال ڪيون. اسپتال ۾ جيڪو منهنجو موبائل آيو هو، ان ۾ ڊائريڪٽ ڊائلنگ جي سهوليت ڪونہ هئي، جو اڄ ان جو ڪوڊ لاڳو ٿي ويو هو. اسان فزيو ٿراپي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪرائي حافظ وٽ آياسين. گهروارا بہ اسپتال ۾ آيا. ان ڏينهن اسپتال مان روزي افطار ٿيڻ کان پوءِ ستين وڳي نڪتاسين. جيل پهتاسين تہ ماڙيءَ کان اندر ايندي ئي خان محمد مليو، جنهن ٻڌايو تہ هن عيد جون جيڪي معافيون آيون آهن. اهي نيب جي جوابدارن کي نہ لڳنديون، صدر کان جيڪا سال جي معافي آئي آهي، اها بہ نيب جي قيدين کي نہ ملندي.

آئون پنهنجي وارڊ تي آيس تہ اُتي بہ اها معافي ڪنجڙ جي ڳالهہ هلي رهي هئي. مون هٿ منهن ڌوتو تہ ايتري دير ۾ سيٺ ڪشو ۽ راجو آيا. ڪشو اڄ ئي اسپتال مان واپس جيل پهتو هو. ڪجهہ دير اسان ويٺاسين. جنهن ڪانپوءِ ٻاهر نڪتاسين تہ ماڙيءَ وٽ خان محمد مليو. چيائين. ”هلون ڪاڪي وارن ڏي.“ اسان 17 وارڊ ۾ ڪشو وارن جي ڪمري تي وڃي ويٺاسين. خان محمد اُتي فاروقيءَ وارن جي ڪمري ۾ ويو. مون کي بہ اتي سڏايائون. ڪمري ۾ عثمان فاروقي، خان محمد مهر، چوڌري شريف، رميش اُديسي، ميان مُنير، عبدالله ڪلوڊي، وقار پڳانوالا ۽ ڪجهہ ٻيا همراه ويٺا هئا. اُتي ڪنهن ٻڌايو تہ عيد لاءِ گورنر جي معافي بہ نيب وارن جي لاءِ نہ آهي.

حڪومت ٻاران معافي ختم ڪرڻ واري فيصلي جي سلسلي ۾ سيئي همراه گڏ ٿيا تہ هاڻي ڇا ڪجي؟ ان سلسلي ۾ سيني جي راءِ اها ئي هئي تہ جيڪي ماڻهو معافي نہ ملڻ ۾ متاثر ٿيا آهن، انهن سيني کي گڏ ڪري هڪ ميٽنگ ڪجي، جنهن کان پوءِ گڏيل لائحہ عمل طئي ڪجي. نوين وڳي آئون ۽ خان محمد پنهنجن وارڊن ڏانهن آياسين.

هي پهريون دفعو هو جو ڪا اسپيشل رميشن (معافي) نيب وارن کي نہ ڏني وئي هئي. هن کان اڳ ۾ جيڪي بہ معافيون آيون هيون، اهي نيب جي جوابدارن کي مليون هيون. شروع ۾ معافيون غيرمشروط طور ڏنيون ويندڙيون هيون پر آهستي آهستي انهن ۾ شرط شامل ڪيا ويا. دهشتگردي، تخريبڪاري، ملڪ دشمن سرگرميون، زنا ۽ اغوا براءِ تاوان جي ڪيسن ۾ معافيون بند ڪيون ويون هيون. گذريل آگسٽ ۾ پهريون دفعو 302 يعني قتل جي ڪيسن ۾ معافي بند ڪئي وئي ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هاڻي ان ۾ نيب جو اضافو ڪيو ويو هو. نيب جي جوابدارن تي جيڪي ڏوهه مڙهيا ويا هئا، انهيءَ ۾ رشوت خوري، قرضن جي عدم ادائيگي ۽ ملڪيت ناهڻ جا الزام شامل آهن.

حڪومت جو عجيب تماشو اهو آهي ته انهن ساڳين ڏوهن ۾ ملوث ماڻهو جن جا ڪيس اينٽي ڪرپشن ڪورٽ، بئنڪنگ ڪورٽ ۽ ڪسٽم ڪورٽ ۾ هليا هوندا يا هلندڙ هوندا، اُهي انهن معافين جا حقدار هوندا. حالانڪ مٿين ڪورٽن ۾ به رشوت خوري بددياني، بئنڪ ڊفالٽ ۽ ٽيڪس چورائڻ جا ڪيس هلن ٿا. انهن ساڳين ڏوهن جا ڪيس نيب جي ڪورٽن ۾ به هلن ٿا پر حڪومت هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي تحت نيب جي متاثرين کي ان حق کان محروم رکيو آهي. پهريائين ته بي خياليءَ ۾ حڪومت ۽ نيب اختيارين جو ان طرف توجه نه ويو. هنوقت جن ماڻهن کي نيب جي قيد ۾ ٻن سالن جو عرصو اچي ٿيو آهي، اُهي انهن معافين جي صورت ۾ پنهنجي سزا ختم ڪرڻ تي اچي پهتا آهن. ڪي ته پنهنجي سزا پوري ڪري چڪا آهن ۽ ڏنڊ نه ڏيڻ جي صورت ۾ قيد ڪاٽي رهيا آهن. نيب ڪورٽن پاران ڏنڊ تمام ڳرا يعني ڪروڙن کان گهٽ ڪا ڳالهه نه آهي، جيڪي ماڻهن جي لاءِ ڀرڻ ناممڪن آهن. ڏنڊ نه ڀرڻ جي صورت ۾ سزائون به وڌيون رکيون ٿيون وڃن، عموماً ٻن کان وٺي پنجن سالن تائين جون سزائون ڏنيون ويون آهن.

سنڌ اندر ڏنڊ واري سزا ۾ ڪنهن به معافيءَ کي لاڳو نه ڪيو پيو وڃي، يعني اها سڪي سزا ڪاٽڻي هئي. جڏهن ته ملڪ جي ٻين صوبن ۾ ائين نه آهي. تازو گورنر پنهنجي جيل جي دوري دوران قيدين جو اهو مطالبو مڃي اعلان ڪيو، ته هتي به ٻين صوبن وانگر ڏنڊ جي سزا ۾ معافي لاڳو ٿيندي پر ان اعلان تي عمل درآمد اڃا رهيل آهي، ان جو ڇا ٿو ٿئي، اهو ايندڙ وقت ٻڌائيندو. هتي وڃڻ وقت گورنر جي اعلان ڪيل سنڌ جي هر قيديءَ لاءِ هڪ سال جي عام معافي کي به ڇهن مهينن جي عيد واري معافيءَ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي ۽ اها به شرطن شروطن سبب چوٿون حصو قيدين کي مشڪل سان ملي سگهندي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نيب اختيارين اهو سمجهندي ته متان سندن شڪار سندن مرضيءَ کان سواءِ پنهنجون سزائون ڪاٽي جلد آزاد ٿي ٻاهر نڪري وڃن. صدر پاڪستان ذريعي انهن معافين کي روڪايو. نيب وارن جي مرضي آهي ته ماڻهو پنهنجا مڙئي ٽپڙ وڪٽي سندن پوري ڪن يا پوري عمر جيل ۾ سڙندا رهن يا سياسي سوديبازي ڪن. معافي رڪجي وڃڻ واري خبر في الوقت نيب جي قيدين لاءِ ڪنهن زبردست ڌچڪي کان گهٽ نه هئي. خاص طرح انهن جي لاءِ جيڪي ذهني طرح پنهنجو پاڻ کي تيار ڪري چڪا آهن ته ڪابه ڊيل نه ڪرڻي آهي. پر سزائون ڪاٽي پوءِ نڪرڻو آهي يا هن وٽ ان کان سواءِ ٻيو ڪو آپشن به نه آهي يا معافين سبب جن جي سزا پوري ٿيڻ تي آهي ۽ هو پنهنجو پاڻ کي آزاديءَ جي قريب سمجهي رهيا آهن.

اڄ سيني واردن ۾ ان ئي ڳالهه تي بحث مباحثو ۽ ٽيڪاٽيڻي هلي رهي هئي. 10-30 وڳي رات جو اسان بند ٿياسين. ستار ڏيرو اسپتال کان واپس نه آيو هو. اڄ ڏينهن جو جڏهن آئون اسپتال ۾ هوس، ته مونکي فون تي ٻڌايو هئائين ته پاڻ اسپتال ۾ داخل ٿي ويو آهي. عيد کان پوءِ ايندو.

16/12/2001 Sunday

اڄ صبح سان ليٽر مليو. ته عيدالفطر جي پروگرام جي سلسلي ۾ 17 واردِ ۾ 00-2 وڳي ميٽنگ رکي وئي آهي. مون ذڪريا غني کي ٻڌايو ته اها ميٽنگ اصل ۾ معافيءَ جي مسئلي تي رکي وئي آهي. گهڻن دوستن جو اهو خيال هو، ته اسان وٽ هاڻي عدالت کان سواءِ ٻيو ڪوبه رستو نه بچيو آهي ۽ عدالتن مان رليف ملي سگهي ٿو. بهرحال ان ۾ ته ڪوبه شڪ نه آهي. ته عدالت ۾ وڃڻ اسان جو حق آهي. پر ان مان ڪيتري اميد رکي سگهجي ٿي. اها ٻي ڳالهه آهي. قيدين جي سزائن ۾ ڪمي يا معافي صدر يا گورنر جو ڪلي اختيار (Discretionary Power) آهي. هو ڪنهن کي معافي ڏيڻ چاهين ٿا يا نه. ان ۾ هو قانوني طرح بااختيار آهن. پر انساني ۽ اخلاقي طور تي اها ڪلي ناانصافي آهي ته هيروئن، آفيم ۽ چرس جي ڪاروبار ۾ ملوث ماڻهن کي ته

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

معافي ملي، جيڪي معاشري ۾ ڪينٽرن ئي برائين جي پيداوار جو ڪارڻ بنجن ٿا. ڦرون. ڏاڙا. اغوا ۽ ٻين سنگين قسم جي ڏوهن وارن ڪيسن ۾ ملوث جوابدارن کي معافي لڳي يا نيب جي ساڳئي نوعيت جي ڏوهن ۾ ٻين ڪورٽن مان سزا يافتہ قيدين کي اها رعايت ملي، پر فقط نيب جي متاثرين کي ان کان محروم رکجي. اهي معيار اتي ٿي سگهن ٿا جتي بنيادي انساني حقن جي اهميت هجي.

موجوده حڪومت وٽ ان قسم جو ڪوبہ معيار ۽ قدر نہ آهي، نہ ئي ان جي وفادار عدالتن مان اها اميد رکي سگهجي ٿي تہ ڪو اُهي صدر پاڪستان کي اها هدايت ڏيندیون تہ اهو پنهنجي حڪم ۾ تبديلي يا ترميم ڪري هن ناانصافيءَ جي تلافي ڪري. 30-2 وڳي اسان جي گڏجاڻي 17 وارڊ جي وراندي ۾ شروع ٿي جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي نيب جا متاثرين شامل هئا ۽ ڪجھ ٻين ڪيسن ۾ ملوث قيدي بہ هئا. گڏجاڻيءَ ۾ اهو فيصلو ٿيو تہ سڀ کان پهرين صدر کي اپيل موڪلجي، جنهن کان پوءِ اخبارن جي ذريعي اپيلن جي مهم هلائجي ۽ آخر ۾ عدالت سان رجوع ڪجي. ان سڄي ڪم جي لاءِ هڪ ڪميٽي ناهي وئي، جيڪا اپيلن جو مسودو ناهيندي، ڊرافٽنگ وغيره ڪندي ۽ انهن خرچن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ سيني متاثرين کان فنڊ گڏ ڪندي. چئين وڳي گڏجاڻي ختم ٿي، جنهن کان پوءِ آئون ڪجھ ٽائيم ڪشوءَ وارن جي ڪمري ۾ اچي ويٺس ۽ ساڻن ڪچهري ڪري واپس پنهنجي وارڊ تي آيس.

17/12/2001

اڄ عيد هئي. اسان کي صبح جو سوير اٿي نماز جي تياري ڪرڻي هئي. آئون اڃا سُتو پيو هئس تہ منهنجي ڪن تي خان محمد جو آواز پيو. خان محمد اسان جي ڪمري جي دروازي تي بيهي چيو، ”توهان کي نماز ڪانهي پڙهڻي ڇا؟ نماز جو وقت ٿي ويو اٿو.“ مون وقت ڏٺو، اَڻ ٿي رهيا هئا. وريام فقير اڃا ستل هو. مون ڪيس چيو، اسان تيار ٿي پهچون ٿا. ذڪريا غني پهرين تيار ٿيو ويٺو هو. اسان بہ تيار ٿي 30-8 وڳي ڪمپيوٽر سينٽر جي سامهون واري مسجد ۾ عيد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نماز پڙهڻ لاءِ پهچي وياسين. نماز پڙهڻ کان پوءِ اتي ئي هڪبئي کي عيد مبارڪ ڏيڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. نماز پڙهڻ کان پوءِ پنهنجي واردِ ڏانهن ايندي آئون ۽ فقير وريام پهرين خان محمد سان گڏجي 14 واردِ ۾ وياسون. جتي ڪجهه دير اسلام الدين ۽ خان محمد وٽ ويٺاسين، جنهن کان پوءِ پنهنجي واردِ تي آياسين. ته عيد ملڻ لاءِ آيل دوستن جو سلسلو شروع ٿي ويو. تقريباً 00-2 وڳي تائين هڪڙا دوست ويا ٿي، ته ٻيا آيا ٿي.

ڪشو ۽ راجو به عيد ملڻ لاءِ آيل هئا. انهن چيو ته ماني اسان وٽ هلي کائو. آئون ۽ وريام فقير سيٺ ڪشو جي ڪمري تي وياسين، جتي رميش اديسي به هو. اسان سيني گڏجي ماني کاڌي. 30-3 وڳي اسان پنهنجي واردِ تي آياسين ته ماڙيءَ تان ملاقات جي پرچي آئي. ويس ته ڊاڪٽر خليل، ادي شهناز ۽ انهن جا چار ئي ٻار ملاقات لاءِ آيل هئا. اديءَ وارا حيدرآباد کان سڌو جيل تي آيا هئا. ادي جڏهن به ملاقات تي ايندي آهي، ته مون کي ڏسي ڏکاري ٿي پوندي آهي، پر پوءِ هڪدم پنهنجو پاڻ کي سنبالي وٺندي آهي. اديءَ وارن سان آئون ڪچهري ڪري رهيو هئس ته جبار اچي ٻڌايو ته توهان جا ٻيا به ملاقاتي آيا آهن. مون کيس چيو ته انهن کي سڏيو ۽ هتي ويهڻ جي جڳهه ڪريو. عيد جي ڪري ملاقات تي رش تمام گهٽي هئي. بينچن تي ويهڻ جي جڳهه به نه هئي. عيد جي ڪري سي ڪلاس جي ڪافي قيدين جا مائٽ به ڪجهه پئسا خرچ ڪري ماڙي تي ملاقات ڪري رهيا هئا. هونئن ته 'C' ڪلاس جي قيدين کي ماڙيءَ ۾ ملاقات ڪرائڻ جو سلسلو هتي ڪافي وقت کان شروع ٿي چڪو هو. پر عيد جي ڪري اڄ اهو مزيئي سرس هو.

اڳ ۾ عام طرح عيدن تي جيلن ۾ ملاقاتون نه ٿينديون هيون. عيد جي موڪلن وارن ڏينهن ۾ جيل بند رهندو هو. فقط عيد جي ماني ۽ ٻيو سامان وغيره قيدين کي اندر پهچايو ويندو هو. عيد تي ملاقاتن وارو سلسلو ٻڌايو وڃي ٿو ته گذريل رمضان واري عيد کان شروع ٿيو آهي. گذريل رمضان ۽ حج واري عيد تي پوري سنڌ جي جيلن ۾ ٿي ٿي ڏينهن ملاقاتن جو سلسلو جاري رهيو. ٻڌايو ٻيو وڃي ته قيدين کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اها سهوليت ڏيارڻ ۾ آءِ- جي نثار مهر ۽ ڪراچي جيل جي اڳئين سپرنٽينڊنٽ جو ڪردار هو.

قاسم ميمڻ، عزيز ميمڻ، عثمان جلالاڻي، اقبال ڪوکر مٽي آيا. آئون اديءَ وارن کي روانو ڪري ساڻن اچي ويٺس. ڪجھ وقت تائين همراهن سان ڪچهري ۽ حال احوال ٿيا. جنهن کان پوءِ موڪلايائون. ستين وڳي خان محمد اسان جي وارڊ تي آيو. آئون، فقير ۽ ذڪريا ويٺل هئاسين. اڌ ڪلاڪ کن ساڻن ڪچهري ٿي. ايتري ۾ ڊاڪٽر امبرت آيو. ڊاڪٽر اسان وٽ هڪ نه ٻئي ڏينهن ضرور ايندو آهي، جو وريام فقير جو بلڊ پريشر چيڪ ڪرڻو هوندو اٿس.

9-00 وڳي واردن نذر لوهراڻي اسان کي بند ڪيو. اسان جو واردر شبير ڪلھ کان موڪل تي ڳوٺ ويو آهي. انهيءَ ڪري ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ايندو. نذر 16 وارڊ جو واردر آهي. شبير ۽ پاڻ موڪل جي صورت ۾ هڪ ٻئي جو بار کڻندا رهندا آهن. نذر تمام مانيٽو همراه آهي. اجوڪي عيد جيل جي اندر منهنجي پهرين عيد هئي.

18/12/2001

12-00 وڳي تيار ٿي 16 وارڊ ۾ ويس، هتي ڪلاڪ کن همراهن وٽ ويٺس. ان کان پوءِ 18 وارڊ ۾ شعيب بخاري سان ملڻ ويس، ساڻس موجوده سياسي صورتحال تي سُٺي ڪچهري ٿي. بخاري صاحب جيڏي مهل ٻه مون کي ملندو آهي، تہ اهوئي چوندو آهي، ”اوهان اندر ڇو ويٺا آهيو! هاڻي ٻاهر نڪرو.“ شعيب بخاري سان منهنجي واقفيت 1990ع کان آهي، جڏهن اسان ڄام صاحب (ڄام صادق علي) جي حڪومت ۾ گڏ هئاسين. پر ساڻس وڌيڪ ويجهڙائپ لياقت جتوئي صاحب جي حڪومت ۾ ٿي، جڏهن هو اسان سان ڪابينا ۾ گڏ هو. تڏهن حڪومت ۽ متحده (ايم- ڪيو- ايم) جي وچ ۾ جيڪي مسئلا يا اشوز هئا، انهن لاءِ عملي ڪميٽي ۾ ٻه اسان گڏ هئاسين. حڪومت طرفان چيف منسٽر لياقت علي جتوئي، سليم ضياءُ ۽ آئون هوندا هئاسين، جڏهن تہ متحده پاران آفتاب شيخ، ڊاڪٽر فاروق ستار ۽ شعيب بخاري هوندا هئا. ان ڪميٽي جون ميٽنگون اڪثر ٿينديون رهنديون هيون،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جن ۾ متحده جي ڪمرجن ۽ شڪايتن جو جائزو ورتو ويندو هو. گهٽو ڪري اهي گڏجاڻيون سنڌي ۽ دوستاڻي ماحول ۾ ٿينديون هيون، جڏهن ته ڪڏهن ڪڏهن گرمي ۽ تلخي به پيدا ٿيندي هئي، پر اها تلخي يا سرد مهري گهڻي وقت تائين نه رهندي هئي.

اهڙيءَ طرح هڪ گڏجاڻي، جيڪا چيف منسٽر هائوس جي ڪميٽي روم ۾ ٿي رهي هئي، ان ۾ شعيب بخاري ڪا اهڙي ڳالهه ڪئي، جنهن تي لياقت جتوئي سخت چڙي پيو ۽ فائل کڻي ٽيبل تي اڇلايائين. اها گڏجاڻي اتي ئي برخاست ٿي وئي. ايم- ڪيو- ايم سان گڏجاڻين ۾ روزمره جي حڪومتي ڪار وهنوار ۽ ايم- ڪيو- ايم سان لاڳاپيل وزارتن جي مسئلن کان علاوه ڪجهه اهڙا مسئلا به هوندا هئا، جيڪي انهن جي معاهدي ۾ شامل هوندا هئا. انهن ۾ مُک مسئلو ايم- ڪيو- ايم جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن تان سڀ ڪيس واپس وٺڻ جو هو، جيڪي گهڻو ڪري ميان نواز شريف جي دور ۾ 93_1992 واري آپريشن ۽ بينظير پٽو جي پئي حڪومتي دور ۾ ٺهيا هئا.

مسلم ليگ ۽ ايم- ڪيو- ايم جي وچ ۾ هڪ معاهدو ٿيو هو، جيڪو اسلام آباد ۾ تيار ڪيو ويو هو. اهو معاهدو ايترو ته جلد بازيءَ ۾ ڪيو ويو هو ۽ اُن ۾ ڪيترا اهڙا نڪتا شامل هئا، جيڪي ڪافي بحث طلب هئا يا انهن تي عمل جي صورت ۾ ڪافي مونجهارا ۽ مشڪلاتون هيون. ايم- ڪيو- ايم سان طئي ٿيندڙ معاهدي ۾ سمورا مسئلا يا اشوز (Issues) سنڌ سان تعلق رکندڙ هئا. اهو معاهدو اسلام آباد ۾ طئي ٿيو، پنهي ڪميٽن جي وچ ۾ ڳالهيون به اتي ٿيون. مسلم ليگ جي جيڪا ڪميٽي ايم- ڪيو- ايم سان ڳالهائي رهي هئي، ان ۾ سنڌ جي نمائندگي نه هئي.

جيتري قدر مونکي ياد آهي ته مسلم ليگ پاران چوڌري نثار، اسحاق ڊار، حليم صديقي ۽ لياقت جتوئي ان معاهدي تي صحيحون ڪيون. لياقت علي جتوئيءَ کي ته سڀ معاملا طئي ڪري، معاهدي جو ڊرافٽ تيار ڪري آخري وقت تي فقط صحيح ڪرڻ جي لاءِ گهرايو ويو. ڳالهين ۾ سنڌ مان حليم صديقي ته موجود هو، پر ان جو به تعلق ڪراچيءَ سان هو، هو سنڌ ۽ ايم- ڪيو- ايم ۾ اختلافن ۽ تڪراري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

معاملن ۾ سنڌ جي موقف کان واقف نہ هو. جنهن سبب ڳالهين واري ڪميٽيءَ ۾ سنڌ مان اهڙو ڪوبہ ماڻهو موجود نہ هو، جيڪو معاهدي ۾ شامل نقطن يا طئي ٿيندڙ معاملن متعلق سنڌ جو صحيح موقف اختيار ڪري سگهي يا ان معاهدي جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ سياسي اثرن کان آگاهہ ڪري سگهي.

سنڌ جي مسلم ليگ حڪومت بنيادي طرح مخلوط (Coalition) حڪومت هئي، جيڪا رڳو مسلم ليگ ۽ ايم- ڪيو- ايم جي وچ ۾ نہ پر ٻين ڪيترن ئي گروپن ۽ آزاد ميمبرن تي ٻڌل هئي. جيڪڏهن اهي ڳالهيون اسلام آباد جي بجاءِ ڪراچيءَ ۾ ٿين ها ۽ ان ۾ وفاقي حڪومت جي نمائندن کان سواءِ مسلم ليگ جي ايم- ڪيو- ايم سان ڳالهين واري ڪميٽيءَ ۾ سنڌي ميمبر شامل هجن ها، تہ اهو معاهدو وڌيڪ قابل عمل ۽ حقيقي بنيادن تي ٿي سگهي ها ۽ ان جي يڪطرفي هئڻ وارو تاثر قائم نہ ٿئي ها. اهوئي سبب هو جو معاهدي کان پوءِ ڪيترن ئي تڪراري مسئلن تي ”وقت ڪڍڻ“ واري طريقي کان ڪم وٺندي انهن کي هميشہ پوئتي رکيو ويندو هو. شروعاتي گڏجاڻين ۾ تہ ايم- ڪيو- ايم اهو زور ڏيندي هئي تہ هر حڪومتي عمل ان معاهدي مطابق ٿيڻ کپي، پر ڪجهہ وقت گذرڻ سان اهي بہ سمجهي ويا تہ معاملو جيئن هلي ٿو تيئن هلائڻو آهي.

ايم- ڪيو- ايم جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن تان ڪيس واپس وٺڻ جو مسئلو انتهائي منجهيل هو. جيڪي ان سلسلي ۾ هلڪي نوعيت جا ڪيس هئا، اهي شروعاتي پنجن چهن مهينن اندر ختم ٿيڻ شروع ٿي ويا هئا، پر اهڙا ڪيس جيڪي سنگين ڏوهہ (Heinous crimes) جي دائري ۾ آيا ٿي، انهن کي واپس وٺڻ ۾ ڪيترا ئي مونجهارا هئا، جنهن ۾ قانوني مسئلا تہ ضرور موجود هئا، پر انهن کان وڌيڪ اُن جي پويان ٻيون قوتون ڪارفرما هيون، جن ان وقت نٿي چاهيو تہ متحده کي سيني ڪيسن مان آجو ڪري ڪين آزاد ڇڏيو وڃي.

آئون انهن ڪيسن جي سلسلي ۾ ناهيل ڪميٽي ۾ بہ شامل هئس، انہ ڪري ان سلسلي ۾ ٿيل ڪيترين ئي گڏجاڻين ۾ موجود هوندو هئس. شروعاتي گڏجاڻين ۾ ڪئپٽن حليم صديقي، قاضي خالد علي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آفتاب شيخ، آئون ۽ ڪجھ سرڪاري آفيسر هوندا هئاسون. قاضي خالد علي ۽ ڪئپٽن حليم صديقي جي وچ ۾ اڪثر گرما گرمي ٿيندي رهندي هئي. جنهن ڪري اهي ڪڏهن ته گڏجاڻيءَ مان اٿي هليا ويندا هئا.

مون لياقت صاحب کي چيو ته مون کي هن ڪميٽي تي نه رکو، هي قانوني معاملو آهي ۽ هي ڪنهن وڪيل جو ڪم آهي، هن تي ڪنهن اهڙي ايم- پي- اي کي رکو، جيڪو وڪيل به هجي. مون کي چيائين، "چڏ يار، هي وڪالت کان وڌيڪ سياسي ڪم آهي. ڪميٽي تي تون ئي رهندين، پر ميٽنگ ۾ ويندو ضرور ڪر." حقيقت ۾ هي سڄو ڪم ڪميٽيءَ کان وڌيڪ هوم ڊپارٽمنٽ، لا ڊپارٽمينٽ ۽ ائڊيوڪيٽ جنرل جي آفيس جو هو. مٿين ڪاتن سان واسطيدار سڀئي آفيسر گهڻو ڪري هر گڏجاڻيءَ ۾ موجود هوندا هئا، خاص طور هوم سيڪريٽري واجد رانا، واسطيدار ڊي- آءِ- جي ۽ ايس- ايس- پي موجود هوندا هئا. ڊپٽي هوم سيڪريٽري ڪامران دوست جو هن معاملي تي گهڻو ڪم ڪيل هو.

ان بابت هن ٻڌايو ته سندس زياده تر ڪم عبدالله شاه وزير اعليٰ ۽ ممتاز علي ڀٽي جي نگران وزير اعليٰ هئڻ واري دور جو ڪيل آهي، جڏهن ايم- ڪيو- ايم تان ڪيس واپس وٺڻ جو سلسلو شروع ٿيو هو. انهن ميٽنگن دوران ڪجھ وقت ۾ ئي اهو صاف محسوس ٿيڻ لڳو هو ته هلڪي ڦلڪي نوعيت جا ڪيس چڏي، باقي ڪيس واپس وٺڻ جو معاملو ائين لٽڪيل رهندو. سرڪاري ڪاتا ان ۾ اها ئي پاليسي هلي رهيا هئا، جيڪا انهن کي لاڳاپيل اختيارين کان ملي رهي هئي، ان کي متحده جا اڳواڻ به ٿوري وقت ۾ ئي سمجهي ويا هئا. اها دانهن هن وفاقي حڪومت کي به پهچائي.

وزير اعظم ميان نواز شريف ان سلسلي ۾ هڪ دفعي اسلام آباد ۾ گڏجاڻي به رکي، جنهن ۾ سنڌ حڪومت جي طرف کان وزير اعليٰ لياقت علي جتوئي، سليم ضياء، آئون، چيف سيڪريٽري سعيد مهدي ۽ ٻيا سرڪاري آفيسر شريڪ ٿيا. وفاقي حڪومت مان وزير اعظم ميان نواز شريف، چوڌري نثار علي، چوڌري شجاعت حسين، خالد انور ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪجھ ٻيا وزير، آفيسر ۽ ايم- ڪيو- ايم جي وفد ۾ آفتاب شيخ، ڊاڪٽر فاروق ستار، نسرين جليل، قاضي خالد ۽ سندن نمائندا شامل هئا. اها گڏجاڻي نئين ٺهيل وزير اعظم سيڪريٽريٽ ۾ رکي وئي هئي جنهن جو ميان نواز شريف تازو ئي افتتاح ڪري ان ۾ ويهڻ شروع ڪيو هو. جڏهن سيڪريٽريٽ جي وڏي ڪميٽي روم ۾ گڏجاڻي شروع ٿي تہ ٽيبل جي هڪ پاسي ڪان متحده جو وفد ويٺو ۽ ٻئي پاسي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جا نمائندا. گڏجاڻي شروع ٿيڻ وقت شروعاتي لفظ چوندي ميان نواز شريف چيو تہ هن سيڪريٽريٽ ۾ ويهڻ کان پوءِ ڪميٽي هال ۾ هي پهرين گڏجاڻي آهي ۽ منهنجي لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو اها آئون پنهنجي سياسي اتحادين سان ڪري رهيو آهيان. گڏجاڻيءَ ۾ وزير اعظم هڪ اڌ ٻئي مسئلي تي بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، پر اصل ايجنڊا ايم- ڪيو- ايم تي ڪيسن بابت ئي هئي.

آفتاب شيخ ان سلسلي ۾ وزير اعظم کي چيو تہ ”ميان صاحب، اسان تان آخر ڪيس ڇو نٿا ختم ڪيا وڃن، اسان توهان جا اتحادي آهيون. اسان هن پاسي جيڪي بہ ويٺا آهيون، اهي سڀ اڌ وزير آهيون، تہ اڌ اسير (قيدي) آهيون، اسان سڀ پئرول تي آهيون.“ ميان نواز شريف ان مسئلي تي بريفنگ وٺڻ کان پوءِ لياقت جتوئي کي هدايت ڪئي تہ ان سلسلي ۾ ٺوس فيصلا ڪيا وڃن، تہ جيئن جلد مسئلو حل ٿي سگهي ۽ اتحادين کي شڪايت جو موقعو نہ ملي. منهنجو اندازو آهي تہ ميان صاحب بہ سمجهيو ٿي تہ مسئلو ايئن جو ايئن هلڻو آهي. ان کان پوءِ انهي سلسلي ۾ ڪراچيءَ ۾ ميٽنگون ٿينديون رهيون، پر انهن ڪيسن جو معاملو اتي جو اتي ئي رهيو، جيڪي ايم- ڪيو- ايم ختم ڪرائڻ چاهيا ٿي.

هاڻي اخبارون پڙهجن ٿيون، تہ هر روز متحده جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن تان ڪيس ختم ٿيڻ جون خبرون هلن ٿيون. اهي سنڌ حڪومت ختم نہ پئي ڪري، پر عدالتن جي ذريعي ختم ڪرايا پيا وڃن. انهن ڪيسن جي گهڻائي اسپيشل ڪورٽن جي اندر هلندڙ آهي. هونئن تہ اسان جو پورو عدالتي نظام يرغمال بنيل آهي. پر خاص طور اسپيشل ڪورٽون تہ هميشہ حڪومت جي هدايتن (Dictation) تحت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪم ڪنديون آهن. ڪئي جو اها نيب هجي. نارڪوٽڪس. ڪسٽم. اينٽي ڪرپشن يا اي- ٽي- سي هجي.

آئون شعيب بخاري ڪان موڪلائي 17 واردِ ۾ آيس. جتان 3-00 وڳي ماڙيءَ تي ويس ته شاهنواز راڄپر. جان محمد انصاري. علي احمد جوڪيو. ابوبڪر ميمڻ ۽ عبدالغني ميمڻ آيل هئا. سائن سٺي ڪچهري ۽ حال احوال ٿيا. آئون واپس واردِ تي آيس ته محمد راهو. مٺن خاصخيلي. اسماعيل خاصخيلي. علي حسن ٽيپو ۽ چانڊيو اڳيئي واردِ تي ويٺل هئا. هي سڀ همراه جيڪي حيدرآباد ڪان قيدي آندا ويا آهن. انهن ۾ آيل آهن. محمد راهو. جيڪو هالا جو آهي. هتي پاڻ ۽ مٺن خاصخيلي شهيد پٽو وارن جي واردِ ۾ رهن ٿا. هن همراهن سان گهٽي پاڳي حيدرآباد جيل. ڪراچي جيل ۽ انهن ۾ فرق جي باري ۾ ڪچهري ٿي.

انهن همراهن کي روانو ڪري اچي ويٺس ته نصير مري آيو. حال احوال ڪندي پڇيائين "تو روزا گهٽا رکيا آهن؟" ٻڌايومانس ته "پنج روزا رکيا اٿم." چيائين ته "مون 21 روزا رکيا آهن. جن مان ٻارهن وريام فقير کي ڏنا اٿم. باقي مون وٽ نو آهن. جن مان ٻه توکي ٿو ڏيان ته تنهنجا ٻه ست ۽ منهنجا ٻه ست ٿيندا. انهن جو اجر تون پلي ڪنهن کي خيرات ۾ ڏئي ڇڏجانءِ." چيومانس ته "يار. تنهنجي مهرباني!" نصير مري مائٽن جي آسري ۾ آهي ته ڪڏهن ٿا پئسا پورا ڪري اچن ته جان ڇٽي. مون کي چيائين. "هاڻي ته معافي ٻه ماري ڇڏي اٿن. مون کي ته رات خبر پئي آهي. سڄي رات ننڊ ئي ڪونه آئي آهي." چيومانس. "تنهنجا ته ٿورا پئسا آهن. اهي تون پياري وڃين ٿو. پوءِ توکي ڪهڙو فڪر آهي جو ننڊ ڪونه آئي ٿئي؟" مون کي چيائين. "توهان جهڙي ٻي سنگت سٺ ته ڦٽي پئي آهي نا! مون کي رڳو انهن جي ڳڻتي آهي."

5-00 وڳي ماڙيءَ تان پرچي آئي. ويس ته شڪرو. عدل ۽ لطيف ملاقات لاءِ آيل هئا. ملاقات تان اچي آئون شهيد پٽو وارن جي واردِ ۾ علي سونري ڏانهن ويس. جتي مين وقار پگنوالا به هو. ڪجهه زماني جي ۽ ڪجهه موجوده سياسي صورتحال جي باري ۾ سائن گاله ٻولهه ٿي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

19/12/2001

اڄ عيد جو ٽيون ڏينهن هو ۽ جيل وارن بہ موڪل ڪئي هئي، اڄ ملاقات بند هئي. ٻارهين وڳي ڌاري تيار ٿي ويٺا هئاسين. ايتري ۾ الهڏنو ڏاهري ۽ لالي دائود جو ماڻهو آيو تہ فقير صاحب ۽ توهان هيڏانهن اچو. اسين ان سڏ جو مطلب سمجهي ويا هئاسين. ٿوريءَ دير کان پوءِ آئون ۽ وريام فقير 16 واردِ ۾ وياسين. ٻين وڳي تائين پتي راند ڪئيسون، جنهن کان پوءِ پنهنجي واردِ تي موٽي آياسين. اڄ جيل ۾ ڪوڏي ڪوڏي راند رکي وئي هئي. 00-6 وڳي ڪلاڪ کن لاءِ راند ڏسڻ ويس.

20/12/2001

صبح جو 00-10 وڳي ڪجهہ مهمان ملڻ جي لاءِ آيا. ٻن ڪلاڪن تائين انهن سان ڪچهري ٿي. 30-2 وڳي وري ماڙيءَ تي سڏ ٿيو. ويس تہ اقبال عنايت عيد ملڻ لاءِ آيل هو. ساڻس ملي واردِ تي موٽي آيس. اتي ڪجهہ مهمان ويٺل هئا. ساڻن حال احوال ڪيم. شام جو واردِ 22 ۽ 23 تي ويس. جتي علي سونارو، محمد راهو، مٺن خاصخيلي، فضل سميجو، غلام حيدر انصاري ۽ ٻين همراهن سان ڪچهري ٿي. اتان ٿي 17 واردِ ۾ ڪشو سان ملي واپس پنهنجي واردِ تي آيس، تہ خان محمد ۽ وريام فقير ٻاهر دڪي تي ويٺل هئا. آئون بہ ساڻن گڏ ويٺس. ڪلاڪ کن تائين اسان ٻاهر ويهي ڪچهري ڪندا رهياسين. خان محمد مهر سان حال احوال يا ڪچهريون گهٽي ٻاڱي ٻاهر اسان جي واردِ جي اڳيان بيٺي يا دڪي تي ويٺي ٿيندیون آهن. هونئن تہ اسان خان محمد جي يا پنهنجي واردِ ۾ بہ ملندا ۽ ڪچهري ڪندا آهيون. اسان جي پنهنجي واردِ ۾ جيڪا ملاقات ٿيندي آهي، ان ۾ اڪيلائي نہ ملندي آهي. خان محمد سان ڏينهن جو اڪثر ماڙيءَ تي بہ ملاقات ٿيندي آهي، پر اتي بہ هو ڪم ڪار يا ملاقاتن جي حوالي هوندو آهي. منهنجو ماڙيءَ تي وڃڻ بہ گهٽو ڪري ملاقات جي سلسلي ۾ ئي ٿيندو آهي. اتفاق سان ڪنهن ٻئي ڪم سانگي بہ وڃڻو پوندو آهي، تہ ڏسندو آهيان تہ خان محمد هل هلان ۾ هوندو آهي. ڪي نہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪي پرايا پنهنجا ڪاغذ بغل ۾ هوندا اٿس. ماڙيءَ ۾ واردن جي وچ ۾ پيو هلندو آهي. شام جي وقت يا رات جو پنهنجي واردن جي ٻاهران بيٺي پير يا وينئي اسان جي جيڪا ملاقات ٿيندي آهي. اها نويڪلائي واري هوندي آهي. ڪڏهن ان ۾ وريام فقير به شامل هوندو آهي.

اڄڪلهه اهو ٻاهر وڙڪڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ وارو سلسلو ڪجهه گهٽجي ويو آهي. ان جو سبب هڪ ته سرديءَ جي موسم آهي. ٻيو ته انهن ڪچهرين جو اسان جو وڏو پارٽنر ايوب آفريدي هوندو هو. جيڪو آزاد ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن هن سان به ٿي ڏينهن به ملاقات يا ڪچهري نه ٿيندي هئي ته ناراض ٿي پوندو هو.

21/12/2001

صبح جو 00-11 وڳي ماڙي تان پرچي آئي. ويس ته سليم ۽ فياض آيل هئا. انهن سان حال احوال ڪان پوءِ پنهنجي واردِ تي موٽي آيس. اڄ جمعو هو. دارالقرآن ۾ جمعي نماز پڙهي ڏيڍ وڳي ڌاري واردِ تي آيس. 00-6 وڳي وري ماڙيءَ تي ويس. گهر وارا ملاقات لاءِ آيل هئا. اڄ رات 00-8 وڳي شبير واردِ تي آيو. چيائين: "هان آئون واردِ بند ڪريان ٿو. ڪو ڪم ته نه آهي؟" پڇيومانس. "جلدي ڇو ٿو بند ڪرين؟" ٻڌايائين ته "اڄ مون کي نيازي صاحب (ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ) چيو آهي ته 14 ۽ 15 واردِ ايترو دير سان ڇو بند ڪندو آهين؟ 00-8 وڳي بند ڪرڻ لاءِ چيو اٿس." مون چيو پلي بند ڪري وڃ.

هونئن اسان جي بند ٿيڻ جو ٽائيم شروع ۾ 00-8 وڳي هو. پر ضروري نه هو ته ان سڳئي وقت تي ئي اسان جي واردِ کي بند ڪيو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن 00-9 ، 00-10 يا ان کان به وڌيڪ وقت ٿي ويندو آهي. منهنجو اهو رويو رهندو آهي ته ان تي هروڀرو زور ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. ته دير سان بند ٿجي. خان محمد ۽ اسان جو واردِ گڏ هجڻ ڪري اسان کي به هو ڦندو رهيو آهي ته اسان جو واردِ دير سان بند ٿيندو آهي. بهرحال جيل وارن جيل جا بادشاه آهن. اهي جنهن وقت جيڪو وٺن سو ڪن. پر اهي سڀ شيون وقتي هونديون آهن. ڪجهه ڏينهن ۾ وري معاملا سڳئي طريقي سان هلڻ شروع ٿي ويندا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهن. سو اڄ بہ جڏهن اسان جي واردر مون کي اهو ٻڌايو تہ ”سائين! مون کي اهو چيو ويو آهي تہ 14 ۽ 15 واردِ ايترو دير سان بند ڇو ٿا ٿين ۽ توهان جي واردِ لاءِ چيو ويو آهي تہ 00-8 وڳي بند ڪريان.“ مون کيس اهوئي چيو: ”توکي جيڪو وقت چيو ويو آهي، تون ان تي ئي بند ڪر.“ ڇو تہ واردر جي هٿ ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي، هُو اهوئي ڪندو، جيڪو کيس مٿان حڪم ڪيو ويندو.

22/12/2001

اڄ اسپتال جو پروگرام هو. جيل کان ٻاهر ئي منهنجو درائيور موبائل فون ۽ ڊائريڪٽري کڻي آيل هو. آئون، فاروقي ۽ ڪجهہ ٻيا قيدي گاڏيءَ ۾ ويٺاسين. مون درائيور کي پوليس واري گاڏيءَ ۾ ويهاريو. 30-11 وڳي اسان اسپتال پهتاسين، شاهنواز اتي آيل هو. اسان واندا ٿي حافظ جي آفيس ۾ اچي ويٺاسين. آئون شاهنواز کي چوندو بہ آهيان تہ بار بار ساڳين همراهن کي تڪليف ڏيڻ سٺو نٿو لڳي. ائين نہ ٿئي جو ماڳهين ٿڪجي پون. ڪجهہ ٻيا دوست بہ آهن، پاڻ انهن جون آفيسون بہ ويهڻ جي لاءِ استعمال ڪندا رهيا آهيون يا ڪري سگهجن ٿيون. پر شاهنواز چوندو آهي تہ هيءَ سنگت بلڪل پنهنجي آهي، هن سان حجاب واري ڪا ڳالهہ ئي ڪونهي. هي همراهہ ڪڏهن بہ نہ ٿڪبا.

واقعي هُن جي روبي مان ڪڏهن بہ ائين نہ لڳو تہ ڪو هن کي ڪنهن قسم جو بار محسوس ٿئي ٿو. ان جي برعڪس آئون جڏهن بہ هن وٽ ويندو آهيان، تہ حافظ ۽ ٻين دوستن کي خوشي محسوس ٿيندي آهي، جيڪا هن جي روبي مان عيان هوندي آهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ گهر وارا ماني کڻي آيا. اسان اتي ويٺا ئي هڻاسين تہ شاهنواز چيو، توهان سان ڪجهہ مهمان ملڻ جي لاءِ آيل آهن. آئون ويس تہ علي نواز سمون، عبداللطيف سمون ۽ خدا ڏني جو ڀاءُ صديق سمون آيل هئا. چيائون، پهرين اسان جيل تي ويا هئاسين. جتان خبر پئي تہ اوهان اسپتال آيل آهيو ۽ پوءِ توهان کي ڳولي هتي اچي لڌو اٿئون. ڳيل دير سائن حال احوال ۽ ڪچهري ٿي، جنهن کان پوءِ اجازت ورتائون.

00-5 وڳي اسان اسپتال کان جيل لاءِ نڪتاسين. ٿوري دير ماڙيءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تي ڊپٽي نيازي وٽ ويٺس، جنهن کان پوءِ پنهنجي وارڊ تي آيس. ذڪريا ٻڌايو ته اڄ ڪشن توهان جي لاءِ ٻه چڪر ڏئي ويو آهي. آئون 6-30 وڳي 17 وارڊ ۾ سيٺ وٽ ويس. جتي ڪجهه وقت ويٺس. اڄ اسپتال جي گرائونڊ طرف عيد جي سلسلي ۾ شو ڪرايو ويو هو، جنهن ۾ عمر شريف ۽ ڪجهه ٻيا فنڪار آيل هئا. آئون سيٺ کان موڪلائڻ لاءِ ٻاهر آيس، ته ان وقت شو ختم ٿيو هو ۽ رش هجڻ سبب اسان کي ڪافي دير رستو صاف ٿيڻ لاءِ ٻاهر بيهي انتظار ڪرڻو پيو. ماڻهن جي ڊگهي قطار ۽ رش مان اندازو ٿي رهيو هو ته تقريباً سڄو جيل ان پروگرام ۾ ويو هو.

7-00 وڳي آئون پنهنجي وارڊ تي آيس. اڄ وارڊر شبير 9-30 وڳي وارڊ تي آيو. پڇيومانس. توکي ڇا ٿيو؟ اسين ته 8-00 وڳي کان بند ٿيڻ جو انتظار پيا ڪريون. چيائين، وري حڪم تبديل ٿي ويا آهن، هاڻي جيڪڏهن ڪم ڪار نه هجي، ته آئون بند ڪريان، 10-00 وڳي اسان کي بند ڪيائين.

اڄ جڏهن آئون اسپتال هئس، ته اتي شاهنواز جي موبائل فون تي دريا خان راڄپر، رئيس علي نواز راڄپر، ربنواز ۽ محب علي ڳالهايو هو. دريا خان جيل جي اندر عنايت هيسباڻي جو پڇي رهيو هو ۽ ان سان ملڻ لاءِ ٻه چيو هئائين. اڄ جڏهن آئون اسپتال کان جيل پهتو هئس ته ماڙيءَ کان پنهنجي وارڊ ڏانهن ايندي پ پ وارن جي وارڊ اڳيان ڪجهه همراهه بيٺا هئا، جيڪي مون سان مليا. هڪڙي همراهه پنهنجو تعارف حسن راڄڙ ڪرايو. سندس ٽالو منهنجو ٻڌل هو ۽ اها ٻه خبر هئم ته حيدرآباد کان جيڪي قيدي آيا آهن، انهن ۾ شامل آهي، پر منهنجي ساڻس ملاقات ڪانه ٿي هئي. مون ساڻس دعا سلام ڪرڻ کانپوءِ عنايت هيسباڻي جو پڇيو، چيائين ته اندر وارڊ ۾ آهي. همراهن مون کي چانهه جي صلاح هنئي ۽ پنهنجي وارڊ ۾ وٺي آيا. اتي عنايت هيسباڻي سان ملاقات به ٿي. مون کيس دريا خان ۽ ٻين همراهن جا سلام پهچايا.

ڪچهري ڪندي حسن راڄڙ ٻڌايو ته هو حيدرآباد جيل ۾ بابا ۽ ادا صديق سان گڏ رهيو آهي. اهو تقريباً 81-1980ع جو زمانو هو. ٻڌايائين ته "اسان ٽيئي هڪڙي ڪمري ۾ رهندا هئاسين. اسان کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪمري ۾ ٻہ ڪتون مليل هيون ۽ اسين ٽي ڄڻا هوندا هئاسين. اسان کي ويهڻ واريون ٻہ بينچون ٻہ مليل هونديون هيون. رات جو سمهڻ وقت ٻنهي بينچن کي گڏي، مٿان بسترو لڳائي، ان کي بيڊ طور استعمال ڪندا هئاسين.“ همراهن سان ڪجهہ وقت تائين ڪچهري ٿي. جيلن ۽ انهن جي صورتحال متعلق ڪچهري ۽ ٻيا حال احوال ٿيا. حسن راڄڙ، رسول بخش راڄڙ جي باري ۾ پڇيو ۽ ٻڌايو تہ اهو توهان جو گهڻو ذڪر ڪندو آهي. مون کيس ٻڌايو تہ ان جي ڪجهہ وقت کان طبيعت ٺيڪ ڪونهي، پر هاڻي بهتر آهي. آئون همراهن کان موڪلائي پنهنجي واڊ تي آيس.

23/12/2001 Sunday

اڄ موڪل جو ڏينهن هو، انهيءَ ڪري ڪا خاص ڳالهہ يا ميل ملاقات نہ ٿي. ائين روٽين جي سرگرمين ۾ ڏينهن گذريو. ٻنپهرن جو حاجي چانڊيو جي والد جي گذارڻ تي سيڪيورٽي واڊ ۾ خيرات ۽ قرآن خواني هئي. آئون ۽ وريام فقير ڪجهہ وقت جي لاءِ ان ۾ وياسين، باقي سڄو ڏينهن پنهنجي واڊ تي ئي رهيس. شام جو ڪجهہ وقت 17 ۽ 14 واڊ مان چڪر لڳايو.

24/12/2001

صبح جو 00-9 وڳي اٿيس. اخبارون پڙهي ناشتو ڪري وري سمهي پيس، جو صبح سان ڪو اهڙو ڪم ٻہ نہ هو ۽ سوير ڪا ملاقات ٻہ نہ اچڻي هئي. 00-12 وڳي ڌاري اُٿي تيار ٿي ڪجهہ لکڻ ويٺس. 30-2 وڳي ڪمپيوٽر روم ۾ ويس. واپسيءَ تي پنهنجي واڊ تي آيس. اتي نياپو مليو تہ ڏاهري ۽ لالو دائود ياد ڪري رهيا آهن. انهن ڏانهن ويس تہ وريام فقير ٻہ ويٺل هو. اجا ٻہ راندیون ڪيوسين، تہ ملاقات جي پرچي آئي. ماڙي تي شاهنواز آيل هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ گهر وارا ٻہ آيا. ماڙيءَ تي ئي هئس تہ سرمائيدار موهن ۽ لچمڻ آيا. انهن کان ٿي، هيٺ ڊپٽي جي آفيس ۾ اچي ويٺس، جتي ستار ڏيرو ٻہ آيو. هو اڄ ئي اسپتال کان جيل پهتو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

6-30 وڳي پنهنجي وارڊ تي پهتس. جتان وري 17 وارڊ مان سيٽ ڪشوءَ کان چڪر ڏنم. 8-30 وڳي اسان جي وارڊ تي ڊاڪٽر امبرت آيو. جنهن وريام فقير ۽ منهنجو بلڊ پريشر چيڪ ڪيو. ستار ڏيرو خان محمد ڏانهن ويل هو. رات جو 11-00 وڳي شبير اسان جو وارڊ بند ڪيو ۽ 11-15 وڳي اسان ماني کاڌي.

25/12/2001

اڄ طبيعت صحيح نه هئي. گلي ۽ جسم ۾ سُور هو ۽ بخار محسوس ٿي رهيو هو. اڄ قائد اعظم جي جنم ڏينهن ڪري عام موڪل هئي ۽ جيل به بند هو. به ٽي پيرا سمهي اٿيو هئس ۽ وري سمهي پيو هئس. شام جو 5-00 وڳي الهڏني ڏاهري ۽ وريام فقير اچي اٿاريو ۽ طبيعت پڇيائون. مٿان ستار ڏيرو به آيو. اڄ 5-00 وڳي 14 وارڊ ۾ نيب جي معافي ڪٽجڻ واري معاملي تي گڏجاڻي رکيل هئي. جنهن لاءِ سيني مون کي چيو ته توهان هلو. ڪين پڌايم ته منهنجي طبيعت ٺيڪ ڪونهي. شايد نه اچي سگهان. پر هن جي زور پرڻ تي مون ڪين چيو، "توهان هلو. آئون اچان ٿو."

آئون وري سمهي رهيس ۽ 5-45 وڳي اٿي گڏجاڻي ۾ ويس. پندرهن ويهن منٽن کان پوءِ گڏجاڻي ختم ٿي. اسان ڪجهه دير لاءِ اندر ڪمري ۾ وڃي ويٺاسين. جتي ٽي وي ۽ تي جنرل پرويز مشرف جو قائد اعظم جي مزار تي پروگرام ۽ تقرير ڏيکاري پئي وئي. جنهن تي اسان سان گڏ ويٺل هرڪو همراهه پنهنجا تبصرا (Comments) ۽ رمارڪ (Remarks) ڏئي رهيو هو. خاص طرح جڏهن جنرل صاحب جنون گروپ جي جنبُورن سان اسٽيج تي اچي تاڙيون وڄائڻ لڳو ۽ اسٽيج تي مردن ۽ عورتن سان گهٽو رلي ملي ويو هو. ان تي ويٺل همراهن مان ڪنهن چيو ته جنون گروپ تي نواز شريف جي وقت ۾ پابندي لڳل هئي.

مون کي به ميان صاحب جو هڪ پروگرام ياد آيو. جنهن ۾ هو خاص مهمان هو. اها سندس پهرئين دور جي ڳالهه آهي. جڏهن هتي محمود هارون گورنر هو. گورنر هائوس ۾ هڪ پروگرام ٿيو هو. جنهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ شهر جي خاص ماڻهن جو وڏو تعداد گڏ ٿيو هو. ان پروگرام ۾ مختلف پرفارمر گهرايا ويا هئا. ان ۾ ڪجهه محفل موسيقيءَ جا به آئٽم شامل هئا. اسٽيج تي هڪ نوجوان ڳائڻو اهڙو آيو، جنهن جا وار تمام وڏا ۽ پويان ڊگها ڇڏيل هئا. ٺاڳيو جنون گروپ وارو حال هئس. جڏهن هن ڳائي ختم ڪيو، تہ نواز شريف سان هٿ ملائڻ لاءِ ويو. وزير اعظم هٿ ملائڻ کان پوءِ پويان چنڊين کان ڪٽي جهليس ۽ چيائينس، ”ڇا توکي هن سڄي شهر ۾ حجام ڪونہ ٿو ملي، جو هيڏا ڪٽي وار ڇڏيا اٿئي؟“ ۽ واعدو ورتائينس تہ هينئر ئي وڃي وار ڪٽائيندين. ان تي سينيٽ ويٽل ماڻهن ۾ ٺهڪڙو پئجي ويو هو.

7-00 وڳي اسان خان محمد کان موڪلائي پنهنجي واردِ تي موٽي آياسين. 8-00 وڳي ڊاڪٽر امبرت آيو، جنهن گلي جي سُور ۽ بخار لاءِ ڪجهه گوريون لکي ڏنيون.

26/12/2001

اڄ اسپتال وڃڻو هو. 11-00 وڳي اُٺي پهتاسين، فزيوٿراپي ڪرائڻ کان پوءِ حافظ جي آفيس ۾ اچي ويٺاسين. شاهنواز به آيو، ڪجهه وقت کان پوءِ رڪن ميراڻي آيو، جنهن سان ڪچهري ٿي. 6-00 وڳي اسلم ۽ ذوالفقار آيا. يوسف ڪابورو به آيو. 6-30 وڳي اسان واپس جيل تي پهتاسين. سپاڻي کان اسان جا پيپر شروع ٿيڻ وارا هئا. اسان سنڌي اديب جو فارم پُرايو هو. جيل جي اندر امتحان ڏيڻ جو رجحان تمام گهٽو آهي. پڙهيل لکيل ماڻهو يا پڙهڻ جي شروعات ڪرڻ وارا ماڻهو به ڪوشش ڪندا آهن تہ امتحان ڏين. هڪ تہ جيڪي ماڻهو اڻ پڙهيل هوندا آهن، انهن کي تعليم ۽ علم به حاصل ٿي ويندو آهي ۽ پڙهڻ لکڻ به سکي ونندا آهن، پر سيني امتحان ڏيندڙن جي ذهن ۾ گهٽي ڀاڱي ٿي مقصد ضرور هوندا آهن يا ڪو مقصد انهن مان ئي هوندو آهي:

هڪ، امتحان ڏيڻ لاءِ تياري ڪرڻي پوندي آهي ۽ پڙهبو آهي. ان مان ڪجهه نہ ڪجهه تہ علم به هڙ حاصل ٿيندو آهي. ماڻهو ڪجهه سکندو به آهي. ان کان سواءِ پڙهائيءَ لاءِ مصروف رهڻ ڪري وقت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سٿو گذري ويندو آهي. ٻيو سبب ته جيل ۾ ويٺي ڊگري سرٽيفڪيٽ ٻه ملي ويندو آهي. جيڪو ڪن ماڻهن کي سندن مستقبل ۾ ڪم ٻه ڏيئي سگهي ٿو. ٽيون سبب اهو آهي، ته پڪن قيدين کي امتحان پاس ڪرڻ جي صورت ۾ سندن سزا ۾ معافي ٻه ملندي آهي. ان معافيءَ جو مدو هر امتحان تي الڳ الڳ مقرر ڪيل آهي. پر مون جيڪو هينئر محسوس ڪيو آهي، ته هتي پويون ٻه ڳالهيون وڌيڪ آهن، جڏهن ته پهرين ڳالهه يعني پڙهائي ڪرڻ ۽ امتحان جي تياري مون کي تمام گهٽ ڏسڻ ۾ آئي آهي. ان ۾ آئون پاڻ ٻه شامل آهيان. آئون اديب جو امتحان ڏيئي رهيو آهيان. پر ادب ۽ اسان ڇا لڳون! سنڌي ادب يا ٻئي ادب جي ’الف‘ ’ٻ‘ کان ٻه واقف ڪونه آهيون. پر مڙيئي سڀني دوستن جي شوق ۾ گڏجي پياسين.

سنڌي ادب اسڪول ۽ ڪاليج جي زماني ۾ جيڪو ٿورو پڙهيوسين، وري ٿيا خير. سيائي شاهه صاحب جي رسالي جو پرچو آهي. شاهه سائين جي رسالي پڙهڻ جو شوق مون کي هونئن ٻه گهٽو آهي ۽ رسالو گهرائي پاڻ سان رکيو ٻه اٿم، پر ڪٿي پڙهڻ جو اتفاق مڙيئي ڪڏهن ئي ٿيو آهي. گذريل هفتي ۾ ٻه ٻه ٽي ڏينهن لطيف سائين جي رسالي کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪيم، پر اها ڪوشش ڪجهه داستانن تائين محدود رهي. ننڍي هوندي آئون شاهه صاحب کي ڏاڍو پڙهندو هئس، پر اهو 1982ع ۽ 1983ع تائين رهيو. چوڻ جو مطلب هو ته امتحان ڏيئي رهيا آهيون، پر ان جي لاءِ پڙهائي ۽ تياري هتي شايد ڪنهن ڪئي هجي. تياري ته ٿي پنهنجي جاءِ تي، پر ان سان لاڳاپيل ڪتاب يا گائيڊ وغيره ٻه هٿ ڪري نه رکيون آهن. ان جي جستجو ٻه، جڏهن امتحان اچي سر تي چڙهيا آهن، تڏهن ڪجهه اميدوارن شروع ڪئي آهي.

مون ڪافي وقت اڳ ڪجهه دوستن کي ڪتاب هٿ ڪري ڏيڻ لاءِ چيو هو، ته جيئن جهڙي قسم جا سوال ايندا، انهن جو اندازو ٿي وڃي. اول ته اهي ڪتاب وقت سر مهيا نه ٿي سگهيا يا جيڪي هٿ آيا انهن ۾ ڪجهه ئي ڪارگر آهن. هتي ڪن همراهن کي ته امتحان جي باري ۾ مون بنهه بي الڪو ڏٺو آهي، پوءِ يا ته همراه ادب جا واقعي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪي حقيقي عالم فاضل آهن يا وري سڄو ڪاپيءَ تي آسرو اٿن. سو اڄ اسپتال کان جيئن ئي پنهنجي واردِ تي پهتس، تہ ذڪريا غني چيو، توهان جو امتحان لاءِ ائڊمٽ ڪارڊ ۽ امتحان جو شيڊول اچي ويو آهي.

مون هٿ منهن ڌوئي تازو توانو ٿيڻ کانپوءِ امحتان جو شيڊول ڏٺو تہ سيائي وارو پهريون پرچو 'شاهہ جو رسالو' هو. اسان جي واردِ مان ذڪريا غني کان سواءِ باقي اسان ٽيئي جڻا يعني آئون، ستار ڏيرو ۽ وريام فقير سنڌي اديب جو امحتان ڏئي رهيا آهيون. سو اسان سيني امتحان جي تياري شروع ڪري ڇڏي. رات جي ماني کان پوءِ ڪمري ۾ ويٺي ڪتاب پڙهي رهيا هئاسين. پنهنجي بسترن تي ليٽندي، سمهڻ جي تياري ٻہ هئي، تہ امتحان جي تياري ٻہ ٿي رهي هئي.

ستار ڏيرو وڏي آواز سان پڙهي رهيو هو. اتفاق سان هن شاهہ صاحب جا ڪجهہ اهڙا بيت پڙهيا، جيڪي مون کي ياد هئا. هن اڃا بيت شروع ڪيو ٿي، تہ مون هن کي مڪمل ڪري ٻڌايو ٿي. ڏيري هڪدم ڪٽي ڇڪي ڪمبل کنيو ۽ سمهڻ لڳو. چيائين، ”يار جيڪو ٿا شعر پڙهون اهو توهان کي ياد آهي، تہ باقي تياري ڪهڙي ڪريون! صبح جو توهان پيا اسان کي ٻڌائجو.“ سيائي وارو پرچو جيئن تہ لطيف سائين جي رسالي تي هو، تنهن ڪري هر ڪنهن جي لاءِ ڪنهن حد تائين سولو ۽ آسان ٻہ هو، جو شاهہ جي شاعري، ان جا داستان ۽ ڪردار عام آهن، جن کان هر سنڌي ماڻهو واقف آهي.

27/12/2001

صبح جو سوير اٿي تيار ٿي اسان ٽيئي جڻا دارالقرآن پهتاسين، جو امتحاني سينٽر دارالقرآن واري وڏي بيرڪ کي بنايو ويو هو. ان بيرڪ ۾ هيٺ وڇايل گلمن تي ويهي پرچو ڏيڻو هو. اسان سنڌي اديب جي امتحان ڏيندڙن کي هڪڙي پاسي ويهاريائون، جڏهن تہ اردو اديب ۽ ٻين امتحان ڏيندڙن کي ٻئي پاسي ويهاريو ويو. ڊگهي بيرڪ جي ڊگهائيءَ ۾ ويهڻ جون ٻہ قطارون ٺاهيون ويون هيون. اسان سڀ پهريائين وڃي ويٺاسين، جيئن هڪٻئي جي پاسي کان دسترخوان تي ويهبو آهي، پر يونيورسٽيءَ کان جيڪي ٻہ انويجيليٽر آيل هئا، انهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حڪم جاري ڪيو. تہ ائين نہ ويهو. بلڪ قطار ۾ هڪڙو پي جي اڳيان ويهي.

اسان سڀ منهن ڦيري ڊگهي قطار ناهي ويناسين. سڀني جا ائڊمٽ ڪارڊ چيڪ ڪيا ويا. جنهن کان پوءِ جوابن لکڻ جي ڪاپي ڏني وئي ۽ ان کان پوءِ سوالنامو. جڏهن اهو سڀ ڪجهہ ٿي رهيو هو. تہ اسڪول ۽ ڪاليج وارو زمانو ياد اچي رهيو هو. اسان جو پيپر هلي رهيو هو. تہ ماڙيءَ تان آيل پرچي اچي اسان کي ملي. جنهن ۾ غوث بخش مهر جي ملاقات لاءِ آيل هئڻ جو لکيل هو. اها مون، خان محمد مهر ۽ اسلام الدين شيخ لاءِ آيل هئي. ڪاله منهنجي اسپتال مان غوث بخش مهر سان فون تي ڳالهہ ٿي هئي. مون کي چيو هئائين تہ آئون سڀاڻي توهان ۽ ٻي سنگت سان ملڻ ايندس ۽ اسلام الدين شيخ سان سندس پاءُ جي وفات تي تعزيت بہ ڪندس.

بهرحال پيپر جو ٽائيم ختم ٿيڻ وقت، مون ڪاپي موٽائي ڏني. اڃا سڀني سوالن جا جواب مڪمل ڪونہ ٿيا هئا. آئون واردِ تان ٿي سڌو ماڙيءَ تي آيس تہ سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ غوث بخش مهر، اسلم، خان محمد مهر ۽ اسلام الدين شيخ ويٺا هئا. اتي مُني ڪلاڪ تائين غوث بخش سان ڪچهري ۽ حال احوال ٿيا. جنهن کان پوءِ هُن ۽ اسلم اجازت ورتي ۽ روانا ٿيا. اوڏيءَ مهل ئي شاهنواز ساند جيلر ۽ اصغر هاليپوٽو آيا. شاهنواز ٻڌايو تہ سندس پوسٽنگ جيڪب آباد ٿيل آهي. اصغر هاليپوٽي ۽ شاهنواز سان ملاقات ڪري آئون پنهنجي واردِ تي آيس.

4-00 وڳي وري ماڙيءَ تي ويس تہ شاڪره ۽ ننڍڙا ملاقات لاءِ آيل هئا. 5-00 وڳي ادي ۽ ڊاڪٽر خليل ملاقات تي آيا. سادي ڇهين وڳي ماڙيءَ تان پنهنجي واردِ تي موٽي آيس. ٿوريءَ دير ۾ سيٺ ۽ پوءِ ڊاڪٽر امبرت آيو.

28/12/2001

12-00 وڳي پرچي آئي. ماڙيءَ تي آيس تہ. ڊاڪٽر خليل ملاقات تي آيل هو. 2-00 وڳي تائين ڊاڪٽر ۽ آئون ويٺا رهياسين. جنهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪانپوءِ 30-2 وڳي 17 واردِ ۾ سيٽ ڪشو ڏانهن ويس ۽ 00-3 وڳي پنهنجي واردِ تي آيس. 00-4 وڳي وري ماڙيءَ تي ويس، ڪجھ مهمان ملڻ لاءِ آيل هئا. 00-5 وڳي واردِ تي آيس تہ نصير مري، علي حسن، سليم ۽ امداد اڳ ۾ ئي اسان جي واردِ ۾ ويٺا هئا. آئون هٿ منهن ڌوئي ساڻن ٻاهر اچي ويٺس. گپ شپ ڪندي نصير مريءَ چيو، ”سائين! آئون تہ منجهي پيو آهيان. جيل ۾ لوڙيون پيا ۽ مٿان وري جنگ ۾ اچي چڙهي آهي، هاڻي تہ مري ويندا سين.“ چيومانس، ”تون ڊڄين ڇو ٿو، جن جو ڪم آهي، اُهي پاڻهي منهن ڏيندا. تو وارو ڳوٺ تہ پاڻ سرحد کي ويجهو آهي، هتي آرام سان ويٺو هوندين.“ نصير مريءَ وراڻيو، ”اهو تہ ٺيڪ آهي پر جنگ ٿيندي تہ سڀني قيدين کي وٺي ويندا جنگ ويڙهائڻ جي لاءِ، پوءِ ڇا ٿيندو؟“ پڇيومانس، ”جيڪڏهن وٺي ويندا تہ پوءِ تون جنگ تي ويندين يا نہ؟“ چيائين، ”آئون ويندس، اپري سپري بندوق هلائي ڄاڻان ٿو.“ مون چيو، ”جيڪڏهن جيل وارا اهو اعلان ڪن، تہ قيدي پنهنجي وس وارا آهن، جنهن جي دل چوي تہ، جنگ تي هلي ۽ جنهن کي وٺي اهو هتي ويٺو هجي، تہ پوءِ تون ڇا ڪندين؟“ جواب ڏنائين تہ ”سائين! پوءِ آئون جنگ تي ڪونہ ويندس، هتي ئي ويٺو هوندس.“

اڄڪلھ رڳو نصير نہ، پر پورو ڪنڊ (ايشيا) جنگ جي هول ۽ شوشن جي اثر هيٺ آيل آهي. تازو افغانستان ۾ جيڪي تبديليون رونما ٿيون آهن، انهن کان هندستان ۽ پاڪستان سڌو سنئون متاثر ٿيا آهن. موجوده حڪومت جي دور ۾ پاڪستان ۽ هندستان جا پاڻ ۾ خارجي لاڳاپا، خاص ڪري گذريل ٻن سالن کان ڪي سُٺا نہ رهيا آهن. انهن لاڳاپن جي تلخي ۽ ڪشيدگيءَ ۾ بين الاقوامي طاقتن جو دباءُ توڙي جنرل پرويز مشرف جو هندستان جو دورو بہ ڪا گهٽي تبديلي آڻي نہ سگهيا آهن.

تازو هندستان جي پارليامينٽ تي دهشتگرديءَ واري حملي ۽ ان ۾ پارٽ پاران پاڪستان کي ملوث ڪرڻ واي اعلان بظاهر صورتحال کي تمام ڪشيدو ۽ انتهائي خطرناڪ موڙ تي آڻي بيهاري ڇڏيو آهي. هڪ پيرو وري ڪشمير مسئلو ڏکڻ ايشيا جو ٻرندڙ مسئلو (Burning Issue)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بنجي دنيا جي سامهون اپري آيو آهي. ائين محسوس ٿي رهيو آهي جڻ ٻنهي ملڪن ۾ اجهو ٿي جنگ ڇڙي. يقيناً اها جنگ ٻنهي ملڪن ۽ انهن جي عوام جي فائدي ۾ نه آهي. ٻنهي ملڪن جا مثبت سوچ رکندڙ ماڻهو انهيءَ جو ڪلي عام اظهار به ڪري رهيا آهن.

پاڪستان، هندستان ۽ ڪشمير جي اندر، تحريڪ آزادي يا دهشتگردي ۽ رياستي دهشتگرديءَ جي نالي ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، اهو عالم آشڪار آهي. هن وقت ٻنهي ملڪن جي عسڪري قوتن اندر سرحدن تي جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي يا ميڊيا ۾ اچي رهيو آهي، ان جي باوجود ٻنهي ملڪن جا واڳ ڏئي يا دنيا جو پوليس مين (آمريڪا) چڱيءَ طرح واقف آهن، ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ جنگ ٿيڻ جو ڪوبه امڪان ڪونهي. ٻنهي ملڪن جي اندر جيڪا چڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي آهي يا پيدا ڪئي وئي آهي، اها شايد آمريڪا جي ايجنڊا تي عمل ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي. اهو ماحول فقط انهيءَ لاءِ پيدا ڪيو پيو وڃي. جو ٻنهي ملڪن جي عوام تي جنگ جو ڀوت سوار ڪري انهن کي ڊيڄاريو وڃي ۽ آئيندي جيڪي قدم کنيا وڃن انهن جي لاءِ عوامي سطح تي جواز پيدا ڪيو وڃي.

يقيناً افغانستان جي صورتحال کان پوءِ دنيا جي اندر، خاص ڪري مغربي دنيا ۾ دهشتگرديءَ جي خلاف جيڪا لهر اٿي آهي، هندستان ان مان وڏ ۾ وڏ فائدو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. پاڪستان جي خلاف هو اڄ ڏينهن ٽائين سرحد پار دهشتگردي (Border Cross Terrorism) جي جيڪا پروپيگنڊا ڪندو رهيو آهي. ان کي ثابت ڪرڻ جو هينئر بهترين موقعو سمجهي رهيو آهي. جيئن ڏک گرم لوهه تي ئي اثر ڪندو آهي. تيئن انديا سمجهي ٿو ته دهشتگردي يا مذهبي انتها پسنديءَ جي خلاف دنيا ۾ جيڪو ماحول ٺهيو آهي، ان ۾ پاڪستان بابت قائم ڪيل سندس موقف ۽ پروپيگنڊا کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ڀرپور فائدو وٺي.

هن سڄي صورتحال ۾ آمريڪا جي نيو ورلڊ آرڊر جي پهلو کي به نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. ٻنهي ملڪن کي ان طرف پيشرفت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪرڻي آهي. ٻنهي ملڪن وچ ۾ تڪرار جو محور ڪشمير آهي. ڪشمير مسئلي جو نبيرو ڪو هڪدم اعلان ڪرڻ سان نه ٿيندو، پر آهستي آهستي ٻنهي ملڪن کي ان طرف وڌڻو پوندو. ان ۾ اهڙا قدم کنيا ويندا، جيڪي پنهنجي وقت سان ان مسئلي جي حل ۾ آساني پيدا ڪري سگهن. اهي قدم ئي ان مسئلي جي حل لاءِ ماحول ٺاهي سگهن ٿا. ڇو جو گذريل پنجاهه سالن کان ۽ خاص طرح گذريل ويهن سالن کان ان مسئلي کي عوامي سطح تي ايترو اڀاريو ويو آهي، جو ٻنهي مان ڪوبه ملڪ ان مان هڪدم پوئتي هٽي يا هٿ ڪڍي نٿو سگهي.

ورلڊ ماسٽر ڏکڻ ايشيا ۾ جيڪي پنهنجا قدم رکيا آهن، اهي فقط افغانستان لاءِ يا عارضي نه آهن، پر اهي هن جي دائمي مفادن جي حفاظت لاءِ آهن. هندستان ۽ پاڪستان جي لاڳاپن کي ان تناظر ۾ ئي ڏسڻو آهي. هن وقت پاڪستان ۽ هندستان جي جنگ ڪنهن به صورت ۾ آمريڪا جي مفادن وٽان نه آهي. تنهن ڪري ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سرحدي ڪشيدگي يا هلڪين ڦلڪين سرحدي جهڙپن کان اڳتي وڌي ڪنهن باقاعدي جنگ ۾ بدلجڻ جو ذري برابر امڪان به نظر نٿو اچي، جو آمريڪا هرگز نه چاهيندو ته اها جنگ ٿئي ۽ نه ان جي اجازت ڏيندو.

29/12/2001

صبح جو 00-9 وڳي پيپر ڏيڻ پئي وياسين. اڄ نٿر جو پرچو هو. پرچي شروع ٿيڻ ۾ ڪجهه وقت هو، ان دوران پوڳ مذاق هلي رهيو هو. اختر شيخ ڪالهوڪي پيپر جو ذڪر ڪندي ٻڌائي رهيو هو، ته ميان منير شيخ ڪاله سندس اديب اردو پيپر جي سوال: اسم نقره جي تعريف ڪريو؟ جي جواب ۾ چا لکيو هو. اختر شيخ ٻڌايو ته ميان منير لکيو آهي ته اسم نقره جي ڪهڙي تعريف ڪجي، جيتري ڪجي اها گهٽ آهي. هن جهڙو شخص مون زندگي ۾ نه ڏٺو. مرحوم تمام شريف ۽ اعليٰ انسان هو. مرحوم نقره منهنجو پيارو دوست هو. پر زندگي ساٿس وفا نه ڪئي. اسان پيپر ختم ڪري پنهنجي واردِ تي آياسين. 30-12 وڳي ماڙيءَ تان پرچي آئي. ويس، ته جبار ملاقات لاءِ آيل همراهن کي گهرايو. ٿوري دير ۾ ڊگهڙيءَ کان آيل مير حاجي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فتح خان جو پٽ مير احمد علي، مير عالم خان جو پٽ مير عارف خان، مير عبدالرحمان ۽ سردار آيا. پڌايائون ته ڪاله ڊگهڙي کان آيا آهيون ۽ توهان سان ملڻ لاءِ ئي آيا آهيون. سائن ڪلاڪ ڪن ڪچهري ٿي، جنهن کان پوءِ هن موڪلايو. 2-00 وڳي وري وارڊ تي موٽي آيس ۽ ماني کائڻ کان پوءِ وري ماڙيءَ تي ويس. شاهنواز آيل هو. سائس حال احوال ڪرڻ کان پوءِ جيئن ئي هيٺ آياسين ته سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ حاجي خان جروار مليو. هو مون سان ملڻ جي لاءِ آيو هو ۽ سائس گڏ فاروق مورائي هو. جيڪو سپرنٽينڊنٽ جو واسطيدار هو. فاروق مورائيءَ پڌايو ته سچڻ ميمڻ سندس سؤٽ آهي. سچڻ ميمڻ اسان جو پراڻو دوست آهي. حاجي خان وارن کان موڪلائي آئون 3-30 وڳي وارڊ تي موٽي آيس. 4-00 وڳي وري پرچي آئي. ويس، ته گهر وارا آيل هئا. 5-30 وڳي وارڊ تي موٽي آيس.

رات جو 8-00 بجي آئون ڪمري ۾ لکي رهيو هئس ته ڏيرو آيو ۽ اسان ڪچهري ڪرڻ لڳاسين. مون کان پڇيائين. توهان ڊائري لکندا آهيو نوٽ لکندا آهيو يا ڇا لکندا آهيو؟ آئون ڏسندو آهيان ته توهان روز ڪجهه نه ڪجهه لکندا ضرور آهيو. پڌايومانس ته ڊائري به لکندو آهيان. انهيءَ کان علاوه ڪڏهن ڪڏهن جيڪي من ۾ ايندو آهي، اهو به لکي ڇڏيندو آهيان. ان وقت اسان جي وڏيڪ ڪچهري وارڊ کي ٺيڪ ڪرڻ، ڪچن جي ڪم ۽ ٻئي پوري معاملي کي سسٽم وائيز ڪرڻ جي باري ۾ ٿي. ڏيري جو خيال هو، ته اسان هتي پنهنجي بورچيخاني ۾ رڌ پچاءَ بند ڪرائي ڇڏيون.

مون کي چيائين، توهان جي ماني رات جو اچي ٿي ۽ منهنجي ٻئي وقت اچي ٿي. منهنجي ماني هڪ وقت، يعني ڏينهن جو ڪجهه وڏيڪ ڪرائي ڇڏيون، ته پاڻ ٽنهي جي ٿي ويندي ۽ رات واري ماني ٺهرائڻ بند ڪرائي يا گهٽائي ٿا ڇڏيون. توهان جي ماني به رات جو وڏيڪ اچي ٿي يا ضرورت مطابق ڪجهه وڌرائي ڇڏجي، جو سينيءَ جي ٿي وڃي. ڏينهن جو ۽ رات جو جيڪ ماني بچندي آهي. اها برادشتي کائيندا. ڪچن ۾ رڌ پچاءَ جو ڪم بند ڪري، ان کي فقط چانهه وغيره تائين محدود ڪري ڇڏجي. يا ڪڏهن برادشتي پنهنجي ماني ٺاهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وٺن. اها به تجويز هئي، ته پويان اسٽور کي بورچيخاني کان الڳ ڪري هڪ دروازي جي ذريعي ڪمري سان ڳنڍي ڇڏجي. ان ۾ وارڊ روب، ڪبٽ وغيره ٺهرائجن ۽ استڊي طور به استعمال ڪجي. ان کان علاوه هڪ فرج، ٽي وي ۽ گيزر وٺڻ جي تجويز به هئي. انهن ڪمن ڪرائڻ لاءِ سپني هنڊيوالن، يعني چئني چٽن کان پئسا وٺي، گڏيل پول ڪري ان مان خريداري ڪجي ۽ توسيع جو ڪم به ڪرائجي. اسان وٽ وارڊ ۾ ٽي وي نه آهي، پر ذڪريا جي ڪمپيوٽر تي ڪارڊ ۽ ليڊ وغيره لڳل آهي، ان تي خبرنامو ڏسندا آهيون يا رات جو ڪڏهن ڪڏهن ٽي وي جو ڪم وٺندا آهيون.

30/12/2001

12-00 وڳي ڏاري سيٺ ڪشو آيو، جيڪو ڪلاڪ ڏيڍ ويٺو ۽ پوءِ پنهنجي وارڊ ڏانهن ويو. اسان اڄ کان هتي رڌ پچاءُ وارو ڪم بند ڪرايو هو. اڄ ڏيري جي گهران چائنيز ماني آئي هئي، سو هن خان محمد کي به سڏيو هو. 2-30 وڳي اسان ماني کاڌي، خان محمد ۽ ممتاز منگي به مانيءَ تي گڏ هئا. ممتاز منگي چڪر مان 16 وارڊ منتقل ٿي ويو هو. اڄ محمد راهو، مٺن خاصخيلي، اسماعيل خاصخيلي ۽ علي حسن به آيل هئا، جيڪي ڳپل دير ويٺا هئا. شام جو 14 ۽ 17 وارڊ مان چڪر ڏنم، جنهن کان پوءِ پنهنجي وارڊ تي آيس. سپاٽي پيپر هو، ان لاءِ ٿورو ڪتابن کي به ڏسڻو هو.

31/12/2001

اڄ نظم جو پيپر هو. 12-15 وڳي پيپر مان فارغ ٿي وارڊ تي آيس. 2-30 وڳي پرچي آئي، ويس ته ماڙيءَ تي شاهنواز آيل هو. مٿي ويٺو ئي هيس ته 4-00 وڳي ٻار آيا. 6-00 وڳي وارڊ تي موٽي آيس. ٿوري دير ۾ ڪشو آيو، جيڪو ٿوري دير حال احوال ڪرڻ کان پوءِ واپس ويو. سپاٽي اسان جو افسانه ۽ افسانه نويسي جو پيپر هو، سو ماني کائڻ کان اڳ ۾ ۽ پوءِ ڪجهه ڪتابن کي ڏسندا رهياسين. 11-00، 11-30 وڳي تائين ٻيا همراه سمهي رهيا. آئون وراندي ۾ ويهي پڙهي به

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهيو هئس ۽ ڪمپيوٽر جي مانيٽر تي ٿي وي ۾ ڏسي رهيو هئس. جڏهن ڪان امتحان شروع ٿيا هئا تہ آئون رات 00-2،30-2 وڳي تائين ويهي پڙهائي ڪندو آهيان.

هينئر ۾ وچ ۾ ٿورو وقت پڙهائي بند ڪري ڊائري لکي رهيو آهيان. ڏيرو مون کي چوندو آهي: توهان جيڪو پڙهي هلو ٿا، اهو ٻئي ڏينهن تي اسان کي تہ ڪجھ ٻڌايو ئي ڪونہ ٿا. آئون ڪيس چوندو آهيان ”جيڪو پڙهي هلان ٿو، اهو سوالن ۾ اچي ئي ڪونہ ٿو.“ جن سوالن جا جواب ياد يا پنهنجي ذهن سان لکيا ويندا آهن، اهي ٻئي کي ڪاپي ڪرائڻ ڏکيا هوندا آهن، جو انهن جو ڪارتوس يا لکيل ڪاغذ تہ هوندو ڪونهي، جو ٻئي کي منتقل ڪري ڇڏجي. باقي پنهنجي ڪاپي ڏيڻ يا ان تان لکائڻ لاءِ ٽائيم ڏاڍو گهٽ يا مشڪل هوندو آهي. بهرحال اسان جا پاڻ ۾ امتحان جي تياري ۽ امتحان دوران ڪافي ڀوڳ چرچا ٿيندا رهندا آهن.

هن وقت جڏهن آئون هي لکي رهيو آهيان، تڏهن ٻاهران تمام زوردار فائرنگ جا آواز اچي رهيا آهن. اڄ جي رات نيو ييئر جي رات آهي. ٻاهر ڪلاشن ۽ ٻين هٿيارن جي ڌماڪيدار فائرنگ جا آواز لاڳيتا اچي رهيا آهن. هونئن تہ نئين سال جي خوشيءَ ۾ فائرنگ ۽ ڦٽاڪا هر جڳھ تي ٿيندا آهن، پر هتي فائرنگ مون کي ڪجھ وڌيڪ ئي محسوس ٿي رهي آهي. پهرين مون کي ذهن ۾ اهو آيو، تہ شايد هن دفعي ماڻهو وڌيڪ پُرجوش نموني سان نئين سال جون خوشيون ملهائي رهيا آهن، جو ڪافي عرصي کان يوءِ انتهاپسند ملان جو مورال (Moral) زور ۽ حوصلو گهٽيو آهي. عام طور نئين سال جي اچڻ کان ڪجھ ڏينهن اڳ ۾ ئي ڪراچيءَ ۾ مُلن طرفان هوٽلن ۽ ٻين اهڙن پروگرام ڪندڙن کي ڌمڪيون ۽ ڀيڪيون اچڻ شروع ٿي ويديون آهن، جيڪا ڳالھ هن سال اخبارن وغيره ۾ ڏسڻ ۾ نہ آئي آهي. تنهن کان پوءِ هڪدم مون کي اهو خيال ٻہ آيو، تہ آئون نئين سال جي موقعي تي جتي آهيان، يعني جنهن علائقي ۾ سينٽرل جيل واقع آهي، يا ان جي پسگردائي ۾ نئين سال جي موقعي تي منهنجو اچڻ ڪڏهن شايد ئي ٿيو هجي. عام طرح نئين سال جي موقعي تي آئون شهر جي جن علائقن ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هوندو آهيان، انهن ۽ هن علائقن ۾ گهڻو فرق آهي. ڪراچيءَ جي مختلف صاف ۽ سڌريل علائقن جي ڀيٽ ۾ سينٽرل جيل جي پسگردائي ۾ هٿيار وڌيڪ آهي ۽ هٿيار جتي هوندو آهي، اتي ئي وڌيڪ استعمال ٿيندو آهي. هونئن ٻيو هل هنگامو ته ڪٿي ڊفينس ۽ ڪلفٽن جي علائقن ۾ ٿيندو هوندو، پر فائرنگ ۽ ٽڪاءَ ٽوڪي هن علائقن ۾ وڌيڪ پڌجي رهيا آهن.

اها زوردار نموني جي فائرنگ 00-12 وڳي کان چند منٽ اڳ ۾ شروع ٿي ۽ ڪلاڪ مني تائين ٿيندي رهي. جيئن اچڻ وارو هر خاص ڏينهن يا موقعو منهنجي جيل جي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو اچي رهيو هو، تيئن اڄوڪو نئون سال به منهنجي لاءِ منهنجي زندگيءَ جي اڳئين نون سالن کان بلڪل مختلف هو. بابا جي شهادت کان پوءِ جڏهن آئون عملي سياست جي زندگي ۾ آيو هئس، تڏهن کان آئون وڌيڪ ذميوارين جي احساس هيٺ رهندو پيو آيو آهيان. ان کان اڳ ڪنهن حد تائين زمينداري سنڀالڻ، گهر جو خيال رکڻ ۽ جيلن تي وڃي ملاقات ڪرڻ ۽ سامان پهچائڻ يا ان جهڙيون ڪي ٻيون ذميواريون پوريون ڪرڻ وارو ڪم ته آئون 1978ع کان وٺي سنڀالينڊو رهيو آهيان. ذميوارين ۾ خوشين ۽ غمين جو احساس به وڌيڪ گهرو ٿيندو آهي. بهرحال هي هڪ الڳ موضوع آهي، جنهن جو ذڪر ڪنهن فرصت ۾ ڪبو. هتي منهنجي ذڪر جو اهو مطلب هو ته جڏهن کان آئون عملي سياست ۾ آيو آهيان ته ڪراچيءَ ۾ اچڻ وڃڻ وڌيڪ ٿي ويو. ائين تڏهن کان نئون سال گهٽو ڪري ڪراچيءَ ۾ ئي پوندو آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ به وڌيڪ ان جي چند مخصوص علائقن سان ئي واسطو پوندو رهيو آهي، جو سنگت ساٿ گهٽي اوڏانهن رهندي آهي. ظاهر آهي ته اتڻ ويهڻ انهن علائقن تائين رهي ٿو، جن ۾ ماڻهو جي سنگت ساٿ رهي ٿي، باقي ٻين جڳهن تي ته ڪو ورلي ئي وڃڻ ٿيندو آهي. اڄ ئي پهريون دفعو هو جو آئون نئين سال جي ڏينهن تي ڪراچيءَ ۾ ته هئس پر ڪراچي سينٽرل جيل ۾ ۽ جيل جي به هڪ وارڊ ۾ بند هئس. جتي منهنجا ٽيئي روم ميٽ هن وقت ڪمري ۾ ستا پيا هئا ۽ آئون وراندي ۾ تي وي ڏسي رهيو هئس ۽ لکي به رهيو هئس ته ٻاهر ٿيندڙ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فائرنگ جو آواز بہ ٻڌي رهيو هئس.

منهنجي لاءِ اڄ جو نئون سال هڪ نئون تجربو هو، جنهن جي آمد مون لاءِ رواجي طرح نہ ٿي رهي هئي، يعني ڪچهريون. گپ شپ، کائڻ پيئڻ، دعوتون، نئين سال جي مبارڪن جي ڏي وٺ، موبائل فونن تي هيپي نيو ييئر جا سلسلا وغيره وغيره. اهي سڀ ڳالهيون جيل کان ٻاهر جي دنيا جون هيون، جيڪي هر نئين سال جي آمد تي عام ۽ رواجي هيون. انهن جو قيدخانن جي ديوارن سان ڪوبہ تعلق نہ هو. هتي اهو ممڪن نہ هو تہ ڪنهن بہ ماڻهو کي فون ذريعي نئين سال جي مبارڪ ڏئي سگهجي.

ڪڏهن ڪڏهن آئون سوچيندو آهيان، تہ جيل يا قيد ڇا آهي؟ هتي بي ڪلاس ۾ عام طرح اسان کي رهڻ، کائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ، ملاقاتن جون جيڪي سهوليتون حاصل آهن. انهن ۾ قيدي هجڻ جو احساس گهٽ ٿيندو آهي پر جيل ۾ ماڻهو پنهنجي وس ۾ نہ هوندو آهي. جنهن بہ وقت ڪنهن مسئلي، ڳالهہ يا ڪم ڪار جي باري ۾ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي بيوس محسوس ڪري تڏهن احساس ٿيندو آهي، تہ ماڻهو قيد ۾ آهي. مثلاً: آئون هن ئي وارنڊي ۾ پڙهي رهيو هئس تہ منهنجي ڪنهن خيال ۾ بہ اهو نہ هو تہ هڪ سال ختم پيو ٿئي ۽ ٻيو شروع پيو ٿئي، پر جڏهن فائرنگ جو آواز ٻڌم، تہ مون کي ياد پيو تہ اڄ نيو ييئر، نئون سال آهي. مون کي خيال آيو تہ جيڪڏهن مون وٽ موبائل فون هجي تہ ڪافي دوستن کي نئين سال جون مبارڪون ڏيان. ڪڏهن ڪڏهن جيل ۾ ماڻهو کي ان قسم جا خيال ايندا آهن، جن جو پورو ٿيڻ هن لاءِ عملي طرح ناممڪن هوندو آهي. هونئن بہ ٻاهرين دنيا هجي يا جيل، انسان سدائين هڪڙي پور ۾ نہ هوندو آهي، جيئن شاهہ سائين فرمايو آهي تہ:

ڪڏهن من ماڪوڙي، ڪڏهن ڪيهر شينهن،
سڄڻ سارو ڏينهن، هينئون نہ هڪڙي هنڌ.

ڪڏهن ماڻهو درياءَ بہ پار ڪري ويندو آهي، تہ ڪڏهن ننڍڙي ناليءَ تي بہ اٽڪي بيهي رهندو آهي. پر ڇا، انسان جون لاچاريون، بيوسيون ۽ بي اختياريون فقط جيل ۾ هونديون آهن! يا ٻاهر بہ هونديون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهن؟ اسان جي ملڪ جي ٻاهرين ۽ آزاد سڏجندڙ ماحول ۾ هر روز گهٽ ۾ گهٽ هڪ درجن کان وڌيڪ حياتيون پنهنجي محرومين، ذلتن، تنگدستين ۽ مايوسين جي عالم ۾ خود ئي پنهنجي زندگيءَ جا ڏيئا گل ڪرڻ تي مجبور ٿيندڙيون آهن، خودڪشي مايوسي، لاچاري ۽ بيوسي جي ڪيفيت جي انتها هوندي آهي. اسان جي ملڪ جي هن "آزاد" ماحول ۾ ڪئين ٽرٽندڙ گلن جهڙيون خوبصورت جوانيون پاڻ کي موت جي اونداهي کوهه ۾ اڇلائڻ پنهنجو مقدر سمجهنديون آهن. روزانو ڪيترائي پنهنجي خاندان جي ڪفالت ڪندڙ اڪيلا فرد، پنهنجو انت آڻي پنهنجي ڪٽنب ۽ گهر ڀاتين کي بي سهارو ۽ لاوارث ڪري، انهن کي بيرحم تقدير ۽ نصيب جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن.

اهو سڀ اسان جي آزاد دنيا جي زندگيءَ جو روز جو معمول آهي. ڪڏهن ته ائين محسوس ٿيندو آهي، ته جيل جي هن ديوارن جي اندر بند هزارين قيدين کي جيڪا دال ۽ لنگر جي روٽي (ماني) ملندي آهي، ٻاهر جي آزاد دنيا ۾ لکين انسان پنهنجو پاڻ کي ان دال ماني ۽ لاءِ ڪيترو نه لاچار، مجبور ۽ بيوس محسوس ڪندا آهن. جيل جي اسپتال ۽ ٽي- بي وارڊ جي اندر بيمار قيدين تي رحم ڪائي ٻاهريان سرنديءَ وارا ماڻهو يا ادارا جيڪي دوائون ڪين مفت مهيا ڪن ٿا، انهن ئي دوائن جي حاصلات ۾ ٻاهر جي آزاد ماحول جا ڪيترائي بيمار نهايت لاچار ۽ بيوس هوندا آهن ۽ انهن دوائن جي نه ملڻ سبب سڏڪي سڏڪي ساهه ڏيندا آهن.

اسان جو ٻاهريون ماحول هڪ وڏو قيدخانو آهي. اسان جي ملڪ جي عوام جي گهڻائي اڃا آزادي ڏٺي ئي ڪونهي، اُهي آزاديءَ جي صحيح تصور کان ئي اڃا اڻواقف آهن. اسان جو معاشرو اڃا ڪيترن ئي قسمن جي غلامين ۾ قيد آهي ۽ ان ۾ قيدن جون ڪيتريون ئي شڪليون ۽ سطحون قائم آهن. مثلاً: هتي جيل جي اندر به جيل قائم ٿيل آهن. جيل جي اندر جنهن وقت شام جو قيدين کي سندن واردن جي اندر واڙيو ويندو آهي، ته ان کي بند ٿيڻ سڏيو ويندو آهي. تيستائين قيدي جيل جي چار ديواري (ڪوٺ موقع) جي اندر پنهنجو پاڻ کي آزاد محسوس ڪندو آهي. هتي جن قيدين کي بند وارڊ ڪيو ويندو آهي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهي جيل جي اندر ٻي جيل ۾ هوندا آهن. ٻين قيدين سان سندن ملاقات تي بندش هوندي آهي. انهن جي لاءِ جيل جي ٻاهرين تازي هوا ۽ روشني هڪ خواب بڻجي ويندي آهي. بند وارڊ جي ڪوليءَ جون ڪاريون ديوارون چوويهه ئي ڪلاڪ انهن جي اکين اڳيان هونديون آهن. بند وارڊ وارو قيدي يا ڦاسي گهاٽ جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ پيل قيدي، جيل جي باقي قيدين کي ٻاهر يا آزاد سمجهندو آهي.

ائين اسان جو ٻاهريون معاشرو ٻه تقريباً قيدي آهي. جنهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا بند ۽ قيدخانا آهن. جنهن ۾ مائهو جبر ۽ معاشرتي استحصال ۾ ڦاٿل آهن. اسان جي عوام جي گهڻائي اُها آهي جنهن تي اُهي مجبوريون، بي وسيون، بکون ۽ مفلسيون، زبردستي مڙهيون ويون آهن. معاشري جي مختلف شعبن جي مراعات يافته طبقن پاران ان عوام جو سڌي يا اڻسڌيءَ طرح ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان استحصال ٿيندو رهي ٿو. ان استحصال جي نتيجي ۾ ئي ٻاهرين دنيا وڏيڪ ڀوائتي قيدخاني ۾ تبديل ٿيندي پئي وڃي.

اسان جي معاشري جو جيڪو مراعات يافته طبقو آهي، ان ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان پنهنجو پاڻ تي هڪ رضاڪارائي قسم جي قيد جو خول چاڙهي ڇڏيو آهي ۽ هو پنهنجي ان خول کان ٻاهر نه نڪري سگهيو آهي. اُهي سياستدان هجن يا بيوروڪريٽ، بزنس مين، بينڪرس، اديب، دانشور، سياسي ورڪر، صحافي، انساني حقن جا علمبردار، اين- جي- اوز هلائيندڙ رضاڪار ۽ اسان جو ٻيو وچولو طبقو، اڪثر پنهنجي مخصوص خول جي اندر قيد آهن. پنهنجي مخصوص ڊنگ ۽ طريقيڪار جي زندگيءَ تائين محدود آهن. پنهنجي اُن اسٽيريو ٽائپ زندگيءَ کان ٻاهر جي زندگيءَ سان هُنن جو ڪو به تعلق نه آهي. سندن گهڻائي پنهنجي مشيني انداز جي زندگيءَ جي چوڌاري گهمندي رهندي آهي. گهاٽي يا ڪوهه تي بدل پائي چڪڻ واري ان اُٺ وانگر، جنهن جي اکين مٿي اکيا چڙهيل هوندا آهن ۽ اهو ساڳئي دائري جي چوڌاري گهمندو رهندو آهي. ان دائري کان ٻاهر جي دنيا جو ڪيس ڪوبه واءُ نه هوندو آهي. اهو ان هڪ ئي دائري اندر سفر ڪندي ڪندي هزارين ميلن جو فاصلو طئي ڪري چڪو هوندو آهي. پر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سندس منزل ان گول چڪر جي اندر ئي هوندي آهي، هو سڄي عمر ان کان ٻاهر نه نڪري سگهندو آهي. انهن ۾ ڪي اٿي ۾ لوڻ جيترا مس هوندا، جيڪي پنهنجي ان مخصوص ڊنگ واري زندگيءَ کان ٻاهر جهاتي پائي سگهن، سندن عقل، ڏاهپ ۽ سمجهه، سندن روايتي زندگيءَ کان ٻاهر جي زندگيءَ جي حقيقتن ۽ ضرورتن جو به ادراڪ ڪري سگهي.

سنڌ جي جيلن جي حالت بي انتها خراب آهي. هتي هر روز بدترين تشدد جا وار ڪانداريندڙ واقعا ٿيندا رهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن جيل جي مسئلن تي انساني حقن جي ڪميشن يا ڪجهه اين-جي- اوز جا بيان ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پر اهي بيان به روايتي ۽ ساڳئي رينگڻ وارا هوندا آهن، ۽ جيڪڏهن ڪٿي ڪو احتجاج به ٿيندو آهي ته اهو رڪارڊ جي پورائي ڪرڻ وارو هوندو آهي. باقي ٻي دنيا جو ته جيل سان ڪو واسطو ئي نه هوندو آهي. آئون خود پنهنجي پوزيشن تي سوچيندو آهيان ته جڏهن اسان کي جيل ۾ رهندڙ قيدين جي مسئلن طرف توجهه ڏيڻ کپندو هو ۽ انهن لاءِ ڪجهه ڪرڻ کپندو هو، تڏهن اسان ان تي توجه نه ڏنو. حالانڪ آئون هن کان اڳ جيل ۾ نه رهيو آهيان ۽ نه ئي جيل جي اندروني معاملن کان ايتري واقفيت هئي، پر تڏهن به بابا جي شهادت کان اڳ تقريباً ڏهن سالن تائين ملاقاتن جي بهاني مختلف جيلن تي منهنجو لاڳيتو اچڻ وڃڻ رهيو آهي. جيلن تي وڃي ملاقاتون ڪرڻ ۽ ملاقاتن لاءِ ماڙيءَ جي ٻاهران گرمي ۽ سرديءَ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيهي انتظار ڪرڻ، اندر قيدين کي سامان پهچائڻ يا انهن سان رابطو ڪرڻ ڪيترو ڏکيو ۽ تڪليف وارو ڪم آهي، ان کان آئون چڱي طرح واقف هئس. پنهنجي وزير رهڻ جي ٻنهي دورن ۾ آئون ڪنهن اهڙي وڏي مسند تي ويٺل نه هئس، جو جيڪو چاهيان هو ٿي پوي ها پر اهو پاسو به ڏيان ۾ هجي ها ته ان سلسلي ۾ ڪوشش جي پوزيشن ۾ ضرور هئس.

اهو خول جنهن ۾ اسان جو مٿيون ۽ وچولو طبقو قيد آهي، يعني پاڻ کان ٻاهرين دنيا کان بلڪل بيخبر، پنهنجي دنيا ۾ غرق ۽ ان کي ئي ڪل ڪائنات سمجهڻ. جيڪڏهن ان ڪلاس سان تعلق رکندڙ ڪو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماڻهو، پوءِ پلي اهو زندگيءَ جي ڪهڙي به شعبي سان تعلق رکندو هجي، پنهنجي ان مخصوص دائري کان ٻاهر نڪري، ڪا سرگرمي ڪري به ٿو، ته گهٽو ڪري ان ۾ فلاح، بهبود ۽ سچائيءَ وارو پاسو گهٽ پر پنهنجو ٺاهُ ۽ ميڊيا جي زينت بنجڻ وارو پهلو وڌيڪ هوندو آهي. اهو مرض آهي، جنهن اسان جي معاشري کي اڏوهيءَ وانگر کائي کوکلو ڪري ڇڏيو آهي.

هاڻي اسين ايترا بي وزن ۽ هلڪا ٿي ويا آهيون جو اسان مان ڪنهن کي به ڪو ڊپ نه ڊاءُ، نه ڪو خوف خطرو آهي. پراڻي چوڻي وانگر ته، ”جڏهن ڪڏهن سنڌڙي، توکي ڪنڌاران جوکو، هاڻي اهو جوکو سنڌ کي سنڌ جي ”ڪنڌارن“ مان پيو ڏسجي“ سو اُهي قوتون جن کي سدائين سنڌ کان ڊپ محسوس ٿيندو هو، اهي هينئر سنڌ کان بنه بي اونيون ٿي پيون آهن، ۽ هئڻ به کپين، جو سنڌ جون مڙيئي قوتون پنهنجي مفاد پرستي، اقتدار پرستي خاطر انهن جي چوڌاري گهمي رهيون آهن. انهن پنهنجي اقتدار جو تڪيو عوامي قوت تي نه پر انهن پردي پويان وارين قوتن تي ڪيو آهي، جيڪي اڄ ڏينهن تائين ملڪ جي اڇي ۽ ڪاري جا ڏٺي رهيا آهن. حقيقت ۾ اصل طاقت عوام ئي هوندو آهي، پر بدقسمتيءَ سان اسان جي ملڪ ۾ اقتدار جي پيچ ڊاهه ۽ جوڙجڪ ۾ عوامي طاقت کي ثانوي ۽ ٻين قوتن کي بنيادي حيثيت حاصل رهي آهي. ان صورتحال کي پيدا ڪرڻ ۾ هڪ ته بين الاقوامي تبديلين پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، ٻيو ته اسان وٽ سچن، ايماندار ۽ قابل ماڻهن جو ڏڪار ٿي ويو آهي. اڄ ڪلهه لقب القاب ته همراهَن جي اڳيان ۽ پويان گهٽا لڳل آهن. پر انهن کي ڇڏي زندگيءَ جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهن جو جائزو وٺون ته ڳولڻ سان به شايد ئي ڪو اهڙو ماڻهو ملي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



اسماعيل راهو هڪ عام وڏيرو نہ پر پڙهيل لکيل، سياسي سمجهہ ۽ شعور رکندڙ سياستدان آهي. هن جو عوامي سياست سان لاڳاپو ننڍي هوندي کان رهيو آهي. سندس والد شهيد فاضل راهو هڪ سچو ۽ مخلص، انقلابي ۽ عوامي سياستدان هو جنهن سنڌ جي غريب ماڻهن، هارين ۽ پورهيتن جي حقن جي لاءِ وڙي جاکوڙ ڪئي هئي. اهڙي عظيم شخص جي اثر هيٺ اسماعيل راهو جي ذهني ۽ سياسي تربيت ٿي.

شهيد فاضل جي بي وقتائتي موت جتي سنڌ ۽ سنڌ جي غريب ماڻهن جي حقن لاءِ هلندڙ تحريڪ کي وڏو ڌڪ هنيو اتي اسماعيل راهو تي ننڍي عمر ۾ ئي ڳوٺ، راڄ ۽ سياسي وراثت جو بار اچي پيو

اسماعيل راهو جو سياسي سفر انقلابي ۽ عوامي سياست کان هلندو ملڪ جي دستوري سياست تي اچي پهتو جنهن جي منزل مقصود اقتدار جو حصول ئي هوندو آهي. اسماعيل راهو اقتدار جي ايوانن تائين تہ پهتو پر هن کي اقتدار جو ڏائقو مهانگو پيو جنهن ڪيس ڪراچيءَ جي سينٽرل جيل ۾ آڻي پهچايو. .....

شهيد فاضل راهو جي شهادت کان اڳ تقريباً ڏهن سالن تائين ملاقات ڪرڻ جي لاءِ اسماعيل راهو مختلف جيلن تي ايندو رهيو هو. وري جڏهن هو پاڻ جيل ۾ ويو تہ هن جيل جون اندروني حالتون وڏيڪ ويجهڙائي کان گهرائي سان ڏٺيون. .....

هڪ ٻي ڳالهہ جنهن هن جي ڊائري کي امتيازي حيثيت ڏني آهي اها آهي اسماعيل راهو جا ڪيل سياسي تجزيا پاڪستان جي سياسي تاريخ، جنرل ايوب، جنرل يحيٰ، جنرل ضياءُ الحق، جنرل پرويز مشرف جون آمرانہ غيرجمهوري حڪومتون، ذوالفقار علي ڀٽو، بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف جون نام نهاد جمهوري حڪومتون، موجوده حڪومت طرفان لوڪل باڊيز يا مڪاني ادارن جو منجهيل نظام ۽ 1990ع جي ڏهاڪي ۾ مشرقي بلاڪ جي ختم ٿيڻ ۽ سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ دنيا ۾ طاقت جو توازن ختم ٿيڻ، آمريڪا ۾ 9 سيپٽمبر جو واقعو ۽ ان جا دنيا تي اثر، افغانستان جون سياسي حالتون، جهاد ۽ دهشتگردي، ڪشمير جو مسئلو ۽ پاڪ هند تعلقات جهڙن موضوعن تي اسماعيل راهو جا تجزيا ڪنهن ذهين سياسي دانشور جا لکيل تجزيا لڳن ٿا، جن مان هن جي چٽي ۽ صاف سياسي سمجهہ ۽ شعور سان گڏ حالتن جي صحيح جائزي وٺڻ جي صلاحيت نمايان نظر اچي ٿي.....

ـ شوڪت شورو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڻُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”**پڙهندڙ**“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

The Reading Generation **پڙهندڙ نَسُل . پ ن**

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَـنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ The Reading Generation

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پڙهندڙ نَسُل ـ پَ نَ The Reading Generation

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڍي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٽَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پَڙهندڙ نَسُل - پ ن The Reading Generation

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو سات نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book